# سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ

سنڌيڪار

**حسين بادشاهه**

روشني

# سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ

(جلد پهريون ۽ ٻيو گڏيل)

سنڌيڪار

## حُسين بادشاهه

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2005ع

Roshni Book No. 287

ڪتاب جو نالو: سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ
سنڌيڪار: حُسين بادشاهه

ڇاپو پهريون: © روشني 2005ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

سنڌ صوبي ۾ جاگيرن جي تاريخ (ٻئي جلد گڏيل)
ٻمبئي حڪومت جي 2 جنوري 1878ع تي قرارداد نمبر 12
هيٺ اختياريءَ سان، ڪمشنر جي آفيس ۾ جاگيرَ ۽ ٻين
موادن مان سهيڙيل
ڇپائيندڙ روينيو کاتو
ڪراچيءَ ۾ 'ڪمشنر پريس' ۾
1886ع ۽ 1888ع ۾ ڇپيو.

# SINDH MAIN JAGIRAN JEE TARIKH

Transleted & Compiled by: **Hussain Badsha**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2005

## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - حيدرآباد
ڪانياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نئون نياپو، ڪتاب مرڪز، گهنٽي ڦاٽڪ - لاڙڪاڻو
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊيپو - دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو - بدين
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبريري - ڪنڊيارو

ارپنا

بي زمين هارين جي حقن
۽ جاگيرداريءَ جي خاتمي
۽
جمهوري قدرن لاءِ وڙهندي،
جاني توڙي مالي قربانيون ڏيندڙن
۽ جاکوڙيندڙن ڏانهن.

# فهرست


پنهنجي پاران 37

تالپرن جو اقتدار ۾ اچڻ 42

جاگيرداري سرشتو، درجابندي، جوڙجڪ، طريقيڪار ۽ عملَ 43

زميني ڍل، آبپاشي ۽ محصول جو سرشتو 63

فصلن جون مُدون، زرعي پيداوار، باغ ۽ زرعي اوزار 73

هارين جي زندگيءَ جو معيار 76

جاگيردارَ يا اميراڻو طبقو 78

برطانوي ۽ پاڪستاني دؤر ۾ جاگيرن جي تاريخ 81

مدذي ڪتابَ 133

## جلد پهريون

ٻه اکر 137

### باب پهريون

حصو پهريون

برطانوي قبضي کان اڳ سنڌ ۾ جاگيرَ سرشتو 139

حصو ٻيو

چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ جاگيرَ سرشتو 153

حصو ٽيون

پرنگل جي دؤر ۾ جاگيرن جي تحقيقات 183

حصو چوٿون

محترم فريئر جو جاگيرَ انتظام 188

حصو پنجون

محترم انويريئرٽي ۽ محترم مينسفيلڊ جي دؤر ۾ (آڪٽوبر 1859ع کان سيپٽمبر 1863ع تائين) نبيرا ۽ رولَ جي تڪميل 197

حصو ڇهون

ٽريءَ پارڪر ۾ جاگيرون 200

حصو ستون

اُتر سنڌ سرحدي ضلعي ۾ جاگيرن جي ورڇ 207

باب ٻيو

پَٽيداري نبيرو 217

باب ٽيون

خيراتن جو نبيرو 219

حصو پهريون

سنڌ جي فتح کان اڳ خيراتي زمينون 219

حصو ٻيو

حقيتدارن طرفان سنيالِيل زمينن جي ڏِل وارين خيراتن جو نبيرو 222

حصو ٽيون

حصيداري خيراتون 224

حصو چوٿون

رقم يا اناج جي خيراتن جو نبيرو 225

الف: ٺٽي جي سيدن جو وظيفو 225

ب: ٺٽي جي سيدن کانسواءِ ٻين کي روڪ رقم 227

۽ اناج جي ملندڙ خيراتَ

باب چوٿون

حصيداري جي معنيٰ 228

باب پنجون

باغن جي سَندن جي نبيري واريءَ تاريخ 229

باب ڇهون

حقابو يا آبيانو 233

باب ستون

درياءَ حوالي ٿيل زمينَ ۽ ٻيٽ يا ريٽ 238

باب اٺون

جاگيرن ۾ رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس 243

باب نائون

جاگير - نبيري جو انتظام 246

باب ڏهون

هڙيون، ڪوڇا ۽ رک (ٻيلا) 252

واڌو مواد (ضميما) 258

## جلد ٻيو

موچارا اکر 271

ٻه اکر 272

فرسٽ ڪلاس جاگيردارن جي يادگيرين جو تعارف 274

## ڀاڱو پهريون

### اول درجي جي جاگيردارن جي ياد ڪيرين جو تعارف

| | هاڻوڪو نمائندو | ضلعو | |
|---|---|---|---|
| نومڙيا | | | 276 |
| 1. ملڪ احمد خان نومڙيو (مرحوم) جنهن جو وارث ملڪ سردار خان ٿيو. | ملڪ صوبدار خان ولد ملڪ سردار خان | ڪراچي | 278 |
| 2. بولا خان نومڙيو (مرحوم) جنهن جو وارث جيئند خان ٿيو. | ملڪ دودا خان ولد سالار خان، ملڪ جيئند خان جو پاڻتيو | ڪراچي حيدرآباد | 289 |
| 3. محمد خان نومڙيو، جنهن جو وارث قيصر خان ٿيو. | جاگير ۾ تخفيف ڪئي وئي | | 292 |
| جوکيا | | | 294 |
| 4. ڄام ميهر علي... | ڄام مراد علي خان ولد ڄام ميهر علي | ڪراچي، حيدرآباد | 295 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ڪرمتي | | | 301 |
| .5 | ملڪ ابراهيم خان، ڪرمتي، (مرحوم) جنهن جا وارث سندس ڇهه پُٽ ٿيا. | ملڪ مريد خان ولد حاجي خان ۽ خدا بخش، علي بخش ۽ علي محمد پٽ ملڪ ابراهيم خان | ڪراچي | 303 |
| .6 | مزار خان ۽ دولت خان پيائر ۽ سئوٽ، ترتيبوار نمبر 5 | خيرو ولد مظهر خان ۽ غلام شاهه ولد دولت خان | ڪراچي | 303 |
| .7 | رحيمداد ۽ آلڻ | رحيمداد ڪرمتي | ڪراچي | 303 |
| .8 | محمد خان (مرحوم) جنهن جو وارث سندس پُٽ بهادر خان ٿيو. | الله بِندو ولد جمال خان | ڪراچي | 303 |
| | جت | | | 306 |
| .9 | ملڪ غلام حسين جت (مرحوم) جنهن جو وارث جيهان خان ٿيو. | ملڪ غلام حسين ولد ملڪ جهان خان | ڪراچي | 307 |
| | چانديا | | | 309 |
| .10 | ولي محمد چانديو (مرحوم) جنهن جو وارث وڏيرو غيبي خان ٿيو. | وڏيرو محمد خان ولد ڏتو خان، غيبي خان جو پوٽو | شڪارپور أتر سنڌ | 309 |
| .11 | فضل مري (مرحوم) جنهن جو وارث ڪريمداد ۽ امام بخش مري ٿيا. | ڪريمداد ولد فضل ۽ سبزل خان ولد امام بخش | ڪراچي، حيدرآباد | 320 |
| .12 | الهداد گبول | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | ڪراچي | 325 |
| .13 | مخدوم حامد گنج بخش | سيد حسين بخش عرف گنج بخش ولد مخدوم حامد | شڪارپور | 326 |
| .14 | سالار لکي | بلاول ولد سالار | حيدرآباد | 327 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 15. | سيٺ ناؤمل | سيٺ آلومل ولد سيٺ ٽيڪمداس | ڪراچي | 329 |
| 16. | سماتجي ولد جڳوجي ۽ هبوجي پٽ هجاجي | چندوجي ولد حبوجي ۽ گومانسنگهه ولد سماتجي سوڍو | ٿر ۽ پارڪر | 333 |

پاڳو ڀيو
چار وڏا ٽالپر خاندانن جا جاگيردار 334

پهريون حصو:
شهداداڻي 349

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1. | مير بجار | مير بجر ولد مير غلام حسين | حيدرآباد شڪارپور | 353 |
| 2. | مير محمود | مير جان محمد ولد | ڪراچي | 354 |
| 3. | مير احمد ولد مير محمود (نمبر 2) | مير علي محمد | حيدرآباد | 363 |
| 4. | مير علي محمد ولد مير احمد (نمبر 3) | | | 364 |
| 5. | مير جهان خان | (1851ع ۾ سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 365 |
| 6 ۽ 7 | مير غلام شاهه ۽ فضل علي | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 365 |

ٻيو حصو: شاهواڻي
تعارف 367

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 8. | علي بخش | مير الله بخش ولد مير علي بخش | ڪراچي حيدرآباد، شڪارپور | 369 |
| 9. | مير ٻڍو | | ڪراچي، حيدرآباد | 372 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 10. | مير علي مُراد ولد مير احمد | | شڪارپور<br>ڪراچي<br>حيدرآباد | 372 |
| 11. | مير محمد حسن ولد حاجي احمد خان | (پينشن ۾ بدلائي وئي) | | 372 |
| | حصو ٽيون: خاناڻي تعارف | | | 375 |
| 12. | مير محمد خان خاناڻي | مير ڄام خان ولد مير محمد خان | حيدرآباد | 377 |
| 13. | مير احمد خان | مير الهداد ولد مير احمد خان | حيدرآباد | 378 |
| 14. | مير شير محمد خان | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 378 |
| 15. | مير محراب خان | مير مبارڪ (نمبر 16) ۽ محمد علي (نمبر 17) | حيدرآباد | 381 |
| 16. | مير مبارڪ پُٽ غلام شاهه ۽ مير مهراب جو پوٽو | | حيدرآباد | 381 |
| 17. | محمد علي پُٽ مير مهراب | مير علي بخش ولد محمد علي | حيدرآباد | 381 |
| 18. | مير غلام حيدر ولد علي محمد | مير جان محمد ولد مير غلام حيدر | ڪراچي | 385 |
| 19. | مير غلام الله ولد علي محمد | مير مبارڪ خان ولد مير غلام الله | حيدرآباد | 385 |
| 20. | مير احمد علي ولد علي محمد | | ڪراچي | 385 |
| 21. | مير علي محمد جي بيواهه | (1854ع ۾ سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 385 |
| 22. | علي مراد ولد علي محمد | مير احمد علي خان ولد مير علي مراد خان | ڪراچي | 385 |

چوٿون حصو:

ماٽڪاٽي 388

تعارف

| | | | |
|---|---|---|---|
| 23. مير خان محمد ولد غلام علي | مير غلام علي ولد مير خان محمد | ڪراچي حيدرآباد | 391 |
| 24. مير فتح خان ولد غلام علي | | شڪارپور | 391 |
| 25. فضل علي ولد حمزو | (1853ع ۾ سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 391 |
| 26. مير غلام محمد | مير ولي محمد ولد مير غلام محمد | ڪراچي | 398 |
| 27. مير علي محمد | مير غلام حسين ولد مير علي محمد | حيدرآباد | 399 |
| 28. مير حيدر علي ولد سائينداد | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | ڪراچي | 400 |
| 29. مير محمد علي ولد علي خان | مير خان محمد ولد علي خان | حيدرآباد | 403 |
| 30. مير محمد حسن ولد الله بخش | مير علي بخش خان ولد مير محمد حسن | حيدرآباد | 403 |
| 31. مير عبدالله | غلام علي خان ولد مير عبدالله | حيدرآباد | 404 |

پنجون حصو:

سهراباڻي ۽ ناراڻي 406

تعارف

| | | | |
|---|---|---|---|
| 32. مير محمد خان پٽ مير غلام حيدر | مير غلام حيدر ولد مير محمد خان | شڪارپور اتر سنڌ | 416 |
| 33. احمد خان پٽ مير غلام حيدر | مير محمد بکر ولد مير احمد خان | شڪارپور | 416 |
| 34. مير مريد حيدر | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 420 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .35 | مير چامر نندو ولد مير خدا بخش | مير خدا بخش خان ولد مير چامر خان | حيدرآباد | 422 |
| .36 | مير ڪرم خان ولد غلام مرتضيٰ | | حيدرآباد | 425 |
| | پاڳو ٽيون | | | |
| | سردار جاگيرن جون ذڪر | | | 429 |
| | پهريون حصو: ٽالپر | | | 433 |
| .1 | حسن علي ڀرڳڙي | مير محمد خان ولد مير حسن علي | حيدرآباد | 434 |
| .2 | احمد خان ڀرڳڙي | | ڪراچي حيدرآباد | 437 |
| .3 | خدا بخش ڀرڳڙي | جان محمد ولد غلام حسين | حيدرآباد | 439 |
| .4 | پيارو خان جيواڻاڻي عرف پيارو خاناڻي | فضل خان ولد پيارو خان | حيدرآباد | 440 |
| .5 | باغ علي هاليلاڻي جنهن جو وارث سندس پٽ غلام علي ٿيو. | | حيدرآباد | 442 |
| .6 | نواب محمد خان ٿوڙهو | علي مردان خان ولد خير محمد خان | حيدرآباد | 443 |
| .7 | دوست علي ٿوڙهو | | حيدرآباد | 445 |
| .8 | جعفر خان ولد دريا خان ٿوڙو | | ڪراچي شڪارپور | 446 |
| .9 | علي بخش ٿوڙو | بهاول خان ولد مير محمد خان، علي بخش ٿوڙي | حيدرآباد شڪارپور | 447 |
| .10 | خان محمد ٿوڙو (مرحوم) جنهن جو وارث جان محمد ٿيو. | جو پوٽو (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 448 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 11. | شير محمد نوڙو (مرحوم) جنهن جو وارث علي مراد ٿيو. | | حيدرآباد | 448 |
| 12. | مير راڄو خان (مرحوم) جنهن جو وارث مير محمد خان درياخاڻي ٿيو. | راڄو خان ولد مير محمد خان | شڪارپور حيدرآباد | 450 |
| 13. | احمد خان دريا خاڻي | | حيدرآباد | 452 |
| 14. | نصير خان خاڻي | | حيدرآباد | 452 |

## نظاماڻي قبيلو

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 15. | الهداد ولد غلام حسين اسماعيلي | | حيدرآباد | 454 458 |
| 16. | طلاح خان مبارڪاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث گهنور خان ٿيو. | | حيدرآباد | 459 |
| 17. | لال خان ڦوتاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث سندس پُٽ شاهه محمد ٿيو. | | حيدرآباد ڪراچي | 460 |
| 18. | شاهه علي ڦوتاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث شير محمد ٿيو. | | حيدرآباد | 461 |
| 19. | غلام علي ڦوتاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث سندس پوٽو غلام الله ٿيو. | غلام شاهه ولد عبدالله | حيدرآباد | 462 |
| 20. | احمد خان آلوداڻي | مير محمد خان ولد احمد خان | ڪراچي حيدرآباد | 464 |
| 21. | احمد خان لشڪرياڻي | | حيدرآباد | 465 |
| 22. | ولي محمد ولد علي بخش ڪرماڻي | | حيدرآباد | 466 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 23. علي بخش پليلاڻي | (سرڪار ڏانهن موتائي وئي) | | 467 |
| 24. احمد خان پليلاڻي | | ڪراچي حيدرآباد | 467 |
| **لغاري سردار** | | | 469 |
| 25. نواب احمد خان ولد ولي محمد بوزدار | نواب ولي محمد خان ولد نواب احمد خان | حيدرآباد | 470 |
| 26. نواب محمد خان ولد نواب ولي محمد خان بوزدار | | حيدرآباد | 478 |
| 27. الهداد خان بوزدار | گل محمد خان، الهداد خان جو پوٽو | شڪارپور | 478 |
| 28. غلام حيدر بوزدار | (سرڪار ڏانهن وتائي وئي) | شڪارپور | 479 |
| 29. حيدر علي خان | علي بخش ولد فتح خان | شڪارپور | 480 |
| 30. غلام شاهه بوزدار | خدا بخش ولد علي اڪبر، غلام شاهه بوزدار جو پوٽو | حيدرآباد | 481 |
| 31. خان محمد بوزدار ۽ سندس پٽ غلام مصطفيٰ | غلام مرتضيٰ خان ولد خان محمد خان | شڪارپور | 482 |
| 32. غلام محمد بوزدار | علي محمد ولد غلام محمد | حيدرآباد | 483 |
| 33. ٻڍو عالياڻي | صاحب خان ولد ٻڍو | حيدرآباد | 484 |
| 34. حسين خان برهماڻي | علي محمد خان ولد فتح خان | حيدرآباد | 485 |
| 35. اختيار خان عيساڻي، عيسن جو پوٽو. | غلام شاهه ولد اختيار خان | حيدرآباد | 486 |
| 36. گل محمد ڪاڇي (مرحوم) جنهن جو وارث شهداد عرف پريل خان ٿيو. | | شڪارپور | 487 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مري قبيلو | | | 489 |
| 37. محمد خان حاجي زئي (مرحوم) جنهن جو وارث وڏيرو محمد خان ٿيو. | | حيدرآباد | 489 |
| 38. علي خان حاجي زئي | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 493 |
| 39. ڏاؤ خان حاجي زئي | | حيدرآباد | 494 |
| 40. راشد خان حاجي زئي | گهنور خان ولد راشد خان | ڪراچي | 495 |
| 41. احمد خان حاجي زئي | (1861ع کان اڳ سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 495 |
| 42. ننڍو خان مري ۽ سندس ٻه پٽ علي بخش ۽ نبي بخش | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 496 |
| 43. غلام حيدر | دين محمد ولد محمد حسن، غلام حيدر جو پوٽو | حيدرآباد | 498 |
| 44. غلام مرتضيٰ حاجي زئي | مصري خان ولد غلام مرتضيٰ خان | ڪراچي | 499 |
| جمالي | | | 501 |
| 45. بخشو خان مريداڻي | حيات خان ولد بخشو خان | ڪراچي | 501 |
| 46. ڏتو خان جلباڻي | جيئندو خان، ڏتو خان جو پوٽو | حيدرآباد | 504 |
| 47. سائينداد بخشاڻي | رستم خان ولد جان محمد | ڪراچي | 505 |
| 48. غلام علي سُڪواڻي | غلام محمد خان ولد غلام علي | ڪراچي | 506 |
| پرڳڙي بلوچ | | | 507 |
| 49. احمد خان پرڳڙي | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | حيدرآباد | 509 |
| 50. غلام محمد پرڳڙي | علي بخش ولد دلشاد، غلام محمد پرڳڙي جو پوٽو | حيدرآباد | 509 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مگسي | | | 529 |
| 63. گل محمد مگسي | (سرڪار ڏانھن موٽائي وئي) | | 529 |
| ڪوڪر | | | 530 |
| 64. غلام حيدر ڪوڪر (مرحوم) جنھن جو وارث پيڙو خان ٿيو. | (سرڪار ڏانھن موٽائي وئي) | | 531 |
| 65. رستم خان ڪوڪر (مرحوم) جنھن جو وارث مبارڪ خان ٿيو. | فتح خان ولد رستم خان | حيدرآباد شڪارپور | 532 |
| 66. خير محمد ڪوڪر (مرحوم) جنھن جو وارث رَتو ٿيو. | خان محمد ولد رتو خان | حيدرآباد | 533 |
| ابڙا | | | 535 |
| 67. علي مردان خان ابڙو | علي حيدر ولد علي گوهر خان | شڪارپور | 536 |
| ڪتياڻ | | | 538 |
| 68. غلام محمد | جان محمد ولد غلام حيدر، غلام محمد جو پوٽو | حيدرآباد | 538 |
| 69. محمد حسن ڪتياڻ | حمزو خان ولد محمد حسن | حيدرآباد | 540 |
| 70. نذرعلي ڪتياڻ | | حيدرآباد | 540 |
| منفرقہ سردار | | | 541 |
| 71. سيد قائم شاهہ حسيني (مرحوم) جنھن جو وارث سيد غلام رسول ٿيو. | | ڪراچي | 542 |
| 72. پير نظام الدين سرهندي (مرحوم) جنھن جو وارث پير امام الدين ٿيو. | پير شمس الدين ولد پير امام الدين | شڪارپور | 544 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 73. | پير فدا محي الدين سرهندي (مرحوم). جنهن جو وارث پير محمد اشرف ٿيو. | پير غلام نقشبند ولد پير محمد اشرف | شڪارپور | 544 |
| 74. | عبدالله خان پٺاڻ | عطاءُ الله خان ولد عبدالله خان ۽ عبدالرحيم خان، ۽ محمد عثمان خان بارڪزئي | شڪارپور | 547 |

## پاڳو چوٿون
### اول درجي جا
### خيراتيدار

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1. | مخدوم عبدالمالڪ (مرحوم) جنهن جا وارث مخدوم محمد عاقل ۽ محمد رفيق ۽ محمد عابد ٿيا. | مخدوم عبدالمالڪ ۽ محمد رضا ۽ شاهه محمد | شڪارپور | 551 |
| 2. | سيد غلام شاهه سردار (مرحوم) جنهن جو وارث سيد ميان نور حُسين ٿيو. | سيد غلام حسين ولد قلندر بخش | شڪارپور | 552 |
| 3. | غلام حسين شاهه سيد | ڇُتل شاهه، غلام حسين شاهه جو پوٽو | شڪارپور | 554 |
| 4. | سيد غلام علي شاهه | ڏتل شاهه ولد غلام علي شاهه، ۽ ٻيا | شڪارپور | 556 |
| 5. | نور حسين شاهه ۽ صادق علي شاهه | غلام حسين شاهه ۽ يعقوب علي شاهه | شڪارپور | 557 |
| 6. | صادق علي شاهه | يعقوب علي شاهه ولد صادق علي شاهه | شڪارپور | 559 |
| 7. | محمد رضا، امير علي شاهه ۽ الله ورايو | همت علي شاهه ولد خان محمد شاهه | شڪارپور | 560 |
| 8. | شاهه مردان، ۽ علي اصغر (مرحوم)... | شاهه مردان ۽ محمد مڪي شاهه ولد علي اصغر | شڪارپور | 563 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .9 | سيد صادق علي شاهه، سيد امام علي شاهه ۽ سيد واحد بخش (مرحوم) جنهن جو وارث سيد احسان علي شاهه ٿيو. | يعقوب علي شاهه، نادر علي شاهه ۽ واحد بخش | شڪارپور | 564 |
| .10 | سيد آندل شاهه پٽ فتح علي شاهه | | شڪارپور | 565 |
| .11 | يار محمد ڪلهوڙي جي قُبي جا مُجاور | | ڪراچي | 565 |
| .12 | خواجا خِضر جي درگاهه جو مجاور پنِجل | (سرڪار ڏانهن موٽائي وئي) | | 566 |
| .13 | قمبر علي شاهه | بچل شاهه ولد فضل علي شاهه | حيدرآباد | 566 |
| .14 | شير محمد شاهه امام بخش ۽ بچل شاهه | سيد مهدي شاهه ولد شير محمد شاهه | حيدرآباد | 567 |
| .15 | (مرحوم) جنهن جو وارث حاجي شاهه جي تڪيہ جو نگران فتح محمد شاهه ٿيو. | سيد ملوڪ شاهه ولد فتح محمد شاهه | حيدرآباد | 568 |
| .16 | لالداس فقير اُداسي | هاسومل لالداس | حيدرآباد | 568 |
| .17 | درويشان نانڪشاهي، هالاڻي، ڪنڊيارو | | حيدرآباد | 569 |
| .18 | سيد ورايو شاهه | سيد غوث علي شاهه ولد شير محمد شاهه، سيد ورايو شاهه جو پائٽيو | شڪارپور | 570 |
| .19 | قاضي محمد شريف | عزيزالله ولد قاضي محمد شريف | شڪارپور | 570 |
| .20 | قائم ڪلهوڙو (مرحوم) جنهن جو وارث دائود ٿيو. | | شڪارپور | 571 |

# زمين وننڌڙ جاگيردارن جو تعلقيوار وچور


| | | صفحو |
|---|---|---|
| | **جاتي** | |
| | **اول درجي جا جاگيردار** | |
| 1 | ملڪ صوبدار خان ولد ملڪ سردار خان | 278 |
| 9 | ملڪ غلام حسين ولد ملڪ جهان خان | 307 |
| | **ٽالپر جاگيردار** | |
| 10 | مير علي مراد ولد مير احمد شهواڻي | 372 |
| 26 | مير ولي محمد ولد مير غلام محمد باگاڻي | 398 |
| 27 | مير غلام حسين ولد مير علي محمد باگاڻي | 399 |
| | **سردار جاگيردار** | |
| 24 | احمد خان پليلاڻي | 467 |
| 47 | رستم خان ولد جان محمد جمالي | 505 |
| | **گهوڙاباري** | |
| | **اول درجي جا جاگيردار** | |
| 1 | ملڪ صوبدار خان ولد ملڪ سردار خان | 278 |
| 4 | ڄام مراد علي خان ولد ڄام ميهر علي خان | 295 |
| | **ٽالپر جاگيردار** | |
| 18 | مير جان محمد ولد مير غلام حيدر | 385 |
| 20 | مير احمد علي ولد علي مراد خاناڻي | 385 |
| | **سردار جاگيردار** | |
| 20 | مير محمد خان ولد احمد خان نظاماڻي | 385 |
| 59 | غازي خان ولد سائينداد چانگ | 521 |
| | **سڄاول** | |
| | **اول درجي جا جاگيردار** | |
| 9 | ملڪ غلام حسين ولد ملڪ جهان خان جت | 307 |

### ٽالپر جاگيردار

9 مير ٻڍو خانُ شاهواڻي 372

### ساڪرو

### اول درجي جا جاگيردار

5 ملڪ مريد خان ولد حاجي خان ۽ خُدا بخش، علي بخش ۽ علي محمد ولد ملڪ ابراهيم خانُ ڪرمتي 303

6 خيرو ولد مظهر خانُ ۽ غلام شاهه ولد دولت خان ڪرمتي 303

7 رحيمداد ڪرمتي 303

8 الله بندو ولد جمال خان ڪرمتي 303

### ٺٽو

### اول درجي جا جاگيردار

1 ملڪ صوبدار خان ولد ملڪ سردار خان 278

2 ملڪ دودا خان ولد سالار خان، ملڪ جيئند خان نومڙيي جو پائيتيو 289

4 جام مراد علي خان ولد جام ميهر علي خان جوکيو 295

### ٽالپر جاگيردار

8 مير الله بخش ولد مير علي بخش شهواڻي 369

9 مير ٻڍو خان شهواڻي 372

### سردار جاگيردار

18 شير محمد ولد شاهه محمد نظاماڻي 461

### ڪوٺڙي

### اول درجي جا جاگيردار

1 ملڪ صوبدار خان ولد ملڪ سردار خان 278

2 ملڪ دودا خان ولد سالار خان ۽ ملڪ جيئند خان نومڙيي جو پائتيو 289

### ٽالپر جاگيردار

3،2 ۽ 4 مير جان محمد ولد مير علي محمد 354

## دادو

### اول درجي جا جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 11 | وڏيرو ڪريمداد خان ولد فضل خان مري ۽ | 320 |
| | سبزل خان ولد امام بخش مري | 320 |

### ٽالپر جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 2،3 ۽ 4 | مير جان محمد ولد مير علي محمد | 354 |

### سردار جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 2 | احمد خان ڀراڻي | 437 |
| 8 | جعفر خان ولد دريا خان جيئنداڻي | 446 |
| 44 | مصري خان ولد غلام مرتضيٰ خان مري | 499 |
| 48 | غلام محمد خان ولد غلام علي جمالي | 506 |

### اول درجي جا خيراتدار

| | | |
|---|---|---|
| 11 | ميان يار محمد ڪلهوڙي جي درگاهه جا مُجاور | 565 |

## سيوهڻ

### اول درجي جا جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 15 | سيٺ آلومل ولد سيٺ ٽيڪمداس | 329 |

### ٽالپر جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 2،3 ۽ 4 | مير جان محمد ولد علي محمد | 354 |
| 10 | مير علي مراد ولد مير احمد خان ٽالپر شهواڻي | 372 |

### سردار جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 55 | ٻهاول خان رند | 518 |
| 56 | گل محمد ولد فتح خان رند | 518 |
| 71 | سيد غلام رسول شاهه ولد قائم شاهه | 542 |

## جوهي

### ٽالپر جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 23 | مير غلام علي ولد مير خان محمد ماڻڪاڻي | 391 |

### سردار جاگيردار


8 جعفر خان ولد دريا خان، ٽالپر جيئنداڻي 446

45 حيات خان ولد بخشو خان جمالي 501


## مانجهند

### سردار جاگيردار


40 گهنور خان ولد راشد خان مري 495


## حيدرآباد

### اول درجي جا جاگيردار


21 ڄام مراد علي خان ولد ڄام ميهر علي خان جوکيو 295


### ٽالپر جاگيردار


1 مير بجار ولد مير غلام حسين 353

2، 3 ۽ 4 مير جان محمد ولد مير علي محمد 354

9 مير پڌو خان شهواڻي 372

10 مير علي مراد ولد مير احمد شهواڻي 372

12 مير چاڪر خان ولد مير محمد خان خاناڻي 377

13 مير الهداد ولد مير احمد خان خاناڻي 378


### سردار جاگيردار


5 غلام علي ولد باغ علي هالياڻي 442

17 شاهه محمد ولد لال خان قوتاڻي 460

24 احمد خان نظاماڻي پليلاڻي 467

32 علي محمد ولد غلام محمد لغاري 483

46 جيئندو خان، ڏتو خان جمالي جو پوٽو 504

50 علي بخش ولد دلشاد پرهڙي 509

51 فضل محمد ولد فتح خان پرهڙي 509

52 محمد حسين ولد جعفر خان پرهڙي 511

68 جان محمد ولد غلام حيدر ڪتياڻ 538

ديرو محبت

تالپر جاگيردار


19 مير مبارڪ خان ولد مير غلام الله 385

23 مير غلام علي ولد مير خان محمد مانڪاڻي 391

26 مير ولي محمد ولد مير غلام محمد باگاڻي 398


سردار جاگيردار


1 مير محمد خان ولد مير حسن علي ڀرڙاڻي 434

6 علي مردان خان ولد خير محمد خان نوڙو 443

17 شاهه محمد ولد لال خان ڦوتاڻي 460

24 احمد خان پليلاڻي 467

33 صاحب خان ولد ٻڊو لغاري 484


ٽنڊو باگو

تالپر جاگيردار


1 مير بجر ولد مير غلام حسين شهداداڻي 353

26 مير ولي محمد ولد مير غلام محمد تالپر باگاڻي 398

29 مير خان محمد ولد علي خان مانڪاڻي 403

30 مير علي بخش خان ولد مير محمد حسن خان مانڪاڻي 403


سردار جاگيردار


4 فضل خان ولد پيارو خان تالپر جيوڻاڻي 440

6 علي مردان خان ولد خير محمد خان نوڙو 443

12 مير راجو خان ولد مير محمد خان درياخاناڻي 450

33 صاحب خان ولد ٻڊو لغاري 484

39 ڏائو خان حاجي زئي 494

46 جيئندو خان، ڏتو خان جمالي جو پوٽو 504


بدين

تالپر جاگيردار


1 مير بجار ولد مير غلام حسين 353

2، 3 ۽ 4 مير جان محمد ولد مير علي محمد 354

| | | |
|---|---|---|
| 16 | مير مبارڪ پُٽ غلام شاهه ۽ مير مهراب خاڻاڻي جو پوٽو | 381 |
| 17 | مير علي بخش ولد محمد علي | 381 |
| 31 | غلام علي خان ولد مير عبدالله ماٽڪاڻي | 404 |


## سردار جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 3 | جان محمد ولد غلام حسين ڀرڙاڻي | 439 |
| 13 | احمد خان دريا خاناڻي | 452 |
| 16 | گهنور خان ولد تلا خان | 459 |
| 19 | غلام شاهه ولد عبدالله نظاماڻي | 462 |
| 21 | احمد خان ولد محمود خان نظاماڻي | 465 |
| 22 | ولي محمد ولد علي بخش نظاماڻي | 466 |
| 30 | خدا بخش ولد علي اڪبر لغاري | 481 |
| 68 | جان محمد ولد غلام حيدر ڪتياڻ | 538 |


## ګوني

## اول درجي جا جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 2 | ملڪ دودا خان ولد سالار خان، ملڪ جيئند خان نومڙيو جو پائتيو | 289 |
| 2،3 ۽ 4 | مير جان محمد ولد مير علي محمد | 354 |
| 8 | مير الله بخش ولد مير علي بخش | 369 |
| 9 | مير بدو شهواڻي | 372 |
| 10 | مير علي مراد ولد مير احمد خان شاهواڻي | 372 |
| 12 | مير جام خان ولد مير محمد خان | 377 |
| 23 | مير غلام علي ولد مير خان محمد | 391 |


## سردار جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 15 | الهه داد ولد غلام حسين اسمائيلاڻي | 458 |
| 16 | گهنور خان ولد تلا خان مبارڪاڻي | 459 |
| 19 | غلام شاهه ولد عبدالله نظاماڻي | 462 |
| 22 | ولي محمد ولد علي بخش نظاماڻي | 466 |
| 26 | نواب محمد خان ولد نواب ولي محمد خان لغاري | 478 |
| 34 | علي محمد خان ولد فتح خان لغاري | 485 |

## سردار جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 9 | بھاول خان ولد مير محمد خان | 447 |
| 11 | علي مراد خان احمداڻي | 448 |
| 18 | شير محمد ولد شاهہ علي | 461 |
| 20 | مير محمد خان ولد احمد خان | 464 |
| 50 | علي بخش ولد دلشاد | 509 |
| 51 | فضل محمد ولد فتح خان پرڳڙي | 509 |
| 54 | حمزو خان ولد علي مراد | 515 |
| 60 | شاهہ محمد ولد بلاول خان | 523 |


## ميرپورخاص

## ٽالپر جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 8 | مير الله بخش ولد مير علي بخش | 369 |
| 9 | مير ٻڍو | 372 |
| 10 | مير علي مراد ولد مير احمد | 372 |


## سردار جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 43 | دين محمد ولد محمد حسن مري | 498 |


## ٽنڊوالهيار

## ٽالپر جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 9 | مير ٻڍو | 372 |


## سردار جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 14 | نصير خان خاناڻي | 452 |
| 39 | ڏاؤ خان حاجي زئي | 494 |
| 66 | خان محمد ولد رتو خان | 533 |


## مورو

## اول درجي جا جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 11 | ڪريمداد ولد فضل ۽ سبزل خان ولد امام بخش | 320 |

ٽالپر جاگيردار

1 مير بجر ولد مير غلام حسين 353

23 مير غلام علي ولد مير خان محمد 391

سردار جاگيردار

7 دوست علي نوڙو 445

22 ولي محمد ولد علي بخش 466

نوشهروفيروز

اول درجي جا جاگيردار

14 بلاول ولد سالار 327

ٽالپر جاگيردار

36 مير ڪرم خان 425

سردار جاگيردار

37 وڏيرو مير محمد خان 489

اول درجي جا خيراتدار

13 بچل شاهه ولد فضل علي شاهه 566

14 سيد مهدي شاهه ولد شير محمد شاهه 567

15 سيد ملوڪ شاهه ولد فتح محمد شاهه 568

16 هاسومل لالداس 568

17 درويشان نانڪ شاهي 569

سڪرنڊ

ٽالپر جاگيردار

3 ۽ 4 مير جان محمد ولد مير علي محمد 354

سردار جاگيردار

7 دوست علي نوڙو 445

25 ولي محمد خان ولد نواب احمد خان 470

## ڪنڊيارو

### ٽالپر جاگيردار

35 مير خدا بخش خان ولد مير چاڪر خان 422

## شڪارپور

### ٽالپر جاگيردار

32 مير غلام حيدر ولد مير محمد خان 416

### اول درجي جا خيراتدار

21 خدا بخش ولد جُمو مجاور 572

22 مرزا محمد حسن ولد مرزا عطا محمد 573

23 ابوبڪر ولد الله بخش 573

24 متا گلاب ڏيوي ۽ ماهيسنگ ولد فقير بخش 574

25 سچيڏنو ولد مفتي نصرالله 574

### پٽيدار

2 غلام شاهه ولد ظهورالدين 579

غلام جان ولد شرف الدين

شاهه نواز ولد فخرالدين

12 سيف الدين ولد عبدالڪريم 592

13 حيات الله خان ولد فتح الله خان، شاهه ولي خان ولد رحيم خان، 593

رحمت الله خان ۽ خيرالله خان جا پيا پُٽ

## سکر

### سردار جاگيردار

72 پير شمس الدين ولد پير امام الدين سرهندي 544

73 پير غلام نقشبندي ولد پير محمد اشرف سرهندي 544

### اول درجي جا خيراتدار

26 حاجن علي شاهه ولد شاهه محمد شاهه 575

### پٽيدار

1 عبدالباقي ولد عزيز الله پناهه 551

5 امان الله، فيضل الله جو چاچو ۽ قانوني وارث 579
6 رسول بخش ولد شير محمد، شاهه دوران ولد شاهه پسند خان، مير حسن ولد محمد رحيم 584
7 شير محمد ولد نذر محمد 584
8 علي نواز، بچل خان جو پيو نمبر پُٽ، ۽ غلام شاهه 584
9 ڏتل خان ولد محمد عظيم ۽ مدد خان 586
10 محمد عثمان، مدد خان جو پوٽو ۽ رحمدل خان ولد عبدالمنصور 589
11 غلام شاهه، عيسيٰ خان مرزا جو پاءُ ۽ جان محمد ولد غلام حيدر ڪتياڻ 590

## نوشهرو ابڙو

### ٽالپر جاگيردار

32 مير غلام حيدر ولد مير محمد خان 483

### سردار جاگيردار

67 علي حيدر ولد علي گوهر خان 536
72 پير شمس الدين ولد پير امام الدين 544
73 پير غلام نقشبندي ولد پير محمد اشرف 544
74 عطاءُ الله خان ولد عبدالله خان ۽ عبدالرحمان خان ولد محمد عثمان خان بارڪزئي 547

### اول درجي جا خيراتدار

1 مخدوم عبدالخالق ۽ محمد رازو ۽ شاهه محمد 551

### پٽيدار

2 عبدالباقي ولد عزيز الله پٺاڻ 579
3 عبدالاحد علوي 579
4 محمد رفيق ۽ غلام محمد 579
5 امان الله، فيض الله جو چاچو ۽ قانوني وارث 579
7 شير محمد نذر محمد 584
14 عباس خان ۽ عبدالله خان 593

## روهڙي

### ٽالپر جاگيردار


32 مير غلام حيدر خان ولد مير محمد خان 416

33 مير محمد بڪر ولد مير احمد خان 416


### اول درجي جا خيراتدار


4 ڏتل شاهه ولد غلام علي شاهه ۽ پيا 556

5 غلام حسين شاهه ۽ يعقوب علي شاهه 557

6 يعقوب علي شاهه ولد صادق علي شاهه 559

7 حمت علي شاهه ۽ خير محمد شاهه 560

8 سيد شاهه مردان ۽ محمد مڪي شاهه ولد علي اصغر 563

9 يعقوب علي شاهه ۽ نادر علي شاهه ۽ واحد بخش 564

10 سيد آندل شاهه ولد فتح علي شاهه 565

18 سيد غوث علي شاهه ولد شير محمد شاهه 570


## گهوٽڪي

### اول درجي جا جاگيردار


13 سيد حسين بخش (عرف گنج بخش) ولد پير مخدوم حامد 326


### اول درجي جا خيراتدار


2 سيد غلام حسين ولد قلندر بخش 552

3 ڇُتل شاهه، دوست علي شاهه جو پوٽو 554

6 يعقوب علي شاهه ولد صادق علي شاهه 559


## اُوباوڙو

### حصيدار


1 ڄام ڀَيو خان ولد ڄام ابوالخير 596


## لاڙڪاڻو

### ٽالپر جاگيردار


1 مير بجر ولد مير غلام حسين 353


### سردار جاگيردار


26 نواب محمد خان ولد نواب ولي محمد خان 478

### اول درجي جا خيراتدار

| | | |
|---|---|---|
| 19 | عزيزالله ولد قاضي محمد شريف | 570 |

### رتو ڏيرو

| | | |
|---|---|---|
| 27 | گل محمد خان، نواب الهداد خان لغاري جو پوٽو | 478 |
| 61 | عالم خان ولد راڄو کوسو | 526 |
| 62 | امام بخش ولد روحل خان کوسو | 527 |

### لب دريا

### سردار جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 29 | علي بخش ولد فتح خان | 480 |
| 31 | غلام مرتضيٰ خان ولد محمد خان | 482 |
| 65 | فتح خان ولد رستم خان | 532 |

### اول درجي جا خيراتدار

| | | |
|---|---|---|
| 20 | دائود ڪلهوڙو | 571 |

### قنبر

### اول درجي جا جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 10 | وڏيرو محمد خان ولد ڏتو خان (غيبي خان جو پوٽو) | 309 |

### نصيرآباد

### اول درجي جا جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 10 | وڏيرو محمد خان ولد ڏتو خان (غيبي خان جو پوٽو) | 309 |

### ميهڙ

### اول درجي جا جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 10 | وڏيرو محمد خان ولد ڏتو خان (غيبي خان جو پوٽو) | 309 |

### سردار جاگيردار

| | | |
|---|---|---|
| 8 | جعفر خان ولد دريا خان | 446 |
| 29 | علي بخش ولد فتح خان | 480 |
| 35 | غلام شاهه ولد اختيار خان | 486 |
| 53 | خدا بخش ولد سردار خان | 512 |

## ڪَڪڙ

### ٽالپر جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 8 | مير الله بخش ولد مير علي بخش | 369 |
| 9 | مير ڀڏو | 372 |
| 23 | مير غلام علي ولد مير خان محمد | 391 |


### سردار جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 9 | بهاول خان ولد مير محمد خان | 447 |
| 11 | علي مراد خان احمداڻي | 448 |
| 27 | گل محمد خان، نواب الهداد خان جو پوٽو | 478 |
| 35 | غلام شاهه ولد اختيار خان | 486 |
| 36 | شهداد عرف پريل خان | 487 |
| 53 | خدا بخش ولد سردار خان | 512 |


### شهدادپور

### (اتر سنڌ جو سرحدي علائقو)

### اول درجي جا جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 10 | وڏيرو محمد خان ولد ڏتو خان (غيبي خان جو پوٽو) | 309 |


### جيڪب آباد


| | | |
|---|---|---|
| 32 | مير غلام حيدر خان ولد مير محمد خان | 416 |


### نگر (ٿر ۽ پارڪر)

### اول درجي جا جاگيردار


| | | |
|---|---|---|
| 16 | چاندوسنگ ولد هبوجي ۽ گمان سنگ ولد سماتجي سوڍو | 333 |

# پنهنجي پاران

اُسان وٽ عام طور اهو تاثر آهي، ته ماضيءَ ۾ سماجي طور سنڌ اندر سدائين نبيلائي ۽ جاگيرداري سرشتو رهيو آهي: مقامي ماڻهو سُست رهيا آهن: ورهاڱي وقت سنڌي ماڻهن ۾ معروضي حالتن جو تجزيو ڪرڻ جي صلاحيت نه هئي: هاڻوڪي ڏُکن، ڏچن، غرُبت، بدحالي ۽ پسماندگيءَ جو ذميوار جاگيرداري نظام آهي وغيره. پر، سنڌ جي تاريخ ۽ اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن ۽ مامرن جو جائزو وٺڻ سان مٿين ڳالهين جو جواب انڪار ۾ ملي ٿو. تنهنڪري ضروري آهي، ته اُن صورتحال کي سمجهڻ لاءِ جاگيردار نظام کي اُن جي تاريخي پس منظر ۾ ڏسجي.

جيئن ته هتي اسان جو موضوع مختصر طور تالپر دؤر، برطانوي دؤر ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جاگيرداري سرشتي جي ڇنڊڇاڻ ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻي آهي. تنهنڪري جيڪر اسان پنهنجي موضوع موجب حَد ۾ رهندي، ويجهي ماضيءَ ۾ تالپر دؤر ۾، رڳو 'جاگيرداري' تي لکيل ڪجهه موادَ پڙهنداسين، ته اسان کي اڪثر مؤرخ يا ليکڪ اهو چوندي نظر ايندا، ته تالپرن جي حڪومت جو طريقو ڏاڍ ۽ جبر تي ٻَڌل، جاگيرداري نظام ۽ فوجي آمريت تي ٻَڌل هو، پر حقيقت ائين نه آهي، تنهنڪري هتي مختصر طور تالپر دؤر، انگريز دؤر ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ سنڌ ۾ موجود جاگيرداريءَ سرشتي جي ڇنڊڇاڻ ڪنداسين.

هتي جاگيرداريءَ جي ارتقا ٻن قسمن سان ٿي: بالادست بادشاهه طرفان لاڳو ٿيندڙ جاگيرداريءَ ۾، بادشاهه زيردست علائقن يا مُلڪن تي خراج مڙهيندو هو. اهي ماتحت جاگيردار پنهنجن علائقن ۾ ڏنُ يا خراج ڏيڻ تائين قطعي اختيارن جا مالڪ هوندا هئا، ۽ کين اها اجازت هوندي هئي، ته اُهي پنهنجي رسمن رواجن توڙي خواهش موجب حڪومت ڪن. (1: 295) انهيءَ ڏس ۾ ياد رهي، ته 1786ع ۾ افغانن، شڪارپور کان ويهه ڪوهه پري جيوند جي مقام وٽ سنڌي فوج کان شڪست کاڌي، تنهن هوندي به، ڳالهين کان پوءِ تالپرن کين خراج ڏيڻ جو آسرو ڏنو. (2: ص، 398) جڏهن ته افغان بادشاهه کي ساڍا ڇهه لک رپيا خراج جي سموري رقم جنس جي شڪل

۾ ڏني ويندي هئي، جنهن ۾ خاص طور تي ۾ ٺهيل شيون ۽ پنجين پتي روڪ رقم شامل هوندي هئي. (3: ص، 25-24)

سنڌ ۾ هيئنان کان ارتقا ڪندڙ جاگيرداريءَ جي ٻئي قسم ۾، قبائلي سردار يا جاگيردار، پنهنجي علائقن ۾ فوجي طاقت ۽ قوت وسيلي حڪومت جوڙي وٺندا هئا ۽ اهڙيءَ ريت اهي رياست ۽ رعيت وچ ۾ هڪ ڳانڍاپي وارو ڪردار بڻجي ويندا هئا. مرڪزي حڪومت جاگيردارن کي اهو حقَ ڏئي ڇڏيندي هئي، ته اُهي ڍلون وٺن ۽ گهرج مهل رياست جي فوجي مدد ڪن. انهيءَ نظام ۾ جاگيردارَ جا ڪارڪن ڍل ۽ محصول وٺي مٿي پهچائيندا هئا. جڏهن ته مٿان کان مڙهيل سرشتي ۾ محصول وٺڻ جو ڪم، مرڪزي حڪومت جا ڪارڪن ۽ عهديدار گڏجي ڪندا هئا. (1: 295)

اڪثر برطانوي ليکڪن طرفان ٽالپر حڪومت کي جاگيرداراڻي اصولن تي ٺهيل خاص فوجي آمريتي حڪومت ڪوٺيو ويو آهي. (4: ص، 240) جڏهن ته يورپي ليکڪ ڪلارڊو مارڪووتس چوي ٿو، ته اها حڪومت، حقيقت ۾ 'قبيلائي ڪنفيڊريشن' هئي. ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٽالپر حڪمران خاندانَ جي عهد ۾، ان مقامي سياسي قبائلي ڪنفيڊريشن نظام جي جوڙجڪ ٿي، جيڪو نظام ان قابل هو، جو اهو ايشيا جي سڀ کان وڏي نهري نظام کي لاڙ سنڌ ۾ نه رڳو ترقي وٺرائي سگهي، پر ان کي برقرار به رکي سگهي. (5: ص، 32) هوڏانهن، سنڌ جي جاگيرداريءَ بابت چيو ويو ٿو، ته اها پنهنجي ذات ۾ محدود هوندي هئي، ڇو ته ان ۾ جيڪا به پيداوار ٿيندي هئي، سا تجارت لاءِ نه، پر رڳو ڏيهي واهپي لاءِ هوندي هئي، پر تاريخي طور ڏٺو وڃي، ته اها ڳالهه درست نه آهي، ڇو ته پيداوار، تجارت ۽ واپار لاءِ ٿيندي هئي ۽ سنڌ کان پرڏيهه ويندڙ مالَ ۾ اناج به شامل هوندو هو، جيڪو خاص ڪري هاٺوڪي بلوچستان جي علائقن ۽ ڪَڇ ڏانهن موڪليو ويندو هو (5: 36-35)

ٽالپر حڪمرانن تي اهو به الزام مڙهيو وڃي ٿو، ته هنن سنڌ جون سڀ وڏيون جاگيرون، بروچ سردارن کي ڏنيون هيون، (6: ص، 9) پر تاريخ جي اڀياس مان پتو پوندو ته اها ڳالهه دُرست نه آهي. جيتوڻيڪ ٽالپرن کي بروچ (جاٽايل) جاگيردارن، سردارن ۽ نوابن لاءِ ڏاڍي عزت هوندي هئي، پر نومڙيا، جوکيا، جت، ڪلمتي، ڪوکر ۽ ٻيا به منجهانئن ناراض نه هوندا هئا، (7: ص، 231) تنهنڪري منجهانئن ڪنهن به برطانوي فوجن سان سات ڏيڻ جو لاڙو نه ڏيکاريو. (7: ص، 232) جن قبيلائي سردار-جاگيردارن کي بلوچ سڏيو پيو وڃي، تن بابت اڃا تائين ڪا حتمي راءِ قائم نٿي ڪري سگهجي، ته اُهي واقعي بروچ به آهن يا نه. انهيءَ ڏس ۾ اهو اڪثر سوال ڪيو وڃي

ٿو، تہ ڇا ماضيءَ ۾ سنڌ جي اولهہ- اتر ۾ رهندڙ قبيلن کي بلوچ چيو ويندو هو. يا هاڻي بلوچستان صوبي ۾ پاڻ کي بلوچ سڏائيندڙ قبيلن يا اُتي رهندڙ ٻين سومرن، سمن، ڪلهوڙن، چنن، خواجن، واڍين، جوکين، برفتن، ٻبرن، شورن، نومڙين، پالارين وغيره کي بلوچ چئجي ؟ ٻيو تہ سنڌ ۾ رهندڙ زرداري ۽ جتوئي قبيلن جو بلوچ هجڻ تي بہ، بلوچستان جا صوبائي سردار، ونن خانداني شجرا نہ هجڻ سبب شڪ جو اظهار ڪن ٿا ۽ کين ٻروچ مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن، ۽ وري جتوئين کي پُٽاڻي نہ، پر عورت مائي جَتو جا وارث هجڻ طور بلوچ مڃين ٿا. جيتوڻيڪ تاريخ مان پتو پوي ٿو، تہ مير چاڪراعظم جي وقت ۾، هاڻوڪي بلوچستان صوبي وارن علائقن ۾ پدراڻو معاشرو هوندو هو، تنهنڪري وارث بہ پُٽ ئي ٿيندا هئا، ۽ انهن پويان ئي خانداني شجرو هلندو هو. گڏوگڏ سنڌ ۾ هزارين سالن کان رهندڙ ۽ سنڌ جي سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ قربانيون ڏيندڙ ۽ پاڳي پائيوار ٿيندڙ ڪجھ قبيلا اهڙا بہ آهن، جيڪي پاڻ کي ٻروچ سڏرائين ۾ فخر محسوس ڪن ٿا، جيتوڻيڪ انهن جا رسم رواج، اُٿي ويهڻي، ٻولي ۽ لهجا، مٿين ڳالھ کان انڪاري آهن. هونئن بہ عام طور انهن کي 'سرائي' (اُترئين علائقن ۾ رهندڙ) چيو وڃي ٿو. بهرحال، انهيءَ موضوع تي وڌيڪ تحقيق جي گهُرج آهي.

پاڪستاني مؤرخ اهو بہ چوندي نٿا گُسن، تہ ٽالپر دؤر ۾ سنڌ جي اصل سمات رهواسين کي پوئتي ڌڪيو ويو ۽ عوام جو ڏاڍو استحصال ٿيو. (6: ص، 9) پر حقيقت ۾ ڏنو وڃي، تہ ٽالپرن جي حڪومت ۾ ابڙن، نومڙين، جوکين وغيره قبيلن جي قبيلائي سردارن کي سندن تحويل ۾ هليون ايندڙ زمينن جي توثيق ڪئي وئي هئي، ۽ کين ٻروچ سردارن جي ڀيٽ ۾ ڪجھ خاص رعايتون بہ ڏنيون ويون هيون، جيئن ٽالپر دؤر جي اکين ڏٺل شاهد رچرڊ برٽن موجب، نومڙيا قبيلي جي سردار کي ڪراچي ۽ سيوهڻ وچ ۾ ايندڙ توڙي ويندڙ مالَ تي 'نَت' وٺڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. (8: ص، 47) گڏوگڏ کين ڪجھ نيون زمينون پوکڻ لاءِ بہ ڏنيون ويون هيون. مٿين قبيلن جا سردار، درباري امير هوندا هئا، ۽ کين انعام اڪرام ۽ خلعتون عطا ٿينديون رهنديون هيون. جڏهن تہ عوام جي استحصال جو سوال آهي، تہ ايچ. ٽي. سورلي موجب، ٽالپرن سڀ کان پهرين ملڪ ۾ امن قائم ڪيو. (9: ص، 186) گڏوگڏ هنن زراعت توڙي واپار لاءِ اهڙا اُپاءَ ورتا، جو سنڌ کي 'اناج- گهر' چيو ويندو هو. ۽ ڪلارڊو مارڪووٽس موجب، سنڌ رياست، ارڙهين صديءَ جي اڌ تائين، ساموندي دريائي ۽ خشڪي جي رستن وسيلي اُتر هندستان ۽ خليج فارس ۽ عرب ملڪن کي تجارتي طور

ملائڻ جو ڪم ڪندي رهي. سنڌ جي واپارين جي خوشحاليءَ جو دارومدار ان علائقي ۾ پنهنجي پيداوار ۽ معيشت تي هو. ٺٽو، پنهنجي بندرگاهه جي زوال بعد به ڪپڙي جي صنعت سبب مشهور هو. سنڌ جا هندو واڻيا سڀ کان ڪامياب واپاري هئا، جيتوڻيڪ مسلمان واپاري به هئا. (5: ص، 36) جڏهن ته ارڙهين ۽ اوڻيهين صديءَ جي شروع ۾ ڪراچي، شڪارپور، سکر، حيدرآباد، ٺٽو، نصرپور، ڪنڊيارو ۽ ٻيا شهر اُڀريا، تنهن ٿيا. هوڏانهن 1750ع ڌاري ڪراچي سنڌ جو اهم بندرگاهه بڻجي ويو. جڏهن ته سنڌ جي ٽالپرن ان کي قلات جي خان کان واپس ورتو ته هنن بندرگاهه جي ترقيءَ ۾ حصو ورتو. پر تيزيءَ سان ترقي ڪندڙ شهر حيدرآباد هو. (10: ص 369-356)

ڪجهه مؤرخن کي اهو اعتراض به آهي، ته ٽالپرن زرخيز زمينن تي شڪارگاهه (ٻيلا) ٺهرايا هئا. (6: ص، 9) جيتوڻيڪ اها ڳالهه ڪوچارلس نيپيئر جو ساٿاري يا ڪو ٻيو برطانوي ليکڪ ڪري، جنهن کي سنڌ تي برطانوي قبضي کي جائز ڪوٺڻو هجي، ته ٺيڪ آهي، پر اهڙي ڳالهه جيڪڏهن 'عوامي نقطي نگاهه کان تاريخ لکندڙ' ڪري، ته پوءِ افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. بهرحال، ايڇ. ٽي. پوسٽنس موجب، هتي ٻيلن بابت قانونَ تمام سخت هوندا هئا، جن کي ٻين ملڪن جي ساڳي قسم واري تهذيبي دؤر سان ڀيٽائي سگهجي ٿو. 1939ع ۾ ڪرنل پاٽنجر ۽ ٽالپرَ حڪومت وچ ۾ ٿيندڙ ناهه ۾ شڪارگاهن جي حفاظت جو فقرو داخل ڪرايو ويو هو، جنهن ۾ پاڻئجي ٿو، ته ٽالپر حڪمران، شڪارگاهن کي وڏي اهميت ڏيندا هئا. ٽالپرن، ڪيس ٻُڌايو: اُهي شڪارگاهن سان زالن ۽ ٻارن جيترو پيار ڪن ٿا. (4: ص، 150-149) ٻيلن جي اهميت تي ڳالهائڻ سان پتو پوندو، ته تنهن وقت درياءَ جي ڪنڌين سان پوکيل يا رَکيل ٻيلا، نه رڳو ٻوڏن کي روڪڻ جو ڪم ڏيندا هئا، پر انهن سان درياءَ وسيلي زميني کاڄ به گهٽجي ويندو هو. ٻيلن مان اڏاوتي توڙي ٻارڻ طور ڪاٺ ملندو هو. برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پڻ ٽالپر اميرن سان ٻيلن مان سنڌن ٻاڦ تي هلندڙ دريائي جهازن لاءِ ڪاٺ وڍڻ ۽ واپرائڻ جا معاهدا ڪيا هئا. ٻيلن مان جانورن جو چارو، ڪؤنر ۽ ماکي ملندي هئي، جنهن کي ڏيساور موڪلي چڱو ناڻو ڪمايو ويندو هو، ۽ موسم تي به سُنو اثر ٿيندو هو. تنهن دؤر موجب سڀ کان اهم ڳالهه اها هوندي هئي، جو ڪنهن پاڙيسري مُلڪ سان جنگ نه هئڻ سبب، شڪار جي بهاني ٽالپر حڪمرانن، سردارن توڙي فوجين کي نه رڳو سکيا ملندي هئي، چوته ان وقت هاڻوڪي دؤر جهڙي فوجي سکيا جي سهوليت ميسر نه ٿيندي هئي، انهيءَ سان گڏ سنڌن جنگي جوش ۽ جذبو به برقرار رکڻ ۾ مدد ملندي هئي.

ٻيلا فوجي نقطي نگاهه کان به اهم هوندا هئا. تنهنڪري سياري جي مُند ۾ سنڌين ۽ برطانوي فوجين وچ ۾، 17 فيبروريءَ 1843ع تي لڳندڙ جنگ ۾، سر چارلس فوجي نقطي نگاهه کان، مياڻيءَ واري ٻيلي کي باهه ڏيڻ جو حُڪم ڏنو هو، جنهن تي عملَ ڪندي، ميجر آئوٽرام ٻيلي کي باهه ڏني هئي. (11: ص، 291) سنڌ ۾ ٻيلن يا شڪارگاهن جي اهميت کي ڏسندي، 12 مارچ 1843ع تي سنڌ تي باقاعدي برطانوي قبضو ٿيڻ ڪانپوءِ، سر چارلس نيپيئر سڀ کان پهرين جيڪو ڪاتو جوڙيو هو، سو ٻيلو ڪاتو هو. ۽ ان ڏس ۾ سخت قائدا ۽ ضابطا پڻ لاڳو ڪيا ويا هئا.

بهرحال، عام تاثر اهو آهي، ته سنڌ ۾ جاگيرداري هئي، ۽ عام ماڻهن سان ڏاڍو ظلم ٿيندو هو، پر ڏٺو وڃي ته اها مقامي جاگيرداري هئي، ۽ يورپي جاگيرداريءَ (Fucdalism) سان ٺهڪجندڙ نه هئي. سنڌ ۾ يورپي جاگيرداريءَ جيان غلام هاري نه هئا ۽ نه ئي جاگيرَ کي بطور معاشي يونٽ واپرائيندي، هارين جي ڦُرلٽ ڪئي ويندي هئي، ڇوته سنڌ ۾ قبيلائي سرشتو هوندو هو. ٻيو ته هتي جاگيرون نجي ملڪيت ۾ نه هونديون هيون، پر اُهي تحويلدار جي موت ڪانپوءِ سرڪاري تحويل ۾ واپس هليون وينديون هيون ۽ اُهي موروثي به نه هونديون هيون، جنهنڪري ڪوبه جاگيردار ڪنهن مخصوص علائقي تي پنهنجي ايڏي مضبوط گرفت رکي نه سگهندو هو.

تاريخدان اهو به چون ٿا، ته ايشيا جي ماڻهن (سنڌين) حڪمرانن جي تبديلين ۾ ڪوبه ڪردار نه نڀايو آهي (12: ص، 10). ظاهري طور اها ڳالهه درست پائنجي ٿي، پر سنڌ جي معروضي تاريخي صورتحال ۽ سماج جو جائزو وٺڻ سان اها ڳالهه غلط معلوم ٿئي ٿي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جون حڪومتون 'قبائلي ڪنفيڊريشن' جا مثالَ آهن. هر حڪمران جي اها ڪوشش هوندي هئي، ته هو وڌ ۾ وڌ قبيلائي سردارن کي پاڻ سان ملائي، فوجي طاقت ۾ واڌ آڻي. قبيلائي سردار جي هر حُڪم تي عمل ڪيو ويندو هو، ڇوته ايڇ. ٽي سورلي موجب، ٻهراڙيءَ وارو علائقو زميندار (قبائلي سردار) جي رُتبي جي اهميت مڃيندو هو. سندس حيثيت پنهنجي هارين وٽ هڪ 'وڏي ۽ پيءُ' جهڙي هوندي هئي ۽ هن جو ڪم جهيڙن جهٽن ۽ چوپائي مال جي چوريءَ جي مامرن جا فيصلا ڪرڻ هوندو هو. چيو وڃي ٿو، ته هو ٻهراڙيءَ سان لاڳاپيل هڪ معزز شخصيت هوندو هو، جنهن جي مدد سان زرعي گڏيل ڀڪار ممڪن ٿي سگهندو هو. ۽ ڪنهن حد تائين سندس زبان مان نڪتل اکر کي قانوني حيثيت مليل هوندي هئي. (9: ص، 215)

قبيلائي سردار جي اصل طاقت به سندس قبيلي جا ماڻهو ئي هوندا هئا، جيڪي

سندس حُڪم تي نه رڳو فوجي خدمتن لاءِ تيار ٿي ويندا هئا، پر جاگيرن تي هارپو به اُهي ئي ڪندا هئا. قبيلي جو سردار، جنهن ڏُر جي حمايت ڪندو هو، فطري طور قبيلي جا ماڻهو اُن جي پُٺڀرائي ڪندا هئا ۽ عوامي راءِ جُڙي پوندي هئي. تنهنڪري، 1783ع ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن وچ ۾ ٿيندڙ ويڙهه کي 'عوامي- فوجي ويڙهه' ئي چئي سگهجي ٿو، ڇوته تنهن دؤر ۾ اڪثر قبيلائي سردار، ڪلهوڙن حڪمرانن کان ڏار ٿي ٽالپر سردارَ مير فتح عليءَ سان اچي گڏ ٿيا هئا، ۽ ڪجهه قبيلن- جوکين، نومڙين وغيره- وري جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ کان لاچاري ڏيکاري ۽ خاموش رهندي، پنهنجي حمايت ٽالپرن سان ظاهر ڪئي هئي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو، ته تنهن دؤر ۾ رياستي مامرن کي سُلجهائڻ جو اهو ئي عوامي- فوجي طريقو هوندو هو.

## ٽالپرن جو اقتدار ۾ اچڻ

1783ع ۾ ٽالپر قبيلي جي سردار مير فتح علي خان، افغان بادشاهه زمان شاهه کان "فرمان" ورتو ۽ سنڌ جو رئيس يا حاڪم بنجي ويو، ۽ حيدرآباد کي پنهنجي راڄڌانيءَ بڻايائين. (13، ص 34) ايس. پي. ڇپلاڻي موجب، هنن جي گهراڻي ۾ ڦوٽ پوڻ سبب صوبو ٽن خودمختيار حڪومتن ۾ ورهائجي ويو. سڀني ۾ مکيه گهراڻو حيدرآبادي (شهداداڻي) ٽالپرن جو هو، جنهن جي حڪومت وچولي تي هئي. ٻيو خاندان (سهراباڻي) مير فتح علي خان جي ڀائٽيي مير سهراب جو اولاد هو. اهو خاندان خيرپور تي حڪومت ڪرڻ لڳو. ٽيون خاندان (مانڪاڻي) جي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ ميرپور (خاص) هو، ۽ مير سهراب جي پُٽ مير ٺاري خان جو اولاد هو. حڪومت جي ان ورهاست ٽالپرن جي حڪومت کي مُنجهائي وڌو هو. جڏهن حيدرآباد واري ٽالپر خاندان جي سردار مير فتح علي خان مُلڪ جي حڪومت ۾ پنهنجن ٽن ڀائرن- غلام علي، ڪرم علي ۽ مراد علي- کي به ڀائيوار ڪيو، ته مامرا هيڪاري بگڙي ويا. (14: ص، 28) اهي چارئي ڀائر "چار يار" سڏيا ويندا هئا. (گڏيل ڀوئواري طور هلندڙ حُڪومت ان 'چوٺياري' جي هٽ هيٺ هوندي هئي)، ۽ هنن جي 'چوٺياري' گهڻي مشهور آهي.

ٽالپر اميرن ۾ پڳداريءَ واري رسم هئي، جنهن وٽ برادريءَ جا ننڍا وڏا مسئلا اچي نبرجندا هئا. واهه واهه چئي سڀيئي اُن جو مانُ ته وڌائيندا هئا، پر اُن کي ڪا اضافي سگهه حاصل نه هوندي هئي. بهرحال ڪوشش اها ڪئي ويندي هئي، ته ٽالپرن جي سڄي قبيلي کي هڪ ڪٽنب جيان گڏيل رکيو وڃي. (4: ص، 144)

ڪنهن به پڳدار اميرَ، سردارَ يا جاگيردار کي ڪٽنب جو وڏو سمجهيو ويندو هو،

۽ ان کي حصي طور جاگيرون ملنديون هيون. حڪمران ٽالپر جي ملڪيت موروثي ليکي ويندي هئي، ۽ ان جو ورثو سندس وارثن خاص ڪري پُٽن ۾ هڪجيترو ورهايو ويندو هو. (7: ص، 288) ٽالپرن جي حڪومت 'قبائلي ڪنفيڊريشن' نموني جي هئي، جيڪو قبيلي جو سردار ٿيندو هو، تنهن کي ئي سنڌ جو حڪمران مڃيو ويندو هو. هر شهريءَ کي وقت جي حڪمران جو فرمانبردار رهڻو پوندو هو. (12، ص 42)

## جاگيرداري سرشتو، درجابندي، جوڙجڪ، طريقيڪار ۽ عملَ

ٽالپرن جي حڪومت ۾ جاگيرداريءَ سرشتو، اڳوڻن حڪمرانن جي سرشتي جو تسلسل هو، جنهن جو بهترين مثال ٽالپرن وٽ ڪلهوڙن کان 'سيري' ۽ 'ديرا داريءَ' هيٺ هليون ايندڙ جاگيرون هيون. هنن جاگيرداريءَ سرشتي ۾ ڪي بنيادي تبديليون نه آنديون. هوڏانهن ڪجهه مؤرخ جاگيرداريءَ کي معاشيات بجاءِ هڪ سياسي ادارو سمجهن ٿا، جنهن جي بنياد تي حڪومت هلائي ويندي هئي، تنهنڪري حڪومت هلائڻ لاءِ اُن جي سياسي اهميت هئي.

ٽالپرن، حڪومت ۾ اچڻ کان پوءِ، جنگ دوران سندن حمايت ڪندڙ قبيلائي سردارن ۽ پسنديده ماڻهن کي زمين جي جاءِ تي وظيفا ڏيڻ لڳا، جيڪي گهڻو ڪري جنس جي شڪل ۾ ڏنا ويندا هئا. پر پوءِ وظيفي جي جاءِ تي پنهنجي حمايتن ۽ وفادار ساٿين ۾ پگهار طور جاگيرون ڏيڻ لڳا، پر انهن لاءِ اهو شرط هوندو هو، ته اهي زمينن کي نه گروي رکندا ۽ نه ئي وڪڻندا. حڪومت ڪانئن ڪابه ڍل نه وٺندي هئي.... سنڌ ۾ جاگيردار يا زميندار جا زمين تي مالڪاڻا يا موروثي حق نه هوندا هئا، پر کين حڪومت طرفان روينيو وٺڻ جو حق هوندو هو. حڪمران به زمين جو مالڪ نه هوندو هو، پر سندس اهو حق هوندو هو، ته هو زمين جي ڍل جو هڪڙو حصو وٺي. جڏهن ته سنڌ ۾ رعيتي زمين ڳوٺاڻي برادريءَ جي ملڪيت هوندي هئي، جيئن ته حڪمران، رعيتي زمين جو مالڪ نه هوندو هو، تنهنڪري هو ڪنهن عهديدار کي ان زمين جا مالڪاڻا حق به ڏئي نه سگهندو هو، هو رڳو جاگيردار کي ڍل وٺڻ جو حقَ ڏيندو هو.

ٽالپر دور ۾ جاگيرن جي درجابنديءَ تحت کين پنجن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: خالصا، فوجي خدمتن لاءِ جاگيرون، سرڪاري ملازمن لاءِ انعامي جاگيرون، مذهبي يا خيراتي جاگيرون ۽ پٽيداري جاگيرون.

ٽالپر دور ۾ ملڪ جون پليون ۽ زرخيز زمينون سرڪاري تحويل ۾ هيون، جن کي 'خالصا زمينون' چيو ويندو هو. جن جي ڍل ۽ محصول سرڪاري عملدار اوڳاڙيندا هئا.

پر خالصا ايراضيءَ واري علائقي ۾ انصاف ۽ چورين وغيره جي مامرن جي نگراني کو پروسي وارو جاگيردار ڪندو هو.

فوجي خدمتن لاءِ ڏنل جاگيرون اهم ۽ زرخيز هونديون هيون. فوجي خدمتن لاءِ ڏنل جاگيرن ۾، جاگيردار کي سدائين حاضر هجڻ ۽ گهربل توڙي گهرائڻ تي حاضر ٿيڻ جي حُڪم تي عمل ڪرڻو پوندو هو. جاگيردارَ کي ٽالپر اميرن جي دربار ۾ باقاعدگيءَ سان حاضري ڏيڻي پوندي هئي. اُهي جيڪڏهن ڪجھ اڻٽر مجبورين سبب دربار ۾ حاضر نه ٿي سگهندا هئا، ته ڪيس ان ڳالھ جي به ٽالپر اميرن کان اجازت وٺڻي پوندي هئي. منظوريءَ کانسواءِ غيرحاضر رهڻ واري عمل کي ناشائستو ۽ بغاوت سمجهيو ويندو هو، جنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن انهن بنيادن تي جاگيرون ضبط يا منجهن تخفيف به ڪئي ويندي هئي. اهڙين ڳالهين کي سامهون رکندي، اڪثر جاگيردار پنهنجي جاگيرن تي رهندا هئا. تنهنڪري هنن جو مقامي آباديءَ سان گهرو تعلق رهندو هو. رابطي جي ٻولي سنڌي هوندي هئي، جيتوڻيڪ دربار ۾ فارسي ٻولي واپرائي ويندي هئي.

ٽالپر امير، فوجي ۽ قبيلائي سردارن ۽ پنهنجي عزيزن کي سندن گُذران (مددِ معاش) لاءِ به زمينون ڏيندا هئا. انهن جا تفصيل جاري ٿيل سَند ۾ جاٽايل هوندا هئا. اُهي جاگيرون موروثي نه پر سندن حياتيءَ تائين ڏنيون وينديون هيون. جاگيردارن ۽ حُڪمرانن وچ ۾ اپٺن هڪڙي قسم جو ناتو جُڙي ويندو هو ۽ ڪين وقت مهل گهُربل فوجَ مهيا ڪري ڏيڻي پوندي هئي. انهن فوجين جو به باقائدي رڪارڊ رکيو ويندو هو. سندن نالا دفتر ۾ درج ڪبا هئا ۽ ڪين ملندڙ زمين ۽ وظيفن جو تفصيل ۽ شرط لکيل هوندا هئا جڏهن ڪو جاگيردار فوت ٿيندو هو، ته اُها جاگير سرڪار واپس وٺي ڇڏيندي هئي، ۽ پوءِ اُها جاگير وري ڪنهن ٻئي جاگيردار کي ڏني ويندي هئي، پر ٻين پائيوارن يا سنگت جي حصن کي برقرار رکيو ويندو هو. ڪڏهن ڪنهن جاگيردار جي موت تي، هُن جي پُٽ يا ڪنهن ٻئي مناسب وارث کي به جاگير منظور ڪري ڏني ويندي هئي، پر اُن مرداڻي وارث پُٽ يا پاڻتيي جي قبيلي، سنگت يا برادريءَ ۾ عزت ۽ اثر کي ڏٺو ويندو هو، ته اُهي اُن جو ڪيترو حڪم مجين ٿا.

زمينن جو حساب ڪتابَ رکڻ لاءِ سَندن جو حيدرآباد ۾ مرڪزي دفتر جوڙيل هو، جنهن ۾ ديوانَ، عاملَ، منشي وغيره ملازم رکيل هئا. سَندن کي لکڻ لاءِ خاص ڪاتبَ هوندا هئا. گڏوگڏ جعلسازيءَ کي جهلڻ جا ماهر به موجود هوندا هئا، پر لکڻ پڙهڻ جي ڪم تي هندوئن جي اجاريداري هئي. مرڪزي حڪومت ان جو پورو تفصيل

هو، پر هرهڪ گهر جو وڏو انهيءَ ڳالهه ۾ پنهنجي عزت سمجهندو هو، ته جنگي ميدان ۾ منهنجي پٽيان سڀ کان گهڻا پوئلڳ هجن. (8: ص، 202)

پوسٽنس چوي ٿو، ته جيڪڏهن جنگ لاءِ لشڪر گڏ ڪرڻ جو مامرو هوندو هو، ته پيلي اُٺ تي سوار هڪ اوٺي، هڪ نيات کان ٻيءَ نيات تائين ڦرڪو ڏئي، ٻن ٽن ڏينهن اندر ويهه کان ٽيهه هزار هٿياربند فوج گڏ ڪري سگهندو هو. جنگي قاعدو قانون وٽن نالي ماتر به ڪونه ملندو هو، تنهنڪري منجهن جيڪو وڌيڪ سگهارو ۽ سورهيه هوندو هو، سو جنگي سپاهي سمجهيو ويندو هو. (4: ص، 40)

ٽئين قسم ۾ سرڪاري ملازمن کي ڏنل جاگيرون هيون، جن جو تعداد ٿورو هو. سرڪاري ملازم يا ڪنهن رياستي مالياتي عهديدار کي جاري ٿيل سَند ۾ ”انعام جاگير، تلوار جي زور تي پر قلم جي جاکوڙ سان ڏنل.“ لکيل هوندو هو.

ايچ. ٽي. پوسٽن موجب، ٽالپر اميرن، دربار جي پراڻن ملازمن، ۽ آئيءَ ويل ڪم ايندڙ ماڻهن کي به انعام ۾ جاگيرون ڏنيون هيون. (4: ص، 159)

جڏهن ته چوٿين قسم ۾ مذهبي يا خيراتي جاگيرون هيون، پر انهن جي ايراضي گهٽ هوندي هئي. مذهبي خيرات واريءَ جاگير کي سدائين ”مذهبي فرض پورا ڪرڻ ۽ حڪمران جي ڀلائي ۽ برقراريءَ لاءِ دعاگو رهڻ“ جا شرط لکيل هوندا هئا. خيراتَ جاگير، مذهبي گاديءَ جي عهدي يا رُتبي تي مقرر ڪنهن شخص کي ڏيڻ سميت، مختلف درگاهن جي مُجاورن کي سندن سارسنڀال، مسافرن کي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڏني ويندي هئي. هندو مذهبي خيرات به هيون، جيڪي ڌرمشالا يا ٽِڪاڻي لاءِ مليل هونديون هيون. انهن خيراتن ۾ ڄاڻايل شرطن موجب مُجاورن کي دَرگاهن تي ايندڙن يا مسافرن جي ماني، ڪاڌي پيتي، جانورن جي چاري يا مسافرخاني جو انتظام ڪرڻو پوندو هو.

سنڌ ۾ سڀ کان آڳاٽي خيرات جاگير، علي واهڻ جي هئي، جنهن ۾ شهنشاهه علاؤالدين، بکر ۽ روهڙيءَ جي سيدن کي ڊل وٺڻ جي اجازت ڏني هئي، جنهن جي ٻين حڪمرانن جيان ٽالپرن به توثيق ڪئي هئي. جڏهن ته روڪ رقم تي بَدل وظيفي واري سڀ کان آڳاٽي وظيفي جي خيرات ٺٽي جي سيدن جي هئي، جيڪا 968هه ۾ مرزا عيسيٰ ترخان کين منظور ڪري ڏني هئي. انهيءَ ڏس ۾ ياد رهي، ته نادر شاهه، نورمحمد ڪلهوڙي تي مَڙهيل ٻارهن لک پُنگ مان به اِهو وظيفو ڏيڻ جو حُڪم جاري ڪيو هو.

انهن خيراتدارن مان، خيراتدارن جي حڪمرانن سان نيازمنديءَ ۽ لاڳاپن جو پتو

پوي ٿو، جو شهنشاهه علاؤالدين، شهنشاهه شاهجهان، جهانگير، اورنگزيب، اڪبر، سنڌن آيل سپيٽي گورنرَ، محمد شاهه تغلق، شاهه بيگ، مرزا حسن، مرزا عيسيٰ ترخان، نادر شاهه به انهن خيراتن جي توثيق ڪندا آيا. بهرحال، مير فتح علي، سيدن جي خيراتي وظيفي ۾ اڌ حصي جي ڪٽوتي ڪئي، پر پوءِ پوئين اميرن ان خيرات ۾ وري واڌارو ڪيو.

خيراتَ جاگيرون سيدن، مخدومن، پيرن، پيرزادن، درويشن، فقيرن، صوفين، حاجين، مولوين، مُلن، حافظن، مؤذن ۽ قاضين، مُفتين، مُجاورن، جڏهن ته هندوئن ۾ برهمڻن، اُداسين، نانڪ شاهين، ٻاون، ٺڪرن، نانگن، فقيرن، جوڳين ۽ صوفين کي ڏنيون ويندڙيون هيون، پر ڪين ڍل جي ڇوٽ هوندي هئي. ڪي خيراتدار ڪين مليل زمين پاڻ نه پوکيندا هئا. پر هارپ تي ڏئي ڇڏيندا هئا. ۽ رڳو منجهانئس اُپت وٺندا هئا، پر ڪي رڳو ڍل وٺندا هئا. ڪن کي روڪ رقم، جنس يا وظيفو به ڏنو ويندو هو. گڏوگڏ خيراتدارن کي ضلعي ۽ شهري محصول، ڪاڌي پيتي ۽ پوشاڪ وارين شين جي محصول ۾ به ڇوٽ ڏني ويندي هئي، پر پتو پوي ٿو، ته ٽالپر اميرن جي پڇاڙيءَ واري دؤر ۾ ڪجهه خيراتدارن کي ضلعي ۽ شهري محصولن ۽ ڪاڌي پيتي ۽ پوشاڪ وارين شين جي محصول تي ڏنل ڇوٽ ڪي ختم ڪيو ويو هو.

ايچ. ٽي. پوسٽنس چوي ٿو، ته سنڌ جون پليون زمينون، سيدن ۽ پيرن کي انعام جي صورت ۾ سونپيون ويون هيون، منجهانئن ڪي ته اهڙا اثر وارا هئا، جو اهي موڪل بنا ٽالپر ميرن جي حرمن ۾ اندر هليا ويندا هئا. [4: ص، 45] ڪئپٽن ايسٽوڪ چوي ٿو، ته ٽالپر تعليم ڏانهن به ڪنهن قدر ڌيان ڏيندا هئا، ۽ اُهي مدرسن جي عالمن (مذهبي) کي به جاگيرون ڏيندا هئا. [7: ص، 307]

پنجون قسم خريد ڪيل پَٽيداري جاگيرن جو هو، پر اُهي رڳو سکر ۽ شڪارپور ضلعن ۾ موجود هيون، جيڪي اڪثر پٺاڻ يا دُراني حڪمرانيءَ واري دؤر کان وٺي تحويلدارن وٽ هلنديون پئي آيون. هتي پَٽيداري جاگيرن کي سرڪاري محصول کان به گهٽ اڳه يا ٽين پتيءَ تي خريد ڪرڻ مان ذاتي ملڪيت جو تاثر اُڀري سگهي ٿو، پر ائين نه آهي. اصل ۾ اُهي پَٽيداري جاگيرون، ذاتي ملڪيت نه هيون، ۽ نه ئي موروثي هيون. اُهي پَٽيدار، رڳو زمين پوکڻ جو حق خريد ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪين زراعت جي همت افزائي ڪندي، زرعي سڌارا آڻڻا پوندا هئا. پَٽيداريءَ جو باقائدي فرمان منظور ڪري ڏنو ويندو هو. پَٽيدارن کي واهن جي کاتي پاڻ کٽائڻي پوندي

هئي. حڪمران جي خواهش تي آڌارڻ سبب انهن جاگيرن کي به ٻين جاگيرن جيان رد ڪري سگهبو هو. ڪڏهن ڪڏهن پٽيدارن کي فوجي خدمت به ڏيڻي پوندي هئي. بهرحال، ٽالپر اميرن انهن جي توثيق ۾ نرم ۽ معتدل رويي جو اظهار ڪيو ۽ منجهن ڪنهن به قسم جي ڪا ڦيرڦار نه ڪئي هئي.

مير فتح عليءَ پنهنجي دؤر ۾ بلڪل ٿوريون جاگيرون ڏنيون ويون، جنهن مان پائنجي ٿو، ته هن کي اها پڪي پت چاڻ هئي، ته قبيلائي سردارن کي گهڻيون جاگيرون ڏيڻ سان اُهي طاقتور ٿي ويندا. بهرحال، هُن ديراداريءَ جي تحويلدارن کي شهري محصول اوڳاڙڻ جي اجازت ڏيندي، ڪين سَندون ڏنيون هيون ۽ ڪنهن قدر 'سيري' کي جاگيرن ۾ بدلايو هو. جيتوڻيڪ پهرين چؤياريءَ ۾ سائنس گڏ اقتدار ۾ سندس ڀائر مير غلام علي، ڪرم علي ۽ مراد عليءَ به شامل هئا، پر جاري ٿيل سَندن تي رڳو هُن جي ئي مُهر لڳل هوندي هئي.

مير غلام عليءَ پنهنجي دؤر ۾ بلڪل ٿورڙيون جاگيرون منظور ڪري ڏنيون. پر هُن 'سيريءَ' کي جاگيرن ۾ بدلائڻ سميت تحويلدارن کي واڌو تي حصا ويساهيءَ واريءَ زمين جي ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو. هوڏانهن مير ڪرم عليءَ طرفان جاگيرن جي جاءِ تي وظيفا ڏيڻ مان لڳي ٿو، ته قبيلائي سردار ۽ امير گهڻي طاقت حاصل ڪري ويا هئا، جنهنڪري هن جاگيرن جي جاءِ وظيفن ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو، تنهن هوندي به هن ڪجهه جاگيرون ڏنيون هيون. جيتوڻيڪ هن کي سُست ۽ غيردلچسپ حڪمران چيو ويو آهي، پر ائين نٿو لڳي. پائنجي ٿو ته جاگيردارن جو اهڙو طبقو وجود ۾ اچي ويو هو، جيڪو دربار تي وڏيڪ اثرانداز ٿيڻ لڳو هو، جنهنڪري مياڻيءَ کان اڳ ڏنل جاگيرن تي نظر ڊوڙائڻ سان پتو پوندو، ته جاگيردارن جون من مستيون گهڻيون وڌي ويون هيون، جو اهي کلي عام انگريزن سان سازباز ڪندا رهندا هئا، پر حڪمران ٽالپر ڪين ڪا جوڳي سزا ڏئي نه سگهندا هئا.

مير مُراد عليءَ جي مرڻ کانپوءِ، 1833ع ڌاري جاگيرن ۾ عام ۽ وڏي متاستا ٿي، جو ته چؤياري جي ساٿيءَ جي مرڻ کانپوءِ اقتدار ۾ سندن پُٽن کي به شريڪ ڪيو پئي ويو، تنهنڪري هنن جي حصن ۾ آيل علائقن جي ورهاست ۽ متاستا ٿيڻ اٽتر هئي. ورهاست سبب انتظام هيٺ آيل جاگيرون، تحويلدارن کي وري ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويندڀون هيون، جنهن ڪري آقا ۽ تحويلدار جاگيردار جي ناتن ۾ ڦيرو ايندو هو. اهڙيءَ ريت رڳو هڪڙيءَ مُند ۾ هيٺين درجي جي سردارن وارين جاگيرن جا پنجهتر سيڪڙو حصا بدلجي ويندا هئا.

پهرين ڇوياريءَ ڪانپوءِ ٻيءَ ڇوياريءَ ۾ وڌيل پائيوار اقتدار سبب، اقتداراعليٰ نہ هوندي، دربار ۾ هڪبئي کي مات ڏيڻ ۽ ساز توڙ ڪيني جون ڪارروائيون وڏي سطح تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هرڪو ٽالپر امير پنهنجي طاقت ۽ اختيار وڌائڻ لاءِ، پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ بااثر قبيلائي سردارن ۽ شخصن کي پنهنجي ملازمت ۾ آڻي، کين جاگيرون ڏيڻ لڳو هو. انهيءَ ڳالهہ کان هرڪو سردار واقف هوندو هو، تنهنڪري هو مالي فائدا ماڻڻ لاءِ، ڪنهن ٽالپر امير جي ملازمت مان نڪرڻ ۽ جاگير کان محروم ٿيڻ تي، ٻئي ٽالپر امير جي ملازمت ۾ هليو ويندو هو، جوتہ ڪيس پڪ هوندي هئي، تہ اڳوڻي ۽ هاڻوڪي ٽالپر امير وچ ۾ اٽڪٽ سبب ڪيس ضرور چڱي جاگير ملي ويندي. هتي اها ڳالهہ ڌيان ۾ ويهارجي، تہ جاگيردار کي ملازم سمجهيو ويندو هو.

حڪومت طرفان کهڙي بہ قسم جي جڏهن ڪنهن قبيلائي سردار، سرڪاري ملازم، پٽيدار ۽ خيراتدار کي ڪا جاگير ڏني ويندي هئي، تہ ان جو باقائدي فرمان جاري ٿيندو هو، جنهن تي بادشاهہ جي مُهر لڳل هوندي هئي، تہ جيئن ان جي قانوني حيثيت ٿي وڃي. جڏهن حڪومت ڪنهن کي جاگير ڏيندي هئي، تہ ان جا بہ مقصد هوندا هئا: هڪڙو تہ هو حڪومت لاءِ جيڪا خدمت انجام ڏيندو، تنهن جي معاوضي طور ڪيس زمين ڏني وڃي، تہ جيئن هو ان جي آمدنيءَ جو حقدار ٿئي. ٻيو اهو تہ جڏهن ڪنهن خاندان جي مستقل آمدني هوندي، تہ ان سان منجهس تحفظ جو احساس ٿيندو ۽ گهٽي دلچسپيءَ سان حڪومت سان ساٿ نڀائي سگهندو. دائمي آمدني سبب ان سردار جي سماجي حيثيت انهن ٻين گروهن کان وڌي ويندي هئي، جيڪي آمدني سببان عدم تحفظ جو شڪار رهندا هئا. گڏوگڏ زمين ۽ سندس آمدني سان ڳنڍيل سردار جو تعلق، سياسي طور اقتدار ۽ حڪومتي طاقت سان ٿي ويندو هو ۽ ائين اُهو حڪمران ۽ ان جي مفادن جو سڀ کان وڏو محافظ بڻجي ويندو هو.

ٽالپر اميرن، طرفان قبيلائي سردارن کي ڏنل زمينون رڳو سندن ذاتي ملڪيت طور نہ، پر سندن سنگت ۽ پوري قبيلي جي ماڻهن لاءِ ڏنيون ويندڻيون هيون، جَن تي انهن جو بہ اوترو ئي حقَ هوندو هو، جيترو قبيلائي سردار جو، جوتہ قبيلائي سردار جي اصل طاقت، قبيلي جا ماڻهو ئي هوندا هئا، جيڪي نہ رڳو ڪُرمت ڪندا هئا، پر وقت اچڻ تي اُهي هاري فوجي خدمتون بہ انجام ڏيندا هئا. تنهنڪري ڏٺو وڃي، تہ سنڌ ۾ هارين جو استحصال نہ ٿيندو هو، بلڪ برادري يا ذات جو ٿيندو هو، جوتہ اُهي سڀئي گڏجي پوک ڪندا هئا، منجهن پائيچاري (قوميت) جو تصور موجود هوندو هو.

رياست وڏيڪ مقدار کي محصولن جي صورت ۾ وٺندي هئي، ڇوته اها آبپاشي سرشتي تي ضابطو رکندي هئي. ڏنو وڃي، ته سنڌ جي سماج، ڳوٺ جي برادريءَ، قبيلائي سردارين جي مطلق العنانيت ۽ نجي ملڪيت ۾، وقت سان گڏوگڏ تبديليون آيون. سڀ کان پهرين برادري زمين تي پوک ڪندي هئي، پوءِ اها پوک انفرادي ڪُڙمت ۾ بدلجي وئي، ۽ رياست طرفان ڊل ۾ واڌارو ڪيو ويو ۽ پيداواري شيون، منڊيءَ ۾ گردش ڪرڻ لڳيون.

حڪمران جي خوشنوديءَ سان اُها جاگير پيهر به منظور ڪري ڏني ويندي هئي، يا ان جي توثيق ڪئي ويندي هئي. جاگيردارَ کي اهو حق نه هوندو هو، ته هو ان زمين کي وڪڻي يا ٺيڪي تي ڏئي، تنهن هوندي به ڪجهه جاگيردار غيرقانوني طور ٺيڪي تي اها زمين ڏيندا هئا ۽ نه ئي هو ان کي پنهنجي وصيت ۾ شامل ڪري سگهندو هو. هن جا هارين تي ڪي به سياسي، عدالتي يا ذاتي اختيار نه هوندا هئا، ڇوته اُهي حڪمران جي رعيت هوندا هئا ۽ ان سان وفادار هوندا هئا. سماج ۾ جاگيردار جو رُتبو ان جي زمين سان نه ٺهندو هو، پر ان جو تعين هن جي منصب، عهدي، فوجي حيثيت ۽ حڪمران سان سندس ناتن سان ٺهندو هو.

حڪمرانن کي مختلف علائقن ۾ امن قائم رکڻ ۽ محصولَ وٺڻ لاءِ فوجي طاقت جي گهُرج هوندي هئي. حڪمران لاءِ اهو ڏکيو هوندو هو ته مرڪز ۾ رهندي ڦهليل علائقن تي ضابطو رکي سگهي، تنهنڪري هو انهن علائقن ۾ ڪڏهن اوچتو شڪار جي بهاني وڃي مٿن ڪڙڪندو هو. هو انهن علائقن کي مختلف پرڳڻن ۾ ورهائي، اُهي پنهنجي سرڪارن عهديدارن ۽ فوجي سردارن کي ڏئي ڇڏيندو هو، جيڪي جاگير جي آمدني عيوض ان جي فوجي خدمت ڪندا هئا، ۽ ان سان وفادار رهندا هئا. تنهنڪري جڏهن ٽالپر امير اقتدار ۾ آيا، ته هنن انهن جاگيردارن کي رهڻ ڏنو هو، جن ساڻس سهڪار ڪيو هو، پر جن قبيلن، ڪلهوڙن سان ساٿ ڏنو هو، تن جون زمينون ڦُريون ويون، پر سندن اقتدار کي مجيندڙ نومڙين، جوکين، ڪرمتين، ابڙن ۽ ٻين قبيلن جون زمينون هنن برقرار رکيون هيون، ۽ ڪين ٻين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ڇوٽ به ڏني هئي.

ڪجهه مؤرخن جو ويچار آهي، ته ٽالپر دؤر ۾ فوجي- جاگيردارَ رڳو پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ پنهنجي جائيداد ۽ رعايت کي باقي رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، پر ان دؤر جي حالتن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان مٿيون ويچار غلط ثابت ٿئي ٿو، ڇوته تڏهن فوجي- جاگيردارَ جيڪو قبيلائي سردار به هوندو هو، تنهن جي آڏو ذاتي فائدو نه، پر پنهنجي

قبيلي جو مفاد هوندو هو. هن کي انهيءَ ڳالهه جي پروڙ هوندي هئي، ته سندس جاگيردار ۽ درٻاري امير جي حيثيت، فوجي خدمتن سان مشروط آهي. جيڪڏهن هو مليل جاگير ۾ قيرقار يا سنگت يا هارين سان ڦتائيندو، ته قبيلي جا ماڻهو، جيڪي سندس اڳواٽيءَ ۾ جنگ ۾ حصو به وٺندا هئا، اُهي ڪانئس ناراض ٿي ويندا ۽ سندس حُڪم نه مڃيندا، جنهنڪري قبيلي ڪانسواءِ سندس ڪا حيثيت نه رهندي. گڏوگڏ اهو به انومان لڳائي سگهجي ٿو، ته هن جي آڏو حڪومت تان لاٿل لوهاڻن، سومرن ۽ سمن جا مثال به سامهون هئا. پتو پوي ٿو، ته سنڌ جي تاريخ ۾ ٻين ملڪن جي تاريخ جيان، اهو رواج رهيو آهي، ته اقتدار ۾ ايندڙ حڪمران، اڳوڻي حڪمران قبيلي توڙي سندن حمايتن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا هئا. انهن کي سرڪاري عهدن تان هٽائڻ ۽ سندن زمينون کسڻ سميت کين معاشي طور ڪنگال ۽ سماجي طرح ذهني ڏيوالي ڪڍڻ لاءِ متن ڳرا شرط مڙهيندا هئا. (18: ص، 65)

ٽالپر دؤر ۾ مرداڻو سماج هو، جنهن ۾ اڪثر جاگيرون مردن کي ملنديون هيون، پر اسان کي پتو پوي ٿو، ته ٽالپر اميرن جي عورتن جي تحويل ۾ به ڪجهه جاگيرون موجود هيون. انهيءَ ڏس ۾ اسان کي ڪئپٽن ايسٽوڪ ٻڌائي ٿو، ته مير ڪرم علي خان جي گهر جي معزز عورتن وٽ به ڪجهه جاگيرون هيون، جن کي سندن گهرن سميت سرچارلس نيپيئر ڪانئس کسي سرڪاري تحويل ۾ ورتو هو. (7: ص، 346-345)

ٽالپر امير، قبيلائي سردارن ۽ نوابن کي جاگيرون ڏيڻ سميت پنهنجي ڪجهه سرڪاري ملازمن ۽ ٻين ننڍي حيثيت رکندڙن کي به جاگيرون ڏيندا هئا. منجهانئن اڪثر ايتريءَ گهٽ زميني ايراضين جا تحويلدار به هوندا هئا، جن جي ماهوار آمدني ٽيهه رپيا مس هوندي هئي، جڏهن ته ڪجهه جاگيردارن جي ماهوار آمدني هزار رپين تائين به هوندي هئي.

ٽالپرن جي دؤر ۾، سنڌ ۾ جاگيردار طبقو، دائمي، پائيدار ۽ جٽادار نه هوندو هو، جو ته منڪمرڊو موجب، کين ڏنل زمينون موروثي ۽ ذاتي ملڪيت نه هونديون هيون، ۽ کين ڏنل جاگيرن جي ايراضيءَ ۾ گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي هئي. حڪمران پنهنجي مرضيءَ موجب جاگيردار رکندا هئا. هڪ سال جي ٿوري عرصي ۾ ڪيترن ئي جاگيردارن جون هيڏي هوڏي بدليون ڪندا رهندا هئا. (12: ص، 48-47) ڪنهن به جاگيردار کي مستقل طور ساڳئي علائقي ۾ جاگير نه ڏني ويندي هئي. مير غلام عليءَ جي دؤر ۾ انهن جاگيرن جي علائقن ۾ لڳاتار قيرقار ٿيندي رهندي هئي، ته جيئن اُهي طاقتور نه ٿين. قبيلائي سردارن کي اڪثر جاگيرون انهن علائقن ۾ ڏنيون

وينديون هيون، جتي سندن قبيلي جا ماڻهو رهندڙ هوندا هئا، ڇوته ايئن انهن کي زمين پوکڻ لاءِ پنهنجا هاري به ملي ويندا هئا.

پوسٽنس چوي ٿو، ته ٽالپر امير، جن ماڻهن کي جاگيرن جون سهوليتون ڏيندا هئا، تن لاءِ رڳو اهو ضروري هوندو هو، ته ٻارهين مهيني دربار ۾ اچي سلام پيرين ۽ مليل پروانن يا سَندن کي نئون ڪرائين. اهڙيءَ ريت ٽالپر امير انهن ماڻهن کي مليل سَندون ڏسي واپس ڪندا هئا يا وري روڪي ڇڏيندا هئا. (4: ص، 159) هو اڳتي لکندي چوي ٿو، ته جيڪڏهن اهڙين سَندن جو مالڪ، سائين سُنو نه هليو هوندو يا اوڙي پاڙي سان ڪُونس ڪندو هو، ته پروانا يا سَندون ضبط ڪيون وينديون هيون. جيڪڏهن اصلي ماڻهو مري ويندو هو، ته سندس اولاد کي اها سَند بحال نه ڪرڻ تائين ڇاٽايل سَند رد سمجهي ويندي هئي. انعامي ۽ شرطي جاگيرن ۾ ٿورڙو فرق هوندو هو، ڇوته انعامي جاگير لاءِ وارث ڪا دعويٰ نه ڪري سگهندا هئا، جو انعام جاگير ۾ ڪنهن به محصول ڏيڻ جو ڪو شرط نه هوندو هو، جڏهن ته شرطي جاگير ڏيڻ جو مُدو مقرر هوندو هو ۽ اها ڍل ڏيڻ جي شرط سان ڏني ويندي هئي. (4: ص، 159) اهڙيءَ ريت منڪمر ڊو موجب، حڪومت جاگيردارن کي اهي حق ڏنا آهن، ته جيستائين اُهي سرڪار ۽ دربار جا نمڪ حلال رهندا (12: ص، 36)، تيستائين سندن تحويل ۾ اُهي جاگيرون رهنديون.

حڪمران امير جڏهن ڪنهن امير، سردار يا ڪنهن شخص کي ڪا جاگير منظور ڪري ڏيندا هئا، ته اُن جي باقائدي سَند جاري ڪئي ويندي هئي، ۽ اُن تي باقائدي مُهر لڳل هوندي هئي، ته جيئن اُن جي حيثيت قانوني ٿي وڃي. انهن سَندن کي حفاظت سان رکڻ لاءِ مکيه دفتر قائم ٿيل هو، جيڪو حيدرآباد ۾ هو. جاري ٿيل سَند کي تحويلدار طرفان پاڻ وٽ سنڀالي رکڻ ضروري هوندو هو. سَند ۾ تحويلدارن جا نالا، زميني ايراضي، سندن حصا ۽ ٻيا ضروري شرط ڄاڻايل هوندا هئا. پر ڪنهن به جاگير جو ڪو تحويلدار، پائيوار يا برادري، اُن زمين کي نه وڪڻي سگهندي هئي ۽ نه ئي ڪين اُن زمين کي گروي رکڻ جي اجازت هوندي هئي.

جاري ٿيل سَندن ۾ جاگيرن جي ڄاڻايل علائقن بابت شرط محدود هوندا هئا، ۽ منجهن اڪثر 'فصل به فصل' ۽ 'نئين حُڪم جي گهُرج ڪانسواءِ' لکيل هوندو هو. سَند جو اصل مَتن ته دفتر ۾ رکيو ويندو هو، پر اُن جا ٻيا نقل ٿاهي، منجهانئن هڪڙو نقل جاگيردار کي ڏنو ويندو هو، ۽ ٻيو نقل جاگير واري علائقي سان لاڳاپيل ڪاردار ڏانهن موڪليو ويندو هو. ٽالپر اميرن جي مُهر سان جاري ٿيل سَند ۾ جاري ڪندڙ ٽالپر امير جو نالو، تاريخ (سنڌي)، زميني ايراضي، جاگير جو نمونو، جاگيردار يا پائيوارن

جا نالا ۽ سندن ذات، جنهن مُند کان اها سَند ڪارگر ٿيندي، ايراضيءَ جي ماضيءَ ۾ حالت، ورتي ويندڙ محصول جا نمونا ۽ سرڪار جي خدمت لاءِ سدائين تيار رهڻ جا شرطَ لکيل هوندا هئا.

سنڌ ۾ ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ جاگيرون موروثي نه هونديون هيون، پر تحويلدار جي وفات يا ڪنهن ٻئي موقعي تي منجهن تخفيف ڪئي ويندي هئي، يا ڪين سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو هو، يا وري سندس وارثن وٽ اُها جاگير ڪجهه شرطن جي بنياد تي رهڻ ڏني ويندي هئي، پر منجهانئس تخفيف ضرور ڪئي ويندي هئي ۽ اُن جي باقائدي ٻيهر سَند جاري ڪئي ويندي هئي. جڏهن ته جاگيردار به جاگيرن جي تبديليءَ جا خواهشمند هوندا هئا، ته ڪين ويساهي يا نوبت واري زمين ملي، جيڪا پلي زمين سمجهي ويندي هئي. تنهن دؤر ۾ سنڌ ۾ وسيلا گهٽا ۽ آبادي گهٽ هوندي هئي، جنهنڪري زمينون پوکڻ کان رهجي ويندڙيون هيون، ته اهڙين غيرآباد زمينن کي ويساهي يا نوبت واري ايراضيءَ چيو ويندو هو. اهڙين ويساهيءَ وارين زمينن کي پوکڻ کان آجيون ڏسي، انگريز سياحن (جاسوسن) ڏوکو ڪائيندي چيو هو، ته سنڌ ۾ زراعت تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي، ۽ سنڌي سُست آهن.

جيتوڻيڪ ناقبولي يا لادعويٰ سموريون ايراضيون، رياست يا سرڪار جي ملڪيت سمجهيون وينديون هيون، ۽ جاگيرن جو نجي ملڪيت ۾ هجڻ جو تصور نه هو، پر مليل جاڻ مان پتو پوي ٿو، ته چؤياري ٽالپر اميرن جي ملڪيت موروثي هوندي هئي، جو منجهانئن ڪنهن امير جي مرڻ ڪانپوءِ، هن جي جاگيرن واريءَ وراثت سندن پُٽن ڏانهن منتقل ٿي ويندي هئي، ۽ اُهي ڪين مليل جاگيرون وري پنهنجي پسنديده سردارن يا ٻين ماڻهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، تنهنڪري انتظامي سرشتي سميت وفاداريون به بدلجنديون رهنديون هيون.

جاگيرون موروثي نه هئڻ سبب، جاري ٿيل سَندن ۾ جاگيردارن جي وارثن يا پُٽن جا نالا نه ڄاڻايا ويندا هئا. جاگير، جاگيردار جي طاقت ۽ اهليت جي بُنياد تي ڏني ويندي هئي، پر ڪي قبيلائي سردار، خاص ڪري اهڙي ڪوشش ڪندا هئا، ته ڪين مليل جاگير سندن مُئي پڄاڻان سندن پُٽن جي تحويل ۾ سنڀالڻ ۽ پوکڻ واري حقَ لاءِ ڏئي سهي، اُها ايراضي وري ٻيهر منظور ٿي ملي. پر ٽالپر امير، موروثي جاگيرون منظور ڪرڻ واري عمل کان نٽائيندا هئا، ڇوته ڀانئجي ٿو، ته ڪين اهو خدشو هوندو هو، ته جيڪڏهن ڪا جاگير موروثي طور ڏني وئي، ته پوءِ اُن سردار يا تحويلدار جي سياسي توڙي اقتصادي طاقت ۽ عوامي اثر وڌي ويندو.

جاگيردار جو وڏو حصو، تورڙن سرڪاري ملازمن، خيراتدار ۽ ٻين کي ڇڏي، درٻاري امير هوندو هو، جن جو سياسي اثر به هوندو هو. اُهي ملڪي پاليسين تي باقاعدي اثر انداز به ٿيندا رهندا هئا. هنن جي ڪنهن به مامري ۾ ڏنل اڪثريتي راءِ کان، ٽالپر امير به نٽائي نه سگهندا هئا. انهيءَ جو مثال اهو آهي، جو ٽالپر اميرن، عوامي مفادن جي ابتڙ انگريزن سان ڪيل ڪجهه معاهدن کي منسوخ به ڪيو هو.

ٽالپر حڪومت دؤران، سنڌ ۾ جاگيرداري- غلاميءَ جو ادارو موجود نه هو. عام واهپي، دستڪاري ۽ صنعتي شيون ٺاهيندڙن جون جماعتون (گلڊ) هونديون هيون، جيڪي پنهنجي مسئلن جي سُلجهائڻ يا ساڻن ٿيندڙ ناانصافيءَ خلاف احتجاج ڪنديون هيون ۽ هڙتال ڪندي، دڪان بند ڪنديون هيون. جڏهن ناؤنمل هوتچند جي پيءُ کي ڪن فرقيوارَ مُلن جي سهڪار سان اغوا ڪيو ويو هو، ته واپاري ۽ وچئين طبقي احتجاج ڪندي، پنهنجا دُڪان بند ڪيا هئا، جو نيٺ حُڪمران ٽالپرن مجبور ٿي، ناؤنمل جي پيءُ کي هٿ ڪرايو هو.

ٽالپر اميرن، نومڙين ۽ جوکين سردارن، جن وٽ ڪلهوڙن جي دؤر کان وٺي جاگيرون تحويل ۾ هيون، تن سان خاص رعايت ڪندي، ڪين سندن تحويل ۾ رهڻ ڏنو هو. نومڙيا سردارَ کي ڪراچي ۽ سيوهڻ وچ ۾ ايندڙ تورڙي ويندڙ مالَ تي 'نَٽ' وٺڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، ۽ اُهي ٻين مختلف قسمن جا محصول به وٺندا هئا. اُهي ڪنهن قدر پنهنجي اختيارن ۾ خودمختيار هوندا هئا.

جاگير ۾ زمين پوکڻ جي حقن ۾ سنگت/ برادريءَ ۽ پائيواري شامل هوندي هئي، جنهن سبب اها زمين يا سندن پيداوارَ سنگت يا پائيوارن منجهه سندن حصن موجب ورهائي ويندي هئي، پر ڪي چالاڪ ۽ شرير سردار، نواب يا تحويلدار، ڪمزور سنگت يا پائيوار جو حصا ڦٻائي ويندا هئا. تنهنڪري جڏهن به ڪنهن پائيوار يا حصيدار سان ڪا زيادتي ٿيندي هئي، ته اُهو اُن تحويلدار جي زيادتين خلاف مٿي پُڪارڻ ۾ دير ئي نه ڪندو هو ۽ پوءِ سرڪاري عملدارن جي موجودگيءَ ۾ وري ٻيهر زمين جي ورهاست ٿيندي هئي. اهڙيءَ ريت وڌيڪ زمين ڦٻائيندڙ ۽ تحويل ۾ رکندڙ تحويلدار تي ڏنڊ مڙهيو ويندو هو ۽ سزا طور سندس زمين جو ڪجهه حصو ضبط به ڪيو ويندو هو.

ڪي جاگير ڪين ڏنل ايراضيءَ کان وڌيڪ زمين ڦٻائڻ لاءِ سَندن ۾ ڦيرڦار به ڪندا هئا. رچرڊ برٽن چوي ٿو، ته سَندن ۾ جعلسازي ڪرڻ ۽ مهرون ٺاهڻ، سياسي ڏوهه ليکيا ويندا هئا. انهن جي سزا ڏنڊ، جيل يا ڦٽڪا هوندي هئي. (8: ص، 180)

هو وڏيڪ چوي ٿو، ته سيدن ۽ پيرن کي ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ به وڏيون جاگيرون انعام ۾ مليون هيون، پر جڏهن ٽالپرن زور ورتو، تڏهن پيري- مريديءَ جي سلسلي کي گهڻو نقصان پهتو، جوته حاڪم پاڻ به پنهنجي علمي لياقت تي فخر ڪندا هئا. (8: ص، 197) سرڪاري ڪاتن ۾ نوڪريون ڪندڙ ملازمن کي به جاگيرون ڏنيون وينديون هيون. انهيءَ ڏس ۾ پائنچي ٿو، ته اُهي شايد ڪين پگهار جي جاءِ تي ڏنيون وينديون هيون.

ٽالپرن اميرن پنهنجي دؤر ۾ حيدرآباد دربار جي اثر وارن علائقن ۾، خيرپور ۽ ميرپور ڪانسواءِ، اٽڪل پندرهن هزار انفرادي يا اجتماعي تحويلدارن ۾ ويهه لک ايڪڙ زمين ورهائي ڏني هئي. انهن جاگيرن جو تسلسل، عام طور حڪمرانَ ۽ تحويلدارن وچ ۾ لاڳاپن جي ڪيفيت تي هوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن امير جو دربار ۾ وڏيڪ اثر هوندو هو، يا منجهانئس حڪمران امير خوش هوندا هئا، ته جاگير جي برقراري جاري رهندي هئي، پر اِهو ورلي ئي ٿيندو هو، جو ڪڏهن ڪنهن ڏنل جاگير کي واپس سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو هجي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن تحويلدار کي واسطيدار ٽالپر اميرَ جي ناراضگيءَ جي ڪڙڪ پوندي هئي، ته هو سفارش ڪرائي به جاگير پاڻ وٽ رکڻ جا حيلا هلائيندو هو.

حڪومت طرفان نوابن، سردارن ۽ اميرن کي جاگير طور زمينون ڏيڻ سميت 'رعيتي زمينون' به هونديون هيون، جن تي مقامي عام ماڻهن يا ڳوٺاڻن جو حق هوندو هو. اُهي اُن زمين کي پوکڻ عيوض سرڪار کي ڪجهه ڍل ڏيندا هئا، ۽ ورلي فوجي خدمت به ادا ڪندا هئا. رعيتي زمين به نجي يا ذاتيءِ ملڪيت نه هوندي هئي، پر اُن زمين جو قبضو، پوکيندڙ هارين وٽ سالن کان هلندو ايندو هو، تنهنڪري اُهي زمينون سندن ذاتي ملڪيت تصور ٿينديون هيون. هاري اُها رعيتي زمين وڪڻي نه سگهندا هئا، پر وٽن ان زمين جو قبضو ٻئي هاريءَ کي ڏيڻ جي مُختياري هوندي هئي. رعيتي زمين به جاگير واريءَ ايراضيءَ جيان سنگت لاءِ هوندي هئي، ۽ منجهس پائيواري ۽ حصيداري هوندي هئي، پر سرڪار، اُن زمين ۾ جاگير وارين زمينن جيان هٿ چُراند نه ڪندي هئي، ۽ نه ئي اُها زمين ڪنهن کي منظور ڪري ڏني ويندي هئي.

ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ دائمي جاگير ڏيڻ جو رواج نه هو، پر انهن جي تحويلدارن ۾ وقفي وقفي سان ڦير گهير ٿيندي رهندي هئي، تنهنڪري ٽالپر دؤر ۾ بلڪل ٿورڙيون اهڙيون جاگيرون هيون، جي سٺ سال آڳاٽيون هيون، نه ته اڪثر اهڙيون جاگيرون هيون، جن جو عرصو مشڪل سان ويهه يا ٽيهه سال ئي هو. اُهي جاگيرون اڪثر مددِ

معاش يا خانداني گذران لاءِ ڏنيون ويندڙيون هيون. معلوم ٿئي ٿو، ته فيبروري 1843ع تائين اهڙيون تمام گھڻيون جاگيرون هيون، جن ۾ ٿورڙي عرصي ۾ ڇهه پيرا مٽاسٽا ڪئي ويئي هئي.

قبيلائي سردارن کي شهر ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ واپاري مالَ يا شين تان محصول وٺڻ جا اختيار ڏنا ويندا هئا. ۽ اهڙن اختيارن لاءِ به سَند جاري ڪئي ويندي هئي. هتي اها ڳالهه ذهن ۾ اچي سگهي ٿي، ته تحويلدار محصول پنهنجي ذاتي پسند يا خواهش موجب وٺندو هو، پر ائين نه هو. هن کي محصول ذاتي پسند موجب نه، پر سرڪار جي مقرر ڪيل اگهن موجب وٺڻ جي اجازت هوندي هئي. واپاري سامان جي هڪ ريٽي تان ورتل اڌ پائي جي نتيجي ۾ جاگيردار، شهر مان محصول وٺڻ لاءِ مقرر سرڪاري اهلڪارن ۽ حفاظت لاءِ مقرر ”چونڪي“ يا پوليس کي پگهار به ڏيندو هو.

جاگيردار جو بنياد، باهمي تعلقاتن ۽ وفاداريءَ تي بَدل هوندو هو. هاري سردار لاءِ فوجي خدمتون ڏيندو هو، تنهنڪري ان جي عيوض هو سندس قبيلي جي هارين کي موروثي پوکڻ لاءِ ڏئي ڇڏيندو هو. اهي موت ۾ ڪجهه ڍل ڏيندا هئا. سردار هارين جي اهميت سبب بيدخليءَ کان انڪار ڪندو هو. ٽالپر دور ۾ جاگيردارن کي سندن علائقن ۾، جتي سندن قبيلو رهندڙ هوندو هو، جاگيرون ڏنيون ويندڙيون هيون، جنهنڪري هو زمينن جو بهتر انتظام، وصولي، پوکي ۽ ڪري سگهندو هو.

جاگيردارن کي پنهنجي تحويل ۾ موجود علائقائي يا جاگيرن ۾ سرڪار جي جوڙيل قانونن جو پابند رهڻو پوندو هو. هنن وٽ ڪي به قانون کان مٿانهان اختيارَ ۽ طاقت نه هوندي هئي. ڪنهن به جاگيردار کي پنهنجي لاءِ ڪا خاص فوج رکڻ يا دربار ڪوٺائڻ جو حَق نه هوندو هو.

جاگيردار پنهنجي علائقي ۾ سرڪاري قانون موجب فيصلا ڪرڻ ۽ پاڙيسري راڄن ۾ ڦورو يا چورن کي جهلرائڻ يا ڪين نيڪالي ڏيڻ جو به پابند هوندو هو. پر ڪجهه مثالن مان معلوم ٿئي ٿو، ته ڪي جاگيردار ان ڏس ۾ ڇڙواڳ بڻجي ويا هئا. جيڪي پنهنجي خواهش ۽ مفادن موجب مامرا اُڪلائيندا ۽ فيصلا نبيريندا هئا. تنهنڪري پاڻنجي ٿو، ته سرڪار عملدارَ به انهن ڪُڌن ۾ ساڻن ضرور شامل هوندا.

هوڏانهن اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته جاگيردارن کي جيتوڻيڪ پنهنجي علائقن ۾ جهيڙي نبيري ۽ ڏوهن جي روڪٿام جا اختيارَ مليل هوندا هئا، پر ڪين ايڏي به ڇوٽ نه هوندي هئي، جو اُهي پنهنجي مرضيءَ موجب سڀ ڪجهه ڪندا رهن، ڇوته انهن کي ڏوهن ۾ ملوث هئڻ سبب، مناسب سمجهندي گرفتار به ڪيو ويندو هو. جاگيردارن

طرفان ڏوهارين جي سرپرستي ڪندي، پاتوت چورن کي ويهارڻ جا مثال به سامهون اچن ٿا. پر انهن چورن ۽ ڏوهارين کي، جاگيردارن کي ٻڌائڻ ڪانسواءِ، سنڌن زمينن تي سرڪاري ڇاپا هڻي، جهليو به ويندو هو. ٻئي پاسي، جاگيردار چورايل مال جي واپسيءَ لاءِ ڪوششون به وٺندا هئا، ۽ چورايل مال، متاثر ڌُر کي واپس ملڻ تي، ڪيس مالڪ کان ”چوٿائي يا چُنگي“ ملندي هئي. جڏهن ته ڪنهن به جاگيردار کي، ڪنهن مُخاديم کي زمين تان بيدخل ڪرڻ يا حڪومت جي رٿيل ڍل کان وڌيڪ ڍل وٺڻ جي اجازت نه هوندي هئي.

پوسٽنس چوي ٿو، ته چورن جا پير جيڪڏهن اچي ڪنهن ڳوٺ وٽ کُٽندا هئا، ته چوريءَ جو جوابدار اهو ڳوٺ سمجهيو ويندو هو. ماڻهو يا پاڳيا ميڙ ڪري جاگيردار- زميندار، ڳوٺ جي پريي مڙس يا وڏيري تي زور بار وجهندا هئا، ته پيرا ڪڍي ڏئي. جيڪڏهن پيرا ٻئي پاسي نه نڪرندا هئا، ته جاگيردار- زميندار کان چٽي ڀرائي ويندي هئي. (4: ص، 168)

جاگيردارَ پنهنجي جاگيرن جي علائقن ۾ ڪنهن قدر ديواني ۽ فوجداري مامرن جا فيصلا ڪندا هئا. ننڍي پيماني جا ديواني مامرا پاڻ يا وري سندس ڪو نمائندو اُڪلائيندو هو. جيڪڏهن هو جاگيردار، قبيلائي سردارَ يا وڏيرو هوندو هو، ته ماڻهو عام طور فيصلا نبيرڻ لاءِ وٽس ڪٺي ايندا هئا. جيڪڏهن ڪو فوجداري مامرو سرڪاري مداخلت جي نوعيت جو هوندو هو، ته هو اهو فيصلو ڪندو هو. اسلامي مذهب سان لاڳاپيل مامرا نبيرڻ لاءِ قاضي مقرر هوندا هئا. هندو يا سک مذهب جا ماڻهو، فيصلا پنهنجي پنچائتن ۾ ڪندا هئا، جنهن جو اڳواڻ مُکي يا پَٽيل هوندو هو. جڏهن ته رعيتي ڳوٺن ۾ ڇيڙي نبيري جا مامرا عام طور ڳوٺ جو وڏيرو يا ڪو چڱو مُڙس ئي اُڪلائيندو هو. پر ديواني مامرن ۾ ٽالپر امير تڏهن مداخلت ڪندا هئا، جڏهن ڪا متاثر ڌُر اپيل ڪندي هئي، نه ته اُهي هروڀرو مامرن ۾ نه اُلجهندا هئا. جڏهن ته قتل جي ڏوهه کي رياستي ڏوهه سمجهيو ويندو هو، تنهنڪري رچرڊ برٽن موجب، موت جي سزا ڏيڻ وارو مامرو، ٽالپر اميرن جي اختيارَ ۾ هوندو هو. (8: ص، 180)

مقامي معيشت لاءِ ميلا اقتصادي طور اهم هئڻ سميت عام ماڻهن لاءِ وندر جو اهم ذريعو به هئا. جاگيردارن پنهنجي تحويل ۾ آيل ايراضين وارن علائقن ۾ ميلا لڳرائيندا هئا، جيڪي سندن آمدنيءَ جو اهم وسيلو بڻجي ويا هئا. پر ميلي جو انتظام سرڪار سنڀاليندي هئي. اُتي پوليس مقرر ڪئي ويندي هئي، پر سندن خرچ، جاگيردار ڀريندو هو، جيڪو ميلي مان ٿيندڙ آمدنيءَ جو وڏو حصو به کٽندو هو.

هتي اها ڳالهه به ڄاڻائڻ ضروري، ته ٽالپر اميرن جي دؤر کان اڳ ۽ ڪنهن قدر ان دؤر ۾ به قبيلائي سردار جو عهدو موروثي نه هوندو هو. پر ان عهدي ۾ ڦيرڦار ٿيندي رهندي هئي. سردار مقرر ڪرڻ جو آڌار ان شخص جي بزرگي، ذهني ڏاهپ، سورهيائي ۽ قبيلي جي تحفظ لاءِ ورتل ڪوششن تي هوندو هو. انهيءَ ڏس ۾ چار چڱا يا معزز شخص، پاڻ ۾ گڏجي، اتفاقي راءِ سان ڪنهن کي سرڌار چونڊيندا هئا. سردار چونڊڻ جي باقائدي رسم ادا ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ ٻين قبيلن جا سردار، راڄن جا وڏيرا ۽ چڱا مڙس ان نئين سردار کي مبارڪون ڏيندا هئا ۽ پڳ ٻڌرائيندا هئا. ان موقعي تي دُعا گهرائي، شاندار دعوت به ڪئي ويندي هئي، ۽ خاص توڙي عام ماڻهن کي ماني کارائي ويندي هئي. بهرحال، ان موضوع تي وڌيڪ کوجنا جي گهُرج آهي

ٽالپر دؤر ۾ جاگيردارن ۾ گهٽين شادين ڪرڻ جو چڻ 'رواج' بڻجي ويو هو، جنهنڪري سندن اولاد به گهٽو ٿيندو هو. منجهن تعليم گهٽ هوندي هئي، پر پوءِ به پنهنجي اثر سبب، خاندان جي فرد کي ڪنهن نه ڪنهن عهدي تي مقرر ڪيو ويندو هو. اُهي پنهنجي جاگيرن تي، پنهنجي خاندان جي ڪنهن به فرد کي، سرڪاري ملازم طور ڪاردار مقرر ڪرڻ جا مجاز هوندا هئا. سرڪاري ملازمت ۾ شامل ٿيندي به، پڙهيل نه هئڻ سبب، سندن ڪم ڪار اڪثر ڪو هندو مُنشي ڪندو هو.

هوڏانهن ٿرپارڪر جي جاگيردارن جي حيثيت، ڪنهن قدر خودمختيار، پر نومڙين جي مَلڪ سردار جهڙي هئي. هنن سردارن کي ڏل، ايندڙ ويندڙ واپاري مال تي سُنگ ۽ شهري محصول به وٺڻ جو حق مليل هوندو هو. گڏوگڏ اُهي گوچر محصول سميت شادين تي ساڙهيءَ لاءِ هڪ رُپيو ٻنڌياڻ طور به وٺندا هئا. اُهي پنهنجي حدن ۾ ايندڙ ڳوٺن تان زرعي پيداوار تان چوٿين پتي وٺندا هئا. جڏهن ته هنن کي لوڻ تان به محصول اوڳاڙڻ جي اجازت مليل هئي.

سنڌي سماج، قبيلائي سماج تي ٻڌل هئڻ سبب نجي ملڪيت جو ايڏو گهرو اثر نه هو، جيتوڻيڪ شهرن ۾ نجي ملڪيت جو ڪنهن قدر واضح تصور موجود هو، جو ملڪيت ۽ جائيداد کي ڏسي، ڪنهن ماڻهوءَ جي حيثيت جو تعين ڪيو ويندو هو. ۽ جائيداد جي ڏس ۾ ماڻهن وچ ۾ ڦڏا ڦرڙا ٿيڻ جا ڪافي مثال به ملن ٿا. مالوند يا شاهوڪاريءَ جو آڌار ڍورن تي هوندو هو، جنهن سبب به زمين جي ايتري اهميت نه هئي، جو هرويرو پاڻ ۾ ڳنڊيا پيا هُجن. گوچرن جي گهٽائي هئي ۽ معيشت جو آڌار ڍورن جي انگ تي ٿيندو هو. تنهن هوندي به، ٽالپر دؤر ۾ زراعتي نظام بدلجڻ لڳو هو ۽ شهر وجود ۾ اچڻ لڳا هئا. پوسٽنس اسان کي ٻڌائي ٿو، ته ڪجهه قبيلائي سردار-

ڳوٺائي زمين تي ڏل ونڻ جو حقَ ڪنهن جو آهي، تنهنڪري انهيءَ جنگ ۾ هاريءَ کي زمين پوکڻ جي حقَ کان محروم نہ ڪيو ويندو هو.

پتو پوي ٿو، تہ هاري ئي قبيلائي سردارَ يا جاگيردارَ جا اصل سپاهي هوندا هئا. هارين مان اها اُميد ڪئي ويندي هئي، تہ اُهي ڳوٺ ۾ ئي رهن ۽ اتان ٻيءَ جاءِ تي منتقل نہ ٿين. هنن کي اهي بہ هدايتون ڏنيون وينديون هيون، تہ اُهي جاگيردار کي ڏل ڏين، ۽ هن جي حُڪم کي بہ پورو ڪن. انهيءَ جو اثر اهو ٿيو، جو هارين کي انهن جي رهائش جي علائقن ۾ محدود ڪيو ويو، جنهن سبب محدود اقتصادي نظام پيدا ٿيو ۽ علائقائي تعصب ۾ واڌارو ٿيو. تنهنڪري جاگيردارَ بدلجندا رهيا، پر هاري پنهنجي جاءِ تي دائمي رهندو آيو.

اهڙا مثال بہ سامهون اچن ٿا، تہ سنڌ ۾ جاگيردار طرفان پوکائيءَ ۾ ڪا خاص دلچسپي نہ رکڻ سبب هاري پنهنجي روايتي طريقن کي برقرار رکندو پئي آيو. پوسٽنس چوي ٿو، تہ پوک جو طريقو جهڙو تهڙو ۽ نهايت پراڻو هوندو هو ۽ پوک سان لاڳاپيل اوزار بہ تمام ٿورا ۽ بناوت ۾ بہ سادا هئا. (4: ص، 68)

ٽالپر دؤر ۾ جاگيرداري سرشتي هوندي بہ، سڄيءَ ريت ڪو مذهبي ادارو موجود نہ هو ۽ نہ ئي ذات پات جي ورهاست هئي. پتو پوي ٿو، تہ ٽالپر امير ظاهري طور شيعي فرقي سان واسطو رکندي بہ، ڪنهن متيبد بنا، ٻين فرقن جي مذهبي آزاديءَ ۾ يقين رکندڙ هئا، ۽ عالمن کي وظيفا ڏيندا ۽ ساڻن نوازشون ڪندا هئا. گڏوگڏ انهن جو هندوئن سان بہ پنهنجائپ وارو رويو هوندو هو. هنن ڪجهہ هندوئن کي بہ جاگيرون منظور ڪري ڏنيون هيون. سنڌ سرڪار جا مکيہ رياستي عهدا اڪثر هندوئن وٽ هئا. نائونمل چوي ٿو، تہ مير ڪرم علي ۽ سيٺ دريانومل گهرا دوست هئا ۽ هڪٻئي کي سوکڙيون پاکڙيون ڏيندا وٺندا هئا. (20: ص، 68) پر اهو نتيجو ڪڍي سگهجي، تہ سنڌ ۾ مختلف مذهبن يا فرقن منجهہ ڪي اختلاف نہ هوندا هئا.

عام طور اهو بہ چيو وڃي ٿو، تہ زراعتي پيداوار کي زبردستي ڦريو ويندو هو، پر تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ زرعي پيداوار کي ڦريو نہ ويندو هو، پر ڏلَ ۽ آبيانو وٺڻ لاءِ باقائدي ڪاردار ۽ ڪاراوا ۽ عملدار مقرر هوندا هئا، جيڪي جمعبندي ڪندا هئا. فصل سُٺو نہ ٿيندو هو، تہ گهٽ ڏل وٺندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ايندڙ پوڏن يا ڏڪار ۾ ڇوٽ بہ ڏني ويندي هئي.

جاگيردار قبيلائي سماج هئڻ سبب، زمينن تي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي هارپ تي رکندو هو، جيڪي زمين پوکيءَ عيوض هن کي ڏل ڏيندا هئا يا پاڻ پنهنجو

حصو، بٽائي هيٺ کڻندا هئا. جاگيردار پنهنجي گهريلو ماڻهن يا گهريلو نوڪرن مان يا وري پنهنجي قبيلي جي ماڻهن مان ئي ڪمدار، مُنشي ۽ ٻيا ڪاررِوا رکندو هو. اها جاگير حڪومت جي نگراني کان آزاد هوندي هئي، پر هو ان جو مالڪ نہ هوندو هو. جيتوڻيڪ هن جي حيثيت هارين کان برتر هوندي هئي، پوءِ بہ هو هنن جي محنت ۽ ڪارڪردگيءَ تي پاڙيندو هو. اهي هاري وقت اچڻ تي، جاگيردار لاءِ تلوار کڻي وڙهندا هئا. ڇوتہ اهو سندن قبيلي جو سردار بہ هوندو هو.

جاگيرن جيٰ ايراضين جي حدن بابت تڪرار بہ ٿيندا رهندا هئا. جن کي امين ۽ ڪاردارَ، چٺن چڳن جي مدد سان نبيريندا هئا. پر ڪنهن اهم مامري کي ٽالپر امير پاڻ دربار ۾ ويهي سُلجهائيندا هئا. ۽ ان مامري کي سُلجهائڻ کان اڳ ڪمدارن، امينن، آبدارن، ڪوتارن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن ۽ ملازمن کان گهُربل ڄاڻ ضرور ورتي ويندي هئي. بهرحال، سڀ کان شديد تڪرار درياءَ پاوڪ ۽ ڇڏيل ريت بابت ٿيندا هئا. درياءَ جي وهڪرو متاثڻ تي نڪتل ريت بابت رسم سڄي سنڌ ۾ ساڳيءَ نوعيت جي نہ هئي. شڪارپور ۾ مهاڳيدارن يا ڳوٺن وچ ۾ نبيري لاءِ درياءَ جي لهواري پاسي ڇڏيل ٻيڙين، جڏهن تہ گهوڙا ٻاري ۾ نڪتل ريت جي اندرئين يا ٻاهرئين پاسي ترندڙ مٽ ۽ حيدرآباد ۾ وري سُنهن ساک موجب فيصلا ڪيا ويندا هئا. جڏهن تہ زمين جي حدبنديءَ لاءِ درياءَ، جبل، جهنگ، ٻير، ٻڙ، نم، پپر، سرينهن، ڪجيءَ جو وڻ ۽ چُن يا ڪوئلن سان ڀريل مَٽ دنگن تي پوريا ويندا هئا.

رچرڊ برٽن چوي ٿو، تہ هر ٽالپر امير جي علائقي ۾ جاگيرداراڻي طرز حڪومت بہ ڪانہ هئي، ۽ هڪڙو ٽالپر امير ٻئي جي مال ملڪيت تي دعويٰ ڪونہ ڪندو هو، تہ اها ڪا سندس ملڪيت آهي. جيڪڏهن هو ڪا اهڙي دعويٰ ڪندو هو، تہ سيني ٽالپر سردارڳڏجي ڪيس ائين ڪرڻ ڪونہ ڏيندا هئا. پهريون تہ ڪيس روڪڻ جا جتن ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪو پنهنجي هوڏ تان هيٺ نہ لهندو هو، تہ جهيڙڻ کان بہ ڪونہ مُڙندا هئا. (4: ص، 143)

پوسٽنس جاگيرن بابت ٿيندڙ تڪرار بابت چوي ٿو، تہ هرهڪ ٽالپرجي علائقي جي حدبندي بہ هڪ مُنجهيل مامرو هوندو هو. اهڙا ٿيهہ ٽالپر هوندا هئا، جن کي پنهنجون جاگيرون هيون. اهڙين جاگيرن جي دنگن تي سدائين ڀٽي ڪِر ڪِر هلندي هئي ۽ اهڙيون ڳالهيون مُنجهيل بہ هونديون هيون. جڏهن تہ درياهہ جي ڪنارارين دنگئي جاگيرن جي حدن کي سمجهڻ لاءِ درياهہ ۾ دِلا ڇڏيا ويندا هئا ۽ دِلن جي گهٽائي جيڪو پاسو وٺندي هئي، تہ ٻن جاگيرن جو اهو دنگ سمجهيو ويندو هو ۽ درياهہ جي ٻنهي

ڪنارن تي موجود ٻيٽن جو فيصلو مقرر ڪيل اهڙي دنگ جي آڌار تي ڪيو ويندو هو. (4: ص، 169) جڏهن ٻن زميندارن وچ ۾ اڻبڻت ٿيندي هئي، ته سرڪار انهن جي فيصلي ڪرڻ لاءِ ڪو امين موڪليندي هئي. سنڌ ۾ زمين جي معاملي ۾ وڏا ڦڏا ٿيندا هئا، جنهنڪري اهڙا مامرا روز پيا ٿيندا هئا. جهيڙن ۾ هٿيار به استعمال ٿيندا هئا ۽ خون به ٿي ويندا هئا. (8: ص، 52)

## زميني ڍل، آبپاشي ۽ محصول جو سرشتو

ڪئپٽن ايسٽوڪ چوي ٿو، ته ٽالپر اميرن جي وقت ۾ سنڌ، جدا جدا پرڳڻن (قبيلي جي رهڻ واريءَ جاءِ) يا صوبن ۾ ورهيل هئي، جيڪي وري تپن يا ضلعن ۾ ورهايل هئا. هرهڪ پرڳڻي تي مقرر هڪ سزاوال يا وڏي ڪليڪٽر کي هڪ خزانچي ۽ اٺن ڏهن گماشتن ۽ سپاهين جي جماعت، مدد لاءِ ڏني ويندي هئي. وري تپي تي مقرر ڪاردار جي هيٺان هڪ ننڍو عملو هوندو هو، جيڪو وري سزاوال جي ماتحت هوندو هو. انهن عملدارن، خاص ڪري سزاوال کي چڱو پگهار ڏنو ويندو هو، جيڪو اڪثر سني خاندان مان ۽ چڱي لياقت رکندڙ هوندو هو. ڪين پنج سو رپيا پگهار ڏني ويندي هئي. سال ۾ ٻه ڀيرا لاباري جي وقت يعني بهار ۽ سرءُ جي موسم ۾ هرهڪ ٽالپر امير جو مخفي ماڻهو، عيوضيءَ جي حيثيت ۾، سندس ملڪ ۾ وڃي پهچندو هو، ۽ اُتي وڃي سزاوال کان حساب ڪتاب وٺندو هو. جيڪا به غلطي وغيره هوندي هئي، اها نيڪ ڪندو هو ۽ ماڻهن جي درخواستن تي به انهيءَ وقت ويچار ڪري فيصلو ڪندو هو. هي خاص عيوضي ٽالپر اميرن جو مائٽ هوندو هو ۽ اهو ڏسڻ سندس فرض ۾ شامل هوندو هو، ته ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتي ته نه پئي ٿئي. انهيءَ عملدار، سزاوال ۽ ڪاردارن ۾ اٽلي خاصيت اها هوندي هئي، جو اُهي ماڻهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندا هئا. انهن جي روزگار جي وسيلي، سندن عادتن ۽ اٿ ويهه کان به واقف هوندا هئا. جيئن ته اُهي سڄي عمر اتي رهندا ٿي آيا ۽ اُتي جي ٻولي وغيره کان به واقف هئا، تنهنڪري رعيتي ماڻهو سائن کا ٺڳي يا دولاب نه ڪري سگهندا هئا. ٽالپر اميرن جي انهيءَ روينيو آفيسرن جي هٿ هيٺ ماڻهو خوشحال گذاريندا هئا. (7: ص، 317)

هو اڳتي چوي ٿو، ته انهيءَ ڏس ۾ ڪاتيدار کي وڏو فائدو اهو هوندو هو، جو سيني فصلن تي ڍل به ڪاٺن جنس ۾ ورتي ويندي هئي. رڳو تماڪ، ڪمند ۽ پاڇين وغيره تي، جي گهڻو ڪري شاهوڪار ماڻهو پوکائيندا هئا، روڪڙ ۾ ڍل ورتي ويندي هئي. انهيءَ سميت ٻين سيني زمينن تي سرڪاري ڍل يا حصو جنس ۾ ۽ موسم جي اُپت جي

آڌار تي ورتو ويندو هو، ۽ زمين جي ايراضي موجب نه اوڳاڙيو ويندو هو. بٽئيءَ وقت هڪ ٿورو حصو ڪاسڪيءَ جي نالي سان وڏن زميندارن کان ورتو ويندو هو. ڏنو ويندو ته سراسري طور اهو سرڪاري حصو، اُپت جو ٻه پاڱي پنج يا هڪ پاڱي ٻه وچي بيهندو هو. (7: ص، 318) هوڏانهن، ڍل يا رائر جي اوڳڙ جي نقطي نگاهه کان سنڌ چوئيتاليهن پرڳڻن يا محالن ۾ ورهايل هئي، جن ۾ لاڙ وارو پاڱو مکيه هو. حيدرآباد به ان ۾ شامل هوندو هو. (4: ص، 169)

1848ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر محصول جي طريقي ڪار بابت چيو ته ٽالپر جي دور ۾ محصول جو طريقو، مغل ۽ ڪلهوڙا دؤر واري طريقي کان ڪنهن قدر ڀلو هو. (9: ص، 186) هُو واهن بابت جاڻ ڏيندي لکي ٿو، ته ٽالپر ميرن يا جاگيردارن وٽ واهن جا نقشا ۽ انگ اکر موجود هوندا هئا. جيڪي سندس حدن اندر وهندڙ هئا. علائقي جو حساب ڪتاب رپين ۾ ٿيندو هو ۽ ماپ گز سان ڪئي ويندي هئي، جنهن جي هرهڪ پرڳڻي ۾ جدا ماپ هوندي هئي. ڪم ڪار جي ماپ سوٽي ڏور سان ڪئي ويندي هئي ۽ زمين جي گهٽ وڌ وارو حساب اک مانُ ڪڍي ٻُڌايو ويندو هو. منظور ٿيل پئسن جو اندازُ ڪم جي مقدار تي نه پر ڪاردار جي سمجهه تي هوندو هو. (9: ص، 184)

زمين جي ڍل گهڻو ڪري جنس ۾ ورتي ويندي هئي. ٽالپر حڪمران، زمين جي درجابنديءَ موجب، ٽين پتي، ٻه پاڱي پنجين پتي يا رڳو پنجين پتي وٺندا هئا. رچرڊ برٽن ٻُڌائي ٿو، ته ڍلن جا اگهه، فصلن جي مُلهه، زمين جي درجابندي، پاڻيءَ جي سهولت ۽ ٻين لاڳاپيل ڳالهين کي سامهون رکندي، پيدائش جي چوٿين پتي، ٽين پتي، پنجين پتي پنج دوئي يا اڌو اڌ وٺندا هئا. پر مجموعي طرح زميندار، سڄو خرچ پري فصل جو ٽيون حصو پاڻ ڪٽيندا هئا. زمين جا ٽي درجا مقرر ڪيل هئا. پهريون 'سيلابي'، يا اها زمين جنهن کي آبڪلائيءَ مان پاڻي پهچندو هو، ۽ ٻيو 'چرخي' يا اها زمين جيڪا درياءَ کان ڪجهه فاصلي تي هوندي هئي، ۽ جنهن لاءِ واهن يا نارن جي گهُرج ٿيندي هئي. ٽيون "باراني' يا اها جنهن جنهن کي برسات جي پاڻيءَ تي پوکيو ويندو هو. (14: ص، 64)

زمين جي ڍل جو وڏو حصو جنس جي صورت ۾ ورتو ويندو هو، ۽ انهيءَ جو اگهه، پيدائش جي ٽين پتيءَ کان گهڻو مٿي نه هوندو هو. البت آبپاشي ۽ وصوليءَ جي خرچن کي خيال ۾ رکي، ان اگهه کي وڌايو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مقامي آبپاشيءَ جي خرچن کي سامهون رکندي، گهٽ اگهه به رٽيا ويندا هئا. ڍل جي نقد پئسن جي صورت

۾ وصولي رائج هئي، پر تمام ٿوري حد تائين. انهن جا اگهه- زمينن جي زرخيزيءَ کي ڏسي وچولا مقرر ڪيا ويندا هئا.“ (14: ص، 65)

هوڏانهن اهو به پتو پوي ٿو، ته ٽالپر امير، سرڪاري خزاني ۾ کوٽ، شاهي شادين تي ٿيندڙ خرچ يا ڪنهن اميرَ جي وفات تي ڪانڍپي ۾ ٿيل خرچن جي پورائي لاءِ جاگيرن ۾ تخفيف به ڪئي ويندي هئي.

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ مختلف قسمن جا محصول ۽ ڍل اوڳاڙي ويندي هئي. ڏاکڻي علائقن ۾ ڍل جنسن ۾ اڳڙندي هئي. ڪن علائقن ۾ وري جمع بندي ٿيندي هئي. عام طور ڍل ان زمين تان ورتي ويندي هئي، جنهن کي پاڻي پهچائي آباد ڪيو ويندو هو. جن علائقن ۾ ٽي فصل ٿيندا هئا، اُتي اُپت جو ٽيون، چوٿون يا پنجون حصو ورتو ويندو هو. اهڙي ڪَٽ زمين تي وجي فصل ڏسي، پوءِ ڪئي ويندي هئي. پر ان ڏس ۾ فصل جي بَها ۽ پورهئي وغيره کي نظر ۾ ضرور رکيو ويندو هو. آباد زمين تان هيٺئين شرح موجب في بيگ ساليانِي ڍل ورتي ويندي هئي. ڪمند ٻارهن رپيا، تماڪ ايڪهتر رپيا، سايون ڀاڄيون ايڪهتر رپيا، آفيم ايڪيهه رپيا، نير اسي رپيا، اناج ڇهه رپيا وصول ڪيا ويندا هئا. في بيگ زمين جي ماپ چاليهه وکون هم چورس ٿيندي آهي. جيڪڏهن نير جي پوک هوندي هئي، ته بيگ جي ماپ ھيٺي ڪئي ويندي هئي. هتان جي هن قسم جي جمع بنديءَ کي هندستان جي ٻين علائقن جي جمع بنديءَ سان ڀيٽائي ڏٺو ويو، ته اسان کي سنڌ واري مناسب ڏسڻ ۾ آئي. ڍل ايتري ٿوري هئي، جو نالي ماتر پئي ڏسبي هئي. ڏکيو مامرو فوج لاءِ اناج ڪَٺو ڪري سانڍي رکڻ آهي. سنڌ جي حڪومت هن ڏچي کان آجي ڪانه هئي، جو جڏهن ڪيڏانهن پيادل فوج جي چڙهائي ٿيندي هئي، ته ملڪ جو اڌ اَنّ سرڪار ڪٺائي وٺندي هئي. پوءِ زمين جو مالڪ هاريءَ کي ڏئي نه ڏئي، سرڪار جي مٿي جو سُور ڪونه هوندو هو. جن علائقن ۾ ڍل بَدل ڪانه هوندي هئي، ته اُتان ٽالپر امير، حڪومت سان حصيدار ٿي ڍل ۾ اَنّ خريد ڪندا هئا ۽ وڃي پاڻ ۾ سانڍي رکندا هئا. پوءِ ساڳيو اَنّ پنهنجي رعيت کي وڌن اگهن تي وڪڻندا هئا. جنهن ڪري خريديءَ وارو پئسو سون ۽ هيرن جواهرن ۾ بدلجي ويندو هو، ۽ ڪيترن سرڪاري ماڻهن جي خزانن ۾ گڏجي ويندو هو. ذخيره اندوزي ۾ پئسو هڪ جاءِ تي ڪَٺو ٿي ويندو هو ۽ عوام قُرِڻ کان بيهي ويندو هو. (12: ص، 32) هو اڳتي چوي ٿو، ته جڏهن ڏرت ۽ ڏڪار پوندو هو، ته پوءِ عام ماڻهو اميرن ۽ جاگيردارن جو ٻني ٻارو ڪندا هئا ۽ ڪين اجورو جنس جي صورت ۾ ڏنو ويندو هو. (4: ص، 39)

پوسٽنس ٻڌائي ٿو، ته حڪمران هر هڪ هاريءَ يا زميندار کان ڍل جي چِٽيءَ اوڳڙ

ڪان بچڻ لاءِ ڍل جي وصوليءَ جو سڄو مامرو هڪ ماڻهوءَ کي ٺيڪي تي به ڏئي ڇڏيندا هئا. جنهن کي 'زردار' سڏيو ويندو هو. ۽ سڄيءَ ڍل ڪائنن هڪ جاءِ تي يڪمشت وٺندا هئا. زردارن کي ڍل جي اوڳاڙ واسطي گهڻا اختيار مليل هوندا هئا ۽ پنهي ڌرين ۾ ٿيل ٺاهه وارين ڳالهين کان تر جيترو به هيٺ لهڻ لاءِ تيار ڪونه هوندا هئا. هن طريقي سان ڪيترائي ڏاڍ ۽ انياءَ ٿيندا هئا. ويچارو عام ماڻهو جيڪو واقعي بي پهچ هوندو هو ۽ ڪنهن الاهي آپدا ڪري ڍل ڏيڻ جوڳو ڪونه هوندو هو، سو اهڙن ڏاڍن ماڻهن جي ڪيس ۽ ڪلور جي ور چڙهي ويندو هو. ڪيس انصاف لاءِ ميرن جي در دانهڻ جو به اختيار ڪونه هوندو هو. ڇاڪاڻ ته هتي جا مقرر ٿيل قاضي به مدعا عليہ هوندا هئا ۽ رڳو ميرن کي ساليانِي پَٽي تي زمين ڏيڻ جو اختيار هوندو هو. زمينون، شهر ۽ آمدني جي ٻين وسيلن تي محصول مڙهيو ۽ وصول ڪيو ويندو هو. واپاري روڪ ڏوڪڙن جي سگهه جي آڌار تي مٿين ماڻهن سان وچي ڏيتي ليتي ڪندو هو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ لکيل دستاويز به موجود هوندا هئا. ورلي غير واجبي پئسي ڏيڻ لاءِ مٿن ڏاڍ به ڪيو ويندو هو. (4: ص، 167)

پوسٽنس جاڻ ڏيندي چوي ٿو، ته ٽالپر امير پئسي جي ڏيتي ليتي جي لکپڙهه ڪندا هئا. اهڙو حساب ڪتاب باقاعدگيءَ سان پاڻ وٽ رکندا هئا. حڪومت هر قسم جي ڍل جي اوڳاڙي لاءِ لوهاڻن، پاٽين يا ٻين ذاتين جي ماڻهن کي مقرر ڪندي هئي. (4: ص، 53) ٽالپر حڪمرنان منجهه ڍل ۽ محصول سندن مقرر ڪيل حصن موجب ورچي ويندي هئي. سندن گڏيل نالو "سنڌ جا امير" هوندو هو. (4: ص، 131)

حڪومت، واهن تي ٿيندڙ زرعي آباديءَ مان آبيانو وٺندي هئي، ڇوته واهن جو انتظام سرڪاري تحويل ۾ هوندو هو. زمين جي پيداوار تي مَڙهيل ڍل، هر قسم جي زمين تان ورتي ويندي هئي. انهيءَ ڏس ۾ ڪوبه متيپيد نه رکيو ويندو هو ۽ ان کان ڪوبه سردار آجو نه هوندو هو. گڏوگڏ جيتوڻيڪ معافي- باغ تان ڍل معاف هوندي هئي، پر وڪرو ٿيندڙ ميون تان ڏهه سيڪڙو محصول ورتو ويندو هو، پر ان محصول کان رعيتي باغ جي پيداوار آجي هوندي هئي. زميني ايراضيءَ تان ڍل، پيداوار جي نسبت سان ورتي ويندي هئي، جڏهن فصل پَلا ۽ جاگير ۾ واقع باغن جي پيداوار سٺي ٿيندي هئي، ته انهن تان ويهه سيڪڙو تائين به محصول ۽ ڍل ورتي ويندي هئي.

پوسٽنس چوي ٿو، ته هتي واهن، کُڙين ۽ کَسين جي سهوليتن کي ڏسي ڍل ۽ ان جي جمع بندي لاڳو ڪئي ويندي هئي. يعني جتي پاڻي جي سهوليت وڌيڪ، اتي ڍل جي شرح به وڌيڪ هوندي هئي، جتي پاڻي جي گهٽتائي هوندي هئي، اتي زمين تي مقرر ڍل به ٿوري هندي هئي. (4: ص، 67)

سرڪاري ڪاردارَ، جاگيرن ۾ رٿيل فصل تي بٽائي ڪندا هئا، جنهن مان مليل ڍل، جنس جي صورت ۾ ورتي ويندي هئي. اُهي ڪاردار گهٽو ڪري پيشڪش، سرشماري، آبيانو، ڪانگڙ سميت باغن ۽ مَڏين جي پيداوار جنس جي صورت ۾ وٺندا هئا. هوڏانهن خالصا زمين تي به ڪاردار بٽائي ڪندا هئا، جيڪي هارين ڪان مٿي ڄاڻايل محصول جنس جي صورت ۾ وٺندا هئا. جڏهن ته جاگيردارَ رواج موجب، ابواب (رهتون) يعني اجراءِ خشڪي، ميربحري، پيشڪش مهاجن، سرشماري، اصناف گري ڪانسواءِ، ٻيا محصول وٺندا هئا. جڏهن ته شهرن ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ واپاري مالَ تي هڪ ربٽي تان اڌ پائي ورتي ويندي هئي. جاگيردار وٺجندڙ شهري محصول مان مقرر رقم، سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ جو پابند هوندو هو، پر سرڪار، پيداواري اناج جي ڍل، شهري توڙي رعيت، واپاري سامان تي مڙهجندڙ محصول ڪان ٻيڻ تي وٺندي هئي، پر ڍل گهڻو ڪري جنس جي شڪل ۾ ورتي ويندي هئي.

جاگيردارن ۽ سردارن کي اڪثر آبادگارن ڪان سرشماري توڙي زمينداري ۽ ٻيا محصول وٺڻ جو ڪين ڪن شرطن مطابق پروانو ڏنو ويندو هو. انهيءَ حالت ۾ اهي سرڪار کي ڪجهه به نه ڏيندا هئا. (8: ص، 45) هو اڳتي وڌيڪ لکندي چوي ٿو، ته زميندارن، سرڪاري ڪامورن ۽ عملدارن، فوجي سپاهين توڙي مذهبي پيشوائن جهڙوڪ: قاضين، پيرن، سيدن ۽ ٻين کي محصول معاف هوندو هو. (8: ص، 46) هو اڳتي چوي ٿو، ته ڪيترا سردار، ”سيري“ ڪانسواءِ راهداري وٺندا هئا، جنهن کي ڀُنگ چئي سگهجي ٿو. مثلا جوکيا قبيلو پنهنجي علائقي مان لنگهندڙ هرهڪ اُٺ تي ”نت“ (مهار) جي نالي ۾ آنو، به آنا يا ٽي آنا وٺندا هئا. (8: ص، 47)

لُطف الله اسان کي ٻُڌائي ٿو، ته پوکيل ڇانورن مان ڪڙميءَ کي پنجين پتي ملي ٿي، باقي به حصا ڍل طور ورتا وڃن ٿا، جنهن جو هڪڙو حصو حڪومت کي وڃي ٿو، ته ٻيو حصو وري زميندار کي ملي ٿو. (21: ص، 162)

ايسٽوڪ چوي ٿو، ته ڍل جو به ڀاڱي ٽي حصو جنس جي صورت ۾ ورتو ويندو هو. گڏوگڏ ٽالپرن ۾ ڪجهه خرچائو رئيس پڻ هوندا هئا، جهڙوڪ مير ڪرم علي خان، جيڪو پنهنجي شان ۽ شوڪت جي ڪري مشهور هوندو هو. (7: ص، 225)

رچرڊ برٽن جي دعويٰ آهي، ته امير ڍل مرضيءَ موجب وٺندا هئا. ۽ هو فصل لهڻ وقت پنهنجي مقرر رقم، رعيت يا واهن جي عملدارن ڪان وٺندا هئا. ٻيو ڪاردار، جيڪو واهن جي اونهائي ۽ ڇوڙائي، روينيو عملدار هوندا هئا، جيڪي ڍل وصولي يا واهن جي ڪاٽيءَ جو ڪم ڪندا هئا. ٽيان اُمين جيڪي فيصلا ڪندا هئا، جن کي

سرڪار وٽان گهٽ پگهار ملندي هئي. (8: ص، 37) هو هڪڙي ٻئي هنڌ چوي ٿو، تہ عام ماڻهو ۽ ننڍا واپاري، سرشماري يا مٿڳي ڏار ڏار ضلعن ۾ اجاريدارن يا تحويلدارن کي ايريي (مقاطعي) تي ڏيندا هئا، جيڪي اها رقم وني خزاني ۾ پياريندا هئا، ان ڍل کان حڪومت ۾ شامل قبيلائي سردار ۽ سندن ماتحت قبيلا آجا هوندا هئا. وڏن زميندار، جيڪڏهن زمين سندس ملڪيت هوندي هئي، تہ عام طرح هو پنهنجو حصو هاريءَ يا ڪڙميءَ سان ورهائيندو هو. سراسري زميندار کي سموريْ خرچ لٿي، فصل جو ٽيون حصو بچندو هو. (8: ص، 44)

پوسٽنس چوي ٿو، تہ سنڌ جي اُن ٻنيءَ تي ڍل هوندي هئي، جيڪا جاگيرن ۽ انعامن کان بچت هوندي هئي. آمدنيءَ جي مَدَ ۾ تجارتي مال تي محصول، سُنگي، زمين جي ڍل ۽ درياهہ تي محصول شامل سمجهيا ويندا هئا. اها آمدني هر مير کي پنهنجي حيثيت آهر ملندي هئي. اهڙين سَندن جي، انهن ميرن بہ وصيت ڪئي هئي، جن ٽالپرن جي حڪمرانيءَ جو بنياد رکيو هو. (4: ص، 160) زمين تي مقرر مدت ۾ مقرر ڍل ورتي ويندي هئي، ۽ اهڙي قسم جي سرڪاري ڍل جنس ۾ بہ ڏني ويندي هئي. ڍل جا ٽي اَگهہ هوندا هئا. پهريون زمين تي اُپت جو ٽيون حصو: ٻيو قسم جي زمين مان ٽيل اُپت منجهان سَت پَتيون ڪيون ويندون هيون، جنهن مان سرڪار کي ٻہ پَتيون ۽ هاريءَ کي پنج ملنديون هيون. (4: ص، 3) ٽئين قسم مان سرڪار کي اُپت جو پنجون پاڱو ملندو هو. زمين جو پهريون قسم درياهہ جي ڪنار سان هوندو هو ۽ هاري نار چاڙهي آباد ڪندو هو. ٻنيءَ جو ٻيو قسم درياهہ کان پري ۽ درياهہ مان ڪوٽيل واهن تي هوندو هو ۽ هاري نار وسيلي پوک ڪندو هو. زمين جو ٽيون قسم جهنگ هيٺ هوندو هو، هاريءَ کي جهنگ، وڻ ۽ زمين جي صفائي ڪرڻ ۾ مرگ ڏيٽي پوندي هئي. تڏهن مَس وڃي ٻني هر هيٺان ايندي هئي. واهن جي ڪاٽي ۽ نار چاڙهڻ وارو پورهيو تنهن کان ڌار هوندو هو. (4: ص، 160) اُپت تي سرڪار جي حصي ڪانسواءِ 'نار' تي بہ محصول هنيو ويندو هو. پوءِ اهو ٻيلي، ڏاندن جي جوڳ سان هلندڙ هجي يا ماڻهو پاڻ هٿن سان ڇڪي پوکي راهي ڪري. هن قسم جي محصول کي مٿڳي ڇيو ويندو هو ۽ اها هاريءَ جي سِر تي هنٿي ويندي هئي. وٽس آبادي لاءِ کي مختصر ۽ ننڍيون غير اهم شيون هونديون هيون. (4: ص، 160)

پَتيداريءَ واريءَ زمين بابت پوسٽنس چوي ٿو، تہ اها زمين وٺڻ کان پوءِ پوکيءَ راهي جو عرصو رڳو هڪ سال يا ٻہ سال فصل هوندو هو: پَٽي تي وٺڻ وارو ماڻهو آباديءَ لاءِ زمين ڪنهن ٻئي ماڻهو کي بہ ڏئي سگهندو هو. پر مٿي سرڪار وٽ پاڻ

ذميوار هوندو هو. جڏهن لابارو ڪري فصل هڪ جاءِتو ڪيو ويندو هو، ته سرڪاري ڪارائو اچي داڻبندي ڪندو هو ۽ سرڪاري حصو ڪڍندو هو. ان کان اڳ هاريءَ کي اُپت کي هٿ لائڻ جي موڪل ڪانه هوندي هئي. جيڪڏهن ڪائنس اهڙي ڪاغلطي ٿي ويندي هئي ته مٿس ڳرو ڏنڊ وڌو ويندو هو. (4: ص، 160)

هو چوي ٿو، ته جڏهن ان ڳاهي صاف ڪيو ويندو هو، ته سرڪاري عملدار رسو ڪٽي انّ جي ماپ ڪندو ۽ راهه جي مٽان مٽي رکي پنهنجو ٺپو هڻندو هو. پوءِ هاريءَ کي تيستائين ترسڻو پوندو هو، جيستائين سرڪار پنهنجو حصو ڪٽي نه وڃي. (4: ص، 68) بٽئيءَ کان پوءِ سرڪاري عملدار جي مرضي هوندي هئي، ته جنس اُتي وڪڻي پئسا وٺي يا جنس ڪٽائي سرڪاري پاڻڊن ۾ رکرائي، يا وري پوءِ اُن کي وڪڻي پئسا سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي. جنس جو اگهه سرڪار جي مرضيءَ موجب هوندو هو. پر هن ڳالهه کي ضرور ڌيان ۾ رکيو ويندو هو ته اهو اگهه رڳو بازار جي اگهه روءِ هجي. خريف جي موسم ۾ اناج جو اگهه لاڙ يا حيدرآباد ۾ اُتر سنڌ کان وڌيڪ مهانگو هوندو هو. تنهن ڪري اهو بيڙين وسيلي ڪجي راڄڌانيءَ پهچندو هو. بيڙائتن کي ياڙو گهٽو ڪري ته ڏنو ئي ڪونه ويندو هو يا ته وري تمام ٿورو. (4: ص، 161-160) زميندارن، ڪَمين ڪاسبين کي اناج لهڻ وقت پنهنجو آهت يا لَهٽو ڏئي ساڻن سان مک ٿيندو هو. ان مهل سرڪاري عملدار کي ٻه چار ڪَٽا انّ جا ڏئي ڍل مان جند آجي ڪندو هو ۽ صحيح ڪري يا پنهنجي مهر هڻي ڇڻ هن ڳالهه جو اظهار ڪندو هو، ته هو تيل حساب ڪتاب مان بلڪل مطمئن آهي. هو ائين ڪري اڳتي ٿيندڙ اعتراضن ۽ مُنجهيل مامرن کي سُلجهائي ختم ڪري ڇڏيندو هو. زميندار جيڪڏهن اها ساڳي زمين ٻيهر ڪٽڻ چاهيندو هو، ته اهڙو مامرو، ڪاردار يا مير جي ڪنهن نمائندي سان ڳالهائي طئي ڪري سگهندو هو. (4: ص، 161)

آباديءَ جو ٻيو نمونو اهو هوندو هو، جو في جريب زمين جي حساب سان روڪ پئسا ڏئي ٻني جو ٽڪرو ٺيڪي تي ڪڻبو هو. ٺيڪي جو اگهه پيليءَ ڍليءَ ٻنيءَ جي حساب سان رکيو ويندو هو. ڪن حالتن ۾ فصل جو اگهه ڏسي به ٺيڪو ڏنو ويندو هو. جيڪڏهن ٻنيءَ ۾ ڏوڏي يا نِير پوکيو ويندو هو، ته پوءِ في ٻيگهه جي رقم ويهه کان اسي رپيا هوندي هئي، جيڪا عام طور ڇهه کان ٻارهن رپيا في جريب ٺئي ٿي ۽ جيڪڏهن زمين برپٽ بيابان هوندي هئي، ته پوءِ پهريون هڪ سال هڪ جريب هڪ رپيو جي حساب سان ٺيڪو ڏنو ويندو هو. ۽ پوءِ هوريان هوريان جڏهن ٻني اُپت وڌائيندي ويندي هئي، ته ٺيڪي جو اگهه به وڌندو ويندو هو. ان جي پوک کان سواءِ ٻي

پوک مٿئين طريقي سان پوکي ويندي هئي ۽ پوک ڪرڻ کان پهريان ڍل ادا ڪئي ويندي هئي. (4: ص، 162-161)

ڪَتيءَ جا فصل گهڻو ڪري ڪوهن تي ڏيندا هئا. هن قسم جي آباديءَ تي ورتي ويندڙ ڍل به نالي ماتر هوندي هئي. جيڪڏهن پوک اُپت تمام گهٽ ڏيندي هئي، ته اهڙين حالتن ۾ زمين جي ڍل يا مقرر ٺيل ٺيڪي ۾ گهٽ وڌائي به ڪئي ويندي هئي. پر اهڙي ڇوٽ اعليٰ عملدار جي سفارش کان پوءِ عمل ۾ ايندي هئي. ڍل وارين زمينن يا انعام جاگير وارين ايراضين ۾ پوکي راهيءَ وارو قانون ڏاڍو نرم هوندو هو، جنهن ڪي نيت پَٽ وارو ۽ صحيح چئي سگهبو هو. آباد ٿيندڙ ٿوري زمين تي ڍل به ٿوري اُگهڙندي هئي، ڇاڪاڻ ته هتان جي زمين جو وڏو حصو جاگيرن ۽ بيلن هيٺ هوندو هو. (4: ص، 162) ٽالپر امير، آمدني وڌائڻ لاءِ زمين، ٺيڪي تي به ڏيندا هئا. پر سندن اختيار ڪيل اهو طريقو ڏکيءَ نظر وارو ڪونه هوندو هو. (4: ص، 162)

ڪجين جا يا بيا باغ به ڍل گهٽي اُپائيندا هئا. اهي به خاص مُند ۾ مقرر تاريخ تي ٺيڪن تي ڏنا ويندا هئا. ڪڏهن وري مقرر رقم تي سال لاءِ به ڏنا ويندا هئا. اهڙا باغ جيڪڏهن سنڌوءَ جي ڪناري هوندا هئا ته اُهي ڏاڍا مهانگا ڏنا ويندا هئا. جڏهن باغ وري وڏن ۽ اهم شهرن ويجهو هوندا هئا ته انهن کي ناڻي جي نادي سمجهيو ويندو هو. (4: ص، 162)

ڪئپٽن اِيسٽوڪ چوي ٿو: ڪمند، جوار ۽ ٻئي اناج جي پيلي فصل ۽ ڪيترن پن- ڇڪين جي نارن مان پائنجي ٿو، ته جيڪا ڍل اُتي اوڳاڙي ويندي هئي، سا ايتري ڪانه هوندي هئي، جيڪا آبادگارن کي ڏکي لڳي. هتي انعامي، ۽ اهي زمينون، جن تي نالي ماتر ڍل ورتي ويندي هئي، جام هيون. (7: ص، 78)

ٽالپر حڪمران پنهنجي ڏارڏار پرڳڻن جي پرگهور لاءِ ڪاردار مقرر ڪندا هئا، انهن جي عملي ۾ سندن ماتحت عملدار ۽ منشي مڙا به هوندا هئا، جيڪي گهڻو ڪري هندو هوندا هئا. سندن ڪم اهو هوندو هو ته جن علائقن تي ڍل مڙهيل نه هوندي هئي، تن جو پنهنجي طريقي سان ليکو چوکو ڪري حساب سنئون سڌو ڪري رکندا هئا ۽ حالتن آهر ٻين سرڪاري ڪمن کي به اُڪلائيندا رهندا هئا. هر هڪ ٽالپر وٽ هن قسم جو هڪ خاص ماڻهو مقرر ڪيل هوندو هو، جيڪو اهڙي سڄي ڪم جي سار سنڀال لهندو هو. حڪمرانن جو جيترو انگ هو، شهر کي به ايترن حصن ۾ ورهايو ويو هو. جنهن ڪارڻ هاڻي شهر جا ڇهه يا ست حصا هئا. شهرن جي حدن ۽ محول تي سدائين بيا ڦڏا ڦڙا ٿيندا هئا. وڏو مير جنهن کي سيني ڪا وڏو ڀاڱو ملندو هو ۽ اُپت جو

ٻه پريو مڙس هو. اهڙي ڏڦيڙ جي ڇيڙي نبيري ڪري ڇڏيندو هو. جيڪڏهن ڪو مونجهارو ائين نبري نه سگهندو هو ته دربار ۾ نيو ويندو هو. (4: ص، 168)

هيوز اسان کي ٻڌائي ٿو، ته مقامي حاڪمن جا ڪوٽايل واهه گهٽي ڀاڱي آبڪلاٽيءَ واهه هوندا هئا. جهونو سنڌي طريقو اهو هوندو هو، ته درياءَ جون قدرتي شاخون به واپرايون وينديون هيون، ته نوان واهه به ڪوٽايا ويندا هئا. سنڌ جا آڳاٽا واهه سيپئي ڪي هٿراڌو ڪوٽايل ڪين هئا. جيتوڻيڪ قدرتي واهن ۽ هٿراڌو ڪوٽايل واهن ۾ فرق ڳولڻ سولو به نه هو. (14: ص، 34)

ڊيل هوست جي لکڻ موجب درياءَ جون ڪي قدرتي شاخون اهي هيون: پراڻ، نارو، ارل، ڦليلي، ڦٽو، گوني، پنجاري، لکي ۽ بگهياڙ. (22: ص، 26) درياءَ جي ساڄي ڪپ تي، سکر کان سيوهڻ تائين- جنهن کي اڳي چندوڪ سڏيو ويندو هو، ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ دوآبي واري ڀاڱي ۾ زمين جي سطح گهٽو ڪري ٻين هنڌن جي ڀيٽ ۾ هيٺانهين هوندي هئي؛ ۽ اهي ئي ايراضيون هيون، جتي پراڻن واهن وسيلي آبپاشي ٿي سگهندي هئي ۽ باقي ملڪ ۾ رڳو چرخي آبپاشي ئي ممڪن هئي. (14: ص، 34)

تڏهن سنڌ ۾ آبپاشي چرخي، موڪي ۽ بوسي طريقن سان ٿيندي هئي. چرخي واري طريقي ۾ مٿينءَ سطح تي پاڻي پهچائڻ لاءِ هرلو واپرايو ويندو هو، انهيءَ کي ”چاڙهي واري آبپاشي“ سڏيو ويندو هو. (14: ص، 34) جڏهن ته هيٺاهين زمين ۽ ڪنهن ڪڙئي يا ڪسيءَ مان پاڻي زمين ڏانهن وهي سگهندو هو، ته ان طريقي کي ”موڪي“ يا ”وهڪري جي آبپاشي“ سڏيو ويندو هو.... آبڪلاٽيءَ جي مُند جهڪي ٿيندي ئي هاريءَ کي هُرلو ڪم آڻڻو پوندو هو، ته ان طريقي کي ”چرخي- مدد- موڪي“ سڏيو ويندو هو. جڏهن ته خشڪ فصلن ۾ خاص ڪري ڪڻڪ ۽ دالين جي فصلن اُپائڻ لاءِ ڪم ايندڙ طريقي کي ”بوسي“ سڏيو ويندو هو. (14: ص، 35)

لئمبرڪ اسان کي ٻڌائي ٿو، ته سنڌ ۾ ڪيترائي نصير واهه آهن، جيڪي هرهڪ ضلع ۾ ”مير واهه“ جي نالي سان وهن ٿا، ۽ ميرن جي زماني ۾ ڪوٽايل واهن جو انداز ڪافي ميلن ۾ هوندو.“ ٽالپر حڪمرانن مُلڪ ورهائڻ ڪانپوءِ اهو ئي بهتر سمجهيو هو، ته ملڪ ۾ پنهنجي پنهنجي نالي پويان هرڪو ڏار ڏار واهه ٺهرائي. نتيجو اهو نڪتو، جو درياءَ مان ٻنهي پاسن تي ڪيتريون شاخون نڪتيون، جيڪي ميلن ۾ هڪٻئي سان پوريءَ وڇوتيءَ تي وهنديون هيون. (14: ص، 40)

سنڌ ۾ ونگار قبيلائي ڀائيچاري جو هڪڙو سُڌريل ثقافتي نمونو هئي، جنهن هيٺ ماڻهو هڪٻئي سان پوکي راهيءَ ۾ سهڪار ڪندا هئا. ونگار جو رواج هو، پر

ونگار انهن علائقن مان شروع ٿي، جتي ماڻهن جي آبادي گهٽ ۽ زميني وسيلا گهڻا هئا. گڏيل ڪم، زميندار ماني ڪارائيندا هئا. ونگار واري ڏينهن، مِٽ مائٽ ۽ دوست يار پنهنجا هر، ڍڳا ۽ ٻيا زرعي اوزار (جيڪڏهن وٽن هوندا هئا)، ته دوست يا ٻيءَ هاريءَ يا زميندار جي ٻنيءَ تي ڪاهي ۽ ڪٺي ايندا هئا. ايچ. ٽي. سورلي موجب، هنن کي پئسن جي صورت ۾ ڪو اُجورو نه ڏنو ويندو هو، پر ڪين مزدور طور ماني يا پَٽ وغيره ضرُور کارايو ويندو هو. (9: ص، 184)

ڪڏهن ڪڏهن تالپر اميرن تي عام طور الزام مڙهيو وڃي ٿو، ته اُهي واهن جي کاٽيءَ مهل پورهيتن کي مزدوريءَ جو معاوضو نه ڏيندا هئا، پر ايچ. ٽي. سورلي انهيءَ ڏس ۾ چوي ٿو، ته حڪومت ننڍن واهن جي کاٽيءَ ۾، اَنّ جي مقرر خرارن تي سرڪار پنهنجو حصو ڀريندي هئي. ٻين حالتن ۾ هاريءَ کي ڪَرَيو يا ڪَسي پاڻ صاف ڪرڻي پوندي هئي، جنهن جو خرچ وغيره هو پاڻ ڀريندو هو. (9: ص، 184)

جاگيردار طبقي جا ماڻهو ڏوڪڙ پئسو خرچ ڪري مزدوريءَ تي ماڻهو رکندا هئا ۽ هن ڪم لاءِ مُهاڻن کي رکندا هئا. کاٽيءَ واري ڏينهن مگڻهارن جي ٽولي ڍُهل شرنايون ڪٺي اچي پهچندي هئي. ڍُهل تي ڏونڪو لڳڻ ۽ شرناءِ کي ڦُوڪ لڳڻ سان سنڌي وٽ ڪونه ڏيندو هو ۽ ٻارهن ڪلاڪ ساندهه ڪم ڪندا هئا. کاٽي پاهوڙو يا ڪوڏر سان ڪئي ويندي هئي. ان جو ڳڻ ننڍو ٿيندو هو. درياءَ ۾ جڏهن پاڻيءَ جو ڀريون لڙهو ايندو هو، تڏهن کاٽي ڪئي ويندي هئي ۽ اها رُت مارچ يا اپريل ۾ شروع ٿيندي هئي. (4: ص، 67)

ان زماني ۾ واهن جي کاٽيءَ جي ماپ ۾ پئسن جي خردبرد به گهٽي ٿيندي هئي. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ضلعن ۾، واهن جي کاٽيءَ ۽ صفائيءَ جي پيسن ڏيڻ لاءِ پورا ڇانونجاهه قانون هوندا هئا. عام طور پئسن جو اڌ روڪڙ ۾ نه پر جنس ۾ ڏنو سگهبو هو. توڪرن سان ڪٽندڙ مٽي ڏولي ۽ ڪوڏر سان کاٽيءَ ڪڇندڙ اُڇل جي حساب ۾ ڇهه گز ريٽي جي مزدوريءَ جو فرق هوندو هو. ڪاردار ڪامڙن جي ڪم جي نگهباني ڪندو هو ۽ امين ۽ مُهرر ساڻس مدد ڪندا هئا. ٽياڪڙ يا امين کاٽيءَ جي گهرائيءَ جي ماپ ڪندو هو ۽ محرر ڊيگهه ۽ ويڪر جي. (9: ص، 185)

ڊاڪٽر سورلي چوي ٿو ته، "سنڌ، آبپاشيءَ ۾ سڄي هندستان ۾ سدائين برک پئي رهي آهي... (14: ص، 41) جڏهن ته ايسٽوِڪ دعويٰ ڪري ٿو، ته تالپرن جي دؤر ۾ واهن جي چڱي حالت هوندي هئي. (7: ص، 78) هوڏانهن جيمس برنس چوي ٿو، ته آباديءَ لاءِ سنڌونديءَ جي شاخن مان واهه کوٽايا ويندا هئا. منجهائن ڪيترن جي مٿان

۾. جنهن ۾ بهار جي مُند ۾ ڪڻڪ پيدا ٿيندي هئي. خريف جا فصل اونهاري جي مئي، جون ۽ جولاءِ مهينن ۾، آبڪلاٽيءَ جي موسم شروع ٿيڻ مهل، پوکيا ويندا هئا ۽ آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر جي مهينن ۾ پوکيا ويندا هئا ۽ لاٻارا بهار جي مُند (مارچ ۽ اپريل) ۾ پوندا هئا. پر سنڌ ۾ ٽيون به هڪڙو فصل سنڌ جي ڪجھ حصن ۾، خريف کان اڳ ۾ پوکيو ويندو هو، جنهن کي ”پيشواش“ چوندا هئا، جنهن کي ”اڳيون“ يا ”اڏائون“ به سڏيندا هئا. (14: ص، 44)

پوسٽنس سنڌ ۾ مُندن بابت چوي ٿو، ته اتر سنڌ ۾ جوئر ۽ ڪڻڪ گهٽي ٿيندي هئي. ڪڻڪ نومبر يا ڊسمبر ۾ پوکي ويندي هئي ۽ لاٻارا اپريل ۾ پوندا هئا. جوئر اپريل ۾ پوکي ويندي هئي ۽ ان جو لاٻارو نومبر ڊسمبر ۾ ٿيندو هو. (4: ص، 70) جڏهن ته ڪَتيءَ جو فصل درياهه جي اُٿل واري پاڻيءَ جي سُڪي وڃڻ ۽ زمين وَت اچڻ کان پوءِ ڪاهيو ويندو هو. خريف وارو فصل درياهه جي چاڙهه تي ٿيندو هو، جيڪو ربيع يا ڪَتيءَ جي فصل کان ٻيڻو ٿيندو هو ۽ گهٽي اپت ڏيندو هو. (4: ص، 69) ٻيو به هڪڙو طريقو هو، جنهن کي ’بوسي‘ چيو ويندو هو. ربيع جي فصل ۾ وري ڪڻڪ، جَوَ ۽ چڻا پوکيا ويندا هئا. هي فصل گهڻو ڪري کوهن جي رستي (چرخي) يا دائمي وهندڙ واهن وسيلي آبپاشيءَ تي پوکيا ويندا هئا. (14: ص، 45)

اُتر سنڌ ۾ ربيع فصل واهن وسيلي آبپاشي ڪرڻ سان پوکڻ سولو هو. پاڻي چڙهڻ جي موسم ۾، درياءَ ڪنڌين جي ٻنهي پاسي ڪيترين ايراضين کي ميلن جي مفاصلي تائين ٻوڙي ڇڏيندو هو، ته انهن ٽُڪرن کي ”ڪَچو“ سڏيو ويندو هو. اُتي جڏهن آبڪلاٽيءَ جو پاڻي لهي ويندو هو، ته زمين پوک لائق ٿي پوندي هئي. (14: ص، 46) تنهن دؤر ۾ ساڳيءَ زمين کي وري وري پوکڻ بدران نيون زمينون پوک هيٺ آنديون وينديون هيون. جنهن کي ويساهي يا نوبت واريون زمينون چيو ويندو هو.

خريف ۾ خاص ڪري جوئر، ٻاجهري، چانور، تر ۽ مُگ پوکيا ويندا هئا ۽ ربيع ۾ وري مکيه فصل ڪڻڪ، جَوَ، نير ۽ سرنهن، چڻا ۽ مٽر هوندا هئا. خريف ۾ ٿوري انداز ۾ تماڪ ۽ ڪمند پوکيا ويندا هئا. ۽ ربيع ۾ وري پينگ ۽ ڏوڏي ٿوري انداز ۾ پوکي ويندي هئي. ٿوري انگ ۾ هيرڻ به پوکيو ويندو هو، اهو فصل دائمي هوندو هو. (14: ص، 47-46)

پوسٽنس چوي ٿو، ته تجارتي فصلن ۾ سڀ کان اهم فصل ڪپهه جو هوندو هو، جيڪو سنڌ جي وچئين ۽ ڏاکڻي علائقي ۾ وڏي پيماني تي پوکيو ويندو هو. پٽ، ڪمند، سڻي، پينگ ۽ تماڪ به ٿوري انداز ۾ اُپايا ويندا هئا. (14: ص، 48) ٻاجهري ۽

جَوَ به پوکيندا هئا. تر، هيرڻ، سرنهن، رائي ۽ جانبو تيلي ٻجن ۾ شمار ٿيندا هئا. پچاڙي ۾ بيان ڪيل تيل ٻجن واريون جنسون آهن. جيڪي گھرو استعمال لاءِ آهن. ڪوپرو تيل به هوندو هو. (4: ص، 71) هوڏانهن، سنڌ کان ٻاهر ويندڙ تجارتي مال ۾ هي شيون جھڙوڪ: ڪپھ، نير، شورو، آفيم، ڀنگ، تماڪ، گندرف ۽ ڦٽڪي رنگ ۽ دوائون به شامل هيون. (4: ص، 71) جڏهن ته ووڻن جي پوکيءَ جي رُت اپريل ۾ شروع ٿيندي هئي ۽ آگسٽ ۾ ڦٽين جو چونڊو ٿيندو هو. (4: ص، 71)

ٽالپر باغن جون جاگيرون، معافي ڏيندا. (14: ص، 49-48) حڪمران ٽالپر، ميوات ۽ وڻڪاريءَ جي همت افزائيءَ لاءِ باغ ڏيندا هئا، پر انهن تان ڪنهن به قسم جي ڍل يا محصول نه ورتو ويندو هو. باغ پوکڻ جي سَند جاري نه ڪئي ويندي هئي، پر اجازت زباني ڏني ويندي هئي. جڏهن ته جاگيرن ۾ موجود باغن تان محصول ورتو ويندو هو. جڏهن ته ڪجھ جاگيردار غيرقانوني طور ٺيڪي تي باغ يا زمين ڏيندا هئا.

گڏوگڏ جيتوڻيڪ معافي- باغ تان ڍل معاف هوندي هئي، پر وڪرو ٿيندڙ ميون تان ڏھ سيڪڙو محصول ورتو ويندو هو، پر ان محصول کان رعيتي باغ جي پيداوار آجي هوندي هئي. زميني ايراضيءَ تان ڍل، پيداوار جي نسبت سان ورتي ويندي هئي، جڏهن فصل پَلا ۽ جاگير ۾ واقع باغن جي پيداوار سُٺي ٿيندي هئي، ته انهن تان ويھ سيڪڙو تائين به محصول ۽ ڍل ورتي ويندي هئي. سنڌ ۾ چگي انداز ۾ پيدا ٿيندڙ ميون مان انب، ٻير، تُوت ۽ ڊاک، ليما، نارنگيون، ترنج، گدامڙي، چمون ۽ پستا، هنداڻن، گدرن، بادامن ۽ ڪيوڙا شامل هوندا هئا. (14: ص، 49-48) جڏهن ته ڊيل هوست، هينري پاٽنجر ۽ پوسٽنس موجب، سنڌ ۾ ٽالپر دؤر ۾ پاچين ۾ چٽا، سرنهن، توريون ۽ ونگا، پٽائي گجرون، گوگڙو، مٽرن ۽ پٽاٽن سان گڏ بصر، پالڪ، موري، ٿُوم، ڪدو، پٽاٽا، مٽر ۽ پيڻ به پوکيا ويندا هئا. (14: ص، 50-49)

سنڌ جا بهترين باغ مکيه شهرن، جھڙوڪ، ٺٽي، نصرپور، حيدرآباد، شڪارپور، سيوهڻ ۽ روهڙيءَ ۾ هوندا هئا. روهڙيءَ کي ”سنڌ جو چمن“ ڪري چوندا هئا. هينري پاٽنجر جي چوڻ موجب: ڪجين جي وڻن جا جھُڳٽا ۽ باغ پيري پيري تائين ڦهليل هوندا هئا. پوسٽنس لکي ٿو ته: ”درياءَ جي اوپر طرف روهڙي ۽ حيدرآباد ۾ بهترين قسمن جا عاليشان باغ آهن ۽ اونهاري جي موسم شروع ٿيڻ تي سڄو ملڪ گلن، خاص ڪري گلاب جي گلن سان ڍڪجيو وڃي. ملڪ جي هر طبقي جا ماڻهو باغن تي ڏاڍو ڌيان ڏين ٿا. تفريح وقت انهن باغن ۾ گذاري وڃي ٿو. هندو ۽ مسلمان ٻئي زندگيءَ جي هن پهلوءَ تي گھڻو ڌيان ڏين ٿا ۽ ان تي ڪافي پئسو خرچ ڪن ٿا! شڪارپور ۾ رڳو ميوا ۽ گل پوکيا وڃن ٿا.“ (14: ص، 49-48)

ڪجين جا يا پيا باغ به ڍل گهٽي اُپائيندا هئا. اهي به خاص مُند ۾ مقرر تاريخ تي ٺيڪن تي ڏنا ويندا هئا. ڪڏهن وري مقرر رقم تي سال لاءِ به ڏنا ويندا هئا. اهڙا باغ جيڪڏهن سنڌوءَ جي ڪناري هوندا هئا ته اُهي ڏاڍا مهانگا ڏنا ويندا هئا. جڏهن باغ وري وڏن ۽ اهم شهرن ويجهو هوندا هئا ته انهن کي ناڻي جي نادي سمجهيو ويندو هو. (4: ص، 162) هوڏانهن اِيسٽوڪ موجب، ڪي اهڙا پير ۽ مُرشد هئا، جن جي گهر سان لڳو لڳ باغ به پوڪيل هوندا هئا. (7: ص، 155-154)

هوڏانهن زرعي اوزارن ۾ هر، پاهوڙا، هُرلا، رَنبو، ليٽڻ، سينهرو، ڪِيڻ، وتوڙ، ڏاندارين، پِيانو، ناڙي، کهاڙو، کهاڙي ۽ ڏاتو شامل هئا، ۽ انهن سمورن تي ڪُل خرچ پنجن رپين کان مٿي نه ايندو هو. (14: ص، 52)

## هارين جي زندگيءَ جو معيار

جيتوڻيڪ 1837ع ۾ سنڌ ۾ اينڊرڻ ليفٽيننٽ ڪارليس ۽ 1847ع ۾ مختلف ضلعن جي ڪليڪٽرن، سنڌ جي هاريءَ کي "غريب، رحم جوڳي ۽ محتاج زندگي گهاريندڙ" جي حيثيت سان ڏٺو هو، پر اُهي وٽن "ڪاڏي ۽ ڪپڙي لٽي جهجهي" هجڻ جو ذڪر ڪندي، پنهنجي ئي ڳالهه کي ڪوڙو ڪري وِيڻا. (14: ص، 210)

ايس. پي. ڇبلاڻي سنڌي هاريءَ جي زندگيءَ جي معيار تي ڳالهائيندي چوي ٿو، ته هاريءَ جي پنهنجي معيشت گهڻي ڀاڱي خود- ڪفيل هئي، ڇوته جن شين جي کيس ضرورت هوندي هئي، سي هو پاڻ پيدا ڪندو هو. هن جون اهڙيون ضرورتون تمام ٿوريون هونديون هيون، جن کي هو پئسن سان وٺندو هو: تنهنڪري ناڻي جي مُلهه ۾ تبديلين جو هن تي نهايت ٿورڙو اثر پوندو هو. (14: ص، 210)

سنڌ ۾ چوپايو مال نهايت گهڻو هو، ۽ عام رواجي ماڻهوءَ وٽ به به چار وهٽ هوندا ئي هئا. حيدرآباد ۾ هڪ هاريءَ وٽ "آسائشي حالتن ۾ هڪڙو جوڙو ڍڳن جو، هڪ گهوڙو، هڪ ڳئون ۽ هڪ گابو، هڪ مينهن ۽ پندرهن ويهن ٻڪريون هونديون هيون. شڪارپور ضلعي ۾ هڪ هاريءَ کي رواجي حالتن ۾ ڍڳن جون جوڙيون هونديون هيون. (14: ص، 222) ڪراچي ضلعي ۾ هڪ هاريءَ کي سراسري حالتن ۾ ڇهه يا اَٺ ڍڳا، ۽ به يا ٽي هَرُ هوندا هئا. (14: ص، 223-222) وَهٽن مان کيس مکڻ، کير ۽ گيهه به ملندو هو: ان گيهه مکڻ جو ڪجهه حصو وڪڻڻ سان ڪٽنب جي آمدنيءَ ۾ ڪجهه واڌارو ٿيندو هو. سنڌ جي هاريءَ وٽ، هندستان جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾، ڪاڻڻ لاءِ ڪاڏو ڪافي هوندو هو، ڇوته سنڌ صحيح معنيٰ ۾ ڏڪار جي مصيبت ۾ انهن

تالپر اميرن ۾ ڪجھ خرچائو رئيس پڻ هوندا هئا. جهڙوڪ مير ڪرم علي خان، جيڪو پنهنجي شان ۽ شوڪت جي ڪري مشهور هوندو هو. (7: ص، 225) جاگيردارن ڪي سنڌن جاگيرن مان ملندڙ آمدنيءَ سبب هنن جي زندگيءَ جو معيار گهڻو وڏي ويو هو، ۽ هنن جو کاڌو پيتو، رهائش، پوشاڪ، رک رکاءُ وغيره به اميراڻو هوندو هو. تنهنڪري ايڇ. ٽي. سورلي چوي ٿو ته: جاگيردار وٽ خوش گذارڻ لاءِ سڀ ڪجھ هوندو هو يعني سواري لاءِ گهوڙا، ڏيکارڻ لاءِ سينگاري پيلا هڪ به اُٺ، هڪ اوطاق. (9: ص، 213)

هينري پوٽنجر چوي ٿو، ته اميرن ۽ جاگيردارن جو ڏيک ويک شان ۽ شوڪت وارو هوندو هو. 12: ص، 400) هو وڌيڪ ڄاڻائي ٿو، ته امير ڏاڍي نفيس قسم جي اڇي ڪپڙي جي قميص پهريندا هئا. ڪيس چيلهه جي چوڌاري اعليٰ ترين قسم جي قيمتي لونگي ڪمرپٽي وانگر ويڙهيل هوندي هئي ۽ ٻيءَ وڌيڪ نفيس ۽ سنهي ڪپڙي جي لونگيءَ جو مٿي تي پٽڪو ٻڌيندا هئا. لونگيون، سنڌ ۾ ڪمرپٽن، پٽڪن وغيره لاءِ ٺاهيون وينديون هيون. ڪي سڄيون ريشمي هونديون هيون ته ڪي ريشم ۽ سُٽ، ٻنهي مان گڏي ٺاهيون وينديون هيون. انهن مان گهڻيون قيمتي ۽ مهانگيون هونديون هيون ۽ منجهن زريءَ جي ڏاڍي سان نمار گهڻا گُل ۽ ٻوٽا اُڻيل هوندا هئا. (23: ص، 401) جيمس برنس چوي ٿو، ته سنڌ جا تالپر امير غاليچن، بهترين چادرن، ۽ ٻين نادر شين وٽڻ ۽ خادمن، غلامن ۽ ناچُو ڇوڪرين ڪي پاڻ وٽ رکڻ تي به ڪافي ناڻو خرچيندا هئا. (14: ص، 222)

رعايت يافته طبقا گوشت ۽ مڇي نهايت گهڻي انداز ۾ کائيندا هئا. پُلائن جا ڪيترا قسم کاڌا ويندا هئا. منايون ۽ ميوو به عام جام هوندو هو. رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب 'سنڌ: ڏُکاري ماٿري' ۾ لکي ٿو ته، "شاهوڪار ماڻهوءَ لاءِ مختلف اناجن مان، يا مختلف طريقن جي پچائڻ سان اٽڪل پندرهن قسمن جا 'روٽ' (مانيون) تيار ٿيندا هئا. منجهانئن ڪي مٺا به هوندا هئا ۽ مکڻ لڳل توست وانگر، مٿن ٿلهي ناسي رنگ جي کنڊ (مستي) ٻرڪي ويندي هئي. کير ۽ پاڻي قومي پيماني تي عام پيئڻ جون شيون هيون، پر انهن ڪي ملايو نه ويندو هو. لذيذ پلاون ۾ ايراني طرز سان تازي توڙي سُڪل مڇي، گوشت، پاڃيون، ميوا ۽ ٻيون مزيدار شيون ملايون وينديون هيون." (14: ص، 226)

ڊاڪٽر جيمس برنس 1831ع ۾ لکي ٿو: "سنڌ جي دربار ۾، هر مانيءَ مهل نهايت فياضاڻي طور هُن جي مهماني ڪئي وئي. ٻارهن چانديءَ جا ڏِڪون، قسمين

قسمين طعامن سان ڀرجي ايندا هئا، جن تي سونا ورق چڙهيل هوندا هئا، ۽ سندس نوڪرن کي شاهي مهمانن جيان سمجهيو ويندو هو، ۽ مناين ۽ ميون سان هن جي خاطري ڪئي ويندي هئي.“ (14: ص، 227) هينري پاٽنجر ٻڌائي ٿو: ”اسان جي خاطري ڏاڍي سُٺي ڪئي وئي. ڪن ڏينهن تائين اسان جي ماڻهن ۽ پاڻ چوپائي مال تي هرقسم جي کاڌي پيتي جي سامان جي بي انداز پالوت پئي هلي ۽ وفد جي رڪنن لاءِ روزانو مختلف طعامن جا ڏيڍ سؤ ڏاکون ڀرجي ايندا هئا ۽ انهن سان گڏ ڪابل جو تازو ميوو، شربت ۽ منايون به گڏ ايندیون هيون. (14: ص، 227) هُو ٽالپر اميرن بابت ٻڌائي ٿو، ته اُهي فرش يا رنگارنگي ٽُڪرين مان ٺهيل گاديلي تي ويهندا هئا، جيڪو زميني سطح کان به انچ به مٿي نه هوندو هو. (23: ص، 422)

رچرڊ برٽن چوي ٿو، ته دربار جا ننڍا شهزادا شئمپين ۽ ٻيا شراب گهٽو ورتائيندا هئا ۽ ائين پنهنجن راڄ وارن کي خراب ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ٽالپرن جي پُٽن ۽ پوٽن ۾ نشي جو رواج پيو، جيتوڻيڪ سندن (8: ص، 349) وٽ شراب جو نالو وٺڻ به عيب هوندو هو. ماڻهن هڪدم حاڪمن جي پيروي ڪرڻ شروع ڪري ڏني. جڏهن ته ڪي سردار، وڏيرا يا جاگيردار ڪي عورتون سُريتون ڪري ويهاريندا هئا. (سنڌو ماتريءَ جا قبيلا، ص 251-250) وڏن ماڻهن کي ڪنهن به نشيدار شيءِ واپرائڻ تي اعتراض ڪونه هوندو هو. (8: ص، 153)

ليفٽيننٽ ليچ چوي ٿو، ته امير وڏن جاگيرن ۽ جائيدادن جا مالڪ هئا ۽ هنن جا ڪيترا پوئلڳ قبيلي جا ماڻهو هوندا هئا، جيڪي پنهنجن قلعن يا ’ڪوٽن‘ ۾ شهزادن جهڙي شان ۽ طاقت جا مالڪ هوندا هئا. ٽالپر اميرن جا گهر گهٽو ڪري پڪين سرن جا ٺهيل هوندا هئا. (14: ص، 220)

ايسٽوڪ چوي ٿو، ته ڪي اهڙا پير ۽ مُرشد به هئا، جيڪي پنهنجي ڪوٽن ۾، آسودي ۽ آسائش وارن گهرن ۾ رهندا هئا. (7: ص، 155-154) هو حبيب ڪوٽ جي پير محي الدين سرهندي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو، ته هُن ڪيس رات جي ماني چانديءَ جي ڏاڪوئن ۾ کارائي هئي ۽ ماني کائڻ هڪ سهڻي ٺاهوڪي آواز واري راڳيءَ، ڏاڍي سوز سان شاهنامي مان رستم ۽ سهراب جي ويڙهه جو احوال ڳائي ٻڌايو هو. (7: ص، 155-154) هوڏانهن پوسٽنس چوي ٿو، ته ٽالپر امير ۽ جاگيردار شڪار جا شوقين هئا. اُهي شڪار لاءِ رکيل مزدورن کي ڏهاڙيءَ جو اڌ سير اٽو يا ٽڪو سوا (به پينس) به ڏيندا هئا. (4: ص، 163)

## برطانوي ۽ پاڪستاني دؤر ۾ جاگيرن جي تاريخ

سرچارلس نيپيئر ڊسمبر 1842ع جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ جي ٽالپر اميرن سان وڙهڻ لاءِ فوج وٺي روانو ٿيو. (24: ص، 139) 17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ ويجهو جنگ ٿي، جنهن ۾ ٽالپر اميرن سان گڏ ويهه هزار فوجي هئا. ۽ چارلس نيپيئر وٽ ٽي هزار فوجي هئا. ٽن ڪلاڪن تائين هلندڙ موتمار ويڙهه (24: ص، 139)، ۾ پنج هزار سنڌي فوجي مارجي ويا (11: ص، 289). جنهن ڳالهه مان اندازو لڳائجي ٿو، ته زخمين جو انگ ضرور ٻيڻو ٿي هوندو: تنهنڪري اهو چوڻ صحيح نه آهي، ته برطانوي فوجن، سنڌ تي ڪنهن مزاحمت بنا قبضو ڪري ورتو هو. ۽ سنڌي ماڻهو ساڻن نه وڙهيا هئا.

سنڌ جي برطانوي غلاميءَ جي تاريخ جيتوڻيڪ عام طور 17 فيبروري 1843ع سمجهي وڃي ٿي، پر حقيقت ۾ سنڌ جي برطانوي غلاميءَ ۾ اچڻ واريءَ اصل تاريخ 12 مارچ 1843ع آهي، جنهن تاريخ تي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو جي حُڪم سان سنڌ کي برطانوي شهنشاهيت ۾ شامل ڪيو ويو هو ۽ هتي برطانوي سامراجي - بيٺڪيتي نظام لاڳو ڪيو ويو.

مياڻيءَ جي جنگ ۾ برطانيا جي سوڀ کان پوءِ به، سنڌ ۾ اڃا به ڪيترائي اهڙا قبيلا ۽ سردارَ هئا، جن برطانوي حڪومت کي نه مڃيو هو. ۽ اُهي ميرپورخاص جي ٽالپر امير مير شيرمحمد جي اڳواڻيءَ ۾ برطانوي فوجن سان هڪ هڪاٽيءَ ڪرڻ لاءِ تيار هئا. تنهنڪري، برطانوي حڪومت طرفان جاگيرن کي موروثي قرار ڏئي، جاگيردار طبقي کي حڪومت جو وفادار بڻائڻ واريءَ پاليسيءَ تي عمل ڪيو ويو. انهيءَ رٿابنديءَ تي عمل ڪندي، لارڊ ايلنبرو جي حُڪم سان سرچارلس نيپيئر 5 مارچ 1843ع تي فارسيءَ ۾ لکيل هڪڙو پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته کين اڃا به وڏيڪ مزاحمت جو خطرو هو. تنهنڪري اُن پڌرنامي ۾ اهو چتاءُ ڏنل هو، ته هاڻي ڪابه مزاحمت سندن تباهي ثابت ٿيندي، ۽ پُرامن رهڻ سبب کين جاگيرون ڏنيون وينديون. انهيءَ مقصد لاءِ انهن جاگيردارن کي چيو ويو، ته اهي 22 مئي 1844ع تي گورنر کي سامهون سلام پيش ڪرڻ لاءِ حاضر ٿين، اُتي ايندڙ جاگيردار کي ”پروانو سلام“ ڏنو ويندو، ۽ ايئن اهو دائمي جاگير جو حقدار بڻجي ويندو. اهڙيءَ ريت، سنڌ ۾ برطانوي حڪومت جي انهيءَ پاليسيءَ هيٺ، سارا انصاريءَ جي چوڻ موجب جاگيردارَ خاندان، دائمي موروثي بڻجي ويا نه ته انهيءَ کان اڳ جاگيردار جي مرڻ تي جاگيرَ حڪومت جي تحويل ۾ هلي وينديءَ هئي. (25: ص، 55)

سنڌ جي باقاعدي برطانوي غلامي (12 مارچ 1843ع) کان پوءِ، سنڌين جي پهرين

عوامي- فوجي ويڙهه 24 مارچ 1843ع تي مير شيرمحمد جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهي وئي، جنهن کي دُٻي واري جنگ، حيدرآباد واري جنگ ۽ ناريجا واريءَ جنگ به چيو وڃي ٿو. مير شيرمحمد جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهندڙ فوج جو انگ اٽڪل ويهه هزار هو. انهيءَ ڏس ۾ سر چارلس نيپيئر چوي ٿو، ته پنج هزار ته رڳو جنگ جي ميدان ۾ ڪُٺيا ويا. جڏهن ته ٻُڌايو وڃي ٿو، ته اوسي پاسي جا ڳوٺ به لاشن ۽ زخمين سان ڀرجي ويا هئا. (11: ص، 295) هوڏانهن، ايسٽوڪ دُٻي واريءَ جنگ بابت چوي ٿو، ته اها مونمار ويڙهه ڪلاڪ ڪان به مٿي جاري رهي.... قليليءَ جو پيٽ ڦٽيلن ۽ مئلن جي لاشن سان ڏٽيو پيو هو. انهن سيني ماڻهن جي ٽيلهن ۽ سوٽي ڪپڙن ۾ باهه لڳي ويئي هئي.... حقيقت اِها آهي، ته سندن سڙندڙ ۽ ڦٽيل جسمن، هڪ دل ڏاريندڙ نظارو پيش ٿي ڪيو. ڪيترن سنڌي فوجين جا لاش قليليءَ جي مٿئين ڪپ تي برطانوي فوجن جي لاشن سان گڏ پيل هئا، جنهن مان سندن بهادريءَ جي گونگي شهادت پئي ملي. جنگ دؤران نه اَمانَ گهُري ويئي ۽ نه ڏني ويئي.... گهايل فوجين کي به برطانوي فوجين سنگينن سان ماريندا رهيا ٿي.... گهايلن به آڻ نه مڃي ۽ آخري دم تائين پنهنجي ترارين سان وڙهندا رهيا. (11:ص، 321)

جيتوڻيڪ هتي اهو تاثر عامَ آهي، ته سنڌ ۾ پهرين مارشل لاءِ حُرن جي هلچل کي دٻائڻ لاءِ 1942-1941ع ڌاري لاڳو ڪئي وئي، پر اِها ڳالهه دُرست نه آهي، ڇوته سنڌ ۾ پهرين مارشل لاءِ 26 آگسٽ 1843ع تي مَڙهي وئي. (11: ص، 306)..ملڪ ۾ مارشل لا مڙهجڻ ڪان پوءِ سمورن ماڻهن کي ٻي هٿيار ٽيڻ جا حُڪم ڏنا ويا، جيڪڏهن ڪو ماڻهو هٿيار ڪٽي هلندو هو، ته اُن کي ڏٽي تي جهلي سزا ڏني ويندي هئي. انهيءَ ڏس ۾ اِيسٽوڪ چوي ٿو، ته لارڊ ايلنبرو (جنهن کي هاٿي به سڏيو ويندو هو) اُن تاريخ تي هڪ جنرل آفيسر مقرر ڪيو، جنهن کي اُتر سنڌ توڙي ڏکڻ سنڌ جي ديواني، سياسي ۽ فوجي ضابطي جا اعليٰ اختيار ڏنا ويا، ۽ ميجر آئوٽرام کي سندس زيردست رکيو ويو. (11: ص، 306) هُو تنهن دؤر جي حالتن جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو: ”ملڪ ۾ مارشل لا هئڻ سبب رڳو تهمت لڳڻ سان ماڻهو سخت عذاب ۾ اچي پئي ويا. سزائون ڏاڍيون ڳريون رکيل هيون، جنهن ۾ معمولي سزا ڏهن، پندرهن ۽ ويهن هزارن رپين تائين هئي. گڏوگڏ زنجيرن ۾ جڪڙجي قيد ٿيڻ جي به سزا ڏني پئي وئي، جنهن جو مُدو ستن يا ڏهن سالن کان به مٿي هو. اُهي سزائون بروقت عمل ۾ آنديون پئي ويون، تنهنڪري ماڻهن جي سخت بيعزتي ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ اپيل وغيره جو به حق ڏنل هو، ۽ اهو به ضروري نه هو، جو سيني جي اپيل تي ويچار ڪيو

وڃي. ميرن جي دؤر ۾ روينيو (ڍل) جو حساب ڪتاب هڪ خاص مهيني ۾ پورو ڪيو ويندو هو. پر سر چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ موسم پٺيان موسم گذرندي پئي وئي، پر ڪوبه نبيرو نه پئي ٿي سگهيو. سزائون ڏاڍيون سخت هيون ۽ جيئن ته يورپي حاڪم اڻڄاڻ ۽ بي آزمودگار هئا. تنهنڪري ڪاردار ۽ سندن زيردست، ماڻهن کي قرض ۾ ڇڙواڳ ٿي پيا. ساڳئي وقت ڪاتيدارن تي روينيو في به مقرر ڪئي ويئي، جنهن جو اگهه سيني کان هڪجيترو اوڳاڙيو ويندو هو. انهيءَ نئين ڍل مڙهڻ ۾ زمين جي خاصيت، ۽ ان جي ايراضيءَ ۽ پڻ پاڻيءَ جي سهولت يا موسم وغيره جو ڪوبه خيال نه رکيو ويندو هو، سيني کي هڪجيتري ڍل ڏيڻي پوندي هئي. تورن ايڪڙن جي زميندار کان به، دوآبي ۾ سڄي زمين جي مالڪ کان ورتي ويندڙ ڍل جيان، ساڳي ڍل ورتي ويندي هئي. درخواستن ۽ عرضداشتن تي ڪوبه ويچار نه ڪيو ويندو هو. (11: ص، 306)

رچرڊ برٽن چواڻي، ميراڻي حڪومت کان پوءِ، ماڻهن جي هڪ وڏي جماعت بيروزگار ٿي پئي هئي، تنهنڪري منجهن ناراضپو هو. وڏن جاگيردارن ۽ زميندارن کي شڪايت هئي، ته هنن کي انگريزن وٽان ڪا پگهار نه پئي ملي، ۽ نه ئي ڪو وظيفو. هنن جي اهڙي خراب حالت ٿي وئي هئي، جو وٽن پوکيءَ لاءِ مزدور رکڻ جي طاقت به نه هئي.... وچولي درجي جا ماڻهو روئندا هئا، ته کين نوڪري نٿي ملي.... روزگار ملي ويندو هو، ته اُن جو اُجورو تمام گهٽ هوندو هو. (8: ص، 278)

سنڌ، نندي ڪنڊ جي دفاعي حيثيت سببان هڪ اهم علائقو هو. برطانوي راڄ ۾، سرحدي چوڪيءَ جي حيثيت سببان سنڌ جي جاگيردارن، زميندارن، قبيلائي سردارن ۽ عالمن توڙي پيرن جي سهڪار ڪانسواءِ حڪمراني ڏکيو عملَ هو. سنڌ جي پيرن جو جيتوڻيڪ پنهنجو مقامَ هو، پر اُهي گهڻي زميني ايراضين جا مالڪ نه هئا، پر سندن عام ماڻهن تي اثر گهڻو هوندو هو. (25: ص، 19)

سر چارلس نيپيئر جي خيال ۾ سنڌ جا جاگيردارَ 'فطري اشرافَ' هئا. هُن کين بلڪل آزاد ڇڏڻ نه پئي چاهيو ۽ نه ئي ذليل ڪرڻ پئي چاهيو. تنهنڪري، هُن مياڻيءَ جي جنگَ ڪانپوءِ اعلان ڪيو، ته جاگيردار آئت سان پنهنجي جاين تي ويٺا رهن ۽ ڪوبه اُلڪو نه ڪن، ڇوته هنن جون ملڪيتون کين موٽائي ڏنيون وينديون. پوءِ هڪڙو بيو اعلان ٿيو، ته سمورا جاگيردارَ 24 مئي 1844ع تي سلاميءَ لاءِ گورنر آڏو اچي حاضر ٿين. اينديڙن کي 'سلام پروانو' ڏنو ويندو ۽ کين حياتيءَ تائين پنهنجي زميني ايراضيءَ جو مالڪ مڃيو ويندو. چارلس نيپيئر جي ان اعلان سان هڪدم جاگيردارَ خاندان دائمي موروثي بڻجي ويا. جڏهن ته انهيءَ کان اڳ جاگيردار جي مرڻ تي جاگيرَ حڪومت جي تحويل ۾ هلي ويندي هئي. (25: ص، 55)

سنڌ ۾ ٽالپر اميرن ۽ برطانوي دؤر ۾ 407 جاگيردارن کي ڪُل ڏهه لک پنجاسي هزار 760 ايڪڙ زمين جاگير طور ڏني وئي. جڏهن ته يارهن اول درجي جي جاگيردارن کي ٻه لک ايڪاسي هزار 280 ايڪڙ، ٽالپرن جي چئن عظيم گهراڻن جي سترهن جاگيردارن کي چار لک اوڻهٺ هزار 840 ايڪڙ، قبيلن جي سردارن کي ڏنل پنجونجاهه جاگيردارن ۾ ٽيونجاهه هزار 760 ايڪڙ. پندرهن مددِ معاش- جاگيردارن کي چوويهه هزار 960 ايڪڙ، اٺ خيراتدارن کي ٻه لک يارهن هزار ٻه سؤ ايڪڙ، 266 باغن جي عطين ۾ ٻه هزار چار سؤ ايڪڙ زمين ڏني وئي. جڏهن ته برطانوي نوآبادياتي دؤر ۾ هڪ هندو کي پنج هزار 568 ايڪڙ، يارهن سوڍن قبيلن جي سردارن کي سورهن هزار 512 ايڪڙ ۽ ٽيويهه بلوچ قبيلن جي سردارن کي ٽيهه هزار 240 ايڪڙ زمين ڏني وئي. (26: ص، 36-35)

سنڌ ۾ اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري، جڏهن برطانوي انگريز آيا، ته پِيرَ هتي جي 'اشرافيه' جو اهم حصو هئا، جن سان انگريزن پنهنجو حڪومتي نظام هلائڻ لاءِ مامرا طئي ڪيا. اهڙيءَ ريت انگريزن جي حڪومتي دؤر ۾، سنڌ جي پِيراڻن گهراڻن کي هڪ خاص ۽ اهمَ حيثيت ملي وئي. (25: ص، 25-23)

جڏهن انگريزن، سنڌ تي قبضو ڪيو، ته پِيرن جي تحويل ۾ چئن قسمن- انعام، مددِ معاش، خيرات ۽ پَٽيداريءَ تي ڏنل جاگيرون موجود هيون. (25: ص، 55)

ٽالپر حڪمرانن جي جاءِ تي غيرمسلم حڪمران جي حاضري، اڪثر پِيراڻي گادين جي پِيرن لاءِ پريشانيءَ جو سبب هو، ڇوته نوان حڪمران، نه دُعا جا طلبگار هئا، ۽ نه ئي الله جي نالي تي حڪومت ڪرڻ پيا چاهين. بهرحال، انگريزن هنن آڏو اهو ظاهر ڪيو، ته سرپرستي ۽ واضح فرمانبرداريءَ جي صورت ۾ سندن رعايتن ۾ واڌارو ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت انگريزن ۽ پِيرن ۾ توازن جُڙيو. جنهن سان حڪمرانن کي مُلڪي انتظام ۾ گهڻي مدد ملي ۽ گڏوگڏ پِيرن کي ٻه موقعو مليو، ته اهي سماج ۾ پنهنجو مقامَ ناهين ۽ اُن کي قائم رکن. (25: ص، 54-53)

انگريزن، سياسي اقتدار ماڻڻ کانپوءِ سنڌي عوام تي حڪومت ڪرڻ لاءِ، حڪمت عمليءَ طور زميندارن، جاگيردارن ۽ پِيرن کان سهڪار ورتو. هنن سنڌ ۾ قطعي نبيرن وسيلي زميندارن جو هڪڙو طبقو پيدا ڪيو، جيڪو سندن واسطي وفادار رهيو، هنن لاءِ نه رڳو ڊل وٺندو هو، پر عوام کي ٻه پنهنجي ضابطي ۾ رکندو آيو. ان پاليسيءَ جي ڪاميابيءَ جو سبب اهو هو، جو ان سان سنڌ ۾ سماجي ڍانچو نه بدليو، جيڪي رعايتون ماڻيندڙ طبقا اڳ موجود هئا، تن جي حيثيت اڳوڻي جيان برقرار رهي.

تنهنڪري نئين سياسي تبديليءَ منجهن گهٽي اُٿڻ پيدا نہ ڪئي، ۽ اُهي ان تي تيار ٿي ويا، تہ جيڪڏهن هنن جي سماجي حيثيت ۽ اقتدار کي برقرار رکيو وڃي، تہ اُهي انگريزي حڪومت سان سهڪار لاءِ تيار آهن. تنهنڪري ان ناهہ هيٺ هڪڙي پاسي زميندارن ۽ پيرن پنهنجون جاگيرون ۽ رعايتون برقرار رکيون، تہ ٻئي پاسي انگريزي حڪومت واسطي عوام کان ڏل وٺڻ ۽ کين سنڌن وفادار رکڻ ۾ سولائي ٿي. [25: ص 9-8]

هتي اها ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ ضروري آهي، تہ سنڌ جي زميندارن ۽ پيرن مجموعي طور پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪيو، ۽ هنن وٽ عوام يا ملڪ جي ڪابہ حيثيت نہ هئي. انگريزن هنن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ، سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي روايتن کي مؤثر هٿيار طور واپرائيندي، انهن پيرن کي مجبور ڪيو، تہ اُهي سندن ناهيل جوڙجڪ ۾ رهن، ۽ ڪانئس انڪار نہ ڪن. [25: ص، 9]

برطانوي حڪومت کي، ترت ئي سلام پرواني هيٺ جاگيرون ڏيڻ واري پنهنجي بيوقوفيءَ جو احساس ٿيو ۽ 1845ع ۾ ڪيترين ئي جاگيرن کي واپس ورتو ويو. ٽالپرن جي ڏنل جاگيرن کي، تحويلدارن جي موت ڪانپوءِ سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جو عمل شروع ڪيو ويو، ۽ پوءِ ڪابہ جاگير سرڪار جي توثيق بنا ٻيهر نہ ڏني وئي. تنهنڪري جيڪو جاگيردار 'سلام پروانو' نہ وٺي سگهندو هو، سو پنهنجي جاگير وڃائي ويهندو هو. [25: ص، 56-55]

1855ع ۾ جاگيرن جو ڪمشنر مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن مامرا قائدن ۽ ضابطن موجب اُڪلائڻ لڳا، تہ پتو پيو، تہ ٽالپر دؤر جي پڇاڙيءَ ۾، شروع واري عرصي جي پيٽ ۾، گهٽيون جاگيرون ڏنيون ويون هيون، جنهن جو سبب ٽالپر خاندانَ وچ ۾ ڇڪتاڻ هئي. جاگيرون ڏيندي وڏيڪ حامي ۽ طرفدار ناهڻ هو، ايئن گهڻا گهٽ درجي جا ماڻهو بہ جاگيردار بڻجي ويا هئا. حڪومت کي جيئن تہ هاڻي اهڙن جاگيردارن جي ڪابہ گهُرج نہ هئي، تنهنڪري سندن جاگيرن کي ختم ڪرڻ جي مقصد سان فيصلو ڪيو ويو، تہ انهن جاگيردارن جي ٻئي نسل ڪانپوءِ سندن جاگيرون واپس سرڪاري تحويل ۾ ورتيون ويندون. ٻئي پاسي انهن جاگيردارن کي مڃيو ويو، جن کي ٽالپر دؤر کان اڳ يعني 1783ع کان پهرين جاگيرون ڏنيون ويون هيون. اهڙيءَ طرح انيڪ بلوچ سردارن کي فائدو ٿيو، جن جي انگريزن کي گهُرج هئي. [25: ص، 56]

پيرن جي ڏس ۾ سڀ کان پهرين ڏکيائي "سلام پروانو" جي مامري ۾ سامهون آئي. 1846ع ۾ جيتوڻيڪ چارلس نيپيئر جي اعلان موجب باغن جي تحويلدارن کي "سلام" جي ڇوٽ ڏني وئي هئي، پر ڪيترن ئي مذهبي خاندانن جي تحويل ۾ باغن

سميت پيون ايراضيون به هيون، جيڪي سلام نه ڪرڻ سببان ضبط تي ويون هيون. اڪثر پِير، مذهبي عالمَ هئڻ جي آڌار تي، مسلمان حڪمرانن سان نه ملندا هئا، تنهنڪري چوندا هئا ته، ”ڪافر انتظاميا سان ملاقات ڇو ڪئي وڃي؟“ ڪجهه پِيرن، خاندانَ جي ڪنهن فرد کي ۽ وري ٻين ڪنهن پروسي واري عملدار کي سلام ڪرڻ تي مجبور ڪيو. اهڙيءَ ريت سندن ڪجهه ايراضي، سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ کان بچي وئي ۽ ڪين بحال تي ملي. (25: ص، 59)

انهيءَ ڳالهه جي نشاندهي به ضروري آهي، ته سنڌ تي قبضي کانپوءِ انگريزن اُنهن جاگيرن ۽ محصولن ۾ رعايتن جي قانوني حيثيت کي ميڇي ورتو هو، جيڪي اڳوڻن حڪومتن جاگيردارن کي ڏنيون هيون. هنن جاگيرداري نظام کي برقرار رکيو، پر ڪجهه پابنديون مڙهيون، جن جاگيرداريءَ کي زميداري نظام جي ويجهو ڪري ڇڏيو. جاگيردار، زمين تي ڍل ۽ حڪومت جي تاهيل واهن مان پاڻي واپرائڻ تي پنج سيڪڙو آبيانو ڏيندو هو. شروع ۾ آبيانو فصل جي پنجين حصي جي برابر مقرر ڪيو ويو هو، پوءِ جڏهن جنس جي صورت ۾ ملندڙ ڍل جي جاءِ تي روڪڙ ڍل ورتي وئي، ته اُن ورتي ويندڙ ڍل جو مقدار هڪ ايڪڙ تي اٺن کان ڏهن آنن جي وچ ۾ هو. 1924ع ۾ ڍل ٻارهن آنا، هڪ رپيو اٺ آنا في ايڪڙ تائين پهچي وئي هئي. پر ان صورت ۾ به ملندڙ آبياني جي رقم مان آبپاشيءَ نظام تي ٿيندڙ سرڪاري خرچن جو پُوراءُ نه ٿي ٿيو. ڪجهه جاگيردارن کي تمام گهٽ ڍل يعني ٻه آنا في بيگهه ايراضيءَ تي ڏيڻي پوندي هئي. شروع شروع ۾ جاگيرن جي مالڪن جي حقن ۾ فرق هو. سرڪاري عملدارن ان کي ڇنڊ درجن ۾ ورهايو هو، پر ٿئين ڏهاڪي تائين اهو فرق ختم ٿي ويو، بلڪ جاگيردارن کي پنهنجي هارين سان مرضيءَ موجب، شرطن تي رنڊڪ بنا معاهدا طئي ڪرڻ جو حق ملي ويو هو.

”مدد معاش جاگيرون“ ۽ ”خيرات جاگيرون“ مسلمان مولوين ۽ قاضين کي ڏنيون ويون هيون. پهرين قسم جي جاگيرن جو مجموعي تعداد ڪافي هو، پر انهن جي ايراضي ڇانوي ايڪڙن کان ورلي وڌيڪ هوندي هئي. ٿورڙن ايڪڙن تي ٻَڌل زمينن جي اڪثريت هئي. (26: ص، 37)

شڪارپور، سکر ۽ تعلقي نوشهرو ابڙو جي علائقن ۾ پٽيداريءَ جو نظام به عام هو. ارڙهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ افغان حڪمرانن اهي ايراضيون انهن پوکيندڙن کي ڏنيون هيون. لاڳاپيل دستاويز، جنهن کي پَٽو چوندا، ۾ رعايتي ڍل طئي ٿيل هوندي هئي. پوءِ ٽالپر خاندان ۽ انگريزن عملدارن به ان نظام کي ميڇي ورتو هو. گڏوگڏ سيدن ۽ فقيرن کي به جاگيرون ڏنيون ويون.

اهڙيءَ ريت، نوآبادياتي عملدارن، برطانوي بورزوا جي معاشي ۽ سياسي مفادن واسطي، روايتي سماجي ادارن کي استعمال ڪرڻ جي مقصد هيٺ، سنڌ ۾ رعايت ماڻيندڙ جاگيردارَ طبقي جي ملڪيتي جاگيرن واري ڪافي پيچيده نظام کي برقرار رکيو. هنن پنهنجي اهم سهارو سمجها ويندڙ پراڻن جاگيردارن جي حقن جي نه رڳو توثيق ڪئي، بلڪ پاڻ به جاگيرون ورهايون. مشروط جاگيرن جي قانوني تحفظ، وڏن جاگيردارن جي قوت کي سگهارو ڪيو. جديد دؤر ۾ برطانوي هندستان ۾ زرعي ناتن جي حقيقي نوعيت بابت آر. اي. اليانوفسڪي لکندي چوي ٿو، ”هندستاني زرعي نظام جو وڏو تضاد، هڪڙي پاسي جاگيرداراڻي ۽ نيم جاگيرداراڻي پيداواري طريقي جي بنياد تي روڪڙ ۽ جنسن جي ناتن جي رواج ۽ ارتقا ۾ هو، ته ٻئي پاسي جاگيرداراڻي ۽ سامراجي نظام جي حڪمران طبقن طرفان استعمال ٿيندڙ روڪڙ ۽ جنس جي ناتن جي غيرمشروط غلبي جي دؤر ۾، جاگيرداراڻي ۽ نيم جاگيرداراڻي پيداواري طريقي جي اضافي موجودگي ۽ تحفظ موجود هو. (26: ص، 38-37)

وڏا جاگيردارَ اڪثر گهٽي پُهچ جا مالڪ هوندا هئا.... جاگيردارَ انيڪ مهمانن لاءِ وڏيون دعوتون ڪندا هئا: شاندار محلاتن جي اڏاوت لاءِ وڏو ناڻو خرچيندا هئا: پنهنجي ڍنگ جا دربار ۽ مشاعرا ڪوٺائيندا هئا: وڏن شڪارن جو اهتمام ڪندا هئا: جاگيردارَ وٽ انيڪ نوڪر ملازم طور رکيل هوندا هئا، جيڪي پنهنجي مالڪ ۽ سندس مهمانن جي خدمت چاڪري ڪندا هئا. ۽ کاڌي پيتي جون شيون مهيا ڪرڻ، جائيداد جي بچاءُ، حويلي ۽ باغن جي سنڀالَ وغيره جو خيال رکندا هئا. ڪنهن ذاتي ڪم جي گهُرج مهل زميندار، هارين جي ڪٽنبن کي به گهُرائي وٺندا هئا. جيتوڻيڪ نوڪرن کي ٿورڙو اُجورو ملي ويندو هو، پر هاريءَ کي ته ڪجهه به نه ملندو هو، ڇوته هنن لاءِ اهو ڪم واڌو بارُ ۽ سندن ذميواري ۾ شامل هوندو هو.

جاگيردار خرچن جي پرواهه نه ڪندي، قرضن ۾ ڦاسجندي به فوجي ۽ سول آفيسرن کي دعوتن تي گهرائيندا هئا، شاندار دعوتن ۽ شڪار سان سندن دل وندرائيندا هئا. رشوتن سان ڪين خوش ڪندا هئا. يورپي آفيسر، مقامي وڏيرن جاگيردارن جي دربار ۾ به ايندا رهندا هئا: برطانوي عملدار، انهن جاگيردارن کي وفاداريءَ جو معاوضو، سرڪاري ادارن جي دعوتن، هٿيار رکڻ جا لائسنس يا ”آفرين نامو“ ڏيڻ جي صورت ۾ ڏيندا هئا، يعني انهن جي ڪيل خدمتن لاءِ شڪربي جو اظهار، اعليٰ عهديدارن جا دستخط ڪيل خط، هٿيارَ، ايستائين جو ڪپڙن جي ٿانَ

جي روپ ۾ به ڏيندا هئا. بينڪيتي نظام ۾ ملازم وڏيرن کي ”رئيس“، ”خانصاحب“ ۽ ”خانبهادر“ جي اعزازي لقبن سان نوازيو ويندو هو. [26: ص، 39-38]

عام طور پيرن لاءِ اعزازَ خاص اهميت رکندڙ هوندو هو. سجاده نشين پِير، پنهنجي ۽ پنهنجن مريدن ۾ هڪ فاصلو رکڻ جا قائل هئا.... تنهنڪري اُهي عوام کان نرالو نظر اچڻ تي ڌيان ڏيندا هئا. هنن جي ڪوشش هوندي هئي، ته سندن رک رکاءُ رنگ ڍنگ منجهان روحانيت جهلڪندي نظر اچي. هنن جو لباس مختلف هوندو هو. عمامو ٻڌڻ جو طريقو رسول اڪرم ﷺ جي سُنت موجب هوندو هو، يا قيمتي پوشاڪ هيرن ۽ جواهرن سان جَڙيل هوندي هئي، جو پائيندڙ جو رعب وڌي ويندو هو. جنهن علائقي ۾ حيثيت آهر ڪپڙو واپرايو ويندو هو، اُتي پِير شلوار قميص لاءِ چاليهه گز جو پورو ٿانُ واپرائيندا هئا. رعبدار ماحول ٺاهڻ جي مقصد واسطي شاهي دربار جو نقشو ٺاهيو ويندو هو: جتي مريد درباري، ۽ خليفو يا خليفا وري وزير جو درجو رکندا هئا، ۽ پيرن جي اوطاق، دربار جو ڪم ڏيندي هئي. مذهبي اڳواڻ جيتوڻيڪ انگريز حڪومت جي ’اقتدار‘ کان ظاهري طور انڪار ڪندا هئا، پر فطرتي طور عزت ۽ اعزازَ ۽ احترام جي خواهش رکندا هئا، ۽ عملي طور عوام جي نظرن ۾ معزز رهڻ خاطر انگريزن جو سهڪار چاهيندا هئا. [25: ص، 62]

انگريزن جي سرپرستي ۽ اعزازن جي ورهاست جو پاڻ ۾ گهاٽو ناتو هوندو هو. جيتوڻيڪ انهن اعزازن جي ماليت ايڏي گهٽي نه هوندي هئي، چوته انگريز قيمتي انعامَ ڏيڻ جا قائل نه هئا. پيرن کي شروع ۾ ويهه ٽيهه- ايڪڙ زميني ايراضي ڏني ويندي هئي، پر 1870ع ۾ ان سلسلي کي ختم ڪري، ان جي جاءِ تي ڪين دربار ۾ ڪرسي، سون ۽ چانديءَ سان لکيل آفرين ناما، انيڪ قسمن جون لُنگيون، جڙيل تلوارون ۽ بندوقون، هٿيار رکڻ جا اجازت ناما يا پرواني بنا هٿيار رکڻ جي اجازت ۽ ديواني مقدمن ۾ حاضريءَ جي پابنديءَ کان ڇوٽ ڏني وئي، ۽ اُهي اهڙن ڳالهين واسطي انگريزن تي آڌارڻ لڳا. ڪين اهي رعايتون، سرڪار سان سهڪار عيوض ڏنيون وينديون. مثال طور: رستن، شاهراهن ۽ واهن جي اڏاوت لاءِ مزدور ڏيڻ يا ڏوهي جهلرائڻ ۾ حڪومت جي واهر ڪرڻ.... اُهي پيرَ ان خواهش جي پُورٽتا لاءِ پنهنجي ڪيسي مان به پئسا خرچ ڪندا هئا. هڪڙي موقعي تي ڪجهه ڏوهن ۾ ٽيندڙ جاچ ۾ مدد ڪرڻ ۽ مامري کي سُلجهائڻ ۾ سهڪار ڪرڻ عيوض، پير صاحب گهوٽڪيءَ کي ’آفرين نامو‘ ۽ تلوار ڏني وئي، پر تلوار کيس پسند نه آئي ۽ هن ان کان سُٺي تلوار وٺڻ لاءِ سرڪار کي پنهنجي ڪيسي مان رقم ڏني. [25: ص، 63]

انگريزن، اڳوڻي حڪومت ۾ ڪوٺائجندڙ دربار کي ته برقرار رکيو، پر ان جي جوڙجڪ پنهنجي طريقن تي ڪئي، يعني ترتيب ۽ طبقا قائم ڪيا. (اهڙا دربار هال هينئر به سنڌ جي هر ضلعي ۾ موجود آهن، جتي ضلعي عملدارَ ويهن ٿا، ۽ پنهنجي دربار هلائين ٿا: سنڌيڪار) هاڻي روزاني زندگيءَ جو ڪاروبار، دربار ۾ نه اُڪلايو ويندو هو ۽ انهن پيرن کي رڳو رسمي ۽ اهم موقعن- اهم اعلانن ۽ اعزاز ورهائڻ- لاءِ گهُرايو ويندو هو. دربار ۾ ڪرسيءَ تي ويهندڙن جي فهرست، ڪليڪٽر پنهنجي مرضيءَ سان جوڙيندو هو. ڪنهن کي درباري بنائڻ سندس اختيارُ هوندو هو. (25: ص، 63) رڳو ڪليڪٽر جا درباري، مٿين آفيسرن جا درباري بڻجي سگهندا هئا. ڪليڪٽر کان مٿانهين ڪمشنر جي دربار هئي. ڪمشنر وٽ ڪرسيءَ تي ويهندڙ ماڻهن جي، هر ضلع جي هڪ ڌار فهرست، ضلعي عملدارن جي سفارشن موجب جوڙي ويندي هئي. جنهن مان ڪِن کي بمبئي جي گورنر ۽ وائسراءِ جو درباري چونڊيو ويندو هو. گورنر ۽ وائسراءِ جي دربار، سندن سنڌ جي دوري جي موقعي تي ڪوٺائي ويندي هئي. (25: ص، 64)

ڪمشنر جو درباري هجڻ، لُنگي يا آفرين نامو وٺڻ جي پيٽ ۾، وڌيڪ افضل سمجهيو ويندو هو، جو ته درباري ڪنهن خدمت عيوض نه بڻايو ويندو هو، بلڪ تن سڀن جي آڌار موجب ڪرسيءَ تي ويهڻ جي اجازت ملندي هئي: ڪرسيءَ تي ويهندڙ جو سماج ۾ مقام ۽ اهميت: شخصي چال چلت: ۽ سرڪار سان ڪيل سهڪار ۽ امداد ۽ سندس نوعيت.... ڪڏهن ڪڏهن 'روحاني اهميت' به ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ ڪارائتي ثابت نه ٿيندي هئي، ۽ سفارشون سدائين لاءِ نامنظور ڪيون وينديون هيون. اڪثر دعويدارن کي نامنظوريءَ جي صورت ۾ ڪجهه عرصي ڪانپوءِ پيهر درخواست ڪرڻ لاءِ چيو ويندو هو. (25: ص، 64)

ٽالپر گهراڻي جي جاگيردارن، اهم قبيلائي سردارن ۽ پيرن جي ويهڻ واري ڪرسي تبديل نه ٿيندي هئي. هنن جون ڪرسيون عام طور سندن وارثن کي ئي ملنديون هيون. اهم پيرن کي سندن حيثيت موجب جاءِ ملندي هئي: مثال طور- ضلع حيدرآباد ۾ انهن جي ڪرسي ٽالپر خاندانَ جي ڪُرسين کان هڪدم پوءِ لڳندي هئي. 1888ع ۾ هالا جي مخدوم جي ڪرسيءَ جو نمبر پنجهتر هو. رڳو ٽالپر جاگيردار ڪانئس اڳيان ويهندا هئا. 1890ع ۾ ان ڪرسيءَ جو نمبر ستٽيهون هو ۽ 1912ع ۾ ڪيس نائين ڪرسي ملي هئي. (25: ص، 65)

پير صاحبَ پنهنجي اوائلي ڪرسيءَ خاطر سفارش به ڪرائيندا هئا، ۽ اڪثر پنهنجي والد جي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي درخواست ڪندا هئا. 1900ع ۾ بمبئي جي

گورنر جي دربار جي موقعي تي راڻي پور جي پير صالح شاهه کي سندس والد مرحوم غلام محي الدين شاهه جيلانيءَ جي ڇهين ڪرسيءَ جي جاءِ تي 212 نمبر ڪرسي ملي، پر پوءِ عملدارن کي ان ڀُل جو احساس ٿيو، ۽ سندس ڪرسيءَ کي صحيح هنڌ رکيو ويو. (25: ص، 65)

اها به حقيقت آهي، ته پيرن ۽ سجاده نشينن پنهنجي سهڪار جي پوري قيمت وصول ڪئي، هڪڙي پاسي هنن پنهنجي موروثي جاگيرن جو بچاءُ ڪيو، ته ٻئي پاسي اچا وڏيڪ زمينون وٺي پنهنجي جائيدادن ۾ واڌارو ڪيو، جنهن جو هڪڙو مثال سکر بئراج جون زمينون آهن، جن کي وٺڻ لاءِ هنن برطانوي حڪومت کي درخواستون ڏنيون. رعايت ماڻيندڙ طبقي جيان هنن جو سماجي رُتبو، عام ماڻهن ۽ ٻين طبقن کان مٿاهون رهيو، جنهن سبب عوام منجهه هنن لاءِ عزت ۽ عقيدت سميت ڊپ ۽ ڀؤ باقي رهيو. اهو ڊپ سياسي به هو، ته روحاني به. پير قتل ڪرائڻ سميت پاراتو ڏيندي ڪنهن کي نفسياتي طور پڻ تباهه ڪري سگهندو هو. (25: ص، 9)

وڏا جاگيردار سڌو سنئون زرعي پيداوار ۾ حصو نه وٺندا هئا، ۽ جاگيرن ۾ ورهاست ۾ آيل زمين، بٽائيءَ تي ڏيندا هئا. پر زمين پوکيندڙ هاريءَ ۽ جاگيردار يعني مالڪ وچ ۾، اڪثر مٿئين ڳوناڻن مان ئي لاڳاپيل دلال، مقدم، نمبردار يا جاگيرن جا انتظام هلائيندڙ ڪمدار موجود هوندا هئا، جيڪي پنهنجي طور بٽائيءَ واري زمين، پنهنجي لاءِ فائديمند شرطن تي بٽائيدار هارين کي ڏيندا هئا. بٽائيءَ جي مُدت ۽ بٽائيءَ جو معاوضو (مالڪاڻو) جنس جيان، لکيل معاهدي ۾ طئي ٿيندو هو. روڪ بٽائيءَ واري صورت سنڌ جي علائقن ۾ هڪجهڙي نه هئي ۽ ان جو آڌار زمين جي خاصيت، موسم ۽ پوکيل زرعي جنسن تي ٿيندو هو. (26: ص، 39)

ويهين صديءَ تائين هڪ ٻن ڪانسواءِ باقي سمورا جاگيردار مسلمان هئا. پر روڪڙ ۽ جنسن جي ناتن ۾ واڌ، نون علائقن ۾ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ زمينن جي قيمتن ۾ واڌاري سبب، سودخورن گهٽو ڪري هندوئن به زمين وٺڻ شروع ڪري ڏني هئي. اهي زمينون وٺندا هئا، يا شهري عدالتي نظام کي واپرائيندي، پنهنجي قرضي مسلمان جاگيردارن کان زمين ڦُري وٺندا هئا. ٽئين- پنجين ڏهاڪن ۾ اهو عمل وڏيڪ تيز ٿي ويو. ٻينڪيتي دؤر جي پڄاڻيءَ تائين اٽڪل چوويهه لک ايڪڙ زمين سُودخورن جي هٿن ۾ هيٺيڪي ٿي چُڪي هئي.

جڏهن سکر بئراج جي نهري ايراضين کي پوکيو ويو، ته برطانوي عملدارن، زمينون ڏيڻ واري اڳوڻي رٿا کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ زمينن کي وڪڻڻ يا ماڻهن کي

نجي ٺيڪي تي ڏيڻ کي اوليت ڏني. نئين پوکيل زمينن جو وڏو حصو، بازار جي قيمتن تي وڪرو ٿيو، پر سرڪاري ملازمن لاءِ گهٽ قيمتون رکيون ويون. 1928ع ۾ ادائي ايڪڙ ايراضي زمين جي رعايتي قيمت ڇهه رپيا مس هئي. جڏهن ته بازار جي قيمت اٽڪل چوئيتاليهه رپيا ڇهه آنا هئي يعني ساڍا ست سؤ سيڪڙو وڌيڪ هئي. 1928ع ۾ ادائي ايڪڙ تي بٽائي جي اوسط رقم سوا ٽي رپيا، 1932ع ۾ سوا به رپيا هئي. 1928ع کان 1933ع تائين عملدارن به لک ارڙهن هزار 191 ايڪڙ زمين ورهائي ۽ زرعي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ حالتون پيدا ڪيون. (26: ص، 40)

بئراجي علائقن ۾ زمينون اڪثر پنجابين (سرڪاري ملازمن يا ڳوٺن جي اميرن) ورتيون. هنن نه رڳو سرڪاري زميني فنڊ مان زمينون ورتيون، پر مقامي ننڍن زميندارن جون زمينون به هنن ئي ورتيون، جن کي پيسن جي گهٽتي ڳُهَرَ هئي. سکر جي نهري نظام جي چالو ٿيڻ کان ڇهه سال اڳ پنجابين، مارواڙين، راجستانين ۽ ٻين پناهگيرن، سنڌي مسلمانن کان ٽي هزار 741 ايڪڙ ۽ سنڌي هندوئن کان ٽي هزار 192 ايڪڙ زرعي زمين ورتي.... زمينن خريدڻ سان هاري به نئين جاگيردارَ جي ملڪيت ۾ اچي ويندا هئا. (26: ص، 41)

غيرحاضر زميندارن جي پرت ۾ واڌارو ٿيو. زمين وٺندڙ سرڪاري ملازمن جو خاندان، عام طور شهرن ۾ رهندو هو. زمينن جو انتظام ڪمدار هلائيندو هو. هڪ برطانوي ايڊمنسٽريٽر لکيو ته: ”اهي مالڪَ، زمين جا حقيقي هاري نه هوندي به، وڏين ملڪيتن کي ننڍن ننڍن ايراضين ۾ ورهائين ٿا، جن کي پوءِ وڪٽي ڇڏين ٿا، يا وري بٽائيءَ تي ڏئي ڇڏين ٿا ۽ پاڻ هڏحراميءَ مان مزو وٺن ٿا. گهٽيون زمينون اهڙن مالڪن جي هٿن ۾ آهن، جيڪي هارين کان وڌيڪ ٺيڪيدار آهن. مورا مالڪ، زمين جي دل ۾ آبيانو ڏيندا هئا، ۽ ڪين اڪثر ڪنهن قسم جي رعايت مليل نه هئي، جنهن مان ظاهر آهي ته جاگيردار ۽ زميندار، محصول جو بازُ هارين تي وجهي ڇڏيندا هئا.“ (26: ص، 42)

سنڌ، پهرين عظيم جنگ جي پڄاڙيءَ تائين، برطانوي هندستان جي سڀ کان پوئتي پيل علائقن منجهان هڪڙو علائقو هو. ان جي معاشي ترقيءَ ۾ تيزي، آبپاشيءَ جي وڏن نهري بئراجن جي اڏاوت ۽ وسيع غيرآباد زمينن جي پوکائيءَ کانپوءِ آئي. چوٿين- پنجين ڏهاڪي ۾ زرعي پيداوار ۾ واضح اُڀار ڏسڻ ۾ آيو. تڏهن سنڌ ۾ اڪثر نقدي اناجَ جون جنسون پوکيون وينديون هيون، پر 1947ع کان پوءِ اٺين ڏهاڪي تائين ڪنهن قدرَ نون ايراضين جي پوکائي ۽ پوءِ شروع ٿيل ”سائي انقلاب“ جي ڏينهن ۾، پوکائيءَ جي مؤثر طريقن جي واهپي وسيلي واڌ ٿيندي رهي. (26: ص، 417)

سنڌ ۾ ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪن دؤران، مقامي معيشت جي اهم شعبي زرعي پيداوار ۾ اهڙن فصلن جي ورچ ٿي، جن جي پوکائيءَ ۾ برطانوي صنعتي بورزوا دلچسپي رکندا هئا. مجموعي طور پوکيل ايراضيءَ ۾ واڌاري سميت ڪٽڪ ۽ چانور جي ايراضين ۾ واڌ سبب، روايتي فصلن يعني جوار ۽ ٻاجهري جي انگ ۾ گهٽتائي آئي. (26: ص، 22-21)

1917ع تائين رياست ۽ زميندار وچ ۾ فصل جي بٽائيءَ وسيلي محصول وٺڻ جو نظام ختم ڪيو ويو ۽ مقدار جي علائقائي فرق کي به ختم ڪيو ويو. ٿرپارڪر ۽ ڪوهستان سميت سنڌ جي سمورن علائقن مان اجتماعي محصول سميت ڍل (ڏهين پتي) ۽ آبيانو (ٽائين پتي) ورتو ويندو هو. محصول جي مقداري ڪاٿي لاءِ زميني ورچ ۾ سڀ کان پهرين آبپاشي جي اوزارن جي نوعيت، زمين جي خاصيت ۽ زرعي مال جي کپت جي امڪان کي سامهون رکيو ويندو هو. تنهنڪري سکر بئراج جي اڏاوت جي نتيجي ۾، وڌيڪ ايراضي پوکڻ سان محصولن ۾ به گهڻو واڌارو آيو. (26: ص، 43-42)

1938ع ۾ مستقل شرح سان ڪپهه، ڪٽڪ ۽ چانور جي پوکيل ايراضين لاءِ "متحرڪ پيمانو" رائج ڪيو ويو. انهيءَ صورت ۾ محصول جو مقدار، مُند جي تُوڪ قيمتن موجب بدلجندو رهندو هو. "متحرڪ پيماني" جي مڙهڻ جو مقصد، زميندارن کي نوآبادڪارن لاءِ غذائي ۽ صنعتي جنسون جي پوکڻ ڏانهن مائل ڪرڻو هو. محصول جي ان قسم ۽ ائين نهري ۽ باراني ايراضين تي ڍل مڙهڻ، خزاني جي آمدني ۾ وڌائڻ ۾ مدد ڏني. صوبائي بجيٽ جي آمدني ۾ تيزيءَ سان واڌارو ٿيو. جيڪڏهن جنگ کان اڳوڻن سالن ۾ واڌارو سادا نَو سيڪڙو هو، ته جنگ دؤران اهو واڌارو وڌي وڃي چورانوي سيڪڙو بيٺو.

زمين تي سڌي سنئين محنت، موروثي ۽ عارضي هاري- هاري ۽ ان قسم جي ٻين ننڍڙن ايراضين جا مالڪ (ننڍا زميندار) ڪندا هئا. زمينن کي هارپ وسيلي پوکڻ سان گڏ مستقل هارين (موروثي هارين) جي تعداد ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. پر عمل ۾ ايندڙ ايراضي جي سڀ کان رائج شڪل (جنسي ايراضين جو ايڪاسي سيڪڙي کان وڌيڪ)، عارضي بٽائيءَ واري رهي. عارضي هارين مان سڀ کان وڌيڪ خيراتي هاري (غير موروثي هاري) حقن کان محروم هئا. انهن جي حالت، روس ۾ غلام هارين جي حالت جهڙي هوندي هئي. (26: ص، 43)

هاري ۽ جاگيردار (يا دلال ۽ بٽائيدار) وچ ۾ لاڳاپا، بٽائيءَ جي بنياد تي جڙندا هئا. اڪثر جاگيردار، هارين کي ٻج، پاڻ، زرعي اوزار، ڏاندن جي جوٽ ڏيندو هو. هو

سُود تي رقم به ڏيندو هو. نهري نظام جي بچاءَ جا خرچ به پوڳيندو هو. تنهنڪري اهو هو پاڻ فيصلو ڪندو هو، ته ڪهڙو فصل، ڪهڙي تناسب سان ۽ ڪيئن پوکيو وڃي. هاريءَ کي عام طور جنسن جي شڪل ۾ ادائيگي ٿيندي هئي. تنهنڪري، جيئن ته جاگيردار يا سندس ڪارندا، خرچن ۾ وڌاءُ ڪندا هئا. تنهنڪري اُهي قرضن کان آزاد نه ٿي سگهندا هئا. انهن جي حالت اُجرتي مزدورن کان مختلف هوندي هئي. اُهي ڳوٺ ڇڏي ٻئي هنڌ وڃي نه سگهندا هئا. ڳوٺن ۾ خاص ڪري نئين آبپاشي جي علائقن ۾، سرمايداراڻي تعلقات جي سمائجندي به ان ۾ غير معاشي ڏاڍ جي سرمايداريءَ کان اڳ واريءَ شڪلَ، برادري ۽ قبائلي، مذهبي ۽ ذاتين جي ادارن سميت وسيلي برقرار رهي. اڪثر جاگيردار نافرمانن کي ڊيڄارڻ لاءِ، هٿياربندن جا پنهنجا جٿا رکندا هئا. (26: ص، 44)

جاگيردار سميت هاريءَ جي پوکيل فصل منجهان، هاريءَ جي ڪٽنب کي ٽانوَ مهيا ڪندڙ ڪنيار، زرعي اوزار ٺاهيندڙ يا مرمت ڪندڙ لوهار، ٻارن جو اُستاد، مولوي، ڪاڏي پيتي جون شيون، نماڪ ۽ رقم قرض ۾ ڏيندڙ واڻيو به حصوُ وٺندو هو. اهي سڀ ادائيگيون جنس جي صورت ۾ ٿينديون هيون. هارين جي پَرت جو عام جائزو وٺندي، ايس. اي ڪوزمين لکي ٿو ته، "بٽائيدار هارين کي غيرمشروط طور هارين جي ميڙ سان ڳنڍي نٿو سگهجي، ۽ نه ئي ڪيت مزدورن جي ميڙ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. بٽائيدار هاريءَ جي حالت، ننڍڙن هارين کان ڪيت مزدور ڏانهن عبوري شڪل آهي. هڪڙي پاسي روڪڙ ۽ جنسَ جي ترقي ۽ ٻئي پاسي ملڪ جي عام صورتحال، جيڪا زراعتِ جي سرمايداراڻي ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ پئي بڻي، هڪ خاص قسم جي پورهيت جي وجود ۾ اچڻ جو ڪارڻ پئي بڻي، جنهن قسم ۾ ننڍا هاري، ڪڙمي، ڪيت مزدور، ۽ مقروض غلامن جون مختلف خاصيتون گڏجي ٿي ويون.

ٽين ۽ چوٿين ڏهاڪن ۾ واڌو زرعي آباديءَ ۾ واڌارو، هارين جي حالت ۾ وڌيڪ خرابيءَ جو سبب بڻيو. سنڌي هارين جي قرضن ۾ واڌارو ٿيو، جنهن جا ڪيئي سبب هئا: دلالن جي وڌندڙ تعداد ڪري ڀِتي بٽائيءَ سرشتي جي موجودگي، وياج جي انتهائي وڏي اگهه (ساليانو پنجاهه سيڪڙي حساب سان)، جيڪو نئين قرض وٺڻ تي مجبور ڪندو هو، ته جيئن پراڻا قرض چُڪتو ڪري سگهجن. زرعي جنسَ جي صورت ۾، ڊِل جي روڪڙ ڊِل سان تبديلي (ان جي شرح، فصل جي جمعبندي ۽ نه وڪڻڻ کان اڳ مقرر ڪئي ويندي هئي)، ۽ سنڌ ۾ فصلن جي خراب صورتحال (سنڌ ۾ ٻوڏ يا ڏُڪار هر ٽئين سال ايندو هو) سبب، هاري گهُرج جون شيون "پنهنجي" واڻئي جي دڪان تان وٺڻ تي مجبور هوندو هو. وڏا واپاري سُودخور (پنهنجي ذات جا) گماشتا رکندا هئا، جيڪي

هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين ڦرندا رهندا هئا. سنڌ ۾ قرضن جي سرڪاري تحقيقات ڪميٽيءَ جي اندازي موجب: 1929ع ۾ ستاسي سيڪڙو خاندان قرضن ۾ ڦاٿل هئا، جيڪي اولهندي هندستان لاءِ لاڳاپيل تخمينن جي پيٽ ۾ گهٽا وڌيڪ هئا. وياج خورن، اڪثر هارين ۽ هنرمندن کي قرضن ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. انهن جي ”خدمتن“ مان جاگيردار به لاڀ پرائيندا هئا. (26: ص، 45-44)

ننڍن قرضن جي فراهمي واري عمل جي وسيع واڌاري، واپاري وياج خورن کي مالي وسيلا ڳولڻ تي هِرکايو. ڳوٺاڻو دڪاندار ان مقصد لاءِ وڏن شهري واپارين سان ۽ وري واپاري اڳتي نجي يا سرڪاري بئنڪن ڏانهن رجوع ڪندو هو. (26: ص، 46-45)

شاهه بندر، جاتي، هالا، بدين، گهارو، سيوهڻ، پٺورو ۽ ٻين جاين تي عام طور مذهبي تهوارن جي ڏينهن ۾ ڪوٺائجندڙ روايتن ميلن ۾ واڻيا سرگرميءَ سان حصو وٺندا هئا. جن ميلن ۾ هزارين ماڻهو ويندا هئا. هر ميلو خاص قسمن جون شيون وڪڻڻ لاءِ مخصوص هوندو هو. هتي جُتي پوتين، ڊورن، ننڍن ۽ ڳرين صنعتن جي مقامي پيداوار يا پرڏيهي درآمدي شين جا ٿوڪ تي سودا ٿيڻ سميت، پيشيور واپاري، هاري ۽ هنرمند به پنهنجي محنت جو ثمر وڪڻندا هئا. مجموعي طور ميلن ۾ وڏن واپاري وياج خورن جو سرمائي تي ضابطو هوندو هو. جن علائقن ۾ برآمدي اناج ۽ ڪپهه پوکيو ويندو هو، اتان زرعي پيداوار عام طور ريلوي اسٽيشنن تي واقع واپاري مرڪزن ۾ کٽي وڃبي هئي. فصل جي واڍيءَ ڪانپوءِ هتي وڏين برطانوي فرمن جا گماشتا ايندا هئا، اهي برآمدي جنسون وٺندا هئا، ۽ انهن جي روانگي جو بندوبست ڪندا هئا.

سنڌ ۾ برطانوي سرمائي جي سيڙپڪاريءَ وارين حالتن ۾ واڻين جي نمائندن، قومي بورزوا جون صفون پرڻ شروع ڪيون. پر واپارين ۽ سودخورن جي سرمايداراڻي ڪارخانيداريءَ ڏانهن آمد ڪي، گجرات ۽ بمبئي جي وڏن بورزوازين جي مزاحمت سان منهن ڏيڻو پيو، تنهنڪري ڪيترن ئي سنڌي ڪاروبارين پنهنجا ڪارخانا سنڌ کان ٻاهر هندستان جي ٻين علائقن- برما، ملايا، هانگ ڪانگ، ايران، عرب ملڪن ۽ اوڀرندي آفريقي ملڪن ۾ قائم ڪيا. ڪيئي هندو سرمايدار، ڪاروباري دنيا ۾ اثرائتو مقام ماڻڻ ۾ سوڀارا ٿي ويا. مثلاً شيورام ديوانمل ٿئين ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ بئنڪ ڊائريڪٽر، ڪراچي بندرگاهه جو ڊائريڪٽر، اخبار ’سنڌ آبزورو‘ جو پبلشر، ريلوي لائن ۽ رستن جي اڏاوتي ڪمپنين جو رُڪن هو. هو ميونسپل ڪميٽي جي بااثر عهدي تي فائز هو، ڪيترن ئي ڪلبن ۽ تنظيمن جو به سربراهه هو. (26: ص، 47-46)

مسلمان جاگيردار به ڪاروباري سرگرمين ۾ حصو وٺندا هئا، پر انهن جو انگ بلڪل گهٽ هو. پهرين عظيم جنگ کان اڳ وڏي جاگيردار غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي ڪپهه جو واپار شروع ڪيو، ۽ پوءِ ڪپهه ڇاٽڻ جون مشيني فيڪٽريون حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي ضلعن ۾ لڳايون. ٽئين- پنجين ڏهاڪي ۾ وڏا جاگيردار- غلام علي ٽالپر، محمد هاشم گزدر، شاهنواز ڀٽو، محمد ايوب کهڙو، جتوئي پائر، علي حسن منگي وغيره صنعتي پيداوار ۾ وسيلا لڳائڻ لڳا. تنهن هوندي به انهن جي آمدني جو وڏو حصو، هارين جي استحصال مان ايندو هو.

مجموعي طور سنڌي بورزوا، ڪمزور ۽ ٿورڙي تعداد ۾ هو. اهو طبقو بنيادي طور تجارتي ۽ صنعتي سرمائي جي شڪل (مينوفيڪچرنگ، ڪپهه ڇاٽڻ، گيهه جي فيڪٽرين جهڙن ننڍن ڪارخانن) جي نمائندگي ڪندو هو. سنڌي بورزوا، غير قومي سرمائيڪاريءَ تي آڌاريندو هو. اهو نه رڳو برطانوي بلڪ گجراتي، مارواڙي، ۽ پنجابي سرمائي جي حوالي سان به هيٺين حيثيت رکندو هو. (26: ص، 47)

انهيءَ دؤران سنڌ جي ڪجهه پڙهيل لکيل نوجوانن پنهنجي لاءِ انقلابي جدوجهد جو رستو چونڊيو. مثلاً حيدربخش جتوئي، جيڪو نوجواني ۾ ئي عام ماڻهن سان همدرداڻو رويو رکندو هو، ان نتيجي تي پهتو، ته انهن جي ڏکن ڏاکڙن واريءَ حالت جو بنيادي سبب، نوآبادياتي غلامي ۽ مقامي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي بي رحماڻي ڦرلٽ آهي. ٽئين ڏهاڪي ۾ يعني نوڪري ڇڏڻ واري زماني کان وٺي 1970ع ۾ پنهنجي وفات تائين، هو لڳاتار سماجي انصاف، هر قسم جي معاشي، سياسي ۽ سماجي ظلم خلاف احتجاجي صدائون بلند ڪندو رهيو.... هو زرعي مسئلي جي مڪمل حل ڪي، جاگيردارن جي زمينن کي هارين ۾ ورهائڻ سان ڳنڍيندو هو. پوءِ هن ننڍن زرعي يونٽن جي بنياد تي زرعي ڪوآپريٽو جوڙڻ جي گهُرج بابت پنهنجو خيال پيش ڪيو.

نوآبادياتي نظام ۽ جاگيردارن خلاف جاري جدوجهد جي دؤر ۾ حيدربخش جتوئي جو سماجي پروگرام معروضي طور ترقي پسند ڪردار وارو هو. هُو هڪ سچي مُحب وطن جيان سمجهندو هو، ته سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان جُدائي، حقيقي قومي سُجاڳي ۽ اُڀار ڏانهن رستي جو پهريون قدم هوندو.... هن ٽئين ڏهاڪي ۾ "سنڌ جي آزادي ۽ سياسي، معاشي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي خاطر" سرگرم ٿيڻ جي اپيل ڪئي. (26: ص، 67-66)

هارين جي معاشي، سَماجي ۽ سياسي حقن جي جاکوڙ لاءِ تنظيمي سرگرمين جي

شروعات مشهور ٽريڊ يونين اڳواڻ عبدالقادر ڪئي. ڪيترن ئي ورهين تائين هن تعلقي ٽنڊي ڄام جي جاگيرن جا دورا ڪيا ۽ هارين کي سمجهايو، تہ رڳو اتحاد ئي ڪين جاگيردارن جي لاقانونيت جو خاتمو آڻڻ ۽ ساڻن رعايتون وٺڻ جو موقعو ڏئي سگهي ٿو. 1930ع ۾ عبدالقادر، چيتمل پرسرام، حيدربخش جتوئي ۽ عبدالمجيد سنڌيءَ سان گڏ انڊين نيشنل ڪانگريس جي مشهور اڳواڻ جمشيد اي. آر. مهتا طرفان ميرپورخاص ۾ گهرايل هاري تحريڪ جي سرگرم ڪارڪنن جي ڪانفرنس ۾ حصو ورتو، جنهن ۾ تنظيمي طور سنڌ هاري ڪميٽي جوڙي وئي. عبدالقادر کي اُن جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو... سنڌ هاري ڪميٽي جي پروگرام، جاگيرداراڻي ملڪيت جي خاتمي کي سامهون نہ رکيو ويو هو، پر منجهس جاگيرداري نظام جي خاتمي ۽ هارين کي وراثتي بنائيءَ جو حقَ ڏيڻ جا مطالبا شامل هئا. (26: ص، 102)

هاري ڪميٽيءَ جو پروگرام، انقلابي ڪردار وارو نہ هو. پنهنجي نظرياتي اعتبار کان ڪميٽيءَ جي لبرل اڳواڻن وچ ۾، هاري هلچل جي حتمي مقصدن بابت اتفاق نہ هو. منجهانئن ڪجهہ ڪانگريس جي سماجي پروگرام ۽ ٻيا عبدالمجيد سنڌيءَ جي قومپرستاڻي نعرن جي حمايت ڪندا هئا. (26: ص، 103-102)

حيدربخش جتوئي پنجين ڏهاڪي کان وٺي پنهنجي وفات تائين سنڌ هاري ڪميٽي جو چيئرمين رهيو. هو "هاري حقدار" نالي سنڌن ترجمان اخبار ڪاميابي سان ڇپيندو رهيو. اخبار ۾ هارين، سنڌن گهروارين ۽ ٻارن تي ٿيندڙ تشدد ۽ توهين بابت موادَ ۽ هارين کي جاگيردارن ۽ شاهوڪارن جي ڏاڍ کان بچائڻ جا اپاءُ ڪٽڻ کان صوبائي حڪومت جي انڪار تي تنقيدي مضمون ڇپجندا هئا. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جا اڳواڻَ، اخبارن ۾ جاگيرداري نظام تي پابندي، بٽائي ۽ سودي قرضن بابت نون قانونن جي جوڙجڪ ۽ منظوريءَ جا مطالبا ڪندا هئا.

1943ع ۾ ڇپيل شعري مجموعي "آزادي قوم" ۾ حيدربخش جتوئيءَ اهو خيال ڏنو، تہ حقيقي قومي آزاديءَ جو مطلب هرقسم جي قرلت جي پُڄاڻي ۽ سماجي انصاف جو قيام آهي.

هاري هلچل ۾ حُرن اوڻيهين صديءَ کان ئي سرگرم حصو ورتو، جن منجهان گهڻا اُتر- اوڀر سنڌ ۾ رهندا هئا. هتي خاص حالتون ٿي ويون هيون..... هارين جي جاکوڙ هلچل کي ڪُچلڻ جي ارادي سان نوآبادڪارن، ڇڪتاڻ وارن علائقن ۾ فوج ۽ پوليس راڄ جوڙي ڇڏيو ۽ جاگيردارن تي پاڙبندي، ڳجهي پوليس جو نظام رائج ڪيو. تحريڪ جي سوين ڪارڪنن کي جيلن ۾ وڌو ويو ۽ ڪين اخلاقي ڏوهاري

ڪوٺيو ويو. (26: ص، 103) ٽئين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ برادريءَ جي اڳواڻن، جاسوسن ۽ غدارن کي ڦاهيون ڏئي جوابي اُپاءَ ورتا. عملدارَ سنڌ جي ڪابي ڪناري جي ڪيٽرن ئي تعلقن ۾ پنهنجو ضابطو وڃائي ويٺا. 1930ع ۾ تحريڪ تي وار ڪرڻ جي مقصد سان هنن چڙ ڏياريندي پير پاڳارو تي فوجداري ڏوهه ڪرڻ جي تهمت مڙهي ۽ اٺ سال جي سزا ڏيائي.... (26: ص، 103)

هوڏانهن اٽڪل سموريون فيڪٽريون ۽ ڪارخانا ڪراچي ۾ ٺاهيا ويا. 1944ع کان اڳ درج پندرهن ڪارخانن مان هتي پنج وڏا (سوتي ڪپڙي جي تياري ۽ ڳنڍيون ٺاهڻ جا) ڪارخانا موجود هئا، جن ۾ 356 پورهيت ڪم ڪندڙ هئا. هڏي پيهڻ جي فيڪٽري، ٻه فلور ملون، ٻه ڪاسائي گهر ۽ چار سردخانا قائم هئا. اهڙيءَ ريت هٿيار ٺاهيندڙ فيڪٽري، ريلوي لائين ۽ بندرگاهه جي گهرجن لاءِ ورڪشاپَ ڪم ۾ رُڌل هئا... پاڪستان جي پهرين صنعتي شمارَ موجب: 1948ع ۾ سنڌ صوبي ۾ قائم فيڪٽرين جو انگ 522 هو، جن منجهان 288 يا اٽڪل پنجونجاهه سيڪڙو ڪراچي ۾ موجود هيون. (26: ص، 29-30)

1946ع ڌاري مسلم ليگ ۾ ڪجهه وڏا جاگيردار شامل ٿيا، جن منجهان اڪثر 1946ع جي چونڊن ۾ هارائي چُڪا هئا.... (26: ص، 132) برطانوي هندستان جو ورهاڱو رتوڇاڻ سان ٿيو.... سنڌ حڪومت، سنڌي هندوئن کي ويساهه ڏياريو، ته صوبي ۾ امن ۽ نظم رکيو ويندو، پر مذهبي فرقيوارائين جماعتن جي ڪارڪنن برطانوي آفيسرن جي پُٺڀرائيءَ سان بدامنيءَ کي هوا ڏني... ڪيٽي علائقن ۾ هندوئن جون ملڪيتون لُٽيون ۽ ڦُريون ويون ۽ نومبر 1947ع تائين ٻه لک چوئيتاليهه هزار سنڌي، هندستان هليا ويا.... (26: ص، 134) اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ هندوئن جو حصو پنجويهه سيڪڙو مان گهٽجي وڃي چار سيڪڙو تائين پهتو. (26: ص، 135) ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي تاريخي راڄڌانيءَ جي آباديءَ ۾ سنڌين جو حصو اڌ کان گهٽجي ويو، اُتي سٺونجاهه سيڪڙو هندستان کان لڏي آيل پناهگيرن اچي وسنديون وسايون. (26: ص، 141)

1947ع کانپوءِ سنڌ ۾ صنعتڪاريءَ جو عمل تيز ٿيو. 1947ع کان 1957ع تائين، ڪارخانن جي تعداد ۾ حيدرآباد ۾ ساڍا ٽي سيڪڙو ۽ سکر ۾ سوا ڇهه سيڪڙو واڌارو ٿيو. پر اڪثر ننڍا ادارا کوليا ويا. نه رڳو معروضي سببن جي آڌار، پر وفاقي ۽ صوبائي سطح تي عملدارن جي غيرمستقل مزاج واريءَ معاشي پاليسيءَ سببان، صنعت جي ترقي غيرمستحڪم هئي. نون ڪارخانن لڳائڻ جو تعين وڏي حد تائين داخلي فهم جي بنياد تي ٿيندو هو ۽ سنڌ جي پيداواري قوتن جي باڪفايت ۽ هم

آهنگ ترقيءَ جي مفادن سان ٺهڪجندڙ نه هو. ورهاڱي وقت پاڪستان جا ڪراچيءَ ۾ پنجونجاهه سيڪڙو ڪارخانا هئا، ۽ پوءِ اُتي ڪجهه شعبن ۾ هڪڙيءَ ڌر جي اجاريداريءَ سبب معاشي رابطن ۾ رنڊڪ آئي ۽ ڪراچيءَ ڪانسواءِ سنڌ جي ترقيءَ ۾ مدد نه ملي. (26: ص، 157) 1948ع ۾ ڪراچيءَ کي ڇڏي سنڌ جي ٻين علائقن ۾، حيدرآباد سيمنٽ فيڪٽري ڪانسواءِ، هڪ به وڏو ڪارخانو نه هو.... (26: ص، 153)

صوبي جي معيشت جو اهم شعبو زراعت، ورهاڱي ڪانپوءِ ابتدائي سالن ۾ بحران جو شڪار رهيو. زمين جي پوکائي اڳوڻي جيان آڳاٽي طريقن سان ٿيندي رهي. مشينري ۽ هٿراڏو ڀاڻن جو واهپو نه هئڻ برابر هو. پوک لائق زمينن جي هڪ حصي کي پوکيو نه ويندو هو. اناجَ جو چڱو فصل وٺندي به اَنّ جي کوٽ رهندي هئي، ڇو ته سنڌ، اناج بلوچستان ۽ اُتر- اولهه سرحدي صوبي ڏانهن موڪليندو هو. گڏوگڏ شهري آباديءَ ۾ واڌاري جي نتيجي ۾ غذائي جنسن جي گهُرج به وڌي وئي. ٽيڪسٽائيل صنعت جي ترقيءَ سان، ٽيڪنيڪي جنسن جي گهُرَ ۾ واڌارو ٿيو. (26: ص، 158-157)

حڪمران حلقن بنيادي'سماجي اصلاحن کان مُنهن موڙيندي، ٽيڪنيڪي ۽ معاشي اُپائن تي عمل وسيلي زرعي پيداوار ۾ ترقي ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي. 1956ع ۾ ڪوٽڙي بئراج (غلام محمد بئراج) چالو ٿيو، جنهن سان ٽيهه لک ٻاهتر هزار ايڪڙ جي آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي فراهمي جي اُميد هئي. سکر بئراج جي ڀيٽ ۾ اُن ۾ مشينري جو واهپو گهڻو ٿيو هو: بئراج ۾ جهاز هلائڻ لاءِ دروازا (ارڙهن ميٽر ويڪرا)، ميڄين جي اچڻ وڃڻ جا به دروازا رکيا ويا. ڏاکڻي سنڌ جي نهري نظام جو حصو هوندي منجهانئس نه رڳو زمينن جي پوکائي بلڪ ڪراچيءَ جي صنعتن جون گهُرجون پورو ڪرڻ به مقصد هو. حيدرآباد، ٺٽو، دادو جي ضلعن ۽ ڪراچي سميت لس ٻيلو ان جي دائري ۾ اچن پيا. نئون نظام ڇئن وڏن واهن تي آڌاريل هو- يعني پنياري (چورانوي ڪلوميٽر ڊيگهه)، ڦليلي (نوي ڪلوميٽر ڊيگهه)، ڪلري ٻگهياڙ (سٺهٺ ڪلوميٽر ڊيگهه)، ۽ پڪو واهه (هڪ سؤ ٻارهن ڪلوميٽر ڊيگهه). جيڪو 1958ع ۾ کوليو ويو. ڪاٿو لڳايو ويو، ته ان بئراج جي حتمي اڏاوت ڪانپوءِ اناج جي فصل ۾ هڪ لک اوڻاسي هزار ٽن کان ست لک پنجاهه هزار ٽن تائين وڌائڻ ۾ ڪاميابي ملندي. تنهن هوندي به 1958ع تائين ڪوٽڙي بئراج مان زرعي پيداوار وڌائڻ ۾ ڪا نمايان مدد نه ملي. پاڻيءَ جي فراهمي جو مکيه وسيلو سکر بئراج جا وڏا واهه رهيا. پهرين جيان اڪثر وڏن غيربئراجي واهن جو واهپو جاري رهيو. 1947ع کان 1957ع تائين پوکيءَ هيٺ آيل ايراضي، ستٽيهه لک ايڪٽيهه هزار به سؤ کان ٽيونجاهه لک ٽيانوي هزار

نَوَ سؤ ايڪڙن تائين ٿي ويئي. (26: ص، 158) گڏوگڏ ساڳئي وقت سم ۽ ڪلر جي نتيجي ۾ زميني زرخيزيءَ جي تباهه ٿيڻ جو عمل جاري رهيو، جنهن سان خاص ڪري خيرپور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جي ضلعن جي هارين کي نقصان پهتو.

1953ع ۾ سنڌ حڪومت، دادو ضلعي ۾ (لکي ۽ ڪوٽڙيءَ وچ ۾) سنڌو درياهه جي ساڄي ڪناري سان لڳ زمينن کي درياءَ مان پاڻي ڇڪيندڙ پمپ وسيلي سيراب ڪرڻ جي منصوبي جي منظوري ڏني. غيرمعياري مشينري سبب چار لک ايڪاسي هزار رپين جي ان مهانگي منصوبي جو هلڪو اثر ٿيو. (26: ص، 159)

زميندارَ طبقو اڃا جديد طريقن سان معيشت هلائڻ لاءِ تيار نہ ٿيو هو. اُهي هٽرادو پاڻ واپرائڻ جي ڪوشش نہ ڪندا هئا، جيتوڻيڪ قرض ڏيڻ لاءِ حڪومت مالي مدد ڪندي هئي. 1953ع ۽ 1954ع ۾ رڳو تيرهن هزار ٽن هٽرادو پاڻ وڪڻڻ ۾ ڪاميابي ٿي. جاگيردار ۽ زميندار مشينن جي واهپي کان انڪار ڪندا هئا، جيتوڻيڪ حڪومتي پاليسيءَ ۾ ڪيئي امدادي اُپاءَ ۽ رعايتون رکيون ويون هيون. زرعي پيداوار جو معيشتي مقدارَ، ٻين شعبن جي وڌندڙ گهُرجن سان نهڪندڙ نہ هو. گهڻا منصوبا اڌورا رهجي ويا. منجهائن ڪيئي وقتي شاندار هئا، پر مناسب معاشي بنياد نہ رکندڙ هئا.

پاڪستان ٺهڻ ۽ مسلم ليگ جي اقتدار ۾ اچڻ سان، سنڌ ۾ زميني ملڪيت ۽ زميني واهپي واري نظام ۾ تبديليون ٿيون. ڪُل زمين جو اٽڪل ارڙهن سيڪڙو ۽ پوکيل ايراضيءَ جو اٺ سيڪڙو، حڪومت جي ملڪيت هو. جاگيردارن جي هٿن ۾ ٻارهن لک اٺيتاليهه هزار ايڪڙ زمين موجود هئي، جيڪا ٻهرين سنڌي هندوئن جي ملڪيت هئي، سا زمين جو اٺهتر سيڪڙو هو. (26: ص، 161)

انهيءَ ورهاست ۾ اڻبرابري بلڪل چٽي هئي. واهپي هيٺ آيل ايراضيءَ جي ٽيهه سيڪڙو ايراضي، هڪ سيڪڙي مالڪن وٽ هئي، جن ۾ هرهڪ مالڪَ چار سؤ اسي ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضيءَ جو مالڪ هو. جڏهن تہ سٺ سيڪڙو مالڪن جي زمينن جي ايراضي ويهه ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هئي. ۽ مجموعي طور ٽن زميني ايراضي جو ٻارهن سيڪڙو هو.

اقتدار ماڻڻ کانپوءِ، جاگيردارن نہ رڳو 1943ع ۾ ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي ٿيندڙ گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل فيصلن تي عملَ ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جن ۾ زرعي سُڌارا لاڳو ڪرڻ، محصول جي مقدار جي استحڪام، ٻڻائيءَ جي فراهمي، هارين جي زندگيءَ جي حالتن جي بهتري، ڪوآپريٽوَ ۽ رياستي فارمن جي نظام جي جوڙجڪ

کي سامهون رکندي ڪيو ويو هو، ويتر هارين ۽ ننڍن مالڪن جي ڦرلٽ کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو.

حڪمران ڌر ۾ شامل بورزوا ۽ سائنس لاڳاپيل جاگيردار- ڪارخانيدارن جي پرت جو خيال هو، ته سنڌي ڳوٺن ۾ سماجي تضادن جي شدت انقلابي ڌماڪي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. محمد علي جناح زور ڏنو ته، ”زرعي پورهيتن تي ڪميونسٽ اثرن جي ڦهلاءُ کان بچڻ لاءِ، سندن زندگيءَ جي بهتريءَ جي سوالن تي هڪدم عملَ اٿتر آهي.“ هو ۽ سندس ويجها ساٿي اهو سمجهندا هئا، ته زرعي لاڳاپن جو رائج نظام، پيداواري قوتن جي ترقيءَ واريءَ راهه ۾ رڪاوٽ آهي. محمد علي جناح جي زور ڀرڻ تي 1947ع ۾ سنڌ جي قانون ٺاهيندڙ اسيمبليءَ انگريز- سنڌي زميندار راجر پيٽرس جي سرواڻيءَ ۾ هاري- مسئلن لاءِ ڪميٽي جوڙي. (26: ص، 162)

مسلم ليگ جي اڳواڻن ڪميٽي جوڙيندي سندس مقصدن کي سڌارن جي اُن تياريءَ تائين محدود ڪري ڇڏيو، جيڪا موجود سماجي رشتن جي بنياد کي نه ڇُهندي هجي. نتيجي طور جنوري 1948ع ۾ انتهائي تلخ رپورٽ پيش ڪئي وئي. رپورٽ جي ليکڪن، هارين جي زندگيءَ جي شديد ڏکيائين جي وضاحت فطري حالتن، جيڪي انسان جي وس کان ٻاهر هيون، حڪومتي ڪارروائين جي خامين، پاڻ هارين جي بدديانتي ۽ بُرين عادتن سان ڪئي. انهيءَ رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي وئي، ته جاگيردار ”هارين جو ٺاهوڪو دوست، ڪنهن قدر حقيقي پيءُ“ آهي، جيڪو سدائين سندن واهر لاءِ تيار رهي ٿو. سڀ کان ريڊيڪل نُڪتو هارين طرفان جاگيردارن کي ڏني ويندڙ فصل واري حصي جي تعين ڪرڻ جي اپيل هئي. (26: ص، 163-162)

ڪميٽيءَ جي هڪ رُڪن مسعود اعلان ڪندي اُن جي ڊانچي مان نڪري ويو ۽ 1949ع ۾ هن سرڪاري رپورٽ تي تنقيدي جائزو پيش ڪيو ۽ ڇپرايو. هن رائج زميني ملڪيت جي هاٺوڪي ڏکيائين کي اڻ بدلجندڙ حالت ۾ قائم رکڻ جي سفارشن واري ڏيوالپڻي کي نروار ڪيو ۽ اعلان ڪيو، ته زرعي روايتي لاڳاپا ۽ نظام، جڏهن هاري ڪيترن ئي نسلن جي زندگيءَ دوران پوکجندڙ زمين جا مالڪ نه آهن، زراعت جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ آهن. تنهن هوندي به مسعود جي تجويزن ۾ ريڊيڪل تبديلين کي سامهون نه رکيو ويو هو، بلڪ عملي طور تبديليون، هارين کي مستقل بڻائيءَ جو حق ڏيڻ ۽ مٿن واڌو محصول مڙهڻ تي پابنديءَ تائين محدود هيون. (26: ص، 163)

اها ڳالهه به ڌيان ۾ ويهارڻ گهرجي، ته محمد مسعود، جنهن کي عام طور

’ڪدرپوش‘ بہ چيو وڃي ٿو، تنهن پنهنجي رپورٽ ۾ اهو بہ ڄاڻايو هو تہ، ”ظاهر ۾ اُهي انسان (سنڌي هاري) ٻين لفظن ۾ عقلي حيوان آهن، پر پوءِ بہ اُهي پالتو جانورن جيان ڪم ڀيا ڪن ۽ پنهنجي عقل مان ڪو فائدو نٿا وٺن، نہ ئي هنن کي انسانن جهڙا حقَ مليل آهن.... اِهي سنڌ جا هاري آهن، جيڪي سنڌ جي آباديءَ جو وڏو حصو آهن، زمين پوکين ٿا، ۽ ان سبب سنڌ کي ’پاڪستان جو اناج- گهرَ‘ چيو وڃي ٿو.“ (27: ص، 171)

هو اڳتي چوي ٿو: ”سنڌ ۾ پناهگيرن کيٰ زمينون ڏيڻ وارو مسئلو پيچيدو آهي، ڇوتہ هندوئن جي ڇڏيل جائيداد (زميني)، جيڪا پناهگيرن ۾ مساوي ورهائڻ گهرجي ها، زميندارن ُقبائي ورتي آهي، جيڪي پنهنجي جاگير کي وسيع ڪان وسيع ڏسڻ چاهين ٿا. انهن ايراضين مان زمينن جو وڏو حصو غيرآباد ڇڏيو وڃي ٿو.... سنڌ جي زميندارن جو عدم تعاون ۽ وڌيڪ زمين ماڻڻ جي لالچ، پناهگيرن جا مسئلا سُلجهائڻ ۾ سڀني کان وڏي رُڪاوٽ آهي. ڪيئي هزار پناهہ گير جيڪي هتي اَجهي ۽ روزگار جي ڳولا ۾ آيا هئا، تن کي واپس وڃڻو پيو....“ (27: ص، 222)

”...تڪليفن جو اصل سبب جاگيرداراڻو نظام آهي. منهنجو نظريو آهي، تہ اسان سنڌ ۾ ڪيئي لک پناهگيرن کي وَسائي سگهون ٿا، پر شرط اهو آهي، تہ زمين تان قبضو ڇڏرايو وڃي.... سنڌ ۾ زراعتي پورهيتن جي ڪوٽ آهي.... بہ لک ڪولهي، ڀيل وغيره هارين جي وچڙ سان هن سال ٿرپارڪر ضلع ۾ پيداواري ايراضيءَ ۾ گهٽتائيءَ جو امڪان آهي، جنهن سان سرڪاري آمدني ۽ غذائي پيداوار ۾ گهٽي ڪوٽ ٿيندي. تنهنڪري ان ويڇي کي پرڻ ۾ پناهگير اسان جي واهر ڪري سگهن ٿا، پر ڪين عدم تحفظ ۽ غيرموزون حالتن جي ڊپ سببان سنڌ ۾ وَسڻ نٿو ڏنو وڃي.... زميندارن جي بيدخليءَ... سان وڏي پيماني تي پناهگيرن جي آبادڪاري بہ ٿي ويندي.“ (27: ص، 223-222)

هارين جي حالتن ۾ خرابي ۽ جاگيردارن طرفان معمولي سُڏارن جي گهُرج کي ميڇڻ کان نتائڻ سان هاري هلچل تيز ٿي وئي. سنڌ سرڪار جي پاليسين کان مايوس ٿيندي حُرن بيهر هٿيار کڻي ورتا... 1948ع جي ابتدا ۾ رحيم هنگورو ڇاپامار جٿن سان ميرپورخاص ضلعي ۾ ڪيئي ڪامياب ڪارروايون ڪيون. ڪيئي ڳوٺَ آزاد ڪرائيندي حُرن حڪومتي ۽ جاگيرداراڻي محصولن کي ختم ڪري ڇڏيو. جاگيردارن ۽ وڏن بورزوائن، هارين جي سرگرمين کي هڪدم ڪُچلڻ جو مطالبو ڪيو. رحيم هنگورو کي جهلڻ تي مسلم ليگ جي حڪومت پنجويهہ هزار رپيا ۽ چوويهہ ايڪڙ

زمين جو انعام مقرر ڪيو، پر هارين ۾ ڪوبہ اهڙو غدار نہ مليو. پوليس ۽ فوجي جٿن کي چڱو نقصان سهڻو پيو.

1948ع ۽ 1950ع دؤران سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي وقار ۾ واڌارو ٿيو، جيڪا سنڌي هارين جي عوامي تنظيم بڻجي وئي. اڪثر ترقي پسند پارٽين ۽ تنظيمن سميت گڏيل طور هزارين هارين سان گڏ جلسا ۽ جلوس ڪڍيا ويا. جنوري 1950ع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي سڏ تي ٿيل جلسي ۾، ضلع سکر جي ٻہ هزار کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي. هنن جاگيرداراڻي زميني ملڪيت جي خاتمي، هارين ۽ بي زمين غريب پناهگيرن کي زمين ڏيڻ بابت ٺهراءُ منظور ڪيا. (26: ص، 164)

مارچ 1950ع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي سالياني ڪانفرنس ۾ ٻہ سؤ رڪنن چاليهہ هزار هارين جي نمائندگي ڪئي. ڪانفرنس جي ڪم ۾ ڪيئي ٽريڊ يونينن ۽ سماجي تنظيمن جي وفدن حصو ورتو. ڪانفرنس ۾ منظور ٿيل فيصلن ۾ سرڪار جي ڏاڍ ختم ڪرڻ، جاگيردارن کان (ڪنهن معاوضي بنا) زمينون ڦُرڻ ۽ ڪين بي زمين ۽ گهٽ زمين رکندڙ هارين ۾ ورهائڻ، هندستان لڏي ويندڙ سنڌي شرنارٿين جون زمينون، جيڪي سنڌي جاگيردارن پنهنجي تحويل ۾ رکيون هيون، پناهگير هارين کي ڏيڻ جا مطالبا ڪيا ويا. ”زمين انهن کي ڏيو، جيڪي پوکين ٿا،“ جو نعرو هنيو ويو... (26: ص، 164-165)

هارين جي سرگرمين جي دٻاءُ هيٺ، سنڌ جي قانون ٺاهيندڙ اسيمبلي اپريل 1950ع ۾ بٽائيءَ جو قانون منظور ڪيو. مستقل بٽائيءَ جو حق انهن هارين کي ڏنو ويو، جيڪي ساڳئي ايراضيءَ کي، جنهن جي ايراضي پوڻن چئن ايڪڙن کان گهٽ نہ هئي، لڳاتار ٽن سالن کان پوکيندڙ هئا. باقي هارين کي زيرسرپرست بٽائيدار ڪوٺيو ويو، جن کي زرعي مُند جي ختم ٿيڻ تي ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جي اجازت هئي. گڏوگڏ زميندار لاءِ زمين واپس وٺڻ جي ارادي بابت بٽائيدار کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ لازم نہ هو. قانون جي طئي ڪيل محصولن ۾ واڌاري تي پابندي لڳل هئي. اهو قانون عملي طور مستقل هارين جي حقن جو بچاءُ نہ ڪندڙ هو، ڇوتہ زميندار، ايراضيءَ جي ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ پوک ۾ ويساهي ڏيڻ جو موقعو رکندا هئا (هو منجهانئس فائدو وٺندا هئا). (26: ص، 165) اهو واضح ڪرڻ گهرجي، تہ هارين جا نالا، ڪليڪٽرن جي حسابي رجسٽرن ۾ لکيا نہ ويندا هئا، ڇوتہ پٽيدار، ڪين لکيل درخواست بنا فهرست ۾ شامل نہ ڪري سگهندو هو. اهڙو شرط کُليل توهين جو ڪردار رکندو هو، ڇوتہ هاري اڻپڙهيل هوندو هو.

بٽائيءَ قانون جي ليکڪن جي اُميدن ابتڙ، هاري هلچل ۾ زوال نه آيو، پر منجهس بٽائيدارن جا نوان گروهه شامل ٿيندا ويا. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي ڪوئي ايل انيڪ ميڙاڪن جا مظاهرين، قانون جي حقيقي فهم ڪي وائکو ڪندا هئا، جن سان هارين جي رُڳو معمولي پَرت جي حالت سُڌري هئي. 3 مئي 1950ع تي نڪرندڙ زبردست جلوس ۾ هارين، جاگيرداراڻي معيشت جي معاوضي بنا خاتمي، سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اڳواڻن جي آزادي ۽ ڊيفنس آف پبلڪ سيڪيورٽي ائڪٽ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

مارچ 1953ع تائين ان تنظيم جي ميمبرن جو تعداد هڪ لک ماڻهن تائين پهچي ويو. سڄيءَ سنڌ ۾ "مطالبن جا ڏينهن" طور ڏيهارا ملهايا ويا. 23 فيبروري تي نواب شاهه ۾ وڏو جلوس ڪڍيو ويو، جنهن ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اپيل تي سڄي ضلع مان هاري گڏ ٿيا. جلوس ۾ شامل هارين جي هٿن ۾ "زمينداري ۽ جاگيرداري ختم ڪريو،" "زمين هارين کي ڏيو"، هارين جون بيدخليون بند ڪريو"، جا بينر ڪنيل هئا. جلسي ۾ شريڪ ٿيندڙن پنهنجا مطالبا، ڪليڪٽر کي ڏيندڙ ميمورنڊم ۾ چاڻايا. ضلعي انتظامي ادارن جي ايندڙ چونڊن جي سلسلي ۾، سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اڳواٽيءَ ۾، هارين جي حالت جي بهتريءَ لاءِ ڪميٽي ٺاهي وئي. (26: ص، 166)

سنڌ جي قانون ٺاهيندڙن، بٽائيدارن جي جدوجهد ڪمزور ڪرڻ جي اميد هيٺ، 1953ع ۾ بٽائي جي قانون ۾ ترميمون منظور ڪيون، جنهن ۾ مستقل هارينَ جا حق واضح ڪيل هئا. تنهن هوندي به زرعي سُڌارن، سنڌ ۾ زميني ملڪيت ۽ زميني پوکائيءَ جي سرشتن ۾ ڦيرو نه آندو. مقامي عملدارن جي زرعي ڪميشن جي 1955ع واريءَ جوڙيل رپورٽ ۾ چيو ويو، ته زراعت ۾ رُڌل پنجهه لک ٽياسي هزار 634 ماڻهن مان چار لک پنجانوي هزار 606 ماڻهو (پندرهن سيڪڙو) مجموعي طور اوڻيهه سيڪڙو زمين جي مالڪ هئا. باقي پنجانوي لک تي هزار 570 ايڪڙ زمين هڪ لک اٺانوي هزار 556 ننڍن زميندارن جي ملڪيت هئي. بي زمين هاري اوڻاسي سيڪڙو هئا، يعني سرڪاري انگن اکرن موجب به 1948ع تائين زرعي آبادي ۾، سندس سيڪڙي حصي ۾ ڦيرو نه آيو هو. (26: ص، 167)

بهرحال، انفرادي ۽ خانگي پوکائيءَ جي خاتمي جو عمل تيز ٿيو. ننڍيون ملڪيتون گهٽجي ويون. ورهاڱي کان اڳ جيڪڏهن پنج ايڪڙ تائين زمين جا مالڪ، هارين جي ملڪيت ۾ صوبي جي مجموعي پوکي لائق ابراضيءَ جو ساڍا ٽي سيڪڙو هئا، ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اهو انگ به نسيڪڙو کان به گهٽجي ويو. مسلم ليگي اڳواڻن جي وعدن کي ذهن ۾ رکندي، هاريءَ کي اميد هئي، ته شاهوڪار واڻين جي

هندستان وڃڻ سان قرضن عيوض ضبط ڪيل زمينون ڪين واپس ملنديون (ضلع نوابشاهه ۾ قرضن جي نتيجي ۾ مالڪ چاليهه سيڪڙو زمينن ڪان محروم ٿي ويا هئا)، پر ائين نه ٿيو. واٽين جي زميني ملڪيت جي وڏي حصي تي مقامي جاگيردارن قبضو ڪري ورتو ۽ ننڍن حصن کي سنڌ حڪومت پناهگيرن ۾ ورهائي ڇڏيو. (26: ص، 167)

متي چاٽايل زرعي ڪميشن جي هڪ ميمبر لکيو، ”اڪثر هارين جي حالت ننڍن مالڪن ڪان وڌيڪ سُٺي آهي، جيڪو پنهنجي ويهه يا پنجويهه ايڪڙ زمين پوکي ٿو. جڏهن هن جو فصل ماڪڙ يا ٻين آفتن جو شڪار ٿئي ٿو، ته هو اڪيلو مصيبتن کي مُنهن ڏئي ٿو. جڏهن ته هاري عام طور پنهنجي جاگيردار ڪان مدد وٺي ٿو. ٻنين جي ننڍي سائيز، جديد اوزار ۽ پاڻي جي عدم موجودگي ۽ زرعي ٽيڪنيڪي علمن جي کوٽ، ننڍن زرعي مالڪن جي معيشتن کي قطعي غيرمنافع بخش بڻائي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڳالهه مان نون آبپاشي علائقن ۾، ڪيترن ئي هارين جي ننڍڙي ايراضيءَ جي ٽڪرن ڪان انڪار جي ڇِتائي ٿئي ٿي. (26: ص، 168)

سنڌ جي هارين جو بنيادي نمونو، بي اختيار ۽ بي زمين هاري هئا. اُهي مجموعي پوک هيٺ آيل زمين جو پنجاسي سيڪڙي ڪان وڌيڪ پوکيندا هئا. نوآبادياتي دؤر جيان جنسن جي روپ ۾ ادائيگي، جمع ڪيل فصل ڪان اڌ ڪان وڌيڪ هئي. هاري پنهنجي حصي جي پيداوار کي منڊيءَ تائين پهچائڻ جو بندوبست نه ڪري سگهندو هو، تنهنڪري اها سموري پيداوار اتڪل جاگيردار خريد ڪري وٺندو هو. پهرين جيان معاوضي بنا جبري پورهيو يعني ونگار جو عمل موجود هو. (26: ص، 168)

ڳوناٽو پورهيت، سرڪاري ملازمن جي رشوت ڪان تنگ هو، جيڪا آفيسرشاهي عملي جي وڌڻ سان وڌندي پئي وئي. جنسن ۽ ضروري صنعتي شين جي شديد کوٽ، سنڌن ورهاست جي مسئلي کي پيچيدو بڻائي ڇڏيو. رعايت ماڻيندڙ حيثيت وارن ماڻهن ۾، تڪڙو امير بڻجڻ جي لوڀ پيدا ٿي وئي. ورهاڱي کان پوءِ اناج ۽ شين جي گهٽي کوٽ ٿي پئي، جيڪا ورهاست ۽ ضابطي جي ادارن جي وسعت جو سبب بڻي. متئين ڳالهه، بدديانت ماڻهن کي ذاتي فائدي لاءِ صورتحال کي واپرائڻ جو سڌو سنئون موقعو ڏنو. حڪومتي تنظيمون، جيڪي زرعي سُڌاري جي نفاذ جون ذميوار هيون، سي زرعي اميرن جي ضابطي هيٺ هيون. مستقل بحران ۽ انتظامي نظام ۾ گڙٻڙ، جيڪا نئين ادارن جي نهڻ سان وڌيڪ وڌي وئي، جي حالتن ۾ سرڪاري عملدار، هارين کي ڪنهن ڊپ بنا ڦريندا هئا. (26: ص، 169)

ذميوار ماڻهن جي اعتراف موجب، ”پوليس جي عملي جا رڪن ٻين کاتن، مثلا

سماجي ڀلائيءَ وارو کاتي، ٽيڪس کاتي ۽ ٻين جيان بدعنوانين ۾ ملوث هئا. ”رياستي ملازمن جي ڪم، عملي ڍنگ ۽ صلاحيتن جي جائزي لاءِ، 1858ع ۾ جوڙيل خاص ڪميٽين جي تجزين ۾ پنجين ۽ ڇهين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ هر جاءِ تي رشوت جي تصديق ڪئي وئي هئي. سنڌ ۾ سوين ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍيو ويو يا سندن عهدا گهٽايا ويا. (26: ص، 169)

بي زمين ۽ گهٽ زمين رکندڙ هارين جي حالت، وڏي تعداد ۾ پناهگيرن جي اچڻ سبب به خراب ٿي، جن کي سنڌ جي عملدارن زميني ٽُڪرا ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. ڇهين ڏهاڪي جي شروع ۾ ڳوٺاڻن علائقن ۾، اٽڪل ٻه لک يا مجموعي تعداد جو ڇٽيهه سيڪڙو پناهگير آباد هئا. انهن جو گهڻو انگ ٿرپارڪر ۾ ست هزار، نواب شاهه ۾ ٻاونجاهه هزار، حيدرآباد ۾ اٺاويهه هزار ۽ سکر ۾ ستاويهه هزار آباد ٿيو، منجهانئن گهڻن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نوابشاهه ڏانهن مُنهن ڪيو. (26: ص، 170-169) جڏهن ته جاگيردارن، مرڪزي حڪومت جي ڪجهه اُپائن تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. اُهي هندوئن جي ڇڏيل زمينن جي وڏين ايراضين جي پناهگيرن جي هٿن ۾ منتقلي تي ڪاوڙجي پيا. (26: ص، 188)

1950ع ۽ 1953ع جي قانونن، جاگيردارن جي روايتي حقن کي نه ڇيڙيو هو، جيتوڻيڪ سيپٽمبر 1949ع ۾ جاگيرداري ختم ڪرڻ بابت قانوني مسودي جي تياريءَ جو فيصلو ٿي چڪو هو ۽ اهڙو مسودو جوڙيو به ويو هو، پر قانون ناهيندڙ، انتظاميا ۽ عدالتن جي ادارن وچ ۾ مضبوط حيثيت رکندڙ جاگيردارن ان مسودي کي منظور ٿيڻ نه ڏنو. ڇهين ڏهاڪي جي وچ ۾ جاگيردار ڏهه لک ڇاونجاهه هزار ايڪڙن (سنڌ جي زميني ايراضيءَ جي ڏهين حصي) مالڪ هئا. گڏوگڏ هنن جي ملڪيتي زمين جي اٽڪل چوٿين پتي يعني ٻه لک اٺاسي هزار ايڪڙن تي پوکائي نه ٿيندي هئي. واهه واهپي جوڳا نه رهيا هئا ۽ سڌاري جي پيچيدن ڪمن جي گهرج هئي. ٻن وڏن جاگيردارن جي زميني ايراضي، ٻه لک اٺ هزار 578 ايڪڙ ۽ ٻه لک ست هزار 451 ايڪڙ هئي. باقي جاگيرون اصل ۾ اٽڪل پنج سؤ ايڪڙ ايراضيءَ کان وڌيڪ هيون. (26: ص، 171-170)

1954ع ۾ صوبائي حڪومت، جاگيرداري ختم ڪرڻ جي ارادي جو ٻيهر اعلان ڪيو. نيم سرڪاري پريس ان بابت ڏاڍو گوڙ ڪيو. 8 فيبروري 1955 تي سنڌ حڪومت جاڻ ڏني، ته هن جاگيرداري نظام جي خاتمي بابت قانون جو مسودو جوڙي ورتو آهي. پر جاگيردارن ۽ انهن جي مائٽن لاءِ معاوضي کي سامهون رکيو ويو هو. فيصلي جا دليلَ ائين ڏنا ويا، ته وراثتي جاگيرون پوئين حڪومتن ڏنيون هيون،

تنهنڪري هاڻوڪي حڪومت هر قسم جي ذميدارين کان انڪار ڪرڻ سبب، ڪيئي جاگيرن جي قانوني حيثيتن منجهه شڪ ۽ شبهو پيدا ٿئي ٿو. هاڻوڪي دؤر ۾ اهو نظام، تاريخي تباهيءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي، غير مُحب وطن آهي، بينڪيتي دؤر جي ياد تازي ڪري ٿو ۽ سماجي توڙي معاشي ترقيءَ جي گهرجن سان ٽڪراءُ ۾ آهي. وڏي وزير محمد ايوب کهڙو دعويٰ ڪئي، ته جاگيرداريءَ جي خاتمي کان پوءِ حڪومت، زمينداري نظام ختم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. پر سنڌ ۾ ان دؤر جي حڪومتي اعلانن جي سچائيءَ تي شڪ پيدا ٿئي ٿو. سبب اهو آهي، جو تنهن وقت اصولي طور اولهندي پاڪستان جي گڏيل صوبي (ون يونٽ) ٺاهڻ جو فيصلو ٿي چڪو هو، تنهنڪري ڪيئي پروگرام، رٿائن ۽ اعلانن جي قانوني تياري اڳيئي ٿي چڪي هئي. نيٺ ون يونٽ ٺهڻ کانپوءِ مٿن عملَ کي ملتوي ڪيو ويو. گڏوگڏ سُڌارن جي مخالفن، انهن جي ناڪامي لاءِ هر قسم جي قانوني چالن کي عمل ۾ آندو. (26: ص، 171)

ڇهين ڏهاڪي جي پهرين اڌ جي زرعي سُڌارن، وڏن زميندارن جي قوت کي ڪونه لوڏيو. صوبي جي ڪُل پوکيل ايڪاسي لک سٺ هزار ايڪڙ ايراضيءَ مان سٺونجاهه لک سٺ هزار ايڪڙ زمين، ٽي هزار وڏن زميندارن وٽ هئي. جاگيردارن جي پيٽ ۾ اُهي ڏِل ڏيندا هئا، تنهن هوندي به ان جو مقدارَ سندن آمدنيءَ جي معمولي حصي يعني ويهه سيڪڙو تي ٻَڌل هو. انهن جي ملڪيتي معيشت، ڪجهه مثالن کانسواءِ، گهٽ پيداواري هئي، ڇوته اُهي سُڌريل آبپاشي نظام جي موجودگيءَ هوندي به، پوکائيءَ جي ايراضين ۾ ڦهلاءَ ۽ زرعي ٽيڪنيڪ جي وڌيڪ بهتريءَ لاءِ وسيلا خرچ ڪرڻ کان نٽائيندا هئا.

زميندارن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيو، ڇوته نئين آبپاشيءَ جي علائقن ۾ وڏن شهري ملازمن ۽ ريٽائرڊ فوجي آفيسرن کي لڳاتار زمينون ورهائي ڏيڻ جو عمل جاري رهيو. 1947ع تائين اهڙن ڇهه هزار خاندانن، ڇتيهه لک چار هزار اٺ سؤ ايڪڙ زمين ورتي. سکر جي آبپاشي واري علائقي ۾ 1958ع تائين مجموعي طور تيرهن لک ڇائيتاليهه هزار 853 ايڪڙ زمين ڏني وئي، جنهن ۾ 1949ع کان ٽي لک چوٽيهه هزار 925 ايڪڙ زمين وڪرو ڪئي وئي. (26: ص، 172)

سرمائيداراڻي روپَ واريءَ معيشت کي، نه روايتي وڏن جاگيردارن ۽ نه ئي نون زميندارن ورتائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻيهر سيراب ٿيندڙ زمينن جي مالڪن جو وڏو حصو پنجابُ صوبي سان تعلق رکندڙن تي ٻَڌل هو. اهو لاڙو ڇهين ڏهاڪي کان شروع ٿيو ۽ ڇهين ڏهاڪي ۾ تيز ٿيو. انهن جا خاندان عام طور وڏن شهرن ۾ رهندا هئا.

ڪمدار ۽ منشي، جن کي زميندار ملازم رکندا هئا. عام طور پنجاب يا سرحد کان ايندا هئا ۽ پيداوار جي افاديت کي وڌائڻ ۾ ايتري دلچسپي نه وٺندا هئا، جيتري هارين جي بي رحماڻي ڦرلٽ ۽ زمين جي حصول جي بدولت تڪڙ ۾ امير بڻجڻ ۾ رکندا هئا. (26: ص، 173-172)

زرعي پيداوار ۾ واڌاري لاءِ حڪومتي قدمن، سنڌي ڳوٺن ۾ سماجي تضادن کي نه گهٽايو. جدوجهد ۾ هارين لاءِ وسيع حلقا شامل ٿيندا ويا. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي سڏ تي ”احتجاج جا هفتا“ ملهايا ويا، جن ۾ هزارين هاري ۽ ننڍا مالڪَ حصو وٺندا هئا. ائين مارچ 1954ع ۾ ٽي سؤ کا وڌيڪ جلسا، جلوس ۽ ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون، جن ۾ هارين کي وراثتي بٽائي جي حق ڏيڻ ۽ جاگيردارن جي ڦهلاليل لاقانونيت جي خاتمي جا مطالبا شامل هئا. ڪيٽي هارين، پاڻيءَ جي مناسب ورهاست ۽ وڏيرن جي ناانصافين جي خاتمي لاءِ بُک هڙتالون ڪيون. (26: ص، 173)

هاري هلچل جي اُڀارَ وارن حالتن ۾ حڪمران حلقن، ظالماڻي تشدد سميت مختلف ڪيڏ ۽ ڍنگ واپرايا. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي سرگرم ڪارڪنن تي ڏنڊ وڌا ويا. ڪين جيلن ۾ اُڇلايو ويو. وڏيرن پنهنجا گروهه ٺاهيا، جيڪي هارين تي حملا ڪندا هئا، عورتن ۽ ٻارن کي مارڪُٽ ڪندا هئا. چونڊ مهم جي پڄاڻيءَ تي مسلم ليگ جي اميدوارن خلاف ووٽ وجهڻ جي همت ڪندڙ هارين کي، ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو بنايو ويو، ڪانئن زمينون ڦريون ويون. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو اثر گهٽائڻ جي ڪوشش ۾، سنڌين ۽ ٻين قوميت جي هارين ۾ نفرت پڙڪائي وئي ۽ حڪومت جون ساٿاري هاري تنظيمون ٺاهيون ويون. حڪمران پارٽيءَ جي حمايت سان سُڌار پسند سنڌ هاري فيڊريشن جوڙي وئي، جيڪا هاٺوڪي زرعي رشتن کي برقرار رکندي، هارين جي حالت سُڌارڻ جي ڳُهر ڪندي هئي. پر اهڙو پروگرام نه وڏن زميندارن ۾ ڊپ ۽ نفرت پيدا ڪندو هو ۽ فيڊريشن جا رڪن به جاگيردارَ گروهن جي حملن جو نشانو بڻيا.

ڪجهه عرصي لاءِ حُڪمرانن کي حُرن جي جدوجهد ڪمزور ڪرڻ ۾ سوپ ٿي. فوج ۽ پوليس جي مدد سان انهن سان مُنهن ڏيڻ جي قابل نه هئڻ سبب مسلم ليگ قيادت، (خاص ڪري تڏهوڪي وزيراعظم نواب لياقت علي خان واري ٽولي شعوري طور) ڦاسيءَ ڏنل پير پاڳاري جي وڏي پُٽ سڪندر شاهه سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هو انگلينڊ مان واپس موٽيو، وفاقي حڪومت جي حمايت سان سندس ’پير پاڳارو پنجون‘ ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ هن جدوجهد ختم ڪرڻ جو حُڪم ڏنو. حُرن جي هلچل انتشار جو شڪار ٿي وئي. 21 آڪٽوبر 1952ع تي رحيم هنگورو کي جهليو

ويو. هن ۽ سندس ٻين ساٿين کي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ بند ڪيو ويو. اپريل 1954ع جي شروعات ۾ انهن جي حمايتن کيس آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيل جي محافظ تي حملو ڪيو: پر تن ڪلاڪن جي ويڙهه کان پوءِ اُهي ڀڄڻ تي مجبور ٿي ويا. نيٺ، رحيم هنگورو کي ڦاسي ڏني وئي. (26: ص، 174)

1955ع ۾ وڏن بورزوازين ۽ مسلم ليگ جي پنجابي ڏڙ، اوله پاڪستان جي سمورن صوبن کي گڏائڻ جو نظريو ڏنو. سنڌي جاگيردارن جي هڪڙي حصي جمهوري قوتن جي اقتدار ۾ اچڻ جي ڊپ کان، ان نظريي جي حمايت ڪئي، ڇوته کين اميد هئي، ته ون يونٽ ٺهڻ سان هاري هلچل کي مڪمل طور ختم ڪرڻ جو موقعو ملندو.

انهن حالتن ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي قيادت سنڌ جي ترقي پسند قوتن کي متحد ڪرڻ جو نعرو ڏنو ۽ اينٽي ون يونٽ فرنٽ جوڙڻ جو سڏ ڏنو.

مارچ 1958ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ ڪوٺايل مختلف لبرل ۽ جمهوري پارٽين ۽ تنظيمن جي ڪانفرنس ۾، سرڪارَ کان جاگيرداراڻي زميني ملڪيت جي مڪمل خاتمي، آبپاشي وارن علائقن ۾ رياستي زمينن جي هارين ۾ ورڇ، ڍلن ۾ گهٽتائي ۽ هارين کي رياستي امداد ڏيڻ جا مطالبا ڪرڻ بابت حيدربخش جتوئي جي تجويز منظور ڪئي وئي. مئي 1958ع جي شروع ۾ سنڌ هاري ڪميٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي گهرايل ڪانفرنس پڻ زرعي سوال کي ڳوناڻي هارين جي حق ۾ هڪدم سُلجهائڻ جي گهُرج تي ٻَڌل ٺهراءُ منظور ڪيو. 5 مئي تي ڪانفرنس جي شريڪ هزارين ماڻهن تي ٻَڌل جلوس ڪڍيو. (26: ص، 175)

فوجي مارشل لا جي نتيجي ۾ اقتدار پاڪستاني فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل محمد ايوب خان جي هٿ ۾ اچي ويو، جنهن 27 آڪٽوبر 1958ع تي صدارتي اختيارَ سنڀالي ورتا. قانون ناهيندڙ ادارا ٽوڙيا ويا، آئين ختم ڪيو ويو، سياسي جماعتن ۽ جمهوري تنظيمن جي سرگرمين تي پابندي لڳائي وئي، سخت سنسرشپ مڙهي وئي. هارين، مزدورن، نوجوانن ۽ قومي آزادي جي تحريڪن جي سرگرم ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. (26: ص، 219).

اقتدار تي قبضو ڪندڙ سياسي گروهه اهو سمجهندو هو، ته مستقل سياسي، سماجي ۽ معاشي بحران جو اهم سبب زرعي سوال کي نه سُلجهائڻ آهي، ٺهنڪري ڳوٺن جي سرمائيداراڻي تبديليءَ جو عمل سُستي ۽ ناهمواريءَ سان جاري هو، ۽ سرمائيداري، هارين جي صدين کان اذيتناڪ غلامي ۽ بيدخليءَ جي سزا ڀڄبي. پيداواري قوتن کي نه رڳو زراعت بلڪ صنعت ۾ به روڪيو ويو. فوجي بغاوت جي ٻن

هفتن کان پوءِ حاڪمن، زرعي سڌارن جي تياريءَ لاءِ ڪميشن جوڙي ۽ ٻئي سال جنوري ۾ محمد ايوب خان انهن جي نفاذ جو اعلان ڪيو، جنهن موجب جاگيرداري نظام کي ختم ٿيڻو هو ۽ ملڪيت جي حد 480 ايڪڙ نهري ۽ 960 ايڪڙ باراني زمين کان وڌيڪ نه هئڻ گهربي هئي. (26: ص، 220-219)

انهيءَ "حد" لاڳو ٿيڻ سان اٽڪل ڇهه هزار سنڌي ۽ پنجابي جاگيردارَ متاثر ٿيا هئا، جيڪي پنهنجي زمين جي ٽين حصي کان محروم ٿي پئي سگهيا. پوڪائيءَ جي سرمائيداراڻي ڍنگ ڏانهن منتقلي ۾ تيزيءَ جي مقصدن سان، سنڌ ۾ ساڍا پندرهن ايڪڙن کان گهٽ زمين جي ورڇ يا وارثن ۾ ورڇ تي پابندي هنئي وئي. جاگيردارن کان مليل زمين، عام طور هارين ورتي يا وري نيلاميءَ ذريعي وڪرو ڪئي وئي. حيدرآباد ۽ خيرپور جي ضلعن ۾، جاگيردارن کي هڪ ايڪڙ زرخيز زمين جا ساڍا ٽي سؤ رپيا مليا. (26: ص، 220)

سکر بئراج جي زمين جي ورهاست پاڪستان ٺهڻ کان اڳ شروع ٿي چڪي هئي ۽ 14 آڪٽوبر 1954ع ۾ جڏهن ون يونٽ ٺهيو، تڏهن رڳو ڇهه لک ٻائيتاليهه هزار 460 ايراضيءَ بچيل هئي. جڏهن ته ون يونٽ کان اڳ ٻاويهه لک ايڪڙ زمين مان اڪثر زمين پنجابين کي ڏني وئي. (28: ص، 236)

1955ع کان 1958ع تائين سنڌ جي قيمتي زمين مان هڪ لک ٻاونجاهه هزار زمين غيرسنڌين کي ڏني وئي.... آڪٽوبر 1958ع کان 1962ع تائين هر سؤ ماڻهن مان زمين وٺندڙ پنجهتر ماڻهو، غيرسنڌي هئا؛ يعني سنڌين کي رڳو چونجاهه هزار 789 ايڪڙ زمين ملي، جڏهن ته غيرسنڌين کي ٻه لک ٻارنهن هزار 679 ايڪڙ زمين ملي. هوڏانهن رهيل ڇهه لک ايڪڙ ايراضيءَ مان چار لک ستهٺ ايڪڙ زمين، غيرسنڌين کي ملي. جڏهن ته ملڪ آزاد ٿيڻ کانپوءِ حُرن کي سندن زمين واپس ملڻ بجاءِ اڳوڻن فوجين کي اٽڪل ڏيڍ لک ايڪڙ زمين ڏني وئي، جيڪي ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ ۾ برطانوي سامراج جي مفاد لاءِ وڙهيا هئا. مکي ڍنڍ جي زمين جن شرطن تي ڏني وئي، سي هيٺ ڏجن ٿا. (28: ص، 237)

(1) زمين پنجاهه رپيا في ايڪڙ مالڪاڻي حقن سان ڏني وئي. قيمت جي چوٿين پتي اڳواٽ ورتي وئي ۽ باقي پنجهتر حصي جي وصولي پندرهن هڪجيترين قسطن ۾ رکي وئي، جيڪا قسط هر فصل تي وٺڻي هئي، (يعني پندرهن سالن ۾.)

(2) زمين وٺندڙ فوجيءَ کي هڪ فصل مفت ڪٽڻ جي رعايت ڏني وئي.

(3) زمين جي درستيءَ ۽ سڌاري جو ڪم وزارت جي ذمي هو.

(4) اُن علائقي ۾ رستن جي اڏاوت، واهن جي کوٽائي توڙي مزدوريءَ جو خرچ صوبائي حڪومت (سنڌ) کي پرڻو هو.

"(5) زمين کي سيراب ڪندڙ اڏن يا ڪَسين کي خريدار طرفان پنهنجي خرچ تي ٺهرائڻو هو.

(6) وڏن ڳوٺن ۾ جڳهه، رهائش وغيره (چَڪَ جوڙڻ) صوبائي حڪومت ٺهرائي ڏني، تہ جيئن ڪَٽين کي رهائش ۽ سامانَ وغيره لاءِ سهولت ٿئي. (28: ص، 238)

هوڏانهن حُرن جون زمينون کين ڏيڻ بجاءِ اُهي زمينون اڳوٽن فوجين کي ڏنيون ويون. مکي ڍنڍ جي علائقي ۾ هڪ لک پنجاهہ هزار ايڪڙ فوجين کي بلڪل مفت ڏني وئي، بلڪ انهن جي آبادڪاريءَ جو پوروخرچ، مرڪزي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت جي ذمي ڏنو ويو. نيٺ، 1957ع ۾ سنڌ حڪومت، حُر جماعت جي مطالبي تي مکي ڍنڍ جون ڪجهہ غيرآباد ۽ ٽئين درجي جون زمينون کين ڏنيون. (28: ص، 238)

اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ 18 جنوري 1957ع تي غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ، خزاني جي وزير کان پڇيو: ڇا حڪومت ان ٽئين درجي جي زمين کي پوکڻ لاءِ تيار آهي؟ وزير نواب افتخار حسين ممدوت جواب ڏنو: حڪومت جو ڪم زمين کي آباد ڪرڻ نہ آهي. جنهن تي سوال ڪيو ويو: ڇا فوج کي ڏنل زمين حڪومت کي ملندڙ پرڏيهي امداد سان آباد نہ ڪئي وئي آهي؟ تہ حڪومت طرفان جواب ڏنو ويو: جيڪا پرڏيهي امداد فوج کي ڏني وئي هئي، تنهن جو سول انتظاميا سان ڪو واسطو نہ آهي. (28: ص، 238).

جون 1858ع ۾ ڪوٽڙي بئراج جي زمين ڪپائڻ لاءِ "لينڊ يوٽيلائيزيشن ڪميٽي" جوڙي وئي، جنهن ۾ مرڪزي حڪومت جي نمائندن سميت فوج مان بہ نمائندا ڪنيا ويا. انهيءَ ڪميٽيءَ ۾ مقامي آباديءَ کي ڪابہ نمائندگي نہ ڏني وئي. رسمي طرح زمين جو وکرو 1958ع ۾ شروع ٿيو، پر حقيقت ۾ اُن جي الاٽمنٽ بہ سال اڳ جنرلن کي ڏيڻ شروع ڪئي وئي هئي. ان مسئلي بابت ڪيترا سوال ڪيا ويا، پر ڪن لاتار ٿيندي رهي. نيٺ 29 جنوري 1958ع ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ بيگم طاهره اعجاز حسين آغا (ميمبر اسيمبلي)، وزير آبپاشي کان ڪوٽڙي بئراج جي زمين جي حوالي سان سوال ڪيو، تہ ان جي جواب ۾ لاڳاپيل وزير قاضي فضل ٻڌايو: ڪوٽڙي بئراج جي هڪ لک ايڪڙ زمين، فوج لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ پنجويهہ هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين پهرين ئي الاٽ ٿي چڪي آهي. ڪجهہ زمين وٺندڙن جا نالا هي آهن: جنرل محمد ايوب خان، ميجر جنرل موسيٰ، ميجر جنرل محمد

ابرار خان، برگيڊيئر سيد غواث، ڪرنل مظفر خان، ڪرنل حيدر، ظفرالله پوشني وغيره شامل آهن.

وزير وڏيڪ ٻڌايو: فوجين کان اڍائي سؤ رپيا في ايڪڙ جي حساب سان قيمت ورتي وئي آهي، جڏهن ته پوئين حڪومت هارين لاءِ تي لک ايڪڙ زرعي زمين مخصوص ڪري چڪي هئي، پر اولهه پاڪستان حڪومت اڃا تائين اُن بابت ڪا به پاليسي جوڙي نه سگهي آهي، ۽ اهڙي رٿا ناهي ترت ڪابينا آڏو پيش ڪئي ويندي. (28: ص، 241-240)

ڪوٽڙي بئراج جون زمينون سڀ کان اڳ فوجي آفيسرن کي، جيڪي اڃا تائين ملازمتن تان لٿا ئي ڪين هئا، گهٽو ڪري مفت الاٽ ڪيون ويون. انهن فوجي آفيسرن، زمين تي قابض ٿيندي ئي، پرپاسي ۾ وسيل سنڌي ماڻهن کي هيسائڻ شروع ڪري ڏنو. سنڌن ورتاءُ مقامي ماڻهن لاءِ ايڏو پريشان ڪندڙ هو، جو مقامي ماڻهن جو هڪ وفد شڪايت ڪٽي حڪومت وٽ پهچي ويو. مقامي هارين لاءِ به زمين مخصوص ڪئي وئي هئي، پر ڪافي عرصو گذرڻ کان پوءِ به اها زمين ڪين الاٽ ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي وئي. (28: ص، 243)

1962ع تائين ڪوٽڙيءَ بئراج جي ورهايل زمين يارهن لک چوويهه هزار اڍائي سؤ ايڪڙ هئي، جن مان مقامي ماڻهن کي رڳو به لک پنجيتاليهه هزار 285 ايڪڙ ڏني وئي. (28: ص، 243) جڏهن ته پنجاب لاءِ هڪ لک ستر هزار ايڪڙ ۽ سرحد لاءِ چوٽيهه هزار زمين رکي وئي. زمين جو سڀ کان خراب حصو فطري طور بلوچن جي حصي ۾ آيو، چوته سندن سياسي اقتدار ۾ حصو به سيني کان گهٽ هو. منجهائن ڪن ته زمين وٺڻ کان مورڳو انڪار ڪري ڇڏيو. ڪوٽڙي بئراج جي زمين پهلوانن، رانديگرن ۽ گلوڪارن کي به عطيي طور ڏني وئي. ڪوٽڙي بئراج تي ٽريڪٽر اسڪيم تحت به زمين الاٽ ٿي. اُن جو چڱو حصو سول ۽ فوجي آفيسرن جي هٿ لڳو. دليل اهو ڏنو ويو، ته انهن ماڻهن وٽ زمين جي درستيءَ لاءِ پئسا موجود آهن. اهڙيءَ طرح ٽريڪٽر اسڪيم مان سرڪاري آفيسرن دل کولي جاوا ڪيا، تن ۾ اعليٰ فوجي آفيسر، نيوي جا آفيسر، پوليس آفيسر، سيشن جج، انجنيئر، ريلوي جا ملازم ۽ ڪيترائي بيا به شامل هئا. (28: ص، 244) منجهائن اڪثر فوجي عملدارن اهي زمينون رڳو پنهنجي نالن تي نه، پر پنهنجن مائٽن وغيره جي نالي به الاٽ ڪرايون. (28: ص، 245)

ٽريڪٽر اسڪيم هيٺ جيڪا زمين الاٽ ڪئي وئي، اُن تي پهرين مقامي ماڻهو هاريو ڪندا هئا، پر ان اسڪيم بابت ڇيو وڃي ٿو، ته اٽڪل چار لک سنڌي هارين کي

بيدخل ٿيندي، بيروزگاريءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو. (28: ص، 245)

ڪوٽڙي بئراج تي جن مقامي هارين کي زمين الاٽ ڪئي وئي، تن جي مسئلن جو پڙاڏو 1986ع تائين به ٻُڌڻ ۾ آيو. انهيءَ سال ڏيڍ لک ايڪڙ زمين تي قابض هارين جي زمين رد ڪئي وئي. غير سنڌي آبادڪارن بلڊوزرن جي اسڪيم هيٺ جيڪو قرض ورتو هو، اهو هارين تي وڌو ويو ۽ نه ڏيڻ جي صورت ۾ سندن زمينون رد ڪيون ويون. (28: ص، 247-246)

هوڏانهن ايوب خان جي زرعي سُڌارن سان جاگيردارن جو معاشي اثر، مجموعي طور نه رڳو گهٽ نه ٿيو، پر وڌيڪ مضبوط ٿيو. اڪثر وڏا مالڪَ پنهنجي زمينن کي مائٽن ۾ ورهائڻ ۽ ڪيئي صورتن ۾ مٿن پاڙيندڙ هارين جي نالي تي جعلي طور زمينون منتقل ڪرڻ ۾ ڪامياب رها. گڏوگڏ 1960ع جي قانون هيٺ حد سان گڏ ضمني طور 144 ايڪڙ زمين باغن، جانورن ۽ گهوڙن جي فارمن رکڻ لاءِ 240 ايڪڙ زمين تائين هٿ وس رهندڙن ۽ مائٽن جي نالي ڪرڻ جي اجازت هئي. وڏيون ايراضيون، رياستي ملازمن ۽ آفيسرن، خاص ڪري پنجابين جي هٿن ۾ اچي ويون. اهي جعلي دستاويزَ ٺاهڻ کان به ڪِين گُسندا هئا، ته جيئن زمينن تي قبضو ڪري سگهن. ذوالفقار علي ڀٽي پوءِ لکيو: ”پنهنجي اقتدار جي ناجائز استعمال وسيلي سرڪاري ملازمن، بيشرميءَ سان سنڌ ۽ پنجاب ۾ بئراجي زمينن تي قبضو ڪري ورتو.“ انهيءَ نتيجي ۾ سنڌ ۾ جاگيرون برقرار رهيون. انهن زميندارن جي حيثيت مضبوط ٿي وئي، جيڪي پهرين ”وچئين جاگيردار“ جي درجي سان تعلق رکندا هئا. (26: ص، 221)

محمد ايوب خان جي اِها اُميدَ ته ”وڏين جاگيرن جي وڪرڻ سبب زمين وچئين طبقي جي ننڍين زميني مالڪن ڏانهن منتقل ٿيندي،“ پوري نه ٿي سگهي. زمينن جو پنجين حصي کان وڌ حصو ٽي هزار 750 مالڪن جي ملڪيت ۾ رهيو. اهو خيال رکڻ به ضروري آهي، ته انهن جي زميني فائدي ۾ به واڌارو ٿيو، جو ته سُڌارن وقت جاگيردارن سيني کان پهرين بيڪار يا گهٽ فائديمند زمين مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. (26: ص، 222-221)

رڳو 401 سنڌي جاگيردارن، واڌو زمين رياست کي ڏني. سرڪاري تحويل ۾ ورتل زمين جي موٽ ۾ کين سادا چار سيڪڙو بانڊن جي روپ ۾ معاوضو ڏنو ويو، بلڪ انهن زمينن جي قيمت به گهٽي وڌائي لڳائي وئي. جڏهن ته سُڌارن کان متاثر ٿيندڙ زميندار، رياست کان ضمانت تي مالي آمدني وٺندا رهيا، جنهن کي اُهي زرعي پيداوار کي جديد بنائڻ ۾ واپرائي سگهندا هئا. (26: ص، 222)

اٺين ڏهاڪي جي شروع تائين تيهه سيڪڙو پوکيل ايراضيءَ جي پوکائي هاري ڪندا هئا. منجهائن ڇانوي سيڪڙو پورهيت- هاري، 1959ع جي سڌارن کان پهرين جيان بٽائيءَ جي شرطن تي ڪم ڪندا هئا. رسمي طور فصل جو اڌ حصو جاگيردار کي ڏنو ويندو هو ۽ اڌ هاريءَ جي ڪٽنب وٽ رهندو هو. پر حقيقت ۾ 1972ع جي انگن اکرن موجب، مالڪَ زميندارَ فصل جو سٺ سيڪڙو تائين ڪٽي ويندا هئا. تنڌا مالڪَ، هاري ۽ ڪيت مزدور سدائين جيان ڪاڌي پيتي ۽ ڏوڪڙن جا سخت محتاج رهندا هئا. جاگيردار ۽ واپاري شاهوڪار کين غيرضروري ضابطن بنا سولائيءَ سان قرض ڏيندا هئا، پر اُهي عام طور هارين جي مالي حيثيت سان ٺهڪندڙ نه هوندا هئا. تنهنڪري کين قرض جي غلاميءَ کان نجات ماڻڻ ۾ ڪاميابي نه ٿي هئي. پهرين جيان انيڪ پِيرن ۽ شيخن کي ملندڙ نذرانن جي ادائيگي، هارين جي ڪٽنبن لاءِ گهڻو بار بڻيل هوندي هئي. ادائيگين جي باقائدگيءَ جو خيال، پِيرن جا خليفا رکندا هئا، ۽ ڳوڻاٺا غريب انهن جي مطالبن کي نظرانداز ڪرڻ جي همت نه ڪندا هئا. سياسي اڳواڻ، جيڪي مذهبي ادارن جي ميمبرن جي ووٽن ۾ دلچسپي رکندا هئا، پيرن جا ناز ۽ نخرا کڻندا هئا ۽ رضاڪارانه پر حقيقت ۾ لازمي نذرانن کان اکيون بند ڪري ويٺل هئا. ٻين لفظن ۾ سڌارن، ڳوٺاڻي هاري پورهيت جي حالت ۾ ڪابه تبديلي نه آندي. هنن کي سڀ کان اهم شيءِ زمين نه ملي. (26: ص، 223-222)

حڪومت زرعي ٽيڪنڪ جي سُڌاري، آبپاشي نظام جي اڏاوت ۾ واڌ، هارين کي سٺن قسمن جا ٻج ۽ معدني ڀاڻَ ڏيڻ وسيلي پيداوار ۾ واڌاري ڪرڻ تي زور ڏيڻ شروع ڪيو. قرضن جو نظام ترقي ڪرڻ لڳو، ڪوآپريٽوَ جي پُٺڀرائي ٿيڻ لڳي، زمين جي پوکائيءَ بابت جديد طريقن جي پرچار جا مرڪز جوڙيا ويا.

ستين ڏهاڪي جي پهرين اڌ ۾، سکر جي اتر ۾ سؤ ڪلوميٽر پري گڊو بئراج ڪم شروع ڪري ڏنو. هن سنڌ جي ساڄي ڪناري تي جيڪب آباد، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، ٿر، ڳڙهي خيرو، شهدادڪوٽ، سکر، شڪارپور، ڳڙهي ياسين جي ضلعن ۽ سنڌو درياءَ جي کاٻي ڪناري تي اوٻاوڙو، ميرپور ماٿيلو، گهوٽڪي، پنوعاقل ۽ روهڙيءَ تعلقن جي زمينن کي پاڻي پهچائڻ شروع ڪيو. گڊو بئراج جي اڏاوت پوري ٿيڻ سان چانور جي پوکائيءَ جي ايراضي تي لک پنجيتاليهه هزار ڇهه سؤ ايڪڙن کان وڌي پنج لک ستٽيهه هزار ڇهه سؤ ايڪڙن تائين وڃي پهتي. (26: ص، 223)

هڙادو آبپاشي جي واهپي، اتر سنڌ ۾ زرعي پيداوار جي مجموعي مقدار ۾

واڌارو آندو ۽ اناج وارن فصلن جي پيداوار، ادائي ايڪڙن تي ٻه سؤ کان چار سؤ ڪلوگرام تائين وڌي وئي.

گڊو بئراج جي اڏاوت، ڍل ۽ آبياني واريءَ رقم مان ڪٽي وئي، جنهن جو وڏو بار هارين تي پيو. جڏهن اڏاوت جو ڪم شروع ٿيو، ته سنڌ حڪومت ننڍين زمينن جي ڪاتيدارن کي، پاڻيءَ جي فراهمي سُڌارڻ ۽ سرڪاري زمينون هارين ۾ ورهائڻ جو واعدو ڪيو. پر انهن واعدن کي وساريو ويو.

سنڌ کي اولهه پاڪستان ۾ ضم ڪرڻ کانپوءِ زمينن جي ورهاست لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن جي فرضن ۾ نون آبپاشي علائقن ۾ اٽڪل پنج لک ڇاهتر هزار زمين ورهائڻ شامل هئي.

انهيءَ زمين کي ٻي زمين ۽ گهٽ زمين رکندڙ هارين کي ڏيڻ بجاءِ ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو، ته زمين رڳو هارين کي ئي نه بلڪ ڪاتيدارن، حقدارن (ٻوڏ کان متاثر ڳوٺاڻن)، فوجي ملازمن، ريٽائرڊ (ترت ريٽائرڊ ٿيندڙن) سول ملازمن، نئين پاڪستاني راڄڌاني اسلام آباد ۽ منگلاڊيم پنجاب جي اڏاوت وارن علائقن، قبائلي علائقن (اتر اولهه سرحد صوبو) ۽ قلات ۽ ڪوئيٽا (بلوچستان) کان لڏپلاڻ ڪندڙن ۾ به ورهائي ويندي. (26: ص، 224)

زمين جو هڪڙو حصو، مالڪن جي هڪ خاص درجي لاءِ مخصوص هو، جيڪو عملدارن جي هدايتن هيٺ ٽيڪسن کان آجو هو، اهڙيءَ ريت انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي رياست جي ملڪيتي زمينن کي ڊگهي مُدت تائين مقاطعي تي وٺڻ چاهين پيا، انهن لاءِ وڏي ايراضي، پيداواري انفراسٽرڪچر جي ترقيءَ لاءِ رکي وئي.

پنجابي آفيسرن تي ٻَڌل ڪميٽي جي ميمبرن کي، زمين وٺڻ واريءَ درخواست کي ضروري دستاويزن جي عدم موجودگيءَ جي بهاني رد ڪري سگهڻ، يا ڪين زمين ان ماڻهوءَ کي ڏيڻ جو اختيار هو، جنهن کي ڏيڻ انهن ضروري ٿي سمجهيو. سنڌي هارين جي قانوني حقَ کي لتاڙيندي، اٽڪل سموري زمين، فوجي ۽ سول مِلازن کي مفت، يا وري رعايتي شرطن تي ڏني وئي، (هڪ ايڪڙ جي وڌ ۾ وڌ قيمت چار سؤ رپيا رکي وئي، پر اها رقم به نه ڏني وئي.) جڏهن ته اُن وقت آبپاشيءَ واري ايڪڙ جي قيمت چار هزار کان اٺ هزار روپين تائين هئي. (26: ص، 225)

نئين آبپاشيءَ جي علائقن ۾، نون جاگيردارن، وچئين زميندارن ۽ واپاري طبقي جي جوڙجڪ جو عمل تيز ٿي ويو. اهي بنيادي طور پنجاب سان واسطو رکندڙ هئا. سنڌ هاري ڪميٽي دعوي ڪئي: پنجابين جي آبادڪاري، تشدد ۽ لاقانونيت جي

بينڪيتي طريقن سان جاري آهي، مقامي هارين کي بيدخل ڪيو پيو وڃي، ڳوٺن کي، جتي اهي ماڻهو صديون کان آباد هئا، سرڪاري آفيسرن جي پُٺڀرائيءَ سان تباهه ڪيو پيو وڃي. (26: ص، 379)

نائين ڏهاڪي جي وچ ۾ ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج جي علائقي ۾ اٽڪل اوڻيهه لک ويهه هزار ايڪڙ زمين، غير مقامي فوجي ۽ شهرين آفيسرن جي هٿن ۾ هئي يا معمولي قيمت تي خوشحال پنجابي زميندارن کي وڪي وئي هئي. ڪجهه اندازن موجب پوڪيل زرعي ايراضيءَ جو اٽڪل چاليهه سيڪڙو، غيرسنڌي جاگيردارن ۽ زميندارن جي ملڪيت هو، جيتوڻيڪ مقامي هارين جو پنجهتر حصو بي زمين هو.

ضلع ٺٽي جي سيني ڪان زرخيز زمين، ڪل جوڳيءَ قيمت تي يعني ست رپيا في ايڪڙ، اعلي شهري ۽ پوليس آفيسرن، اڪثر پنجابين کي ٽيهن سالن جي قسطن تي وڪي وئي. (26: ص، 379)

وڏيرن به زمين جو ڪجهه حصو ورتو، پر بنيادي طور پنجهتر سيڪڙو زمين چوڌرين (پنجاب جي جاگيردارن ۽ آبادڪارن) جي هٿن ۾ هلي وئي. محمد ايوب خان جي حڪومتي دؤر ۾، آبپاشي وارن علائقن ۾ وڏي ايراضي، فوجي ۽ سرڪاري آفيسرن حاصل ڪئي، جن ۾ ايئرمارشل اصغر خان، ايئر مارشل نُور خان، محمد ايوب خان جو مائٽ عطاءُ الله جهانيان ۽ ظفر الله پوشني وغيره شامل آهن. نوان جاگيردار زرعي ترقياتي بئنڪ جي قرضن مان به فائدو وٺندا هئا. (26: ص، 225)

آبپاشيءَ وارين زمينن جي آبادڪاري، هارين ۽ ننڍن مالڪن جي انهن پنهنجين تان بيدخليءَ سان گڏوگڏ پئي ٿي، جتي اُهي ڪيترن نسلن کان پورهيو ڪندا پئي آيا. رهائشي جايون ۽ جڳهون، باغ ۽ فصل، بلڊوزرن سان تباهه ڪيا ويا. سکر، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي ضلعن ۾ هزارين هاري بي گهر ٿي ويا ۽ پنهنجي اباڻن ڳڪن کي ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا. (26: ص، 225-226)

ستين ڏهاڪي جي وچ ڌاري جاگيردارن ۽ زميندارن، نون آبپاشي وارن علائقن ۽ وڏن شهرن جي ڀرپاسي ڳوٺن ۾ خاص طور ڪپهه، ڪڻڪ، چانورن ۽ ميون جي نون قسمن جي پوکائي شروع ڪئي ۽ ڪيميائي ڀاڻن ۽ معدنيات جو استعمال شروع ڪيو..... تنهن وقت سنڌي سائنسدان، غذائي ۽ ٽيڪنيڪي جنسن جي انهن پراڻن قسمن کي سڌارڻ ۽ نون قسمن ڳولڻ ۾ ڪامياب ويا هئا، جيڪي پچڻ وارو وقت گهٽ وٺندڙ ۽ بيمارين خلاف مزاحمت جي خاصيت رکندڙ هيون ۽ خشڪ توڙي سم ڪلر وارين زمينن ۾ سُٺي فصل ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ هيون. ڏوڪري جي زرعي

اسٽيشن ۾ ٿيندڙ ڪوڃنا اهم ڪردار ادا ڪيو. اتر ۽ وچولي سنڌ ۾ چانورن جون ڪانگي 27، ڄاڄائي 77، بنگالو، سونهاري، سائي گلاب جون جنسون وڏيون جيتوٽيڪ ڪٽڪ جا بنيادي ماڳ. سنڌ جي ڪاپي ڪناري نواب شاهه، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي ضلعن ۾ موجود آهن. تنهن هوندي به ان نئين قسم جي پوکائيءَ سان، ڪاپي ڪناري سان سم ۽ ڪلر جي ور چڙهيل زمينن تائين وڌائڻ جا موقعا فراهم ٿيا. ڪپهه جا نوان قسم ڳولڻ لاءِ تحقيقاتي ڪم ٽنڊوڄام، ميرپورخاص، سڪرنڊ ۽ ٺٽي جي اسٽيشنن ۾ پئي ٿيو. باغبانيءَ ڪي وڏيڪ ترقي ملي، خاص طور خيرپور ۽ حيدرآباد جي ضلعن ۾ شهرن جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾. ستين ڏهاڪي جي وچ ڌاري باغن جي ايراضي ساڍا اوڻهٺ هزار ايڪڙ هئي. (26: ص، 226)

زرعي سائنسي حاصلات جي واهپي، سرمايداري جي ترقيءَ کي سگهه بخشي. پر اهو عمل ناهمواري ۽ وڏين سماجي رڪاوٽن سان جاري ٿيو. اڪثر سنڌي هارين کي پنهنجي ٻنين کي ڇڏڻو پيو. زرعي لڏپلاڻ ۾ واڌارو ٿيو. شهرن ڏانهن لڏپلاڻ جي واڌاري سان مسئلو نه سُلجهي سگهيو. وڏي ۽ ننڍي پيماني واري آبپاشي نظام، حڪومت طرفان خريد ڪندڙ قيمت ۾ واڌاري، ٻج، ٽيوب ويل ۽ پاڻ لاءِ قرض ڏيڻ، معدنيات ۽ ٽريڪٽرن جي فراهمي سان، زرعي پيداوار ۾ واڌاري جي رفتار ۾ تيزي آئي. پر اهو سڀ ڪجهه ننڍڙي ڳوٺاڻي معيشت تي ايترو اثر انداز نه ٿيو. وڏين ايراضين ۾ مشينن، خاص ڪري ٽريڪٽرن جي واهپي، جنهن پوکائي جانورن ۽ انساني محنت جي واهپي کي خارج ڪري ڇڏيو، هارين جي حالت کي سنگين حد تائين خراب ڪري ڇڏيو. (26: ص، 227-226)

اهڙيءَ ريت، محمد ايوب خان واريءَ حڪومت جي زرعي پاليسيءَ جو رُخ، جاگيرداراڻي ملڪيت جي خاتمي ڏانهن نه، پر ان کي جديد بنائڻ ڏانهن هو. انهيءَ جو ثبوت قانون جا ڪجهه فقرا به هئا: جڏهن ته مشيني پوکيءَ لاءِ جاگيردارن کي واڌو ايراضين جي فراهمي، هارين جي بيدخليءَ واري حق جي برقراري، دلاليءَ تي پابندي، اڻ ورهايل ملڪيتن جو لازمي گڏجڻ، ٻن سالن کان وڌيڪ اڻ پوکيل زمين جي ضبطي، ٽريڪٽرن ۽ زرعي مشينري جي استعمال جي حوصلي افزائي بابت اُپاءَ، زمينن جي نهري آبپاشي، زرعي ترقياتي ڪوآپريٽو جُڙڻ ”مثالي فارم“ ۽ انيڪ زرعي نمائشن جو انتظام، قرضَ ڏيڻ، پرڏيهي ماهرن جي اچڻ، زرعي تعليمي ادارن جي تعداد ۾ واڌ وغيره جو مقصد به اهو هو. انهيءَ جي نتيجي ۾ ڪجهه علائقا (شروع ۾

وڏن واهن جي حدن ۾ ايندڙ، پوءِ ٽيوب ويلن جي وڌندڙ واهپي سبب نيم صحرائي ضلعا به ”سائي انقلاب“ جا علائقا بڻجي ويا. (26: ص، 227)

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اقتدار واري دؤر (1971ع کان 1977ع تائين) ۾ سنڌ ۾ سياسي ڇڪتاڻ ۾ واڌارو، اقتداري ڌرين جو زرعي سڌارا لاڳو ڪرڻ، خاص ڌيان جو سبب بڻيو. (26: ص، 262) پهرين زرعي سڌارن جو اعلان پهرين مارچ 1972ع تي ڪيو ويو. انفرادي ملڪيت جي حد وڌ ۾ وڌ 144 ايڪڙ نهري ۽ 288 ايڪڙ باراني ايراضي تائين گهٽائي وئي. سمورن اڳوڻن قانونن کي رد ڪيو ويو، جن جو تعلق شڪارگاهن، باغن ۽ جانور پالڻ وارن فارمن هيٺ واڌو ايراضين سان هو. گڏوگڏ ٽريڪٽر ۽ ٽيوب ويل رکندڙ مالڪن کي، اوڻيهه ايڪڙ واڌو ايراضيءَ رکڻ جو حق مليو. سرڪاري آفيسرن جي زميني ايراضي جي حد ڇانوي ايڪڙن تي بدل هئي. سرڪاري ايراضي کي وڪڻڻ سميت نون آبپاشي جي علائقن ۾ جاگيرداري ختم ڪرڻ ۽ اتي جي زمين کي بي زمين هارين ۾ ورهائڻ جو اعلان ڪيو ويو. جاگيردارن کان ڦريل واڌو زمين بابت بي زمين هارين ۾ (في هاري پندرهن ايڪڙ) زمين ورهائڻ جي رٿا جوڙي وئي. هارين جي جبري بيدخلي، پگهار بنا سندن محنت جي ڦُرلت ۽ رعيتي محصول وٺڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي. ڍل، آبيانو ۽ ٻج ڏيڻ جو ذميوار، زمين جو مالڪ هو. ياڻ وٺڻ جا خرچ، هارين ۽ مالڪ وچ ۾ هڪجيترا ورهايل هئا. (26: ص، 263)

نومبر 1975ع تي ننڍي ايراضي (10 ايڪڙ تائين) جي مالڪن کي ڍل، ترقياتي محصول ۽ ٻين مقامي محصولن جي ڇوٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

زرعي سڌارن بابت نون قانونن جو اعلان 5 جنوري 1977ع تي ڪيو ويو. ان قانون موجب نهري ۽ باراني زمين جي وڌ ۾ وڌ ملڪيت جي حد کي ترتيبوار ڇهانوي ۽ 192 ايڪڙ تائين گهٽايو ويو. ڍل کي انڪم ٽيڪس ۾ بدلايو ويو، جيڪو چوويهه ايڪڙ نهري ۽ انيتاليهه ايڪڙ باراني کان وڏيڪ ايراضيءَ جي مالڪ کان ورتو ويندو هو. واڌو زمين جي ضبطگيءَ ۾ معاوضي جي ادائيگي کي سامهون رکيو ويو، (26: ص، 263) ۽ ورتل ايراضي، پهرين جيان هارين يا ننڍن مالڪن، ڪاتيدارن کي منتقل ٿيڻي هئي.

پر اڪثر صورتن ۾ زرعي سڌارن جي نُڪتن تي عمل نه ٿيو. جيتوڻيڪ جاگيردارن جي ضبط ڪيل ايراضي، بي زمين هارين ۾ ورهائڻ بابت انگ اکر صحيح نه ڇپيا، پر ڪجهه شاهدين مان اهو نتيجو ڪڍڻ جو موقعو ملي ٿو، ته هارين جي وڏي حصي جي مادي حالت نه سڌري. سڌارن وارو قانون لاڳو ٿيڻ جي سترهن مهينن کان پوءِ به

معمولي ايراضي ونندڙ هارين جو تعداد رڳو ٻارهن هزار 213 هو. 1974ع جي پڇاڙيءَ تائين ٻتيهه هزار 766 هارين ۾ زمين ورهائي وئي. مئي 1972ع کان نومبر 1974ع تائين فيڊرل لينڊ ڪميشن، هارين ۾ پنج لک پنجاهه هزار 126 ايڪڙ زمين ورهائي. جڏهن ته ورهائڻ لاءِ رکيل ايراضي (هارين کي منتقل ٿيل ايراضيءَ سميت) پندرهن لک ايڪونجاهه هزار 276 ايڪڙ هئي. ٻين لفظن ۾ چيو وڃي، ته جاگيردارن کان سموري واڌو زمين نه ڦري وئي هئي، ۽ ورهاست به سُستيءَ سان پئي ٿي. ڪيئي هاري زمين ملڻ کان پوءِ به پنهنجي اڳوڻن مالڪن جي قطعي غلاميءَ ۾ هئا. (26: ص، 264)

ٻي ڪا اُميد رکڻ ئي اجايو هو، ڇوته انتظاميا ۾ سمورن سطحن تي اهم عهدا جاگيردارن وٽ هئا. جڏهن اُهي قانونَ تي عملَ ٿيڻ کان انڪار ڪندا هئا، ته صُوبائي عملدارَ ورلي ئي سخت اُپاءَ وٺندا هئا، جيتوڻيڪ قانون ۾ ان جي گنجائش موجود هئي. پيچڪڙين جي اتفاقي جاچ جا نتيجا، اڪثر سياسي مخالفن کان پلاند لاءِ واپرايا ويندا هئا. جاگيردارن، هارين جي زمينن تان بيدخليءَ واري عمل کي جاري رکيو، قانون موجب ٽين پتيءَ جي جاءِ تي اُهي لَٽل گاهه ۽ ٻُهه مان اڌ حصو وٺندا هئا. آبپاشي جي ڦرلٽ واري نظام هيٺ، پاڻيءَ جي وارابندي جي پيچڪڙي ڪندا هئا. (26: ص، 264) وڏن جاگيردارن جي ظاهري ۽ ڳجهي مزاحمت شايد گهٽ هجي ها، جيڪڏهن ڪين سرڪاري آفيسرن (پناهگيرن توڙي پنجابين) جي حمايت نه هجي ها.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي زرعي پاليسي، رڳو زرعي سڌارن تائين محدود نه هئي، پر پاڪستان پيپلز پارٽي ڳوٺن جي اهم مسئلن کي جامع پروگرامن- جوائنٽ رورل ڊيولپمينٽ پروگرام، سوشل ورڪس پروگرام، ايگرو سٽي پروگرامن وسيلي سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي پروگرام صوبائي حڪومت جوڙيندي هئي، ۽ سندس ضابطي هيٺ عملَ ٿيندا هئا.

جوائنٽ رورل ڊيولپمينٽ پروگرام جي مدد سان پيداوار ۾ تيزيءَ سان جدت آڻڻ جو مقصد هو. ان لاءِ مختلف ضلعن ۾ هٺراڏو ترقياتي مرڪز جوڙيا ويا، جن کي ان پروگرام تي عملَ ۾ جٽادار مرڪز بنجڻو هو. انهن مرڪزن کي علائقائي معاشي مرڪزن طور سمجهيو ويندو هو، جيڪو پندرهن کان ويهن ڪلوميٽر جي علائقي ۾ هڪ لک ماڻهن تي ٻَڌل پنجاهه کان سٺ ڳوٺن کي گهيرو ڪندڙ هئا.

اهي مرڪز مادي بنيادَ هيٺ هارين کي پيداوار وڌائڻ لاءِ قرض ڏيڻ جا موقعو ڏيندا هئا، ۽ ائين سُٺن قسمن جا ٻج، ڪيڙي مار ۽ گندگاهه ناس ڪرڻ لاءِ دوائون، زرعي اوزار ۽ مشينري ۽ تعميري اوزار ڏيڻ جا منصوبا هئا. جانورن جي علاج جا

مرڪز، مشاورتي ادارا، زرعي ترقياتي بئنڪ ۽ ٻين بئنڪن جون شاخون بہ کوليون ويون. سيوهڻ شريف جي هڪڙي سڀ کان وڏي مرڪز ۾ زرعي ٽيڪنيڪي نوعيت جي شعبي سميت ريلوي اسٽيشن، هوٽل، ثقافتي مرڪز، جنرل اسٽور ۽ هائي اسڪول بہ موجود هو. روزاني مسئلن کي سُلجهائڻ ڪلرڪن جي ذميواري هئي، جيڪي منصوبي جي ڊائريڪٽر ماتحت ڪم ڪندا هئا، جيڪو مرڪز جي جوڙجڪ جو ذميوار هوندو هو. (26: ص، 265)

جوائنٽ پروگرام جو مقصد هارين تائين سڌي سنئين ضروري ڄاڻ پهچائڻ ۽ سندن ٽيڪنيڪي مدد ڪرڻ هو. ظاهر آهي تہ ڇڳيون ڏکيايون پيدا ٿيون. مثال طور جيتمار دوائون وٺڻ، سندن ڪوٽ ۽ قيمتن ۾ واڌاري سبب ڏکيو هو. جن جو سبب ناٽي جو ڦهلاءُ ۽ درآمدي قيمتن ۾ واڌارو هو. جنهن جي نتيجي ۾ جيتمار دوائن جي وٺڻ لاءِ حڪومتي قرضن جي افاديت گهٽجي وئي. ڀاڻ جي گهُرج ۾ واڌاري جي نتيجي ۾ چور- بازاري ۾ واڌ آئي. 1972ع ۾ اناويھ ربين جي ڪنٽرول قيمت جي ڀاڻ واريءَ ٻوري پنجاھ ربين ۾ وڪرو ٿي. ڀاڻَ وڪڻندڙ سرڪاري ادارن ۽ ايجنسين جي ڪم ۾ رابطو ڪمزور هو. مادي وسيلن جي آڌار تي وڏا جاگيردار، ڪيميائي ڀاڻَ جا ذخيرا وٺي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ هارين کي ٽيڻي اگهہ تي وڪڻندا هئا.

صوبائي بجيٽ جي وسيلن منجهان سرمايو وٺندڙ سوشل ورڪس پروگرام کي، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ بيروزگاريءَ جي مسئلي کي سُلجهائڻو هو. غيرهنرمند آباديءَ کي، سماجي نوعيت جي مختلف منصوبن ۽ انفراسٽرڪچر جي نوعيت وارين عمارتن جي اڏاوت وغيره جي ڪم تي لڳايو ويو. انهيءَ پروگرام جي مقصدن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجهہ هن طرح ڪئي وئي: "گڏيل مدد، گڏيل پروسو ۽ گڏيل عمل وسيلي غريبن کي ڪاڏي پيتي جون شيون رسائڻ جي مسئلي تي گڏيل اُپاءُ تائين پهچڻ،" ڳوٺاڻن ماڻهن جون گهُرجون پوريون ٿيڻ واري جوش ۽ جذبي کي سگهہ بخشڻ". (26: ص، 266)

پروگرام تي عملَ دوران مارچ 1975ع تائين اٽڪل 288 ڪلوميٽر ڪچا رستا ۽ 198 ڪلوميٽر پڪا رستا ناهيا ويا. مختلف قسم جي 852 جاين، اسڪولن، ڊسپينسرين، ويمر مرڪزن وغيره، 323 راندين جي ميدانن، پاڻي جي فراهمي ۽ ڪِني پاڻيءَ جي نيڪال وارين پاويهن پائيپ لائينن ۽ پيئڻ جي پنج هزار هٿ- پمپن جي تعمير مڪمل ٿي. 1972ع دوران هڪ لک چاليهہ هزار وڻ پوکيا ويا. (26: ص، 267-266)

جيستائين زرعي شهرن جو واسطو آهي، تہ انهن شهرن کي جديد زندگيءَ جي سهولتن سان ڀرپور ڳوٺاڻين وسندين طور سوچيو ويو هو. اهڙين وسندين جو مقصد،

غريب هارين جي شهرين ڏانهن گهٽي لڏپلاڻ کي روڪڻ هو. 1975ع جي اونهاري واريءَ مُند تائين زرعي شهرن بدين ۽ ميرو خان جي اڏاوت مڪمل ٿي چڪي هئي ۽ اهڙن شهرن جو مجموعي تعداد نَو تائين پهچي ويو هو. منصوبو ٿاهيو ويو هو، ته هر زرعي ڳوٺ جي مرڪزي چوڪ ۾ حڪومتي ۽ ڪوآپريٽوَ ادارا، ثقافتي ۽ عوامي سرگرمين لاءِ عمارتون، پيداواري نوعيت جون جايون (گهريلو ۽ دستڪاري صنعت لاءِ) بازار ۽ دڪانَ ٺهيل هوندا. (26: ص، 267)

اها پڪ آهي، ته مٿئين اُپائن سنڌي جاگيردارن جي حيثيت کي هرگز نه لوڏيو، ڇوته جاگيردارن کي صوبي جي اعليٰ قانون ٺاهيندڙ ۽ انتظامي ادارن، قومي اسيمبلي ۽ وفاقي حڪومت ۾ گهڻي نمائندگي مليل هئي. پر اهو زرعي اشرافيه جو بيو نسل هو، جيڪو روايتي جاگيردارن کان مختلف هو، جيڪي اڪثر نيم جاهل هئا ۽ انهيءَ ڳالهه جا قائل هئا، ته جاگيرداري ”طاقت جو جنا“ آهي. نوان جاگيردارَ، اعليٰ اشرافيه جي هڪ يا ڪيئي ڪاليجن ۾ جديد اعليٰ تعليم ورتي هئي. تيزفهمي انهن جي سرشتي ۾ شامل هئي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي اقتداري دؤر ۾، جاگيرن جي زرعي پيداوار ۾ واڌاري واري بل ۽ تجارتي، مالياتي ۽ صنعتي واپار ۾ شرڪت سبب اهي تيزيءَ سان دولتمند بڻجندا ويا. (26: ص، 269)

ايس. ايف. ليوين جي لڳايل ڪاٿي موجب، سنڌ سان واسطو رکندڙ 124 سينيٽرن ۽ اسيمبليءَ ميمبرن مان 107 يعني ڇاسي سيڪڙو زميندار هئا، جيڪي پنجاب جي ڪاٿي کان ڇهه سيڪڙو وڌيڪ هئا. جيڪڏهن رُڳو وڏن جاگيردارن کي ڳڻيو وڃي، ته سنڌي قانون ٺاهيندڙن ۾ انهن جو تناسب پاونجاهه سيڪڙو (پنجهٺ ڇٽا) هو، جڏهن ته پنجابين ۾ اٽڪل ايڪيهه سيڪڙو هئا. وچئين ۽ ننڍن زميندارن کي گڏائي وڏا جاگيردار ستهتر سيڪڙو ووٽ رکندڙ هئا. مزِيدار ڳالهه اها آهي، ته پارليامينٽ جي ڪيترن ئي رُڪنن جي زميني ايراضي، 1972ع جي زرعي سُڌارن جي رٿيل زميني ملڪيت جي انتهائي حدَ کان گهڻو وڌيڪ هئي. مثال طور: غلام محمد مهر وٽ 2745 ايڪڙ، اياز علي ٽالپر وٽ 1344 ايڪڙ زمين هئي. سنڌ مان واپارَ سان سڌو سنئون ڳنڍيل گهٽ ۾ گهٽ اٺ اسيمبلي ميمبر ۽ سينيٽر، ڏهن لکن رپين کان وڌيڪ جي ذاتي جائيدار رکندڙ هئا. (26: ص، 269)

انهن ڏهاڪي ۾ ڪيترن ئي جاگيردارن شهرن ۾ پلاٽ ۽ گهرَ ورتا. 1977ع ۾ غلام محمد مهر وٽ ويهه لک چوهتر هزار 719 رپين جي ماليت جا ٻارهن پلاٽ، غلام مجتبيٰ جتوئيءَ وٽ ٻارهن پلاٽ، ممتاز علي ٽالپر وٽ ويهه لک رپين جي

ماليت جا اوڻٽيهه پلاٽ، علي احمد خان ٽالپر وٽ پنجويهه پلاٽ ۽ چويهه لک رپين جي ماليت جو گھر، نجم الدين لغاريءَ وٽ ٻارهن لک پندرهن هزار رپين جي ماليت جا ڇهه گھر هئا. اهي سڀيئي اڳوڻا جاگيردار هئا. (26: ص، 270).

ڪيئي جاگيردار اعليٰ عهدن تي ڪم دؤران ٺيڪن، ڪارخانن ۽ گھرن جي اڏاوت لاءِ پلاٽن جي ورهاست ۽ حڪومتي ادارن ۾ مقررين عيوض رشوت وٺي امير بڻجي ويا هئا. (26: ص، 271-270)

زرعي اشرافيه ڪجهه مثالن کانسواءِ سرمائيداراڻي ڪارخانيداريءَ ۾ بلڪل گھٽ حصو ورتو. ٽئين- پنجين ڏهاڪن ۾ هن طبقي اهڙي شرڪت بمبئي ۽ گجرات جي ڪاروبارين جي جوڙيل ڪمپنين ۾ ڪئي هئي. پر پوءِ خاص ڪري ستين ڏهاڪي جي وچ ۾ سندس نمائندا، پناهگيرن جي اجاريدار ڪمپنين جي شاخن ۾ ڊائريڪٽرن جا عهدا سنڀالڻ لڳا. پناهگيرن کي غيرقومي عنصر هجڻ سببان سنڌ ۾ پير ڄمائڻ لاءِ بااثر جاگيردارن جي حمايت جي گھڻي گهرج هئي. ٽالپر قبيلي جي رڪن بندي علي ٽالپر، ڪراچي ۾ اجاريدار گروپ حبيب (اثناء عشري خواجه مذهبي فرقي جو بمبئي وارو) جي ٽيڪسٽائيل ملن منجهان هڪ مل ۾ ڊائريڪٽر هو. اعجاز علي ٽالپر، احمد اسپننگ ملز لميٽيڊ (حبيب سان ڳنڍيل چانڊيو گروپ) جي انتظاميا جو اڳواڻ هو. قومي اسيمبلي جو رڪن اعجاز علي ٽالپر ان ڪمپنيءَ جو ڊائريڪٽر هو. الله بچايو ٽالپر ڪامرس بئنڪ لميٽيڊ ۽ ايگريڪلچرل سروس لميٽيڊ (گجرات جو خواجا اسماعيلي فينسي گروپ) ۽ امين فيبرڪ لميٽيڊ (امين پنجابي گروپ) جا ڊائريڪٽر هئا. (26: ص، 271)

اٺين ڏهاڪي ۾ جاگيردارن جي ٻئي وڏي جتوئي قبيلي جا نمائندا ان ميدان ۾ سرگرم ٿيا. منجهائن ڪجهه پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ۾ شامل هئا، ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ وزارتي عهدن تي مقرر هئا. ٽيڪسٽائيل مل، برف خانا، شهري دڪان ۽ اسٽور، ٽرانسپورٽ ڪمپني، هوٽل، گودام ۽ گئراج وغيره سندن ملڪيت ۾ شامل هئا. (26: ص، 271) 1972ع کان 1977ع تائين غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ غلام مجتبيٰ جتوئي ڀائرن چار نوان ڪارخانا هنيا ۽ ڪارخانن کي وڌايو. 1977ع ۾ انهن جو ذاتي ناڻو هڪ ڪروڙ ست لک تائين پهچي ويو. اهي ٻئي ڄڻا ڪجهه عرصي تائين کنڊ جي ڪارخانن (جعفر ميمڻ بمبئي وارو گروپ) جا ڊائريڪٽر به رهيا. جتوئي قبيلي جي هڪ ٻئي فرد عبدالحميد جتوئي، 1977ع ۾ پنهنجي ستٽيهه لک ٽيويهه هزار اڍائي سؤ رپين جي ملڪيت (روڪڙ رقم ۽ بئنڪ اڪائونٽ سميت)

مان ڇهه لک پنجانوي هزار رپيا واپار ۾ سيڙايا. ان گهراڻي جي ڪارخانن جي شيئرن جي مجموعي ماليت، رپين جي پراڻي اگهه موجب ڏهن ڪروڙن رپين تائين پهچي وئي هئي.

انتهائي شاهوڪار زميندار امير علي شاهه، 1971ع ۾ بلڪل ڪاروبار ۾ حصو نه وٺندو هو، پر 1977ع ۾ واپار ۾ سندس ملڪيت ٽيهه لک روپيا هئي. صنعتي، تجارتي، ٽرانسپورٽ ۽ بين الادارن جا حصص ذوالفقار علي ڀٽو جي خاندان جي ماڻهن ۽ ويجهن مائٽن جي ملڪيت ۾ به هئا. (26: ص، 272)

بين لفظن ۾ اهو چئجي، ته انهن ڏهاڪي ۾ سنڌي زرعي اشرافيا جو ڪاروباري سرگرمين ۾ ڇتو واڌارو ٿيو. پر هن ڪي اهو ثانوي ڪردار قبوليت جوڳو نه هو، جيڪو تجارتي ۽ صنعتي سيٽ ڪيس ڏيندا هئا. سنڌ ۾ ڪپهه جي خريداريءَ واريءَ قيمت ۾ هٿرادو ڪوٽ بابت ٽيڪسٽائيل فيڪٽرين جي مالڪن جي قانوني ۽ ڳجهن معاهدن، اتر سنڌ ۾ چانورن جي ٿوڪ وارن واپارين جي جابراڻن سودن وغيره سبب جاگيردارن کي وڏو نقصان ڪٽڻو پئجي پيو. اهو سڀ ڪنهن حد تائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي 'اجاريداري مخالف اُپائن' جي جاگيردار مٿئين تولي طرفان حمايت (۽ ڪجهه صورتن ۾ پهريون قدم) جو سبب هو. (26: ص، 272) جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت پنهنجي اقتدار واري دؤر جي آخري ڏينهن ۾ ڳوٺاڻن اميرن، وچئين زميندارن ۽ جاگيردارن تي ٽيڪس کي ٻيڻو ڪرڻ، زميني ملڪيت جي حد کي گهٽ ڪرڻ ۽ زرعي آمدني تي ترقي پسنداڻي ٽيڪس هڻڻ بابت قانونن جا مسودا پيش ڪيا، ته ڪيترن ئي سنڌي جاگيردارن، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان مُنهن موڙي ورتو ۽ مخالف ڌرسان وڃي مليا. (26: ص، 273-272)

1977ع ۾ ملڪ ۾ فوجي حڪومت جُڙڻ ۽ مارشل لا لڳڻ ڪانپوءِ، سنڌ ۾ زراعت ۾ معاشي پاليسي به بنيادي طور تبديل نه ٿي، ڇوته اُها صنعت ۽ درآمدي فندن کي جنسن جي دستيابي جو رُخ رکندڙ هئي، گڏوگڏ پوکائيءَ جي جوڙجڪ جي تعين ۾ عملدارن جي گهٽي ڪُليل هٿچراند به هئي. مختلف علائقن ۾ ڪجهه جنسن تي ٽيڪسن ۾ رعايتون ڏنيون ويون. ڪپهه، چانور وغيره جي پوکائيءَ جي واڌاري لاءِ اُپاءُ ورتا ويا. 1976ع ۾ ٻارهن لک چوهتر هزار چار سؤ ايڪڙ ۽ 1983ع ۾ پندرهن لک ڇتيهه هزار ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ووڻڻ پوکيل هئا. جوار ۽ دال وغيره جي فصلن جي پوکائيءَ ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي، تنهن هوندي به زرعي جسن جي ترتيب ۾ ڪا خاص تبديلي نه ٿي. (26: ص، 350)

اڌ صدي اڳ نهندڙ سکر بئراج جي افاديت گهٽجڻ سبب سنڌ ۾ (پنجاب جي

بٽائيدارن تي بَدل هو، جن مان سٺ سيڪڙو هاري هئا. گڏوگڏ نوي سيڪڙو بٽائيءَ جي شرطن تي ڪم ڪندا هئا، جڏهن ته هارين کي فصلن جو رُڳو اڌ حصو ملندو هو. غيرحاضر جاگيرداراڻي زمينداريءَ ۾ معاهدي موجب ٺٺي ڪيل روڪ رقم ڏني ويندي هئي. پنجاب جي ابتڙ سنڌ ۾ ننڍن هارين جي پرت وسعت اختيار ڪئي. بٽائيدار هارين جي طبقي ۾ (پاڙيسري پنجاب ۽ اتر اولهندي سرحدي صوبي جيان) واڌارو ٿيو، جن وٽ ڪافي ننڍا ٽُڪر هئا. ٻين لفظن ۾ زرعي ملڪيتن وارن اڪثر مالڪن جي آمدني، گهٽ ۾ گهٽ سرڪاري ملازمن جي ماهوار پگهارن جيتري به نٿي بيٺي. پيداوار ۾ هٿ نه ونڊائيندڙ زميني مالڪن جو مجموعي حصو چاليهه سيڪڙو هو. زمين پاڻ پوکيندڙن هارين بابت سندن اعلانن جي وضاحت، اڪثر هارين کي بيدخل ڪرڻ لاءِ ”قانوني“ بنياد ڳولڻ جي خواهش سان ٿئي ٿي. (26: ص، 352)

نوان جاگيردار، زرعي جنسن جي لاباري وقت، لانهيارن کي ڏهاڙي يا ٺيڪي پٽاندر پاڙي تي رکندا هئا، جن جي پورهئي جو اُجورو ڪم جي پُڄاڻيءَ تي (پهرين کان ٺئي ٿيل شرطن موجب) روڪڙ يا جنسَ جي صورت ۾ ڏنو ويندو هو. بٽائيءَ جي شرطن تي ڪم ڪندڙ عارضي هارين جي فصل واري حصي مان هاڻي مشينري جي خرچن جي مَد ۾ واڌو حصو ڪٽيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت جديد هوندي به پراڻو بَٽائيءَ وارو نظام برقرار رهيو.

فوجي مارشل لا ڪانپوءِ جاگيردارن وچ ۾ ”وڏيڪ ڪوبه سُڌارو نه“ جو نعرو مشهور ٿيو. منجهانئن گهڻن ”قانوني“ مالڪن ۽ سندن وارثن کي، اهي زمينون واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪيو، جيڪي زرعي سُڌارن تي عمل وقت هارين کي ڏنيون ويون هيون. جنرل محمد ضياءَ الحق جي حڪومت، وڏن زميندارن کي يقين ڏياريو، ته هاڻي سندن حقن جي لتاڙ نه ٿيندي. ايئن نَو لک ستر هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ريٽائرڊ آفيسرن، غير سنڌي ملازمن ۽ خوشحال پنجابي زميندارن جي هٿن ۾ هليون ويون. گڏوگڏ سنڌي هارين جي پنجهتر سيڪڙو هارين وٽ زمين جو هڪڙو جريب به نه هو. ۽ اُهي جاگيردارن جي بٽائيءَ تي مليل ٽُڪرن کي پوکڻ تي مجبور هئا. ۽ جڏهن زرعي بحران ايندو هو، ته سڀ کان پهرين هاري ۽ زرعي پورهيت نقصان ڪٽندا هئا. مالڪ هارين جي حالت، رياستي امداد وارن ڪجهه پروگرام جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ پيچيده ٿي وئي. جيڪڏهن 1974ع ۾ سنڌي زميندار اڍائي ايڪڙن تي مختلف قرضن جي مَد ۾ ستيتاليهه رپيا ونندو هو، ته 1980ع ۾ ڇٽيهه رپيا ونڻ لڳو. (26: ص، 353)

مارچ 1982ع ۾ ڪوٺايل قومي زرعي ڪانفرنس ۾، جنرل محمد ضياءَ الحق

نشاندهي ڪئي، ته پاڪستان ۾ فصل جو مجموعي معيار سڄي دنيا ۾ هيٺين معيار وارو آهي. هُن آبادي جي وڏي حصي جي سنگين غربت، ابتدائي طبي سهولتن جي کوٽ ۽ گهٽ تعليمي معيار جي تصديق ڪئي. ڪانفرنس ۾ شريڪ ٽينڊڙ زميندارن، جن جو وڏو حصو ليگ ۾ شامل هو، وڌيڪ ٽيڪسن جي شڪايت ڪئي. (26: ص، 354)

جڏهن ته اقتصادي ماهرن ۽ سياستدانن جا خيال ڳٽتيءَ جوڳا هئا، جيڪي ڇهين پنج ساليائي منصوبي جي مسودي تي بحث لاءِ آگسٽ 1983ع ۾ ڪونايل سيمينار ۾ گڏ ٿيا هئا. مقررن مڃيو ته: ”جاگيرداريت حقيقت ۾ ختم نه ٿي آهي.... رڳو ملڪيتي ايراضي گهٽي آهي، پر پويون ڦُرلت وارو نظام پوءِ به موجود آهي.“ هنن حڪومت کي ”1970-71ع جي اوپر پاڪستان سانحي، جهڙي امڪان کان بچڻ لاءِ ريڊيڪل زرعي سُڌارا لاڳو ڪرڻ جي اپيل ڪئي. پر فوجي انتظاميا ان اپيل تي ڪو ڌيان ئي نه ڏنو. (26: ص، 354)

اٺين ڏهاڪي جي پڇاڙي ۽ نئين ڏهاڪي جي شروع ۾ ڪنگال بڻجندڙ هارين جي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ تيز ٿي وئي. تنهن هوندي به سيئي اُتي پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهي نه سگهيا ۽ گهڻن ڪچين آبادين جي رهواسين جي صفن ۾ واڌارو ڪيو. ڪجهه اندازن موجب رڳو ڪراچيءَ جي ڪچين آبادين ۾ انهن جو انگ پندرهن لک کان گهٽ نه هو. عارضي ڪم نه ملڻ سبب اهي پنندا هئا ۽ رت جي في بوتل پنجاهه رپين ۾ وڪڻندا هئا. (26: ص، 354)

اپريل 1978ع ۾ جنرل ضياءَ الحق جي صدارت ۾ فوجي ڪائونسل، سمورن واپارين لاءِ عام واهپي وارين شين جي ضابطي ۾ آندل قيمتن ۾ لازمي پيماني جي منظوري ڏني. نتيجي ۾ ڪاڏي پيتي جي شين ۾ عملي طور ٽيون قيمتون لڳايون ويون، يعني اُهي سرڪاري پڙتال لاءِ الڳ هونديون هيون، ته وري عوام لاءِ الڳ. (26: ص، 356)

منڊيءَ ۾ وڪامندڙ شين جي اگهن ۾ لاٽ بابت عملدارن جون ڪوششون بي اثر ٿيون ۽ قيمتن ۾ جتاءُ نه آيو. مثال طور: بصر جي قيمت ۾ واڌارو ٿيو، جنهن جو وڏو حصو عرب ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو، تنهنڪري بصر جي پوکيل ايراضيءَ ۾ چڱو اضافو ٿيو. نيٺ اُن جي واڌو پيداوار جي تڏهن پڇاڙي ٿي، جڏهن 1978ع جي شروع ۾ پاڻ ۽ پجن جي ڳرين قيمتن جي موجودگيءَ ۾ هڪ مڻ جي قيمت لهي وڃي، ويهن کان ٽيهن رپين تائين پهتي، ته سکر، گهوٽڪي ۽ پنو عاقل جي پرپاسي وارن علائقن جي زميندارن پوکائي گهٽائي ڇڏي. وري جون 1978ع ۾ قيمتن ۾ واڌارو شروع ٿيو، ته بصر جي قيمت پنجانوي پئسا في ڪلوگرام کان وڌي ساڳئي سال جي

ڊسمبر مهيني ۾ ٻه رپيا ويهه پيسا ۽ آگسٽ 1979ع تائين پنجن رپين تائين پهچي وئي. (26: ص، 357-356)

1980ع ۾ فوجي عملدارن ”معيشت جي اسلامائيزيشن“ جي پروگرام تي عمل شروع ڪيو، جنهن ڪي سرڪاري پرچار جي دعويٰ موجب مادي مساوات ۽ سماجي انصاف ڏيڻو هو. ”ظاهري جائيداد“ جي ٻارهن قسمن (بئنڪ اڪائونٽس، شيئرن، ٻانڊن وغيره) ۽ ”ڳجهي جائيداد“ جي ٻارهن قسمن (سون، چاندي، روڪڙ رقم، زراعت، جانور پالڻ، مڇيءَ جي پيداوار وغيره) جي آمدني تي اڻائي سيڪڙو جي اگهه سان ٽيڪس- زڪوات مڙهي وئي.... 1983ع ۾ هر فصل جو ڏهون حصو عشر وٺڻ لڳا (زميني پيداوار جو ڏهه سيڪڙو: پنج سيڪڙو لازمي ۽ پنج سيڪڙو رضاڪاراڻو). 1981ع کان محمد ضياءَ الحق جي آرڊيننس موجب بئنڪن بنا وياج ڪاروبار شروع ڪيو. (26: ص، 357)

سنڌ جي زراعت ۾ سرمائيداراڻن لاڳاپن جو دخل، جاگيردار طبقي ۾ تبديليءَ جو سبب بڻيو. انهن ڏهاڪي جي زرعي سڌارن ان جي معاشي قوت کي نه لوڏيو (جيتوڻيڪ نائين ڏهاڪي جي وچ ۾ هڪ سيڪڙو کان گهٽ مالڪ، چوٿين پتيءَ جي پوکيل ايراضيءَ جا مالڪ هئا)، پر هاڻوڪي دؤر ۾ سنڌي جاگيردار، ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڪاروبار سان ڳنڍيل آهن. پنهنجي آمدني وڌائڻ جي ڪوشش ۾ اُهي جديد زرعي مشينري واپرائين ٿا. گڏوگڏ هارين جي روايتي طريقن سان قُرلت ۽ سندن ٻنين تي قبضو ڪرڻ کان به نٽائين ٿا. (26: ص، 417)

مسلمان مذهبي اڪابرين جو مٿين طبقو، عالمَ، شيخ پيرَ، به ڪاروباري سرگرمين ڏانهن لاڙو رکن پيا. وڏن زميني مالڪن جي حيثيت سان، هنن نجي فرمن ۽ ڪمپنين جي شيئر جو واپار ڪن ٿا ۽ ٻاڙي تي ڏيڻ لاءِ جڳهون اڏائين ٿا. ڪاروبار مان نفعو ڪمائيندي، به صوفي برادرين جا ڪجهه اڳواڻ پنهنجي گهڻن مُريدن کان اڃا به ”نذرانا“ لڳاتار وٺندا رهن ٿا. (26: ص، 418-417)

پيڇاڙيءَ وارن ٻن ڏهاڪن ۾ نئين آبپاشيءَ وارن علائقن ۾، زمين وٺندڙ پنجابين مان هارين جو وچون طبقو پيدا ٿيو آهي. اُهي زرعي پيداوار ۾ سڌو سنئون حصو وٺن ٿا، پر ڏيهاڙي پورهيتن جي محنت کي وڏي پيماني تي ڪتب آڻيندي، پوکائيءَ جي مؤثر طريقن مان فائدو وٺن ٿا.

هارين جو وڏو انگ بي زمين ۽ گهٽ زمين رکندڙ هارين تي ٻَڌل آهي. انهن جو وڏو حصو منڊيءَ کان ڪَٽيل آهي. اهو مالڪن تي انهن جي آڌار کي وڌائي ٿو،

جيڪي سنڌن گڏ ڪيل فصل کي وڪڻن ٿا. هاري- پورهيت زمين مان بيدخليءَ جي ڏپ سببان ظالماڻي استحصال کي سَهندي، ڪيئي گهُرج جون شيون جاگيردارن کان وٺڻ تي مجبور آهن. ڪنهن حد تائين هارين لاءِ، زرعي جنسن جي بهتري ۽ محنت جي پيداوار واڌو فائديمند آهي. گهٽو فصل ڪين جاگيردار ڏانهن فصل جي وڏيڪ حصي (ڪُلي اعتبار کان) جي ضمانت ڏئي ٿو. انين ڏهاڪي جي وچ ڌاري هاري سُڌن قسمن جا ٻج، ڪيميائي ڀاڻ، ۽ دوائون واپرائڻ لڳا، پر اجا تائين ٽريڪٽر ۽ ٻيون جديد مشينون گهٽ واپرائجن ٿيون. (26: ص، 418)

جيتوڻيڪ اهو چيو وڃي ٿو، تہ پاڪستان ۾ جاگيزداراڻي جمهوريت آهي، پر ملڪي سياسي حالتن جو جائزو وٺڻ سان پتو پوندو، تہ 1947ع کان هيستائين سڌو سنئون يا اڻ سڌيءَ طرح ”ايسٽبليشمينٽ“ جي حڪومت رهي آهي، جنهن ملڪ ۾ نہ معيشت ۾ سياسي استحڪام آندو، ۽ نہ ئي جاگيرداريءَ کي ختم ڪيو ۽ نہ ئي سماج ۾ تبديليءَ لاءِ ڪي باضابطا ڪوشش ڪيون. جڏهن بہ ڪا عوام جي چونڊيل جمهوري حڪومت اقتدار ۾ آئي آهي، تہ اُن کي صحيح طريقي سان ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو، ۽ سنڌن رستي ۾ هر قسم جون رُڪاوٽون وڌيون ويون، ۽ ڪين خوار ۽ خراب ڪرڻ لاءِ ”ميڊيا ٽرائيل“ جو سهارو ورتو ويو. اهڙيءَ ريت، انهن عوام آڏو اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هتي جاگيرداراڻي جمهوريت آهي، جيڪا جاگيردارن جي قبضي ۾ آهي، ۽ اُهي عوام سان سچا نہ آهن.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ، جاگيرداري نظام جو خاتمو آڻي، سنڌي سماج ۾ تبديليءَ آڻڻ لاءِ ڪي سنجيده ڪوششون نہ ڪيون ويون. مورڳو اُن نظام کي وڌيڪ سگهارو ڪيو ويو، ۽ اُهو عمل چڻ تہ رياسي پاليسي بڻجي وئي، جو جڏهن حُر- هاري هلچل پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ بہ جاري رهي، تہ اُن کي ختم ڪرڻ جي بهاني سان پاڻ ملڪ جي وزيراعظم لياقت علي خان، پير پاڳاري کي لنڊن مان گهرايو. ايئن هڪڙي پاسي مقامي هاري هلچل کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تہ ٻئي پاسي سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ پير پرستيءَ کي بہ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

1983ع جي جمهوريت جي بحالي واريءَ هلچل (ايم. آر. ڊي.) ۾ سنڌ جي عوام قومي- سياسي شعور جو مظاهرو ڪيو. هنن نہ رُڳو جاگيرداريءَ جي خاتمي ۽ ساڻن ٿيندڙ قومي جبر ۽ ڦُرلٽ خلاف عملي طور آواز اُٿاريو، پر عملي طور رياست سان ٽڪر کاڌو، نتيجي ۾ قومي ۽ جمهوري سياسي شعور جي اظهار جي سزا طور، هڪڙي پاسي کين ”ڏنڊي“ سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تہ ٻئي پاسي مفاد پرست جاگيردارن

ڪي ”لُٽ ۽ ڦٽ“ واريءَ پاليسيءَ موجب پنهنجو همنوا بڻايو ويو، پوءِ به اها هلچل جاري رهي، ۽ اُن جو بيو مظاهرو 1986ع واريءَ تحريڪ طور سامهون آيو.

هتي جاگيرداريءَ بابت رياست جي پاليسي سدائين ٻٽي رهي آهي. جڏهن ايستبليشمينٽ سڌي سنئين اقتدار ۾ نه هوندي آهي، ته اهو ڍنڍورو پٽيو ويجي ٿو، ته ملڪ کي جاگيردار- سياستدانن تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. پر ڏٺو ويجي، ته جڏهن ايستبلشمنٽ جي مُلڪ ۾ سڌي حڪمراني هجي ٿي، ته اهي ساڳيا ”جاگيردار“ سندن ”پيارا“ بڻجيو وڃن. پاڪستان ٺهڻ وقت جڏهن پاڪستان مسلم ليگ کي جاگيردارن جي ضرورت هئي، ته هنن کين دباءَ ۾ آڻڻ لاءِ ملڪ ۾ ”هاري انقلاب“ اچڻ جا ڏيپ ڏنا ويا، ۽ جاگيرداري نظام جي خاتمي جا مطالبا ڪيا ويا، پر جڏهن اڪثر جاگيردار پنهنجون رعايتون بچائڻ لاءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي، پاڪستان جي هلچل جي حمايت ڪرڻ لڳا، ته اُهي سندن ”پيارا“ بڻجي پيا. ساڳئي ريت، جڏهن ايوب خان ۽ ضياءَ الحق ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري، اقتدار ۾ آيا، تڏهن به انهن ساڳين جاگيردارن کي حڪومت ۾ شامل ڪري کين اعليٰ وزارتون ۽ عهدا ڏنا. ساڳيءَ ريت، جنرل پرويز مشرف به انهن جاگيردارن کي پنهنجي اقتدار ۾ پائيوار ڪيو، جيتوڻيڪ هو جاگيرداري نظام خلاف پنهنجي تقريرن ۾ ۾ اظهار ڪندو رهي ٿو.

ايستبلشمنٽ جي اها به پاليسي رهي آهي، ته اصولڪن مقامي ماڻهن جي پيٽ ۾ پناهگيرن ۽ ٻين صوبن مان سنڌ ۾ ايندڙن کي وڏيڪ رعايتون ڏنيون وڃن. انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ٿيڻ سبب اُهي، مقامي ماڻهن کي ثقافتي ۽ تهذيبي طور گهٽ سمجهن ٿا. انهيءَ ڏس ۾ جنرل پرويز مشرف طرفان سنڌين کي ”نااهل“ چوڻ واريءَ ڳالهه کي سامهون رکي سگهجي ٿو، جنهن جي بيان جو اهوئي مقصد ٿي سگهي ٿو، جو جيئن ته سنڌي ماڻهو نااهل آهن، تنهنڪري متن هُنن کي حُڪمراني ڪرڻ ۽ وڏيڪ سهولتون ماڻڻ جو حق آهي. تاريخي طور ڏاريا ۽ رعايت ماڻيندڙ طبقا سدائين پنهنجي تحفظ ۽ معاشي رعايتن جي گهُرج پٽاندر ايستبلشمنٽ جي حمايت ڪندا رهيا آهن. انهن رعايت ماڻيندڙ طبقن هر غير جمهوري حڪومت جي ’ڪوڙي ٽڪي ڪائڻ‘ جو اصطلاح استعمال ڪندي، غيرجمهوري حڪومتن جي پُٺڀرائي ڪئي آهي، پوءِ چاهي اها ايوب خان جي مارشل لا هجي، ضياءَ الحق جي آمريت هجي يا وري جنرل پرويز مشرف جي حڪومت.

ڪجهه مؤرخن جو خيال آهي، ته جاگيرداراڻي جمهوريت ۾ قانون جي بالادستيءَ جو تصور ختم ٿي ويجي ٿو، ۽ اُن جي جاءِ تي قانون جي مخالفت يا قانون جي پيچڪڙي

حڪمران (جاگيردار) طبقن جو رواجي عملُ ٻڌجي وڃي ٿو. اها ڳالهه بلڪل دُرست آهي، پر حقيقت ۾ اُهي اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري "ايسٽبلشمنٽ" تي ڏک رکڻ چاهين ٿا، ڇوته ڪانئن "چيف ايگزيڪيوٽوَ" پاران، ڪنهن عدالت طرفان ملڪ سان بغاوت ۽ قتلَ جهڙن ڏوهن ۾ سزا ڪاڏل ۽ روپوش ڪوٺيل شخص ڪي سندس سالگرهه جي موقعي تي، "گلدستو" سوڪڙي ڏيڻ ۽ فون ڪري واڌايون ڏيڻ واريون ڳالهيون وسري وڃن ٿيون.

هتي اها ڳالهه به ذهن ۾ ويهارجي، ته پاڪستان جا دانشور ۽ مؤرخ پنهنجي لکڻين ۾، سندن مخالف ڄونڊيل جاگيردارَ نمائندن خلاف باهه ٻاري ڏين ٿا، ۽ ملڪ جي تباهيءَ بابت خدشا ڏيکارڻ لڳن ٿا، پر جڏهن اُهي ساڳيا جاگيردار، ايسٽبلشمنٽ سان گڏ ويٺل هجن ٿا، ته اُنهن کي ڪابه خرابي نظر نٿي اچي، ۽ ڪين اُهي جاگيردار "معصوم" نظر اچڻ لڳن ٿا. اهڙيءَ ريت، سنڌ جيُ شهرن جي دعويدار نمائنده جماعت به جڏهن اقتدار کان ٻاهر هجي ٿي، ته اُن کي سنڌ جي مسئلنجو مکيه ذميوار جاگيردارَ طبقو ۽ جاگيرداري نظام نظر اچي ٿو، پر جڏهن اها پاڻ اقتدار ۾ هجي ٿي، ته ڪيس جاگيرداري نظام جون خرابيون وسريو ٿيون وڃن ۽ اُهي ساڳيا جاگيردار اُن جماعت کي "پيارا" لڳڻ ٿا لڳن. گڏوگڏ "قومي پريس" جو به ساڳيو حال آهي. هوڏانهن ايسٽبلشمنٽ پنهنجي مفادن جي پورائيءَ واسطي، ڪيترن مقدمن ۾ گهربل شخص کي گورنر بنائي ٿي ڇڏي، ته وري ٻاٽيءَ جي چوريءَ جي مقدمہ ۾ ملوث ڄاڻايل جاگيردار کي "وڏو وزير" بنائڻ ۾ به ڪا هٻڪ محسوس نٽي ڪري. گڏوگڏ نجي جيل رکندڙ جاگيردارن تي به شفقت جو هٿ رکيو اچي.

رياستي قانونن جي ڀيڪڙي ڪندڙ ۽ ان لاءِ راءِ ڏاهيندڙ سردار- جاگيردارن کي ايسٽبليشمينٽ جي مڪمل حمايت مليل هجڻ جو پتو پوي ٿو، جو جيتوڻيڪ حڪومت "ڪارو ڪاريءَ" هيٺ مرندڙن کي قتل ڪوٺي چڪي آهي، پر پوءِ به اهڙا ڪيترائي سردار- جاگيردار کُلي عام "ڪارو ڪاري" هيٺ مارڻ واري عملَ جي وڪالت ڪن ٿا، پر هنن خلاف رڳو ان لاءِ ڪارروائي نٽي ڪئي وڃي، جو اُهي حڪومت جي حمايت ڪندڙ آهن. هتي اها ڳالهه به ذهن ۾ ويهاري وڃي، ته اُهي سردار- جاگيردار جيتوڻيڪ ڪنهن عورت يا مرد کي "ڪارو ڪاريءَ" هيٺ مارڻ جي مامري ۾ گهڻي دلچسپي وٺن ٿا، پر پنهنجي قبيلي يا علائقي جي ماڻهن کي تعليم، صحت ۽ نوڪريون ڏيارڻ، زراعت ۽ اقتصاديات کي سُڌارڻ، بنيادي شهري سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ پوليس، روينيو ۽ آبپاشي عملدارن طرفان عوام تي ٿيندڙ ظلمن خلاف نه ڪا اون ڏيکارين ٿا ۽ نه ئي ڪا دلچسپي وٺن ٿا.

1983ع ۽ 1986ع جي جمهوري هلچلن ۾ سنڌي عوام طرفان ظاهر ڪيل قومي- سياسي شعور ۾ زوال آڻڻ لاءِ، معلوم ٿئي ٿو، ته ايسٽبليشمينٽ جي اها پاليسي رهي آهي، ته ڪنهن به ريت هتي ڪا به سياسي- جمهوري جدوجهد نه ٿئي ۽ نه ئي ڪا سياسي جماعت مضبوط ۽ مستحڪم هجي. تنهنڪري عدم مرڪزيت واري پاليسيءَ هيٺ ضلعي حڪومتن جي نظام تحت، سنڌ جا ڪجهه ضلعا انهن جاگيردارن جي حوالي ڪيا ويا آهن، جنهن سان هڪ طرف صوبائي خودمختياري چڻ ته ختم ٿي وئي آهي، ته وري ٻئي پاسي جاگيردارن جي اثر ۽ طاقت کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. گڏوگڏ، سنڌ جي ڪجهه ضلعن ۾ ٿيندڙ ڌوهن جي ڪارروائين کي روڪڻ لاءِ سنجيده ڪوششون پڻ نه پيون ورتيون وڃن، جن سبب ماڻهو رياست مان انصاف جو آسرو پلي وينا آهن، ۽ اُهي انهن جاگيردارن جي رحم ڪرم تي آهن، ۽ اُهي انصاف وٺڻ لاءِ عدالتن ۽ پوليس وٽ وڃڻ بجاءِ انهن جاگيردارن جي درن تي ڌڪا کائڻ لاءِ مجبور آهن. انهيءَ ڏس ۾ جاگيردار- سردارن طرفان جرڳن جي اهميت ۽ افاديت تي وڏي زور شور ۽ دعويٰ سان ڳالهايو پيو وڃي، ته اُهي سنڌ جي بقا ۽ وجود لاءِ ضروري آهن. جڏهن ته ٻُڌڻ ۾ پيو اچي، ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ به جرڳن کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ بل منظوريءَ لاءِ ڪنهن ميز جي خاني ۾ پيل آهي. انهيءَ بِل جي منظوريءَ سان سنڌ، صديون پوئتي هلي ويندي، خاص ڪري قبيلائي وڏائي ۽ عصبيت کي ڇُوٽ ملندي، جنهن سبب قومي- سياسي سوچ ختم ٿيڻ سان ماڻهو سردار- جاگيردارن جي چنبي ۾ وڌيڪ جڪڙجي ويندا.

ڪجهه مؤرخ عام طور اهو چوندا رهن ٿا، ته سنڌ جي پسماندگيءَ جي ذميواري جاگيرداراڻي نظام تي آهي، پر اُهي ايئن چوندي سنڌ ۾ سرمائيداريءَ نظام جي ٻُڇڙائين کان لنوايو وڃن ۽ اُهي اها ڳالهه چوڻ کان نٽائي ٿا وڃن، ته هتي ڪا قومي بينڪيتي غلاميءَ هيٺ سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي لُٽمار به آهي. انهيءَ جو سبب شايد اهو ئي ٿي سگهي ٿو، ته اُهي سنڌ ۾ موجود جاگيرداري نظام کي گهٽ وڌ ڳالهائي، اڄ سِنڌيءَ طرح سرمائيداري ۽ بينڪيتي غلاميءَ جي وڪالت ڪن ٿا. هوڏانهن، اهو به چيو وڃي ٿو، ته جاگيردار چوندون ڪٿي سياسي طاقت ماڻي، حڪومت ۽ انتظاميا کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪن ٿا ۽ شهرن ۾ پلاٽ ۽ بئنڪن جا قرض وٺي هڙپ ڪيو وڃن. اها ڳالهه سؤ سيڪڙو دُرست، پر اُهي مؤرخ ۽ دانشور، سرمائيدارن ۽ وڏن واپارين طرفان بئنڪن کان اربين رپيا قرض وٺڻ ۽ معاف ڪرڻ بابت ڪُڇڻ لاءِ بلڪل تيار نه آهن.

حُڪمرانن طرفان سنڌ ۾ جاگيرداريءَ جي خاتمي لاءِ مناسب اُپاءَ نہ وٺڻ مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، تہ اُهي سنڌ جو اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ڍانچو بدلائڻ لاءِ تيار نہ آهن. بلڪ حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ چاهين ٿا. ڇوتہ کين اهو ڊپ آهي، تہ جيڪڏهن ايئن ڪيو ويو، تہ سنڌي شهرن ڏانهن ايندا. منجهن سياسي ۽ سماجي شعور ۾ واڌارو ٿيندو، ۽ اُهي پنهنجي حقن ماڻڻ ۽ پنهنجي قومي وسيلن جي مالڪيءَ لاءِ جدوجهد ڪندا. انهيءَ ڏس ۾ اقتداري ڌرين سنڌ ۾ اڪثر ڪارخانا ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيا آهن، پر اُهي زراعت تي ٻَڌل صنعتون بہ سنڌ جي پوئتي پيل انهن علائقن ۾ قائم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، جتان اهڙين صنعتن لاءِ ڪچو مالَ ملي ٿو. گڏوگڏ ڏٺو وڃي، تہ رڳو ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ميرپورخاص شهرن کي ئي شهر سمجهيو وڃي ٿو، شايد ان جو سبب اهو هجي، جو اُتي اردو ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. جيتوڻيڪ ٺٽو، بدين، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهہ، نصيرآباد، باڊهہ، رتوديرو، لاڙڪاڻو، نوابشاهہ، دادو، هالا، ٽنڊوالهيار، ٽنڊومحمد خان، ماتلي، تلهار، سجاول، ٽنڊوباگو، ڄامشورو، ميرپور بٺورو، مِٺي، ٽنڊوغلام علي، خيرپور، ڪنڊيارو، جيڪب آباد، شهدادڪوٽ، نوشهروفيروز، دادو، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، شڪارپور، مِٺي، خيرپور وغيره بہ شهر آهن، جن جي آبادي لکين ماڻهن تي ٻَڌل آهي، پر حُڪمران ڌريون انهن کي شهر مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. هيو تہ پاڪستان جي تاريخ تي نظر ڊوڙائڻ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ وفاقي حڪومت هيستائين سنڌ جي شهرن ۾ رڳو ڪراچي ۽ حيدرآباد لاءِ ئي خاص پئڪيج (مجموعي طور اتڪل اناويهہ پئڪيج) ڏيندي رهي آهي، پر ان ڪڏهن بہ ٻين شهرن ڏانهن اک کڻي نہ ڏٺو آهي.

بهرحال، سنڌ جي جاگيردار طبقي جي ڪردار جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿيندو، تہ اُن طبقي هر نئين حڪمران سان سهڪار ڪيو آهي، جنهنڪري ئي حُڪمران طبقي کي حڪومت ڪرڻ ۾ سولائي ٿي آهي. هنن ڪُلي عام ساڻن مزاحمت نہ ڪئي آهي، بلڪ مفاهمت وسيلي اقتدار وارن سان گڏجي حڪومت ۾ معمولي حصو پتي پئي ورتو آهي، ۽ هنن سدائين پنهنجي معمولي مفادن عيوض سنڌ جي حقن جو سستو سوڏو ڪيو آهي. جڏهن تہ سنڌن ۽ عوام جو آچيو، قومي ويڙهہ لاءِ سَندرو ٻَڌي وڙهڻ ۾ آهي.

هينئر عام طور اهو چيو وڃي ٿو، تہ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام پنهنجي عروج تي آهي، جيڪو سنڌي ماڻهن جي سُورن جو ذميوار آهي. پر معروضي حالتن جو جائزو وٺڻ سان پتو پوندو، تہ اها ڳالهہ دُرست نہ آهي، ڇوتہ هتي سچي سنڌ ۾ جاگيرداري نظام هرگز موجود نہ آهي، ها البت، ڪجهہ علائقن ۾ جاگيرداري نظام (۽ جاگيرداري

ثقافتَ ۾ قدرَ تہ پوري مُلڪ تي ڇانيل آهن)، ضرور موجود آهي، جو انهن علائقن ۾ نجي جيلن جو بہ انڪشاف ٿيو، ۽ اُتان غلام- هارين کي بہ آزاد ڪرايو ويو هو، (جيتوڻيڪ غلام- پورهيتن بابت ائڪٽ، پاڪستان ۾ شامل سمورن صوبن ۾ لاڳو ٿيل هو، ۽ ان جو دائرو رڳو سنڌ ۾ زمينداري يا جاگيرون نہ هو، بلڪ ان ائڪٽ ۾ سموريون صنعتون ۽ ٻيا ادارا آيا پئي، پر انساني حقن جي دعويدار تنظيمن ۽ جماعتن کي رڳو سنڌ ۾ غلام- هاري نظر آيا، ۽ ان جي آڙ تي سڄي سنڌ جي خاص ڪري ماڻهن ۽ عام طور زميندارن کي خوار خراب ڪيو ويو هو.)

جڏهن تہ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام جي موجودگيءَ تي اصرار ڪرڻ جي پيٽ ۾ ڇنئي سگهجي ٿو، تہ هتي زمينداري نظام ضرور موجود آهي. هتي مجموعي طور ڪي ايڏيون وڏيون جاگيرون موجود نہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن انفرادي شخص يا جاگيردار وٽ ملڪ ۾ ڪيل زرعي سُڌارن کان وڌيڪ زمين تحويل ۾ آهي، تہ اُها رياستي ادارن جي رضاخوشيءَ سان وٽس موجود آهي، ۽ جيڪڏهن رياست چاهي تہ اُها زمين ڪانئن يا انهن جاگيردارن يا زميندارن کان ڪجهہ گهڙين ۾ئي زمينون وٺي سگهجن ٿيون، پر ياڻنجي ٿو تہ 'مقتدر ادارا' سياسي رشوت طور اُهي زمينون وٽن ئي رهڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا.

انگريزن جي دؤر ۾ جاگيردارن کي مليل سوين يا هزارين ايڪڙن تي ٻَڌل جاگيرن ۾، ڪٽنبن جي وڌڻ سان سبب باربار ورهاست ٿيڻ سان هاڻوڪي وارثن وٽ وڃي ڪا ايتري ايراضي باقي بچي آهي، جو هاڻوڪن تحويلدارن کي زميندارئي ڇنئي سگهجي ٿو، پر انهن رياست جي مختلف اهم ادارن جي مدد سان، هاڻوڪي سرشتي مان فائدو وٺندي، پنهنجو اثر رسوخ ضرور وڌائي ورتو آهي، جو اُهي هينئر بہ پنهنجي علائقي سميت صوبي جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي مامرن تي اثرانداز ٿين ٿا، ۽ مالي فائدا بہ وٺن ٿا.

جڏهن تہ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام نہ هئڻ واريءَ ڳالهہ جي وضاحت ۾ ائين ڇنئي سگهجي ٿو، تہ جاگيرداري نظام جي مکيہ عنصر ۾ غلام- هاريءَ جو هجڻ ضروري آهي، پر ڏنو وڃي تہ سنڌ ۾ هينئر خاص طور، اڳوڻي دؤر جي پيٽ ۾، ڪجهہ علائقن ۾ ٿورڙا هاري هجڻ ڪانسواءِ، هاريءَ جو ذري گهٽ وجود ئي نہ رهيو آهي. ها، البت هينئر کيت- مزدور ضرور موجود آهن، جن کي پورهئي عيوض اجورو روڪڙ يا جنس جي شڪل ۾ ڏڏي تي يا فصل لهڻ تي ڏنو وڃي ٿو.

حالتن جي جائزي وٺڻ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام هُجڻ جي ڳالهہ ڪندڙن، پوءِ چاهي اُهي پاڪستان ۾ انقلاب آڻڻ جون ڳالهيون ڪندڙ پاڪستان

ڪميونسٽ پارٽي هجي يا شهرن جي نمائندگيءَ جي دعويٰ ڪندڙ جماعت يا ترقي پسنديءَ جي هامر هڻندڙ مؤرخ هجن، جو اصل مقصد سنڌ جي حقيقي قومي، اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ ۽ سياسي توڙي سماجي ڪارڪنن کي ڌُتارڻ ئي رهيو آهي. گڏوگڏ سنڌ جي اصل مسئلن ۽ سُورن جو ذميوار 'تصوراتي جاگيردارن' کي ڪوٺڻ جو مقصد، وفاق ۽ سنڌس ساٿارين طرفان سنڌ جي ٿيندڙ قومي ۽ طبقاتي استحصال، جنهن ۾ اسٽيبلشمنٽ ۽ سرمائيدار پاڻ ۾ جُٽ آهن، تي پردو وجهڻ ئي آهي، ته جيئن ماڻهن کي اهو باور ڪرايو وڃي، ته اُهي ڏاڍا شريف ۽ سچار آهن ۽ سنڌ جو استحصال اُهي نه، پر سنڌين پنهنجا 'تصوراتي جاگيردار' پيا ڪن.

آءٌ هن ڪتاب جي ڏس ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي ڄامشورو، بورڊ آف روينيو سنڌ، حيدرآباد ۽ شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽو لائبريريءَ جي انتظاميا سميت پنهنجي اُستاد سائين رسول بخش اُنڙ، اندرجيت لوهاڻي، محمد يعقوب چانڊيي، علي دوست عاجز، فقير محمد ڍول، مخدوم ظفر ۽ ٻين سائين جو ٿورائتو آهيان، جن ڪتاب جي تياريءَ ۾ مدد ڪئي.

- محمد حُسين بادشاهه ايڊووڪيٽ

# مددي ڪتابَ

(1) ڊي. ڊي. ڪوسمبي: هندستاني تاريخ جي اڀياس جو تعارف،بمبئي، 1956ع، ڇهون ايڊيشن.
(2) هينري پاٽنجر: سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر، لنڊن، 1816ع.
(3) ناٿن ڪرو: سنڌ جو مشاهدو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي، ايم. ايس. 1081.
(4) ايچ. ٽي. پوسٽنس: سنڌ جيئن مون ڏٺي، سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1997ع.
(5) ڪلاڊو مارڪوٽس: هندستاني واپارين جي عالمي دنيا- 1750ع کان 1947ع تائين، سنڌ جا واپاري بُخارا کان پناما تائين، ڪيمبرج، 2000ع.
(6) ڊاڪٽر مبارڪ علي: سنڌ- خاموشيءَ جو آواز، فڪشن هائوس لاهور 1994ع.
(7) اي. بي. ايسٽوڪ: 'نئينءَ مصر جا پراڻا ورق'؛ سنڌيڪار: ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1978ع.
(8) سر فرانسز رچرڊ برٽن: 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قبيلا؛ سنڌيڪار: محمد حنيف صديقي، سنڌي بورڊ حيدرآباد، 1995ع.
(9) ايچ. ٽي سورلي: ڀٽ جو شاهه، (سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1992ع.

(10) اي. بي. آڏواڻي: حيدرآباد جو مختصر تاريخي خاڪو، سنڌين دنيا، جلد 6، 1940ع، ص 369-356.
(11) حسين بادشاهه: حيدرآباد جي تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع.
(12) جيمس منٽگمري: 'سُڪاري سنڌ، ڏڪارا ماڻهو'؛ سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1998ع.
(13) اي. ڊبليو. هيوز: 'سنڌ جو گزيٽيئر'، انڊس پبليڪيشن ڪراچي، ٻيو ڇاپو، 1996ع
(14) ڊاڪٽر ايس. پي. ڇپلاڻي: سنڌ جي اقتصادي تاريخ- 1592ع کان 1843ع تائين، سنڌيڪار: سراج الحق، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع.
(15) ايچ. ايلس: سنڌ جي حالت ۽ وسيلن جون سارونڻيون ۽ غلام علي ٽالپر سان لکپڙهه، مئي ۽ جون 1809، ايم. ايس. 1079، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي.
(16) جيمس برنس: 'سنڌ جي دربار'؛ سنڌيڪار: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1964ع.
(17) ليفٽيننٽ ليچ: سنڌي فوج بابت جوڙيل رپورٽ، 1837، بمبئي ۽ لنڊن، 1839ع.
(18) علي ڪوفي: چچ نامو، سنڌيڪار: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي/ حيدرآباد، 1954ع.
(19) ڊسو سر چارلس نيپيئر جو ڪليڪٽرن ڏانهن 21 مئي 1846ع تي موڪليل سرڪيولر نمبر 736، (سنڌ جي ڪمشنر وارو رڪارڊ)، جلد 251، (سياسي).
(20) ناؤمل هوتچند: 'يادگيريون'، سنڌيڪار: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1996ع
(21) لُطف الله: 'آتم ڪهاڻي'؛ ترجمو: ڊاڪٽر مبارڪ علي، فڪشن هائوس لاهور، 1996ع.
(22) ڊيل هوسٽ، اي. بي.: سنڌ جون سارونڻيون (ڳجهو ۽ سياسي کاتو، نمبر 571، 1832ع).
(23) ليفٽيننٽ هينري پاٽنجر: 'سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر'؛ سنڌيڪار: محمد حنيف صديقي ۽ سومار علي سومرو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1993ع.
(24) ڪارل مارڪس: ''هندستاني تاريخ تي نوٽ: 664ع کان 1858ع تائين'' پروگريس پبلشرز، ماسڪو، ٽيون ايڊيشن، 1986ع.
(25) سارا انصاري: صوفي درويش ۽ رياستي طاقت: سنڌ جا پير، 1843ع کان 1947ع تائين، فڪشن هائوس لاهور، 1996ع.
(26) وي. ايف. آگنيف: 'سنڌ: تاريخ جي آئيني ۾- 1918ع کان 1985ع تائين''، ناؤڪا پبليڪيشن ماسڪو ۽ مڪتبه دانيال ڪراچي، 1989ع.
(27) ڊاڪٽر مبارڪ علي: جاگيرداري، فڪشن هائوس لاهور، 1996ع.
(28) جي. ايم. سيد: ''سنڌ ڳالهائي ٿي''، نئين سوچ پبليڪيشن ڪراچي، 2002ع.

# پاڱو پھريون

# پ اکر

هن سهيڙيل مواد جو اصل مقصد، سنڌ ۾ هينئر رائج سمورين جاگيرن جو تفصيلي وچور ڏيڻ آهي ۽ اهڙين سمورين جاگيرن بابت اهميت جي حڪمن ۽ حقيتن کي هڪڙي جاءِ تي گڏ ڪرڻ وسيلي ڪمشنر آفيس ۾ ڪنهن قدر پيچيده "جاگير مواد" بابت وڌيڪ حوالن واريءَ ضرورت سان منهن ڏيڻ آهي.

انهيءَ مقصد ماڻڻ جي ڏس ۾، برطانوي تحويل ۾ اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ ٽالپر اميرن جي دور ۾، جاگيرن بابت رسم جو جائزو وٺڻ ۽ پڌائڻ ضروري ڏٺو ويو ۽ پوءِ مواد منجهان سر چارلس نيپيئر، محترم پرنگل، محترم بارٽل فريئر (پوءِ سر) ۽ سندن جاءِ نشين جي حڪومتي نظام هيٺ جاگيرن جي اُٿيل سوالن جي نبيري بابت ٿيندڙ ڪارروائيءَ کي، ترتيبوار سال ۽ موضوع جي رٿيل سوالن جي حساب سان پتو لڳايو ويو. تنهنڪري ڪم جي ترتيب، بنيادي طور تاريخ وار ٿيل آهي، پر حوالن جي سهولت لاءِ "ٿر ۽ پارڪر ۽ اُتر سنڌ سرحدي ضلعن ۾ جاگيرون"، "پَٽيداري ۽ حصيداري نبيرا"، "باغ جون حقيتون"، "حقابو"، "درياءَ ڳڙڪايل زمينون، پيٽ ۽ ريٽ" ۽ "پنج سيڪڙو سيس" وارا موضوع ڌار ڌار بابن ۾ ڏنا ويا آهن.

"سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ" کي سهيڙڻ جي ذميواري، پهريون پيرو ڪمشنر (ايچ. اين. بي. ايرسڪن) طرفان اسسٽنٽ ڪمشنر کي ڏني وئي هئي؛ پر روزاني ڪم جي دٻاءَ سببان ان سهيڙجندڙ ڪم ۾ محترم ڏيارام گدومل، سي. ايس.، ايل. ايل. بي.، طرفان اسسٽنٽ ڪمشنر سان گڏجي سهڪار ۾ ڪم نہ ڪرڻ تائين، حقيقي يا مطمئن ڪندڙ اڳڀرائي ٿي نہ سگهي هئي. محترم ڏيارام گدومل ان "اهم ڪم" کي نہ رڳو پنهنجي اُتم قابليت، پر اڻٿڪ پورهئي سان انجام تي پهچايو، ۽ احتياط سان اهو نبيريل ڪم هن جي جاکوڙ جو ئي نتيجو آهي، جو هيءُ هاڻوڪو سهيڙيل ڪم پورو ٿيو آهي.

محترم ڏيارام نہ رڳو سنڌ ۾ جاگيرن جي کاتي مجموعي طور پڌائي آهي، پر هن رڪارڊ منجهان صوبي ۾ اهميت واري هرهڪ جاگيردار جي تاريخ ۽ جاگيرن جو تفصيل ۽ واضح بيان جوڙيو آهي- هن ڪم جو ٻيو جلد (جنهن ۾ هرهڪ جاگير جي

چنڊڇاڻ جو نتيجو شامل آهي) به ترت پڌرو ٿيندو. تنهنڪري اها اميد آهي، ته اهو ڪتاب ضلعي آفيسرن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو.

ڪمشنر آفيس جي سياسي وڏي منشي خانصاحب خداداد خان ۽ محترم حشمت راءِ انوپراءِ ڪي انهيءَ ڪم جي ڏس ۾ سندن آچيل خدمتن ڪي مڃتا ڏيڻ به منهنجي لاءِ ضروري آهي.

1880ع

جي. پولين، آئي. ايل. ڊ. سي. ايس.،
اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ.

# برطانوي قبضي کان اڳ سنڌ ۾ جاگير سرشتو

سنڌ جي فتح (1843ع) وقت اِها ڳالهه سامهون آئي، تہ اڪثر جاگيرون اصل ۾ ٽالپر حڪمرانن طرفان ڏنيون ويون هيون، جن 1783ع ڌاري ڪلهوڙا حڪمرانن خلاف بغاوت ڪئي هئي ۽ اُهي پاڻ کي سنڌ جي حڪمران طور مضبوط ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا.

## 'ديرا داري' ۽ 'سيري' جاگيرن جو بُڻ بنياد

ڪلهوڙا حڪمرانيءَ کان وٺي ٽالپرن وٽ موجود جاگيرون، شايد تنهن دوُر ۾ جاگيرن جي رائج ماهيت ۽ بُڻ بنياد جو ٺاهوڪو مثال آهن. ڪيپٽن پيلي چوي ٿو تہ، "ڪلهوڙا حُڪمرانن جي نسلي چونڊ ۽ فقيري گهراڻي سبب عزت ڪئي ويندي هئي. اُهي جنگجُو مُهمن کان وڌيڪ ڪُرمت جا عادي هئا ۽ زراعت جي همت افزائي ڪندا هئا، گڏوگڏ ڪين پاڙيتو فوجين جي بہ ضرورت هوندي هئي. ٽالپرَ، ٻين بلوچ قبيلن جيان، جيڪي اولهندي جابلو علائقن مان لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ ڪَهي آيا هئا، سرڪاري ملازمتن ۾ داخل ٿيا هئا: هنن آڳاٽي شهر برهمڻ آباد جي پرپاسي واقع وسيع ايراضيءَ تي ڦهليل ضلعا (ديرا داريءَ) سنڀالَ ۽ پوکَ لاءِ ورتا هئا: هُنن کي ڇهن مهينن يا ساليانو طور، سندن انتظام ۽ ضابطي هيٺ آيل ضلعن جي حدن ۾ واقعِ لاٻارو ٽيل فصلن مان اناج جو پاڱو (سيري) ملندو هو.

ٽالپرن کي ملندڙ اناج جو وظيفي (سيري)، مُند جي بيٺل فصلن يا جاگير وٺندڙ حقيتدارَ (سَند وٺندڙ) طرفان ڄاڻايل پوکيل ايراضيءَ تي پوکجندڙ فصل پٽاندر، مختلف ٿيندو هو. 'ديرا دارَ' عام طور پنهنجي "ديرا داريءَ ۾ پوکجندڙ پيداوار جو حصو بہ وٺندو هو، جيڪو هو فصلَ پوکيندڙ کان، ٻٽائيءَ واري طريقي هيٺ طلبَ ڪندو هو، جنهن جي مقدار ۾ بہ تفاوت هوندو هو. جڏهن تہ حڪومت ڪانئس اهو اناج گهٽ اڳهہ (ڪم رقبہ) تي وٺندي هئي.

## ٽالپرن جو حڪومت ۾ اچڻ ۽ علائقن جي ورهاست

ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪمرانن جي ترّجڻ ڪانپوءِ، سنڌ کي ٽالپر سردارن وچ ۾

ورهايو ويو. مير فتح علي ۽ سندس تي ننڍا ڀائر گڏيل طور حيدرآباد تي حڪومت ڪرڻ لڳا. مير سهراب (جنهن کان خيرپوري گهراڻو وڌيو ويجهيو) کي خيرپور ۽ سندس ڀرپاسي وارا علائقا سونپيا ويا؛ ۽ مير ٺاري (شير محمد جي ڏاڏي) کي ميرپور ۽ حيدرآباد جي اوڀر ۾ واقع ڀرپاسي وارا علائقا ڏنا ويا. ڇڻ ٻين نمايان ٽالپر سردارن (آلودو، محمد خان، غلام حُسين ۽ فيروز) کي ساڳئي ريت وڏين ايراضين وارا علائقا ڏنا ويا، پر ڪين ڪنهن آزاد ۽ خودمختيار شاهي علائقن جون حدون منظور ڪري ڪين ڏنيون ويون ۽ اُهي علائقا حيدرآباد جي ماتحت سمجهيل ۽ سرڪاري مقصدن لاءِ هئا.

## ٽالپرن جي دؤر ۾ 'ديرا داري' ۽ 'سيري' جي نوعيت

گهڻ اهميت رکندڙ بلوچ سردارن کي پنهنجي برادريءَ ۽ سنگت سان گڏ مُلڪ جي مختلف علائقن ۾ جاگيرون ڏنيون ويون، جنهن کي 'ديرا داري' چيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت هرهڪ سردار کي پنهنجي ضلعي جي ڀرپاسي وارين ايراضين جو انتظام ڏئي، ورسائيندي رهايو ويو. 'ديرو' سنڌي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن مان 'مڪيه ماڳ يا هنڌ' جو اشارو ملي ٿو. هيءَ ڳالهه اڳ ۾ به ڄاڻائي وئي آهي، ته هنن کي پنهنجي ديرا داريءَ ۾ شامل ايراضين ۾ پوکيل ساوَن فصلن جي خاص پيداواري بيگهن منجهان يعني ديرا داريءَ مان، ڇهه ماهي يا ساليانو اناج جي ادائيگي ٿيندي هئي.

## مير فتح جي دؤر ۾ ديراداري ۽ سيري

مير فتح علي (1783ع کان 1802ع تائين) جهڙي سخت حڪمران جي دؤر ۾، ڇڻ عظيم ٽالپر گهراڻن کي ملندڙ جاگيرن جيان، مٿي ڄاڻايل ڳالهه جي واڌاري ۾ ڇنجي، ته بلڪل ٿوريون جاگيرون ڏنيون ويون. بهرحال، وٽانئس ڪجهه عرضي ڪانپوءِ ڪجهه ٻين سردارن کي، جن وٽ اڳ ۾ ديراداري تحويل ۾ هئي، تن کي شهري محصولَ اوڳاڙڻ جون سَندون مليون ۽ ڪجهه موقعن تي "سيري" کي به جاگيرَن ۾ بدلايو ويو. جيتوڻيڪ مير فتح عليءَ جا ٽي ڀائر- مير غلام علي، ڪرم علي ۽ مراد علي جزوي طور ساڻس گڏ حڪومت ۾ شامل هئا، پر هُن پنهنجي حياتيءَ ۾ خودمختيار حڪمران جيان حڪومت ڪئي ۽ سمورين سَندن تي هن اڪيلي جي مُهر لڳل هوندي هئي.

## مير غلام عليءَ جي دؤر ۾ جاگيرن جي اؤسر

مير فتح 1802ع ۾ گذاري ويو ۽ اُن جي جاءِ تي مير غلام علي (1802ع کان 1812ع تائين) ملڪي مامرا سنڀالڻ لڳو. هُن جي حڪمرانيءَ جي دؤر ۾ جاگيرن جي

انگ ۾ چڱيءَ حد تائين واڌ ٿي، جو ”سيري“ کي وڏي تعداد ۾ سَندون جاري ڪندي جاگيرن منجهه بدلايو ويو. ”سيري“ جي سَندن کي ايئن جاگيرن ۾ بدلائڻ مهل، سَند ونندڙ کي جن ايراضين تي ”سيري“ (سائو فصل) وٽڻ جي اڳ ۾ دعويٰ هئي، تن کي عام طور ڇوڙٿو ڪيو ويو. تحويلدار کي سموري ايراضي جاگير طور سونپيندي، ڪيس واڌو تي حصا ويساهي يا نوبت طور ڏنا ويندا هئا. بهرحال، هن ٽالپر امير بلڪل ٿورڙيون مڪمل جاگيرون منظور ڪيون، ۽ هُو پاڻ رواج هيٺ آيل سيريءَ جون سَندون جاري ڪندي، ڪين جاگيرن ۾ بدلائڻ تي مطمئن هو.

## مير ڪرم علي ۽ مراد علي (1812ع کان 1828ع تائين) جي دؤر ۾ جاگيرن جي اوسر

مير غلام علي 1812ع ۾ فوت ٿيو. ٻن رهيل ڀائرن مير غلام علي ۽ مراد عليءَ بابت پتو پوي ٿو، ته هنن تنهن وقت گڏيل طور مُلڪ جو انتظام سنڀاليندي حڪومت ڪئي هئي، ڇوته سندن دؤر جي مليل سَندن تي هڪ يا ٻئي يا وري ٻنهي ڄڻن جون مُهرون لڳل آهن. بهرحال، ڪرم علي مائٽيءَ ۽ ڪُنبير سياءُ هوندي، مُلڪي مامرن ۾ گهٽو ملوث نه ٿيندو هو، تنهنڪري هن جي مُهر واريون سَندون گهٽ مليون آهن. هُو 1828ع ۾ گذاري ويو.

## مير مُراد عليءَ (1828ع کان 1833ع تائين) جي دؤر ۾ جاگيرن جي اوسر

اهي ٻئي ڀائر ”سيري“ کي رد ڪندي، جاگيرن ڏيڻ جو سرشتو اوستائين جاري رکندا آيا، جو نيٺ ”سيري“ بلڪل يا اٽڪل ناپيد ٿي وئي. پر تنهن وقت ”وظيفو“ ڏيڻ جو هڪڙو ٻيو نئون رواج پيو، يعني اُها بلوچ سردارن ۽ سندن سنگت کي روڪڙ رقم جي ادائيگي هئي. وقت گذرڻ سان جاگيرون وٺندڙ ڪيترن ئي سردارن، واڌو روڪ وظيفن وٽڻ جون به ڪوششون ڪيون: ۽ ”سيري“ جي وظيفي جيان، انهن روڪ ادائيگين کي لڳاتار معافي- جاگيرن ۾، جنهن جي عام متاستا جي قيمت في بيگهه هڪ ڪوڙو رپيا (ڪمپنيءَ جي ٻارهن آنن کان به ٿورڙو گهٽ هئي)، متاستا ڪئي وئي. مثال طور: مير مراد عليءَ ٿورڙي عرصي ۾، روڪ رقم ڏيڻ جي جاءِ تي جاگيرن ڏيڻ وسيلي، ادائيگيءَ جا پنج ڪوڙا رپيا ورهائڻ کان بچايا هئا. هن ڪجهه نيون جاگيرون ٻين بلوچن کي به ڏنيون، توڻي اُهي اڪثر گهٽ ايراضيءَ واريون هيون. عام طور اُهي جاگيرون اڳ ۾ موجود معافي- جاگيرن جي تحويلدارن جي وڏن پُٽن يا مائٽن کي ڏنيون ويون هيون.

هن مير جي حڪومتي دؤر ۾ ۽ بيشڪ غلام علي جي دؤر ۾ به، انهن جاگيرن جي علائقن ۾ لڳاتار ڦيرڦار ٿيندي رهندي هئي. جاگيرن جي ڄاڻايل علائقن بابت شرط محدود نه هوندا هئا. ڇوته سَندن ۾ عام طور ”فصل به فصل“ ۽ ”تئين حُڪم جي گهُرج ڪانسواءِ“ لکيل هوندو هو: پر پائنجي ٿو، ته تحويلدار جاگيردار لڳاتار جاگيرن جي تبديليءَ جا خواهشمند هوندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مُند ۾ ڪو شخص مختلف جاين تي موجود جاگيرن جون، بيءَ جاگير ڪي رد ڪندي، به يا ٽي سَندون وٺندو هو: ڇوته هو مُلڪ جي ورهاست ۽ جاگير ۾ ڦيرڦار سان پيدا ٿيل ڪجهه ڏکيائين سببان پهرين ڏنل جاگير مان مطمئن نه هوندو هو.

پر مير مراد عليءَ جي 1833ع ۾ گذاري وڃڻ ڪانپوءِ، جاگيرن ۾ عام ۽ وڏي پيماني تي متاستا ٿي. تنهن وقت حيدرآباد جي اميرن سان لاڳاپيل سموريون جاگيرون (محفوظ ۽ وڏن سردارن جي جاگيرن ڪانسواءِ، جيڪي سندن تحويلدارن جي هٿن ۾ رنڊڪ بنا ۽ ڦيرڦار ڪانسواءِ موجود هيون) ڇئن ننڍن اميرن- مير صوبدار ولد مير فتح علي، مير محمد ولد غلام علي ۽ مير محمد ولد نور محمد ۽ مير نصير خان ولد مراد عليءَ منجهه ڇئن حصن ۾ ورهايون ويون. مُلڪ ۾ موجود سمورن جاگيردارن جا، تنهن وقت مختلف حڪمرانن سان ڏار ڏار نوعيت جا ناتا هوندا هئا. جو جڏهن به ڪنهن اهڙي علائقي ۾، جيڪو علائقو ڪنهن ٻئي امير جي انتظام ۽ هٿ ۾ ايندو هو، ته اُتي موجود جاگير جو تحويلدار ڪو بلوچ، اُن متئين امير جو پوئلڳ بڻجي ويندو هو. تنهنڪري اُن جاگيردار يا تحويلدار لاءِ، پنهنجي مالڪ يا آقا جي تحويل ۾ موجود پنهنجي جاگيرن ڪي بدلائڻ ضروري تي پوندو هو. اهڙيءَ ريت، رڳو هڪڙيءَ مُند ۾ئي هيٺين درجيَ جي سردارن جي جاگيرن جا اٽڪل ٽي ڀاڱي چار حصا بدلجي ويندا هئا.

## مير نور محمد جي وفات ڪانپوءِ جاگيرن ۾ متاستا

مير نور محمد 1840ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جا وارث سندس پُٽ ميرشهداد ۽ حُسين علي ٿيا، جن هُن جي ملڪيت ڪي پاڻ منجهه ورهائي ورتو. هاڻي، هتي به بيهر پنهنجي آقا يا مالڪ جي زمينن تي، هرهڪ امير جي پوئلڳن جي رهائش ۾ وڏي تبديلي آئي.

## ننڍين اميرن جي دؤر ۾ جاگيرن جي واڌ

ڇئن ۽ (مير نور محمد جي وفات ڪانپوءِ) پنجن ننڍن اميرن جي دؤر ۾ جاگيرن جي انگ ۾ واڌارو ٿيو. ڪڏهن اُهي جاگيرون روڪ رقم يا اناج جي جاءِ تي ڏنيون

ويون، تہ وري ڪڏهن نئين سنگتَ کي نيون جاگيرون ڏنيون ويون. ڪنهن هڪ امير طرفان، ڪنهن ٻئي امير جي ملازم کي پنهنجي ملازمت ۾ آڻڻ لاءِ، رشوت طور وڏايل جاگيرون بہ ڏنيون ويندڀون هيون، جيتوڻيڪ اُهي هڪ ٻئي جي طاقت کان ڏاڍو سڙندا هئا. ڪجهہ جاگيرون بيشڪ تحويلدارَ جَي وفات تي، يا ڪن موقعن تي تخفيف ڪندي، سرڪاري تحويل ۾ هليون ويندڀون هيون، پر منجهانئن نئين ڏنل جاگيرن جو حصو ٿورڙو هوندو هو.

## ڪجهہ قبيلائي سردارن جي جاگيرن جو تسلسل

هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ ويهاري سگهجي ٿي، تہ ٻن يا ٽن ٽالپر سردارن جي جاگيرن کي، ڪجهہ خاص قبيلن جي سردارن يعني نومڙين ۽ جوکين سردارن جيان، جن وٽ ڪلهوڙن جي دؤر کان وٺي زمينون تحويل ۾ هيون، حڪمران ٽالپرن طرفان سندن تحويل ۾ئي رهڻ ڏنو ويو هو. اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکجي تہ، "حڪمران اميرن جي مُهر لڳل ڪنهن باقاعدي سَند کانسواءِ، ڪڏهن بہ ڪا جاگير منظور ڪري نہ ڏني ويندي هئي، ۽ اُهي سَندون سدائين احتياط سان اميرن جي دفتر ۾ درج ڪيو ويندڀون هيون. جيئن تہ اصل سَند، جنهن تي زمين جا تفصيل ۽ شرط لکيل هوندا هئا، عام طور احتياط سان لاڳاپيل شخص پاڻ وٽ سنڀالي رکندا هئا؛ اڪثر سَندن مان پتو پيو، تہ اُهي جاگيرون سَندن منجهہ لکيل سردارن کي ذاتي ملڪيت طور نہ، پر سندن سنگت ۽ برادريءَ کي ڏنيون ويون هيون. انهن سَندن ۾ خاص طور حاشيي تي انهن جا تفصيل ۽ اميرن جي دفتر ۾ ان سنگتَ جي فهرستَ لکيل هوندي هئي، جن ۾ ان سنگتَ جا حصا جاڻايل هوندا هئا. اهڙيءَ ريت هرهڪ انفرادي پائيوار کي سَند منجهہ ڪنهن منصفاڻي تحقيقات جو وسيلو مهيا ڪيل هوندو هو."

## سنڌ جي فتح وقت جاگيرن جي ڪُل ايراضي

ڪيپٽن اسٽئڪ مطابق، فيبروري 1843ع ۾ حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگير طور ايراضي چاليهہ لک بيگهن کان هرگز گهٽ نہ هئي، جيڪا اٽڪل پندرهن هزار انفرادي جاگيردارن ۾ ورهايل هئي. ٽالپرن جي حڪومت ۾ جاگير سرشتي جي متي جاڻايل انگن اکرن بابت ڪيپٽن رٿبورن "سمورا ضروري تفصيل درست هجڻ" جو اعلان ڪيو هو. بهرحال، هن مطابق مير ڪرم علي سنجيده سياءَ وارو شخص نہ، پر ڪنهن قدر جاگير- سرشتي جو مخالف هو ۽ هو جاگيرن جي همت افزائي نہ ڪندو هو. ڪيپٽن رٿبورن لکيو: "جاگيرَ جو استحڪام ۽ جٽاءُ، پوءِ پڇي اهو تحويلدار يا سندس

محصول ورتا ويندا هئا. جڏهن اناج سستو ۽ گهٽو هوندو هو، ته ان تان محصول وٺڻ سميت ويهه سيڪڙي تائين فيس ورتي ويندي هئي.

## اميرن جي دؤر ۾ جاگيردارن جي طاقت

ڪيپٽن رئبورن مطابق، ٽالپرن جي حڪومت ۾ جاگيردارن وٽ پنهنجين جاگيرن ۾ قانون کان مٿانهان اختيار ۽ طاقت نه هوندي هئي. منجهانئن ڪنهن به وٽ ڪا ڊار فوج يا دربار نه هئي. ”انهيءَ جي ابتڙ، ڪو جاگيردار، ميرن جي دربار ۾ باقاعدگيءَ سان غير حاضر رهڻ جي اجازت ڪانسواءِ، حاضري ڏيڻ تي مجبور هوندو هو. منجهن گهڻا جاگيردار اهڙين زمينن جا تحويلدار هئا، جن منجهان ماهوار ورلي ٽيهن رپين جي پيداوار ٿيندي هئي. ۽ منجهن اڪثر اهڙا جاگيردار به هئا، جن جي زمينن مان ساليانو هڪ هزار رپين تائين آمدني ٿيندي هئي.... جيستائين ڏوهارين سان انصاف يا پاڙيسري راڄن ۾ ڏسجندڙ ڦوروءَ جي نيڪاليءَ جي پڪ ڪرڻ جو واسطو آهي، ته ڪوبه بلوچ جاگيردار پنهنجي خواهش موجب ڪيس جيڪو وڌندو هو، تنهن تي عمل ڪندو هو. انهيءَ ڳالهه جو سبب اهو نه هوندو هو، ته ميرن جا اختيار هرهنڌ بالادست ۽ مٿانهان نه هئا، پر ان جو سبب هي هوندو هو، جو هو چاهُندو هو، ته جيڪڏهن هو پاڻ، گهٽ ۾ گهٽ حڪمران ميرن جي ماتحت علائقن ۾، انصاف ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو، ته ڪوبه ماڻهو سندس خلاف ڪا ٻُڙڪ ٻاهر نه ڪڍندو. پر ميرن جي حُڪمنامن تي، خالصا زمينن جيان، جاگيرن ۾ به آزاداڻي طور تيزيءَ سان عمل ٿيندو هو.

جاگيرن جي حدن ۾ سڏجندڙ اهم ميلن تي جاگيردار نه، پر مير حڪمران بچاءَ لاءِ اڙد (پوليس) مهيا ڪندا هئا. جاگيردارن ڪي ڏوهه ۾ ملوث هئڻ سبب، مناسب سمجهندي گرفتار ڪيو ويندو هو، يا ڏوهارين کي جاگيردارن کي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ، ضروري مهل سندن زمين تان جهليو ويندو هو. ڪنهن جاگيردار کي ڪنهن مُخاديم (ماتحت ڪٽت وندڙ) کي زمين تان تڙڻ، يا حڪومت جي رٿيل ڍل کان وڌيڪ ڍل وٺڻ جو اختيار نه هوندو هو. ڪيترائي جاگيردار آبيانو، جنس جي صورت ۾ ڏيندا هئا ۽ هنن جي جاگيرن تي ميرن جا رکيل سرڪاري ڪاردار بٺائي ڪندا هئا ۽ ڪاردار جاگيردار جي هارين کان مڙهيل سموري پيشڪش، سرشماري، آبيانو، ڪانگڙ سميت باغن ۽ مڇين جي مَڏين جي پيداوار سڌيءَ ريت، ٽالپر اميرن جي خالصا زمينن تي لاڳو ٿيندڙ طريقي جيان، ورتي ويندي هئي. حقيقت ۾ اڄوڪي ڏينهن تائين، خودمختيار حڪمران مير علي مراد جي انهن زمينن تي، جن کي برطانوي واهن مان پاڻي ڏنو وڃي ٿو، اسان جا مقرر ٿيل ڪاردار ڪنهن پشيماني ۽ شڪايت ڪانسواءِ،

ساڳئي ميرن واري طريقي سان بتائي ڪن ٿا، ۽ اُهي سنڌ جي فتح کان پهرين به سدائين ائين ڪندا هئا.

## جاگيردارن جا عدالتي ڪم

ڪيپٽن رٿبورن اهو مڃيو، ته جاگيردار پنهنجي جاگيرن تي ڪنهن قدر ديواني ۽ فوجداري مامرا به اُڪلائيندا هئا. ننڍي پيماني جا ديواني مامرا اُهي پاڻ يا سندن نمائندو اُڪلائيندو هو. جيڪڏهن هو پاڻ سردار جي رُتبي جو هوندو هو، ته ڏڍيون عام طور هن وٽ ئي نبيري لاءِ مامرو ڪٽي ايندڙيون هيون. فوجداري مامرن ڪي، هو پاڻ يا سندس خدمتگار يا ڪاردار رُڳو تڏهن اُڪلائيندو هو، جڏهن اهو مامرو سرڪاري اختيارين طرفان مداخلت ڪرڻ جي نوعيت جو نه هوندو هو. جن مامرن ۾ اسلامي مذهب جو سوال لازمي ۽ اٽڪر هوندو هو، سي مامرا قاضي نبيريندو هو: مُکيءَ جي سرواٽيءَ ۾ پنچائت ٻيا اهم مامرا اُڪلائيندي هئي، پر مير تڏهن انهن مامرن ۾ مداخلت ڪندا هئا، جڏهن ڪو ماڻهو يا ڌُر اپيل ڪندي هئي. اٽڪل چئن چڱن ۾ اُٿيءَ ويٺيءَ وارا سمورا سردار پنهنجين جاگيرن تي نه رهندا هئا، ۽ اُهي ''پنهنجي خدمتگارن، ٻانهن ۽ ٻورچين منجهان'' پنهنجا ڪمدار مقرر ڪندا هئا.

## سنڌ ۾ پائيدار ۽ جٽادار جاگيردار طبقو نه هئڻ

سنڌ ۾ جاگيردار طبقو پائيدار ۽ جٽادار نه هو. ڪيپٽن رٿبورن لکيو ته: ''سنڌ ۾ جاگيردار اصطلاح ۾ مختلف طبقا، اسان جي سرڪاري ملازمن جي اصطلاح جيان، شامل هئا. مثال طور، هتي ڪجهه اهڙا سرڪاري ملازم به آهن، جن بابت معلوم ٿئي ٿو، ته اُهي حڪمرانن جا پِير آهن ۽ ٻيا شاهي گهراڻي جا پاتي آهن. ۽ ٻيا وري اهڙا به آهن، جيڪي پنهنجي ملازمت واريءَ پگهار کان هڪ يا ٻه ٽڪا وڌيڪ وٺڻ لاءِ جُتيون صاف ڪرڻ ۾ خوش رهن ٿا. سنڌ جا جاگيردار به اهڙا آهن- هتي وري ڪجهه اهڙا به آهن، جن ڪي مناسب احساس رکندڙ ڪوبه ماڻهو، جيڪر گهٽ نظر سان ڏسڻ ۽ سلوڪ ڪرڻ بابت هوند نه سوچي، اُن جي پيٺ ۾ اُهي ڪنهن اوچي درجي جي ڪنهن انگريز ڏانهن سُٺي سلوڪ جو اظهار ڪندا. جڏهن ته ڪجهه ٻيا اهڙا به آهن، جن ڪي جيڪڏهن سندن سئيس جي رتبي تي رکيو ويندو، ته اُهي اُن ڪي به پنهنجي عزت ۽ شانَ ڀانئيندا. مختصر طور ائين چئجي، ته فرسٽ ڪلاس جي سردارن ۾ مختلف طبقا موجود آهن، جن ۾ ڳوٺاڻي ننڍڙي چوڪيدار کان وٺي ڪمدار تائين به شامل آهن.

## وظيفي جي جاءِ تي جاگير ونڻ جا شرطَ ۽ نوعيت

ڪئپٽن رٿبورن 12 جون 1850ع تي پنهنجي لکيل خط نمبر 598 ۾ وظيفي جي جاءِ تي جاگيرون پنهنجي تحويل ۾ رکندڙ حقيتدارن بابت اهم ڄاڻ ڏني. "فوجين جي گذران لاءِ ڏنل جاگيرن جي اصل سَندن جي جزوي فهرست ۾ انهن فوجن تي روشني وڌل هوندي آهي يا سَند جي سيري يا روڪ ادائيگي واري رول ۾ سندن تفصيل ڄاڻايل هوندا آهن، جنهن موجب هرهڪ انفرادي سپاهيءَ لاءِ سندس حياتيءَ تائين ڏار جاگير جو حوالو هوندو هو. پر جيئن ته هرهڪ ماڻهوءَ جو حصو ائين نبيريو ويندو هو، تنهنڪري ساڳئي وقت فوجين جي گهربل انگ جي انتظام رکڻ جي ذميواري به نبائڻي پوندي هئي.... اُها رياست ۽ جاگيردار وچ ۾ هڪٻئي سان متاستا هوندي هئي. جاگيردارَ جي موت تي ان جاگيرَ بابت پيهر ويچار لاءِ رستو کُليل هوندو هو، جڏهن شايد اُن جي جاءِ مجموعي طور پيو جاگيردارَ والاريندو هو يا اُن جي جاگيرَ کي، انفرادي تحويلدارن کي پهچندڙ نقصان بابت حوالو ڏيڻ کانسواءِ، رد ڪيو ويندو هو....

"بلوچ سردارَ آڳاٽي زماني جي نوابن يا وري وچئين دؤر ۾ اٽليءَ ۾ آزاد ڦورو تولن جي ڪپتانن جيان هوندا هئا، ۽ انهن جي حالت انگلينڊ ۾ سياسي ڪيڏارين کان بلڪل ڌار ۽ مختلف نه هئي، جڏهن هاڻوڪي دؤر جي پٺيت ۾، سياستَ وڏيڪ واپار بڻجي ويو هو. سردار سان ڏي- وٺ ۽ مُنهن ڏيڻ لاءِ سوال اهو هوندو هو، ته هُن وٽ ڪيتري سنگت يا ساٿاري موجود آهن، جن کي هو پاڻ پنهنجي طرف آڻي، پاڻ سان گڏائي سگهندو هو: جواب بلڪل اُن جهڙو ئي ملندو هو: ايڏي ۽ اهڙي ئي اهميت هوندي هئي: ۽ اهو چيو ويندو هو، ته هنگامي فوج جا هيٺئين درجي جا سپاهي ان جي چوڌاري پيا ڦرندا رهندا هئا. انهن طرفدار سپاهين کي ملازمت ۾ رکيو ويندو هو ۽ کين جاگيرن جون سَندون ڏنيون وينديون هيون. منجهانئن ڪنهن جي به مرڻ کانپوءِ، ميرن طرفان هُن جي پُٽ يا سندس برابر لائق اصلي متبادل کي سندس جاءِ والارڻ جي اجازت نه ڏيڻ تائين، سندس حصو سرڪاري تحويل ۾ هليو ويندو هو: پر ساڳئي وقت اڳواڻ جي موت تي، سمورو وهنوار جامد ۽ ختم تي ويندو هو، جيستائين اهو اڳواڻ پنهنجي پويان ڪو پُٽ يا پائيتيو يا برابر اثر رکندڙ ڪو اهڙو شخص نه ڇڏيندو هو، جنهن جي حُڪم کي اُهو گروهه، نوڙت ۽ عزت توڙي اکيون پوري سندس پوئواري ڪرڻ تائين نه مڃيندو هجي، پوءِ پلي اُهو چڱو هجي يا بُڇڙو."

## جاگيرن جي موروثي بنجڻ جو لاڙو

ڪيپٽن پريڊي پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو ته، "ٽالپرن جي حڪومتي دؤر ۾ مکيه جاگيردارن کي پنهنجي لاڳاپيل جاگيرن جي رعيت تي، تيزيءَ سان سرڪاري ۽ فوجي اختيارَ واپرائڻ جي اجازت هوندي هئي؛ اُهي رعيت کان محصول جو مڙهيل سرڪاري حصو وٺندا هئا: هنن جو پنهنجي ذاتي ڪردار جي وزن ۽ پنهنجي سنگت جي ڳاٽيٽي جي تناسب سببان، دربار ۾ وڏو اثر به هوندو هو. گڏوگڏ ڪنهن قبيلي جو هرهڪ سردارَ، پنهنجي قبيلي جي ماڻهن تي پوريءَ ريت آمراڻا اختيارَ واپرائيندو هو. اهو سچ آهي، ته جاگيردارن جو وڏو حصو ٽالپر اميرن جي ملازمت ۾ هوندو هو، جن جي خوشيءَ ۽ رضامنديءَ سان جاگيرون سندن تحويل ۾ هونديون هيون: پر سنڌ جي دربار ۾ هڪبئي کي مات ڏيڻ ۽ ساز توڙي ڪِيني جون ڪارروائيون مٿانهين سطح تي هونديون هيون، ۽ هرڪو سردار چڱيءَ ريت ڄاڻندو هو، ته جيڪڏهن هن کي ڪنهن ٽالپر امير پنهنجي جاگير کان محروم ڪيو، ته هو يڪ سان وري به ڪنهن ٻئي اُن ٽالپر امير جي ملازمت ۾ شامل ٿي ويندو، جنهن جي سندس اڳوٽي مالڪ وچ ۾ دشمني موجود هوندي هئي، ۽ هن کي ڪانئس وتس اڳ ۾ موجود جاگير کان به ڪا وڌيڪ جاگير وٺڻ جي چڱي پڪ هوندي هئي. ساڳئي طريقي سان، جيتوڻيڪ هُن جي جاگيرن جي سَندن ۾، سندس پٽن جا نالا ڄاڻايل نه هوندا هئا، پوءِ به هرڪو سردار ڄاڻندو هو، ته جيڪڏهن هن وٽ پنهنجي قابليت جي بنياد تي جاگير جو ڪجهه مناسب حصو هوندو، ته خاطريءَ سان سندس پٽن کي پنهنجي والد جي جاگير توثيق ٿي ملي ويندي. ۽ جيڪڏهن ايئن نه ٿيندو هو، ته پوءِ به هو ڪنهن ٻئي مخالف امير کان سَند ۾ برابر ايراضيءَ جي جاگير وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو."

ڪيپٽن پريڊي موجب، جاگيردار ۽ سندن سنگت ڏيهي فوجي طاقت جوڙيندڙ هوندا هئا ۽ ان طريقي سان خطرناڪ ڏقيڙ ڦهلائيندڙ ٽولا، مصر جي مملوڪن جيان شهزادن ۽ ماڻهن لاءِ پيانڪ بڻجي ويندا هئا، ۽ منجهن پنهنجي پاڻ ۾ اتحاد ڪندي ڪنهن به گهڙيءَ ٻنهي کي ضابطي ۾ آڻڻ جي لائق هوندا هئا.... اهو سندن ڏقيڙي ۽ جوشيلو ڪردار هو، جو ٽالپر امير اسان سان ٿيل معاهدن کي ٽوڙڻ تي مجبور ٿيندا هئا، ۽ اُهي ڦُرتي ۽ هُل هنگامو ڪندي وڃي هٿيارن ۾ هٿ وجهندا هئا...."

## شڪارپور ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرن جي اوُسر ۽ ايراضي

ليفٽيننٽ فيرنگٽن، جيڪو گهڻو اڳي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ 1850ع ۾ شڪارپور جو

عارضي خدمتون انجام ڏيندڙ ڪليڪٽر رهيو هو، تنهن ڄاڻايو ته، ”آءٌ ڪيپٽن اسٽئڪ جي اُن تفصيلي رپورٽ سان ”لڳ ڀڳ مڪمل طور“ متفق آهيان، جيڪا مير علي مُراد جي پيءُ ۽ ڀهرين خيرپور جي امير مير سُهراب جي دؤر ۾ جاگيرن جي ايراضين بابت جوڙيل هئي. هن چيو هو، ته مير علي مراد ”ڪجهه ديرا داري ايراضيءَ جو سلسلو برقرار رکيو هو، ۽ ٻين جاگيرن ۾ باقائدي ڦيرڦار ڪئي هئي.“ هن چيو، ته اميريءَ ۽ پڳ تان هٿ ڪنيل مير سهراب خان پنهنجي نئين ڄاول پُٽ علي مراد لاءِ اڳوات بندوبست جي خيال کان، پنهنجي ٽن پٽن جي علائقن جي اڳوٽيءَ ورهاست ۾ ڦيرڦار آڻڻ جي ڌمڪي نه ڏيڻ تائين، جاگيرون محدود انگ ۾ منظور ڪري ڏنيون هيون. مير رستم پنهنجي پُٽ علي مراد کي سرداريءَ جي پڳ ڏئي چڪو هو، پر علي مراد پنهنجي پيءُ جي گهُر مڃڻ کان لاچار هو، جيتوڻيڪ مبارڪ به رستم جو هڪڙو پياءُ هو. ”امڪاني وڌندڙ ڇتاڀيتيءَ جي نتيجي ۾، جاگيرون کُليل هٿ ۽ آزاديءَ سان،“ مددگار فوجين کي ڏنيون ويون ۽ مُخالف ڌُر جي جاگيرن ۾ گهٽتائي آندي وئي. تنهن وقت شڪارپور ۽ سکر ضلعا پناڻن جي تحويل ۾ هئا، تنهنڪري جاگيرون رڳو روهڙي، گهوٽڪي، خيرپور، ميرپور ۽ اوٻاوڙو ضلعن تي مشتمل سنڌو درياءَ جي اوڀرندي علائقي ۾ ڏنيون ويون. شڪارپور تي برطانوي فوج جي قبضي کان پوءِ، اُن کي حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن ۾ ورهايو ويو. باغبان (ميهڙ) ۽ چانڊڪو (لاڙڪاڻو) ان واقعي کان اڳ، گڏيل طور شڪارپور سان لاڳاپي ۾ شامل هوندو هو.“ ليفٽيننٽ فيرنگٽن پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، ”هن ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرن جي ڍل جو ڪاٿو ساليانو نوي هزار رپيا لڳايو ويو، جيڪا رقم سموري محصول جي هڪ ڀاڱي ٻارهن حصن کان ٿورڙو گهٽ هوندي، ۽ جاگيرن جي هيٺين ريت درجابندي ڪري سگهجي ٿي.“

## جاگيرن جي درجابندي

”پهريون. فوجي خدمتن لاءِ ڏنل جاگيرن جا علائقا تمام اهم ۽ زرخيز آهن. ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ اُهي جاگيرون اڪثر غيرمستقل هونديون هيون: جاگيرون موروثي نه هئڻ سبب، ڏُرين کي ڪجهه مثالن ۾ سڄي سال لاءِ پاڻ وٽ تحويل ۾ رکڻ جي پڪ نه هوندي هئي، ۽ انهن جاگيرن ۾ مختلف موقعن تي اڌ، ٽين پتيءَ يا چوٿين پتيءَ جي تخفيف ڪئي ويندي هئي؛

”ٻيون. سرڪاري ملازمن کي ڏنل جاگيرن ۾ (توڙي بلڪل ٿوريون هيون) مٿيون طريقو عمل جوڳو هوندو هو؛

”ٽيون. مذهبي/ خيراتي جاگيرن جو طبقو نرالو هو، پر جاگيرن جي ايراضيءَ جي

وسعت گهٽ هوندي هئي. مسلمان حڪمرانَ اهي جاگيرون ڪنهن قدر سختيءَ سان، ڪنهن عهدي يا رُتبي تي مقرر عملدارَ کي مذهبي عقيدت وچان ڏيندا هئا.

”ڇوٽون ”پٽيداري“ جاگيرون هيون، جن بابت مونکي يقين آهي، تہ اُهي جاگيرون شڪارپور ضلعي ڪانسواءِ، ٻئي ڪنهن هنڌ اڻلڀ آهن. اهو ڇوٽون طبقو اڪثر پٺاڻن تي ٻَڌل آهي، جنهن بابت پتو پوي ٿو، تہ هنن کي اُهي پٽيداريون، پٺاڻ حڪمرانيءَ واري دؤر ۾ مليون هيون: هنن ڪجهہ خاص واهڻن، تعلقن يا ڳوٺن جي محصول جي سرڪاري حصي کان بہ گهٽ اڳهہ يا اڌ کان ٽين پتيءَ تائين ورتيون هيون. انهن جاگيرن جي بُڻ بنياد بابت پتو پوي ٿو، تہ ڪجهہ مثالن ۾ جڏهن ڪو شاهوڪار ماڻهو ڪجهہ خاص ايراضيون پئسن تي وٺندي، زراعت جي همت افزائي ڪندو هو، ۽ زرعي سُڌارا آڻيندو هو، تہ انهن ڳالهين کي سامهون رکندي، هُن کي سرڪاري پيدائش جا ڪجهہ حصا ڏيندي، پَٽو (ڪاغذ جي چِٽ) منظور ڪري ڏني ويندي هئي: ٻين صورتن ۾ اها جاگير“ شايد ”پئسن تي خريد ٿيل“ نہ هوندي هئي، پر انفرادي شخصَ واهن جي کاٽي ۽ ٻين زرعي سُڌارن ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکاريندا هَئا. انهن جاگيرن جون اُهي سَندون، حڪمران جي خواهش تي آڌاريل هونديون هيون، ۽ هنن تي فوجي خدمتن جو بار بہ وڌو ويندو هو. ٽالپرن اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ، انهن سَندن جي توثيق ۾ نرم ۽ معتدل رَويي جو اظهار ڪيو هو ۽ هنن ۾ ڦيرڦار نہ ڪئي هئي.

## مختلف طبقن وچ ۾ امتياز ڪرڻ

”هرهڪ مامري ۾، سَند جي اکرن مان اهو ظاهر آهي، تہ ڪهڙي خدمت لاءِ اُها جاگير ڏني وئي آهي. مثال طور: فوجي خدمتن واري جاگير ۾، ائين لکيل هوندو هو: ”فلاڻي ۽ فلاڻي جاگير اُن شرط سان منظور ڪري ڏني وڃي ٿي، تہ تون پاڻ سدائين حاضر هوندين ۽ گهُربل وقت توڙي گهُرائڻ تي حاضر ٿيندين.“ اها ڳالهہ عام طور سرڪاري ملازمتن وارين جاگيرن ۾ بہ شامل هوندي هئي: پر ان صورت ۾، ماڻهوءَ جي مشهور حيثيت منجهان جاگير جي نوعيت جو پتو پوندو هو. مثال طور: جيڪڏهن ڪنهن اهڙي شخص کي جاگير ڏني ويندي هئي، جيڪو ڪنهن ٽالپر امير جي ماتحت مالياتي عهدي تي مقرر هوندو هو، تہ ان سَند ۾ اهو چاڙهايل هوندو هو، تہ اها جاگير انعام تلوار جي زور تي نہ، پر قلمَ جي جاکوڙ سان ڏني وئي آهي. ٻئي پاسي، جڏهن اسان ڪنهن بلوچَ کي ڪا جاگير پنهنجي تحويل ۾ رکندي ڏسون ٿا، تہ ڪوبہ هُن تي رياست ڏانهن جوابده سرڪاري ملازمت لاءِ اُن جاگير کي وٺڻ جو الزام نہ هڻندو هو. هاڻي وري ”مذهبي خيرات“ بابت ائين لکيل هوندو هو: ”اسان توهان کي فلاڻو عهدو

باب ٻيو

# چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ جاگير سرشتو

## نيپيئر طرفان جاگيرن جي توثيق جو واعدو

17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ جي جنگ وڙهي وئي ۽ اُها جنگ سر چارلس نيپيئر کٽي. هُن 5 مارچ تي فارسيءَ ۾ لکيل هڪڙو پڌرنامو ڪڍيو، جنهن ۾ بلوچ سردارن ۽ سنڌ جي عوام کي چتاءُ ڏنل هو، ته هاڻي ٻي ڪا وڏيڪ مزاحمت سندن تباهي ثابت ٿيندي ۽ پڌرنامي جي پُڇاڙي هيٺين واعدي تي ٿي: ”پر جيڪڏهن توهان پُرامن رهو ٿا ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي وڃو ٿا، ته توهان جون جاگيرون توهان کي توثيق ڪري ڏنيون وينديون؛ انگريز سرڪار توهان جي دوست بڻجي ويندي؛ ۽ توهان سدائين خوش رهندؤ.“

## واعدي ڪانپوءِ ٿيندڙ واقعا

گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو جي حُڪم سان، 12 مارچ 1843ع تي سنڌ کي برطانوي شهنشاهيت ۾ شامل ڪيو ويو. 24 مارچ تي حيدرآباد واريءَ جنگ (جنهن کي دُٻي يا ناريجا جي جنگ به چيو وڃي ٿو)، وڙهي وئي ۽ شير محمد شڪست کاڌي. هُن جو تڙ تائين پيڇو ڪيو ويو ۽ 4 اپريل تي امرڪوٽ تي قبضو ڪيو ويو. 8 مارچ تي، سر چارلس نيپيئر حيدرآباد موٽي آيو. هن 13 مارچ تي هڪڙو ٻيو فارسيءَ ۾ لکيل پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي عوام کي حُڪم ڏنل هو، ته اُهي برطانوي حڪومت کي اُها ”مُلڪي پيداوار ڏين“ جيڪا اُهي اڳي ٽالپر حُڪمرانن کي ڏيندا هئا؛ ۽ هُن 17 مارچ تي، گورنر جنرل کان آيل حُڪم هيٺ، سنڌ ۾ پرڏيهه کان ايندڙ مالَ تي محصول کي ختم ڪري ڇڏيو.

## واعدي جو ورجاءُ

هن ٻيري انيڪ سردارن، سر چارلس نيپيئر سان ملي ساڻس سهڪار جو وچن ڪيو ۽ سندس ساراهه جا ڏِڪ ڀريا، پر هُن سڀني کي آڻ مڃائڻ واريءَ ڳالهه جي آتت ماڻڻ لاءِ، 20 مئي 1843ع تي فارسيءَ ۾ هيٺيون پڌرنامو جاري ڪيو:

”الله وڏو ۽ ٻاجهارو آهي. توهان بلوچ سردارن کي گورنر اڳيان پاڻ حاضر ٿيڻ لاءِ

گھرايو ويو ٿو. توهان اچي هُن کي سلام ڪريو، ته جيئن برطانوي سرڪار طرفان، توهان جي جاگيرن ۽ ٻين سمورين جائدادن جي توثيق ۽ منظوري ڏني وڃي. ۽ توهان جي رُتبي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا گھٽتائي نه ٿيندي، وغيره. اُها پڪ ڪئي وڃي، ته هن نينڊ جي پيچڪڙي نه ٿيندي؛ ۽ ها، جيڪڏهن توهان ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ٿا، ته پوءِ توهان مٿيان فائدا ۽ رعايتون وٺي نه سگھندؤ.“

پڌرنامي ۾ وقت ڄاڻايل نه هو، ته ڪهڙي عرصي اندر سلام ڪرڻا آهن، پر 10 سيپٽمبر تي پڌري ٿيل اعلان ۾ اُهو وقت پهرين نومبر 1843ع تائين محدود ڪيو ويو.

## ننڍڙن جاگيردارن لاءِ لکت ۾ آڻ مڃڻ جي سهولت

بهرحال، حيدرآباد جي پهرين ڪليڪٽر ڪيپٽن رٿبورن 22 سيپٽمبر تي اُن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو ته، ”ڏيهه ۾ ننڍن هارين کان به ننڍڙي حيثيت جا“ ڪيترائي جاگير رکندڙ موجود هئا، جن وٽ ڪراچي وڃڻ لاءِ ڪي به ذريعا ۽ ڏوڪڙ نه هئا. هن پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي چيو ته، ”جاگيرداري اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي علامت جيان سادي طريقي سان گورنر کي، برطانوي سرڪار آڏو آڻ مڃڻ جي علامت طور، مون طرفان پاڻ سلام ڪرڻ واريءَ ڳالهه تي ويچاريندي، ۽ هز ايڪسيلينسي گورنر جي شفيق خواهش کي ڄاڻندي، ته هن طرفان ڏنل نرميءَ مان ممڪن حد تائين ماڻهن جو وڏو انگ خوشي ۽ چاهه سان لاڀ پرائيندو. تنهنڪري مون مٿين حقيقت کي توهان جي ڌيان ۾ آڻڻ مناسب سمجهيو ۽ نماڻائيءَ سان صلاح ڏيندس، ته ننڍڙا جاگيردار، جن وٽ ڪراچي اچڻ لاءِ ڪي وسيلا ۽ ايڏي رقم نه آهي، تن کي هتي لکيت ۾ فرمانبرداري پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.“

سر چارلس نيپيئر پنهنجي 26 سيپٽمبر 1843ع واري خط نمبر 750 ۾ اُن تجويز کي قبول ڪيو، پر حُڪم ڏنو، ته جاگيردارن کي جنرل سمپسن لاءِ اوسيئڙو ڪرڻ گھرجي. ۽ اِهو ته جيڪي جاگيردار ائين ڪرڻ چاهين ٿا، تن جي فهرست جوڙي وڃي ۽ سنڌن فرمانبرداري ڪليڪٽر آفيس ۾ جمع ڪرڻ گھرجي ۽ اُها فهرست هن کي پيش ڪئي وڃي.

## فرمانبرداريءَ جي وقت ۾ واڌ

فرمانبرداريءَ ۽ آڻ مڃڻ جو وقت 24 مئي 1844ع تائين وڌايو ويو. پر 25 نومبر 1843ع تي ڪيپٽن رٿبورن اُهو سوال ڪيو، ته جنگ ۾ مارجي ويل جاگيردارن جي مائٽ وارثن کي ٻيهر جاگير جي منظوريءَ جو حقدار ڪوٺڻ گھرجي يا نه. هن ان ڏس ۾ مير علي بخش ۽ مير جان محمد جي ننڍي ڀاءُ جي مامرن جا مثال ڏنا هئا. هُن پنهنجي

ڳالهه کي جاري رکندي چيو ته، ”جڏهن ته اُن نُقطي تي ڳالهائيندي آءٌ اهو چوندس، ته اِها رٿا ڏاڍي شاندار ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪڏهن سرڪار جاگيرن جي ٻيهر منظوريءَ مهل، جاگيرن جي حيثيت سان ڪين منظور ڪري ڏيڻ جي جاءِ تي، ساليانه جزوي ڍل ڏيڻ جي شرط سان، هنن کي رعيتي جاگيرن جي حيثيت سان سَند جاري ڪري ڏني ويندي. انهيءَ عمل سان حقيتدارَ کي سُني حڪومت سان ٺهڪي هلڻ، خاص طور معافي- جاگير ملڻ جهڙا سمورا فائدا ٿيندا، جن لاءِ هو خواهش ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته اُن سان جاگيرداري حقَ، رعايتون، ڇُوٽ ۽ اختيار هڪدم ويندا رهندا، جن تي جاگير سرشتي هيٺ سدائين (جتي اُهي ائين تي سگهن ٿا) دعويٰ ٿيندي رهندي؛ ۽ جيستائين هن ڏيهه جا مٿيان طبقا، اسان جي خيالن سان ٺهڪجندڙ عوامي فائدي وارين اهڙين رعايتن کي واپرائڻ سکن، تيستائين اهو چڱو آهي، ته انهن کي ممڪن حد تائين التوا ۾ رکيو وڃي.“ گورنر جي سيڪريٽري انهيءَ ڏس ۾ 28 نومبر تي هيٺيون جواب ڏنو:

”ٻيهر منظور ڪيل جاگيرن تي گهُربل ڍل جي موضوع بابت پتو پيو ٿو، ته اُها ڳالهه گورنر لاءِ وڏيڪ اهم آهي، تنهنڪري هزايڪسيلينسي هوند توهان کان ان ڏس ۾ وڏيڪ ڪوُجنا ۽ وري ٻيهر رپورٽ موڪلڻ جي اُميد ڪري ٿو.“

## دربار ڪوٺائڻ جو پڌرنامو

”هندستان جي گورنر جنرل جي حُڪم سان، سنڌ جو گورنر سمورن جاگيردارن لاءِ پڌرو ڪري ٿو، ته هو هنن سان حيدرآباد ۾ 24 مئي 1844ع تي ملاقات ڪندو، جو اُن تاريخ تي راڻي هرمئجسٽيءَ جي جمڻ جي ڏينهن سبب سالگرهه ڏڻ آهي. تنهنڪري گورنر سڄي سنڌ مان سردارن ۽ جاگيردارن کي گهُرائڻ جي دعوت ڏئي ٿو، ته اچي گڏ ٿين ۽ هڪ وڏي ۽ وسيع اسيمبليءَ ۾ ٻيهي رَاڻيءَ کي سلام پيش ڪن، جو اهو عمل سدائين سموري ڌرتيءَ تي وڏي خوشي ۽ سانت جو باعث ٿيندو. هرهڪ سردارَ کي، راڻيءَ جي خدمت ۾ تڪڙ ۽ چُستيءَ جي علامت طور، پنهنجي تلوار ۽ ڍال پائڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي. ڪنهن به جاگيردارَ کي هن عظيم گڏجاڻيءَ مان غير حاضر رهڻو نه آهي، ٻيءَ صورت ۾ هو پنهنجي جاگير وڃائي ويهندو. پوءِ گورنر ڪجهه اهڙن مامرن جو انتظام ڪندو، جن بابت ڪجهه مونجهارا ۽ شڪ آهن. ۽ هُو اميد ڪري ٿو، ته پوءِ اُهي سمورا ماڻهو، برطانوي حڪمرانيءَ جي جهنڊي هيٺ، مطمئن ۽ خوش ٿيندي، پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي ويندا.“

## اُتر سنڌ جي سردارن لاءِ ڇُوٽ

هوڏانهن، اُتر سنڌ جي سردارن کي ڊگهي مسافريءَ کان بچائڻ واريءَ ڳالهه کي سامهون رکندي، کين شڪارپور ۾ جنرل سمپسن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ترسڻ جون هدايتون ڏنيون ويون.

## عظيم گڏجاڻيءَ لاءِ حفاظتي اُپاءَ

سر چارلس نيپيئر 3 مئي تي وڏيءَ گڏجاڻيءَ جي اُميد ڪندي، هڪڙو عام پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن ۾ پوليس ۽ فوج کي جيڪي احتياطي حفاظتي اُپاءَ وٺڻا هئا، تن جا تفصيل ڄاڻايل هئا. انهيءَ حڪمنامي پٽاندر، پوليس جي ڪيپٽن، حيدرآباد اُڪري ايندڙ سردارن جي پيٽ ۾ ٻين هٿيارٻندن کي روڪڻ لاءِ ڪوٽڙيءَ ۽ قليليءَ ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪليا. ڪنهن به سردارَ کي هڪ کان وڌيڪ ساٿين سان گڏ وڃڻ جي اجازت نه ڏني وئي، ۽ اُهو به هٿيارن کان آجو.

## دربار جي ڪارروائي ۽ سلام پروانا ڏيڻ

عظيم گڏجاڻيءَ جي موقعي تي، هڪڙو پڌرنامو پڙهي ٻُڌايو ويو، جنهن ۾ جاگيرن کي (اميرن جي دؤر ۾ جاگيردارن جي تحويل ۾ موجود)، فرمانبرداري، وفاداري ۽ سُٺين خدمتن جي شرطن پٽاندر، بحال ڪيل هو. آڻ مڃڻ ۽ فرمانبرداريءَ جو يقين ڏياريندڙن جي فهرست جوڙي وئي، ۽ منجهانئن هرهڪ کي 'سلام پروانو' ڏنو ويو، جنهن کي عام طور 'سلام سَند' به چيو وڃي ٿو، جنهن تي سر چارلس نيپيئر جي مُهر لڳل ۽ صحيح ٿيل هئي. اُن سلام پروانو ۾ اهو لکيل هو: فلاڻو هلي آيو ۽ اچي آڻ مڃيائين، تنهن کي 17 فيبروري 1843ع (مياڻيءَ واريءَ جنگ جي تاريخ) تي وٽس غير تڪراري تحويل ۾ موجود جاگيرن کي واپس ڏنو ويو.

## سلام پرواني هيٺ ڪليڪٽرن طرفان جاگيرن جي بحالي

"هرهڪ شخص اهو سلام پروانو اُن ڪليڪٽر ڏانهن ڪٽي ويو، جنهن پرڳڻي ۾ سندس زمينون موجود هيون، پوءِ اُن پرڳڻي جي ڪاردار ڏانهن ڪيس موڪليو ويو، ته جيئن اُن جاگيردار کي سندس جاگيرون ڏيڻ جو حُڪم جاري ڪيو وڃي. ٽالپر اميرن طرفان جاري ٿيل آخري سَند، جيڪا اصل ۾ جنگ وقت اُن جاگيردار جي تحويل ۾ هئي، تنهن ڪليڪٽر کي ڏني، جنهن وري اُن کي گورنر ڏانهن سندس مُهر لاءِ، پهرين سندس اصليت جو جائزو وٺڻ ۽ ان کي 'ميرن جي دفتر" ۾ احتياط سان رکيل سَند جي نقل سان ڀيٽائڻ لاءِ موڪليو. مُهر لڳڻ کانپوءِ اُها سَند جاگيردار يا حقيتدار کي موٽائي ڏني وئي." (ڏسو 1848ع ۾ ڪيپٽن اسٽئڪ جو دستاويز.)

### سلام پرواني جو دائمي يا موروثي جاگير جو ضامن نہ هئڻ

ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجي يادداشت ۾ اڳتي لکندي چوي ٿو: ''آءٌ هتي اهو ڄاڻائي سگهان ٿو، تہ سنڌ ۾ ٻين علائقن جيان موجود جاگيرن جي سَند ڪي، رڳو سَند جي منظوري ڏيندڙ ۽ حقيتدارَ (سَند وٺندڙ) جي حياتيءَ واري عرصي تائين هجڻ سمجهيو ويو هو. جيڪڏهن ڪو ٽالپر امير مري ويندو هو، تہ هُن جو جاءِ نشين نئين سَند جاري ڪندو هو، يا هرهڪ کي حُڪمي پروانو ڏيندو هو. جيڪا سر چارلس نيپيئر طرفان جاري ڪيل 'سلام سَند' سان بلڪل ٺهڪجندڙ ۽ ساڳئي اثر واري آهي. جيڪڏهن ڪو حقيتدار گذاري ويندو هو، تہ جاگير سرڪاري تحويل ۾ هلي ويندي هئي، پر عام طور اُها جاگير، مرحوم جي پُٽ يا سندس ويجهن ٻين مائٽن کي نئين سَند هيٺ منظور ڪري ڏني ويندي هئي، جيڪا اڳ ۾ سندس لاءِ ڪنهن شرط ڪانسواءِ هوندي هئي. بهرحال، سَندن جي ڏس ۾ اڪثر جعلسازي، ٺڳي ۽ دوکو ٿيندو رهندو هو، ۽ ٿيندڙ نقصان کي اختيارين کان، يا وري اختيارين طرفان ميرن کان لِڪايو ويندو هو. منهنجي آڏو ڪجهہ موقعن تي سَند جاگير ۾ ڄاڻايل ڪجهہ اهڙن ماڻهن جا نالا بہ سامهون آيا آهن، جيڪي تڏهن بلڪل ڪنگال ۽ ڪَک- پَتي بڻجي چڪا هئا.

### سَندن جو اٽپورو هجڻ

''اهو بلڪل ورلي ٿيندو هو، جو ڪا سَند پنهنجي طور مڪمل هجي. اُن سَند ۾ پهرين جاري ٿيل سَند ۽ منجهس وري ٻين سَندن جو حوالو ڏنل هوندو هو. حقيتدار کي جاري ٿيندڙ سَند ۾ عام طور ائين ڄاڻايل هوندو هو: فلاڻو ۽ فلاڻو آيا ۽ هنن ٻُڌايو تہ اُهي ۽ سندن سنگت، وغيره وٽ سَند وسيلي فلاڻي ۽ فلاڻي جاءِ تي جاگير هئي، ۽ ان جي منظوريءَ جي تاريخ ۽ سال فلاڻو هو، ۽ اِهو تہ ڪجهہ ڳالهين سبب اُهي انهن جاگيرن کان محروم ٿي ويا آهن، يا اُن تان هٿ ڪڍڻ چاهين ٿا. تنهنڪري توهان کي اڳوڻي جاگيرن جي سَند (جنهن ۾ ڄاڻايل فرضن جي ذميوارين بابت پانئجي ٿو، تہ اُها اتڪل اڪثر ڪاملَ هوندي هئي) جو جائزو وٺڻو آهي، ۽ ڪين فلاڻي ايراضيءَ جي زمين، فلاڻي هنڌ ان بدران ڏني وڃي ۽ اُن سان رد ٿيندڙ اڳوڻي سَند حقيتدار کي ساڳين شرطن تي منظور ڪري ڏني وڃي.'' اِهي دستاويز گهڻو ڪري ڪاردارن ڏانهن لکيل هوندا هئا.

### اڳوڻين سَندن جي جائزي ۾ ذڪيائي ۽ اهميت

''سمورين اڳوڻين سَندن جو، ممڪن حد تائين اهو جائزو وٺڻ اهم مامرو بڻجي

وڃن. ڪليڪٽر وٽ ٽالپر اميرن جو آڳاٽو دفتر نہ هو، ۽ نہ ئي وٽس انهن سَندن ڪي پيٽائڻ لاءِ ڪو نقل موجود هو." ساڳئي سبب ڪليڪٽر وٽ ڪيس پيش ٿيندڙ سَندن منجهان پيداوارن جي حصن جي پڪ ڪرڻ جو ڪو ذريعو بہ نہ هو، جو انهن سَندن جو گهڻو ڪري اڳوڻين سَندن ڏانهن حوالو ڏنل هوندو هو. (ڏسو ميجر پريڊيءَ جو 12 آڪٽوبر 1850ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪليل خط نمبر 1785).

## شڪارپور ڪليڪٽوريٽ واري طريقي ۾ اختلاف

سلام ڪندڙ اڪثر جاگيردارن جي سمورين سَندن ڪي ترجيح سان گڏ ڪراچي موڪليو ويو، جتان اُهي هزايڪسيلينسي گورنر جي لڳل مُهر ۽ سنڌ حڪومت جي سيڪريٽريءَ طرفان "جائزو ورتل" طور صحيح ڪري واپس موڪليو ويو. اُهي سَندون وري ڪاردارن ڏانهن روانيون ڪيون ويون، جن هيٺ سنڌ جي فتح وقت سندن اصل تحويل ۾ موجود ايراضين جي ٿيل جاچنا ڪانپوءِ، اُهي جاگيرون ڏرين جي تحويل ۾ ڏنيون ويون. ان عمل سميت مُهاڳ يا حدن جو، سدائين پاڙيسري زميندارن جي شاهدين وارين ثابتين سان فيصلو ڪيو ويندو هو، جو موجود مثالن هيٺ اڪثر زميندار "پنهنجي بيان جي درستگيءَ ۽ سندن ذميواريءَ سان، جيڪڏهن اِها ڳالھ غلط ثابت ٿئي، تہ ڪين سزا ڏني وڃي،" جو دستاويز پيش ڪندا هئا. انهيءَ رٿا کي بحال رکيو ويو، ڇوتہ خيرپوري ٽالپر اميرن جو ڪوبہ رڪارڊ ڪليڪٽر جي هٿ نہ چڙهيو هو، پر حيدرآباد جو رڪارڊ ان ضلعي جي ڪليڪٽر وٽ موجود هو. "سمورن مامرن ۾، جڏهن سَندن جو ترجمو ڪيو ويو، تہ غيرقانوني طور واضح واڌارو ڪيل ايراضيءَ جي حقيقتن کي ڌيان ۾ آندو ويو، ۽ اُن ڳالھ کي بہ ذهن ۾ ويهاريو ويو، تہ ڇا ان جاگير مان مختلف صورتحالن هيٺ فوجي، شهري يا مذهبي هجڻ جو نتيجو يا مطلب نڪتو پئي."

ڪئپٽن اسٽئڪ جون مٿي ڄاڻايل تجويزون "اُتر سنڌ لاءِ بلڪل عمل جوڳيون" هيون. هن ڪليڪٽوريٽ ۾ حوالي جي دستاويزن جي غيرموجودگيءَ سبب تحقيق ۽ جاچنا ۾ رنڊڪ پئي ٿي. تنهنڪري مٿي ڄاڻايل سَندن جهڙي ڪابہ آخري سَند منظور ڪري نہ ڏني وئي. (ڏسو ميجر فيرنگٽن جو 20 فيبروري 1850ع تي ڪمشنر ڏانهن لکيل دستاويز نمبر 109)

## ٻيهر منظور ٿيل جاگيرن جي عرصي وارو سوال

سرچارلس نيپيئر جو سلام پيش ڪندڙ حقيتدارن جي تحويل ۾ موجود جاگيرن ۾

مداخلت جو ڪوبہ ارادو نہ هو. پر اُهو سنجيده مامرو بڻجي ويو، تہ کهڙين جاگيرن جي موروثي طور منظوري ڏيڻ گهرجي ۽ کهڙين جاگيرن کي حياتيءَ لاءِ ڏيڻ گهرجي، ۽ اُهي کهڙا شرط هجن، جن هيٺ سنڌ جي فتح وقت موجود جاگيردارن جي وارثن کي موروثي جاگيرون ٻيهر منظور ڪري ڏنيون وڃن.

7 جون 1844ع تي سنڌ حڪومت جي سيڪريٽريءَ نيٽ، ٽن ڪليڪٽرن ڏانهن هيٺيون پڌرنامو جاري ڪيو:

"هزايڪسيلينسي گورنر جي هدايت تي، آءٌ توهان کي ڄاڻ ڏيڻ ۾ پنهنجي عزت ڀانيان ٿو، تہ گورنر هزايڪسيلينسي انهن جاگيردارن جي وارثن کي جاگيرون بحال ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي، جن سرڪار وٽ آڻ مڃي آهي، ۽ بهرحال سنڌ ۾ وڏڙن جي هرهڪ جاگير تان ٿورڙي ڍل ورتي ويندي. گورنر هزايڪسيلنسي اُها ڍل ممڪن حد تائين، اڳوڻن اميرن طرفان جاگيردارن کان فوجي امداد طور وٺجندڙ خرچ پٽاندر، مقرر ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو. جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيردارن کان گهربل اهڙي امداد جي وسعت بابت ڄاڻ وٺڻ ۾ لاچار رهو ٿا، تہ پوءِ جاگيرَ جي پيداوار پٽاندر ڍل مقرر ڪرڻ ضروري ٿيندو. انهيءَ آخري صورتحال ۾ توهان کان رايا گهرائجن ٿا، تہ اهڙي ڍل جو مُلهہ ڪيترو هئڻ گهرجي، جنهن بابت گورنر جي خواهش آهي، تہ اُهو ايڏو ڳرو بہ نہ هجي."

حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪيپٽن رٿبورن 10 جون 1844ع تي موٽ ۾ جواب ڏنو، تہ جاگيردارن کان ورتي ويندڙ فوجي امداد جي مُلهہ جي پڪ ڪرڻ اتڪل ناممڪن هو، ۽ هُن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو، تہ ڍل، جاگير جي نوعيت پٽاندر مختلف مقرر ٿيڻ گهرجي. هن ان ڳالهہ کي سامهون رکيو، تہ حڪومت يا جاگيردار جي هڪ ڀاڱي اٺ حصي (ڪُل پيداوار جو هڪ ڀاڱي چوويهون حصي جي تناسب تي مساوي) تان وڏڙن کان جاري جاگيرن ۽ آڪهہ ۾ ڪافي سالن جي عرصي لاءِ قرار ڏنل جاگيرن تان وٺڻ گهرجي، ۽ اِهو تہ محصول، سُنگ، نَٽُ، پَٽڻ وغيره وٺڻ جي سمورن ڏارحقن تان، اهڙين جاگيرن جي وارثن کي هٿ ڪٽڻ گهرجي. هن پنهنجي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو: "پر سنڌ ۾ پهريون ڀيرو جڏهن انگريز آيا هئا، تنهن دؤر ۾ ٽالپر اميرن طرفان رکيل پنهنجي وڏي فوج تي فضول خرچيءَ طور وڏي انگ سان بلوچن کي وظيفي جي جاءِ تي ڏنل جاگيرن بابت آءٌ ڀانيان ٿو، تہ انصاف جي هرهڪ اصول موجب شايد هنن سان ان نوعيت جو سلوڪ ڪيو وڃي، جيئن ختم ڪيل فوجن کي وظيفو ڏيندي ساڻس ڪيو ويو هو. جيڪڏهن هاڻوڪن حقيتدارن جي حياتيءَ کان پوءِ، بہ اهو

سلسلو جاري رکيو ويجي، ته پوءِ وارثن کي جاگير ٻيهر منظور ڪري ڏيڻ تي اُن جو اڌ گهٽايو ويجي، ۽ پوءِ اُن حق کي ختم ڪيو ويجي.“

ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊي 26 جون 1844ع تي پنهنجي موڪليل خط نمبر 360 ۾ ڪئپٽن رٿبورن سان، جاگيردارن طرفان جنگ ۾ ڏيندڙ امدادي رقم جو تُز ڪاٿو لڳائڻ ناممڪن ڳالهه سمجهندي، سُهمت ٿيو ۽ هن اُن حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو، ته ٽالپر اميرن ڪيترين جاگيرون، پنهنجي پروسي وارن نوڪرن کي ڪنهن به فوجي امداد جي اُميد ڪانسواءِ، ڏنيون هيون. هُن جاگيرن جي ايراضيءَ پٽاندر ڍل مقرر ڪرڻ کي به ناممڪن سمجهيو، ڇوته اُهي جاگيرون اڪثر زمين جي معيار ۾ غيرآباد ٽوڙي پوکيءَ هيٺ آيل ايراضيءَ تي آڌاريندڙ هيون. هن پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو: ”جاگيردار، زمين جي حقيقي پيداوارَ جي سرڪاري حصو جزوي طور وٺن ٿا، جيتوڻيڪ حقيقت ۾ منجهانئن ڪيترن جاگيرداري کي تمام گهٽ حصو ملي ٿو، جو رعيتَ (هاري) ساڻن سخت ڏي- وٺ ڪري ٿي ۽ اُهي زمين کي پوکڻ کان انڪار ڪن ٿا، جيستائين کين پوکڻ لاءِ اُها زمين، حڪومت کان ملندڙ زمين جي ڀيٽ ۾، آسان شرطن تي نٿي ڏني وڃي. تنهنڪري، آءٌ ڀانيان ٿو، ته مناسب ڍل مقرر ڪرڻ جو اڪيلو طريقو، جاگيردارَ جي موت جي اڳين ٻن يا ٽن سالن کان پيداواري ملهه، ۽ زمين پوکيندڙ زميندار ۽ رعيت کان ڪيس ملندڙ واضح منافعي جي مُلهه جي پڪ ڪرڻ ٿيندو. اُن ڳالهه جي پڪ، ڪليڪٽر يا سندس ڊپٽين طرفان موقعي تي ڪيل جاچنا سان ٿي سگهي ٿي. واضح منافعي جي مُلهه مان سرڪاري ڍل طور هڪ ڀاڱي پنج حصو وٺي سگهجي ٿو. ۽ جن وارثن کي غيرآباد زمين پوکڻ تي همٿائڻ طور جاگيرَ بحال ڪئي وئي هئي، تن سان مڙهيل ڍل جو مُلهه، سندن حياتيءَ دوران نه وڌائڻ جو واعدو ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڏنو ويجي، ته تمام ٿورڙا جاگيردار پنهنجي جاگيرن تي رهن ٿا ۽ آءٌ ڀانيان ٿو، ته اِها ڳالهه نه رڳو ملڪ لاءِ عام طور، پر جاگيردارن لاءِ به ڏاڍي فائديمند ٿيندي، ڇوته جڏهن ڪا جاگير بحال ڪئي ويجي ٿي، ته جاگيردارَ کي اُن ڳالهه جو پابند ڪندي ڪا شق داخل ڪئي ويندي هئي، ته هو ذاتي طور اُتي رهندو يا وري جاگير جي پاڻ نگراني ڪندو، يا وري پنهنجن ڀائرن يا پُٽن مان ڪنهن کي ان جو انتظام سنڀالڻ لاءِ مقرر ڪندو.“

هوڏانهن ان ڏس ۾ شڪارپور جي ڪليڪٽر جو جواب رڪارڊ مان نه ملي سگهيو آهي.

ڪليڪٽرن جي موڪليل جوابن ملڻ کانپوءِ، سر چارلس نيپيئر 30 جون 1844ع تي هڪڙو ٻيو پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن ۾ اُهو سوال پُڇيو ويو هو، ته، ڇا جاگيردارن

جا وارث "ڏيندڙ ڌر جي جاءِ تي، پنهنجي جاگيرن جا اهڙا حصا، حڪومت کي منتقل ڪرڻ کي اوليت نه ڏيندا. يا ائين چئجي ته پيداوار جو هڪ ٻاگي پنج حصو يا اهڙو ڪو حصو، جو مناسب ڌر جيان ان بابت فيصلو ڪري سگهجي. جاگير جي بچيل ايراضي وٽن ئي رهندي يا سندس وارثن وٽ ڌر بنا يا معافي طور يا سڄي حياتيءَ لاءِ رهندي، يا ائين چئجي، ته پنجاهه ورهين لاءِ وٽن ئي رهندي."

ڪيپٽن رٿبورن 3 جولاءِ 1844ع تي پنهنجي خط نمبر 505 ۾ هيٺين ريت جواب موڪليو:

"منهنجو هيءَ رايو آهي، ته جاگيردار شايد پنهنجي زمينن جي ڪنهن به حصي تان هٿ ڪڍندي، حڪومت کي ڪا ڌر ڏيڻ جو واعدو ڪرڻ کي اوليت ڏين. پر ساڳئي وقت مونکي ڪوبه شڪ نه آهي، ته مامرن جي وڏي اڪثريت ۾ جاگيردارن ۽ حڪومت جي پنهنجي حقيقي مفاد ۾ بهتر اهو ٿيندو، ته اُن جي جاءِ تي جاگير جو حصو منتقل ڪرڻ جي جاٽايل رٿا بابت پاڻ ۾ مشورو ڪيو وڃي، جو ڌرن واري سرشتي هيٺ، جاگيردار طرفان پنهنجي ڌر ڏيڻ جي ڏس ۾ لڳاتار ناڪامي ٿيندي رهندي، ۽ حڪومت کي جبري طاقت وارا اُپاءَ، اڪثر اٽڪر طور وٺڻا پوندا."

"بهرحال، جتي به جاگيرون آڳاٽن آڪهين جي ملڪيت آهن (جن منجهان ڪليڪٽوريٽ ۾ شايد ٻارهن ڪان مٿي نه آهن)، آءٌ پانيان ٿو، ته متبادل ايراضيءَ جي چونڊ تحويلدار کي ڏيڻ گهرجي، چوته هتي اهڙا به مامرا آهن، جو پراڻا لاڳاپا زمين سان ڳنڍيل آهن، جن سان اُهي عام اتفاق وسيلي، شفقت سان سلوڪ ڪندا."

شڪارپور جي عارضي ڪليڪٽر 27 سيپٽمبر 1844ع تي پنهنجي خط نمبر 394 ۾ ڄاڻايو، ته وارث پنهنجي جاگيرن جي ڪنهن حصي تان هٿ ڪڍڻ جي پيٽ ۾، پيداوار جو هڪ ڀاڱي پنجون حصو ڏيڻ ڪي اوليت ڏيندا.

هوڏانهن ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جو جواب ريڪارڊ تي موجود نه آهي.

## سَندن ۾ منظور ٿيل جاگيرن جي ايراضيءَ کان وڌيڪ ايراضي

هن اهم سوال کي سُلجهائڻ کان اڳ، هڪڙو ٻيو مامرو اُٿي کڙو ٿيو. ڪليڪٽر ڪراچي، سر چارلس نيپيئر طرفان توثيق ڪيل ڪجهه جاگيرن جي ماپ وارو سوال اُٿاريو. ۽ هن کي معلوم ٿيو، ته ٽالپر اميرن طرفان منظور ڪيل سَند ۾ ڄاڻايل زمين ۽ مياڻيءَ جي جنگ کان اڳ سندن تحويل ۾ موجود ايراضيءَ جي مقدار وچ ۾ وڏو فرق موجود هو. اها ڳالهه هتي ڄاڻائي سگهجي ٿي، ته ڪنهن جاگير جي مُهاڳن جي نبيري ۽ 17 فيبروري 1843ع تي تحويل ۾ موجود ايراضيءَ وارا اُهي مامرا هئا، جن جو عام طور پاڙيسري زميندارن جي شاهديءَ وسيلي فيصلو ڪيو ويندو هو. ڪليڪٽر کي اهڙيءَ هڪ شاهديءَ مان پتو پيو، ته ڪيترن ئي مامرن ۾، اصل تحويل ۾ موجود ايراضي، ٽالپر اميرن طرفان منظور ڪيل مقدار کان ٻيڻي هئي. جنهن جو مثال گنگاڻي آڪهه جي ڪيت جي مڪان واريءَ جاگير هو ۽ هن چيو ته سَند پٽاندر زمين جي ايراضي ڏهه هزار 309 بيگهه هئي، پر ماپ مهل اُها ايراضي وڃي ويهه هزار بيگهه بيٺي. تنهنڪري، هُن اهو سوال ڪيو، ته ڇا ”ٽالپر اميرن طرفان منظور ڪيل جاگير جي مقدار کان واڌو موجود زمين کي سرڪاري تحويل ۾ ونجي يا نه.“

سر چارلس نيپيئر 23 آڪٽوبر 1844ع تي نمبر 3139 ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر کي حُڪم ڏنو، ته سَند هيٺ منظور ڪري ڏنل ايراضيءَ کان واڌو ايراضيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي.

## جاگيرن جي ايراضيءَ کي محدود ڪرڻ

جيئن ته جاگيرَ جاچنا جاري هئي ۽ سَندون مُهر هيٺ لاءِ اڳتي آيون، ته سر چارلس نيپيئر کي اها ڳالهه واضح طور سامهون آئي، ته ٽالپر اميرن، جاگيرن جي صورت ۾ زمينن جي تمام وڏي ايراضي منظور ڪري ڏني هئي. هاڻي انهن زمينن جي ايراضيءَ کي محدود ڪرڻ جو وقت هو، تنهنڪري سوچ ويچار ڪانپوءِ هُن پنهنجي تجويز ڏني، ته ٻيهر جاگير جي سَند جاري ڪرڻ مهل ڪجهه حصو سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي. انهيءَ ڏس ۾ سيڪريٽري 2 نومبر 1844ع تي ٽن ڪليڪٽرن کي حُڪم ڏيندي، هيٺيون پڌرنامو جاري ڪيو:

”مونکي توهان کي ڄاڻ ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، ته هزايڪسيلينسي گورنر فيصلو ڪيو آهي، ته ڪنهن به ڏر کي مستقبل ۾ جاگيرون منظور ڪري ڏيڻ مهل، اهڙين جاگيرن جي منظوريءَ لاءِ وڏي ۾ وڏي ايراضي پنج هزار بيگهه ڪافي ٿيندي. ان کي قاعدو ۽ ضابطو سمجهيو وڃي، تنهنڪري سَند ۾ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي گورنر جي خيال ۾ بهتر ٿيندي.“

جڏهن ته ”جاگيرن جي منظوريءَ“ جي مُنجهيل فهم مان اُٿيل سوال تيِ، ڪيپٽن رٿبورن جي 10 نومبر 1844ع جي خط نمبر 945 هيٺ اُٿاريل سوال تي ڪيس ڄاڻ ڏني وئي، ته جن جاگيردارن سلام پيش ڪيا هئا، تن کي وٽن تحويل ۾ موجود جاگيرن جا ’سلام پروانا يا سَندون‘ اڳيئي ڏنيون ويون هيون. تنهنڪري اهو حُڪم رُڳو ”متبادل منظور تي ملندڙ جاگيردارن جي زمينن“ تي لاڳو ٿيندو.

30 ڊسمبر 1844ع تي ڪيپٽن رٿبورن پڇا ڪئي، ته ڇا سرڪار کي ”سرڪار ڏانهن موٽايل جاگير جي پَڪل يا لاوارو ٿيل اناج جي جائيداد ۾ مالڪيءَ واري حصي کي وٺڻ گهرجي يا نه. سر چارلس نيپيئر پهرين جنوري 1845ع تي جواب ڏنو، ته اهو حصو مرحوم جاگيردار جي وارثن کي ڏئي ڇڏڻ گهرجي. ۽ اهو ته ان کي ”مستقبل لاءِ قاعدو ۽ ضابطو سمجهڻ“ گهرجي.

## سلام پيش ڪندڙ پائيوارن جون جاگيرون

هتي اها ڳالهه ڄاڻائڻ ضروري آهي، ته سر چارلس نيپيئر 7 آڪٽوبر ۽ 3 نومبر 1843ع تي اڳيئي، هڪ عام سَند هيٺ، گهڻن پائيوارن منجهان ڪنهن هڪ پائيوار جاگيردار طرفان سلام پيش ڪرڻ تي جاگيرون ڏئي چڪو هو. تنهنڪري 9 نومبر تي ڪئپٽن رٿبورن ڏانهن لکيل خط ۾، سيڪريٽري وضاحت ڪئي، ته ان طريقي کي اختيار ڪرڻ جو سبب اهو هو، جو اهڙن حقيتدارن بابت فرض ڪيو ويو هو، ته ڪنهن هڪڙي پائيوارَ جي آڌ ميڇڻ، سيني پائيوارن جي آڌ ميڇڻ هو. تنهنڪري ”سلام پيش ڪندڙن جا مائٽ، سلام نه ڪندڙن جي پيٽ ۾، متاثر نه ٿيندا.“

## مرحوم جاگيردارن جي وارثن کي پُڇڻ بنا جاگير نه ڏيڻ

پهرين اپريل 1845ع تي سر چارلس نيپيئر طرفان، جنهن وقت ”نيپيئر“ نالي ٻاڦ واري ٻيڙيءَ تي سفر ۾ هو، سيڪريٽري هيٺيون حُڪمنامو ڪليڪٽر ڏانهن جاري ڪيو: ”هزايڪسيلينسي گورنر جي اِها خواهش آهي، ته جاگيردارن جون زمينون سندن

مرڻ تي، سرڪار کان پهرين اجازت نه ملڻ تائين، سندن وارثن کي منظور ڪري نه ڏنيون وينديون.

هزايڪسيلينسي گورنر اصول ۽ قاعدي پٽاندر فيصلو ڪيو آهي، ته مرحوم جاگيردارن جون زمينون، مستقبل ۾ سندن وارثن کي منظور ڪري ڏيڻ وقت، جاٽايل وارث کي سندن جاگيرن جي پيداوار مان سرڪار جي چوٿين پتي ڏيڻ جي حيثيت سان شرط لاڳو ڪيو ويندو. هن حصي کي 'چوٿ' سڏيو ويندو."

## مياڻي ۽ ڏُبي جي جنگين ۾ مارجي ويلن جا وارث

هوڏانهن 29 اپريل 1845ع تي سيڪريٽريءَ طرفان، ڪيپٽن رٿبورن جي مياڻيءَ ۽ ڏبي واريءَ جنگ ۾ مارجي ويلن جي وارثن يا وري رڳو مرحوم جاگيردارن جي وارثن تي اهو مٿيون قاعدو لاڳو ڪرڻ بابت پُڇيل سوال جي جواب ۾ ڄاڻايو ته، "هزايڪسيلينسي گورنر جي هدايتن کي 17 فيبروري 1843ع کان وٺي ۽ مستقبل لاءِ سيني لاءِ عام قائدو ۽ ضابطو سمجهڻ گهرجي." هُن حُڪم پٽاندر حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ سمورن جاگيردارن جي جاگيرن تي، جيڪي مياڻي يا حيدرآباد (ڏُبي يا ناريجا) جنگ ۾ مارجي چڪا هئا، پيداوار جي چوٿين پتي سرڪار کي ڏيڻ جي ذميواريءَ وارو شرط لاڳو ڪيو ويو.

## چوٿين پتيءَ جي جاگيرن جو نقل

9 مئي تي سر چارلس نيپيئر هدايت ڪئي، ته جڏهن به پيداوار جي چوٿين پتيءَ جي شرط ماتحت واري جاگير ٻيهر منظور ڪئي وڃي، ته ڪا نئين يا تازي سَند توثيق ۽ ثابتيءَ لاءِ نقل ڪاهڻ گهرجي.

## جاگيردارن کي اعزازي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏيڻ

هوڏانهن سر چارلس نيپيئر فيبروري 1845ع ۾ جاگيردارن منجهان چونڊيل، منفرد ۽ اميرن کي اعزازي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏيڻ جي رٿا تي ويچارڻ شروع ڪيو، ۽ ان ڏس ۾ هُن ڪليڪٽرن سان لکپڙهه جو سلسلو به جاري رکيو. پر تنهن وقت گورنر طرفان ڪوهستاني مُهم ۽ پوءِ جنگ جي مُهم ۾ ڦاسجڻ سبب اِها ڳالهه سندس ذهن مان نڪري وئي.

## جاگيردارن منجهه چوٿين پتي وٺڻ تي ناراضگي

جاگيردارن منجهه پيداوار جي چوٿين پتي سرڪار کي ڏيڻ بابت ناراضگي پيدا ٿي ۽ هنن ان کي ختم ڪرڻ لاءِ گذارشون ڪرڻ شروع ڪيون، پر سر چارلس نيپيئر

انهن سردارن جي جاگيرن جي لاباري تيل ۽ پڪل فصلن تان چوٿين پتي گهٽائڻ واريءَ رٿا تان پير پوئتي نه ڪرڻ بابت فيصلو ڪري چڪو هو. تنهنڪري 27 مئي 1845ع تي سيڪريٽريءَ جواب ڏنو ته. ”هزايڪسيلينسي گورنر مرحوم جاگيردارن جي وارثن طرفان حڪومت کي ملندڙ پيداوار جي چوٿين پتيءَ بابت لاڳو قائدن ۽ ضابطن ۾ ڪابه ڦيرڦار ڪرڻ ۽ هٿ ڪڍڻ کان لاچار آهي.“

## جاگيردارن جي ويجهن مائٽن کي جاگيرون ڏيڻ وارو سُوال

سر چارلس نيپيئر جي اختيار ڪيل رٿا مان اها اُميد ڪئي پئي وئي، ته هو جاگيرون ويجهن عزيزن کي وراثت ۾ ڏيڻ جي حمايت نه ڪندو. انهيءَ ڏس ۾ 9 جون 1845ع تي ڪليڪٽر شڪارپور ڪيپٽن گولڊني، برهان علي نالي شخص جي پُٽاڻو اولاد وارث بنا موت جي چاڻ ڏني ۽ هن جي جاگير سندس پائيتيي کي پيهر منظور ڪري ڏيڻ لاءِ هڪڙي سَند منظوريءَ لاءِ پيش ڪئي. پر اُن سَند کي 17 جون 1845ع تي هڪڙي خط سان گڏ توثيق بنا واپس موڪليو ويو، جنهن ۾ سيڪريٽريءَ کي چوڻ لاءِ هدايت ڏنل هئي ته. ”قاعدن ۽ ضابطن پٽاندر ڪا جاگير پائيتيي جهڙي ڪنهن ايڏي پري جي مائٽ کي نٿي ڏئي سگهجي.“ جڏهن ته سر چارلس نيپيئر ساڳئي ڏينهن، ڪيپٽن گولڊني سميت سمورن ڪليڪٽرن ڏانهن هڪڙو پڌرنامو خط موڪليو: ”اهو معلوم نٿو ٿئي، ته اڳوڻن ٽالپر حڪمرانن جي دؤر ۾، مرحوم جاگيردارن جي جاگيرن کي، پٽ هوندي به، سندن وارثن جي نوازش ۾، منظوري ڏيڻ جي ڪا رسم هوندي هئي. پر اُها پڪ آهي، ته اها رسم نه هئي، جو اهڙا وارث وڏيڪ پري جا مائٽ هوندا هئا.“

## پائيوارَ جاگيردارن جي وارثن کان چوٿين پتي وٺڻ

ڪئپٽن رٿبورن 4 جولاءِ 1845ع تي پُڇيو، ته ڇا ڪنهن عام سَند هيٺ، پائيوارن جي وارثن کان پيداوار جي چوٿين پتي وٺڻ گهرجي يا نه؟ انهيءَ ڏس ۾ سر چارلس نيپيئر 17 جولاءِ 1845ع تي هڪڙو حُڪمي اعلان ڪڍيو، جيڪو سمورن تنهي ڪليڪٽرن ڏانهن اماڻيو ويو. ”جاگيردارن جي موت جا سمورا مامرا، سرڪار جي چاڻ ۾ آندا وڃن، ۽ جڏهن هنن جا ڪي وارث نه هجن، ته سندن جاگيرون سرڪار جي تحويل ۾ هليون وينديون.“

”جيڪڏهن ڪنهن عام سَند هيٺ هڪ يا هڪ کان گهڻا جاگيردارَ، ڪنهن هڪ جاگير جا تحويلدار هوندي، پنهنجي پويان وارث ڇڏيندي گذاري وڃن، ته پوءِ

جيڪڏهن هزايڪسيلينسي گورنر، مرحوم جاگيردارن جي حصي کي بحال ڪرڻ جو فيصلو ڪري، ته اها جاگير، سرڪار کي پيدائش جي چوٿين پتي ڏيڻ جي شرطن سان وارثن کي ڏني ويندي.“

## نيپيئر جي اڳين حُڪمن جو جائزو

اهڙيءَ ريت انهن انيڪ قائدن ۽ ضابطن هيٺ، جن سيني جاگيردارن جا پيءُ والدين مياڻي يا ڏبي ۾ وڙهندي نه ماريا ويا هئا، ۽ جن سلام پيش ڪيا هئا، تن کي سندن تحويل ۾ آيل جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون. هنن جي پُٽاڻي مرد وارثن ۽ مياڻي يا ڏبي جي جنگ ۾ مارجي ويلن جي وارثن کي جاگيرون برقرار رکڻ ضروري نه سمجهيو ويو. هنن جي ويجهن مائٽ وارثن جو ته سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. سر چارلس نيپيئر کي هرهڪ تحويلدار يا جاگير ۾ ڀائيوار جي موت جي چاڻ ڏني ويندي هئي، ۽ اُها هن جي خواهش ۽ مرضي تي آڌاريل هوندي هئي، ته هو ڪين جاگير ٻيهر منظور ڪري ڏئي ٿو يا نه. پر قاعدي ضابطي پٽاندر هرهڪ ٻيهر منظور ڪيل جاگير جي اجازت، پيدائش جي چوٿين پتي ڏيڻ جي شرط هيٺ ڏني وئي هئي. هرهڪ سلام سَند رکندڙ تحويلدار کي سڄي جاگير جي بحاليءَ جو حقدار ڪوٺيو ويو هو، پوءِ ڀلي اها هن وٽ اڪيلي يا وري ٻين سان گڏ عام سَند هيٺ سندس تحويل ۾ هجي، پر شرط اهو هو:

(1) ته اُها جاگير 17 فيبروري 1843ع تي سندس تحويل ۾ هئي؛

(2) ته اُن جي هاڻوڪي ايراضي، سَند پٽاندر لکيل تاريخ تي تحويل ۾ موجود ايراضيءَ کان وڌيڪ نه هئي؛ ته واقعي سَند ۾ ايراضي واضح ڪيل هئي يا زباني گواهي پٽاندر هئي، ۽ ڇا سَند ۾ مَڪان يا ديهه ڄاڻايل هئي يا نه؛ ۽

(3) ته سَند جي تصديق، ٽالپر اميرن جي دفتر مان ڪري سگهجي ٿي، يا اُن جي سچائي ۽ تصديق ۾ مطمئن ڪرڻ جوڳي حد تائين قيرقار ڪئي وئي آهي. ٽالپر اميرن جي دفتر ۾ ڪنهن سَند جي داخلا نه هجڻ واريءَ ڳالهه ”ان جي ناڪاره يا قبوليت جوڳي نه هئڻ جي ڪا قطعي ثابتي نه آهي، ڇوته اُن ڪم لاءِ مُنشي رکيل هئا، ۽ ڪنهن دير ٿيڻ جو امڪان هوندو هو، تنهنڪري سَندون حقيتدار داخلا رکڻ ڪانسواءِ عام طور نه وٺندا هئا.

ڪيپٽن رٿبورن 25 آگسٽ 1847ع تي پنهنجي خط ۾ اڳتي چيو ته: ”ٽالپر اميرن جي رڪارڊ ۾ سَندن جي داخلا نه هجڻ، ان جو اڻ ڪارائتي هجڻ جي قطعي ثابتي نه هئي، ڇوته ان عملَ لاءِ مُنشي رکيل هوندا هئا. ۽ ڪنهن دير ٿيڻ جو امڪان هوندو هو، پوءِ به حقيتدار لاپرواهيءَ سان انهن سندن جي داخلا رکڻ ڪانسواءِ پاڻ سان کڻي

حُڪم ڪيو ته انهن جاگيرن جي تحويلدارن کي "سنڌن جاگيرن کان محروم ڪيو وڃي، جيستائين اُهي پاڻ کي سچو ثابت نه ڪن." منجهانئن هڪڙو ٻڍو لغاري هو، جنهن پنهنجي بيگناهہ هجڻ طور مسجد حضرت شاهہ ۾ قرآن تي قسم کنيو هو، گڏوگڏ جيئن ته هن جو ماضيءَ ۾ ڪردار بي داغ ۽ مٿس ڪو الزام به نه هو، تنهنڪري ڪيپٽن رٿبورن جي سفارش سان، سر چارلس نيپيئر هن کي ڏنڊ کان آجو ڪرڻ تي راضي ٿيو.

## پائيوار جاگيردار طرفان سلام نه ڪرڻ بابت حُڪم

گورنر جي سيڪريٽري 11 نومبر 1845ع تي ڪليڪٽرن ڏانهن خط نمبر 2930 موڪليو، جنهن ۾ لکيل هو: "هزايڪسيلنسي گورنر، سنڌ ۾ اڳ ۾ لاڳو ڪيل ضابطن ۽ قاعدن ۾ سيني ڏرين جي ڏس ۾، قيرقار آڻڻ جو لاڙو نٿو رکي، ڇوته جن تحويلدارن وٽ عام سَند هيٺ شايد زمين آهي، تنهن جي ڏرمان ڪنهن هڪ طرفان ڪيل سلام کي قبوليندي، سندن حصو بحال ڪيو ويو هو. ۽ جن تحويلدارن جي سَندن جي اڳي ئي توثيق ڪئي وئي آهي، تن کي سندن حصن کان هاڻي محروم نه ڪيو وڃي. ڪنهن جاگيردار کي اُن جي ڪنهن حصي کان رڳو ان ڳالهہ سبب محروم نه ڪيو وڃي، ته هنن پنهنجا سلام پيش نه ڪيا آهن، ڇوته انهن تي ڪو به هڪڙو قائدو ۽ ضابطو لاڳو نٿو ڪري سگهجي ۽ ٻيا اُهي جاگيردارَ جن پنهنجون سَندون توثيق لاءِ موڪلڻ ۾ دير يا سُستي ڪئي آهي. تنهنڪري، گورنر هزايڪسيلينسي ان کي رڳو مناسب سمجهي ٿو، ته اهڙي ڏرين منجهان ڪنهن هڪ جي موت تي (جن پنهنجا سلام پيش نه ڪيا آهن)، جاگير جو سندن حصو سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي.

## وظيفي جي جاءِ تي جاگير وٺندڙ جاگيردار جي موت تي زمين سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ

ساڳئي طريقي سان، ڪنهن دفتر يا عهدن لاءِ معاوضي طور منظور ڪيل جاگيرن جي هاڻوڪن تحويلدارن جي موت تي، اهڙيون جاگيرون يا حصا به سرڪار جي تحويل ۾ هليا ويندا.

## واهن جي سُڌاري لاءِ ادائيگي نه ڪندڙ جاگيردارن کي هٽائڻ

ننڍڙن جاگيردارن جي صورت ۾، جن وٽ سرڪاري زمين جي وچ ۾ ننڍيون جاگيرون موجود آهن، ۽ اُهي واهن ۽ زراعت جي سُڌاري لاءِ پنهنجو مناسب حصو نه ڏيندا، جيتوڻيڪ منجهانئس اُنهن ۽ حڪومت کي هوند هڪجهڙو فائدو ٿيندو،

تنهنڪري هزايڪسيلينسي گورنر انهن کي اهڙين زمين جي جاءِ تي، مُلڪ جي اهڙي حصي ۾، جتي اُهي عوامي ڀلائيءَ جي ڪنهن چڱي ڪم ۾ رڪاوٽ نه وجهن، مساوي ايراضيءَ جي جاگير منظور ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو.

## ننڍڙن جاگيردارن جيان ٽپيدارن سان سلوڪ

اُن خط جا نقلَ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ۽ شڪارپور جيٰ ڪليڪٽر ڏانهن به موڪليا ويا. پر پَٽيدار جاگيرن سان لاڳاپي ۾ هيٺيون واڌو حصو به گڏ موڪليو ويو:

”هزايڪسيلينسي گورنر جي هوند اها خواهش آهي، ته توهان جي ڪليڪٽوريٽ ۾ پَٽيداريءَ جي ڊل ۽ آبيانو، ننڍڙن جاگيرن جيان ساڳين شرطن ۽ رتبي تي رکيو وڃي.“

## پوٽي جي وراثت بابت حُڪم

سيڪريٽري 25 ڊسمبر 1845ع تي هيٺيون جواب موڪليو:

”جاگيرون رڳو انهن ڌرين سان واسطو رکن ٿيون، جن جا نالا سَند ۾ ڄاڻايل آهن.“ پوٽي جي وراثت بابت ڪجھ به نه چيو ويو، تنهنڪري منجهانئس انومان اهو لڳائجي ٿو، ته سر چارلس نيپيئر شايد ان موضوع تي ڪو قائدو ۽ ضابطو جوڙڻ لاءِ تيار نه هو. هن هرهڪ مامري کي، ڪنهن واضح مقرر رٿا جي عام اعلان سان پاڻ کي جوابدار ڪرڻ جي ڀيٽ ۾، سندس معيار موجب سامهون اچڻ پٽاندر سُلجهائڻ کي اوليت ڏني هئي.

## ضعيفيءَ يا صحت جي خرابيءَ سبب سلام پيش نه ڪرڻ بابت حُڪم

هوڏانهن، هڪڙو ٻيو به مامرو هو، جنهن بابت فيصلو ڪرڻ ضروري هو. جاگيرن جي بحاليءَ، تحويلدار جي ضعيفي يا صحت تي آڌاريل هئي. سوال هي هو، ته جيڪڏهن ڪو جاگيردار بارَ، پوڙهو يا اَگهو هو، ته پوءِ ان مامري سان ڇا ڪيو وڃي؟ سر چارلس نيپيئر اُن نقطي بابت، ڪئپٽن رٿبورن جي 24 ڊسمبر 1845ع جي خط نمبر 907 تي، پنهنجي پهرين جنوري 1846ع ۾ خط نمبر 6 ۾ قرار ڏنو، ته اهڙا سمورا مامرا سدائين خاص حوالن ماتحت سُلجهائڻ گهرجن. تنهنڪري گورنر پاڻ ئي، هرهڪ انفرادي شخص جي مامرن جي سمورن تفصيلن موجب، هنن کي جاگير واپس ڪئي وڃي يا نه، فيصلا ڪري سگهي ٿو.

## پيداوار جي چوٿين پتيءَ جي وضاحت

3 جنوري 1846ع تي سر چارلس نيپيئر ”پيداوار جي چوٿين پتي“ جي اکرن

منجهان، عملي طور مختلف مطلب نڪرڻ جو شڪ ڪندي، ڪليڪٽرن ڏانهن لکيل هڪڙي خط ۾ سوال ڪيو، ته ڇا اُن اصطلاح منجهان جاگيردار جي حصي يا سموري پيداوار جي چوٿين پتيءَ جو مطلب سمجهيو ويو هو؟ سمورن ڪليڪٽرن وراڻيءَ ۾ جواب ڏنو، ته هنن منجهانئس جاگيردارن جي پيدائش جي حصي جو مطلب سمجهيو هو، تنهنڪري سر چارلس نيپيئر وضاحت ڪئي ته، ”چوڻ ڪي سموري پيداوار جي چوٿين پتي، نه پر جاگيردارَ جي ڪُل ماڻيل حصي جي چوٿين پتي سمجهڻ گهرجي.“

## جاگيردارن ڪان واڌُو (اَجابون) خدمتون وٺڻ

سِک جنگ ڇڙڻ سان ڳرا مواصلاتي محصول مڙهيا ويا ۽ سر چارلس نيپيئر ۽ سندس ماتحت عملي جي وڌيڪ ڦُڙت ۽ چُست نظرداريءَ وارن ڪمن ۾ واڌارو ٿيو، تنهنڪري اسان هن ڪي 19 جنوري 1846ع تي ضلعي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪي هدايتون ڏيندي ڏسون ٿا ته، ”ڪنهن به چوڪيءَ ڪي مضبوط ڪرڻ جي مدد لاءِ، گهرج وقت پوليس اختيارين ڪي گذارش ڪئي وڃي.“ ڪليڪٽر ڪي گهُرجي، ته هو پنهنجي ڪليڪٽوريٽ جي جاگيردارن ڪي، پنهنجي قابليت ۽ اهليت پٽاندر، سندن رٿيل ماڻهو مهيا ڪرڻ لاءِ گهرائي. هتي هيءَ ڳالهه جاڻائي سگهجي ٿي، ته هو 30 ڊسمبر 1844ع تي ڪليڪٽر سکر ڪي جاگيردارن ڪي گهرائي ”ضروري سهولت لاءِ، گهرج مهل خط ڪڻڻ جي مقصد واسطي گهوڙيسوار ڏيڻ“ جي اجازت ڏئي چڪو هو. پوءِ هن 24 مارچ 1847ع تي نڪتل پڌرنامي هيٺ، واضح طور جاگيردارن ڪي انهن سمورن اجاين ذميوارن ڪان آجو قرار ڏنو هو. جيتوڻيڪ اهو پتو پوي ٿو، ته ضلعي عملدارن ۾ اهڙيون خدمتون وٺڻ جي عادت هئي ۽ اهو عمل پوءِ به جاري رهيو.

## سلام پيش ڪندڙن يا نه ڪندڙن بابت حُڪم

ڪئپٽن رٿبورن جي لکيل خط جي جواب ۾ ”سر چارلس نيپيئر، سلام پيش ڪندڙ يا نه ڪندڙن ڪي، انهن سَندن ڪي بيهر منظوري ڏيڻ جي اجازت ڏني. انهيءَ ڏس ۾ گورنر جي سيڪريٽري 14 جنوري 1846ع تي خط نمبر 142 ۾ لکيو ته: ”مونکي هدايت ڪئي وئي آهي، ته توهان ڪي ٻڌايان، ته توهان اهڙن باغين جي زمينن ڪي بيهر منظوري ڪري سگهو ٿا.“

## جاگيردارن جي پوٽن بابت حُڪم

اهو چيو وڃي ٿو، ته سر چارلس نيپيئر جاگيردارن جي پُٽ وارثن جي نه هئڻ تي، پوٽن ڪي جاگير بيهر منظور ڪري ڏيڻ واري سوال ڪي نه اُڪلايو هو، چوته انومان

ٿيو هو ۽ سر چارلس نيپيئر طرفان سيپٽمبر ۾ ڏل لاڳو ڪرڻ ۽ جاگيردارن طرفان پوکجندڙ ايراضيءَ جي پڪيڙ بابت وضاحت جي ڏس ۾ پڌرنامي جا ٽڪرا هتي ڏجن ٿا:

”مون سنڌ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ۽ هرهڪ حصي جي مکيه مرڪز تي ڪليڪٽر رکيو، جنهن جي ماتحت انگريز عملدارن کي ڊپٽي ڪليڪٽر طور مقرر ڪيو. اُهي سمورا مئجسٽريٽ آهن، پر سزا بابت سندن اختيار محدود ڪيل آهن. ٽالپر اميرن طرفان محصول گڏ ڪرڻ ۽ پلاند ونڻ ۽ سزائون ڏيڻ لاءِ رکيل ملازمن کي مون مُلڪي انتظام ڏئي ڇڏيو: انهن شهزادن اخلاقي ڏوهن جي سزا ڏيڻ ۾ ڪڏهن به مداخلت نه ڪئي هئي؛ هنن جي نظر ۾ اڪيلو ڏوهه سندن حُڪم جي نافرماني هئي، ۽ انهن حُڪمن جا به به مقصد هوندا هئا: يعني ناڻو گڏ ڪرڻ ۽ سندن رنڊي بازي ۽ عياشيءَ لاءِ انتظام ڪرڻ. آخري ڳالهه ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ ڏاڍي ڏکاري هئي. پهرين ڳالهه عام مصيبتن، ڏچن، ناانصافين، ايذاءَ ۽ مجموعي طور ملڪ جي تباهيءَ لاءِ دروازا کوليا هئا. ڪاردارَ ڏاڍايون ڪرڻ ۽ پئسا ڦُرڻ جون مشينون هئا، جيڪي هرهڪ ڳوٺ جا ’چڱا‘ هوندا هئا ۽ محصول اوڳاڙيندا هئا. جڏهن ته امبردار جي ذميواري، ٽالپر اميرن لاءِ گڏ ڪيل اناج کي تحويل ۾ ونڻ هوندي هئي. ڪاردارن ۽ امبردارن منجهه پنهنجي حُڪمن کي عمل ۾ آڻڻ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هوندي هئي؛ ۽ اُهي حُڪم عام طور ڪاردار جي مرضيءَ تي آڌاريل هوندا هئا، جيڪي هو پنهنجي خواهش موجب جاري ڪندو هو. جيڪڏهن اناج جي ڪوٽ ۽ اَگهه وڌيڪ هوندو هو، ته امير، ڪاردارن کي بازار جي اگهه کان مٿي خاص اگهن تي اناج وڪڻڻ جا حُڪم ڏيندا هئا ۽ ڪمايل رقم سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي ويندي هئي. ڪاردار ضلعي ۾ شاهوڪار ماڻهن کي زبردستي گڏ ڪري، ڪين اناج جو اهو حصو ونڻ ۽ ٽالپر اميرن جو لاپو هڪدم ڏيڻ تي مجبور ڪندو هو، شايد ڪين پنهنجي نفعي کان به وڌيڪ ڏيڻو پوندو هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو انڪار ڪندو هو، ته هن کي هڪڙيءَ ٽُوٽيءَ سان ٻَڌي اونڌو ٽنگيو ويندو هو ۽ سندس رانن وچ ۾ هڪڙي گرم ميش يا گز رکيو ويندو هو. ناڻو اِجهو ائين اوڳاڙيو ويندو هو. تنهنڪري ڪاردارن تي الله جي لعنت هجي. جيڪڏهن اُهو عمل ائين نه هجي ها، ته هرهڪ زميندار يا هاري پنهنجو جبري ورتل سامان ڪٽي وڃي ها ۽ مناسب طريقي سان، پنهنجي غريب رعيت يا پورهيتن منجهه هڪجيترو حصي جيان ورهائي ها، جن لاءِ غريب هوندي، گرم لوهي سيخون ۽ ٻيا تشدد جا نمونا هَڪيا هوندا هئا. ڪاردار اهڙين حالتن ۾ نه چاهيندي به پنهنجي ڪا مدد ڪري نه سگهندو هو؛ پر انهيءَ عمل عام طور هن کي پنهنجي فائدي لاءِ پئسا اوڳاڙڻ جو موقعو ڏنو.

”مون نَون مقرر ٿيل مئجسٽريٽن سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ انهن سمورن ڪاردارن ۽ امبردارن کي ذميواري سونپي، ۽ ائين مون سنڌ جي فتح جي حق ۾، اثر وارن ماڻهن جي وڏي گروهه کي پاڻ سان ملائي ورتو. هنن شروع ۾ ته واقعي اسان کي ڦُريو، جو انگريز عملدارن کي جيڪو ادا ڪرڻو هوندو هو، تنهن بابت اُهي اڻڄاڻ هئا. پر هاڻي ڪليڪٽر پنهجي ڪم جي بهتر طريقي سان ڄاڻ رکن ٿا. پر هاڻي هنن پنهنجي سرشتيدار فوجي عادتن ۽ تجربيڪاريءَ سان، سخت محنت ڪندي هڪدم سمورا انتظام پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڇڏيا آهن. تنهنڪري محصول ۽ ڍل جي وصوليءَ ۽ رقم ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ اڃا به واڌارو ٿيڻو آهي. ڪليڪٽرَ ۽ سندن ڊپٽي، حالتن ۽ واقعن جي روزانو ڊائري لکن ٿا. جيڪا مون ڏانهن هر هفتي موڪلي وڃي ٿي ۽ ائين مونکي ڄاڻ ملندي رهي ٿي، ته هرهڪ ضلعي ۾ ڇا وهي واپري پيو. اُهي مون سان حڪومت جي سيڪريٽري، ڪئپٽن برائون معرفت لکپڙهه ڪندا رهن ٿا. جنهن وٽان مونکي اهڙي قابل مدد ملي آهي، جو جيڪڏهن منصفاڻي ڳالهه ڪئي وڃي، ته ان کي سيڪريٽريءَ جي پيٽ ۾ منهنجو ساٿي ۽ دوست چوڻ صحيح ٿيندو.“

مٿين ڳالهين جي ڏس ۾ اهو امڪان آهي، ته اهو خط سر چارلس نيپيئر جو لکيل هو، ڇوته اهو سنڌس ئي هٿ اکرن سان لکيل هو، ۽ اهو 10 سيپٽمبر 1846ع تي تنهي ڪليڪٽرن ڏانهن اُماڻيو ويو هو.

## نيپيئر جو فيصلو ۽ ڪليڪٽرن ڏانهن اُماڻيل پڌرنامو

آءِ ڪئپٽن رٿبورن جي، جاگيردارن کي سندن زمينن کي مناسب طريقي سان نه پوکڻ تي، زميندارن جي بيدخليءَ جا اختيار ڏئي، جاگيردارن کي زميندارن کان وڌيڪ آزاد ڪرڻ بابت ڏنل صلاح کي سامهون رکندي، ان موضوع بابت هن فيصلي تي پهتو آهيان.

پهريون: جڏهن زميندار زرعي سُڌارن ۾ يا حقيقت ۾ ڪنهن بيءَ حالت ۾ زمين تي موڙي سيڙائي آهي، تنهن کي جاگيردار طرفان ڪنس بيدخل ڪرڻ کان اڳ مناسب معاوضو يا اُجورو ڏنو وڃي.

ٻيون: جاگيردارَ وٽ (بيدخليءَ کان اڳ) اُن نتيجي جي ثابتيءَ جا ثبوت هجڻ گهرجن، ته زميندار اڳوڻن ٻن ورهين کان مناسب طريقي سان زمين نه پوکي آهي.

ٽيون: جاگيردار طرفان زميندار کي ڇهن مهينن کانپوءِ لڳاتار تي چتتاءَ ڏيڻ گهرجن، ته جيڪڏهن هو زمين سُٺي طريقي سان نٿو پوکي، ته (جاگيردارَ) لاپرواهه زميندار جي بيدخليءَ لاءِ حڪومت کي درخواست ڏيندو.

چوٿون: جڏهن جاگيردار، زميندار جي بيدخليءَ لاءِ ڪليڪٽر وٽ دانهيندو، ته ڪليڪٽر ڪي ٻارهن زميندارن تي مشتمل پنچائت جوڙڻي پوندي، جنهن لاءِ چار ڄڻا جاگيردار طرفان، چار ڄڻا زميندار طرفان ۽ چار ڄڻا ڪليڪٽر طرفان چونڊيا ويندا، ۽ انهن چونڊيل ماڻهن ڏانهن حُڪم ڪڍڻا پوندا.

هن پنچائت کي بيدخل زميندار سان انصاف جي ڏس ۾ اُڀرندڙ سمورن مسئلن ۽ سوالن سميت هن طرفان زمين تي خرچيل محنت، فائدي، ۽ جاگيردار کي جيڪا رقم يا ٻيو ڪجهه ڏيڻو آهي، تن سوالن کي سُلجهائڻو آهي.

پنچائت جي ڪارروائيءَ جي توثيق ڪليڪٽر ڪندو، ٻنهي ڌرين کي حڪومت جي مکيه عملدارَ وٽ اُن فرض سان درخواست ڪرڻ جو حق هوندو، ته جيڪڏهن پنچائت جي حتمي فيصلي جي توثيق ڪئي وڃي، ته هارايل ڌُر، جاگيردار کان ملندڙ معاوضي جيان، زميندار طرفان دعويٰ ڪيل رقم جو ڏنڊ ڀريندي، ۽ جاگيردار طرفان زمين تي خرچ ڪيل محنت يا ناڻي لاءِ ڪا دعويٰ نه هجڻ گهرجي، تنهنڪري ونجندڙ بابت گورنر، انهن ڌرين جي ڪردار پٽاندر فيصلو ڪندو.

## جاگيردارن کي چوٿين پتي يا ٻه آنڪي ڏيڻ جي مُختياري

سر چارلس نيپيئر 28 سيپٽمبر تي پنهنجي سيڪريٽريءَ کي، جاگيرن جي پيداوار جي چوٿين پتي يا ٻه آنڪي ڏيڻ جي ڏس ۾، تنهي ڪليڪٽرن ڏانهن هيٺين شرطن سان عام پڌرنامو ڪڍڻ جو حڪم ڏنو:

”جيئن ته اهڙن وارثن (مرحوم جاگيردارن جا چوٿين پتي ڏيندڙ وارثن) کي پنهنجي جاگيرن جي سموري پوکيل ايراضيءَ تي في ٻيگهه ٻه آنا ڏيڻ يا پيداوار جي چوٿين پتيءَ تان هٿ کڻڻ جي مُختياري آهي، تنهنڪري هنن تي سموري غيرآباد زمين تي في ٻيگهه ٻه آنا ڏيڻ لازمي آهي.“

## ٻَٽائيءَ جي انتظام ۾ مداخلت نه ڪرڻ

سر چارلس نيپيئر انهيءَ وقت ڏاري فصل جي ”ٻَٽائي“ لاءِ نئين رٿا تجويز ڪرڻ لاءِ، پيداوار جو حڪومتي حصو مقرر ڪندي، قاعدا ۽ ضابطا جاري ڪيا. ڪئپٽن رٿبورن کان انيڪ جاگيردارن پُڇيو ته، ”ڇا حڪومت جو اهو ارادو آهي، ته اُهي سنڌ جي آڳاٽي رواج يا نئين رٿا جي پوئواري ڪندي، پنهنجي زمين تي ٻَٽائي ڪن.“ سر چارلس نيپيئر 21 سيپٽمبر تي جواب ڏنو: ”حڪومت طرفان جاگيردارن جي ٻَٽائيءَ واري انتظامن ۾ مداخلت نه ڪئي ويندي.“

## سنڌ صوبي ۾ امن جو مامرو

جيئن سر چارلس نيپيئر جي فوجي اُپائن ۾ گهٽتائي آئي، ته هو عوامي- شهري مامرن ڏانهن وڌيڪ وقت ڏيڻ لڳو. هو پنهنجي لفظن ۾ چوي ٿو: ”پڇاڙڪي مالياتي سال جي انگ اکرن مان پتو پوي ٿو، ته سنڌ جي شهري حڪومت جي گڏيل- عام ۽ غير محصولي خرچن سميت گهوڙيسوار ۽ پيادن 2400 پوليس تي ايندڙ خرچن جو انگ پندرهن لک هڪ هزار 754 رپيا آهي؛ ان سال جو محصول ايڪيتاليهه لک ٻائيتاليهه هزار 912 رپيا هو، ۽ گڏوگڏ پنجويهه لک رپيا فوجي گهربل خرچ کي چُڪتو ڪرڻ لاءِ، 1843ع ۾ سنڌ جي فتح تي نه، پر سنڌ جي والار کان اڳ ۽ پنجاب جي بگڙيل حالتن وسيلي ڏنا ويا. سڄي صوبي ۾ امن جو راڄ رهيو ۽ 27 جنوري 1847ع تي سنڌ جي فوج کي ”توڙڻ ۽ فوجين جو انگ گهٽائڻ جو حُڪم ڏنو ويو، ته جيئن مستقبل ۾ سرحدي صوبي جي عام فوجي ڇانوڻي جوڙي وڃي.“

## حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرن جي ايراضي

ڪئپٽن رٿبورن 5 مارچ 1847ع تي پنهنجي يادداشت نمبر 157 ۾ ڄاڻايو، ته حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرن جي ايراضي ۽ انگ اکر هيٺين ريت آهن:

ڪُل جاگيرن جي ايراضي پنجتيهه لک ٽيهتر هزار 413 بيگهه آهي. 1843ع کان اڳ ويهن ورهين کان وڌيڪ عرصو اڳ منظور ڪيل جاگيرن جي ايراضي ارڙهن لک ڇهاسي هزار 904 بيگهه، مياڻيءَ جي جنگ جي ويهن ورهين منجهه ٽالپر خاندانن کي منظور ڪيل جاگيرن جي ايراضي ٻه لک سٺهٺ هزار 551 بيگهه آهي. جڏهن ته جنگ جي ويهن ورهين دؤران ٻين جاگيردارن کي ڏنل زمين چوڏهن لک ارڙهن هزار 957 بيگهه آهي. جڏهن ته وظيفي جي بدران سرڪاري تحويل ۾ ويندڙ ايراضي ويهه لک بيگهه، غيرآباد زمين هوندي سرڪاري تحويل ۾ ويندڙ ايراضي نَوَ لک بيگهه، معافي- جاگيرن جي ايراضي چار لک بيگهه ۽ ٻوآنڪيءَ جي شرط هيٺ امڪاني ٻيهر منظور ڪري ڏني ويندڙ زمين جي ايراضي ٻه لک بيگهه آهي.

هوڏانهن ڪئپٽن اسٽئڪ پنهنجي جاگيرن تي جوڙيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو، ته حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرَ طور ڏنل اهڙين زمين جي ايراضي پنجتيهه لک بيگهه هئي. جن عظيم ٽالپر گهراڻن جي تحويل ۾ ”اٽڪل سترهن لک بيگهه“ ايراضي هئي، جنهن منجهان اٽڪل ڏيڍ لک بيگهه ايراضي، مياڻيءَ واريءَ جنگ کان ويهه سال اڳ منظور ڪري ڏني وئي هئي. اٽڪل چار لک بيگهه ايراضي ٻين انهن جاگيردارن جي تحويل ۾ هئي، جيڪي مياڻيءَ جي جنگ کان ويهه سالن کان وڌيڪ

عرصو اڳ جاگيردار رهيا هئا، توڙي اُهي جاگيرون ڪين جاگيرن ۾ قيرقار جي شرط تحت ڏنيون ويون هيون. هنن جون زمينون سُني طريقي سان پوکيون وينديون هيون ۽ ڪئپٽن اسٽئڪ هنن جي سڄي ايراضيءَ منجهان غيرآباد زمينن جو ڪاٿو تي پاڱي چار حصو لڳايو هو، جڏهن ته چئن عظيم ٽالپر آکهين وٽ غيرآباد زمين چار پاڱي پنج حصو هئي. رهيل چوڏهن لک بيگهه جو وڏو حصو وظيفي جي جاءِ تي ڏنل هو. (ڏسو ڪئپٽن اسٽئڪ جو يادداشت نامو، تاريخ 10 مئي 1848ع)

## موروثي جاگيرون ۽ غيرآباد زمين تحويل ۾ وٺڻ جي رٿا

معلوم ٿئي ٿو، ته حيدرآباد ۾ هوندي سر چارلس نيپيئر 22 فيبروري 1847ع تي جاگيرن جي موضوع تي مڪمل طور، خاص ڪري موروثي جاگيرن ۽ غيرآباد زمين کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ بابت جاڻ ماڻڻ لاءِ، تنهي ڪليڪٽرن کان پنهنجا رايا گهُرايا. جن کي سامهون رکندي نيٺ پڌرنامو جاري ٿيو. پڌرنامي کي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ کانپوءِ، تنهي ڪليڪٽرن ڏانهن 7 جون 1847ع تي عام پڌرائيءَ لاءِ موڪليو ويو:

فرسٽ ڪلاس جاگير: مياڻيءَ جي جنگ کان اڳ ويهن ورهين کان ڪنهن وقفي يا رنڊڪ بنا تحويل ۾ موجود جاگيرون، يا تحويل ۾ نه وٺڻ واري قرآني معاهدي هيٺ تحويل ۾ موجود، ۽ هاڻي چڙوچڙ ڪيل فوجن يا توڙيل شهري ڪاتن کي ادا نه ٿيندڙ، پوکيل زمين کي شايد. غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ تي، دائمي جاگير ۾ بدلايو وڃي.

سيڪنڊ ڪلاس جاگير: مياڻيءَ جي جنگ جي ويهن ورهين ۾ منظور ڪري ڏنل سمورين جاگيرن جي پوکيل ايراضيءَ کي، هاڻي چڙوچڙ ڪيل فوجن يا توڙيل شهري ڪاتن کي ادا نه ٿيندڙ، سپاهين ۽ سنگت جي حصن جي تخفيف کانپوءِ، غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ هٿ ڪڻڻ تي، دائمي جاگيرن ۾ بدلايو وڃي. ۽ هاڻوکي تحويلدار جي موت تي، هُن جي پُٽ کي، حڪومت کي چوٿين پتي ڏيڻ جي جاءِ تي في بيگهه ٻه آنا ڍل ڏيڻ گهرجي؛ ۽ هاڻي پنهنجي پيءُ جي جاگيرن جي ٻيهر منظوريءَ لاءِ چوٿين پتي ڏيندڙ جاگيردارن کي ٻه اُن جي جاءِ تي في بيگهه ٻه آنا ڏيڻ گهرجي.

ٿرڊ ڪلاس جاگير: اهڙيون جاگيرون يا جاگيرن جا حصا، جيڪي وظيفي جي جاءِ تي هاڻي چڙوچڙ ڪيل فوجن يا توڙيل شهري ڪاتن کي ملندڙ آهن، يا هاڻي حڪومتي خدمتن لاءِ ڪا ضرورت نه پوندڙ سنگت کي ڏيڻ، پنهي سلام پيش نه ڪندڙ ڏرين جا

سمورا حصا، هاڻوڪي تحويلدارَ جي جاگيردار جي موت تي، سرڪاري تحويل ۾ هليا ويندا، ۽ اُهي هاڻوڪي وقت ۾ ٻيهر جاگير جي منظوري لاءِ لاڳو هدايت جا ماتحت هوندا.

مستقبل ۾ ٻيهر منظور ٿيندڙ جاگيرن ۾ پوڪيل ايراضيءَ کي شامل ڪيو ويو، ۽ غيرآباد زمين جي ٻيهر منظوري نه ڏني ويندي. ٻيهر منظوريءَ جي صورت ۾ في بيگهه تي ٻه آنا ڍل ورتي ويندي. اهو قاعدو سمورن مامرن تي لاڳو ٿيندو.

دائمي جاگير ۾ تبديليءَ جي مُختياري مڪمل طور جاگيردار وٽ هوندي. جيڪڏهن هو شرطن کي مڃڻ تي راضي ٿئي ٿو، ته هو اُها دائمي وٺي سگهي ٿو.

جيڪڏهن هو پنهنجي سموري زمين کي هاڻوڪن شرطن تي پنهنجي تحويل ۾ رکڻ کي اوليت ڏئي ٿو، ته هو ايئن به ڪري سگهي ٿو؛ پر هن جي موت ڪانپوءِ، هاڻي توڙيل شهري ڪاتن، يا ڇڙوڇڙ ڪيل سنگت ۽ فوج لاءِ وظيفي جي جاءِ تي ڏنل غيرآباد زمينون ۽ سموريون جاگيرون، سرڪاري تحويل ۾ هليون وينديون.

جيڪڏهن هُن کي جاگير ٻيهر منظور ڪري ڏني ويندي، ته هو پيداوار جي چوٿين پتي ڏيڻ جو ذميوار رهندو؛ ۽ سموين حالتن ۾، هاڻوڪي وقت ۾ حالت پٽاندر، ٻين جاگيرن جي رُتبي جهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو.

سموريون زمينون، توڙيل شهري دفترن يا انهن چئن ٽالپر آکين جي پاتين جي هاڻوڪي ڇڙوڇڙ ڪيل فوج، جن کي هزايڪسيلينسي گورنر چوٿين پتيءَ جي ڇُوٽ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو، جن ۾ شهداداڻي، شهواڻي، خاناڻي ۽ مانڪاڻي شامل آهن، سي 'ويچاڙي' قبيلي جون شاخون آهن. هنن جي تحويل ۾، مير فتح علي يا اُن کان اڳ کان وٺي 'حرف ۽ گفتگو' بنا موروثي رهندڙ جاگيرون، جيڪي ڪنهن تڪرار ۽ رنڊڪ بنا لڳاتار وٽن هلنديون اچن، اُهي فرسٽ ڪلاس ۾ اچن ٿيون. تنهنڪري سندن عهدي ۽ رُتبي کي سامهون رکندي ۽ جاگيرن جي سَندن جي تاريخ کي نظرانداز ڪندي، ڪين اڳيئي پيداوار جي چوٿين پتيءَ جي ڇُوٽ ڏيڻ جو واعدو ڪيل آهي ۽ هنن کي زميني ايراضي تان هٿ ڪٽڻو پوندو.

پڇاڙڪي ڳالهه هيءَ آهي، ته اُنهن سمورن جاگيردارن کي، جن کي شايد دائمي جاگيرن جون سَندون ڏنيون وڃن، فوجي خدمتن کان آجو ڪيو وڃي ٿو، ۽ اُهي مُلڪي بچاءَ جي ذاتي خدمتن لاءِ، اهڙين خدمتن لاءِ وظيفو وٺندي، ڪنهن عام خدمت جي ماتحت رهندا.

”جن جاگيردارن جي زمينن کي سرڪاري واهن مان پاڻي ڏنو وڃي ٿو، انهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب پاڻيءَ ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو، پر هنن کي هينئر

جيان ساليانو آبيانو ۽ ڪاتيءَ جو سنڌن حصو به ڏيڻو پوندو، ۽ نون واهن مان ڪو فائدو نه وٺندڙ جاگيردارن ڪان واهن جي ڪاتيءَ جو خرچ نه ورتو ويندو.

## پائيوارَ جي موت جي چاڻ نه ڏيڻ تي ڏنڊ ۽ خبروءَ کي انعام ڏيڻ

جاگيرن ۾ ننڍڙن پائيوارن جا مسئلا اچا به ڏکيائي ۽ تڪليف ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو اچن: فوجي خدمتن تي جاگيرن جا تحويلدار پائيوار، سنڌن پائيوار تحويلدار جي موت، يا سلام پيش نه ڪندڙن جي چاڻ لڪائيندا يا پُل ڪندا رهيا آهن. سر چارلس نيپيئر 5 جولاءِ 1847ع تي خط نمبر 1903 ۾ اهو قرار ڏنو، ته جاگيردار، گڏيل پائيوار جي موت واريءَ چاڻ لڪائيندڙ پائيوار- جاگيردار جي سموري جاگير سرڪاري تحويل ۾ ورتي ويندي.

هُن اهو پڻ سوچيو، ته انهيءَ مامري ۾ خبروءَ کي انعام ڏيڻ گهرجي. ڪئپٽن رٿبورن 8 جولاءِ 1847ع تي (نمبر 581) ۾ ڇهن مهينن جي مساوي حد جي سفارش ڪئي ۽ رايو ڏنو ته، "تي سگهي، ته حڪومت لاءِ خبروءَ جو وسيلو بڻجندڙ وسيلي مليل ايراضيءَ جي سيڪڙي پٽاندر انعام مقرر ڪرڻ گهرجي. ۽ اهو به اڳوٽي ٽالپر اميرن ڏانهن رهيل قرضن جي وصوليءَ تي ڏنو ويندڙ انعام جي تاريخ کي سامهون رکندي ڏنو ويندو، ته اهو ٻارهن سيڪڙو هئڻ گهرجي.

جڏهن ته جواب ملڻ ڪانپوءِ، گورنر جي سيڪريٽري ان ڏس ۾ ٻين ڪليڪٽرن سان لکپڙهه ڪئي ۽ 12 جولاءِ 1847ع تي هيٺيون سرڪيولر جاري ڪيو.

"هزايڪسيلينسي گورنر فيصلو ڪيو آهي، ته جيڪڏهن جاگيردار، جاگيرن ۾ پائيوار جي موت، اهڙي موت جي ڇهن مهينن اندر، جي چاڻ ڏيڻ ڪان لنوائيندا، يا اهڙي لنوائڻ يا پُل بابت ڪو مناسب دليل نه رکندي لڪائيندا، ته حڪومت سموري جاگير کي پنهنجي تحويل ۾ وٺندي، ۽ ڪنهن ڌر طرفان اهڙي لنوائڻ يا پُل ٿيڻ جي چاڻ ڏيندڙ کي ٻارهن سيڪڙو ايراضي انعام جاگير طور ڏني ويندي."

## رعيتي زمين ڦبائڻ تي جاگيردار کي سزا

سر چارلس نيپيئر جي سيڪريٽري 27 آگسٽ تي نمبر 2224 حُڪمنامو جاري ڪندي ڪليڪٽرن کي چيو: "هزايڪسيلينسي گورنر حُڪم ڪري ٿو، ته توهان پنهنجي ڪليڪٽوريٽ ۾ اها عام پڌرائي ڪندؤ، ته جيڪڏهن ان پڌرائيءَ ڪانپوءِ اها چاڻ پئي، ته ڪو جاگيردار سرڪاري رعيتي زمين پنهنجي جاگير ۾ شامل ڪندو، ته هن طرفان ائين نڳيءَ سان ڦبايل ايراضيءَ جي ٻيڻ تي سندس جاگير مان ايراضي ضبط ڪئي ويندي.

”هزايڪسيلينسي گورنر اها هلڪي سزا پهرين مثال طور ڏيڻ تي راضي ٿيو آهي، پر جيڪڏهن وري به اُهو ٺڳيءَ وارو عمل جاري رکيو ويو، ۽ اُهو ڪُڏو ڪم جاري رهيو، ته وڌيڪ سخت اُپاءَ ورتا ويندا.

”اهڙي ڪُڏي ڪم جي ڳولڻ ۽ ليڻ ۾ مدد ڪرڻ جي خيال کان، اهڙي ٺڳيءَ جي جاچنا ۾ وسيلو بڻجندڙ ڏرين کي، انعام طور ضبط ڪيل ايراضيءَ جي پهرين سال جي ڍل منجهان ٻارهن سيڪڙو رقم تائين ڏني ويندي.“

## قرض سبب جاگير ضبط نه ڪرڻ

پهرين سيپٽمبر 1847ع تي ڪئپٽن رٿبورن طرفان قرض ۾ جڪڙيل مير جهان خان ٽالپر بابت سوال پُڇيو: ڇا قرض ۾ ڦاٿل جاگيردار جي جاگير کي ضبط ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ قرضي جاگيردار کي ڪهڙي رعايت ڏئي سگهجي ٿي؟ انهن سوالن جي جواب ۾، سر چارلس نيپيئر جي سيڪريٽري 6 سيپٽمبر تي ٿيل فيصلي جو حُڪمنامو جاري ڪندي چيو، ”بلوچ سردارن کي سرڪار طرفان قبوليل جاگيرن کي، انهن سردارن تي رهيل قرضن جي خيال کان، ضبط (قرق) نٿو ڪري سگهجي.“

## جاگيرن جي وراثت

سر چارلس نيپيئر جاگيرن جي وراثت بابت اڳ ۾ قرار ڏنو هو، ته پري يا ويجهڙائيءَ وارن مائٽ وارثن کي جاگيرن جو وارث ٿيڻ جي اجازت نه ڏني وڃي؛ ۽ هن 30 جون 1847ع تي وڌيڪ قرار ڏنو، ته جيستائين ڪنهن جاگيردارَ جو مرد وارث آهي، تيستائين ڪابه موروثي جاگير سرڪاري تحويل ۾ نه ورتي ويندي.“ پر رُڳو پنجن ڏينهن ڪانپوءِ اسان کي ”سنڌ ۾ فوتي جاگيردارن جي جاگيرن جي عورتَ وارثن بابت“ سيڪريٽريءَ طرفان ڪليڪٽرن کان رايا وٺڻ جو پتو پوي ٿو. هن ڪليڪٽرن کي ٻڌايو ته، ”هزايڪسيلينسي گورنر جو اهو خيال آهي، ته اُن نُقطي تي مرد ۽ عورت وارثن جي حقن وچ ۾ ڪو اختلاف جو وجود نه هئڻ گهرجي.“ اُن سوال کي سر چارلس نيپيئر قطعي طور سُلجهائي نه سگهيو، جو هو سيپٽمبر 1847ع جي پڇاڙيءَ ۾ حڪومت تان رٽائر ٿي ويو.

## جاگيرن جي سروي

سر چارلس نيپيئر جي دَور ۾ جاگيرن جي ماپ کي نظرانداز نه ڪيو ويو هو. ٽالپر اميرن جي وقت ۾ جاگيرن جي وڏيءَ ايراضي، خاص ڪري مير نصير خان جي حصي ۾ آيل مُلڪ ۾ واقع حصي جي ماپ ڪئي وئي هئي. ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ ڪئپٽن

حصو ٽيون

# پرنگل جي دؤر ۾ جاگيرن جي تحقيقات

## سنڌ کي بمبئي پريزڊنسيءَ سان ملاڻ

سر چارلس نيپيئر پهرين آڪٽوبر 1847ع تي ڪراچيءَ مان روانو ٿيو ۽ اُن تاريخ تي محترم پرنگل سنڌ جي مُلڪي شهري انتظامن کي پنهنجي هٿ ۾ ورتو.

گورنر جنرل 18 سيپٽمبر 1846ع تي ڪورٽ آف ڊائريڪٽر کي هدايت ڪئي، ته سر چارلس نيپيئر جي رواني ٿيڻ تي سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملايو وڃي ۽ اُتي ڪو ڪمشنر مقرر ڪيو وڃي. نيٺ، اُن سفارش تي عمل ٿيو. بمبئي ۾ اهل سرڪاري عملدارن کي اُن عهدي تي رکڻو پيو، ۽ بمبئي حڪومت پنهنجي چيف سيڪريٽري محترم پرنگل (آڪٽوبر 1847ع کان جنوري 1851ع تائين) کي اُن عهدي تي رکڻ لاءِ چونڊيو.

## جاگيردارن کان سرڪاري انتظامي خرچ وٺڻ

پير مخدوم گنج بخش طرفان موڪليل درخواست تي ڪمشنر پرنگل کي پتو پيو، ته شڪارپور ڊسٽرڪٽ ۾ جاگيردار حڪومت طرفان انهن ضلعن جي انتظام لاءِ رکيل انتظامي عملدارن جي خرچن لاءِ، جتي سندن جاگير موجود هوندي هئي، ڪجهه حصو ڏيڻ لاءِ مجبور هوندا هئا. ڪئپٽن گولڊني 31 آڪٽوبر تي نمبر 1538 يادداشت ۾ اُن رواج جي موجودگيءَ جي تصديق ڪئي ۽ ڄاڻايو، ته جاگيردارن کي فوجي فرضن کان آجو ڪرڻ سببان اِهو هلڪو محصول هو. تنهنڪري محترم پرنگل 3 جنوري 1848ع تي يادداشت نمبر 12 هيٺ لکندي، شڪارپور جي ڪليڪٽر کي اُن رواج کي بند ڪرڻ جو حُڪم ڏنو.

## سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائڻ بابت شڪ

هوڏانهن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائڻ بابت شڪ ٿيڻ لڳا، جن کي دٻايو ويو، تنهنڪري بمبئي ۾ لاڳو قائدن ۽ ضابطن کي سنڌ لاءِ عمل جوڳا نه هئڻ جو اعلان ڪيو ويو.

بمبئي حڪومت 9 سيپٽمبر تي هندستاني سرڪار جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرن

ڪان قانوني ڪاتي ڏانهن موڪليل يادداشت جو هڪڙو نقل 21 جون 1848ع تي خط نمبر 3 سان گڏ ڪمشنر ڏانهن اماڻيو، جنهن ۾ اهو اصول قرار ڏنو ويو هو، ته ڪنهن پريزيڊنسيءَ جي ماتحت بڻجندڙ صوبي کي، حقيقت ۾ رڳو سندس الحاق جي طريقيڪار ۾ فرق هو، ۽ ڪنهن به رسمي اعلان نامي جي ضرورت نه هئي، تنهنڪري سنڌ جو قانوني طور بمبئي پريزيڊنسيءَ سان الحاق ڪيو ويو. ڪورٽ آف ڊائريڪٽرن، هندستان حڪومت طرفان اُٿاريل اُن سوال، ته ڇا بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ لاڳو قائدا ۽ ضابطا، الحاق ڪيل سنڌ صوبي تي لاڳو ڪري سگهجن ٿا يا نه، جو جواب ڏنو هو. هنن جواب ۾ لکيو: "اسان کي پنهنجن راين کي اظهارڻ ۾ ڪابه هٻڪ نه آهي، ته صوبي جا قائدا ۽ ضابطا، تازو هاٿي مِلايل ڪنهن صوبي ۾ عمل جوڳا هجڻ ضروري نه آهن؛ کهڙي عرصي ڪان ۽ ڪيتري سطح تائين اُهي قانون ايئن لاڳو ڪري سگهجن ٿا، اهو حڪومت جي صوابديد تي آهي. تازو هاٿي مِلايل صوبي جي ڏس ۾، اسان جي هدايتن جي مقصد مان ظاهر ٿيندو، ته اسان اُنهن قانونن کي اهڙي مُلڪ ۾، غيرمعقول ۽ اُتاولائي تياريءَ واري نوعيت جي اُپائن ڪانسواءِ، انتظامي سرشتو لاڳو ڪرڻ سمجهون ٿا، جيڪو مُلڪ ڊگهي عرصي ڪان باقائدي آزاد رياست رهندو آيو آهي."

## واهن جي ڪاٽيءَ واري ڪم جي نگرانيءَ لاءِ جاگيردارن ڪان ونجندڙ گهوڙن جي رواج کي ختم ڪرڻ

شڪارپور جي ڪليڪٽر 12 جنوري 1848ع تي، سر چارلس نيپيئر جي 30 جنوري 1846ع واري خط نمبر 215 جو حوالو ڏيندي، هيٺين ريت لکندي ڄاڻايو ته:

"آءٌ واهن جي ڪاٽيءَ واري عرصي دؤران جاگيردارن ڪان گهوڙا مهيا ڪرڻ جي گهُر ڪئي آهي، جيڪي آءٌ اڳي به ڪانئن وٺندو رهيو آهيان، ڇو ته اهڙو عمل، بهتر طريقي ۽ سُني انتظام سميت ايگزيڪيوٽو ڪينال آفيسر جي ماتحت ٿيندڙ مختلف ڪمن ۾ رابطو رکڻ لاءِ ضروري به آهي. هنن ڪان اُهي گهوڙيسوار وٺڻ قانوني خراج آهي ۽ سندن جاگيرن جي اصل سَندن ۾ ڄاڻايل متن کي ڏنو ويندو، ته اُهو عمل مناسب لڳندو." هُن ڪمشنر ڪان پُڇيو، ته اهو سلسلو جاري رکيو وڃي يا نه.

محترم پرنگل 19 جنوري 1848ع تي نمبر 127 ۾ اشارو ڏيندي ڄاڻايو، ته سر چارلس نيپيئر جي حُڪم پٽاندر رڳو اُنَ گهوڙيسوارن کي مقرر ڪرڻو هو، تنهنڪري اُن رواج تان هٿ ڪڍڻ سان ڪا ايڏي ڏکيائي به نه ٿيندي. هن چيو ته، "جيئن ته اهو

عمل نامناسب آهي، جو حقيتدارن کي تنهنجي ڪليڪٽوريٽ ۾ ڪنهن اهڙي مطالبي تي مجبور ڪيو وڃي، جيڪو سڄي صوبي ۾ لاڳو ٿيل نه آهي. تنهنڪري تون پنهنجي خط ۾ جنهن مقصد جي ڳُڻ ڪئي آهي، تنهن لاءِ حُڪم ڏنو وڃي ٿو، ته اُن کي ختم ڪيو وڃي."

## بمبئي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ جو دؤرو

بمبئي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ اپريل 1848ع ۾ سنڌ جو دؤرو ڪيو. 24 اپريل تي هزايڪسيلينسي گورنر سنڌ ۾ جاگير سرشتي بابت ڪجھ خاص ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو. انهن ڳالهين کي بمبئي حڪومت جي 11 آڪٽوبر 1848ع تي جاري ٿيل سرڪاري خط نمبر 4205 ۾ شامل ڪيو ويو. منجهانئن ڪجھ اهم ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون. محترم آر. ڪي. پرنگل ڏانهن موڪليل خط ۾ ڄاڻايو ويو:

"حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن رٿبورن ڪاٿو لڳايو آهي، ته سندس ڪليڪٽوريٽ ۾ پوکيل ايراضيءَ جي اٽڪل چاليھ سيڪڙو ايراضي جاگيرن تي بَدل آهي. سنڌ ۾ عام طور واپرائجندڙ اصطلاح 'جاگير' بابت پتو پوي ٿو، ته اُتي جاگير جون مختلف معنائون رائج آهن. سنڌ ۾ هزارين فوجي سپاهين کي گڏ ڪرڻ جي پابند سردارن، سرڪاري ڪاتن جي عملدارن، وظيفيدار پوئلڳن، گهريلو گذران لاءِ زمين وٺندڙ گهريلو ملازمن ۽ جاگير جي سَند وٺندڙ درٻارين کي، جاگيردار جي نالي طور شامل ڪيو ويندو هو.

"سنڌ جي فتح ڪانپوءِ، ڄاڻايل عرصي اندر سمورن آڻ مڃيندڙن کي، سندن تحويل ۾ موجود جاگيرون توثيق ڪري ڏنيون ويون. ۽ تحويلدارن کي جاگيرن سان لاڳاپيل سمورن خرچن ۽ شرطن کان آجو ڪيو ويو. ۽ نه رڳو سردارن کي خدمت لاءِ هٿياربند سپاهي مُهيا ڪرڻ جي پيٽ ۾ ڪين ڇڙوڇڙ ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي، پر جاگيرن تي بَدل وسيع ايراضيءَ وارن علائقن ۾ ڪين اَمن ۽ ٻين انتظامي مامرن جي به ڇوٽ ڏني وئي، جنهنڪري حڪومت رضاڪاراڻي طور پوليس انتظام، ديواني ۽ فوجداري انصاف جي ذميواري جو بارُ به پنهنجي ڪُلهن تي کڻي ورتو. توهان جي پهرين آڪٽوبر 1847ع تي لکيل رپورٽ نمبر 2408 ۾ ڄاڻايل آهي، ته جاگيرن جي ورچ مهل انهن سمورن جاگيردارن جي ڪابه فهرست نه جوڙي وئي هئي، ۽ 'اُنهن جا نالا تڪڙ ۾' سر چارلس نيپيئر جي مُنشيءَ کان ورتا ويا هئا. جيڪڏهن مُنشيءَ اُهو ڄاڻايو پئي، ته هي شخص فلاڻو هو، ته هن جو نالو فهرست ۾ نه لکندي به، ڪيس يادداشت

”سنڌ جا جاگيردار اُن ڳالھ تي پنھنجي بيعزتي ۽ شرمندگيءَ محسوس ڪن ٿا، تہ ڪين جن اختيارن ۽ طاقت کان محروم ڪيو ويو آھي، سي ھاڻي انھن ھندوئن جي ھٿ ۾ اچي ويا آھن، جيڪي اجا ڪالھ مڪمل طور سنڌن ٻانھا ھئا.

”لارڊشپ ڪائونسل کي اُن ڳالھ تي اُلڪو آھي، تہ مذھبي عالمن، بزرگن ۽ ادارن جي آتت لاءِ مطمئن ۽ عزت جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن، تہ جيئن ڪين ٽالپر حڪومت طرفان ملندڙ وظيفن ۽ رعايتن جي ڦُرجڻ سان ھاڻي منجھن پيدا ٿيل جوش ۽ جذبي ۾ ناپر آٽي سگھجي.

”آءُ توھان کي اِھو ڄاڻائڻ چاھيان ٿو، تہ بمبئي پريزيڊنسيءَ جي قائدن ۽ ضابطن جي عام اصلن کي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش مھل احتياط کان ڪم ورتو وڃي، ۽ انھن کي ايئن لاڳو ڪيو وڃي، جو نبيرن وارن مامرن ۾ تاخير نہ ٿئي، ۽ اُھي مقامي حالتن سان تضاد ۾ نہ ھجن. پڇاڙيءَ ۾ آءُ ٻڌائڻ چاھيندس، تہ ڪائونسل ۾ معزز گورنر، ڪمشنرن کي ڪا تحقيقات ملتوي ڪرڻ جا صوابديدي اختيار ڏيڻ تي راضپو ڏيکاريو آھي.“

## محترم پرنگل جي انتظام جو ڪاٿو

محترم پرنگل جيتوڻيڪ سر چارلس نيپيئر طرفان ڪنيل اپائن ۽ جاگيرن جي ماپ واريءَ رٿا جي ڪاميابيءَ سان لڄ رکي، تنھن ھوندي بہ ھُن جاگيردارن کان ونجندڙ ڪجھ بي قائدي خدمتن کي ختم ڪيو، جن جي ”پورائيءَ لاءِ اُھي مجبور ھوندا ھئا.“ ۽ ھُن جاگيرَ مامرنِ جي آخري نبيري ڏانھن توروڙو ڏيان بہ ڏنو. ھو گھٽو ڪري انتظاميا جي سمورين شاخن جي ڇاڻ ڳڏ ڪرڻ واري ڪم ۾ رُڌل رھيو، جيڪا ڇاڻ پوءِ پارليامينٽ آڏو رکي وئي ۽ اُن کي ”بِلو بُڪ“ ۾ ڇپايو ويو.

# محترم فريئر جو جاگيرَ انتظام

## فريئر جي مقرري ۽ جاگير ڪاتو کولڻ جي سفارش

محترم فريئر (جنوري 1851ع کان آڪٽوبر 1859ع تائين)، محترم پرنگل جي جاءِ تي سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو. سر چارلس نيپيئر طرفان توثيق ڪيل جاگيرن جي تحويلدارن جيئن مرڻ شروع ڪيو، ته متاثر ڌرين جي درخواستن ۽ ڪليڪٽرن طرفان موڪليل حوالن جا ڍڳ ٿيڻ لڳا. تنهنڪري حالت اُها وڃي بيٺي جو نيٺ 28 آگسٽ تي ڪمشنر ڌار جاگير ڪاتو جوڙڻ لاءِ سرڪار کي گذارش ڪئي. هن درخواست ۾ چيو ته، ”درجابنديءَ جي ڏس ۾ ڪجھ بہ نہ ڪيو ويو آهي، ۽ جوڙيل عام اصولن جي پابنديءَ تي بہ ٿورڙي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ سر چارلس نيپيئر طرفان جوڙيل جاگير قائدن ۽ ضابطن تي بہ اڃا پُورڙتا سان عمل نہ ڪيو ويو آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته، ”حيدرآباد ۾ ميراثي جاگيرن واري دفتر ۾ پيل دستاويزن ۽ سَندن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ، ترتيبوار رکڻ، نشان لڳائڻ ۽ فهرست ٺاهڻ وغيره لاءِ تجربيڪار اسسٽنٽ جي بہ گھُرج آهي.“

هوڏانهن ڪمشنر وٽ قائدن ۽ ضابطن جي سختيءَ بابت ڪيترين ئي شڪايتن بہ پهتيون، جن مان ڪجھ درخواستون هُن 13 آڪٽوبر 1851ع تي حڪومت ڏانهن اُن ثابتيءَ لاءِ موڪليون، تہ ڪيئن ان سموري جاگيرَ مامرن کي تڪڙو اُڪلايو وڃي.

## مير علي مراد خلاف فيصلو ۽ معافي دعويدارن جا نبيرا

اُن وقت تن اڳوڻن ڪليڪٽرن منجهان بہ ڄڻا رٽائر ٿي ويا، ۽ نَون ڪليڪٽرن کي انهن ڪيترن ئي جاگيرَ مامرن کي اُڪلائڻ ۾ ڏاڍين ڏکيائين کي مُنهن ڏيڻو پئي پيو، جيڪي اڳاتن جاگيردارن جي موت کان پوءِ سامهون آيا هئا. محترم فريئر جي محنت ۽ ڏچن ۾ اُن وقت اڃا بہ واڌارو آيو، جڏهن هزهائينس مير علي مراد خلاف لڳايل الزامن جي جاچ لاءِ 1850ع جي اوائل ۾ مقرر ٿيل ’ڪمشنرن‘ پنهنجي رپورٽ مڪمل ڪئي ۽ (مارڪئس ڊلهوزي فيصلو ڪري چڪو هو، تہ مير علي مراد ڏوهاري

هو)، مير مراد عليءَ کان ساهتي يا ڪنڊيارو ۽ نوشهرو جا پرڳڻا ۽ ٻُڙديڪا، شاهه ٻيلو، چَڪ، سيدآباد، اوباوڙو، ميرپور جا ضلعا ۽ اروڙ، بکر، پميرڪي جي تپن ڪي، 21 جنوري 1852ع تي سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو هو. ۽ محترم فريئر کي نَون علائقن جي انتظامن جي جوڙجڪ ڪرڻ جي ذميواري سونپي وئي.

اهڙيءَ ريت محترم فريئر 28 جنوريءَ تي شڪارپور جي ڪليڪٽر کي، سرڪاري تحويل ۾ ورتل ضلعن ۾ معافي جاگيرن جي دعويدارن کي خاص وقت تي، ڪليڪٽرن کي سهولت هوندي، حاضر ٿيڻ لاءِ هڪڙو عام پڌرنامو جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اُن اعلان ۾ چيو هو، ته معافي جاگيرن جي اُنهن دعويدارن کي "پنهنجي دعويٰ جي حق ۾ سمورا دستاويز ثبوت پاڻ سان گڏ آڻڻ گُهرجن." اعلان ۾ چتاءُ ڏنل هو، ته ڪنهن به دعويدار طرفان حاضر نه ٿيڻ جي صورت ۾ سندن جاگيرون ضبط ڪيون وينديون.

## خيرپوري سَندن ۾ ملازميءَ جي معنيٰ

ملازميءَ جي عام معنيٰ نوڪري هئي، پر ڪليڪٽر کي پڪ نه هئي، ته خيرپور واري دفتر ۾ منجهائنئن ڪهڙو مطلب ورتو ويندو هو، ڇو ته هُن جي آڏو مير غلام شاهه ۽ مير فضل عليءَ جا مثال سامهون هئا، جن بابت هُن چيو، ته منجهائنئن سندن حيثيت موجب ملازمت يا نوڪريءَ ڪرڻ جي اُميد نٿي ڪري سگهجي. تنهنڪري هُن جو رايو هو، ته اُهي سَندون هنن کي مير علي مراد "پنهي گهراڻن مان شاديءَ ڪرڻ جي ڪوشش" مهل عطا ڪيون هيون. جڏهن ته شڪارپور جي ڪليڪٽر ڪئنٽن استيوارٽ چيو، ته ملازميءَ مان عام طور "هزهائينس مير علي مراد طرفان منظور ڪيل معافي جاگيرن ۽ جاگير ۾ ملازمت جو مطلب نڪرندو هو." ۽ اِهو ته اها ملازمي- جاگير "فوج تائين محدود نه هوندي هئي، پر سيني ملازمتن لاءِ هوندي هئي، ۽ ڪڏهن گهريلو ملازمن لاءِ به هوندي هئي."

## چئن ٽالپر آڪهين لاءِ حُڪم

محترم فريئر 14 آڪٽوبر تي چئن ٽالپر آڪهين جي جاگيرن لاءِ حُڪم جاري ڪندي چيو، ته انهن کي "مُختيار ادارن طرفان ڪين سَندون منظور ڪري نه ڏيڻ تائين" فرسٽ ڪلاس کان خارج ڪيو وڃي، ۽ اهو ته هاڻي سندن تحويل ۾ موجود جاگيرن جو موروثي سلسلو برقرار رکيو ويندو.

## ڪئپٽن اسٽئڪ جي جاگيرن لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر طور مقرري

1852ع ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ طرفان سير سفر تان موٽڻ کانپوءِ ڪيس سپ ڪاڙ

ڏيڻ جو بُڌندي ئي غائب ٿي ويا هئا. تنهنڪري هُن سفارش ڪئي، ته سنڌ ۾ عام طور 1852ع وارو ائڪٽ XI لاڳو ڪيو وڃي.

هوڏانهن اُن ساڳئي ڏينهن تي بمبئي حڪومت، ڪمشنر ڏانهن خط نمبر 1913 موڪليو، جنهن سان گڏ 1852ع جي ائڪٽ XI هيٺ انعام ڪمشنر جو ڪاتو کولڻ واريءَ رٿا بابت ڪجهه تفصيل به شامل هئا، ۽ اهو چاڻايل هو، ته سندن خيال موجب ان رٿا کي سنڌ ۾ ان فائدي سان لاڳو ڪيو وڃي، ته ڪمشنر يا سندس اسسٽنٽ، انعام ڪمشنر جيان ساڳيا اختيار واپرائي سگهندا.

## حڪومت ڏانهن سنڌ ۾ جاگيرن بابت موڪليل رپورٽ

محترم فريئر 19 مئي تي حڪومت ڏانهن سنڌ ۾ جاگيرن بابت موڪليل رپورٽ ۾ ڄاڻايو:

"سنڌ ۾ جاگيرن جي ورڇ بابت سر چارلس نيپيئر جيڪي قائدا ۽ ضابطا لاڳو ڪيا هئا، تن ۾ وقت پٽاندر بنيادي قيرقار ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي. هن چيو، ته تنهن دؤر ۾ مڙهيل قائدا ۽ ضابطا سڄي سنڌ ۾ ساڳيءَ ريت لاڳو نه ڪيا ويا هئا، پر اُهي سامهون ايندڙ حالتن موجب لاڳو ڪيا ويا هئا. مثال طور- شڪارپور ڪليڪٽوريٽ ۾ في بيگهه تي ٻه آنا ڍل نه مڙهي وئي هئي، پر پيدائش جي چوٿين پتيءَ وارو اصول لاڳو ڪيو ويو هو.

"ساڳئي ضلع ۾ باغن جي تحويلدارن کي، سر چارلس نيپيئر جي رائج اصولن جي اُبتڙ نشانو بنايو ويو هو، جو هنن کي پنهنجي سڄي سال جي پيداوار، ڪنهن نيلامي ڏيندڙ وٽ نيلام طور وڪڻڻي پوندي هئي، تہ جيئن حڪومت، تحويلدار طرفان سلام پيش نه ڪرڻ جي خيال کان ڪانئن گهربل حصو وٺي سگهي.

"مختلف موقعن تي سخت کان سخت قائدا لاڳو ٿيڻ سببان، جاگيردارن ۾ ناراضگي وڌڻ لڳي. حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ اٺتيهه لک بيگهه ايراضي جاگيرن طور ڏني وئي هئي، پر 1853ع ۾ ڪافي زمين سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ سبب زميني ايراضيءَ جو مقدار گهٽجي وڃي اٺاويهه لک بيگهن تائين پهتو آهي."

هن ٻڌايو تہ، "هاڻوڪن لاڳو سخت قائدن ۽ ضابطن ۾ تبديلين لاءِ جاگيردارَ اڪثر درخواستون ڏيندا رهن ٿا. جڏهن ته حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ سميت ڪنهن به ڪليڪٽوريٽ ۾ ڪو به سرشتيوار رجسٽر دفتر موجود نه آهي، تہ جيئن دعويدارن جي مامرن کي مناسب ۽ تڪڙي طريقي سان اُڪلائي سگهجي."

هُن چيو ته، ”سنڌ ۾ جاگيرن جي نوعيت اهڙن نبيرن ۾ غلط طريقي سان نه واپرايل آهي، ڇوته جاگيرن ۾ انفرادي شخصن يعني برادري يا سنگت سميت يا ٻين وغيره کي ڏني ويندي هئي.

## جاگيردارن جي بيواهن جي گُذران بابت حڪومت جا حُڪم

بمبئي حڪومت 18 اپريل تي پنهنجي خط نمبر 1701 ۾ اُن سوال کي اُڪلايو، جيڪو 1853ع ۾ اُٿاريو ويو هو. محترم فريئر 10 آڪٽوبر 1853ع تي حُڪومت جي ڌيان ۾ اها ڳالهه آندي، ته ڪڏهن ڪڏهن جاگيردارن جون بيواهون، جاگيرَ کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ سبب گُذران لاءِ لاچار ۽ پريشان ٿيڻجي وڃن ٿيون. ۽ هن قائدي موجب تجويز ڏني، ته تحويل ۾ ورتل جاگير مان بيواهه کي منظور ٿي ملنڌڙ حصو اڌ کان وڌيڪ نه هجي، ۽ اُهو حصو سندس حياتي تائين ۽ تحويل ۾ ورتل جاگير تي ڏنڊ طور اناج يا روڪ ۾ ڏيڻ جوڳو هجي.

موٽ ۾ حڪومت 2 جنوري 1854ع تي ڪمشنر کان اها رپورٽ گهُرائي، ته ان ڏس ۾ ٽالپر اميرن جي حڪومت ۾ ڪهڙو رواج هوندو هو؟

”اهڙيءَ ريت، 23 جنوري 1854ع تي اسسٽنٽ ڪمشنر محترم ايلس رپورٽ موڪليندي ڄاڻايو، ته ٽالپر اميرن جي ڏينهن ۾، ڪنهن سردار جي پُٽائي اولاد ڪانسواءِ گذاري وڃڻ تي، جاگير مرحوم جي ويجهي عزيز يا مائٽ کي منظور ڪري ڏني ويندي هئي، جيڪو تنهن وقت مرحوم جاگيردار جي خاندان کي گُذاري لاءِ ڪاڌو پيتو ۽ پئسو پنجڙ ڏيڻ جو پابند هوندو هو. جيڪڏهن ڪو ويجهو مائٽ نه هوندو هو، ته پوءِ وتن جاگيرَ جو ڪجهه حصو منظور ڪري ڏيڻ جو رواج هوندو هو، پر گهٽو ڪري مرحوم جاگيردار جي خاندان جي گُذران لاءِ اناج يا روڪ وظيفو ڏنو ويندو هو. ۽ اهو ته ڪنهن نندي جاگيردار جي موت تي ته ورلي ڌيان ڏنو ويندو هو.

حڪومت کي اها رپورٽ 25 جنوري 1854ع تي موڪلي وئي، ۽ 13 مارچ تي قرارداد منظور ڪئي وئي. 18 اپريل تي دستاويز نمبر 1701 ۾ مرحوم فريئر کي اطلاع ڏنو ويو، ته پيهر سَند وٺندڙ مرحوم جاگيردارَ جي بيواهه جي گُذران لاءِ جاگير ۽ اناج يا روڪ رقم جي وظيفي بابت ”هرهڪ مامري جي نوعيت ۽ محترم فريئر طرفان تجويز ڪيل رٿا پٽاندر سياسي ڪاتي طرفان سوچيو ويندو.“

## مُکيه جاگيردارن جو قرض ۾ ڦاسڻ

حيدرآباد جي ڪليڪٽر محترم بيلاسس 16 جنوري 1854ع تي ڄاڻايو ته، ”مکيه

جاگيردارن ۽ سردارن منجهان اڪثر ٽالپر، جيڪي هاڻي حيدرآباد ضلع ۾ رهن ٿا، سي قرضن ۾ ڦاٿل هئا." هن وڌيڪ چيو ته، "انهن طبقن جو اهڙو ڪو به شخص ڳولڻ ناممڪن آهي، جيڪو قرضن ۾ ڦاٿل نه هجي، ۽ اهو مامرو سُلجهڻ بجاءِ اُن ۾ هر سال واڌارو ٿيندو پيو وڃي. ڪيترائي قرض ڏيندڙ پنهنجي دعوائن ۾، قرضدار جاگيردارن جون جاگيرون ضبط ڪرڻ ۽ ڪين ملندڙ وظيفن کي روڪڻ لاءِ گذارشون ڪيون آهن. ڪيترن ئي دعوائن کي پنهي ڌرين جي رضامنديءَ سان پنچائتن ڏانهن موڪليو ويو آهي، ۽ منظور ٿيل ڏوهه ڏنڊ جي "مئجسٽريٽي اختيارين توثيق" ڪئي آهي. قرض ڏيندڙ پنهنجي قرضن جي دعوائن ۾ ڪافي واعدن ۽ وچنن وارا لکيل دستاويز به پيش ڪن ٿا، پر "ٽالپرن جي سردارَ ۽ جاگيردارَ هئڻ" سببان ڪين رعايتون ماڻيندڙ طبقو سمجهي، اُهي دستاويز مٿن لاڳو نه ڪيا ويا. انهيءَ ڏس ۾ منصفاڻو ۽ ڪارائتو طريقو سنڌن جاگيردارن ۾ تخفيف ٿي پئي سگهيو، پر انهن کي اها ڄاڻ هوندي هئي، ته هنن جي حياتيءَ تائين "جاگير ۽ وظيفي کي ختم نٿو ڪري سگهجي." هن وڌيڪ چيو ته، "سنڌ جا بلڪل ٿورڙا سردارَ ۽ جاگيردارَ، زميندار هوندي پنهنجي هارين سان پوريون ذميواريون نڀائين ٿا. پر ڪڏهن ڪڏهن ته اُهي قرض ڏيندڙ کي راضي رکڻ لاءِ هارين کان پنهنجي حصي کان به واڌو مالَ وٺي وڃن ٿا ۽ هارين کي بُکن ۾ پاهه ٿيڻ لاءِ ڇڏيو وڃي ٿو."

محترم فريئر 21 فيبروري 1855ع تي جاگيردارن جي قرضن بابت نوان قائدا ۽ ضابطا جوڙڻ واسطي ڪليڪٽرن کي سنڌن سوچ موجب نوان قائدا ۽ ضابطا پيش ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي، ته جيئن هو انهن جي سفارش مٿي منظوريءَ لاءِ موڪلي. اڳوڻي گورنر ۽ اهڙن مامرن ۾ اسان جي حڪومت طرفان عام طور منظور ڪيل اصولن کي ذهن ۾ رکندي، 8 آڪٽوبر تي محترم فريئر، ڪليڪٽرن جي رهنمائيءَ لاءِ هيٺان قائدا ۽ ضابطا جاري ڪيا:

"(1) ڪا به جاگير، قرض ۾ ڦاٿل هاڻوڪي جاگيردار جي جيئري هئڻ ڪانسواءِ، ڪنهن قرض لاهڻ لاءِ جوابدار نه آهي.

"(2) ڪنهن به جاگير کي ديواني عدالت جي حُڪم ڪانسواءِ ضبط نٿو ڪري سگهجي.

"(3) جڏهن اهڙي عدالت، جاگير ضبط ڪرڻ جو ڪو اهڙو حُڪم جاري ڪري، ته ڪليڪٽر هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٽرسٽي مقرر ڪندو، جيڪي جاگير جي ذميواري سنڀاليندا ۽ اُن جي سموري پيداوار ڪٽڻ ۽ ڪارروائي سنڀاليندا.

"(4) اُن جاگير جي اُپت مان ڪليڪٽر، جاگيردار يا اُن جاگير تي پاڙيندڙ سندس

خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ لاءِ رُتبي، گهر ڀاتين جي تعداد ۽ ڌرين جي ٻين ضروري خرچن کي سامهون رکي، مناسب سمجهندي، گذران لاءِ اناج يا رقم ڏيندو.

"(5) ڏني ويندڙ رقم يا اناج جي ماليت متناسب اُپت جي تي پاڱي پنج حصي کان وڌيڪ نه هوندي.

"(6) ڪليڪٽر مناسب سمجهندي، ترستين جي معاوضي ۽ ٻين انتظامي خرچن لاءِ رقم وٺندو.

"(7) جڏهن ته باقي رهيل اُپت، حُڪم جاري ڪندڙ ناظر يا عدالت جي ڪنهن ٻئي عملدار کي ڏني ويندي، ته جيئن ان کي اهڙي عدالت جي حُڪم موجب ورهايو وڃي."

## ٽرڊ ۾ فورٿ ڪلاس جاگيرن جي وضاحت ۽ ماپ

محترم فريئر 11 ڊسمبر 1855ع تي، ليفٽيننٽ پيلي طرفان 2 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ ٽرڊ ۾ فورٿ ڪلاس جاگيرن جي ماپ ۽ ڊنگن لاءِ روينيو عملدارن جي مدد لاءِ رکيل مقامي اڳوڻن ماپ ڪندڙن (آڳاٽن ضلعي مُنشين) ۽ ٻين موڪليل هدايتن کي منظور ڪيو، جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) ماپ ۾ نيپيريئن طناب (ڏهه نيپيئرين ڳنڊن جي ڊيگهه جي نوڙي يا رسي) واپرايو ويندو.

(2) حدبندين جي نشانن لاءِ، ڪوئلي سان ڀريل ٺڪر ۾ متڪي کي مٽيءَ ۾ پُوريو ويندو ۽ ان جي مٿان مٽيءَ جو دڙو يا ڍڳ ناهيو ويندو. اِها رسم سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج رهي آهي.

(3) جاگيردار کي ذاتي طور يا وڪيل وسيلي ماپ ۽ حدبنديءَ مهل جاگير ۾ پنهنجن لاڳاپيل حصن جي پڪ ڪرڻي آهي، ۽ جاگير جي حدبنديءَ جا نشان جاگيردار کي ناهڻا آهن.

(4) جاگيردار جي ان موقعي تي حاضر ٿيڻ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾ ايراضي ۽ حصا لڳاتار هڪ لڳاتار حد ۾ ڊنگ ڪيا ويندا ۽ حدبنديءَ جي اُپن ڪيل نشانن تي آيل خرچ ۽ محنت جاگيردار جي پيداوار مان تخفيف ڪئي ويندي.

(5) هاٺوڪي جاگيردار کي پنهنجي اَصل جاگيرن جي ڪنهن به ايراضيءَ منجهه موجود پنهنجي حصن جي ايراضيءَ کي چونڊڻ جي اجازت هوندي. پر اُها مٿي ڄاڻايل ڳالهه جيان لڳاتار حدبندي ۽ تناسب جيان هوندي.

(6) جيڪڏهن اصل يا هاٺوڪيءَ جاگيرَ جو ڪو ٽُڪرو ڪنهن هڪ ديهه يا مڪان

۾ ۽ ٻيو ٻئي ڪنهن هنڌ واقع هجي ۽ جيڪڏهن اهڙي جاگير ۾ گهڻا حصا آهن، ته پوءِ حصن جي حدبندي معاهدي يا رول ۾ درج ٿيل حصن موجب ڪئي ويندي.

(7) شورو (لوڻ) ۽ مڪمل طور بنجر ۽ ڏڍن واري ايراضيءَ کي حصن کان ڌار ڪيو ويندو.

(8) جاگيرن جي ماپ ۽ حدبندين جي سلسلي ۾ هرهڪ مقامي ماپ ڪندڙ کي ٻه ساٿي ڪارڪن ڏنا ويا آهن، ۽ اهو ڪم ڪين مئي 1856ع کان اڳ مڪمل ڪرڻو آهي

ڳوٺن جا نقشا نه هئڻ

سنڌ ۾ 1855ع تائين ڳوٺن جا نقشا نهيل نه هئا، ۽ مشڪل سان ڪو اهڙو ڳوٺ هو، جنهن جي مالياتي مقصد لاءِ ڪارائتي هجڻ جي ڪا ٺُڙ رٿابندي ٿيل هئي، يا وري اُن جي پرپاسي ۾ موجود جاگيرن يا ايراضين جي ڪا فهرست به نه جوڙيل هئي. تنهنڪري محترم فريئر طرفان واضح ڪيل هدايتن هيٺ سروي جي مقصدن لاءِ ڪنيل پهريون قدم ديهن (ڳوٺن) جي حدبندي ڪرڻ هو. هن ديهن يا ڳوٺن جي دنگن کي "يورپ ۾ ڪليسائي يا خيراتي علائقن سان بلڪل نهڪجندڙ" ڪوٺيو هو، جو منجهن اُهي حدبنديون يا دنگ واريون ايراضيون، ڪلهوڙن واري وقت کان وٺي اَڻ ڳُڻل زماني تائين شامل هيون، جن کان سنڌ جا ذهين ڪُڙمي آڳاٽي وقت کان واقف هئا. سنڌ ۾ ديهه چيو ويندو هو، پر انڊيا ۾ اُن کي موضع سڏيو ويندو هو. ديهن جي انهن آڳاٽن دنگن کي هيئنر به، "انيڪ جديد ورهاستن، مخالف تالپر اميرن ۽ سندن ڪاردارن طرفان زمين جي سُٺن علائقن ۾ شڪارگاهه وغيره ناهڻ، جاگيردارن طرفان زمينن جي ورهاست ڪرڻ ۽ واهه کوٽائيندڙ جاگيردارن طرفان زمينن جا دنگ ناهڻ، ته ڪهڙيون زمينون فلاڻي واهه سان واسطو رکنديون،" وسيلي سجاڻي سگهجي ٿو. انهن جديد اختياراتي حدبندين يا دنگن، زميني ڍل يا محصول جي خيال کان "مايوسيءَ جي حد تائين پيچيدگيون، غيريقيني ۽ مونجهارا" پيدا ڪيا. ۽ انهن طريقن، قديم ديهن جي دنگن کي، خاص ڪري صدين کان وٺي غيرآباد پيل علائقن ۾ اتڪل ميساري ڇڏيو. تنهنڪري محترم فريئر، ڪليڪٽرن کي هدايتون جاري ڪيون، ته آڳاٽين ديهن کي جديد ديهن تي اوليت ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن آڳاٽين ديهن جو پتو نه پوي ۽ سندن وجود نه هجي، ته پوءِ نيون حدبنديون ڪيون وڃن. هوڏانهن محترم فريئر 4 جنوري 1855ع تي سرڪيولر نمبر 34 ۾ سيٽلمنٽ آفيسرن کي جاگيرن جي ڏس ۾ وڌيڪ هدايتون جاري ڪيون.

## اڳوڻن حڪمرانَ ٽالپرن کي ملندڙ وظيفي جي رقم

اُتر ۽ لاڙ سنڌ جي حُڪمران ٽالپر خاندان جي اڳوڻن اميرن، سنڌن خاندان ۽ ٻين ٽالپرن کي ڪُل ملندڙ وظيفي جي رقم پنج لک ايڪتيهه هزار 406 رپيا هئي، جنهن ۾ اڳوڻن اميرن، سنڌن گهروارن ۽ ٻين ٽالپرن کي ملندڙ روڪ وظيفي جي رقم ٽي لک ايڪهتر هزار 956 رپيا ۽ چئن ٽالپر خاندانن طرفان جاگير رکندڙن کي، جن ۾ پنج پيا جزوي نالا بہ شامل هئا، هڪ لک اوڻهٺ هزار 450 رپيا شامل هئي.

## سردارن جي تعليم

ميجر گولڊسمڊ 1858ع ۾ پنهنجي موڪليل رپورٽ ۾ سردارن جي تعليم بابت ڄاڻ ڏني، جيتوڻيڪ ان موضوع بابت حڪومت جي ڪابہ هدايت ڏنل نہ هئي. هن صلاح ڏني تہ جاگيردارن جي اولادَ جي ذهني سُڌاري لاءِ منجهن تعليم ڏانهن لاڙو ۽ چاهہ پيدا ڪيو وڃي.

## 1857ع جي بغاوت ۾ جاگيردارن جي فرمانبرداري

هن پنهنجي مٿئين رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌيو، تہ 1857ع جي بغاوت واري عرصي ۾ جاگيردارن جو برطانوي حڪومت سان سهڪار واري فرمانبرداري تسلي جوڳي رهي آهي. حقيقت ۾ سردارَ جي حيثيت جي دعويدارن منجهان رُڳو هڪڙو شخص امام بخش جتوئي هو، جنهن برطانوي حڪومت سان ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو هو، ۽ اُن جي موروثي جاگيرن کي بحال ڪرڻ واريءَ دعويٰ کي ڪن سببن هيٺ رد ڪيو ويو. ۽ هُن کي حڪومت جي حُڪم سان جاگيرن کان محروم ڪيو ويو.

# محترم انويريٽي ۽ محترم مينسفيلڊ جي دؤر ۾ (آڪٽوبر 1859ع کان سيپٽمبر 1863ع تائين) نبيرا ۽ رولَ جي تڪميل

## نذرانو وٺڻ جي مخالفت

محترم انويريٽي نذراني بابت محترم گولڊسمڊ سان سهمت ٿيو، ته اهو نه وٺڻ گهرجي، ڇوته "منظور ڪري ڏنل جاگيرن ۾ زمين جي حقيقي غيريقيني معيار کي ڏٺو ويندو، ته اُهي ايراضيون پيداواري اُپت ۾ غيراهم آهن." ۽ ٻيو سبب هيءَ آهي، ته رُڳو فرسٽ ڪلاس جاگيردارن کان نذرانو وٺڻ عام اصول تي بَدل فيصلو نه ٿيندو.

## جاگيردارن جي سَندن جو مَتن

محترم انويريٽيءَ جي دؤر ۾ سردارن، چئن عظيم ٽالپر آڪهين، خيراتدارن، پَٽيدارن ۽ ٻين جاگيردارن جي سَندن ۾ ڪنهن قدر ڦيرڦار آئي، ڪين باضابطا بڻايو ويو. سَندن ۾ تمهيد، جاگيرن جا مقصد، جاگيردارن جي سماجي حيثيت، تحويل ۾ موجود جاگيرن جي توثيق، مستقل جاگيرن جي وصف ۽ ايراضي، پهرين پُٽاٽي تحويلدار وارث کي چائوٿ ڏيڻ يا چوٿين پتي تان هٿ ڪڻڻ، ۽ مستقل ڪٽت ۾ حدبندي ملتوي ڪرڻ جي مُختياري، مقامي قائدن ۽ ضابطن موجب آبيانو ڏيڻ جي ذميواري، ۽ جاگيرَ خدمتن وٺڻ لاءِ، پر متوقع خاص موقعن تي مدد ڪرڻ جا شرط ۽ موضوع شامل هئا. جڏهن ته چئن عظيم ٽالپر آڪهين جي سَندن ۾ مٿين ڳالهين سميت ڪجهه ڦيرڦار پٽاندر هيٺ تحويل م ويندڙ هڪ پاڳي تي پتيءَ جي حد، رستن ۽ اسڪولن لاءِ سيس ۽ غير پيداواري ايراضيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ سميت وفاداري ۽ سُني ڪردار سبب موروثي وارثن لاءِ جاگير برقرار رهڻ جا شرط شامل هئا.

محترم انويريٽيءَ جي دؤر ۾ ٻه سروي اسٽبلشمنٽ ڪم ڪندڙ هئا، جن ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ شامل هئا.

## ٽالپرَ ۽ سردارَ جاگيردارن جي جاگيرن جي سروي جو ڪم

تنهن دؤر ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ ٿيل سروي موجب، حيدرآباد ۾ ڪُل پندرهن لک ستٽيهه هزار 203 بيگهه جي سروي ڪرڻي هئي، جنهن مان پنجيتاليهه هزار 166 بيگهن جي سروي ٿي سگهي هئي، جڏهن ته بقايا رهيل بيگهه ۾ چوڏهن لک ٻيانوي هزار ستٽيهه بيگهه شامل هئا. اهڙيءَ ريت ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ سروي جوڳي ايراضي چار لک چوڏهن هزار 972 بيگهه هئي، جنهن مان هڪ لک اوڻٽيهه هزار 400 بيگهن جي سروي ٿي، ۽ باقي رهيلن ۾ ٻه لک پنجاسي هزار 572 بيگهه هئا.

## جاگيرن جي سهيڙيل ڪم ڪي ڇپرائڻ جي سفارش

محترم انوبريٽي اها پڻ سفارش ڪئي، ته ميجر گولڊسمڊ طرفان تجويز ڪيل سهيڙيل ڪم ڪي ڇپرايو وڃي. هوڏانهن فرسٽ ڪلاس جاگيرن جي حدبنديءَ بابت تجويز جي منظوري ڏني وئي. جڏهن ته ميجر گولڊسمڊ کي 14 ڊسمبر 1860ع تي، محترم اسٽيوارٽ جي جاءِ تي اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.

## گورنر جو دؤرو ۽ سَندون ورهائڻ

هزايڪسيلينسي گورنر فيبروري 1861ع ۾ سنڌ جو دؤرو ڪيو. انهيءَ دؤري دؤران اندر سيڪريٽريءَ ان کي سَندن جو مَتن پيش ڪيو، ۽ محترم شاهه اسٽيوارٽ جي هدايتن موجب سَندن جي اڪرن ۾ ٿورڦار وارو مواد ميجر گولڊسمڊ ڏانهن موڪليو ويو. جنهن عملدار اُن مواد کي مَتن ۾ شامل ڪيو. مستقل جاگيردارن کي ڪجهه سَندون، ڪمشنر طرفان حيدرآباد ۾ 28 مارچ تي ٿيندڙ ڪليل دربار ۾ ڏنيون ويون ۽ ٻيون سَندون ڪمشنر، هرمئجستيءَ جي ”جم ڏڻ تي“ ڪراچيءَ ۾، ۽ ڪليڪٽرن حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ڏنيون. غير مستقل جاگيردارن کي ڪابه سَند نه ڏني وئي.

## جاگير اسسٽنٽ جو عهدو ختم ڪرڻ

ميجر گولڊسمڊ جي 12 ڊسمبر 1860ع تي ترقي ٿيڻ تي ڏار جاگير اسسٽنٽ جو عهدو ختم ڪيو ويو ۽ پهرين مئي کان ٻئي سموري شعبي کي ڪمشنرَ آفيس ۾ ضم ڪيو ويو. جڏهن ته جاگير رڪارڊ جو انتظام اسسٽنٽ ڪمشنر کي سونپيو ويو.

## محترم انوبريٽي جي دؤر جو مختصر جائزو

محترم انوبريٽيءَ جي دؤر جو مختصر جائزو وٺندي ڏسڻ ۾ ايندو، ته هن جي دؤر ۾ جاگيرن جي سروي ۽ رڪارڊ جي درجابندي ڪئي وئي. بمبئي حڪومت طرفان 18

جنوري 1861ع تي فرسٽ ڪلاس جاگيرن جي سروي کي ضروري ڪونه ويو ۽ رائج حدبندين ۾ ڦيرڦار آڻڻ جي منظوري ڏني وئي. رُتبي موجب جاگيردارن جون فهرستون جوڙيون ويون، ۽ نبيري جو فائدو ڏيندي، اڳتي ٿيندڙ جاگيردار طرفان وڪيل جي مقرريءَ کي ضروري نه سمجهيو ويو. جڏهن ته جاگيردارن ۽ ڀيلي ڪاتي وارن وچ ۾ حدبندين تي ٿيل تڪرار کي نبيرڻ جا اختيار ڪليڪٽر کي ڏنا ويا، جنهن کي ڀيلي ڪاتي سان لهه وچڙ ڪري مامري کي سُلجهائڻ جو پابند بڻايو ويو.... آبياني واري مامري کي اُڪلائڻ واري حتمي نبيري جا اختيارَ ڪليڪٽرن کي ڏنا ويا. جڏهن ته سرڪاري واهن تي ٿيندڙ پوکيءَ بابت اُٿندڙ مامرا به ڪليڪٽرن کي سونپيا ويا.... ٽرڊ ۽ فورٿ ڪلاس جاگيردارن جو مرداڻو وارث ۽ فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس جاگيردارن جو پُٽاڻو اولادَ نه هئڻ جي صورت ۾، جاگير جي ايراضيءَ ۾ تخفيف ڪرڻ جا حُڪم جاري ڪيا ويا. جڏهن ته پائيوارن منجهه پيداوار جي ورچ وارا مامرا عدالت کي سونپيا ويا. ته اُها مامرن کي منصفاڻي طور سُلجهائي....

# ٿر ۽ پارڪر ۾ جاگيرون

سنڌ جي فتح ڪانپوءِ، سر چارلس نيپيئر طرفان ٿر ۽ پارڪر جو ضلعي ڪي امرڪوٽ، ڇيلهار ۽ گڏڙو (جيڪو حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ سان ڳنڍيل هو) ڪانسواءِ، ڪَڇ جي پوليٽيڪل ايجنٽ جي ماتحت ڏنو ويو، ۽ اهو ضلعو 1854ع تائين، ڪيس سنڌ سان شامل ڪرڻ تائين، ان ايجنسيءَ هيٺ رهندو آيو. امرڪوٽ ۽ نارا تعلقن ۾ موجود ڪجهه جاگيرن کي ڪئپٽن پيلي سنڌ ۾ ٻين جاگيرن جيان ساڳين اصولن تي درجابندي ڪئي هئي- تنهنڪري هن باب ۾ رڳو اهو ٻڌائڻ ضروري آهي، ته ڪيئن ٿر ۽ پارڪر ۾ موجود جاگيرن جو نبيرو ڪيو ويو هو.

## ٿر ۽ پارڪر جي سردارن جي حيثيت

سوڍيجن راجپوتن پنهنجي اڳواڻ پرماڻ جي اڳواڻيءَ ۾ امرڪوٽ کي سومرن کان 1226ع ۾ تحويل ۾ ورتو هو، ۽ ڪين اُن کان وري ڪلهوڙن (1750ع ۾ محروم ڪيو هو. پتو پوي ٿو، ته ٽالپرن طرفان ٿر ۾ 32-1831ع ۾ ڪامياب ٿيڻ تائين انهن علائقن جو قبضو راجپوتن وٽ رهيو هو، ۽ پارڪر 1834ع تائين سنڌن تحويل ۾ رهيو هو. هنن جا سردار ڍل ۽ اچ وڃ ۽ اينڌڙ ويندڙ مالَ تي مڙهيل سُنگ سميت شهري محصول وٺندا هئا. گوڙ محصول به ڪجهه حصن ۾ ورتو ويندو هو. اُهي ڪجهه حصن ۾ هڪڙو رپيو شادي محصول (ٻنڌياڻ) به وٺندا هئا، جو حقيقت ۾ اُهي خودمختيار هوندا هئا. ٽالپرن طرفان اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ، پارڪر ۽ ويرا واهه جا سردارَ، عام جاگيردارن جي ڀيٽ ۾، نومڙين جي مَلڪ جهڙي حيثيت جا مالڪ هوندا هئا.

## ڪرانجي پارڪر جي راڻي جو وارث ٿيو

پارڪر جو راڻو رتن سنگهه 1832ع ۾ جڳوجيءَ هٿان قتل ٿيو، پر ڪانئس پوءِ جڳوجيءَ نه، پر ٽالپرن جي حُڪم سان راڻو ڪرانجي تخت تي ويٺو. ڪيپٽن ربڪس مطابق ڪرانجي ماريل راڻي جو سئوٽ هو، پر ڪرنل ايونس موجب اُهو رڻ پور جي هڪ غريب پورهيت جو پٽ هو، جنهن کي راڻي جي وِڌواهه پنهنجو پُٽيلو بڻائي

سانڊيو هو، ۽ رتن سنگهه جي رعايتن ۽ عظمت سان، پنهنجي تخت نشينيءَ تي ويهڻ وقت هُن جي چمار رڳو تي ورهيه هئي ۽ هُن کي انگريز سرڪار طرفان ٽالپر حڪمرانن سان لهه وچڙ سببان سُتي ملڪيت ملي هئي.

## سنڌ جي فتح وقت هن جي تحويل ۾ جائيداد

سر چارلس نيپيئر طرفان سنڌ جي فتح وقت، هُن وٽ اميرن جي ڏنل سَند هيٺ رڻ پور ۽ سوراچند ڳوٺ تحويل ۾ هئا ۽ هُو پارڪر جي شهر ۽ اينڊڙ ويندڙ مالَ تان اڌ محصول وٺندو هو.

## ويرا واهه جي سردارن جي حيثيت

ويرا واهه جي سردارن لاڌاجي ولد پُونجاجي، پُونجاجي ولد موهرجي، نارائڻ جي ولد موهورجي، واگجي ۽ جگت سنگهه وٽ شهر جي معافي- محصول تحويل ۾ هجڻ ۽ پنهنجي ضلعي جي مالَ ۽ شهر جي اڌ محصول وٺڻ سان گڏ ضلعي ۾ اينڊڙ سمورن ڳوٺن تان چوٿين پتي ڍل به وٺندا هئا، ۽ مَڪيءَ جي لوڻ واري کاڻ مان به چڱي رقم کين ملندي هئي.

## سر چارلس نيپيئر طرفان جاگيرن ۽ محصولن جي توثيق

سر چارلس نيپيئر 15 آڪٽوبر 1844ع ۽ پهرين مئي 1847ع تي ترتيبوار ويرا واهه جي سردارن کي سندن تحويل ۾ موجود اراضين، ڳوٺن ۽ محصولن کي، سَندن وسيلي توثيق ڪئي. پر سرحدي محصول جي اڌ کي، اينڊڙ ويندڙ مالَ جي اڌ ۾ بَدلايو ويو، جنهن کي پوءِ ختم ڪيو ويو. هُن پارڪر جي راڻي کي، 15 آڪٽوبر 1844ع تي جاري ٿيل هڪ سَند وسيلي موڪليهه ڳوٺ جي ستن سالن تائين معافي- محصول وٺڻ جي اجازت ڏني. ستن سالن جي حد مان پتو پوي ٿو، ته اهو عرصو حڪومت کي مختلف وقتن تي ٿيندڙ حالتن موجب قيرقار ڪرڻ جي سهولت ڏيڻ هو. پر عرصي جي پُڄاڻيءَ تي سنڌ جي ڪمشنر جي هدايت ملڻ کانپوءِ حقيتدارن کي جاڻ ڏني ويندي هئي، ۽ سوچ ويچار کانسواءِ سندن رائج رعايتن ۾ ڪا به هڪدم قيرقار نه ڪئي ويندي هئي.

شهري محصول کي 1848ع ۽ سرحدي محصول کي 1852ع ۾ ختم ڪيو ويو، پر هن نقصان جي پوراءَ لاءِ پارڪر ۽ ويرا واهه جي سردارن کي، ترتيبوار 2158 ۽ 1805 رپيا ساليانو حساب سان معاوضو ڏنو وڃڻ لڳو.

مٿي ڄاڻايل ٽن جاگيردارن کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي سردار موجود هئا، جن کي سر چارلس نيپيئر آڪٽوبر 1844ع ۾ سَندون جاري ڪري ڏنيون هيون. پر سختيءَ سان ڏنو

وجي، تہ منجهائنئن ڪنهن کي بہ جاگير نہ ڇڻي سگهجي. بليارِيءَ ۾ راهمون سردار، نوريڪيءَ ۾ نهڙيو سردار ۽ ڏيپلي جي سوڍڪي ڏوپزن ۾ سوڍن سردارن کي ملندڙ ڏل ۽ محصولن کي ساليانئي وظيفي ۾ بدلايو ويو. ساڳيءَ ريت پيتاپُور جي سردار طرفان شهري ۽ اينڊڙ ويندڙ مالَ تي وٺجندڙ محصولَ کي ساليانو ڏهہ رپيا وظيفي ۾ ڦيرايو ويو. مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جي سوڍن سردارن هرهڪ کي پوکڻ لاءِ چار ۽ سورهن سانٽي (هڪڙي هر مان کيڙي پوکجي سگهڻ تائين) ۽ وسائي پوتا ۽ مويا جي سردار، هرهڪ کي ٻارهن ۽ اوٺيهہ ترڙ (پوکيءَ لاءِ پاڻيءَ جي نَئن سميت هر، پاڇاري ۽ ڏانٽي سميت) معافي- زمين توثيق ڪئي وئي. پر اُهي سانٽي ۽ ترڙ جاگير جي پيٽ ۾ سيريءَ جي نوعيت کان ٿورڙو وڌيڪ ڀلي جاگيرون هيون. تنهنڪري انهن جي ڪڏهن بہ جاگير طور سڃاڻپ نہ ڪئي وئي آهي.

## بغاوت کانپوءِ جاگيرون ضبط ڪرڻ

1859ع جي بغاوت کانپوءِ پارڪر جي راڻي، سندس نائب پرڏان ۽ ويرا واهہ جي سردار جي تنهي جاگيرن سميت سندن ٻين رعايتن کي ضبط ڪيو ويو. اُها بغاوت ٿر ۽ پارڪر ۾ ٿي هئي، جنهن کي پوءِ هڪدم ٿڏو ڪيو ويو. ضلعي ۾ هاڻوڪن جاگيرن جي اهليت کي سمجهڻ لاءِ اُن بغاوت جو گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ ضروري آهي.

## بغاوت جا سبب

اهو 15 اپريل 1859ع جو ڏينهن هو، جو راڻو ڪرانجي پنهنجي ڀاءُ پُوپت سنگهہ ۽ ويراهہ جي سردارن- ٺاڪر لکديرَ ۽ ٻاراڻ، برطانوي حڪومت خلاف اُٿي ڪڙا ٿيا. اُن بغاوت جي مکيہ ڪارڻن ۾ ٿورڙو انتظامي سُڌارن کي لاڳو ڪرڻ وارو مامرو بہ شامل آهي، جن جي جيتوڻيڪ ڪافي عرصو اڳ منظوري ڏني وئي هئي، پر انهن سُڌارن کي ڪئپٽن ريڪس جي انتظامي عهدي دؤران عمل ۾ نہ آندو ويو هو.

ڪئپٽن ريڪس جي ماتحت ڪم ڪندڙ سمورا ڪاردار ننگر برهمڻ هئا، جيڪي سردارن جا ساٿاري هئا. پوليس ڪاردارن جي ضابطي هيٺ هئي، تنهنڪري سردارن جا ساٿي سندن هٿ پڪڙ کان محفوظ هئا. ٻئي‌ءَ جي منڊ مر، ضلعي ۾ ڪُڙمين کان ڪجهہ ابواب وٺڻ کان سردارن کي نہ روڪيو ويندو هو، ۽ اُهي گوچر محصول بہ وٺندا هئا. اهو سڀ ڪجهہ اُن وقت بدليو، جڏهن ٿر ۽ پارڪر ۾ ڪمشنر جي ضابطي ۾ ڏنو ويو ۽ حيدرآباد کان هڪڙو ڪاردار موڪليو ويو. روينيو سروي جو ڪم شروع ٿيو ۽ گوچر محصول بابت تحقيقات ٿيڻ لڳي. گوچر محصول يعني ٺيڪيداري سرشتي کي

## ٽُرڙ ۽ هُرلن جي منظوري

انهن چئن جاگيرن منجهه هڪ فرسٽ ڪلاس هئي ۽ ٻيون فورٿ ڪلاس جون هيون. انهن حقيتدارن ڪُي بغاوت دؤران سنڌن وفاداريءَ واري نيايل ڪردار ۽ مدد سان انيڪ ٽرڙ ۽ هُرلا منظور ڪري ڏنا ويا. ۽ انهيءَ مان اُن عملَ ڪان اڳ بہ ڪيترين ئي معافي- جاگيرن جي موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو. بهرحال، انهن جاگيرن جو تسلسل حقيتدارن جي وارثن واسطي ”سماجي ۽ مقامي حالتن ڪي سامهون رکڻ تي آڌاريل هو.“ تنهنڪري ميجر گولڊسمڊ تجويز ڏني تہ، ”انهن ڪي جاگيرن جي چئن طبقن مان خارج ڪيو وڃي ۽ ساڻن خاص حقيتدارن طور ورتاءُ ڪيو وڃي.“

## رسمي ۽ غير رسمي جاگيرون

اُهي مٿيون ٽي جاگيرون، سر چارلس نيپيئر طرفان اُتر سنڌ سرحدي ضلعي ۾ منظور ٿيل اڪيليون معافي - جاگيرون هيون، جن جو مواد ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن ته قبيلن کي غيررسمي طور ڏنل ٻين سمورن مامرن ۾ اهو واضح ٿيل هو، ته پيداوار تي سرڪاري حصي جي ڍل ۾ ڪجهه عرصي تائين ڇوٽ ڏيڻ جو ارادو هو. پهرين اهو "عرصو هڪ سال مقرر ڪيو ويو." پر 1845ع ۾ اُن ۾ ٽن سالن تائين واڌ ڪئي وئي، ۽ ڪئپٽن گولڊني آڪٽوبر 1847ع ۾ پنهنجي خط ۾ سفارش ڪئي، ته آبادڪارن لاءِ "هاٺوڪن شرطن هيٺ ٻارهن مهينن تائين اهو سلسلو برقرار رکيو وڃي، جنهن ڪانپوءِ هلڪو اناج- ڍل مڙهيو وڃي ۽ واهن جي کاٽي ۾ ورتي ويندڙ مدد تان هوريان هوريان هٿ ڪنيو وڃي، جو نيٺ سرڪاري حصي کي، تنهي سردارن جي جاگيرن تائين محدود ڪيو وڃي."

## ميجر گولڊنيءَ طرفان ڏنل جاگيرون

اهڙيءَ ريت ڏنل سموري زمينن بابت پتو پوي ٿو، ته انهن ۾ جُوار پوکي ويندي هئي، پر ڪئپٽن گولڊني 1847ع جي بهار رُت ۾ سنڌ جي هزايڪسيلينسي گورنر جي منظوريءَ سان، انهن تنهي سردارن مان هرهڪ کي "چوٿين پتي بٽائيءَ تي،" يعني پيداوار جي چوٿين پتي ڍل وٺڻ جي شرط هيٺ، ڪڻڪ پوکڻ لاءِ پنجاهه- پنجاهه بيگهه ايراضي ڏني. بهرحال، اُها ڍل پهرين سال نه ورتي وئي. پوءِ، سردارن کي منظور ڪري ڏنل معافي- جاگيرن کانسواءِ، انٖين پتيءَ جي مُلهه سان بٽائي ۽ سمورين ايراضين تي ستين پتي پيداوار وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اِهي ڍلون واضح طور، جهوني ترڪ علي ۽ سندس پوٽي بيڙي کانسواءِ، جن کي ميجر گولڊني ميرواهه تي پنجهتر بيگهه معافي- جاگير طور منظور ڪري ڏنا هئا. اصل ۾ 1849ع ۾ ورتيون ويون. ۽ هنن جي ڏس ۾ هن 21 مارچ 1849ع ۾ خط نمبر 2161 ۾ سفارش ڪئي ته، "هنن کي مستقبل لاءِ هڪ سؤ بيگهه ايراضيءَ تي بَدل ساليانی جاگير ڏني وڃي."

## محترم پرنگل طرفان جاگيرون هڪ مُدت لاءِ محدود ڪرڻ

اُن سفارش جي جواب ۾ ڪمشنر محترم پرنگل لکيو:

"آءٌ تنهنجي طرفان هلندڙ مُدت لاءِ ترڪ علي ۽ سندس پوٽي بيڙي لاءِ، ڍل ۾ ڏنل ڇوٽ جي اجازت ۾ هٿچراند نه ڪندس، پر مونکي هينئر ان نوازش کي جاري رکڻ ۾ ڪو دليل ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جو سر چارلس نيپيئر اهڙو واعدو نه ڪيو هو، جنهن لاءِ هو

جيڪڏهن اُن کي "حڪمت عملي يا ضروري سمجهي ها، ته پوءِ اها ڳالهه شڪ کان وانجهيل ٿئي ها."

## جکراڻي سردار طرفان معافي جاگير لاءِ درخواست

1851ع ۾ جکراڻي سردار ڪيس وڏيڪ زمين ڏيڻ ۽ واهن مان پاڻي وٺڻ لاءِ درخواست ڪئي، ۽ محترم جيڪب 8 مارچ 1851ع تي ڪمشنر ڏانهن سندس درخواست موڪليندي سفارش ڪئي، ته جکراڻي سردار کي سندس جاگيرون معافي (ڍل کان آجيون) طور تحويل ۾ رکڻ جي اجازت ڏني وڃي.

## ميجر جيڪب جي تجويزن جي تائيد

ڪمشنر محترم فريئر، اُهو خط شڪارپور جي عارضي ڪليڪٽر ڏانهن ڏياري موڪليو، جنهن ميجر جيڪب جي تجويز جي تائيد ڪئي، ۽ هُن چيو ته: "دريا خان جکراڻيءَ کي مراد واهه تي ڇهه سؤ بيگهه، جمال خان ڊومبڪيءَ کي رند واهه تي چار سؤ بيگهه، سليمان خان رمداڻيءَ کي ميرواهه تي چار سؤ بيگهه، ڏگاڻو خان مُندراڻيءَ کي ميرواهه تي چار سؤ بيگهه ۽ ترڪ علي خان جکراڻيءَ کي ميرواهه تي هڪ سؤ بيگهه ايراضيءَ جون جاگيرون عطا ڪيون ويون. تنهنڪري هُن سفارش ڪئي، ته انهن جاگيرن تان وٺجندڙ ڍل ۾ ڪين ڇُوٽ ڏني وڃي."

## محترم فريئر طرفان جمعبنديءَ ۾ ڇُوٽ ۽ معافي جاگيرون

انهيءَ سفارش تي، ڪمشنر محترم فريئر 23 مئي تي خط نمبر 863 ۾ هيٺين ريت جواب ڏنو:

"آءُ تنهنجي خط جي موٽ ۾ توکي ڄاڻ ڏيان ٿو، ته آءُ ترڪ عليءَ کي ڏيڍ سؤ بيگهه واڌو ايراضيءَ جي منظوري ڏيان ٿو، ۽ جيستائين سرڪاري زمينن جو واسطو آهي، ته سفارش ڪيل ڇوٽ جو به توکي اختيار ڏيان ٿو."

محترم فريئر جو 23 مئي 1851ع جي نمبر 863 وارو خط هيٺ ڄاڻايلن لاءِ معافي-جاگيرن جي اصل مختياري مليل هئي:

(1) غلام علي ولد دريا خان جکراڻي، سورهن هزار 111 بيگهه اوڻيهه گهنٽا، سترهن ڪانا؛

(2) جمال خان ڊومبڪي، ٽي هزار 538 بيگهه ٽي ويسوا، نَو ڪانا؛

(3) مبارڪ خان ولد سليمان خان ۽ علي شير ولد ڏگاڻو خان، ٻارهن هزار 190 بيگهه، چوڏهن گهنٽا، ٽي ويسوا؛

(4) مبارڪ خان ولد سليمان خان، ڏيڍ سؤ بيگهه؛
(5) غلام خان جکراڻي، ٽي سؤ بيگهه؛ ۽
(6) داد محمد خان جکراڻي، ڇهه هزار 843 بيگهه، ارڙهن گهنٽا.

## سر ميري ويدر طرفان جاگيري نوعيت جي وضاحت

ڪرنل سر ڊبليو ميري ويدر 4 نومبر 1873ع تي نمبر 1080 ۾، جاگيرن جي نوعيت بابت سمورن شڪن بابت واضح طور پڌرو ڪيو، ته 1845ع ۾ جيڪب آباد جي پرپاسي جکراڻين ۽ ڊومبڪين کي ڏنل سمورين زمينن کي ”دائمي فرسٽ لاس جاگيرن طور برقرار رکيو ويجي، ۽ وراثت ۾ قانوني وارثن کي توثيق ڪري ڏنيون وڃن.“

## جاگيرن جا مقصد

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نٿو ٿي سگهي، ته زمينون رڳو سردارن لاءِ نه، پر قبيلي جي ماڻهن جي مدد لاءِ به منظور ڪيون ويون هيون. تنهنڪري انهن جاگيرن کي (سردارن کي ذاتي جاگيرن وارن مامرن وارن طريقن کانسواءِ) رڳو قبيلائي ڪٽنب جيان سمجهيو وڃي.

اُتر سنڌ سرحدي ضلعي ۾، اُن غلط تاثر سببان اتڪل ڏنل سمورين جاگيرن جي توثيق ڪئي وئي هئي، ته حڪومت 12 مئي 1865ع جي ٺهراءُ نمبر 1237 هيٺ اُتر سنڌ سرحدي ضلعي جي پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ کي، حڪمت عمليءَ موجب مناسب سمجهندي، اتر سنڌ سرحدي ضلعي ۾ ٻارهن هزار بيگهه ايراضيءَ کي نيڪال ڪرڻ جو اختيار ڏنو هو؛ ايئن سمورن سرڪاري ٺهرائن مان پائيو ويندو، ته مزاري قبيلي جي پاتين کي شير واهه جي پُڇڙ ۾ غيرآباد ٻارهن هزار بيگهه واري ايراضي، سنڌ ۾ زراعت سان لاڳاپجي پُرامن طور آباد ٿيڻ تي هِرڪائڻ جي خيال کان منظور ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.

پر حقيقي ڳالهه اها آهي، ته هن قبيلي جو ڪوبه شخص سنڌ ۾ ڪڏهن به آباد نه ٿيو ۽ هن قبيلي جي پاتين کي، حڪومت جي 1865ع واري ٺهراءُ نمبر 1237 هيٺ، ڪڏهن به واقعي ڪا معافي- جاگير منظور ڪري نه ڏني وئي هئي. پر هن ٺهراءَ جو اختيار جي حيثيت سان آزاديءَ سان حوالو ڏنو ويو آهي، ته جنهن هيٺ ڪرنل مين ويرنگ، ڪرنل ايچ گرين، ڪرنل ڊِڪ ۽ ڪرنل ٿائر طرفان (اُتر سنڌ سرحدي ضلعي جي پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ هجڻ مهل) بين قبيلن ۽ شخصن کي اُتي آباد ٿيڻ، يا ماضيءَ جي سٺدن ڪردار کي مڃتا ڏيڻ يا مستقبل ۾ ڪائڻن ڪا خدمت وٺڻ جي حڪمت عمليءَ جي خيال کان، زمينون ڏنيون ويون هيون.

## ڪمشنر جي اجازت کانسواءِ جاگيرن جي منظوري

انهن ڏنل جاگيرن منجهان اڪثر جاگيرون، ڪمشنر جي منظوريءَ کانسواءِ به ڏنيون ويون هيون. ۽ ان ڳالهه جو پتو سر وليم ميري ويدر جي 20 مارچ 1872ع تي ڪرنل ڦائر طرفان موڪليل خط تي لکيل ٻن اکرن مان پوندو، جنهن خط ۾ هُن يار محمد نالي سردار لاءِ به سؤ بيگهه ايراضيءَ واري جاگير منظور ڪري ڏيڻ لاءِ پُڇيو هو. سر وليم ميري ويدر هيٺين ريت لکندي چيو:

”يار محمد لڳتار چوندو رهيو آهي (۽ اهو مون 1869ع ۾ دربار ۾ عوامي ميڙ آڏو اعلان ڪيو هو) ته هاڻي ڪابه زمين شاهي واهه يا ڪنهن ٻئي هنڌ، سنڌ ۾ ڪمشنر ڪان منظوريءَ جي اجازت وٺڻ کانسواءِ، معافي- جاگير طور نه ڏني ويندي. جڪراڻين سنڌ ۾ وسڻ کان پوءِ تمام گهڻا فائدا ورتا آهن. هنن جو حڪومت جي ڪاتن ۾ ملازمتن ۾ به حصو آهي ۽ ڪين جاني ديرو ۾ معافي- جاگيرون ڏنيون ويون آهن. هنن کي انهن رعايتن تي آسودو رهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪين زراعت لاءِ وڌيڪ زمين گهربل آهي، ته پوءِ ڪين ٻين زميندارن جيان ساڳيءَ طريقي سان درخواست ڪرڻ گهرجي.“

## جاگيردارن طرفان آبيانو ۽ سيس نه ڏيڻ

اُتر سنڌ جي غير- سَنڌي جاگيرن تي ڏيان محدود ڪرڻ سان اسان کي پتو پوندو، ته انهن جاگيردارن منجهان بلڪل ٿورا جاگير سيس يا حقابو (آبيانو) ڏيندا هئا. ياد رهي ته جاگير ۽ حقابو محصول رُڳو شاهه غازي ولي محمد، راڳهو خان ڪَلپر ۽ سيد موتڻ شاهه جي جاگير مان ورتو ويو هو. موتڻ شاهه ”هڪ رپيو ٻارهن آنا خيراتي سيس طور“ ڏئي ٿو. جڏهن ته فريد خان ڪوسو به حقابو ڏئي ٿو. هو ۽ شاهه غازي ۽ راڳهو خان جي تحويل ۾ ڪمشنر طرفان ڏنل پروانا موجود آهن، جنهن ۾ هڪ آنو سيس ۽ حقابو ڏيڻ بابت شرط داخل ڪيل هئا.

## حڪومت طرفان سيس وٺڻ جي منظوري

حڪومت ڏانهن سيس بابت موڪليل سوال جو 19 مئي 1878ع تي ٺهراءُ نمبر 2469 ۾ فيصلو ٿيو، ته سڀني جاگيرن تي رپين جي قيمت ۾ هڪ آنو مقامي سيس پهرين آگسٽ 1878ع کان ورتو وڃي. حقابو بابت سوال کي 31 جنوري 1881ع تي حڪومت ڏانهن موڪليو ويو، جيتوڻيڪ سرڪاري واهن مان پاڻي وٺندڙ جاگيرن تي اُن جي لاڳو ٿيڻ جي منظوري، ڪمشنر طرفان پهرين آگسٽ 1878ع تي ڏني وئي هئي.

## حڪومت طرفان جاگيردارن کي سيس ۽ آبيانو ڏيڻ کان آجو ڪرڻ

بهرحال، ان مامري تي سرڪاري اختيارين وچ ۾ سيس ۽ حقابو وٺڻ يا نه وٺڻ بابت لکپڙهه ٿيندي رهي، جو نيٺ 25 فيبروري 1881ع جي سرڪاري ٺهراءِ نمبر 1171 هيٺ جاگيردارن کي ڪجهه حدن هيٺ سيس ۽ آبيانو ڏيڻ کان آجو ڪيو ويو. قرارداد جي تمهيد ۾ چيو ويو:

”هزايڪسيلينسي گورنر مشوري ڪانپوءِ، سنڌ جي ڪمشنر طرفان اظهاريل خيالن سان مڪمل طور متفق آهي، جيتوڻيڪ حوالو ڏنل جاگيردارن کي مقامي سيس ۽ حقابي کان ڪين آجو ڪرڻ جي ڪابه قانوني دعوي نه آهي. ۽ حڪومت سندن علائقن ۾ ادائيگيءَ لاءِ سختيءَ سان پنهنجا قائدا لاڳو ڪندي، تنهن هوندي به محترم پاڻلي حڪومت کي مناسب دليل ڏنا آهن، ته ڪهڙين ڳالهين سبب حڪومت پنهنجا حقَ واپرائڻ کان پرهيز ڪري؟ ڏيڻ جوڳي رقم ڪافي چڱي آهي، پر جاگيردارَ ويچارا ايترا آسودا ۽ شاهوڪار نه آهن: هنن پنهنجون خدمتون آڇيون ۽ اڃا به گهربل خدمتون ڏاڍي ڀلي انداز سان پيا آڇين. ۽ جنهن سببان هنن جي تحويل ۾ اُهي زمينون آهن، ۽ ڪارائتا سياسي سبب به موجود آهن، ته حڪومت کي ڪانئن اُها واجب رقم نه اوڳاڙڻ گهرجي. تنهنڪري هزايڪسيلينسي گورنر، ڪمشنر جي تجويز سان سهمت ٿيندي، جاگيردارن کي ڪجهه مامرن هيٺ آبيانو ۽ سيس کان آجو قرار ڏئي ٿو.“

## جاگيرن لاءِ سفارش ڪيل شخصن جا نالا

حڪومت کي دستاويز ”اي“ پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ ستاويهه اصلي حقيتدارن جي جاگيرن بابت سفارشون شامل هيون. انهن جاگيردارن ۾ دريا خان جکراڻي، غلام علي ولد دريا خان جکراڻي، ترڪ علي خان جکراڻي، جمال خان ڏومبڪي، سليمان خان رمداڻي، ڏگاڻو خان مُندراڻي، عالم خان ولد هوت خان بگٽي، ددو خان بگٽي؛ خدا بخش ڪلپر، جعفر خان رند رمزئي، بلوچ خان ڏومبڪي، بلند خان ولد ولي محمد ٻاجڪاڻي، يار محمد ڪوسو، وزير خان ڏومبڪي، سردارو خان ڪوسو، سنجر خان ولد جلال خان رند، دِلي جان بگٽي، ڪَمند خان بگٽي، اسلام خان بگٽي، مائي ميندي بگٽي، حسن خان ولد جان محمد خان کهيڙي، يار محمد خان ولد اعتبار خان، عظيم خان ولد محمد خان، جاني بيگ ۽ عالمُ خان جکراڻي، مونڻ خان جکراڻي، اعتبار خان رند ۽ شاهه علي (يا قُلي) مجاور (جيڪو خيراتدار هو.) شامل هئا. هنن جي تحويل ۾ موجود جاگيرن جي ڪاٺو لڳايل ايراضيءَ ۾ پنجاهه هزار 427 بيگهه، ٻارهن ويسوا ۽ اوڻيهه ڪانا شامل هئا.

(5) ته تون، تنهنجا وارث ۽ جاءِ نشينَ، جڏهن به ڪين ڄاڻايل جاگير جي حدن منجهه پنهنجي ذميوارين نڀائڻ لاءِ گهرايو وڃي، ته اُهي سرڪاري روينيو عملدارن کي هر ڪا معقول مدد مهيا ڪندا؛

(6) ته تنهنجي جاگير جي ڄاڻايل زمين جو حصو، توکي يا تنهنجي ڪنهن وارث طرفان قبيلي جي سرداريءَ هيٺ، مختلف وقتن تي پنهنجي تحويل ۾ پوکيءَ هيٺ آيل عارضي طور ڪُل ايراضيءَ جي چوٿين پتيءَ کان وڌيڪ نه رکڻو آهي، جڏهن ته باقي رهيل زمين کي، تنهنجي قبيلي جي ماڻهن منجهه رائج رسم موجب ورهايو ويندو؛

(7) ته تنهنجي جاگير ۾ واقع زمينن کي هيٺ ڄاڻايل محصول ڏيڻ جي ذميواريءَ کان آجو نه سمجهيو ويندو:

(الف) سرڪار طرفان واهن جي کاتي ۽ سڌاري لاءِ مَڙهيل حقابو ڍل؛

(ب) عوامي مقامي ڪارج ۽ سُڌاري جي مقصدن لاءِ، بمبئي ائڪٽ VIII، 1865 هيٺ ڏيڻ جوڳو محصول؛ ۽

(ڀ) ڍل نه هوندي ڪو به ٻيو محصول، جيڪو شايد مختلف وقتن تي ڪنهن قانون هيٺ ڏيڻ جوڳو هجي؛

۽ اِهو ته توکي ۽ تنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي، توهان جي سُٺي ڪردار کي سامهن رکندي، نوازش واري مامري جيان، هاڻي کان اهڙي محصول کان آجپي جي ڏنل اجازت رڳو حڪومت جي راضپي تائين جاري رهندي، ۽ جڏهن به حڪومت ڄاڻايل زمين، عام طور ضلعي جي حالتن کي سامهون رکندي، مناسب سمجهندي، ڪو حُڪم جاري ڪندي، ته اُهو سلسلو ختم ٿي ويندو؛

(8) اِهو ته حڪومت جو حقَ، تنهنجي جاگير جي زمينن ۾ کاڻين ۽ معدني وسيلن ڏانهن هجڻ سمجهيو ويندو ۽ اهو حق اظهاريل طور محفوظ ٿيل آهي؛

(9) اِهو ته ڪنهن به غلطيءَ، ڀُل يا ڪنهن عمل جو ڪو واقعو، حڪومت جي خيال ۾، (1) کان (6) تائين مٿي ڄاڻايل شرطن جي ڀڃڪڙيءَ جو باعث آهي، يا تنهنجي جاگير جي زمينَ ۾، يا اُن جي ڪنهن حصي کي، سنڌ جي ڪمشنر يا اهڙي سرڪاري آفيسر جي رضامنديءَ کانسواءِ، ڪنهن به وقت گروي رکيو وڃي، مقاطعي، ڪٽت يا ٺيڪي يا بخشش ۾ ڏنو وڃي، ته حڪومت ڄاڻايل زمين کي ضبط ڪرڻ ۽ سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي پابند هوندي.

هن سَند کي، هندستاني رياست جي سيڪريٽريءَ طرفان، بمبئي حڪومت جي

گورنر جي حُڪم سان، ۽ سنڌ جي ڪمشنر جي مُهر ۽ دستخط هيٺ عمل ۾ آندو ويو آهي.

فلاڻو ڏينهن ...... سال..... 188ع

سنڌ جو ڪمشنر مُهر

## جاگيردارن طرفان سيس ۽ آبيانو ڏيڻ کان انڪار

اُتر سنڌ جي ڪجھ جاگيردارن، ڪن مجبورين هيٺ سيس ۽ آبيانو ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي ڪمشنر جي هدايت موجب ضلع جا اُهي جاگيردار 4 مارچ 1884ع تي ڊپٽي ڪمشنر آڏو اچي گڏ ٿيا. ڊپٽي ڪمشنر هنن جي آڏو انهن شرطن جي وضاحت ڪئي، جن موجب سندن مامرن ۾ حقابو وٺڻ تان هٿ ڪنيو ويو هو، ۽ مقامي سيس وٺڻ بابت سرڪار جي انهن خيالن جو به اظهار ڪيو، جيڪي گڏريل 21 ڊسمبر جي سرڪاري ٺهراءَ ۾ ڄاڻايل هئا. بهرحال، هُو ڪين سندن حياتيءَ تائين سيس ڏيڻ تي قائل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو. پوءِ، جاگيرن جي تحويلدارن- بلوچ خان ڊومبڪي، ڪمند خان بگٽي، حسن خان ولد جان محمد خان کهيڙي ۽ يار محمد خان ولد اعتبار خان کي ڄاڻ ڏني وئي، ته جيڪڏهن اُهي ڪين مليل ٻن سالن جي عرصي ۾ مٿن واجب محصول ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيا، ته سندن جاگيرن کي سرڪاري حڪم سان، سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو.

باب ٻيو

# پَٽيداري نبيرو

## فتح کان اڳ پٽيداري جاگيرون

ميجر گولڊني 13 نومبر 1847ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪليل پنهنجي خط نمبر 32 ۾ پٽيداري جاگيرن جي بُڻ بُنياد بابت هيٺين ريت لکيو:

”نادر شاهه طرفان هندستان تي فوجي ڪاهه ۽ دهليءَ کي لُٽڻ ڦُرڻ واري وقت اُتر سنڌ، ملتان صوبي جو حصو هو: دهليءَ شهنشاهيت جي ٽُڪرن ۾ ورهائجڻ ڪانپوءِ، ان حصي کي مُغلي چيو ويو، جنهن ۾ سکر، بکر، شڪارپور ۽ اُن جي پرپاسي وارا علائقا شامل هئا. انهن علائقن کي پوءِ نادر شاهه جي فوجي عملدار احمد شاهه ابداليءَ، دُراني شهنشاهيت سان ڳنڍيو، جنهن جي راڄڌاني 1225هه ڏاري 1802ع تائين ڪابل هئي. سنڌ ۾ افغان جاگيرون، ملتان جي سرحد تي ڪشمور جي اُتر- اولهه تائين پکڙيل هيون، ۽ اُتر ۾ روجهاڻ ۽ ٽَز ۾، اولهه کان نوشهرو ابڙو ۽ ڏکڻ ۾ لاڙڪاڻي درياءَ تائين مدئجي تائين ڦهليل هيون.

”اڳاتي افغان وراثت يا جاگيرن جا نشان اڃا به پٺاڻ خاندانن منجهه ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي هينئر به گهٽي انگ ۾ شڪارپور جي پرپاسي ۾ آباد آهن. هتي هنن کي اڃا به جزوي سرڪاري ڍل ۽ پٽيداريءَ جون سهولتون ميسر آهن، جنهن بابت مونکي پڪ آهي، تہ اِها ڳالهه سنڌ ۾ مُغلي ضلعي ۾ نرالي آهي.“

ساڳيو عملدار اڳتي لکندي انهن پٽيداري جاگيرن جي نوعيت ڄاڻائيندي چيو:

”رُڳو شڪارپور جي پرپاسي ۾، پٽيداريءَ جي حيثيت سان سرڪاري حصو، هڪ پاڱي اٺ کان چوٿين پتيءَ تائين جي اضافي سان ماتحت آهي، ۽ اهو معافي تحويلداريءَ جو نمونو هن ضلعي ۾ منفرد آهي. پٺاڻن طرفان متعارف ڪرايل ان نموني مان پائنجي ٿو، تہ منجهس جاگير ايراضي، سَند ۽ خريديل زمين وسيلي حقَ شامل هجڻ آهي.“

## پَٽيدار لفظ جي معنيٰ

شڪارپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ ڊڪسن 28 آڪٽوبر 1852ع تي نمبر 786 ۾ پَٽيداريءَ کي "اڳوڻن افغان حڪمرانن طرفان پنهنجي مائٽن، پوئلڳن ۽ سپاهين کي، حقيتدارن طرفان رواجي سرڪاري پيدائش يا روينيو جو خاص حصو ڏيڻ جي شرط تي، غيرآباد زمين منظور ڪري ڏيڻ" ڪوٺيو هو.

## بمبئي حڪومت طرفان پَٽيداريءَ جي موضوع بابت خيالَ

بمبئي حڪومت 15 فيبروري 1850ع تي يادداشت نمبر 576 ۾ پَٽيداريءَ واري موضوع تي پنهنجي خيالن جو اظهار هيٺئين ريت ڪيو:

"پَٽيداري جاگيرون وڏيءَ ايراضيءَ واريون نه آهن. انهن ڪاٽو لڳايل سمورين زمينن جي ڍل 8400 رپيا آهي. رائيٽ آنريبل گورنر ڪائونسل جي مشوري سان، ڄاڻايل سببن هيٺ، رٿيل نبيري جي منظوريءَ جي سفارش ڪندو."

حڪومت ته انڊين حڪومت پنهنجي 5 اپريل 1859ع تي وراڻيءَ نمبر 711 هيٺ، پَٽيداري جاگيرن جي منظوري ڏني. ۽ چيو ته، "فرسٽ ڪلاس جاگيرن جي ٻي نندي ورچ، پَٽيداري جاگيرن تي بَدل آهي، تنهنڪري اهي تحويلدارَ محصول جي مڪمل ڇوٽ جا حقدار نه آهن.... گورنر جنرل ڪائونسل جي مشوري سان، بمبئي حڪومت جي تجويز پٽاندر، انهن سمورين جاگيرن کي موروثي تسلسل ۾ رهڻ جي منظوريءَ ڏيڻ تي راضي آهي...."

## سيڪنڊ ۽ ٽرڊ ڪلاس پَٽيدارَ

چوڏهن پَٽيدارن کي موروثي طور سندن تحويل ۾ آيل زمين توثيق ڪندي ٻه، ڏهه پيا به پَٽيدار اڃا به رهيل هئا، جن کي ڪمشنر جي حُڪم سان حياتيءَ تائين پَٽيداري جاگيرون سندن موت تي نظرثانيءَ جي شرطن هيٺ، سندن وارثن وٽ رهڻ ڏنيون ويون هيون. انهن پَٽيدارن جي سَندن کي سيڪنڊ ۽ ٽرڊ ڪلاس پَٽيدار سڏي وڃي ٿو. محترم انويريٽي 13 مارچ 1860ع تي نمبر 66 حڪومت کي پيش ڪيو، ۽ سفارش ڪئي، ته هنن کي فرسٽ ڪلاس ۾ شامل ڪيو وڃي. بمبئي حڪومت 31 جنوري 1861ع تي نمبر 547 ۾ ڪمشنر جي ڏنل تجويز جي منظوري ڏني.

باب ٽيون

# خيراتن جو نبيرو

پهريون حصو

## سنڌ جي فتح کان اڳ خيراتي زمينون

### خيراتي جاگيرن جي وصف

خيراتي زمينون عام طور مذهبي ڪردار رکندڙ ماڻهن کي ڏنيون ويندڙيون هيون. ڪجهه مُغلي سنڌن ۾ ان خيرات جو مقصد عام طور 'مددِ معاش' طور ڄاڻايل آهي ۽ خيراتدار تي عام طور اهو لازم هوندو هو، ته هو خيرات ڏيندڙ جي خوشحاليءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ دُعاگو رهي، جڏهن ته ٻين ڪجهه سنڌن ۾ منافعو ۽ حصيداري لفظ به واپرايل آهن. تنهنڪري، انهن لفظن جي حقيقي معنيٰ جي جاچ ضروري آهي.

### مددِ معاش جي معنيٰ

ڪيپٽن گولڊسمڊ، بکر ۽ روهڙيءَ جي سيدن بابت يادگيرين ۾ ''مدد معاش' جو ترجمو ''گذران ۾ واڌو واهر'' طور ڪيو آهي، پر ٽيل ڄاڃنا ڪانپوءِ هو اُن ڳالهه تي سهمت ٿيو ته، ''هندستان ۾ اُها جاگير عالمن ۽ مذهبي ماڻهن کي ڏني ويندي هئي.'' ۽ هن ولسن جي ''هندستاني فني اصطلاحن جي لُغت'' ۾ هيٺ ڄاڻايل وصف کي مڃيو:

''سَندن يا ڊِل جي فهرست ۾، مددِ معاش واري جاگير يا زمين کي 'ٽمن جامہ' سڏيو وڃي ٿو، جيڪا مذهبي ماڻهن ۽ عالمن کي گذران طور ڪٽ تي ڏني وڃي ٿي، گڏوگڏ ساڻس 'مَذڪُرت' ۽ 'آئمہ' زمينون (اُهي گهڻو ڪري پوئلڳن يا مريدن کي ڏنيون وڃن ٿيون)، به شامل آهن.''

### منافعي جي معنيٰ

منافعي ۽ حصيداريءَ بابت، تڏهوڪي شڪارپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيپٽن گولڊسمڊ، ڪيپٽن اسٽئڪ ڏانهن تاريخ 6 سيپٽمبر 1853ع، نمبر 58) موڪليل خط ۾ هيٺين ريت لکندي ڄاڻايو:

''خيرات واريءَ سَند ۾، جاگير جا تفصيل شامل ڪيا وڃن ٿا، جنهن کي عام طور

هن ڏيهه ۾ منافعو سڏيو ويجي ٿو، ۽ ساڳيءَ ريت هڪڙي ٻيءَ جاگير کي ”حصيداري“ طور مڃيو وڃي ٿو. آءٌ ڪڏهن به جاگير جي واهپي ۾ منافعي جي اصطلاح جي مطمئن ڪندڙ معنيٰ هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو آهيان، تنهنڪري ان ڏس ۾ جاچنا جي گهرج آهي.“ منهنجو ويچار اهو آهي، ته اها جاگير دهليءَ جي ڏکڻيءَ حڪمرانيءَ واري دؤر، يا سنڌي حڪمرانيءَ واري اڳوٽي سرشتي جي رهڻو باقيات يا نشان آهي ۽ ان جي درجابندي گهڻو ڪري، جاگير جون سَندون وٺندڙ فرد جي شخصي ڪردار تي آڌاريل هجي ٿي.“

## حقيتدار جي ڪردار موجب خيراتن جي ورڇ

جيڪڏهن ڪو منافعيدار يا حصيدار، جاگيردار يا پَٽيدار يا خيراتدارَ هوندو هو، ته اها ڳالهه اڪثر ”حقيتدار“ جي ڪردار تي آڌاريل هوندي هئي. جيڪڏهن اهو (1) مُرشد؛ يا (2) مذهبي عالم (ساڪائتو يا حقيقي)؛ يا (3) مذهبي گادي يا مذهبي عهدي يا رُتبي تي مقرر ڪنهن شخص کي ڏنل جاگيرَ منجهان گهڻو ڪري مذهبي يا خيراتي جو مطلب نڪرندو هو. حقيقي مامري طور، سنڌ جي سمورن خيراتدارن جي هيٺين ريت درجابندي ڪري سگهجي ٿي:

مسلمانن ۾ (1) سيد يا حضرت علي ۽ فاطمه رضه جا اولادَ، مخدوم، پيرَ ۽ پيرزادا، درويش ۽ فقيرَ، صوفي، حاجي؛ (2) مولوي؛ ۽ (3) مُلا، حافظ، مؤذن ۽ مسجد سان واڳيل ٻيا شخص، قاضي (جج)، مُفتي (شادين جو مواد رکندڙ)، مقبرن، درگاهن ۽ خانقاهن جا مُجاور شامل آهن. جڏهن ته هندوئن ۾ (1) برهمڻ، اُداسي، نانڪ شاهي ٻاوا، ٺاڪر، نانگا ۽ فقير، جوڳي ۽ صوفي شامل آهن.

مُلا، قاضين ۽ مُفتين جي مامري ۾، جاگيرون قاعدي ۽ ضابطي پٽاندر، واسطيدار عُهدن ۽ رُتبي سان ڳنڍيل هونديون هيون. مُجاورَ (خواجا خضر جي درگاهه جي سَتين واري آستان جا، دائودپوٽن جي مقبرن جا، يارمحمد ڪلهوڙي وغيره جي مقبرن ۽ درگاهن سان لاڳاپيل) ڪجهه فرض ۽ ذميواريون نڀائيندا هئا. جڏهن ته منجهانئن ڪجهه چٽن کي تَڪيا حاجي شاهه جي مُجاورن واري مامري جيان، مسافرن لاءِ مسافرخاني جو انتظام رکڻو پوندو هو. هندو خيراتدارَ گهڻو ڪري مذهبي طبقي سان واسطو رکندڙ هئا، ۽ ڪين ورلي خيرات جي نوازش به ٿيندي هئي، جيڪڏهن وٽن هندو ياترين لاءِ ڌرمشالا يا ٽِڪاڻا هوندا هئا، يا وري درٻارَ ۾ سندن اثرائتي سرپرستي نه هوندي هئي.

## جاگير، سَند موجب خيرات جي ورڇ

خيرات جاگيرَ کي سندس نوعيت پٽاندر چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1) خيراتدارَ طرفان پاڻ سنياليل زمينن جي ڍل وٺڻ جي منظوريءَ کي خيراتي زمين چئي سگهجي ٿو:

(2) حقيتدار طرفان پاڻ زمين جي سنيال نہ ڪندي بہ زمين جي ڍل وٺڻ جي ذميواريءَ کي حصيداري خيراتَ چئي سگهجي ٿو:

(3) زمين جي ڍل تي ڪنهن ڇوٽ ڪانسواءِ، روڪ رقم يا اناج جو وظيفو ڏيڻ: ۽

(4) ضلعي ۽ شهري محصول ۽ ڪاڏي پيتي ۽ پوشاڪ جي شين تي محصول کان ڇوٽ.

بکر ۽ روهڙيءَ جي سيدن وٽ اڳوڻي زماني جون پهرين ۽ ٻئي درجي جون، جڏهن تہ ٺٽي جي سيدن وٽ ٽئين ۽ چوٿين درجي جون خيراتي سَندون هيون. پر هيئنر چوٿين درجي جي خيراتي جاگيرن جو ڪو وجود نہ آهي. سنڌ ۾ سڀ کان آڳاٽي خيراتي جاگير، علي واهڻ جي ڍل جي خيرات آهي، جيڪا شهنشاهہ علاءُ الدين ڏني هئي ۽ شهنشاهہ شاهجهان ۽ سندس وارثن اُن جي توثيق ڪئي هئي. جڏهن تہ روڪ رقم تي ٻَڌل وظيفي واري سڀ کان آڳاٽي خيرات (گهٽو ڪري جاگير سان متاستا ڪئي وئي هئي)، ٺٽي جي سيدن وٽ آهي، جيڪا مرزا عيسيٰ ترخان ڪين 968هہ يعني 1561ع ۾ منظور ڪري ڏني هئي، ۽ اُن جاگير جي نہ رڳو ترخان حڪمرانن توثيق ڪئي هئي، پر شهنشاهہ اڪبر جي تڏهوڪي ٺٽي ۾ مقرر صوبيدار بہ منظوري ڏني هئي. گڏوگڏ شهنشاهہ جهانگير، شاهجهان ۽ اورنگزيب جا صوبيدارَ بہ منظوري ڏيندا رهيا، ۽ ڪانئن پوءِ اُتي مقرر ٿيندڙ عملدارَ محمد شاهہ جي دؤر تائين اُن جاگير جي توثيق ڪندا آيا. شهنشاهہ محمد شاهہ ٺٽي شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن جو محصول حشمت دلير خان ۽ ٻين کي ٺيڪي تي ڏنو هو، جن وٽان سيد خيراتدارن کي ٺيڪي واريءَ رقم مان باقاعدگيءَ سان روڪڙ خيرات ملندي هئي. سنڌ جي فتح ڪانپوءِ، نادر شاهہ بہ هنن خيراتن سان هٿچُراند نہ ڪئي، ۽ هو ايستائين اڳتي وڌي ويو، جو هُن سندس طرفان نورمحمد ڪلهوڙي تي مڙهيل ٻارهن لک پُنگ مان بہ انهن خيراتدارن کي وظيفو ڏيڻ جو حُڪم جاري ڪيو هو. نادر شاهہ جي گاديءَ تي ويهندڙ سندس جاءِ نشين احمد شاهہ دراني اُن مثال جي پوئواري ڪئي ۽ ڪلهوڙن بہ ائين ڪيو. بهرحال مير فتح علي، سيدن جي خيراتي وظيفي جي اڌ حصي ۾ ڪٽوتي ڪئي، پر اها رقم مير نورمحمد جي وقت ۾ بہ حيدرآبادي رپين ۾ ساليانو چوڏهن هزار کان گهٽ نہ هئي، ۽ مير حسن علي اُن رقم ۾ ارڙهن هزار 174 رپيا ڏهہ آنا پنج پائين (=12722 رپيا چار آنا انگريزي رُپيو) تائين واڌارو ڪيو.

حقيقي مقصد يا جاگير ڏيندڙ جي نظر ۾، مقدس ۽ عزت جوڳو آهي، ۽ جتي خيراتي جاگير ۾ شائستگي يا عوامي اخلاقيات جي ابتڙ ڪا به ڳالهه نه آهي.“

هن نومبر 1852ع ۾ اهو پڻ قرار ڏنو، ته جڏهن به ڪنهن دعويٰ کي رد ڪيو وڃي، ته خيراتدار کي سندن تحويل ۾ موجود زمين کان محروم نه ڪيو وڃي، ۽ هن کي مُهاڳي وارين زمينن تي مُڙهيل مقرر ڍل کي سامهون رکندي، ڍل ڏيڻ جي راضپي جي شرط سان زمين پوکڻ جي اجازت ڏني وڃي.

## ڪمشنر طرفان رٿيل جاگيرن لاءِ عام شرطون ۽ سَنَد

بمبئي حڪومت جي 21 آڪٽوبر 1859ع تي، خيراتدارن تي عام شرطون مڙهڻ جي ڏس ۾ هدايتن هيٺ، محترم انويريٽي 10 فيبروري 1860 تي نمبر 39 هيٺ خيراتدارن جي سَنَد جو متن منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو:

نمبر

ڏانهن

........

جيئن ته مناسب ڪوجنا تي پتو پيو آهي ته (زمين جي ايراضي) .... ۾ واقع هئي، سا (پيءُ يا پيا جاءِ نشين) جي هٿن ۾، ان کان اڳ ڪيترن سالن تائين، تنهنجي وڏڙن جي تحويل ۾ هئي ۽ رهي هئي، هاڻي اهڙين جاگيرن بابت لاڳو قائدن ضابطن هيٺ ۽ چاٽايل زمين .... سببان تو کي سرڪار ڏانهن وفاداري ۽ خدمتن جي اڳوڻن شرط هيٺ، موروثي طور توثيق ڪري ڏني وئي آهي: پر اُها معافي - جاگير، حڪومت طرفان مڙهيل ڪنهن به محصول ۽ سيس کان، روڊ ۽ اسڪولن لاءِ ساليان .... ڏيندڙ رقم ڪانسواءِ، آجي هوندي.

سنڌ جو ڪمشنر

بهرحال، سَند ۾ چاٽايل لفظ ”موروثي طور“ تي 1863ع تائين ڪو فيصلو نه ٿيڻ سببان خيراتدارن کي سَندون جاري نه ڪيون ويون.

# حصيداري خيراتون

سنڌ ۾ رڳو ٽي حصيدار- خيراتدارَ هئا، جن ۾ (2) سيد مير حسن شاهہ، (3) سيد غلام حسين شاهہ ۽ (9) صادق علي شاهہ، امام علي شاهہ ۽ حسين علي شاهہ شامل هئا. انهن جو نبيرو ٻئي حصي ۾ ڄاڻايل حُڪمن هيٺ ڪيو ويو هو- ۽ هنن جي حقيتن جي مامرن ڪي حصيدارن جي بابُ ۾ ڏنو ويندو.

# رقم يا اناج جي خيراتن جو نبيرو

## الف: ٺٽي جي سيدن جو وظيفو

تالپر اميرن کان خيرات وٺندڙ ٻين خيراتدارن جيان ٺٽي جي سيدن، سنڌ جي فتح وقت پنهنجي وظيفي جي دعويٰ ڪئي، پر ڪئپٽن پريڊي اُن بنياد تي سندن توثيق جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي، ته اسلامي مذهب جي مدد ڪرڻ، برطانوي حڪومت جي پاليسيءَ جو حصو نه هو، ۽ خيراتَ حقيت جي برقراريءَ وارو عملَ، سيد کي ڪارائتن ڌنڌن کان سندن ڌيان هٽائڻ کان روڪيندو. منجهائن ڪيترا چٽا، سنڌ جي فتح کان پوءِ ڏهن مهينن گذرڻ تائين پنهنجيءَ 'سُست ۽ ويڳاڻپ واريءَ زندگيءَ' تان هٿ کڻي چڪا آهن، ۽ ڪئپٽن پيلي چيو ته، ”جيڪڏهن حڪومت ان معاملي ۾ انهن سيدن جي حمايت نه ڪندي، ته اُهي به ٻين جي پوئواري ڪندا.“

انڊيا جي حڪومت، جنهن کي سيدن جي دعويٰ بابت جاڻ ڏني وئي هئي، تنهن سندن وظيفي جي رقم کي ”گهٽو وڌيل ۽ سندن مقصد کي هاڃيڪار“ سمجهيو، تنهنڪري ضبطيءَ کي برقرار رکيو ويو.

بهرحال، ٺٽي جي سيدن پنهنجي وظيفي کي ٻيهر وٺڻ لاءِ سر چارلس نيپيئر ۽ محترم پرنگل جي دؤر ۾ به دعويٰ ڪئي، پر ان کي رد ڪيو ويو. نيٺ سيدن وري محترم فريئر جي دؤر ۾ پنهنجي دعويٰ تي زور ڏنو- ۽ بمبئي حڪومت 4 مئي 1855ع تي انڊيا جي حڪومت ڏانهن موڪليل يادداشت نمبر 1850 هيٺ، سيدن کي ڪُرمت لاءِ همٿائڻ جي خيال کان، زمين جي ڪجهه ايراضي عام اگهه تي، اڌ روڪ ڍل ڏيڻ جي شرط هيٺ، ٻيهر منظور ڪري ڏيڻ جي تجويز ڏني، پر اهو قرار ڏنو ويو، ته جاگير جي ڪُل ايراضي ڇهه هزار رپيا ساليانو اُپت کان وڌيل نه هجي ۽ وارثن جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ منجهس تخفيف ڪئي وڃي.

انڊيا جي حڪومت 29 جون 1855ع واري نمبر 827 جي وراڻيءَ ۾ ان تجويز سان سهمت ٿيندي، رايو ڏنو ته ڇوٽ يا رعايت جو اهو طريقو غيراعتراض جوڳو هو، ۽ سيدن جي دعوائن کي سامهون رکندي ڏنو ويندو، ته اها ايراضي متعدل هئي.

پر اُن انتظام تي عمل ڪرڻ ۾ ڪليڪٽر سامهون ڪجهه ڏکيائيون آيون، ڇوته سيدن جي سموري گروهه ۾ڇهين حصي جيترا ڪُرمت جا آسروند موجود هئا. بهرحال، گهڻا سنڌ ۾ ڪَڙيا ۽ اَڏوڻ ناهڻ ۽ ڪين بنيادي گهربل رقم خرچڻ کان لاچار هجڻ تي چڙيل هئا. جڏهن ته گهڻا طبعي طور ڪم ڪان جَڏا هئا. بهرحال، زمين جو حصو ڪين مقرر ڪري ڏنو ويو، جنهن جو اڌ روينيو، اڳوڻن سالن جي تناسب موجب ڇهه هزار رپيا بيٺو، پر پهرين مُنڊ ۾ اُپت تناسب کان گهٽ ٿي. پر ٻئي سال اُن اُپت ۾ چڱو واڌارو ٿيو: ۽ واهه جي کاٽيءَ جي خرچ بابت سوال اُڀريو، جيڪو سنڌ جي ڪمشنر، سيدن کي ڏنل زمين جي ساليانا پيداوار مان ڇهه هزار رپيا ڏيڻ ۽ بقايا رقم سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ جي حُڪم سان نبيريو.

بهرحال، ان مامري بابت سخت اعتراض اهو هو، ته اهو عمل انهن شاطن سان ٺهڪجندڙ نه هو، جنهن هيٺ زميني ايراضيءَ جي منظوري ڏني وئي هئي. خيرات-جاگير جو مکيه مقصد زراعت کي سُڌارڻ لاءِ سيدن کي هرڪائڻ هو، پر اهو واضح هو ته جيڪڏهن سيدن کي ملندڙ رقم جاگير جي اُپت جي حوالي ڪانسواءِ مقرر ڪئي وئي، ته اُهي زمين جي حالت سُڌارڻ ۾ ڪابه دلچسپي نه رکندا. سيدن پاڻ محترم فريئر طرفان ڪيل نبيري کي اوليت ڏني هئي، تنهنڪري انهن حالتن هيٺ، سنڌ ۾ جاگيرن لاءِ خاص ڪمشنر محترم بي. ايڇ. ايلس 10 نومبر 1858ع تي نمبر 29 ۾ اهو سوال بمبئي حڪومت ڏانهن نظرثانيءَ لاءِ موڪليو، جنهن ۾ چيو ويو، ته ڇا سيدن کي ڇهن هزار رپين جو وظيفو يا ڪين زميني اُپت وٺڻ جو حقَ ڏنو وڃي.

انڊيا جي حڪومت، بمبئي حڪومت طرفان موڪليل درخواست جي جواب ۾، 13 مئي 1859ع نمبر 966 ۾ جواب ڏيندي چيو: ".... زمين ڏيڻ واري سلسلي مان ڀانئجي ٿو، ته ان کي بمبئي حڪومت ناقابل عمل سمجهي ٿي، جو اهو انهن سيدن سان حڪومت جو سڌو لاڳاپو بند ڪرڻ جو بهترين طريقو ثابت ٿيندو."

بهرحال، ٽتي جي سيدن روڪ وظيفا وٺڻ کي اوليت ڏني.

ب: ٺٽي جي سيدن ڪانسواءِ ٻين کي روڪ رقم ۽ اناج جي ملندڙ خيراتَ

انهن خيراتن مان گهٽين خيراتن جي سلسلي کي سنڌ جي فتح وقت روڪيو ويو هو ۽ نَون خيراتدارن کي، آخري نبيري مهل موروثي طور توثيق ڪئي وئي هئي. منجهانئن هرهڪ خيراتدار جا تفصيل ٻئي ڀاڱي ۾ ڏنا ويا آهن. هتي رُڳو اها ڳالهه ڄاڻائڻ ضروري آهي، ته انهن نَون حقيتدارن منجهان هڪڙو قاضي، هڪڙو مُفتي، چار مُجاور ۽ هڪڙو مسجد جو مُلو ۽ هڪڙو ڌرمشالا جو سنياليندڙ شامل هو. غير مُستقل حقيتدارن ۾ گهٽو ڪري شڪارپور ضلع جا رهندڙ هئا. ۽ انهن جي نبيرن کي بمبئي حڪومت جي 7 فيبروري 1855ع تي ٺهراءُ نمبر 534 هيٺ نبيريو ويو هو.

انهن سيني خيراتن کي گهڻُ ڪري روڪ رقم ۽ اناج جي وظيفن جي شرطن تي، 1842ع جي ترجيحي قائدن ۽ ضابطن هيٺ نبيريو ويو هو.

باب پنجون

# باغن جي سَندن جي نبيري واريءَ تاريخ

حڪمران ٽالپرن جي دؤر ۾ باغن تان (ميوات ۽ وڻڪاريءَ جي همت افزائي لاءِ باغ ڏنا ويندا هئا) ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڍل يا محصول نہ ورتو ويندو هو، ۽ انهن جي عام طور اجازت زباني ڏني ويندي هئي. انهيءَ ڏس ۾ ڪجهہ جاگيردارن ۽ شخصن پنهنجي درخواستن ۾ دعوي بہ ڪئي هئي، تہ ڪين مير فتح طرفان زباني ”معافي- باغ“ رکڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.

اِهو پهرين بابُ ۾ ٻڌايو ويو آهي، تہ سر چارلس نيپيئر 14 جنوري 1846ع تي نمبر 142 ۾ ڪئپٽن رٿبورن کي اها اجازت ڏني هئي، تہ هو تحويلدارن کي معافي- باغ ٻيهر منظور ڪري ڏئي، جيستوڻيڪ هنن ڪوبہ سلام پيش نہ ڪيو هو. ۽ اهو تہ 10 آگسٽ 1846ع تي نمبر 2077 ۾ ساڳئي عملدارَ جي نالي جاري ٿيل خط ۾، 17 فيبروري 1843ع وقت تحويل ۾ موجود سمورن باغن جي توثيق ڪئي وئي هئي، جيستوڻيڪ اُهي تحويلدار سَندون پيش نہ ڪري سگهيا هئا.

ڪئپٽن رٿبورن جي معافي- باغن بابت جوڙيل فهرست سان گڏ 8 سيپٽمبر 1849ع تي نمبر 1107 ۾ هڪ خط موڪليوويو. جنهن خط مان پتو پوي ٿو، تہ دعويدارن کان سَندون اڳتي پيش ڪرڻ جي گهربل ذميواري، ڪاردارن تي رکي وئي هئي، ۽ جاگيرن جي مامرن جيان، ڏنل سمورين پُختين سَندن جي توثيق لاءِ گورنر کي موڪليون ويون ۽ ان انهن جي منظوري ڏني ۽ پنهنجي مُهر هنئي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ، ”ٽالپر اميرن جي حڪومت ۾ تحويلدارن طرفان پوکيل باغَ سندن مرڻ ڪانپوءِ، سرڪاري تحويل ۾ نہ ورتا ويندا هئا. ۽ وري نہ نيون سَندون يا ڪو توثيقي حُڪم گهربل هوندو هو، ۽ رسمي مخالفت نہ ٿيڻ تائين اها هن جي وارثن جي تحويل ۾ برقرار رکيو ويندو هو، جنهن مامري ۾ اهڙي سَند اڪثر لازمي ڏني ويندي هئي.“

هوڏانهن ڪئپٽن رٿبورن تجويز ڏني، تہ حقيت- باغ تي ٻہ آنڪي نہ وٺڻ گهرجي، پر جاگير حڪومت جي تحويل ۾ وڃڻ تي، جاگيردار جي اينڊڙ وارث جي تحويل ۾

"حڪومتي زمين يعني في بيگهه هڪ رپيو ڇهه آنا جي رتيل ڍل جي شرط تي، باغ رهڻ گهرجي."

ڪمشنر 2 آڪٽوبر 1849ع تي نمبر 1887 ۾ اُن تجويز جي منظوري ڏني، جنهن بابت پتو پوي ٿو، ته اُن تي 1853ع تائين عمل ڪيو ويو.

هوڏانهن جاگيرن جي اسسٽنٽ ڪمشنر طرفان شروع ڪيل جاچنا دؤران حقيتدارن طرفان حقيت- باغ بخشش ۾ ڏيڻ جو اهم مامرو سامهون آيو. ڪليڪٽرن کي جواب ڏيڻ لاءِ پُڇيو ويو، ته ڇا اُهي حقيت- باغ ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ تبديل جوڳا هئا يا نه.

انهيءَ ڏس ۾ حيدرآباد جي عارضي ڪليڪٽر جواب ڏنو ته، "مون ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ معافي- باغ وڪڻ واري مثال بابت" ڪڏهن به ڪونه ٻڌو هو، پر نواب محمد خان ٺوڙو، جنهن پاڻ به امام بخش ۽ جعفر خان ٺوڙي کي باغَ وڪيا هئا، تنهن مون کي ٻڌايو ته اُهي باغ وڪڻ جوڳا هوندا هئا.

شڪارپور جي ڪليڪٽر ڄاڻايو ته: "ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ زميني جاگير جيان معافي- باغن جي تبديلي يا روڪ رقم تي وڪڻ کي قبولڻ وارو عملَ تمام گهٽو غيريقيني هوندو هو. جڏهن ته ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڄاڻايو ته: تحويلدارَ باغَ کي وڪڻي سگهندو هو، "۽ پنهنجي فائدي لاءِ زمين تي سرڪاري واجبات وٺندو هو. بهرحال، اُهي رعايتون هن جي مرڻ کان پوءِ، سَند ۾ خاص شرط ڄاڻايل نه هجڻ تائين، حڪومت واپس وٺي ڇڏيندي هئي."

ڪئپٽن گولڊسمڊ جو اهو رايو هو، ته حڪومت جيترو گهٽ سندن ملڪيت جي آزاداڻي نيڪال ۾ مالڪن سان مداخلت ڪندي، اوترو سُٺو ۽ ڀلو ٿيندو، پر شرط اهو هجي ته "باغ جي هرهڪ منتقليءَ، پوءِ ڀلي اُها وڪڻ، بخشش، يا ڪو ٻيو قانوني ذريعو واپرايو وڃي، کي درج ڪيو وڃي ۽ جاگير آفيس ۾ مُهر وسيلي اُن جي منظوري ڏني وڃي."

محترم فريئر جو فيصلو هيٺين ريت هو:

"منهنجو اهو خيال آهي، ته ڪنهن تحفظات ۽ شرطن کانسواءِ ۽ خدمتي حقيت کان آزاد اهڙا منظور ڪيل معافي- باغَ واضح طور وڪڻ جوڳا ۽ وصيت وسيلي ورڇ جوڳا به آهن."

ڪئپٽن پيلي ۽ ميجر گولڊسمڊ جي ترميم ٿيل درجابنديءَ پٽاندر ڪراچي، حيدرآباد (خاص ڪري نوشهرو ۽ ڪنڊيارو) ۽ شڪارپور ڪليڪٽوريٽن ۾ ڪل باغن جي ايراضي پنج هزار نيپيئرين بيگهه منظور ڪري ڏني وئي هئي. ميجر

گولڊسمڊ جي درجابنديءَ موجب فرسٽ ڪلاس ۾ 3652 بيگهه، سيڪنڊ ڪلاس ۾ يارهن هزار 115 بيگهه ۽ حياتيءَ تائين 126 نيپيئرين بيگهه ايراضي شامل هئي. جڏهن ته 108 نيپيئرين بيگهه ايراضي اهڙي هئي، جيڪا اڻ نبيريل هئي، يا ان کي جاگير ڪاتي ۾ نه مڃيو ويو هو.

حياتيءَ تائين معافي- باغ اُهي هئا، جيڪي سر چارلس نيپيئر جي پروانن يا حڪومتي ٺهرائن جي اختياريءَ هيٺ ڪجهه مرحوم جاگيردارن، جن جون زمينون سرڪاري تحويل ۾ هليون ويون هيون، جي بيواهن جي نوازش ۾ منظور ڪيا ويا هئا، يا اُهي باغ هئا، جن کي اڪيلي انفرادي مامرن ۾ ڪمشنر جي حُڪمن يا سندس ڪئپٽن پيلي جي تعلقا نبيري جي عام منظوريءَ هيٺ، پيهر منظوري جوڳا نه هجڻ ڪوٺيو ويو هو.

سيڪنڊ ڪلاس حقيت- باغن ۾ قائدن ۽ ضابطن هيٺ درجابندي ٿيندڙ باغن سميت منجهن اُهي به شامل هئا، جيڪي معافي- باغ منظور ڪرڻ جي اهل نه هوندي به ڪين اختيارين منظور ڪيو هو. جيئن مير ڪرم علي يا خيرپور جي مير فضل محمد يا مير احمد خان شهداداڻي جي بيواهن کي ۽ منظور ٿيل جاگيرن ۾ پوءِ معافي- باغن جي دعوائن کي نبيرڻ کان پوءِ به، باغ پوکيل هجڻ سمجهندي، سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو.

فرسٽ ڪلاس باغ- حقيتن کي ٻن درجن يعني فرسٽ ڪلاس رُول ۽ اسپيشل فرسٽ ڪلاس ۾ ورهايو ويو. قائدي ۽ ضابطي کي لاڳو ڪندي، سنڌ جي فتح کان ويهه سال اڳ مير نصير خان طرفان پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ واري وقت ۾، منظور ڪيل باغن جي حقيتن کي، سيڪنڊ ڪلاس ۾ اچڻ سببان رد نه ڪيو ويو؛ ۽ سمورا آڳاٽا پوکيل باغ يا آڳاٽن باغن کي به مجموعي طور معافي- باغن ۾ شامل ڪيو ويو، جيڪي قائدن ۽ ضابطن موجب سيڪنڊ ڪلاس ۾ آيا پئي، پر اُهي باحيثيت ٽالپرن- مير بجار شهداداڻي ۽ مير صوبدار جي ڏيءُ ۽ سردارن- نواب محمد خان ٿوري ۽ نواب محمد خان لغاري ۽ ڏتو جمالي جي تحويل ۾ هئا- يا هندو طبقي جي مذهبي بزرگ پاتين سميت اسلام جي مذهبي بزرگن، يا انهن ماڻهن جن پاڻ يا سندن وڏڙن ڪوهستان جي ٽڪرين جيان پٽن تي پاڻ باغ پوکيا هئا، جتي اهڙن باغن جي پوکائيءَ کي همٿائڻ جي گهرج هئي، يا وري وٽن مذهبي يا خيراتي مقصدن لاءِ باغ هئا.

معافي- باغ رکندڙن جي جوڙيل رول يا فهرست مان پتو پيو، ته جاگيردارن ۾ پنهنجي جاگير ۾ موجود باغن کي مقاطعي، نيڪي يا بخشش طور ڏيڻ جو رواج

موجود هوندو هو. مَلڪ بُولا خان ڪنهن سيد کي (باغ) ڏنو، جام ميهر علي ڪنهن شخص کي، مير علي بخش جي پيءُ مير غلام شاهه ڪنهن شخص کي، جنهن وري نواب محمد خان ٽوڙي کي، مير غلام شاهه طرفان اُوسو خدمتگار کي، جنهن وري ويسو خواجي کي، جنهن وري هزهائينس آغا خان کي، مير احمد خان شهداداڻي طرفان غلام محمد راهوپوٽا کي، مير احمد خان شهداداڻي طرفان نهال چند هندوءَ کي ۽ مير احمد خان پنهنجي راول جاگير مان پليني مالهيءَ کي باغ ڏنو هو. پر اها پڪ آهي، ته اُهي سمورا باغ جاگيرن ۾ واقع هئا، ۽ اُهي جاگيردار جي پيٽ ۾ ڪنهن ٻئي جي تحويل ۾ موجود هئا، ۽ جاگيردار طرفان اُهي ڪين منتقل ڪيا ويا هئا.

بمبئي حڪومت طرفان 15 فيبروري 1859ع تي انڊين حڪومت ڏانهن موڪليل يادداشت نمبر 576 ۾ جاڻ ڏني وئي:

”... سنڌ جهڙي مُلڪ ۾ باغن کي همٿائڻ ڏاڍو ضروري ۽ سُٺي ڳالهه آهي، پر جيڪڏهن اڳوڻن ٽالپر اميرن جي حڪومت ۾ ڏنل ڇُوٽ کي نامنظور ڪيو ويو، ته پوءِ سنڌ جي رهواسين منجهه پنهنجي باغن جي پوکي وڌائڻ جي خواهش دٻائڻ جو لاڙو وڌندو.

”رائيٽ آنريبل گورنر مشوري ڪانپوءِ جن قائدن ۽ ضابطن جي منظوري ڏني هئي، سي ممڪن حد تائين باغن وارين زمينن جي تحويلدارن لاءِ فائديمند آهن، جڏهن ته ڇُوٽ جي برقراري، باغن پوکڻ جو سلسلو برقرار رکڻ تي آڌارڻ لاءِ ڪئي وئي آهي. مکيه اصولَ هيٺين ريت آهن:

”(1) فرسٽ ڪلاس: باغن جي زمين، مياڻيءَ جي جنگ کان اڳ ڏهن سالن کان پراڻي تاريخن جي سَند هيٺ ڏِل کان آجي (معافي) تحويل کي معافي هجڻ طور برقرار رکيو وڃي؛

”(2) سيڪنڊ ڪلاس: مياڻيءَ کان اڳ ڏهن سالن دؤران جاري ٿيل سَندن هيٺ يا سَند کانسواءِ تحويل ۾ موجود باغَ کي باغن جي زمين تي عام رواجي سمجهندي، چوٿين پتي جمعبندي (ڍل) ورتي وڃي.“

انڊين حڪومت جي سيڪريٽري 5 اپريل 1859ع تي نمبر 711 ۾ وراڻيو ته، ”هندستاني حڪومت انهيءَ ڳالهه تي متفق آهي، ته باغن جي پوکائيءَ کي همٿايو وڃي، تنهنڪري قائدن ضابطن جي منظوري ڏني وڃي ٿي.“

مٿئين منظوريءَ کانپوءِ سنڌ جي ڪمشنر 16 ڊسمبر 1859ع تي نمبر 3170 ۾ هدايت ڪئي، ته منظور ٿيل هرهڪ مامري جي جاڻ جاگير ڪاتي طرفان سنڌي ٻوليءَ ۾ پڌري ڪئي ويندي.“

نيٺ 16 ڊسمبر 1859ع تي ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ڪليڪٽوريٽن ۾ ڪليڪٽرن کي نمبر 758 کان 760 تائين موڪليل خط ۾ هيٺيون هدايتون ڏنيون ويون:

(1) باغن جي جوڙيل قائدن ۽ ضابطن تي هڪجهڙو عمل ڪيو وڃي.

(2) ڪاردارن ۽ مختيارڪارن کي سندن تعلقن جي فارسيءَ ٻوليءَ ۾ جوڙيل رولَ کي ڌيان سان پڙهڻ ۽ رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو وڃي، ته ڇا ڪو معافي - باغ منجهن شامل ڪيو ويو آهي يا نه. رپورٽ هيٺين تفصيلن تي ٻَڌل هئڻ گهرجي:

(الف) نيپيئرين بيگهه ۾ زميني ايراضي ۽ خاصيت:

(ب) اصل حقيتدار ۽ پوءِ تحويلدار جو نالو:

(ٻ) سَند جي تاريخ ۽ حقيتدار جو نالو- يا جيڪڏهن ڪا سَند نه آهي، ته پوءِ سنڌ جي فتح کان اڳ سالن جو عرصو، ته باغ وٽن معافي طور موجود هو:

(ڀ) برطانوي حڪومت جي توثيق ڪيل حُڪم (جيڪر ڪو هجي ته) جو مَتن.

(3) تعلقي جو عملدار اهو ڏسي، ته ڇا رولَ ۾ داخل سڀيئي ڌريون جيئريون آهن يا نه، جيڪڏهن جيئريون نه آهن، ته پوءِ ڪهڙن شخصن جي تحويل ۾ اُها زمين آهي.

(4) جاٺايل عملدارَ، جاگيردار جي موت جيان ساڳي ريت هرهڪ ڄڻي جي موت جي ڄاڻ ڏئي ۽ پنجن سالن جي تناسبي اُپت جو دستاويز پيش ڪري.

(5) باغن جي جمعبندي هيٺين ريت ٿيندي:

حيدرآباد (نوشهرو ۽ دوآبو تعلقن ۾) ٻه رپيا في نيپيئرين بيگهه

(حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ جي ٻين تعلقن ۾) هڪ رپيو اٺ آنا في نيپيئرين بيگهه

ڪراچي (سمورن تعلقن ۾، هڪ رپيو اٺ آنا في نيپيئرين بيگهه

شڪارپور (آڳاٽن ڪوهن سان ڪجهه باغن تي) ٽي رپيا في نيپيئرين بيگهه

(آڳاٽن ڪوهن سان ڪجهه نَون باغن تي) هڪ رپيو اٺ آنا في نيپيئرين بيگهه

سيڪنڊ ڪلاس جي باغ- حقيتدارَ جي موت تي چوٿين پتي ورتي ويندي.

اهو معلوم ٿئي ٿو، ته انهن رولَ ۾ شامل ڪجهه باغن ۾ ڪٽڪ يا ڪجهه اناج وارا فصل پوکيا وڃن ٿا. تنهنڪري، توهان کي پنهنجن ضلعن جي مختيارڪارن ۽ ڪاردارن کي هن مامري ۾ ڌيان ڏيڻ لاءِ حُڪم ڏيڻ تي خوشي ٿيندي، ۽ انهن ايراضين ۾ ٿيندڙ اهڙي پوک جي ايراضيءَ جي فهرست ان آفيس ۾ پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنو وڃي.

باب ڇهون

# حقابو يا آبيانو

سر چارلس نيپيئر ۽ محترم پرنگل جي دؤر ۾، حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرن تان ونجندڙ حقابو بابت رواج جو پتو، ڪئپٽن رٿبورن جو روينيو ڪاتي جي پڇيل سوال جي موٽ ۾ ڏنل جواب جي هيٺين مَتن مان پوندو:

"پاڻيءَ جي ورڇ بابت، رعيتي زمينن کي پاڻي مهيا ڪرڻ بابت جُڙيل رواج جي پيٽ ۾، ڪي ضابطا نه آهن، پر اُن جو مکيه نقطو هي آهي، ته جيستائين آڳاٽن ڪَڙين کي مڪمل پاڻي مهيا نٿو ڪيو وڃي، تيستائين نَون ڪَڙين کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي، ۽ اهو ته جيستائين جنهن زمين لاءِ خاص طور واهه کوٽايو ويو هو، تنهن لاءِ پاڻي باقي بچيل ۽ مناسب نه آهي، تيستائين ڪنهن ٻئي پرڳڻي جي ڪَڙئي کي پاڻي نه ڏنو ويندو. ۽ اهو ته جاگير طور داخل زمينون، سنڌ جي فتح واري وقت ورتل پاڻيءَ کان وڌيڪ پاڻي نه وٺنديون، ۽ جنهن لاءِ انهن تي ٽالپر اميرن جو اختيار هوندو هو.

"منظور ڪري ڏنل زمينون عام طور واپرايل پاڻيءَ تي آبيانو وڏي نارَ تي تي رپيا اٺ آنا في بيگهه، ننڍي نارَ تي ٻه رپيا، ۽ چانورن جي هڪ خرار تي هڪ رپيو چار آنا ۽ ٻوڏ جي پاڻيءَ تي پوکيل باجهريءَ ۽ جُوار تي هڪ خرار ٻه رپيا اٺ آنا ڏين ٿيون، جڏهن ته باغن تان في بيگهه ٻارهن آنا ساليانو ورتا وڃن ٿا. بهرحال، منظور ڪري ڏنل زمينون، جن ۾ حڪومتي حصو ٿئي ٿو، آبيانو رعيتي زمين تي هڪ خرار تي تي ڪاسا ونڻ مقرر ڪيو وڃي ٿو، ۽ ٻين زمينن تي مٿيون اڳهه ورتو وڃي ٿو. ۽ ڪجهه مامرن ۾ جتي جاگيردار، ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ آبياني لاءِ اڌ يا چوٿين پتي ڏيندا هئا، اُتي اُهي ساڳيو رواج جاري رکيو اچن."

ڪئپٽن پريڊي موجب ڪراچي ضلعي ۾ جاگيردار، سرڪاري واهن مان پاڻي کڻندڙ سمورين زمينن تي هيٺين ريت آبيانو ڏيندا هئا:

ٻن ڏِڳن يا هڪ اُٺ وسيلي هلندڙ نارَ يا هرهڪ چرخي تي في نارَساڍا تي رپيا.

هڪ ڏِڳي تي هلندڙ هرهڪ نار يا هُرلو تي ٻه رپيا في نار.

سيلابي يا ٻوڏ هيٺ آيل ايراضي..... ڪُل پيداوار تي في خرار تي تي ڪاسا، يا

جيڪڏهن اُهي شالي يا ٻُهه ۾ چانورن تي في خرار هڪ رپيو جي اگهه ۾ ٻين سمورن اناجن تي في خرار ٻه رپيا روڪ رقم ۾ ڏيڻ تي اوليت ڏين.

حقابو رُڳو "انهن زمينن تان ورتو ويندو هو، جن کي انهن واهن، تلائن يا ٽانڪين مان پاڻي ڏنو ويندو هو، جن جي صفائيءَ يا کاٽيءَ تي حڪومت ناڻو خرچ ڪندي هئي ۽ حڪومت جي خرچن تي ٺهيل بَندن وسيلي تحفظ ڏنل زمين تان ٻه- مينهن جي پاڻيءَ وسيلي پوکيل زمين، جيڪڏهن حڪومت جي بَندن وسيلي محفوظ ڪيل نه هوندي هئي، سميت درياءَ مان سڌي پاڻيءَ وسيلي يا رعيت طرفان پاڻ ٺهيل تلائن يا کوهن تي پوکجندڙ زمينن تي حقابي جي ڇُوٽ ڏنل هوندي هئي. جڏهن ته سرڪاري واهه مان پاڻي واپرائجندڙ تي حقابي جو اگهه رعيت سميت جاگيردارن لاءِ ساڳيو هوندو هو." (ڏسو ميجر پريڊيءَ جو 29 جولاءِ 1847ع تي سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ فلپ ڏانهن موڪليل خط نمبر 739.)

شڪارپور ضلعي بابت ڪئپٽن گولڊني هيٺين ريت لکندي چيو:

"اُتر سنڌ ۾ اسان جي وڏن واهن تي گڏيل طور منصفاڻي پورهئي سان کاٽي ڪئي ويجي ٿي.... ۽ منصفاڻي پورهئي ۾ هٿ نه وندائيندڙ جاگيردار پاڻيءَ جي ڪمن تي ٿيندڙ خرچن جو يا پنهنجن زمينن جي تناسب سان آبيانو ڏين ٿا. هن انهن اگهن جو تفصيل نه ڄاڻايو. (ڏسو ڪئپٽن گولڊني جو سوال نمبر ستين تي موڪليل جواب.)

ڪمشنر محترم فريئر 23 جولاءِ 1858ع تي نمبر 1840 ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن لکندي قرار ڏنو، ته حصيدارَ سرڪاري واهن تان پوکجندڙ زمين تي حقابو ڏيڻ جا پابند نه هئا. ۽ ڪمشنر اهو جواب ٻين ڪليڪٽرن جي رهنمائي لاءِ روانو ڪيو.

سيپٽمبر 1858ع ۾ هڪڙو ٻيو سوال فيصلي لاءِ اڳتي آيو. مير احمد خان خاناڻي پنهنجي خرچ تي گدو واهه جي کاٽي ڪڍڻ ڪانپوءِ اجازت گهُري، ته ڪيس گدو واهه مان نڪرندڙ ڪَڙين تي زميندارن طرفان پوکيل سرڪاري زمينن تان حقابو وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي. "حيدرآباد جي ڪليڪٽر اُن دعويٰ کي "معقول پر اڳ ۾ ڪنهن مثال جي نه هجڻ" ڪري. هن لکيو ته، "جاگيردار گدو واهه وسيلي پوکجندڙ زمين تي آبيانو ڏئي ٿو، جو ته اُن واهه ۾ سرڪاري واهه گُلو مان پاڻي اچي ٿو: بهرحال گدو واهه جي کاٽي جاگيردار پنهنجي خرچ تي ڪڍائي ٿو ۽ هُو ان سرڪاري زمين تان حقابو وٺڻ جي دعويٰ ڪري ٿو، جن زمينن کي ان واهه منجهان پاڻي ڏنو وڃي ٿو."

جاگيرن لاءِ مقرر ٿيل اسسٽنٽ ڪمشنر 21 سيپٽمبر 1858ع تي نمبر 198 ۾ هن حڪم هيٺ هيٺيون جواب ڏنو:

”آءٌ سمجهان ٿو، ته جاگيردار ساڳين حالتن هيٺ ٻين جاگيردارن کان حقابو وٺي ٿو، ۽ آءٌ نٿو ڀانيان ته جوهن کي سرڪاري زمينن تي به اهڙي دعويٰ هئڻ گهرجي.“

## نبيريل زمينن تي حقابو مقرر ڪرڻ لاءِ ضابطا

ڪمشنر 28 فيبروري 1858ع تي، روينيو سروي سيٽلمينٽ جي ماتحت ضلعن ۾ حقابو مڙهڻ ۽ يقيني بنائڻ لاءِ جوڙيل ضابطا پڌرا ڪيا، جن مان مَتن جا ڪجهه ٽُڪرا هتي ڏجن ٿا:

”سموريون پَٽيلي سيري جاگيرون، پوءِ اُهي پوکيل هجن يا نه، ۽ سموريون هڙيو (جيستائين اُهي فصل سان گڏ پوکيل نه هجن، جنهن صورت ۾ ڪانئن پوري گڏيل سروي جمعبندي ورتي آهي، ۽ حقابو رواج جيان ڪانئن ڏار ٿيل نه هجي،) حقابو جي خيال کان ڪانئن ڪجهه به ورتو نه آهي، نه ئي ننڍيون معافي- زمينون آهن، ۽ نه ئي ايراضيءَ ۾ ويهن ايڪڙن کان وڌيڪ هجن، پوءِ ڀلي انهن کي جاگير، معافي يا معمولي سڏيو ويندو هجي، حقابو ڏيڻ جون پابند آهن....

”معافي زمينون، پٽيلي يا سيري زمينون نه آهن، ۽ نه ئي هڙيون آهن، جيڪي مٿي ڄاڻايل جيان حقابو ڏيڻ کان آجيون آهن، شايد ايراضيءَ ۾ ويهن ايڪڙن کان وڌيل هجن، جنهن صورت ۾ اُهي جيڪڏهن سرڪاري واهن مان پاڻي کڻندڙ هجن، اُهي حقابو ڏيڻ جون پابند آهن....

”فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس جاگيرن تي مقرر ٿيل حقابي کي، ڪليڪٽر طرفان سيٽلمنٽ آفيسر سان لاڳاپي سان، سنڌ جي ڪمشنر جي 16 نومبر 1867ع، خط نمبر 2601 ۾ شامل هدايتن پٽاندر نبيرٽو آهي....

”پَٽيدار، معافيدار يا ڪنهن ڳوٺ جي زميني محصول ۾ سرڪار سان گڏ ڀائيوار حصيدارن کي، هينئر منجهانئن حقابي جي تخفيف ٿيڻ ڪانپوءِ باقي بچيل زميني محصول مان هينئر ئي ڏيڻو آهي- تعلقي سڪرنڊ ۽ شهدادپور ۾ مير حيات خان ٽالپر جي نرالي مثال سان، جيڪو هن وقت زميني ڍل ۽ آبياني مان پنهنجو حصو وٺي ٿو. جڏهن ته نبيري مهل مقرر ساليانو رقم ۾ قيرقار ڪيل معافي- جاگيرن تي حقابي جي خيال کان ڪنهن وڌيڪ تخفيف ڪانسواءِ، ڳوٺ جي زميني محصول مان رقم ڏيڻي آهي.

”آبيانو جڏهن به مقرر ڪيو وڃي، ته اهو ضلعي جي رائج نبيري سان گڏيل حد يا مقصد ٿيندو.“

حقابي تي عام طور وٺجندڙ مقامي فنڊ سيس، بمبئي ائڪٽ VIII جو 1865، سيڪشن 2 هيٺ مناسب نہ هو، تنهنڪري ڪمشنر 19 اپريل 1875ع تي ڪليڪٽرن ڏانهن اماڻيل خط نمبر 1851 ۾، پهرين اپريل 1875ع کان هڪدم اُن جي ختم ڪرڻ لاءِ حُڪم جاري ڪيا.

سنڌ ۾ حيدرآباد، ڪراچي ۽ شڪارپور ڪليڪٽوريٽن جي مختلف سرڪاري توڙي زمينداري واهن تي پوکجندڙ فصلن تي في ايڪڙ ورتي ويندڙ آبياني جي رقم ۾ وڏو فرق هوندو هو. تنهنڪري 24 جولاءِ 1878ع تي ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ اهو موضوع بحث هيٺ آيو. ڪانفرنس ۾ انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ويو، تہ حڪومت کي ”قليلي ڊويزن ۾ جاگيرن تي مقرر حقابي اگهن تي ويچارڻ“ تي مجبور ڪرڻ لاءِ چڱا ۽ مناسب سبب موجود هئا.“ ۽ اهو تہ اهو ”هرهڪ واهہ تي ڏار ڏار زمينن لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ تي سرڪار جو ايندڙ خرچ جي پڪ ڪرڻ وڏيڪ منصفاڻو عمل هو، ۽ پوءِ جاگيردارن طرفان پاڻ کاتي ڪنيل واهن يعني قليلي يا گونيءَ تي پوکجندڙ جاگيرن جي ڪيتري ايراضيءَ تان ڪيترو حصو وٺڻ گهرجي، تنهن جو فيصلو ڪيو وڃي.“

22 نومبر 1882ع جي حڪومتي ٺهراءُ نمبر 142 هيٺ، سنڌ جي ڪمشنر جو 26 آڪٽوبر 1882ع تي موڪليل خط ۾ ڄاڻايل سفارشن کي منظور ڪندي چيو ويو:

”سنڌ ۾ ڪمشنر طرفان نظرثانيءَ ڪيل آبيانو چانور پوکيل في ايڪڙ تي وڌ ۾ وڌ ڏهہ آنا ۽ گهٽ ۾ گهٽ ست آنا ۽ ٻين زمينن تي وڌ ۾ وڌ في ايڪڙ تي اٺ آنا ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنج آنا آبيانو وٺڻ واريءَ تجويز جي تائيد ڪري اُن کي منظور ڪيو وڃي ٿو.

”متي ڄاڻايل حدن مان وٺجندڙ حقيقي آبياني کي، ٿي سگهي تہ ڪليڪٽر ۽ آبپاشي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر طرفان هرهڪ جاگيردار کي پاڻيءَ جي دستيابيءَ جي خاص صورتحال موجب، سنڌ ۾ ڪمشنر جي حُڪم هيٺ، نبيرڻو آهي.

”جاگيرن ۾ سروي ڪرڻ تي ايندڙ لاڳت يا خرچ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ممڪن حد تائين جاڻ ڏني وڃي. چانورن ۽ ٻين پوکيل فصلن جي ايراضيءَ کي جاگيرن جي ڪنهن درجابنديءَ جي ڪوشش ڪانسواءِ مناسب ايراضيءَ جي انگن منجهہ ماپ ڪرڻ ۽ ورهائڻ ڏاڍو مناسب ٿيندو، جو مکيہ مقصد، مناسب آبيانو مڙهڻ جي خيال کان، پوکيءَ هيٺ آيل حقيقي ايراضيءَ تائين پهچڻ آهي.“

باب سنون

# درياءَ حوالي ٿيل زمينَ ۽ ٻيٽ يا ريٽ

## درياءَ پايل زمين ۽ ٻيٽ يا ريٽ بابت آڳاٽي رسم

ٽالپرن جي حڪومت ۾ درياءَ جي ڇڏيل لَٽياسي زمين بابت آڳاٽي رسم اِها هوندي هئي ته، "درياءَ جي عارضي طور مڪيه وهڪري کي، ضلعن ۽ جاگيرن جي وچ ۾ هرهڪ پاسي کي حدبندي سمجهيو ويندو هو." جڏهن درياءَ سمورن ڳوٺن کي ٻوڙي ڇڏيندو هو، ۽ جاٽايل ڳوٺ جي زمينن پرسان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سالن جي وقفي ڪانپوءِ نيون زمينون نڪري يا مٽي اُڀري ايندڙيون هيون، ته اُهي نڪري آيل زمينون رواج پٽاندر، پر شرط اهو هوندو هو، ته اُهو ٻيٽ نه هجي، مُهاڳيدارن کي ڏنيون وينديون هيون. سنڌو درياءَ ۾ ٺهيل ٻيٽ واريون عام طور اهي زمينون هونديون هيون، جيڪي پاڻيءَ جي چاڙهه واريءَ موسم ۾ ٻُڏي وينديون هيون ۽ وري سوڪهڙي ۾ نڪري نروار ٿينديون هيون." ۽ شڪارپور ڪليڪٽوريٽ ۾ انهيءَ ڏس ۾ پتو پوي ٿو، ته انهن زمينن کي نجي ملڪيت سمجهيو ويندو هو- مُهاڳيدارن وچ ۾ ٿيل تڪرار جي نبيري لاءِ سنڌو درياءَ ۾ ڪنهن جاءِ تي، فرض ڪيل ريٽ جي پيٽ ۾، مٿين لهواري پاسي کان ڪا ٻيڙي لوڙهي ويندي هئي؛ جيڪڏهن اُها ٻيڙي اولهندو وهڪرو وٺندي هئي، ته اهو ريٽ، اوڀرندي پاسي لڳ ويجهڙائيءَ واريءَ جاگير جو واڌو ڀاڱو ٻڌجي ويندو هو. پتو پوي ٿو، ته انهيءَ ساڳئي قسم جي رسم جو گهوڙا ٻاري ضلعي ۾ به رواج هوندو هو، جتي دعوائون، دعويدارن جي حمايت ۾ يا مخالف ۾ نئين نڪتل ريٽ جي اندرئين پاسي يا ٻاهرين پاسي ترندڙ مَٽڪي وسيلي فيصلا ڪيا ويندا هئا.

## حيدرآباد ضلعي ۾ درياءَ پايل زمين ۽ ٻيٽ بابت آڳاٽي رسم

حيدرآباد ضلعي ۾ درياءَ جي ڇڏيل لَٽياسي جاگير بابت رواج هيٺ آيل رسم بابت، ڪليڪٽر حيدرآباد 25 جون 1851ع تي خط نمبر 437 ۾، ڪمشنر طرفان گهُرايل جواب جي موٽ ۾ هيئين ريت ڄاڻايو آهي.

"(1) مٿئين رُتبي وارن بلوچ سردارن وٽ درياءَ جي ڪناري سان لڳ جيڪي

زمينون آهن، تن کي ”ڪچي جون زمينون“ چيو ويندو هو. جيڪي گهڻو ڪري ٽالپر اميرن طرفان عهدنامن يا واعدن تي ملنديون هيون. جڏهن ته اهڙيون زمينون يا سنڌن ڪجهه حصو ٻُڏي ويندو هو، يا وري اُهو ٻاهر نڪري نروار ٿيندو هو، ته ساڳيءَ ايراضيءَ جون زمينون، ٽالپر اميرن جي ڏيان ۾ آڻڻ ۽ ماموري تي ڪنهن به تڪرار ڪانسواءِ، جاگيردارن کي ڏنيون ويندڙيون هيون. هيٺئين درجي جا جيڪي بلوچ سردار عهدناما نه وٺي سگهندا هئا، سي عام طور پنهنجون زمينون مٿئين اصول پٽاندر، گهڻي تڪليف ۾ نه اچڻ ۽ ٽالپر اميرن جي ڏيان ۾ نه آڻڻ ڪانسواءِ، پيهر واپس وٺندا هئا. حقيقت ۾، دريائي ٻوڙ سبب ٻُڏي ويل زمينن جي ايراضيءَ جي پڪ ڪرڻ لاءِ زميندارن کان ساک ورتي ويندي هئي. ”مٿئين صورت ان ماموري ۾ واپرائي ويندي هئي، جتي درياءَ ڪنهن هنڌ پنهنجو وهڪرو مٽائيندي، پنهنجو نئون وهڪرو ڪُجهه مُدن تائين برقرار رکندو هو، ۽ زمين جي ايراضيءَ کي ٻوڙي ڇڏيندو هو. ۽ پوءِ درياهي وهڪري ۾ ڦيرو اچڻ سان اها زمين ٻاهر نڪري ايندي هئي، ۽ وري درياءَ پنهنجي اصل پيٽ ڏانهن موٽي ويندو هو.

”(3) جيڪڏهن درياءَ ڏار ڏار وهڪرا اختيار ڪندي، پنهنجي اصل پيٽ جي وچ ۾ پيٽ ناهيندو هو، ته اُن زمين جي ڪنهن به حصي تي جاگيردار جي ڪابه دعويٰ نه رهندي هئي، ۽ نه ئي هن کي درياءَ جي پرئين ڪناري تي، جتي شايد هن جي جاگير موجود هوندي هئي، درياءَ جي ڇڏيل زمين تي ڪو حق هوندو هو.

## شڪارپور ضلعي ۾ دريائي پيٽ يا ريٽ بابت آڳاٽي رسم

ڪليڪٽر شڪارپور جاٽايو، ته درياءَ ڪنهن ڳوٺ جي پرئين پاسي ڪا زمين ڇڏيندو هو، ته اُن زمين کي عام طور اُن ڳوٺ جو ڀاڱو سمجهيو ويندو هو. جاگيرَ ڳوٺن ۾ زمين جي تازي ذخيري جي دعويٰ اُڪلائڻ جي اجازت اُن شرط تي ڏني ويندي هئي، ته اُها نڪتل زمين، سنڌ جي فتح کان وٺي ڪنهن به وقت نڪتي هئي، ۽ پوکيءَ هيٺ آڻيندڙ جاگيردار کي اها جاگير توثيق ڪري ڏني ويندي هئي.

## ڪراچي ضلعي ۾ دريائي پيٽ يا ريٽ بابت آڳاٽي رسم

ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر پنهنجي بيان ۾ جاٽايو، ته قاعدي ۽ رواج پٽاندر دريائي وهڪرو مٽائڻ تي نڪتل ”ريٽ ڪم“ ايراضيءَ جي، ٽالپر اميرَ طاقتور سردارن ڪانسواءِ، ورلي جاگير طور منظوري ڏيندا هئا.

هوڏانهن محترم فريئر ان بابت پنهنجي رپورٽ ۾ جاٽايو، ته درياءَ جا وهڪرا

متاثر ڪري نڪتل ريت بابت رسم رواج سڄي سنڌ ۾ ساڳئي نوعيت جو نہ هوندو هو. تنهنڪري هُن 20 نومبر 1851ع تي حڪومت کي تجويز ڏني، تہ اُن موضوع تي قائدا ۽ ضابطا جوڙيا وڃن، ۽ اُهي ويچار ۽ منظوريءَ لاءِ سرڪار آڏو رکيا وڃن.

محترم فريئر کي درياءَ خوالي ٿيل زمين جي رواج بابت پتو پيو، تہ اهو سڄي سنڌ ۾ هڪجهڙو نہ آهي، تنهنڪري هُن 20 نومبر 1851ع تي ان موضوع بابت ضابطا جوڙڻ ۽ انهن کي حڪومت آڏو رکڻ جي تجويز ڏني. بهرحال، ڪمشنر محترم فريئر، بنگال، بمبئي، اتر- اولهہ هندستان ۽ ڪليڪٽرن کان موڪليل مواد جي مدد سان هيٺيان ضابطا جوڙيا، جيڪي منظوريءَ لاءِ ممبئي حڪومت ۽ انڊين حڪومت ڏانهن موڪليا ويا. اُهي جوڙيل ضابطا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) سڄي سال دؤران پاڻيءَ سان ڀريل وهندڙ ڪنهن وهڪري يا ڍوري طرفان درياءَ يا سامونڊي ڪناري جي مکيہ ڪنارن کان ڌار ٿيل ڪنهن بہ زمين کي 'ٻيٽ' سمجهيو ويندو.

(2) درياءَ يا سمنڊ وسيلي ڇڏيل نوان ٻيٽ حڪومت جي ملڪيت هوندا.

(3) سڄي سال دؤران پاڻيءَ سان ڀريل وهندڙ ڪنهن وهڪري طرفان مکيہ زمين کان ڌار نہ ٿيل سموري نئين زمين کي پراڻي زمين، جيڪا سائس مُهاڳي ۾ هوندي، تنهن جي مالڪ جي ملڪيت سمجهيو ويندو، ۽ اُها هيٺ ڄاڻايل ضابطن لاءِ شرط وارن مامرن ۾ حڪومتي جمعبنديءَ جي ماتحت هوندي.

(4) اُهي ضابطا رُڳو درياءَ طرفان اهڙي انداز سان نئين ڇڏيل زمين جي انهن مامرن ۾ سُنا ثابت ٿيندا، جو انهن جي ڪنهن زمين سان سندن سڃاڻپ ناممڪن بڻجي وڃي، جيڪا ساڳيءَ هنڌ اڳ ۾ موجود رهي هجي، ۽ تڏهن درياءَ پاڻي ويو هجي. جيڪڏهن درياءَ پنهنجي وهڪري ۾ اوچتي تبديليءَ وسيلي هوريان هوريان اڳتي وڌڻ کانسواءِ، ڪنهن جاگير جو حصو ڳڙڪائي وڃي، جيڪو رُڳو اڳ ۾ جنهن جاگير سان جُڙيل هو، تنهن جي باقي حصي کان زمين جو اهڙو حصو ڌار ٿئي، سڃاڻپ تباهہ ڪري يا ائين ڳڙڪايل زمين جي سڃاڻپ کان روڪڻ کانسواءِ، پوءِ زمين واضح طور ۽ ان غلطيءَ سان سڃاڻپجي، تہ سندس ڌار ٿيڻ کان اڳ جيان، ساڳئي حقيتدار جي تحويل ۾ برقرار رکي ويندي.

(5) ڪنهن بہ اَڻ سُڃاڻپجڻ جوڳين زمينن تي وڌيڪ زور نہ ڏنو وڃي، جو اُهي زمينون (2) ۽ (3) ضابطي هيٺ اينديون.

(6 کان 10 تائين وارا ضابطا پٽيداري ۽ ڪٽ سان واسطو رکن ٿا، تنهنڪري هتي اهي ضابطا ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو ويو آهي.)

(11) جاگيرن ۾ ضابطي هيٺ يا ٻئي معافي جاگير ۾ زمين جي تحويلدارن وٽ، سندن جاگيرن سان لاڳاپيل سموري زمين تحويل ۾ رهڻي آهي، پر شرط اهو هوندو، تہ بااختيار اختياريءَ طرفان جاري ٿيل تازي توثيق ڪيل جاگير جي تاريخ کان سندن تحويل ۾ موجود زمين کان واڌو زمين ڏهہ سيڪڙو کان نہ وڌي.

(12) جيڪڏهن واڌو زمين ڏهہ سيڪڙو کان وڌي وڃي، تہ لائق اختياريءَ جي منظوريءَ هيٺ اڳ ۾ تحويل ۾ موجود سموريون زمينون جمعبنديءَ جون پابند هونديون، پر اصل معافي- جاگير جي تحويلدار جي ملڪيت ۾ رهنديون.

(13) بهرحال، اهڙين حالتن ۾، جتي زمين جو مقرر خاص مقدار معافي- زمين طور منظور ڪيو ويو هجي، ۽ اهو ڳوٺ، مڪان يا جاگير نہ هجي، تہ پوءِ تحويلدار وٽ سندس اصلي زمينن تي ڪابہ واڌو دعويٰ نہ ٿي سگهندي.

(14) جيڪڏهن ڪنهن دعويٰ تي حڪومت طرفان معافي- جاگير سان لاڳاپيل نئين زمين جو ڪاتو لڳائڻ لاءِ اوليت ڏيڻ تي اهو ثابت ٿئي، تہ وڏيڪ يا زمين جي هڪجيتري ايراضي، معافيدار- تحويلدار کي آخري توثيق جاگير جي تاريخ کان وٺي، ساڳئيءَ جاگير کان درياءَ حوالي ٿي وئي آهي، تہ پوءِ ڪاتو لڳائڻ واريءَ دعويٰ کي نامنظور ڪيو ويندو.

(15) اهو دليل ڪنهن بہ صورت ۾، سنڌ جي فتح کان اڳ درياءَ حوالي ٿيل زمين جي ڏس ۾ ڪارائتو نہ ٿيندو.

(16) جيڪڏهن ڪا معافي- جاگير درياءَ حوالي ٿي وڃي، تہ تحويلدار وٽ نئين جاگير وٺڻ لاءِ ڪا دعويٰ نہ هوندي ۽ نہ ئي نئين زمين جي ٻيٽ يا ربت جي ڏس ۾، معافي- جاگير جي تجديد ڪئي ويندي. نيون زمينون انهن جاگيرن جي واڌو ايراضي هوندي، جيڪي ضابطي 3 هيٺ مُهاڳي ۾ هجن.

(17) جتي ڳوٺ يا جاگيرون، هلڪي ڍل ڏيڻ جي شرط هيٺ، منظور ڪيون ويون هيون، اُتي حڪومت وٽ واڌو زمين جي، ڏهہ سيڪڙو نہ وڌڻ تائين، ڪاتو لڳائڻ جي ڪا دعويٰ نہ هوندي؛ جڏهن اُها ڏهہ سيڪڙو تائين پهچندي، تہ پوءِ سڄي واڌو ايراضي عام ڍل ڏيڻ جي پابند هوندي.

(18) هن ضابطي موجب پائيواري حصن واري جاگير واڌ يا تخفيف جوڳي هوندي.

(19) ٻيٽ يا ريٽ ڏيڻ جو فيصلو خاص ڪري جاگير جي شرطن کي سامهون رکندي ڏنو ويندو.

(20) ٻيٽ يا ريٽ جو مامرو جيڪڏهن ديواني عدالتن ۾ ويندو، ته پوءِ قانوني ذرين کي ممڪن حد تائين مقامي رواج موجب سندن دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪين گهرايو ويندو، جيڪڏهن رواج واضح ۽ شڪ کان آجو هوندو، ته پوءِ ٻيٽ يا ريٽ واري مامري کي اُڪلائيندي. جتي ٻه اها ثابتي ناڪام ٿيندي، ته عدالت مٿئين ضابطن جي روشنيءَ ۾ فيصلا ڪندي.

لاءِ جاگيردارن کان گهُربل مزدوريءَ وٺڻ بابت پُڇيو. ڪئپٽن اسٽئڪ موٽ ۾ ڪجهه سَندن جا ترجما موڪليا، جن منجهان هُن نتيجو ڪڍندي چيو ته ”جاگيردارن کي اصول ۽ رواج موجب مختلف سرڪاري مقصدن لاءِ پورهيو هٿيڪو ڪري ڏيڻ لاءِ گهُرج مهل پابند سمجهيو ويندو هو.“

هُن وڌيڪ چيو ته، ”جاگيرن جي سَندن ۾ لازمي طور اُن گهُرج جي ذميواري جاڻائي نه ويندي هئي، (جڏهن ته ڪمشنر ڏانهن موڪليل سَند جي ترجمو ٽيل متن ۾ چيو ويو هو: ’هنن کي شڪارگاهن جي واڙ يا پِٽين جي مرمت لاءِ گهُرج مهل پورهيو مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ ۽ مسافرخانن ۽ رستن جي مرمت لاءِ، ٻين جاگيردارن لاءِ رواج جيان، ضرورت مهل گهُرايو ويندو هو.‘) پر اُهي ائين اڪثر ڪندا هئا، ۽ جڏهن اُهي ائين ڪندا هئا، ته پوءِ اُن عمل کي سِپني جاگيردارن کان رواج هيٺ خدمتون وٺڻ چيو ويندو هو.... تنهن ڳالهه مان اسان اهو نتيجو ڪڍون ٿا، ته اهو ائين ٿيندو هو..... بهرحال عملي طور ان عملَ يا رواج جو ٻين جي پيٽ ۾ ڪجهه علائقن جي جاگيردارن تي وڌيڪ بار پوندو هو، جو گهڻو ڪري ٽالپر اميرن جو حُڪم نامو شڪارگاهن جي ٻرپاسي واقع يا اوڏانهن ويندڙ رستي ٻرسان يا ويجهو جاگيرن جي تحويلدارن کان اڪثر ڪم ورتو ويندو هو. ٽالپر امير اهڙا حُڪم جاري ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ لاءِ وڃڻ ۾ من مؤجي هوندا هئا: انهن جي سفري رستن جي ورلي مرمت ڪئي ويندي هئي، پر خاص موقعن تي سِپني کي حُڪم تي اچي خدمتون آڇڻ جي ماتحت سمجهيو ويندو هو، ۽ مونکي يقين آهي، ته جڏهن به پورهيو ڪانئن طلبيو ويندو هو، ته رضامنديءَ سان مهيا ڪيو ويندو هو.

”جڏهن به ڪو وڏو ۽ گهڻو ڪم ٿيندو هو، ته جاگيردارن طرفان مهيا ڪيل مزدورن کي ٽالپر اميرن جي اناج واري گودام مان اناج ۽ ڪاڌو وٺڻ جي اجازت هوندي هئي، جيڪو روزانو هڪڙي ويلي جو اناج ڏنو ويندو هو، پر جاگيردارن مان متن واجب سمورين شرطن کي پورو ڪرڻ جي اُميد ڪئي ويندي هئي.

”مون اهڙي ڪابه سَند نه ڏٺي آهي، جنهن مان جاگيردارن کي اُن گهُربل پورهئي جي حقَ کان آجو ڪيو ويو هجي، ۽ مونکي يقين آهي، ته لاڙ سنڌ ۾ اُها نرالي حيثيت اٽلي هئي. بهرحال، جيڪڏهن هنن کي اُهو لاپو ۽ پورهيو مهيا ڪري ڏيڻو پوندو هو: پوءِ آءُ اهو نتيجو ڪڍان ٿو، ته هنن کي اسڪولن ۽ رستن جي فنڊ جي رٿيل لاپي مان آجو ڪرڻ گهرجي.

”اِن ڳالهه جو ڪاٿو لڳائڻ ڏکيو آهي، جيڪو تناسب اُن حُڪمن جي پورهئي تي

جاگير کان آمدني تي بار پوندو هو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ اهو بلڪل غيرمنصفاڻو ۽ بي قاعدي هو. جن علائقن ۾ اُها طلب وٺڻ جو رواج هوندو هو، اهو تناسب هاڻي رٽيل فنڊ جو پنج سيڪڙو کان گهٽ نہ تي سگهندو هو.“ (ڊسو ڪئپٽن اسٽئڪ جو 2 نومبر 1853ع تي خط نمبر 179.)

بهرحال، انڊيا حڪومت 15 اپريل 1859ع تي نمبر 711 ۾، ”محترم فريئر جي جاگير جي ڪُل پيداوارَ تي، رستن ۽ تعليمي سيس طور سمورين جاگيرن تي پنج سيڪڙو ڏيڻ واري موضوع بابت تجويزن“ کي منظور ڪيو.

باغن، مذهبي ۽ خيراتي جاگيرن تي 5 سيڪڙو سيس لاڳو ٿيڻ جي رواج تي هڪجيترو يڪسان عمل نہ پئي ٿيو، تنهنڪري ڪمشنر 28 اپريل 1884ع تي پنهنجي پڌرنامي نمبر 1626 ۾ قرار ڏنو، تہ سيس ويهہ رپين جي ساليانی ڍل ڏيڻ کان وڌيڪ سمورن باغن وارين جاگيرن تان ورتو وڃي، پر مذهبي يا خيراتي جاگيرن تان نہ ورتو وڃي.

باب نائون

# جاگير- نبيري جو انتظام

## جاگيرن جي ايراضين ۾ تفاوت

جاگيرن جي ايراضي ۾ تفاوت وارو مامرو، مير محمد خان ۽ مير احمد خان جي سرڪاري تحويل ۾ ورتل ضلعن ۾ موجود جاگيرن جي ماپ مهل اڀري نروار ٿيو. ڪئپٽن پيلي 1856ع ۾ هنن جي تحويل ۾ جاگيرن جو اٽڪل ڪاٿو ترتيبوار ٻاهٺ هزار 150 ۽ سورهن هزار ڇهه سؤ بيگهه لڳايو هو، پر سيٽلمينٽ ڪاتي طرفان ڪيل سروي مان پتو پيو، ته وٽن هڪ لک ستاويهه هزار 210 ۽ ستر هزار ڇانوي بيگهه ايراضي ترتيبوار موجود هئي. اندين حڪومت ڏانهن موڪليل دستاويزن ۾، ڪئپٽن پيلي جي ڪاٿن کي ميرن جي جاگيرن جي ايراضيءَ طور درج ڪيو ويو هو ۽ انهن جي مناسب طريقي سان منظوري به ڏني وئي هئي. هاڻي ميرن ايراضيءَ جي درستگيءَ وسيلي سَندن ۾ ترميم لاءِ درخواست ڪئي ۽ شڪارپور جو ڪليڪٽر پاڻ مطمئن ٿيندي، ته سردارن وٽ موجود اهي زمينون، ڪئپٽن پيلي جي ڪاٿي مهل به ميرن جي تحويل ۾ موجود هيون. تنهنڪري ڪمشنر 21 جولائي 1862ع تي نمبر 151 ۾ سفارش ڪئي، ته ٿي سگهي ته واڌو ايراضي درخواست ڪندڙن کي توثيق ڪري ڏني وڃي ۽ به ڀاڱي ٽي حصن کي موروثي طور پيهر منظور جوڳي هجڻ جو اعلان ڪيو وڃي.

هوڏانهن حڪومت 11 نومبر 1863ع تي منظور ڪيل ٺهراءُ نمبر 3980 ۾ حڪم ڏنو: ”سنڌ جي ڪمشنر کي متئين مامري ۾ خط ۾ ڄاڻايل سردارن جي سَندن ۾ ضروري درستگي ڪري، اهي ڪين ڏنيون وڃن ۽ لاڳاپيل درستگي ڪمشنر جي آفيس جي رجسٽر ۾ به ڪئي وڃي.

هڪڙو ٻيو مامرو، جاگيردارن جي مختلف طبقن کي، نبيري هيٺ جاگيرن ۾ پنهنجي ڪجهه حصي تان هٿ ڪڻڻ مهل، وٽن ڪيتري حد تائين برقرار رکندڙ حصن جي چونڊ جي مختياري ڏيڻ جو هو. درياءَ جي ڪاٻي ڪنارن وارن ضلعن جي سيٽلمينٽ آفيسر 25 جون 1869 تي نمبر 231، هيٺين ضابطن جو ميڙ ڪمشنر کي پيش ڪيو، جنهن کي هن سندس ماتحت عملي جي رهنمائي لاءِ جاري ڪرڻ جي تجويز ڏني. انهن

تجويزن تي تفصيلي جائزي، ڇنڊڇاڻ ۽ ويچار کانپوءِ ڪمشنر 14 جولائي 1869ع تي نمبر 1711 هيٺ منظور ڪيو.

(1) ”ڇٽن ٽالپر آڪهين يا سيڪنڊ ڪلاس سردارن جي جزوي موروثي جاگيرن منجهان، آخري مستقل سرڪاري تحويل ۾ زمين وٺڻ وارين حالتن ۾، جاگيردارن کي خواهش موجب موروثي طور رکندڙ، حصي چونڊڻ جي اجازت ڏني ويندي، پر کين رڳو ان شرط جو پابند بڻايو ويندو، ته مستقل جاگير هڪ گڏيل ٽڪر ۽ چڱي واضح زميني جاگير هجي، جتي ايراضيون مهاڳي ۾ هجن ۽ ممڪن حد تائين مڪمل مڪان ۾ هجن.“

”ايراضيءَ جي ڏس ۾: ڇٽن عظيم ٽالپر آڪهين جي جاگيرن واري حالت ۾، سَند ۾ داخل تحويل واري ايراضيءَ جي ماپ پٽاندر ايراضيءَ هجڻ گهرجي ۽ سَند موجب موروثي طور توثيق ٿيل ايراضي جاگيردار کي ڏني وڃي ۽ باقي بچيل ايراضيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي. بهرحال، جيڪڏهن سَند ۾ ڄاڻايل ايراضي، ماپ مطابق ايراضيءَ کان وڌي وڃي، ته پوءِ ان واڌو ايراضي جي ٻه ڀاڱي ٽين حصي کي سندَ ۾ داخل ڪيل ايراضيءَ سان، موروثي توثيق لاءِ شامل ڪيو ويندو ۽ جاگيردار کي ڏني ويندي ۽ رهيل ٻه ڀاڱي ٽيون حصو سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو.

”جزوي موروثي سيڪنڊ ڪلاس سردارن جي حالت ۾ موروثي توثيق لاءِ ايراضي جي، سَند ۾ داخل هجڻ جيان حدبندي ڪئي ويندي ۽ اها جاگيردار کي ڏني ويندي ۽جاگير جي رهيل ايراضيءَ کي سرڪار لاءِ تحويل ۾ ورتو ويندو.

(2) ”جاگيرن تان وراثتي محصول وٺڻ جي جاءِ تي، چوٿين پتي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ واريءَ حالت ۾، پوءِ ڀل اها ڇٽن ٽالپر آڪهين يا جزوي طور موروثي سيڪنڊ ڪلاس سردارن يا غير موروثي ٽرڊ ڪلاس جاگيردارن سان واسطو رکندڙ هجي، جاگيردار کي پنهنجي خواهشن موجب حڪومت کي ڏيندڙ حصو چونڊڻ جي اجازت ڏني ويندي، پر اِهو رڳو ان رواج ۽ شرط جو پابند هوندو، ته هٿ ڪٽڻ لاءِ چونڊيل حصو لڳاتار ايراضيءَ تي ٻڌل هجي، پر جاگير جي مختلف حصن مان ڪڍيل ننڍن غير پيداواري حصن تي ٻَڌل نه هجي.

”ايراضيءَ جي ڏس ۾: جيڪڏهن جاگير جي ايراضي، سَند ۾ داخل ايراضيءَ کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي، ته پوءِ سَند موجب ايراضيءَ جي چوٿين پتيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي، پر جيڪڏهن ايراضي سَند ۾ ڄاڻايل ايراضيءَ کان گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ته، پوءِ ايراضيءَ جي چوٿين پتي کي رڳو اصلي ماپ موجب، سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو.

(3) ”گڏيل جاگير ۾ ٻن يا وڌيڪ آزاد غيرموروثي جاگيردارن جي تحويل ۾ موجود جاگير مان، پائيوار جي موت جي نتيجي ۾ ڪنهن جاگير مان ايراضي سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ واريءَ حالت ۾، پوڪيل ۽ غير آباد زمين جو چڱو حصو، حڪومتي نمائندي طرفان سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو. جيئرن پائيوارن کي پهرين پيري اهڙي چڱي حصي تان هٿ کڻڻ لاءِ گهرايو ويندو ۽ ان طرفان ائين ڪرڻ جي بنياد هجڻ تي، زمين جي چونڊ ۾ سندس خواهش پڇي ويندي. ٻيءَ صورت ۾ حڪومتي نمائندو هڪدم ڪاروائي هلائي ماپ ڪندو ۽ سندس غير معقول اعتراضن کي ڌسندي اتي تحقيق ڪيل سرڪاري حصي جي حدبندي ڪندو.

”ايراضي بابت: جيڪڏهن سڄي جاگير جي ايراضي، سمورن پائيوارن لاءِ سَند ۾ داخل ايراضيءَ کان وڌيڪ هجي، ته سَند موجب تحقيق ڪيل حصي جي ايراضيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو، پر جيڪڏهن سرڪاري تحويل ۾ ورتل ايراضي گهٽ کوٽ ۾ هجي، ته پوءِ سَند ۾ ڄاڻايل سموري ايراضي، وارثن جي گذران لاءِ ڇڏي ويندي.

(4) ”غيرموروثي جاگيردارن ۾ اهو اڪثر ڏٺو ويو آهي، ته هڪڙي جي جاگير ۽ ساڳيو جاگيردار، ٻئي ڄڻا سيڪنڊ ترڊ ۽ فورٿ ڪلاس جاگيري زمين ۾ درج ٿيل آهن. هرهڪ طبقي جي زميني ايراضي سَند ۾ واضح ٿيل آهي- پر پوءِ به جاگير تي سندس حيثيت نروار ٿيل نه آهي. ان حالت ۾، جڏهن هرهڪ طبقي جي، مستقبل ۾ سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جي خيال سان، زميني جائداد ۾ حيثيت کي مقرر ڪرڻ ضروري بڻجي ٿو، تنهنڪري جاگيردار جي پسند ٻنهي جائدادن ۾ شامل جاگير جي مٿئين طبقي جي زمين جي چونڊ ۾ غير مشروط ڇڏيل آهي.

”ايراضيءَ بابت: جيڪڏهن جاگير جي سموري ايراضي، سَند ۾ داخل ايراضيءَ کان گهٽ هجي، ته جاگيردار کي مٿئين طبقي جي جاگير واريءَ سَند پٽاندر ڪُل ايراضيءَ جي حدبندي ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ کوٽ هيٺين طبقي ۾ ڇڏي وڃي، جنهن کي پهرين سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويندو. پر جيڪڏهن جاگير جي ايراضيءَ بابت سَند ۾ ڄاڻايل ايراضيءَ کان وڌيڪ هجڻ جو پتو پوي، ته پوءِ واڌو ايراضيءَ کي، سَند ۾ داخل ايراضيءَ موجب هر طبقي جي تحويل ۾ موجود ايراضيءَ جي تناسب ۾ جاگير جي ٻن طبقن منجهه اُپت موجب هڪجيترو ورهائڻو پوندو.

(5) ”جيڪڏهن گڏيل جائداد ۾ پائيوار ٻه يا وڌيڪ آزاد غيرموروثي جاگيردار پنهنجن حصن کي ورهائڻ جي خواهش ڪن، ۽ پنهنجي حياتيءَ دوران حدبندي ڪري ڇڏين، ته انهيءَ حالت ۾ اهو ضروري آهي، ته پائيوار اهڙي ورهاست لاءِ پهرين

ڪليڪٽر ڪان اهڙو حڪم وٺن، جنهن ڪانپوءِ اهو عملَ ان شرط سان ڪيو ويندو، ته سموريون واسطيدار ڌريون تڪليءَ لڳل دستاويزي معاهدي تي صحيحون ڪن. جيڪو معاهدو منجهن ڪارائتو ٿيندو ۽ اهو ساڳيو معاهدو سيٽلمينٽ آفيسر وٽ جمع ڪرائين. جڏهن به اهڙيءَ ورهاست جو حڪم ڏنو وڃي، ته اها ورهاست سَند ۾ هرهڪ پائيوار جي داخل ايراضين سان ٺهڪاءِ مطابق ٿيندي. پر جڏهن هڪ ڀيرو حد بندي ڪئي وڃي، ته پوءِ ڪيترن ئي حصن ڪي واضح طور هرهڪ پائيوار جي جاگير ۾ شامل ڪونه ويندو ۽ اهڙو حصو، هُن جي موت ڪانپوءِ به ٻين پائيوارن جي ايراضيءَ سان، جيڪي پنهنجو پاڻ هن ڪان ڌار ٿيا هئا، ايراضيءَ جي ڪنهن وڏيڪ درستگيءَ يا تصحيح ڪانسواءِ، سرڪاري تحويل ۾ هليو ويندو.“

## جاگيردارن طرفان زمين ورهائڻ وارو مامرو

هاڻي سوال سامهون هو، ته ڇا جاگيردار ڪي پنهنجي طرفان جاگيرون ورهائڻ جي موڪل ڏني وڃي يا نه؟ انڊيا جي حڪومت واضح طور قرار ڏنو، ته باغن وارين زمينن ڪانسواءِ، ڪنهن به قسم جي زميني تبديليءَ جي اجازت نه ڏني ويندي. حقيقت هيءَ آهي، ته جاگيردارن ڪي حياتي ڪانپوءِ، پنهنجي جائدادن ڪان ڌار ڪرڻ مجموعي طور لاچار پائنيو ويندو هو. ۽ هڪڙو مامرو سامهون آيو، جنهن ۾ اهو اصول، سنڌ جي فتح ڪان اڳ ٿيل زميني تبديلي تي لاڳو ڪيو ويو. مير علي بخش شاهواڻي جي پيءُ مير غلام شاهه سنڌ جي فتح ڪان اڳ، چوڻبدي ۽ پَٽ ڳاهيءَ جون جاگيرون، پنهنجي مُنشي گُربومل ۽ خدمتگار ٻانڊيءَ ڪي منظور ڪري ڏنيون هيون ۽ مير علي بخش سنڌ جي فتح ڪانپوءِ انهن جاگيرن ڪي حقيتدارن جي تحويل ۾ رهڻ ڏنو هو، پر هُن جي موت ڪانپوءِ سندس پُٽ غلام شاهه جاگير تي چڙهيل قرض موٽائڻ ۽ انهن جاگيرن سميت پنهنجي تحويل ۾ موجود جاگيرن تان، ڪليڪٽرن جي انتظام لاءِ هٿ ڪڍڻ جي خيال ڪان، فڪرمند هوندو هو. تنهنڪري ڪمشنر قرار ڏنو، ته سندس نمائندن ڪي سَند موجب، وارثن جيان ڪو اختيار نه هو، اهڙيءَ ريت انهن زمينن ڪي سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو. (ڏسو ڪمشنر جو 8 نومبر 1810ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل نمبر 3250) هي مامرو ديواني عدالت ۾ نه آندو ويو.

صدر عدالت طرفان، جاگيرن ڪي حصن ۾ ورهائڻ وارو مامري تي، 1882ع جي اپيل نمبر 3 ۾، سيٺ ٽيڪمداس پُٽ سيٺ ناؤمل خلاف سيٺ ٿانورداس جي داخل مقدمي ۾، واضح طور منفي فيصلو ڏنو ويو، جنهن مقدمي ۾ ننڍي ڀاءُ پنهنجي وڏي ڀاءُ خلاف عدالت ۾ اپيل داخل ڪئي هئي. اُهي ڀائر، سيٺ نائومل جي جاگيرن جي

ڪين پيهر منظور تي ملڻ جا حقدار هئا ۽ انهن مالڪاڻي ملڪيت سميت جاگير جي ورهاست ڪرائڻ پئي چاهي.

صدر ڪورٽ اپيل ۾ حڪم ڏنو، ته جاگير جي ايراضي ورهاست جي شرطن هيٺ ايندڙ نه هئي، ڪورٽ سندس آڏو آندل دليلن تي پاڙيندي واضح ڪيو، ته اهو فيصلو اسلامي جاگيرن تي به ساڳيءَ ريت لاڳو ڪيو ويندو.

هاڻي قرض ۾ ڦاٿل جاگيردارن واري مامري کي اُڪلائڻو هو. سنڌ جي صدر ڪورٽ، سنڌ ۾ سول پروسيجر ڪوڊ 1859ع، 1861ع ۾ ترميم جيان، لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ فيصلو ڏنو، ته سر بارٽل فريئر طرفان جوڙيل ضابطا، قانون طور لاڳو نه ڪرڻا هئا. تنهنڪري سنڌ ۾ جاگيردارن تي احمد آباد تعلقدار ائڪٽ لاڳو ڪرڻ جي اجازت ڏنل هئي. بهرحال، ڏکڻ بحثن ڪانپوءِ سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽ ائڪٽ 1876ع ۾ منظور ڪيو ويو.

ائڪٽ جو مقصد ۽ دائرو، جاگير ۽ جاگيردار جي وصف مان ظاهري طور ڏسڻ ۾ ايندو.

”جاگير زمين ۾ سرڪاري، ڳوٺ جي محصول جو تحويل ۾ موجود موروثي حصو به شامل آهي، پر منجهس سيري، ممول يا باغ- حقيت شامل نه آهي.

”جاگيردار جي معنيٰ اهو شخص، جنهن يا سندن وڏڙن جي تحويل ۾، سترهين فيبروري 1843ع تي سنڌ ۾ جاگير زمين ڏني وئي هئي، ۽ جنهن لاءِ جاڻايل زمين يا زمين جو ڪو حصو يا انهن جي جاءِ تي ڪا ٻي زمين، برطانوي حڪومت طرفان سندس تحويل ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، يا جنهن يا سندس وڏڙن کي، ڪا سَند اهڙي جاگيرَ جي برقراري لاءِ توثيق يا منظور ڪري ڏني وئي يا اڄ ڪانپوءِ شايد ڏني وڃي.“

جاگيرن ۾ موجود باغن وارو مامري تي، ڪمشنر طرفان 21 نومبر 1881ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل نمبر 5427 هيٺ، هيٺيون بحث ڪيو ويو:

”اها ڳالهه ذهن ۾ ويهارڻ کپي، ته سرڪاري رجسٽر يا رولَ ۾ پوري جاچ ۽ سَند جي ڪنهن ثابتيءَ جي رسمي مفاهمت نه تي سگهڻ تائين، داخلا نه رکي وڃي.... جيڪڏهن جاگير جي ڪنهن حصي تي بَدَل ڪا رٿيل زمين جاچ ڪانسواءِ باغ- حقيت واري رول ۾ شامل ڪئي وئي آهي، ته حقيتدار جي موت تي، يا ڪنهن سبب اپريل سوال جي فيصلي تي هڪدم جاچ ڪئي وڃي.“

پوءِ نڪتل ٻن حڪمن ۾ وڌيڪ وضاحت سان ذڪر ٿيل نقطا هيٺ ڏجن ٿا.

(1) ”جاگير ۾ واقع باغ واريءَ زمين کي جاگير جو حصو سمجهيو ۽ ان ايراضيءَ سان جاگير جي حصي طور ورتاءُ ڪيو وڃي، يعني حقيتدار کان مقامي سيس نه ورتو ويندو، پر جاگيردار کان ڍل ورتي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن جاگير کي ڪڏهن

سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي ۽ باغن واريءَ زمين جي جمعبندي ڪئي وڃي، ته پوءِ باغن کي درج ڪيل باغ- حقيتن جيان ڏار ميجتا ڏني ويندي." (ڏسو ڪمشنر جو 21 آگسٽ 1886ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل خط نمبر 2942، جنهن کي سمورن ڪليڪٽرن سميت ڊپٽي ڪمشنرن ڏانهن پڙرو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.)

(2) وراثت جي رواجي حڪم کي، جاگير جي حدن ۾ واقع باغن جي اصل تحويلدار جي موت تي درج ڪرڻ جي گهرج نه آهي، يا ڪجهه حالتن ۾، جڏهن اهڙو باغ ديواني عدالت جي حڪم هيٺ وڪيو وڃي، يا جڏهن اهو وڪڻ سببان تبديل تي وڃي. "پر جاگير کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ وارو فيصلو ڏيڻ مهل، اهو وضاحت سان ٻڌايو وڃي، ته سرڪاري تحويل ۾ ورتل يا تخفيف ڪيل ايراضي ۾ اهڙو باغ موجود آهي يا نه. جيڪڏهن اهڙو باغ موجود آهي، ته پوءِ اهڙن باغن بابت ڌار فيصلو ڏيڻ گهرجي." (ڏسو ڪمشنر جو 13 آڪٽوبر 1886ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن اماڻيل خط نمبر 4179، جنهن کي وڌيڪ پڌرائي لاءِ ٻين ڪليڪٽرن سميت ڊپٽي ڪمشنرن ڏانهن موڪليو ويو.)

19 مارچ 1879ع تي سنڌ روينيو سروي جي ڪليڪٽرن ۽ سپرينٽنڊنٽن ڏانهن جاري ڪيل سرڪيولر نمبر 904 ۾ ڪين هدايت ڪئي وئي، ته جاگير يا ٻين حقيتن سان لاڳاپيل سمورن موضوعن بابت لکپڙهه انگريزيءَ ۾ ڪئي وڃي.

هيءَ ڳالهه ڏيان ۾ آڻڻ ضروري آهي، ته منظور ڪري ڏنل جاگيرن جي مامرن بابت بمبئي لينڊ روينيو ڪوڊ (V of 1879) يا واهن، ڪَڙين جي واپرائڻ جي ڏس ۾، زميندار جي جاگيردارن سان لاڳاپن بابت بمبئي ايريگيشن ائڪٽ جا سنڌ وليج سيس ائڪٽ آف 1881ع لاڳو ڪيو ويا. جنهن هيٺ منظور ڪري داخل جاگيرن جي تحويلدارن تي نئون سيس مڙهيو ويو هو.

باب ڏهون

# هُڙيون، ڪوچا ۽ رَک (پيلا)

ٽالپر حڪمرانن طرفان جاگيرن، پَٽيداري، خيراتداري، حصيداري ۽ باغ جي سَندن سميت هُڙي، رَک يا ڪوچا ۽ سيريءَ يا ممول يا ٺُلهيءَ جي نالي تي معافي- باغ رکڻ جي اجازت ڏيڻ جو به رواج هوندو هو.

باغ جي حقيتن جي نبيري واري وقت، تحويل ۾ موجود انيڪ ايراضيون، جيڪي هُڙيون يا ڪوچا هيون، تن کي باغ- حقيتن جي رول ۾ شامل ڪيو ويو، جيتوڻيڪ 1858ع واري وقت انهن ٻنهي قسمن جي حقيتن ۾ واضح امتياز جو پتو پوي ٿو. انهيءَ سال 13 مارچ تي هينيون ”نوٽيس“ عوام لاءِ پڌرو ڪيو ويو:

”مستقبل ۾ هُڙين، ڪوچن يا رَک نالي اپيلن جي واڌاري واري مقصد سان زميندارن طرفان پاسيري ڪيل زمين جي حصي تان ڪوبه محصول نه ورتو ويندو ۽ زميندارن کي ان مقصد لاءِ زمينن جي معتدل مقدار واري ايراضي رَکڻ جي اجازت ڏني ويندي، جنهن کي ’معافي‘ طور تحويل ۾ رکيو ويندو ۽ انهن جي حدبنديون ۽ واضح طور نشان لڳڻ ۽ درج ٿيڻ کانپوءِ، ڪليڪٽر يا سيٽلمينٽ آفيسر جي صوابديد تي سمورن نبيرن مهل اجازت ڏني ويندي.

”اهو پڻ قرار ڏنو وڃي ٿو، ته حڪومت کي اهڙن زميندارن جي پيلن ۾ ڦٽجندڙ انهن وڻن جي ڪاٺ تي ڪا دعويٰ نه هوندي، جو اُهي ان زميندار جي ملڪيت طور برقرار رهندا، جنهن سان اها زمين مهاڳي ۾ هجي، جيستائين هو ان زمين تي جمعبندي ڏئي ٿو، جنهن سان اهڙي هُڙي يا رَک لاڳاپيل آهي.

”اهو پڻ حڪم ڏنو وڃي ٿو، ته ميرَ، پيرَ، جاگيردارَ ۽ ٻين مٿاهين طبقي جي ماڻهن وٽ سندن رهائش گاهه ڀرسان موجود ساڳين هُڙين يا رَک جي ماپ ڪئي ويندي ۽ کين حڪومتي رڪارڊ ۾ ”معافي“ ملڪيت طور درج ڪيو ويندو.

”اِڳوڻن حڪمن موجب ماڻهن کي سندن ڳوٺن ڀرسان ان زمين يا گوچر ۾ مالَ چَرڻ تي، پنچري ڏيڻ کانسواءِ، موڪل آهي، جتي ڍورن لاءِ گاهه جهجهو آهي. پر ٻين

سموربن غيرآباد زمينن تي، چاراڻيءَ جي خيال کان يا پوکڻ جي خواهشمند شخص کي اها پوکڻ لاءِ شايد ڏني وڃي ۽ جمعبندي ڏئي، تنهن کان محصول ورتو ويندو.“

باغن جي حقيتن جي سيڪنڊ ڪلاس جي ابتڙ هُڙين تي چائوٽ ڏنو وڃي ۽ اهي تحفيف جون پابند نه آهن، ڇوته اهي زمينون يا جاگيرون، زميني روينيو جي ڏنل جاگيرن جي پيٽ ۾، خاص مقصد لاءِ روينيو جي ڇوٽ جيان اهم آهن. ڪمشنر انهن کي حدبندي کان آجيون تحويل جي شرطي حقيت ڪوٺيو هو.

## 2. سيري، ممول ۽ ٽُلي

سر چارلس نيپيئر ڪابه سيري يا ممول جاگير منظور ڪري نه ڏني هئي، پر محترم فرئير 1853ع ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل خط ۾ وضاحت ڪندي چيو هو:

”سيريءَ ۾ ڪيترن ئي بيگهن جي منظوريءَ جو بيشڪ اهو مطلب آهي، ته حقيتدار بيٺل فصل جي ڪيترن ئي بيگهن جو حقدار هو، جنهن کي هو پاڻ شايد چونڊي سگهيو پئي. ليفٽيننٽ ليمبرٽ جي چوڻ موجب اها ڳالهه ڪافي آهي، ته چونڊ جو اهو حق عملي طور باطل ۽ رد هو، جو چونڊ ڪاردار ڪري ها. اجا به هتي ڪا واضح حد نه هئي، جنهن کي پاڻ حقيت جي شرطن وسيلي مڙهي سگهجي ٿي....

”سيريءَ جي سَند سان گڏ ”ايستاده“ ۽ ”خودڪاشت“ جي اصطلاحن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، ايستاده مان قطعي اهو اشارو ملندو، ته لفظ ”سيري“ کي وڌيڪ سڌي قبوليت ۾ ورتو ويندو هو، ۽ منجهائس بلڪل عارضي حقيت جو يا اجا به منجهائنس غيريقيني هجڻ جو مطلب نڪرندو هو، جڏهن ته ”خودڪاشت“ انهن زمينن تي بيٺل فصل واري بنيءَ مان آباديءَ وٺڻ کي روڪيندو هو، جنهن کي حقيتدار طرفان پوکيو ويندو هو....

”... سيريءَ جي سَنَدن ۾ اهڙيون ڪي واضح حدون يا شرطَ نه آهن، جن منجهان مروج ضابطي کي درست ڪوٺيو وڃي، ته سموريون ’سيري‘ زمينون سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جوڳيون هيون. سر چارلس نيپيئر واري وقت ۾ اهو عام رايو موجود هو، ته سيريءَ جون زمينون عام طور رڳو هڪ سال يا شايد ”سيري ايستاده“ ڏنيون وينديون هيون....“

سيريءَ جي حقيتن جي موضوع بابت هزهائينس مير علي مراد طرفان نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن ڪائوپر ڏانهن موڪليل خطن ۾ ٽيل لکپڙهه مان پتو پوي

تو، تہ اهي زراعت جي پنپرائي، زرعي طبقن جي سڌاري، آباديءَ جي خدمت ۽ پلائي ۽ سرڪاري عملدارن لاءِ منظور ڪيون وينديون هيون.

سيريءَ وارين انهن جاگيرن جو اٽڪل هر سال، عام طور جيئن ئي فصل پچي راس ٿيندو هو، تہ پيهر نبيرو ڪيو ويندو هو ۽ زراعت جي گهٽجڻ يا وڌڻ موجب، نبيري جي عملدارن جي صوابديد تي وڌايو يا گهٽايو ويندو هو.

اُتر سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪناري تي اٽڪل هر ڳوٺ ۾، هر ڳوٺائي برادري طرفان پنهنجي مجيل سردار يا وڏيري جي سنڀال ۽ عزت ڪئي ويندي هئي" پر ائين سنڌو درياءَ جي کابي ڪنارن وارن علائقن ۾ نہ ٿيندو هو. جتي ڪنهن هڪ ڳوٺ ۾ ٽي يا چار وڏيرا يا سردار هوندا هئا ۽ ڪجهہ ڳوٺن ۾ اهڙا بہ مثال سامهون آيا، جو اٺ يا نوَ سردارَ بہ موجود هئا، پر منجهائن ڪوبہ وڏيري جي حيثيت جي دعويٰ نہ ڪري سگهيو.

اُتر سنڌ ۾ گهٽو ڪري اهڙين زمينن ڪي ممول سڏيو ويندو هو، پر حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ اهڙيون زمينون بلڪل ٿوريون هيون. 1858ع ۾ اُن موضوع تي شڪارپور جي ڪليڪٽر ڄاڻايو، تہ هرهڪ ممول حقيت جي پوکي مختلف هئي ۽ "هتان جي رواج موجب هرهڪ تحويلدار پنهنجي مالڪن جي شڪار يا محصول وٺي گڏ ڪرڻ جهڙيون خدمتون پوريون ڪرڻ جو پابند هوندو هو." بهرحال تڏهوڪي ائڪٽنگ ڪمشنر ڪرنل جيڪب 6 آڪٽوبر 1856ع تي نمبر 2360 ۾ پکڙيل زرعي ايراضيءَ جي ڏس ۾ مٿئين حالت کي باطل ڪوٺيو ۽ تحويلدارن کي "روينيو، پوليس ۽ سروي جي هرهڪ شاخ يا ڪا بي خدمت، جنهن جي ڪائنس معقول ۽ قانون طور توقع رکي سگهجي، ۾ سهڪار جو ذميوار" قرار ڏنو.

انڊيا جي حڪومت جي 13 آگسٽ 1870ع واري ٺهراءُ نمبر 3869 هيٺ، انڊين حڪومت طرفان منظور ڪيل ضابطن موجب، ڳوٺ- خدمت جي ڪارڪردگيءَ لاءِ زمين جي ننڍڙن حصن کي نيڪال ڪرڻ جي اختياري لوڪل گورنمينٽ جي حوالي ڪئي وئي. انهن حڪمن جي ڏنل اختيارن کي واپرائيندي، ڪمشنر 29 مئي 1871ع جي سرڪيولر نمبر 1357 ۾ پٽيل جي گهربل ذميوارين جي وضاحت ڪئي، ۽ هدايت ڪئي، تہ پٽيلن کي ملندڙ سيري يا ممول جي رائج حقيت يا زمين کي، تحويلدار جي موت تي، شايد ان شرط تي برقرار رکيو وڃي، تہ اهڙي حقيت کي موروثي نہ سمجهيو ويندو. ڪليڪٽرن کي پٽيل جي عهدي لاءِ شخص جي چونڊ ڪرڻي هئي ۽ سندن نالا ڪمشنر وٽ منظوري لاءِ پيش ڪرڻ هئا.

## 5. رستن، مقام يا مذهبي، ڌرمشالا، اسڪول، مطب ۽ ٻين خيراتي يا مذهبي جڳهين ۽ ادارن لاءِ سَندون

انڊيا جي حڪومت 21 جولائي 1871ع تي نمبر 109، (زراعت، روينيو ۽ ڪامرس) بمبئي حڪومت طرفدان سمورين منظور ڪيل سَندن جي فهرست ڪيس ساليانو پيش ڪرڻ واري حالت تي تجويز ڪيل هيٺين ضابطن جي منظوري ڏني.

"سنڌ جو ڪمشنر.... حڪومت جي منظوريءَ سان، تي سگهي ته رستن، مقام يا مڙهي، ڌرمشالا، کوهن، اسڪولن ۽ مطبن لاءِ گهربل معافي- زمين (ڊل کان آجي) ان شرط سان ڏئي سگهي ٿو، ته اهڙي زمين جي ساليانو اپت ساليانو ڏهن روپين کان وڌيڪ نه هجي."

## 6. سڄي ڳوٺ جي سَند

بمبئي حڪومت پهرين آگسٽ 1872ع جي ٺهراءُ نمبر 3752 هيٺ، ڪمشنر کي حڪومت جي اڳوٽي منظوريءَ سان ڳوٺ جي ڀرپاسي واريون زمينون ۽ ماڳ منظور ڪري ڏيڻ جو اختيار ڏنو. جڏهن ته 12 جون 1873ع تي خط نمبر 3361 ۾ هنن هدايت ڏني ته، "سڄي ڳوٺ جي زمين ڏيڻ مهل واضح حڪم ڏنو وڃي ته اُن سَند ڏيڻ جو مقصد "ڪين مالڪيءَ جا اختيار نه، پر رڳو واهپي ۾ آڻي منجهائس فائدو وٺڻ آهي." ۽ 24 جولائي 1873ع ۾ ٺهراءُ نمبر 4239 ۾ هنن وڌيڪ چاتايو ته، "ملڪي رواج موجب سمورن ڳوٺن ۾ مالڪيءَ جا حق حڪومت وٽ آهن، جيستائين اها زمين واضح طور خريد نه ڪئي وڃي."

## 7. ميونسپالٽيز ۽ لوڪل بورڊن کي منظوريءَ جون سَندون

انڊين حڪومت 11 مئي 1870ع تي پنهنجي خط نمبر 2248 ۾ هدايت ڏني، ته منظور ٿيل ضابطن هيٺ غيرآباد زمين جي منظوريءَ ڪانسواءِ، سموري سرڪاري زمين انڊين حڪومت جي منظوري ڪانسواءِ، منظور ڪري نه ڏني وڃي ۽ 17 آگسٽ 1870ع تي پنهنجي نمبر 3927 ۾ وضاحت ڪئي، ته حڪومت جي ملڪيت واري سموري زمين، روينيو جي شرط هيٺ هجي يا نه، عوامي ناڻي جي خرچ تي مڙهجڻ جوڳن ضابطن هيٺ آجي نٿي ڪري سگهجي.

بهرحال، انڊين حڪومت 28 فيبروري 1872ع تي نمبر 889 ۾ عوامي اداري يا عوامي مقصد لاءِ ڪن شخص کي "مناسب شرطن يا مفت ۾ وڪڻڻ جي اجازت ڏني. جيڪڏهن اها زمين وڪي وڃي، ته خريداريءَ واري رقم، مارڪيٽ اگهه جي اڌ کان

گهٽ نه هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اهو ملهه هڪ هزار روپين کان وڌي وڃي، ته انڊين حڪومت جي منظوري وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن مفت ۾ ڏني وڃي، ته ساڳيءَ حڪومت جي منظوري تڏهن ورتي وڃي، جڏهن اهو اگهه تي هزار روپين کان وڌي وڃي.

بمبئي حڪومت 10 ڊسمبر 1878ع تي ٺهراءُ نمبر 6362 ۾ ڪمشنر طرفان سيوهڻ ميونسپالٽيءَ کي عوامي باغ لاءِ ڏنل يارهن ايڪڙ ۽ تيهن گهنٽن تي سرڪاري ممول تان هٿ ڪڻڻ واري منظور ٿيل حڪم جي توثيق ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ ميونسپالٽيءَ طرفان ان محصول ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي، زمين کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي هدايت ڪئي ۽ 1886ع ۾ انڊين حڪومت هيٺين ريت لکندي چيو:

”ميونسپالٽين کي سندن حدن ۾ ايندڙ جمعبندي ٿيل زمين وٺڻ جي ڪابه دعويٰ نه آهي، جيڪا ٻين روينيو زمينن جيان شاهي جائداد آهي، تنهنڪري گورنر جنرل ان ڪائونسل ۾ ان سرڪاري زمين کي ميونسپالٽين کي منظور ڪري ڏيڻ جي مڪمل طور مخالفت ڪئي آهي ۽ اڄ کانپوءِ اهڙي ڪابه زمين منظور ڪري نه ڏني وڃي. (ڏسو بمبئي حڪومت جو 15 جنوري 1880ع تي ٺهراءُ نمبر 132).

هوڏانهن، لينڊ روينيو ڪوڊ جي قلم 24 موجب لاڳو ٿيل ضابطن جي قاعدي 12 هيٺ، محصول کان آجي ڪابه زمين ڪنهن ميونسپالٽي يا لوڪل بورڊ کي، سرڪاري جي اڳوات منظوريءَ کانسواءِ نٿي ڏئي سگهجي.

# واڌو مواد - الف

## حڪومت طرفان حتمي منظور ٿيل سَندن جي هيئت

### فرسٽ ڪلاس جاگيردار جي سَند

### مَلڪ سردار خان نومڙيو ڏانهن

جيئن تہ برطانوي حڪومت جو مُکيہ مقصد، سنڌ جي فتح واري وقت کان سندن تحويل ۾ موجود زمينن کي نيڪال ڪرڻ جي ڏس ۾ عوامي رسمن رواجن کي ميجتا ڏيڻ، تہ جيئن انهن کي عزت ۽ ميجتا ڏني وڃي، جيڪي عزت ۽ شان جا حقدار آهن، ۽ عزت لائق معزز شخصن کي ڪنهن کوٽ ۽ ڏکيائيءَ کان پري رکڻ آهي، تنهنڪري حقيقي زمين ۽ سنڌ ۾ جاگيردارن جي عام صورتحال جي تحقيقات ڪرائڻ مناسب سمجهيو ويو آهي، تہ جيئن نہ رڳو هاڻوڪن حالتن کي مُنهن ڏنو وڃي، پر ڪجھ انگن اکرن جي مدد سان خانداني سردارن جي پُٽن ۽ پُٽاٽي وارثن جي مستقبل ۾ گذران لاءِ بہ قائدا ۽ ضابطا جوڙيا وڃن.

جيئن تہ سنڌ جي فتح وقت، تنهنجي ڏاڏي (مَلڪ احمد خان) جي تحويل ۾ ڪجھ جاگيرن ۽ محصول وٺڻ واري سلسلي جو پٽو پيو هو، جنهن کي هز ايڪسيلينسي سر چارلس نيپيئر برقرار رکيو هو. هو 26 ڊسمبر 1850ع ۾ گذاري ويو. تنهنجو پيءُ (صوبدار خان) پنهنجي پيءُ کان اڳ گذاري ويو هو، تنهنڪري سنڌ جي ڪمشنر محترم پرنگل جي اختيارَ ۽ بمبئي حڪومت جي توثيق سان، تنهنجي ڏاڏي جون متي ڄاڻايل جاگيرون ۽ محصولَ تنهنجي تحويل ۾ آيا. ساڳئيءَ وقت ڪجھ محصول يعني؛ شراب جي بٺيءَ جي اُپت، مَڏين، ۽ پَتڻ جا حقَ تو وٽ رهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، ۽ ڏاڍي احتياطً سان ٿيل جاچنا کانپوءِ انهن محصولن کي ساليانو 3035 روڪ وظيفي ۾ بدلايو ويو هو. اُهي حقَ هاڻي تنهنجي تحويل ۾ آهن. گڏوگڏ تنهنجي مرحوم پيءُ ۽ ڏاڏي سان لاڳاپيل گُلو جاگير جي زمينن سميت، نوازش جي خاص نشاني جيان، توکي حياتيءَ لاءِ منظور ڪري ڏنيون ويون هيون. تنهنڪري، برطانوي حڪومت فيصلو ڪيو آهي، تہ تنهنجي حيثيت ۾ ڪجھ حياتيءَ تائين، پوءِ وفادار رهڻ تائين، ڪابہ ڦيرڦار ۽ مٽاسٽا نہ ڪئي ويندي؛ ۽ هي توکي منظور ڪري ڏنل سَند، اڳ ۾ مليل سمورين توثيق ٿيل سَندن ۽ دستاويزن کان بالاتر هوندي.

۽ ٻيو اهو ته تنهنجي خاندان جي تاريخ توڙي ساک ۽ تنهنجي جاگير جي قدامت، تنهنجي قبيلي جي سردار واريءَ حيثيت، ۽ برطانوي حڪمرانيءَ دؤران تنهنجي قبيلي جي سُني سلوڪ ۽ ڪردار کي ڌيان ۾ رکندي، اِهو حُڪم ڏنو ويو ٿو، ته سنڌ جي ٽالپر اميرن جي حڪومت ۾ جاري ٿيل هڪڙي نسبتي نئين سَند هيٺ، گُلو جاگير ڪانسواءِ، مٿي ڄاڻايل تنهنجي سموري جاگيرَ، جوڙيل حدبندين موجب، ڄاڻايل ساليانه 3035 رپيا وظيفي سان گڏ، تنهنجي خانداني پُٽاٽي وارثن واسطي (ڪنهن وقت نه هئڻ جي صورت ۾ تنهنجي ڏاڏي احمد خانَ جي خانداني مرداٽي وارثن)، ڪُل ساليانو اُپت تي لڳايل ڪاٽي پٽاندر، رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس ڪانسواءِ، ڍل بنا (معافي - جاگير طور) قبولي وڃي ٿي.

آبيانو ڏيڻ جي ڏس ۾، تنهنجي جاگير جي خاص صورتحال کي سامهون رکندي، توکي واهن تي ٿيندڙ سرڪاري خرچ ڏيڻ لاءِ، لاڳو مقامي قائدن جو پابند رهڻو پوندو.

پڇاڙيءَ ۾ توکي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي پوندي، جو جيئن ته برطانوي سرڪار توکان ڪابه اهڙي خدمت، حقيت جي ضروري شرطن جيان نٿي وٺي، پوءِ پيلي اُها جنگي حالت ۾ سپاهين يا وري امن جي دؤر ۾ پوزهيت مهيا ڪرڻ واسطي هجي. تنهن هوندي به اُها توقع ڪئي وڃي ٿي، ته هرمئجستي راڻيءَ جا سمورا سُنا ۽ وفادارَ شهري، پوءِ پيلي اُهي جاگيردارَ هجن يا نه، ڪنهن به خاص موقعي تي، جڏهن اهڙي صورت پيدا ٿئي يا خواهش جوڳي حالت هجي، سندن طاقت ۽ اقتدار واسطي سموري امداد ۽ سهڪار ڪندا: ۽ اهو نتيجو ڪڍڻ فطري آهي، ته جيڪي خاص محصول ۽ رعايتون وٺندڙ آهن، يا رياست طرفان جاگيرون سندن تحويل ۾ رهڻ ڏنيون ويون، يا ڪين جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون، انهن کي ڪين عطا ٿيندڙ رعايتن جي لائق ثابت ڪرڻ لاءِ، جنهن حڪومت جي تحفظ ۾ هيٺ اُهي رهن ٿا، تنهن جي گهربل موقعي مان فائدو وٺندي، خدمت ڪرڻ لاءِ فڪرمند ٿيندي، سيني کان اڳيرو ٿيڻ گهرجي: پر ان ڳالهه کي واضح طور سمجهڻ گهُرجي، ته پنهنجي حصي يا سندن وارثن جي وفاداري ۾ چڱيءَ ورتاءُ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، ان سَند کي رَد ڪيو ويندو ۽ جاگيرون توڙي مراعتون سرڪاري تحويل ۾ هليون وينديون.

جي. ڊي. انويريئرٽي
سنڌ جو ڪمشنر

ڪراچي 24 مئي 1861ع
رجسٽر نمبر 99

ايف. جي. گولڊسمڊ، ميجر
سنڌ ۾ جاگيرن لاءِ مقرر اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر

## چئن عظيم ٽالپر آڪهين لاءِ سَند، جتي سنڌ جي فتح کانپوءِ ڪابہ وراثت نہ ٿي آهي

### مير احمد خان ٽالپر، شهداداڻيءَ ڏانهن

جيئن تہ برطانوي حڪومت جو مُکيہ مقصد، سنڌ جي فتح واري وقت کان سنڌن تحويل ۾ موجود زمينن کي نيڪال ڪرڻ جي ڏس ۾ عوامي رسمن رواجن کي ميتا ڏيڻ، تہ جيئن انهن کي عزت ۽ ميتا ڏني وڃي، جيڪي عزت ۽ شان جا حقدار آهن، ۽ عزت لائق معزز شخصن کي ڪنهن ڪوٽ ۽ ڏکيائيءَ کان پري رکڻ آهي، تنهنڪري حقيقي زمين ۽ سنڌ ۾ جاگيردارن جي عام صورتحال جي تحقيقات ڪرائڻ مناسب سمجهيو ويو آهي، تہ جيئن نہ رڳو هاڻوڪين حالتن کي مُنهن ڏنو وڃي، پر ڪجهہ انگن اکرن جي مدد سان خانداني سردارن جي پٽن ۽ پُٽاٽي وارثن جي مستقبل ۾ گذران لاءِ بہ قائدا ۽ ضابطا جوڙيا وڃن.

هاڻي، جيئن تہ ڪوڄنا جاچ کانپوءِ پتو پيو، تہ سنڌ جي فتح وقت، تنهنجي پيءُ (مير محمد خان، مرحوم) جي تحويل ۾ ۽ تو وٽ ڪجهہ پيون جاگيرون موجود هيون، جن سڀني جاگيرن کي هز ايڪسيلينسي گورنر سر چارلس نيپيئر برقرار رکيو هو. پيو، تنهنجو پيءُ 1849ع ۾ گذاري ويو هو، ۽ هُن جي جاگيرن جون سَندون، تنهن دؤر جي رواج موجب چاڻايل اصلي پيداوار پٽاندر پيهر منظوري جوڳي زمين جي ايراضيءَ جو ڪاٿو لڳائڻ ۽ غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي شرطن هيٺ، توکي منظور ڪري ڏنيون ويون هيون، جنهن نبيري هيٺ تون ۽ تنهنجي ياءُ (مير جهان خان مرحوم) انهن جاگيرن کي وٺڻ قبوليو هو: ۽ اِهو تہ تنهنجي ياءُ جي وفات کانپوءِ، مرد اولادَ وارث نہ هئڻ سببان، انهن زمينن جي سنڌس حصي کي، حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو هو ۽ تنهنجين زمينن کي تو وٽ اڳ جيان ئي رهڻ ڏنو ويو هو.

تنهن وقت اُهي جاگيرون اصل ۾ تنهنجي پيءُ سان لاڳاپيل هيون، ۽ اُهي مٿي چاڻايل ڳالهہ موجب اصلي جاگيرون تنهنجي نالي تي توثيق ڪرڻ جيان توکي وري پيهر منظور ڪري بہ ڏنيون ويون هيون، ۽ اُهي جاگيرون هينئر بہ تنهنجي تحويل ۾ آهن، جن لاءِ اِهو اعلان ڪيل آهي، تہ تون منصفاني طور انهن جاگيرن جو حقدار بہ آهين، تنهنڪري، برطانوي حڪومت فيصلو ڪيو آهي، تہ تنهنجي حيثيت ۾ ڪجهہ حياتيءَ تائين، پوءِ وفادار رهڻ تائين، ڪابہ ڦيرڦار ۽ متاستا نہ ڪئي ويندي: ۽ هي توکي منظور ڪري ڏنل سَند، اڳ ۾ مليل ۽ سمورين توثيق ٿيل سَندن ۽ دستاويزن کان بالاتر هوندي.

۽ وڏيڪ ڳالهه هيءَ، ته تنهنجي رُتبي ۽ تنهنجي خاندان جي سماجي حيثيت ۽ چئن عظيم ٽالپر آڪهين- شهداداڻين، شاهواڻين، خاناڻين ۽ ماڻڪاڻين بابت اڳوڻي گورنر جي پڌرنامي کي سامهون رکندي، اهو حُڪم ڪيو ويو آهي ته، ته تنهنجي تحويل ۾ موجود سمورين جاگيرن جي سموري ايراضي منجهان چوويهه هزار 352 بيگهه ايراضي، تنهنجي مرد وارثن لاءِ، رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس وٺڻ ڪانسواءِ، معافي جاگير (ڊل بنا) طور قبوليا وڃن ٿا. ان ايراضيءَ ۾ مير محمد خان مرحوم جي جاگير منجهان سورهن هزار 752 بيگهه ۽ تنهنجي اصل جاگير منجهان نَوَ هزار ڇهه سؤ بيگهه، ڪنهن تخفيف ڪانسواءِ، شامل ڪيل آهن. تنهنجي اصل جاگيرن منجهان، اڳوڻي گورنر سر چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ رواج هيٺ آيل رسم سان ٺهڪندڙ ضابطن هيٺ، غير آباد ايراضيءَ تي هڪ ڀاڱي ٽي ايراضيءَ ڪان وڌيڪ ايراضي سرڪاري تحويل ۾ نه ورتي ويندي. تون اُن ڪٽ جي چونڊ ۽ حڪومت جي سيٽلمينٽ آفيسر سان لهه وچڙ ۾ اچي ايراضيءَ جي حدبندي ڪري سگهين ٿو، يا وري سوچ ويچار ڪري پنهنجي وارثن لاءِ محفوظ رکي سگهين ٿو. جيڪڏهن تو وٽ پنهنجي چاڻايل اصلي منظور ڪيل جاگيرن جي خيال ڪان، حڪومتي جمعبندي (ڊل) کي پورو ڪرڻ لاءِ مناسب واڌو ايراضي موجود آهي، جنهن جو گهٽو امڪان آهي، ته توکي پنهنجي پيداواريءَ زمين جو هڪ انچ تان به هٿ ڪڻڻو نه پوندو؛ جاگيرن تان هٿ ڪڻڻ جو رڳو اڪيلو شرط اهو هوندو، ته هڪ ٽُڪر ۽ حدبندي ٿيل زميني ايراضيءَ تي بَدَل جاگير هجي، جتي تحويل ۾ آيل زميني ايراضيون مهاڳي ۾ هجن، ۽ ممڪن حد تائين مڪمل مَڪان ۾ هجن.

بهرحال، جيئن ته برطانوي سرڪار طرفان، سنڌ ۾ موجود بالاتر جاگيردارن جي پُٽن کي وري بيهر جاگيرون مَنظور ڪرڻ جي رسم رهي آهي، ۽ سنڌ جي فتح وقت جاچنا ڪانپوءِ پيل چاڻ هيٺ، سندن تحويل ۾ موجود انهن جاگيرن کي، چوٿين پتي پيداوار برابر ڊل ڏيڻ يا سمورين جاگيرن مان چوٿون حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي شرط هيٺ، سندن تحويل ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي؛ تنهنڪري تنهنجي مرد وارثن کي، توکي اصل ۽ منظور ڪري ڏنل جاگير جي ايراضين جي ڏس ۾، تنهنجي نه ڇهندڙ موروثي حق کي وٺڻ جي، پنهنجي انفرادي مامرن ۾ هن نبيري کي مڃڻ جي مختياري هوندي؛ ۽ جيڪڏهن هو اهڙي متبادل کي اوليت ڏئي ٿو، ته مستقل انتظام تي ٻئي وراثت جي واقع نه ٿيڻ تائين عمل نه ڪيو ويندو؛ پر جيڪڏهن هو يا حقيت ۾ تون پاڻ مٿي چاڻايل نبيرو مڃين ٿو، ته اُهو هن جي يا تنهنجي طرفان مامرن جي اصلي

حالت کي موٽائڻ جو اختيار نہ هوندو.

آبيانو ڏيڻ جي ڏس ۾، تنهنجي جاگير جي خاص صورتحال کي سامهون رکندي، توکي واهن تي ٿيندڙ سرڪاري خرچ ڏيڻ لاءِ، لاڳو مقامي قائدن جو پابند رهڻو پوندو.

پڇاڙيءَ ۾ توکي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي پوندي، جو جيئن تہ برطانوي سرڪار توکان ڪابہ اهڙي خدمت، حقيت جي ضروري شرطن جيان نٿي وٺي، پوءِ پلي اُها جنگي حالت ۾ سپاهين يا وري امن جي دؤر ۾ پورهيت مهيا ڪرڻ واسطي هجي. تنهن هوندي بہ اُها توقع ڪئي وڃي ٿي، تہ هرمئجستي راڻيءَ جا سمورا سُنا ۽ وفادارَ شهري، پوءِ پلي اُهي جاگيردارَ هجن يا نہ، ڪنهن بہ خاص موقعي تي، جڏهن اهڙي صورت پيدا ٿئي يا خواهش جوڳي حالت هجي، سندن طاقت ۽ اقتدار واسطي سموري امداد ۽ سهڪار ڪندا: ۽ اهو نتيجو ڪڍڻ فطرتي آهي، تہ جيڪي خاص محصول ۽ رعايتون وٺندڙ آهن، يا رياست طرفان جاگيرون سندن تحويل ۾ رهڻ ڏنيون ويون، يا ڪين جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون، انهن کي ڪين عطا ٿيندڙ رعايتن جي لائق ثابت ڪرڻ لاءِ، جنهن حڪومت جي تحفظ هيٺ اُهي رهن ٿا، تنهن جي ڪُهربل موقعي مان فائدو وٺندي، خدمت ڪرڻ لاءِ فڪرمند ٿيندي، سيني کان اڳيرو ٿيڻ گهرجي: پر ان ڳالهه کي واضح طور سمجهڻ گهُرجي، تہ پنهنجي حصي يا سندن وارثن جي وفاداري ۽ چڱي ورتاءَ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، ان سَند کي رَد ڪيو ويندو ۽ جاگيرون توڙي مراعتون سرڪاري تحويل ۾ هليون وينديون.

جي. ڊي. انويريئرٽي
سنڌ جو ڪمشنر

ڪراچي 28 مارچ 1861ع
رجسٽر نمبر 2

ايف. جي. گولڊسمڊ، ميجر
سنڌ ۾ جاگيرن لاءِ مقرر اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر

نوٽ: رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس جو ڪاٽو، جاگيرن جي ڪَٽيل ڪُل جمعبنديءَ تي لڳايو ويندو. پيداوار جي چوٿين پتيءَ جو مطلب ڪَٽيل ڪُل ڊل جي چوٿين پتي آهي.

## چئن عظيم ٽالپر آکھين لاءِ سَند، جتي سنڌ جي فتح کانپوءِ هڪ به وراثت نه ٿي آهي

### مير احمد خان ٽالپر، خاناڻي

جيئن ته برطانوي حڪومت جو مُکيه مقصد، سنڌ جي فتح واري وقت کان سندن تحويل ۾ موجود زمينن کي نيڪال ڪرڻ جي ڏس ۾ عوامي رسمن رواجن کي ميڃتا ڏيڻ، ته جيئن انھن کي عزت ۽ ميڃتا ڏني وڃي، جيڪي عزت ۽ شان جا حقدار آهن، ۽ عزت لائق معزز شخصن کي ڪنھن ڪوت ۽ ڏکيائيءَ کان پري رکڻ آهي، تنھنڪري حقيقي زمين ۽ سنڌ ۾ جاگيردارن جي عام صورتحال جي تحقيقات ڪرائڻ مناسب سمجھيو ويو آهي، ته جيئن نه رڳو هاڻوڪن حالتن کي مُنھن ڏنو وڃي، پر ڪجھ انگن اکرن جي مدد سان خانداني سردارن جي پُٽن ۽ پُٽاڻي وارثن جي مستقبل ۾ گذران لاءِ به قائدا ۽ ضابطا جوڙيا وڃن.

هاڻي تنھنجو پيءُ (مير جان محمد ٽالپر خاناڻي) مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو هو، سنڌ جي فتح وقت تيل جاچ مان پتو پيو هو، ته تنھن جي تحويل ۾ موجود جاگيرن ڪي، هزايڪسيلينسي گورنر سر چارلس نيپيئر، چوٿين پتي سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جي شرط هيٺ، برقرار رکيو هو، تنھنڪري، برطانوي حڪومت فيصلو ڪيو آهي، ته تنھنجي حيثيت ۾ ڪجھ حياتيءَ تائين، پوءِ وفادار رهڻ تائين، ڪابه ڦيرڦار ۽ متاسنا نه ڪئي ويندي؛ ۽ هي توکي منظور ڪري ڏنل سَند، اڳ ۾ مليل سمورين توثيق ٿيل سَندن ۽ دستاويزن کان بالاتر هوندي.

۽ وڌيڪ ڳالھ هيءَ، ته تنھنجي رُتبي ۽ تنھنجي خاندان جي سماجي حيثيت ۽ چئن عظيم ٽالپر آکھين- شھداداڻين، شاهواڻين، خاناڻين ۽ ماڻڪاڻين بابت اڳوڻي گورنر جي پڌرنامي کي سامهون رکندي، اهو حُڪم ڪيو وڃي ٿو، ته تنھنجي تحويل ۾ موجود سمورين جاگيرن جي ايراضي منجھان ستر هزار بيگھ ايراضي، تنھنجي مرد وارثن لاءِ، رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس وٺڻ کانسواءِ، معافي جاگير (ڏل بنا) طور قبوليا وڃن ٿا. ان جاگيرجي ايراضيءَ منجھان، اڳوڻي گورنر سر چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ رواج هيٺ آيل رسم سان ٺھڪندڙ ضابطن هيٺ، غير آباد ايراضيءَ تي هڪ پاڳي تي ايراضيءَ کان وڌيڪ ايراضي سرڪاري تحويل ۾ نه ورتي ويندي. تون اُن ڪٽت جي چونڊ ۽ حڪومت جي سيٽلمينٽ آفيسر سان لھ وچڙ ۾ اچي ايراضيءَ جي حدبندي ڪري سگھين ٿو، يا وري سوچ ويچار ڪري پنھنجي وارثن لاءِ محفوظ رکي سگھين ٿو. جيڪڏهن تون پنھنجي ڇاڻايل اصلي منظور ڪيل جاگيرن جي خيال کان،

حڪومتي جمعبنديءَ (ڊل) کي پورو ڪرڻ لاءِ مناسب واڌو ايراضي موجود آهي، جنهن جو گهٽ امڪان آهي، ته توکي پنهنجي پيداواريءَ زمين جي هڪ انچ تان به هٿ نه کڻڻو پوندو؛ جاگيرن تان هٿ کڻڻ جو رڳو اڪيلو شرط اهو هوندو، ته هڪ ٽڪر ۽ حدبندي ٿيل زميني ايراضيءَ تي بَدل جاگير هجي، جتي تحويل ۾ آيل زميني ايراضيون مهاڳي ۾ هجن، ۽ ممڪن حد تائين مڪمل مَڪان ۾ هجن.

آبيانو ڏيڻ جي ڏس ۾، تنهنجي جاگير جي خاص صورتحال کي سامهون رکندي، توکي واهن تي ٿيندڙ سرڪاري خرچَ ڏيڻ لاءِ، لاڳو مقامي قائدن جو پابند رهڻو پوندو.

پڇاڙيءَ ۾ توکي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي پوندي، جو جيئن ته برطانوي سرڪار توکان ڪابه اهڙي خدمت، حقيت جي ضروري شرطن جيان نه وٺندي، پوءِ پيلي اُها جنگي حالت ۾ سپاهين يا وري امن جي دؤر ۾ پورهيت مهيا ڪرڻ واسطي هجي. تنهن هوندي به اُها توقع ڪئي وڃي ٿي، ته هرمئجستيَ راڻيءَ جا سمورا سُنا ۽ وفادارَ شهري، پوءِ پيلي اُهي جاگيردارَ هجن يا نه، ڪنهن به خاص موقعي تي، جڏهن اهڙي صورت پيدا ٿئي يا خواهش جوڳي حالت هجي، سندن طاقت ۽ اقتدار واسطي سموري امداد ۽ سهڪار ڪندا؛ ۽ اهو نتيجو ڪڍڻ فطري آهي، ته جيڪي خاص محصول ۽ رعايتون وٺندڙ آهن؛ يا رياست طرفان جاگيرون سندن تحويل ۾ رهڻ ڏنيون ويون، يا ڪين جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون، انهن کي ڪين عطا ٿيندڙ رعايتن جي لائق ثابت ڪرڻ لاءِ، جنهن حڪومت جي تحفظ هيٺ اُهي رهن ٿا، تنهن جي ڪُهربل موقعي مان فائدو وٺندي، خدمت ڪرڻ لاءِ فڪرمند ٿيندي، سيني ڪان اڳڀرو ٿيڻ گهرجي؛ پر ان ڳالهه کي واضح طور سمجهڻ گهُرجي، ته پنهنجي حصي يا سندن وارثن جي وفاداري ۽ چڱي ورتاءَ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، ان سَند کي رَد ڪيو ويندو ۽ جاگيرون توڙي مراعتون سرڪاري تحويل ۾ هليون وينديون.

جي. ڊي. انويريئرٽي
سنڌ جو ڪمشنر

ڪراچي 28 مارچ 1861ع
رجسٽر نمبر 99

ايف. جي. گولڊسمڊ، ميجر
سنڌ ۾ جاگيرن لاءِ مقرر اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر

نوٽ: رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس جو ڪاٽو، جاگيرن جي ڪَٿيل ڪُل جمعبنديءَ تي لڳايو ويندو. پيداوار جي چوٿين پتيءَ جو مطلب ڪَٿيل ڪُل ڊل جي چوٿين پتي آهي.

## عام سردارن لاءِ سَند، جن لاءِ سنڌ جي فتح وقت ڪا بہ وراثت نہ آهي

## حسن علي خان ٽالپر ٻهراڻي ڏانهن

جيئن تہ برطانوي حڪومت جو مُکيہ مقصد، سنڌ جي فتح واري وقت کان سنڌن تحويل ۾ موجود زمينن کي نيڪال ڪرڻ جي ڏس ۾ عوامي رسمن رواجن کي ميجتا ڏيڻ، تہ جيئن انهن کي عزت ۽ ميجتا ڏني وڃي، جيڪي عزت ۽ شان جا حقدار آهن، ۽ عزت لائق معزز شخصن کي ڪنهن ڪوت ۽ ڏکيائيءَ کان پري رکڻ آهي، تنهنڪري حقيقي زمين ۽ سنڌ ۾ جاگيردارن جي عام صورتحال جي تحقيقات ڪرائڻ مناسب سمجهيو ويو آهي، تہ جيئن نہ رڳو هاڻوڪن حالتن کي مُنهن ڏنو وڃي، پر ڪجھ انگن اکرن جي مدد سان خانداني سردارن جي پٽن ۽ پٽاڻي وارثن جي مستقبل ۾ گذران لاءِ بہ قائدا ۽ ضابطا جوڙيا وڃن.

هاڻي سنڌ جي فتح وقت ٿيل جاچ مان پتو پوڻ ڪانپوءِ، تنهنجي (حسن علي خان، ٽالپر ٻهراڻي) تحويل ۾ موجود جاگيرن کي، هزايڪسيلينسي گورنر سر چارلس نيپيئر برقرار رکيو هو، تنهنڪري، برطانوي حڪومت فيصلو ڪيو، تہ تنهنجي طبعي حياتيءَ تائين، وفادار رهڻ تائين، ڪا بہ ڦيرڦار ۽ متاستا نہ ڪئي ويندي؛ ۽ هي توکي منظور ڪري ڏنل سَند، اڳ ۾ مليل سمورين توثيق ٿيل سَندن ۽ دستاويزن کان بالاتر هوندي.

۽ ٻي ڳالھ اها، تہ تنهنجي رُتبي ۽ تنهنجي خاندان جي سماجي حيثيت کي ڏسندي، اهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو، تہ تنهنجي تحويل ۾ موجود سموري ايراضيءَ مان هڪ هزار بيگھہ پٽاڻي وارثن (جنهن جي نہ هئڻ جي صورت ۾، سنڌ جي فتح وقت ميجيل اصول هيٺ، جاگيردار جي مرد وارثن کي) ڪنهن ڍل بنا، رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو ڪانسواءِ، قبولي وڃي ٿي.ان ڪٽت جي تون پاڻ شايد چونڊ ڪري سگهين ٿو، ۽ حڪومت جي سيٽلمنٽ آفيسر سان لکپڙھ ڪري حدبنديون ڪري سگهجن ٿيون، يا تنهنجي وارثن طرفان سوچ ويچار ڪانپوءِ محفوظ رکي سگهن ٿا: اڪيلو شرط اهو هوندو، تہ هڪ ٽُڪر ۽ حدبندي ٿيل زميني ايراضيءَ تي بَدل جاگير هجي، جتي تحويل ۾ آيل زميني ايراضيون مهاڳي ۾ هجن، ۽ ممڪن حد تائين مڪمل مَڪان ۾ هجن.

بهرحال، جيئن تہ برطانوي سرڪار طرفان، سنڌ ۾ موجود بالاتر جاگيردارن جي پٽن کي وري ٻيهر جاگيرون منظور ڪرڻ جي رسم رهي آهي، ۽ سنڌ جي فتح وقت جاچنا ڪانپوءِ ٻيل جاڻ هيٺ، سنڌن تحويل ۾ موجود انهن جاگيرن کي، چوٿين پتي پيداوار برابر ڍل ڏيڻ يا سمورين جاگيرن مان چوٿون حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي شرط هيٺ، سنڌن تحويل ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي؛ تنهنڪري تنهنجي مرد وارثن

ڪي، توڪي اصل ۽ منظور ڪري ڏنل جاگير جي ايراضين جي ڏس ۾، تنهنجي نہ ڇڏندڙ موروثي حق ڪي وٺڻ جي، پنهنجي انفرادي مامرن ۾ هن نبيري ڪي مڃڻ جي مُختياري هوندي؛ ۽ جيڪڏهن هو اهڙي متبادل کي اوليت ڏئي ٿو، تہ مستقل انتظام تي ٻئي وراثت جي واقع نہ ٿيڻ تائين عمل نہ ڪيو ويندو؛ پر جيڪڏهن هو يا حقيت ۾ تون پاڻ متي چاڻايل نبيرو مڃين ٿو، تہ اُهو هن جي يا تنهنجي طرفان مامرن جي اصلي حالت کي موٽائڻ جو اختيار نہ هوندو.

آبيانو ڏيڻ جي ڏس ۾، تنهنجي جاگير جي خاص صورتحال کي سامهون رکندي، توکي واهن تي ٿيندڙ سرڪاري خرچ ڏيڻ لاءِ، لاڳو مقامي قائدن جو پابند رهڻو پوندو.

پڇاڙيءَ ۾ توکي هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻي پوندي، جو جيئن تہ برطانوي سرڪار توکان ڪابہ اهڙي خدمت، حقيت جي ضروري شرطن جيان نٿي وٺي، پوءِ پيلي اُها جنگي حالت ۾ سپاهين يا وري امن جي دؤر ۾ پورهيت مهيا ڪرڻ واسطي هجي. تنهن هوندي بہ اُها توقع ڪئي وڃي ٿي، تہ هرمئجسٽي راڻيءَ جا سمورا سُنا ۽ وفادارَ شهري، پوءِ پيلي اُهي جاگيردار هجن يا نہ، ڪنهن بہ خاص موقعي تي، جڏهن اهڙي صورت پيدا ٿئي يا خواهش جوڳي حالت هجي، سنڌن طاقت ۽ اقتدار واسطي سموري امداد ۽ سهڪار ڪندا؛ ۽ اهو نتيجو ڪڍڻ فطرتي آهي، تہ جيڪي خاص محصول ۽ رعايتون وٺندڙ آهن، يا رياست طرفان جاگيرون سنڌنُ تحويل ۾ رهڻ ڏنيون ويون، يا ڪين جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون، انهن کي ڪين عطا ٿيندڙ رعايتن جي لائق ثابت ڪرڻ لاءِ، جنهن حڪومت جي تحفظ هيٺ اُهي رهن ٿا، تنهن جي گهُربل موقعي مان فائدو وٺندي، خدمت ڪرڻ لاءِ فڪرمند ٿيندي، سڀني کان اڳيرو ٿيڻ گهرجي؛ پر ان ڳالهہ کي واضح طور سمجهڻ گهُرجي، تہ پنهنجي حصي يا سنڌن وارثن جي وفاداري ۽ چڱي ورتاءَ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، ان سَند کي رَد ڪيو ويندو ۽ جاگيرون توڙي مراعتون سرڪاري تحويل ۾ هليون وينديون.

جي. ڊي. انويريئرٽي
سنڌ جو ڪمشنر

ڪراچي 28 مارچ 1861ع
رجسٽر نمبر 25

ايف. جي. گولڊسمڊ، ميجر
سنڌ ۾ جاگيرن لاءِ مقرر اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر

نوٽ: رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس جو ڪاٽو، جاگيرن جي ڪَٽيل ڪُل جمعبنديءَ تي لڳايو ويندو. پيداوار جي چوٿين پتيءَ جو مطلب ڪَٽيل ڪُل ڍل جي چوٿين پتي آهي.

عام سردارن لاءِ سَند، جن لاءِ سنڌ جي فتح وقت ڪابہ وراثت نہ آهي

رَتو ڪوڪر ڏانهن

جيئن تہ برطانوي حڪومت جو مُکيہ مقصد، سنڌ جي فتح واري وقت کان سنڌن تحويل ۾ موجود زمينن کي نيڪال ڪرڻ جي ڏس ۾ عوامي رسمن رواجن کي ميتا ڏيڻ، تہ جيئن انهن کي عزت ۽ ميتا ڏني وڃي، جيڪي عزت ۽ شان جا حقدار آهن، ۽ عزت لائق معزز شخصن کي ڪنهن ڪوت ۽ ڏکيائيءَ کان پري رکڻ آهي، تنهنڪري جقيقي زمين ۽ سنڌ ۾ جاگيردارن جي عام صورتحال جي تحقيقات ڪرائڻ مناسب سمجهيو ويو آهي، تہ جيئن نہ رڳو هاڻوڪن حالتن کي مُنهن ڏنو وڃي، پر ڪجهہ انگن اکرن جي مدد سان خانداني سردارن جي پُٽن ۽ پُٽائي وارثن جي مستقبل ۾ گذران لاءِ بہ قائدا ۽ ضابطا جوڙيا وڃن.

هاڻي تنهنجي مرحوم پيءُ (خير محمد) وٽ، سنڌ جي فتح مهل جاچنا ڪانپوءِ سنڌ ۾ جاگير موجود هئڻ جو پتو پيو، جنهن کي سر چارلس نيپيئر برقرار رکيو هو. هُو فيبروري 1852ع ۾ گذاري ويو، ۽ سالياني متناسب پيدائش تي پيهر منظور جوڳو حصي جو تخمينو لڳائڻ لاءِ تنهن دؤر ۾ رائج رسم واري اصول پٽاندر، هُن جون جاگيرون توکي پيهر منظور ڪري ڏنيون ويون، ۽ پيون باقي بچيل ايراضي کي غير آباد هئڻ سبب حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو هو. پيهر منظور ڪيل جاگير جي ڪُل پيداوار جي چوٿين پتيءَ جي برابر ڍل طور جمعبندي مقرر ڪئي وئي، جنهن جمعبنديءَ کي تنهنجي طرفان 1857ع ۾ ڪيل گذارش تي، جاگير جي چوٿين پتي ايراضي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ موجب، رد ڪيو ويو هو. تو وٽ هينئر جيڪا جاگير تحويل ۾ آهي، تنهن بابت برطانوي حڪومت فيصلو ڪيو آهي، تہ تنهنجي حيثيت ۾ حياتيءَ تائين، پو وفادار رهڻ تائين، ڪابہ قيرقار ۽ متاسنا نہ ڪئي ويندي؛ ۽ هي توکي منظور ڪري ڏنل سَند، اڳ ۾ مليل سمورين توثيق ٿيل سَندن ۽ دستاويزن کان بالاتر هوندي.

۽ بي ڳالهہ اها، تہ تنهنجي رُتبي ۽ تنهنجي خاندان جي سماجي حيثيت کي ڏسندي، اهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو، تہ تنهنجي تحويل ۾ موجود سموري ايراضيءَ مان ڏيڍ هزار بيگهہ پُٽائي وارثن واسطي (جنهن جي نہ هئڻ جي صورت ۾، سنڌ جي فتح وقت مچيل اصول هيٺ، جاگيردار جي مرد وارثن کي) ڪنهن ڍل بنا، رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو ڪانسواءِ، قبولي وڃي ٿي.ان کٽت جي تون پاڻ شايد چوند

ڪري سگهين ٿو، ۽ حڪومت جي سيٽلمنٽ آفيسر سان لکپڙهه ڪري حدبنديون ڪري سگهجن ٿيون، يا تنهنجي وارثن طرفان سوچ ويچار ڪانپوءِ محفوظ رکي سگهن ٿا: اڪيلو شرط اهو هوندو، ته هڪ ٽڪر ۽ حدبندي ٿيل زميني ايراضيءَ تي بَدل جاگير هجي، جتي تحويل ۾ آيل زميني ايراضيون مهاڳي ۾ هجن، ۽ ممڪن حد تائين مڪمل مَڪان ۾ هجن.

آبيانو ڏيڻ جي ڏس ۾، تنهنجي جاگير جي خاص صورتحال کي سامهون رکندي، توکي واهن تي ٿيندڙ سرڪاري خرچَ ڏيڻ لاءِ، لاڳو مقامي قائدن جو پابند رهڻو پوندو.

پڇاڙيءَ ۾ توکي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي پوندي، جو جيئن ته برطانوي سرڪار توکان ڪابه اهڙي خدمت، حقيت جي ضروري شرطن جيان نٿي وٺي، پوءِ پلي اُها جنگي حالت ۾ سپاهين يا وري امن جي دؤر ۾ پورهيت مهيا ڪرڻ واسطي هجي. تنهن هوندي به اُها توقع ڪئي وڃي ٿي، ته هرمنجستي راڻيءَ جا سمورا سُنا ۽ وفادارَ شهري، پوءِ پلي اُهي جاگيردارَ هجن يا نه؛ ڪنهن به خاص موقعي تي، جڏهن اهڙي صورت پيدا ٿئي يا خواهش جوڳي حالت هجي، سندن طاقت ۽ اقتدار واسطي سموري امداد ۽ سهڪار ڪندا: ۽ اهو نتيجو ڪڍڻ فطري آهي، ته جيڪي خاص محصول ۽ رعايتون وٺندڙ آهن، يا رياست طرفان جاگيرون سندن تحويل ۾ رهڻ ڏنيون ويون، يا ڪين جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون، انهن کي ڪين عطا ٿيندڙ رعايتن جي لائق ثابت ڪرڻ لاءِ، جنهن حڪومت جي تحفظ هيٺ اُهي رهن ٿا، تنهن جي گهُربل موقعي مان فائدو وٺندي، خدمت ڪرڻ لاءِ فڪرمند ٿيندي، سيني ڪان اڳيرو ٿيڻ گهرجي: پر ان ڳالهه کي واضح طور سمجهڻ گهُرجي، ته پنهنجي حصي يا سندن وارثن جي وفاداري ۽ چڱي ورتاءَ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، ان سَند کي رَد ڪيو ويندو ۽ جاگيرون توڙي مراعتون سرڪاري تحويل ۾ هليون وينديون.

جي. ڊي. انويريئرٽي
سنڌ جو ڪمشنر

ڪراچي 28 مارچ 1861ع
رجسٽر نمبر 75

ايف. جي. گولڊسمڊ، ميجر
سنڌ ۾ جاگيرن لاءِ مقرر اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر

نوٽ: رستن ۽ اسڪولن لاءِ پنج سيڪڙو سيس جو ڪاٽو، جاگيرن جي ڪَٿيل ڪُل جمعبنديءَ تي لڳايو ويندو.

# پاگوپیو

# موچارا اکر

سنڌ ۾ موروثي جاگيردارن، خيراتدارن، پٽيدارن ۽ حصيدارن جون ساروٽيون، سنڌ ۾ ضلعي آفيسرن لاءِ ڪارآمد بڻجڻ جو مقصد آهي، اها اميد ڪئي وڃي ٿي، ته ان جلد جي اڳياڙيءَ ۾ ڏنل جاگيردارن جي تعلقيوار فهرست، اسسٽنٽ ڪليڪٽرن لاءِ خاص مددگار ثابت ٿيندي.

اها ڳالهه به مشاهدي ۾ ايندي، ته انيڪ خانداني شجرن ۾ ڪافي جاءِ ڇڏي وئي آهي، ته جيئن انهن جاين کي گهربل وقت پٽاندر، ضلعي عملدار مناسب ڪوشش ڪندي پرينداهن.

اها ڳالهه شايد ڏيان ۾ ويهارڻ گهرجي، ته سنڌ ۾ حقيقي طور مستقل جاگيرن جا رڳو ٽي طبقا آهن، يعني (1)اهي جيڪي 'فرسٽ ڪلاس' طور مشهور آهن، (2) جاگيرون وٺندڙ 'چئن عظيم ٽالپر گهراڻن' جا جاگيردار؛ (3) جاگيرون وٺندڙ 'چونديل سردار'. انهن جاگيردارن وچ ۾ فرق هن ڪتاب جي مختلف جاين تي واضح ڪيو ويو آهي.

هن سهيڙيل ڪم جي ڏس ۾ محترم ڏيارام گدومل، سي. ايس.، ايل. ايل. بي.، جَس لهي، جنهن هن جلد کي مڪمل حد تائين پورو ڪرڻ ۾ ڪابه پيڙا ۽ پوڳنا نروار نه ڪئي.

ڪمشنر پريس جو ايڪٽنگ سپرنٽينڊنٽ محترم ڊبليو. ايچ. ٿامپسن به ميتا لهڻي، جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ خاص تڪليف پنهنجي مٿي تي ڪئي.

جي. پولن، ايل ايل.، ڊي.، بمبئي سي. ايس.،

اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ

1888ع

# ٻه اکر

پراڻي دستاويز سميت رولَ ۾، پَٽيدارن جا نالا پهرين، پوءِ حصيدارن ۽ پڇاڙيءَ ۾ وري خيراتدارن جا نالا ڏنا ويا آهن؛ پر جاگيرن واري نئين ڪتاب ۾ اها ترتيب مٽائي وئي آهي، جو خيراتدارن کي ٻين ٻن کان مٿي رکيو ويو آهي، جن کي سنڌن سماجي حيثيت ۽ رائج روايت پٽاندڙ اوليت ڏني وڃي ها.

پراڻي دستاويز ۾، پٽيدارن واري ڀاڱي ۾ فتح الله جو نالو نمبر 13 طور ۽ ديهه چوڙيو کي پٽيداري جي جاءِ طور رکيو ويو آهي. ساڳئي نمبر هيٺ، پوءِ فتح الله جو نالو ۽ موسيٰ خان، رحمت الله خان ۽ خير الله خان جي ٻين پُٽن جا نالا، ديهه آدمجي، ۽ سنڌس مڪانن هزارو، جمل پور، ۽ منام آباد کي سنڌن پٽيداريءَ سان گڏ شامل ڪيا ويا آهن؛ پر اها غلطي آهي. فتح الله خان، موسيٰ خان، رحمت الله خان ۽ خيرالله جي ٻين پُٽن وٽ گڏيل طور رڳو ديهه چوڙيو جي پٽيداري هئي. فتح الله قلندرزئي جو نالو نمبر 14 طور ۽ ديهه آدمجي ۽ سنڌس مڪانن هزارو، جمال پور ۽ منام آباد کي سنڌن پٽيداريءَ جي جاءِ تي داخل ڪرڻ گهرجي ها. اعظم خان جو نالو نمبر 15 طور، نه ڪي هيٺئر ڄاڻايل 14 نمبر طور، داخل ڪرڻ گهرجي ها. ان غلطيءَ کي، 1863ع ۾ انگريزي توڙي فارسي رولن ۾ درست ڪيو ويو، جنهن تي اسسٽنٽ ڪمشنر محترم ميڪسويل ميلول صحيح ڪئي هئي. ڏسو هن جو شڪارپور جي ڪليڪٽر ڏانهن 12 جنوري 1863ع تي فارسيءَ ۾ لکيل خط نمبر 55 ۽ 3 مئي 1863ع تي لکيل جوابي خط نمبر 2407.

1886ع ۾ مٿي ڄاڻايل غلطي ۽ اُن جي درستگيءَ جو هرهڪ تفصيل، راءِ بهادر ڏيارام گدومل کي هيٺ صحيح ڪندڙ (28 جنوري 1886ع) سرڪاري- مُهر سان، ان عملدار جي صحيح سان 28 جنوري 1886ع تي لکيل خط جي جواب ۾، ڏنو ويو هو.

محترم ميلول طرفان صحيح ڪيل ۽ 1863ع ۾ لکيل پٽيداري رولَ به راءِ بهادر ڏيارام گدومل کي مهيا ڪيو ويو، پر تنهن وقت به نئين ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ درست ڪيل داخلائون شامل ڪيل نه آهن.

پهرين نبيري وقت سيڪنڊ ڪلاس ۾ سمجهيل اٺ پَٽيدارن کي، جيڪي 13

مارچ 1860ع تي لکيل خط نمبر 66 ۾ شامل هئا. ڪمشنر جي سفارش سان فرسٽ ڪلاس ۾ شامل ڪيو ويو، ۽ بمبئي حڪومت 31 جنوري 1861ع تي قرارداد نمبر 547 هيٺ سندن منظوري ڏني هئي. بهرحال، انگريزي ۽ فارسي رولَ ۾، 'پَٽيدارن' جي ڀاڱي ۾، 22 پَٽيدار ڄاڻايا ويا آهن، يعني چوڏهن اصلي پٽيدارَ ۽ اُنن ڪي مٿي ڄاڻايل قرارداد هيٺ سندن نمبرن هيٺ شامل ڪيو ويو. اهو مامرو منهنجي سرڪاري- مهربند نوٽ سان، سندس 20 جنوري 1886ع تي موڪليل سرڪاري- مهربند نوٽ جي حوالي لاءِ پيرا 5، راءِ بهادر ديوان ڏيارام ڏانهن اماڻي وئي، پر اُنن پَٽيدارن جو ذڪر نه هئڻ بابت معلوم ٿئي ٿو، ته انهن کي هئي جلد ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انهن جو 14 پٽيدارن ڪانپوءِ ترت ڪيو ويو.

بهرحال، پهرين جلد ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ اٺ پٽيدارن کي شامل ڪرڻ بابت مٿي ڄاڻايل لکپڙه کي ضروري سمجهندي، ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

**خانبهادر ايس. خداداد خان**

ڪراچي، 30 سيپٽمبر، 1887ع

# فرسٽ ڪلاس جاگيردارن
# جي يادگيرين جو تعارف

پهرين درجي جي جاگيرن جي ورڇ ۽ بخشش، جيڪا هينئر سنڌ ۾ موجود آهي، سا جاگيرن جي خاص ڪمشنر مسٽر ايلس طرفان 10 نومبر 1858ع تي حڪومت آڏو واضح ۽ چٽيءَ ريت پيش ڪيل دستاويز نمبر 30 جي عام روپ ۾ شڪل پٽاندر آهي.

انهن سيني بخشش يا ڏنل زمينن ڪي پهرين درجي جي جاگيرن جي حيثيت سان درجابنديءَ جو اصل مقصد اهو هو، جو حقيقت ۾ اُهي جاگيرون ٽالپر گهراڻي جي حڪومت کان به اڳي جون هيون. بين لفظن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو، ته انهن جاگيرن ڪي پهرين درجي جي جاگيرن ۾ ڳڌائڻ جو ڪارڻ اهو هو، جو انهيءَ ڏس ۾ سامهون آيل شاهدين مان ڄاڻ ملي، ته اُهي جاگيرون، ٽالپرن جو حڪومت ۾ اچڻ کان اڳ يعني 1783ع کان پهرين به موجود هيون، ۽ انهن جاگيرن جي اها ساڳي حيثيت ٽالپر گهراڻي جي حڪومت ۾ پڻ رهي، ۽ وري جڏهن برطانوي فوجن سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن به اُهي جاگيرون اصل جاگيردارن جي وارثن جي تحويل ۾ موجود هيون.

انهيءَ ڏس ۾ هن ڳالهه کي ڌيان ۾ رکيو ويو، جيئن ته ٽالپر حڪمرانن به انهن جاگيرن کي مڃيو هو، (جيڪي اڪثر پنهنجي اڳوڻن حڪمرانن جي ڏنل جاگيرن جي توثيق ڪرڻ ۾ ايڏو سخيءَ نه هئا) تنهنڪري 1843ع ۾ سنڌ جي فتح وقت، تحويلدارن جي موروثي حقن کي قبولڻ ۾ ٿورڙي به هٻڪ ٽيڻ جو سوال ئي نه پيو ٿي سگهي.

تنهنڪري، 1843ع ۾ سنڌ جي فتح کانپوءِ هي تجويز سامهون آئي، ته اُهي جاگيرون تحويلدارن جي موروثي وارثن کي، منجهن ڪا به تخفيف ڪرڻ بنا دائمي طور جاگيرن طور ڏنيون وڃن.

انهن جاگيرن جي قدامت ۽ ٽالپر حڪمرانن طرفان ڪين مليل مڃتا کي ڏسندي، هي حقيقت سامهون آئي، ته اڪثر تحويلدار انهن قديم ملڪي حڪمرانن، جي جاءِ نشينن سان واسطو رکندڙ هئا، جن جي جائيداد مختلف دؤرن ۾ فاتح نسلن جي قبضي هيٺ ايندي رهي، ۽ پوءِ صورتحال وڃي اُتي بيٺي جو، جيڪي شخص ڪنهن دؤر ۾

جنهن علائقي جا حڪمران هئا، سي وري رعيت جي حيثيت سان ڪجهه زمين جي ٽُڪرن تي وجي قناعت ڪري ويٺا. انهي صورتحال کي سامهون رکندي، بهرحال سنڌن جاگيرن جي موروثي حقدار واري حيثيت کي، ڪنهن شڪ بنا مڃيو ويو. تنهنڪري بمبئي حڪومت سختيءَ سان سفارش ڪئي، ته جاگيرن ڏيڻ جو سلسلو ڪنهن به تخفيف بنا برقرار رکيو وڃي، ۽ هندستاني حڪومت 5 اپريل 1859ع تي جاري ڪيل خط نمبر 711 ۾، مسٽر ايلس طرفان سمورين چوڏهن جاگيرن کي موروثي طور برقرار رکڻ واري سفارش بابت موڪليل دستاويز جي منظوري ڏني.

انهن چوڏهن جاگيردارن منجهان هڪڙي جاگيردار پنهنجي مُئي پڇاڻان پويان ڪوبه مرد وارث نه ڇڏيو هو، تنهنڪري حڪومت هن جي جاگير پنهنجي قبضي ۾ ورتي. پر پهرين درجي جون به ٻيون جاگيرون، اپريل 1859ع کانپوءِ ٻن جاگيردارن کي ڏنيون ويون، ۽ اهڙيءَ ريت پهرين درجي جي جاگيرن جو انگ پندرهن ٿيو ويو آهي.

جيئن ته اها ڳالهه هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا اڳيئي چئاٽايل آهي، ته پهرين درجي جي جاگيردارن کي جيڪي امتيازي سهولتون ڏنيون ويون هيون، تنهن ۾ حڪومت طرفان سنڌن غيرآباد زمينون پيهر پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ وارو شرط رکيل نه هو. جڏهن ته انهن جي جاگيرن جا ٻيا سمورا شرط تالپر جاگيردارن جي شرطن جهڙا ساڳيا آهن. هن ڳالهه کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ته رڳو غيبي خان جي سَند ۾ سنڌن وارثن ڏي نذرانو مڙهڻ جو شرط وڌو ويو هو.

باب پھريون

# نومڙيا

1847ع ۾ ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊيءَ طرفان ڪراچي ڪليڪٽوريٽ سان لاڳاپيل ماڻهن جي رتبي بابت ڪمشنر کي هڪڙو يادداشت نامو ڏنو ويو، جنهن ۾ هن نومڙين جي قبيلي بابت هيٺين ڄاڻ ڏني:

"پانئجي تو ته هي قبيلو اصل ۾ راجپوت نسل جي ڇاڙهه آهي. ڪتنب جي جنهن پهرين شخص جو نالو لڪٽين ۾ سامهون آيو آهي، سو عيسب خان آهي، جنهن پنهنجي اٺن پائرن سميت راجپوتانا کان سفر شروع ڪيو هو، ۽ گهڻن مُهمن کان پوءِ نيٺ مڪران جي علائقي ڪيچ ۾ اچي پهتو، جتي علائقي جي حاڪم يا نواب طرفان سندن ئاهوڪو آڌرڀاءُ ڪيو ويو.

"ڪيچ ۾ ڪجهه عرصو شانت سان رهڻ ڪانپوءِ، نومڙيا يا نئون مردي (نَوَ ماڻهو) پائرن، انهيءَ علائقي جي حاڪم يا نواب کي پنهنجي وڏي ڀاءُ جي بيعزتي ڪرڻ سببان قتل ڪري ڇڏيو. نتيجي طور، وٽن مٿين علائقي مان ڀڄي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو، ۽ اُهي سنڌ جي اولهندي علائقي ڏانهن لَڏا ڪٽي موٽيا، جتي اُهي لَڏا لاهي ٽانيڪا تي ويٺا، ۽ علائقي جي ماڻهن سان سڱابنديون ڪيائون. ڪجهه سالن ۾ ئي هنن جي آبادي ۾ واڌارو ٿيو ۽ اُهي ڏاڍا سگهارا ٿجي پيا، ۽ هوريان هوريان حب جبلن ۽ سنڌو درياهه جي اوپر ۽ اولهه ۾ پکڙيل سڄي جابلو علائقي توڙي ملير ۽ اُتر ۽ ڏکڻ بارڻ نديءَ جي سموري علائقي تي قبضو ڪري ورتو. نومڙين ۽ ڪوسن وچ ۾ انيڪ سالن تائين جهيڙا هلندا رهيا، پر نيٺ ڪوسا بارڻ نديءَ واري علائقي مان تڙجي ويا. اهو واقعو اٽڪل ستر سال اڳ ٿيو هو، تنهن کان وٺي نومڙيا مٿين علائقي تي، ڪنهن کُٽڪي ۽ جهيڙي بنا قبضو برقرار رکيو اچن.

"نومڙيا قبيلو هينئر نَوَن مختلف پاڙن ۾ ورهايل آهي، جيڪي پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڏي وٺ ۽ جوڪين سان سڱابنديون ڪن ٿا. هن قبيلي جا چار مکيه سردار هينئر به سُنگ طور "نت" وٺن ٿا، جيڪا سيوهڻ ۽ ڪراچي توڙي ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ جي جابلو علائقن منجهان اينڊڙ ويندڙ ڪاروباري قافلن کان هڪڙي قسم جو پُنگ وٺڻ

## (1) مَلڪ احمد خان نومڙيو (مرحوم) جنهن جو وارث ملڪ سردار خان ٿيو

### خانداني شجرو

مسٽر ايلس پنهنجي 10 جون 1852ع تي پيش ڪيل يادداشت نامي ۾ مَلڪ احمد خان جو هيٺ ڄاڻايل خانداني شجرو ڏنو آهي:




### سماجي حيثيت

مَلڪ احمدخان جي هڪڙي نياڻيءَ جي شادي مير ڪرم علي سان ۽ ٻي ڌيءُ جي شادي لس ٻيلي جي ڄام سان ٿيل هئي. جڏهن ته هن جي ڀيڻ مير نورمحمد سان پرڻيل هئي ۽ سندس پُٽ صوبدار جي شادي لس ٻيلي واري ڄام جي ڀيڻ سان ٿيل هئي. هن جي ڪوٽڙي ۽ جهرڪ جي ڀرپاسي واري جابلو علائقي تي تقريباً خودمختيار حيثيت مڃي ويندي هئي، ۽ ايستائين جو سنڌ جي فتح کان پوءِ به شراب، آفيم، ڍل ۽ ڪوٽڙيءَ جي مَڏين (مڃي فارمن) جي پيداوار مان لاپ ماڻڻ سميت سُنگ ۽ واپاري ناڪو پڻ وٺندو هو. هُن ڪوٽڙيءَ واري علائقي ۾ ناقبولي زمينن تي پڻ پنهنجي مالڪيءَ وارو اختيار استعمال ڪيو، ۽ حدون اورانگهيندي گهريلو اڏاوتن لاءِ سندن

ڪجهه حصو به وڪڻندو رهيو. گڏوگڏ هو گهٽي عرصي تائين، جيڪي واپاري قافلا ڪوٽڙيءَ ۾ يا ڀرپاسي ڏاهو ڪندا يا لنگهندا هئا، تن کان به ”نت“ وٺندو رهيو. (1)

## ملڪيتي جائيداد

احمد خان سنڌ جي فتح کانپوءِ، گورنر آڏو اچي سلام پيش ڪيا، ۽ ”سلام پروانو“ وٺڻ کانپوءِ هن ڪليڪٽر کي پنهنجي جائيداد ڪيس ٻيهر سونپڻ لاءِ گذارش ڪئي. بهرحال، هو ٽالپر اميرن طرفان ڪيس ڏنل ٻامپٽوءَ واري جاگير ڪانسواءِ، جيڪا ڪيس ڪنهن ٻي زمين جي بدلي ۾ ڏنل هئي، ڪابه سَند پيش نه ڪري سگهيو. ڪليڪٽر جي انتظامي آفيس طرفان سَند جو نقل ناهي احمد خان کي ڏنو ويو، جنهن بابت پوءِ معلوم ٿيو، ته هن ان نقل جي حفاظت نه ڪئي ۽ وڃائي ڇڏيائين. ڪيپٽن پريڊي 5 ڊسمبر 1843ع تي حڪومت جي سيڪريٽريءَ کي انهن جاگيردارن جي فهرست پيش ڪئي، جن وٽ ڪابه سَند نه هئي. فهرست ۾ هن ڄاڻايو، ته احمدخان ڪوٽڙيءَ ۾ حڪومتي ڍل مان حصو وٺي ٿو، پر وٽس اهڙو ڪوبه دستاويزي ثبوت نه آهي، جنهن مان سندس رتبي جي ثابتي ملي، ۽ گڏوگڏ ڪلهوڙن جا دفتري دستاويز پڻ حيدرآباد سميت ڪٿي به دستياب نه آهن. تنهنڪري ڪيپٽن رٿبورن انهيءَ موضوع تي وڌيڪ روشنيءَ وجهي نه سگهيو هو. سيڪريٽريءَ طرفان پنهنجي 6 ڊسمبر 1843ع تي پيش ڪيل يادداشت نمبر 1250 ۾ ڄاڻايل مواد هيٺ ڏجي ٿو:

”سرڪار جو خيال آهي، ته جن ڌرين وٽ سَندون نه آهن، سي جيڪڏهن اوهان آڏو سندن قبضي ۾ اڻ تڪراري طور گذريل 17 فيبروري تائين جاگيرون هجڻ جون اهڙيون تسلي جوڳيون شاهديون پيش ڪري سگهن، ته اهڙن حقن هيٺ ڪين انهيءَ شرط سان، ته هنن برطانوي حڪومت کي سلام پيش ڪيا آهن، جاگيرون منظور ڪري ڏنيون وڃن. بهرحال، توهان کي اهڙن سمورن مامرن ۾ ڀوڳهي تحقيقات ڪرڻ گهرجي.“

جيڪي جاگيرون جابلو علائقي ۾ نه هيون، تن تي احمدخان جي دعوي جو فيصلو ڪرڻ ڪا ايڏي ڏکي ڳالهه نه هئي. پر ڪليڪٽر ڪوهستان جاگير بابت ڪا مناسب وات وٺڻ جي ڏس ۾ ويچار جوڳو شڪ محسوس ڪيو.

”ٽالپر اميرن جي حڪمرانيءَ دؤران، احمد خان ۽ نومڙيا قبيلي جي ٻين سردارن کي، هملائي ڳوٺ جي ڀرپاسي واري زمين ۽ ڳوٺ جي اڀرندي سرحد سان لڳ جابلو علائقي ۾ موجود زمين کي، حڪومت کي زرعي پيدائش جي ڪنهن به پَتي يا ڍل ڏيڻ بنا، آباد ڪرڻ جي اجازت ڏنل هئي.“ (2)

احمد خان انهيءَ ڳالھ تي زور رکيو، تہ ڪيس ۽ سندس وڏڙن کي ھي رعايت تڏھن کان مليل ھئي، جڏھن سنڌ دھليءَ جي شهنشاھن جي ڏن ڀرو ھئي، ۽ انهيءَ رعايت بابت ڪلھوڙن يا ٽالپرن ڪڏھن بہ جهيڙو يا ڦڏو نہ ڪيو ھو. (3) ھن سندس قبضي هيٺ آيل اڪوٽي جائيداد جي دعويٰ بابت دليل ڏيندي چيو تہ، ”جابلو علائقي جي سموري ايراضي سندن قبضي ۾ ھئي، جيڪا سنڌو ماتريءَ جي اوڀر ۾ پوکيل زمين جي دنگ کان وٺي، ھب نديءَ جي ڪاہي ڪناري کان اولھ تائين، ۽ اُن کان ھيٺ ڏکڻ ۾ جهرڪ تائين، اُتر ۾ لڪي جي ڪجھ ميلن ۾ ڦهليل زمينن تي مشتمل ھئي. اُھو سمورو علائقو ڇھ ھزار چورس ميلن تائين ڦهليل اٿس.“ (4) ھن آڇ ڪئي، تہ جيڪڏھن سندس سموري جابلو جاگير بحال ڪئي وئي، تہ ھو پاڻ ۽ سندس قبيلو حڪومت آڏو جوابدار رھندو ۽ علائقي ۾ ٿيندڙ ڏوھن جي ڇاڻ ڏيڻ سميت سمورن ڏوھارين کي سوگھو ڪندو. جڏھن ڪوٽڙيءَ جي ڊپٽي ڪليڪٽر، احمد خان جي سموري زمين جي پيمائش ڪرڻ ۽ نشان لڳائڻ لاءِ اُپاءَ ورتا، تہ ھن اعلان ڪيو، تہ جيڪڏھن ھن جون غيرآباد زمينون وٺائنس ڪسيون ويون، تہ ھن جو انهن رستن تي ھرگز اختيار نہ رھندو. نيٺ، سر چارلس نيپيئر ۽ ھن وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ ھڪڙي نويڪلائي ڪچھري ٿي، جنهن ۾ نہ رڳو ان مامري کي نبيريو ويو، پر ٻين بہ ڪيترن ئي نون اُٿيل مامرن: جھڙوڪ انڊس فلوٽيلا ڪاتي طرفان سندس ڪوٽڙيءَ ۾ موجود باغ تي والار، ۽ شھري سُنگ توڙي ذميوارين جي خاتمي جي مامرن کي بہ سُلجھايو ويو. انهيءَ ناھ ھيٺ، احمد خان کي برطانوي فوجين ھٿان ڪوٽڙيءَ ۾ سندس باغ ۾ ٿيل نقصان جي عيوض چار سؤ رپيا ڏنا ويا ۽ ڪيس پَٽڻ، شراب، آفيم ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ مڇين جي ٺيڪي جي سھولت پڻ ڏني وئي. حڪومت ساڻس ميسا شڪارگاھ ويجھو سرڪاري باغ ۽ مير نورمحمد جو باغ، ۽ ڪارو کھو ۾ جاگيردار جي باغ مان ورتل ٽن وڻن جو پنجن وڻن جي ڊل جي شرح سان، مٽاسٽا ڪندي ڪانئس ڪوٽڙيءَ ۾ موجود سمورا باغ وٺي ڇڏيا. گڏوگڏ سر چارلس نيپيئر، احمد خان طرفان پنھنجي پُٽن پاران ھن کي سلامي پيش نہ ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ بابت پيش ڪيل دليلن کي قبول ڪيو ۽ صوبدار کي حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ موجود گھلو ۽ لطيف پور جي جاگير ٻيھر ڏيڻ تي راضي ٿيو ۽ پھاڙخان کي پيٽارو ۽ سياٽڙي وارين جاگيرن، خريف 1257 ھجريءَ کان چوٿين پَتي تخفيف ڪرڻ جي شرط سان، ڏيڻ تي راضي ٿيو. انهن رعايتن بيشڪ احمد خان کي ھرڪايو، تہ ھو ڪوھستان جاگير بابت پنھنجي پيش ڪيل دعويٰ جي نبيري لاءِ، ھيٺ ڄاڻايل بنيادن ھيٺ تي راضي ٿئي.

”ڪوهستاني علائقي وارا اُها سموري زمين، جيڪا احمد خان ۽ سندس پوئلڳن طرفان گدريل پنجن سالن کان آباد ٿيندي رهي آهي، جنهن جي هاڻي ماپ ٿيڻي آهي، ۽ ڪيس نئين سَند ڏني ويندي، جنهن تي گورنر جنرل جي مُهر لڳل هوندي. جڏهن ته ڪوهستان جي ٻي سموري ايراضي حڪومت جي ملڪيت هوندي.“ (5)

متين ٿاهه هيٺ، هڪ تجربيڪار ڪاردار ريجهومل طرفان پوکيل زمين جا دنگ نشان ظاهر ڪيا ويا، ۽ حڪومت طرفان ڏنل زمين جي ماپ ڪئي وئي. پر نورپُور کان بارڻ نَئن تائين حڪومتي باغن ۾ ايترا ميويدار وڻ ڏسڻ ۾ نه آيا، جيترا جاگيردار کي ڏيکاريا ڪيل هئا، ۽ بهرحال، هُو ڪولاب ميسا ۾ واڌو ڇهه سؤ بيگهه زمين وٺڻ تي راضي ٿيو. ڪوهستاني ۽ ڪولاب ميسا واري جاگيرن جي سَندن تي سر چارلس نيپيئر طرفان مهرون هنيون ويون، ۽ اُهي 13 جولاءِ 1847ع تي ڊپٽي ڪليڪٽر وسيلي جاگيردار ڏانهن اُماڻيون ويون.

صوبدار خان ۽ پهاڙ خان کي ”چوٿين پَتي تخفيف جي شرط سان“ ٻيهر ڏنل جاگيرن تي، ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر طرفان غيرآباد ايراضيءَ جي في بيگهه ايراضيءَ تي ٻه آنا ادائيگي مڙهي وئي. جاگيردارن اها رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ۽ هي مامرو مسٽر فريئر جي وقت تائين جاري رهيو، ۽ نيٺ سر چارلس نيپيئر طرفان مڙهيل اصلي شرطن کي بحال ڪندي، جاگيرون ڏنيون ويون. صوبدار خان مئي 1847ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جو موت سندس پيءُ جي دل تي ڳرو بار ثابت ٿيو، ۽ هن تُرت ڊسمبر 1850ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. هن پنهنجي پوياڻ 15 ڊسمبر 1850ع (10 صفر 1267هه) تي هڪڙي وصيت ڇڏي هئي، جنهن تي قاضي ۽ مفتيءَ جي مهر سميت ٻين ڪيترن ئي شاهدن جون صحيحون ٿيل هيون. وصيت موجب هن پنهنجي ملڪيت پٽرن، پُٽن ۽ پوٽن ۾ مڪمل طور هيٺين ريت ورڇي هئي:

(1) شراب، نشو ۽ ڪوٽڙيءَ جي پتڻ جو ٺيڪو ۽ ملتاني، گوگائي، ڪارو ڪَهو ۽ مهراڻي جي مَڏين جا ٺيڪا.

(2) ديهه راڄو نظاماڻي جي مڇين جو ٺيڪو.

(3) راڄو نظاماڻي جي ڍنڍ واري مَڏي.

(4) ٻُڌاپور جاگير جي پيدائش.

(5) محمد خان جي ٻاگي ڪڍڻ کان پوءِ هيٺ ڄاڻايل علائقن مان ايندڙ پيداوار:

شال، راڄو نظاماڻي، ڪڙالا (نَئن بارڻ ۾ (6)، ڪوٽڙي جي ڍنگي، ٻانڊڙا، خانپور، چوٻندي، نورشاهه جي وسي، ڪاريڙي، ڀسراهه، انڌي جي ڪَسي، مانجهو.

(6) ڏاٻو جي پيدائش.
(7) محمد خان جي پاڳي ڪڍڻ کان پوءِ ڏيري جي پيدائش.
(8) ڇيجا جي پيداوار.
(9) ڪوهستاني جاگير جي پيداوار: ڪانڌو ترائي، جهنگڙي، سُمبڪ، شاهجي ۽ پرپاسي جي زمين، ڪرچات، ٽونگ، تاڪُو.
(10) مير نور محمد جو باغ: مير پيلو باغ، راڄڙ، چوٽين پَٽي چؤبندي، مانجهند باغ، ميسا باغ.
(11) ٻه پڪا نار.
(12) خانپور پَٽڻ.
(13) شال ڍنڍ جي پيداوار.
(14) ٻامپٽو جي پيداوار.
(15) ٽئين ٻارڻ مَڏي.

10 جون 1852ع تي، سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس هڪڙو يادداشت نامو لکيو، جيڪو مسٽر فريئر طرفان حڪومت کي موڪليو ويو، ۽ جنهن ۾ ملڪ سردار خان طرفان جمعبنديءَ کان آجي يعني معافي جاگير ڏيڻ واري دعوىٰ بابت فيصلي جا سمورا تفصيل شامل هئا. مدعي طرفان ڏنل سموريون ثابتيون بلڪل ٿورڙيون هيون، پر هو پنهنجي ”آڳاٽي مشهور ملڪيت“ بابت ڪيل دعوىٰ تي اَٽل رهيو، ۽ مسٽر ايلس کي ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه هو، ته هن جي گهراڻي وٽ، جيڪو سنڌ صوبي ۾ صدين کان رهيل هو، پنهنجي جائيداد ۾ گهڻي ايراضيءَ وارو علائقو شامل هو، جنهن تي هنن لامحدود طاقت ۽ اختيارن هيٺ حڪومت ڪئي هئي.

هن لکيو ته: ”هنن کي هوريان هوريان پنهنجي جاگيرن کان، وڏيڪ سگهارن انهن سردارن محروم ڪيو هو، جن مُلڪ ۾ عام طور اوڄ ماڻيو هو ۽ چڙهت ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت، سردارن جي تحويل ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي هليون ايندڙ جاگيرن ۽ ايراضين رکڻ جي پيٽ ۾، اسان کي حڪمرانن طرفان نومڙين جي مَلڪ جي حصي ۾ زمينون منظور ڪري ڏيڻ ۽ ٻين کي سونپڻ بابت جاري ٿيل دستاويزن ۽ حڪمن جي اُميد رکڻ گهرجي.“

بهرحال، نورمحمد ۽ مرادعلي شاهه ڪلهوڙي طرفان جاري ڪيل ٻه سَندون وٽن موجود هيون، جن تي 1741ع ۽ 1763ع جا سال لکيل هئا، ۽ منجهن نومڙيي سردار وٽ جاگير هجڻ جي تصديق ٿيل هئي، جيڪا وٽس سنڌ جي فتح وقت موجود جاگير کان

گهڻي ايراضيءَ واري هئي- پر ان جي صحيح طريقي سان، مختلف موقعن تي ڪنهن قدر نالن ۾ تبديلي، ۽ اهي زمينون ٻين ڏانهن منتقل ٿيڻ سببان، تصديق نہ ٿي سگهي. ٽالپر حڪمرانن طرفان ”تاڪيد“ يا چند پَٽڻ بابت جاري ٿيل ڪجھ خط پڻ موجود هئا، جن ۾ اڳوڻين جاگيرن جي موت ۾ نيون جاگيرون ڏنل هيون، يا وري جاگيردارن طرفان شڪايتن سبب عارضي روڪثام بابت حڪمناما جاري ٿيل هئا، ۽ منجهن ٻيهرين جاري ڪيل حڪمنامي ڪي رد ڪرڻ جا حڪم بہ شامل هئا. انهن مان گهڻا حڪمناما پَٽڻ ۽ مچين مارڻ جي ٽيڪن سان لاڳاپيل هئا، جيڪو حق نومڙيا سردار ڪي مليل هو ۽ اُن ڪي سر چارلس نيپيئر پڻ برقرار رکيو هو، جيتوڻيڪ عام قانون موجب هن طرفان اهڙا حق حڪومت ڏانهن موٽايا ويا هئا. سر چارلس نيپيئر انهيءَ سردار جي جاگيرن جي قدامت ڪي سامهون رکندي، ڪرمتي سردار جي مامري ۾ پنهنجي جاگيرن وارن قاعدن ضابطن کان تجاوز ڪيو هو، ۽ مسٽر ايلس ڪي ڪوبہ شڪ نہ هو، تہ نومڙيو سردار پڻ ساڳئي سلوڪ جو حقدار آهي. تنهنڪري مسٽر ايلس هي ڳالھ سامهون آڻدي هئي، تہ عام اصولن هيٺ جاگيردار مشڪل سان وٽس موجود انيڪ جاگيرن مان ڪا هڪ ونوازش سان ني سگهي ٿو.

هن گهراڻي جي ٻاتين وٽ، ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪومتي دؤر کان وٺي يا ان کان بہ ٻهرين، جيڪي بہ جاگيرون يا سندن مساوي ايراضيون هيون، تن ۾ سنڌ جي فتح کان هڪدم پوءِ ملڪ احمد خان ڪي يادداشت هيٺ ملندڙ جاگيرن ۾ فرق رکيو ويو، جنهن جي درستگيءَ ۾ مسٽر ايلس ڪي شڪ ڪرڻ جو ڪوبہ دليل نہ هو. اهڙين قديم جاگيرن ۾ مانجهو، انڌي جي ڪسي، پيتارو، وسي پير محمد شاھ، چؤبندي، خانپور، ڪوٽڙي، ڪارو ڪهو، شال ۽ راڄو نظاماڻي شامل هيون.

سر چارلس نيپيئر مٿي ڄاڻايل جاگيرون منظور ڪري ڏنيون، جن لاءِ محترم ايلس طرفان ٻُڌاپور ۾ واقع ڇھ سؤ بيگھ سميت ڪوهستاني علائقي ۾ 2829 بيگھ واريون جاگيرون ”مَلڪ احمد خان جي وارثن ڪي موروثي“ طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي.

احمد خان بامپٽوءَ ۾ موجود جاگير بابت مڃيو، تہ اُها ايراضي ٽالپرن واري وقت کان وٺي وٽن موجود رهي هئي، ۽ انهيءَ ڳالھ ڪي سامهون رکندي مسٽر ايلس سفارش ڪئي، تہ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ مروج عام اصولن هيٺ اُن جاگير جي سندس موروثي وارثن جي نالي توثيق ڪئي وڃي. رڳو بامپٽو واريءَ جاگير ۾ احمد خان جي ڀاءُ محمد جو ڪو حصو نہ هو. جڏهن تہ ٻين سڀني جاگيرن ۾ هو پيدائش جي پنجين پَتي جو حقدار هو، جنهن بابت مسٽر ايلس سفارش ڪئي، تہ اُها پَتي احمد خان

جي پُٽاڻي وارثن جي نالي برقرار رهڻ گهرجي، ۽ احمد خان جي پيڙهيءَ ۾ پُٽاڻي اولاد نہ هئڻ جي صورت ۾ محمد خان جي ڪٽنب کي منظور ڪري ڏني ويندي.

مسٽر ايلس مَڏين واري ٽيڪي بابت ڪليڪٽر جي انهيءَ خيال سان سهمت هو، تہ ڍنڍن ۽ تلائن جي مَڏين واري جائيداد، جاگيردار وٽ هئڻ گهرجي، پر "سنڌي پَلو" جي مڏين واري ٽيڪي سميت پَٽڻ، شراب ۽ نشي جا ٽيڪا حڪومت جي هٿ وس هئڻ گهرجن.

بهرحال، جيئن تہ هنن اڳوڻي حڪومت ۾، حقن جي ملندڙ اختياريءَ مان مناسب طور فائدا پئي ورتا، تنهنڪري مسٽر ايلس سفارش ڪئي، تہ ملڪ احمد خان جي وارثن تي، گذريل پنجن سالن جي ڪُل آمدنيءَ جي تناسب سان، ساليانو ڍل مقرر ڪرڻ گهرجي، ۽ اُهو ساليانو ڏنو وڃي. ملڪ احمد جو پاءُ انهن ٽيڪن مان ساڍا ٽي سؤ رپيا (حيدرآبادي) وٺندو هو، ۽ مسٽر ايلس جو خيال هو، تہ سردار خان کي انهيءَ سلسلي کي جاري رکڻ جي هدايت ڪئي وڃي. مسٽر فريئر، مسٽر ايلس سان سهمت ٿيندي سندس سفارشن کي قبوليو، ۽ انهن کي بمبئي حڪومت ڏانهن موڪليائين. چيف سيڪريٽري موٽ ۾ روينيو کاتي طرفان 8 سيپٽمبر 1852ع تي لکيل خط نمبر 5873 ۾ هيٺين ريت لکيو:

"عزتماب گورنر جنرل پنهنجي ڪائونسل سان مشوري کان پوءِ هن راءِ تي پهتو آهي، تہ نومڙين قبيلي جي سردار مرحوم ملڪ احمد خان جي زميني جائيداد تي، جاگيرن جي روشنيءَ ۾ نئين ويچاري سگهجي، جو تہ سندن تسلسل تي ڳوڙهو ويچاريندي، حڪومت کي اهو مڪمل اختيار مليل آهي، تہ اُهي اهڙا قاعدا ناهي، جنهن سان سولو ۽ سستو انصاف ملي، پر هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکي وڃي، تہ انهن کي موروثي جائيداد جي حيثيت سان سمجهڻ گهرجي، ۽ ڪين سندن خاندان جي مرد وارثن جي نالي، ڪنهن رک رکاءُ بنا برقرار رکڻ گهرجي. گورنر جنرل ان حق کي مڪمل سطح تي مڃيندو، ۽ ڪنهن بہ ٻيءَ صورت ۾، جنهن ۾ ڪو خاص سيس (محصول) ختم ڪرڻ ضروري ٿئي، تہ اُن جي مناسب قيمت ڏيڻ گهرجي."

خط جي پڇاڙيءَ ۾ ڪمشنر کي هدايت ڪئي وئي، تہ هو جاگيردار کي مَڏين، فارمن، شراب جي ٽيڪن وغيره سميت اُن زمين جي ٽُڪر مان، جيڪو ڪجهہ وقت اڳي انڊس فلوٽيلا کاتي طرفان ورتو ويو هو، ملندڙ روينيو جي ڪُل ماليات جي بدلي ۾ معاوضي طور ڏيڻ واري رقم جي رپورٽ جوڙي. مسٽر فريئر طرفان ان خط جو نقل ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڏانهن ان عرض سان اماڻيو بہ ويو، تہ هو هڪڙي نقل ٽيل سَند

۽ حڪومت کي گهربل پيا تفصيل مهيا ڪري. آخرڪار سردار خان طرفان داخل ڪيل درخواست تي، مسٽر فريئر هدايت ڪئي، ته شال، مانجهو ۽ ديهه راڄو نظاماڻي ۾ موجود جاگيرن مان نومڙين کي ملندڙ منافعي جو مساوي حصو ڏار ڪيو وڃي. بهرحال هي ڳالهه عملي طور ڏاڍي ڏکي روايت هئي. شال جاگير ميرشير محمد جي هٿ ۾ هئي، ۽ ديهه راڄو نظاماڻي، راڄو نظاماڻيءَ جي هٿ وس هئي. اُهي جاگيردار زرعي پوک جا خرچ پريندا هئا، ۽ ٽين پَتيءَ جي پيٽ ۾ پيدائش مان اڌ حصو وٺندا هئا، جيئن عام طور رواج هو. انهيءَ نجي انتظام کي هڪڙي پاسي رکندي ڏسبو، ته انهن جاگيردارن کي، نومڙين جي سردار کي، پوکيءَ جي ڪنهن به خرچ کان آجو هوندي به، سموري پيدائش مان يارهين پَتي ڏيڻي پوندي هئي. تنهنڪري هي واضح هو، ته ملڪ سردار خان وٽ جيڪو حق هو، تنهن واسطي زمين جي يارهين پتيءَ جي حد مساوي نه ٿيندي. بهرحال، هي مامرو ميرمحمد جي مانجهو جاگير کان مختلف هو. اُتي جاگير جي پيداوار مان نومڙيا چوٿين پتيءَ کان وڌيڪ نه وٺندا هئا. اها چوٿين پتي مانجهو جاگير جي ڪُل ايراضيءَ تي، رڳو پوکيل ڀاڱي مان، جيئن اُهو ميرمحمد جي وقت ۾ هو، ورتي ويندي هئي.

ليفٽيننٽ اسٽيوارٽ کي مامرا نبيرڻ واري ذميواري مليل هئي، تنهن شال ۽ ديهه راڄو جاگيرن ۾ يارهين پتيءَ کي ہيٺو ڪرڻ ۽ ڪوٽڙي تعلقي ۾ نومڙين وٽ موجود جاگيرن سان دنگئي مانجهو جاگير جو چوٿون حصو منظور ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي. مسٽر فريئر هن آخريُ تجويز جي ڪنهن شڪ بنا منظوري ڏني. (7) پر شال ۽ ديهه راڄو جاگير جي ڏس ۾ هن جي آڏو اها ڳالهه آئي، ته ڪنهن جي نالي ڪيل زمين جي به ڀاڱي يارهين پتي، زراعتي خرچن جي پورائيءَ لاءِ مناسب نه ٿيندي، جيڪا پوءِ مير شيرمحمد ۽ راڄو نظاماڻي جي ڀاڱي ۾ آئي ۽ نومڙين جي هڪ ڀاڱي يارهين پتي وٺڻ کان اڳ تخفيف ڪئي وئي. تنهنڪري هن اُن نقطي تي ہيٺر ويچارڻ جي هدايت ڪئي. ٽالپرن طرفان شال جاگير ”بل مڪتي“ يعني اُها حدبندين جي وضاحت يا ماپ ڪنهن ڪانسواءِ ڏني وئي هئي، ۽ ساٿس درياهي ٻوڏ واري زمين کي گڏايو ويو هو. تنهنڪري ان جاگير جي ورچ ڏکي لکپڙهه جو ڪارڻ بڻي، جنهنڪري نبيري اجائي دير ٿي. پر انهيءَ جاگير جي سَند جاري ڪرڻ کان اڳ، ورچ واري سوال جو اجان فيصلو ڪرڻو هو. مَلڪ ڪوٽڙيءَ ۾ اڏاوتي جاين لاءِ زمين کي وڪڻڻ واري حق جي دعويٰ ڪئي. ليفٽيننٽ اسٽيوارٽ انهيءَ دعويٰ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو، ۽ ڪمشنر سندس فيصلي جي تائيد ڪئي. مَلڪ چوُنڊي جي پيدائش ۾ چوٿين پتي ۽

نئين بارڻ جي پيدائش ۾ پنجين پتيءَ جي حساب هيٺ حڪومت سان پائيوار هو.
هنهي جاگيرن جي سراسري ساليانيءَ پيداوار ايڪتيهه رپيا چار آنا کان وڌيڪ نه هئي. ۽
تنهنڪري ليفٽيننٽ اسٽيوارٽ ان کي زمين جي ڏل ۾ هڪ جريب في روپئي جي شرح
سان ڦيرائڻ، ۽ انڌي جي ڪسي واري جاگير ۾ شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني. بهرحال،
مسٽر فريئر آڏو اها ڳالهه ظاهر ٿي، ته انهيءَ انتظام سان، نوبت واري زمينن لاءِ
وظيفو يا رعايت نه ڏيڻ سان، جاگيردار کي نقصان ٿيندو:

هڻ لکيو ته: ”جيستائين سال ۾ هڪ پيرو فصل ڏيڻ جهڙي زمين نه آهي، ته آءٌ
پانيان ٿو، هن وٽ ان ايراضيءَ کان ٿيٽي يا ساليانيءَ ڏل جي هرهڪ روپئي لاءِ ٿي
جريب هئڻ گهرجي ها. تنهنڪري، انهيءَ نقطي تي وڌيڪ جاچ ٿيڻ گهرجي.“

ليفٽيننٽ اسٽيوارٽ، مَلڪ سردارخان لاءِ ڪيس شراب، نشي، پَٽڻ ۽ پلي مڇيءَ
جي ٺيڪن مان ملندڙ منافعي بدران، ساليانو وظيفي طور 3035 رپيا ڏيڻ جي تجويز
پيش ڪئي، ۽ مَلڪ کي پنج سيڪڙو سيس جا 203 رپيا سندس حياتيءَ تائين ڏيڻ
رٿيا ويا. اُهي ٻئي تجويزون مسٽر فريئر طرفان منظور ڪيون ويون.

هاڻي اچا به ملڪ احمد خان جي وصيت وارو مامرو رهيل هو. ليفٽيننٽ
اسٽيوارٽ، مَلڪ کي ڄاڻ ڏني، ته حڪومت سندس جائيداد جي نجي انتظامن ۾
ڪنهن به قسم جي مداخلت نه ڪندي، پر وٽانئس سيني پائيوار ماڻهن کي، جن جا
نالا ڄاڻايل آهن، تن کي ڪنهن به دير يا مداخلت کان سواءِ سندن پورو حصو ڏيڻ جي
اُميد رکندي. اها عرضداشت مسٽر فريئر طرفان منظور ڪئي وئي. (8)

مَلڪ 8 اپريل 1853ع تي لکيل هڪ درخواست ۾ وڌيڪ چيو، ته ڪوٽڙي شهر ۽
پرپاسي ۾ جيڪي 183 ڪجور جا وڻ ۽ انبن جي پنجن وڻن سميت مانجهند ۾ ٽڪ
توڙي باران جاگير ۽ جهرڪ ۾ شاهه جون جاگيرون موجود آهن، سي لکيل سَند ۾
شامل ڪيون وڃن. ليفٽيننٽ اسٽيوارٽ لکت ۾ ڄاڻ ڏني، ته واقعي اُهي وڻ مَلڪ جي
قبضي ۾ هئا، ۽ هن ڪين واقعي سَند ۾ داخل نه ڪيو هو، تنهنڪري هڻ جي خيال
۾، مَلڪ جي ڪنهن به شيءِ بابت حقن جي ڏس ۾ ڪو به شڪ نه پيو ڪري سگهجي،
چوته سندس جاگير تي پوڪيل وڻن مان هو پيداوار ڪٽڻ جو حقدار هو. ليفٽيننٽ
اسٽيوارٽ وضاحت ڪئي، ته جيستائين جاگيرن جو تعلق آهي، ته اُهي واقعي سَند مان
خارج ڪيون ويون هيون، چوته جنهن ڪاردار کي، نومڙين وٽ مختلف ماڳن تي
موجود ڏار ڏار جاگيرن جي ايراضيءَ جي حدن جي رپورٽ اُماڻڻ جي هدايت ڪئي وئي

هئي، تنهن طرفان هڪ يا ٻن جاگيرن جي رپورٽ پهچڻ ۾ دير ٿي هئي. مسٽر فريئر جي 18 مئي واري لکيل حُڪم ۾ ڄاڻايو ويو:

”هي ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڄاڻايل ڪچين ۽ انبن جي وڻن کي ڊار داخل ڪرڻ ۾ ڪو عُذر نه آهي، ۽ ليفٽيننٽ اسٽيوارٽ طرفان رهجي ويل جاگيرون موڪليل فهرست ۾ داخل ڪيون وينديون.“

جاگيردار طرفان وڃندڙ سيٽر روينيو لاءِ رٿيل ماهوار وظيفي واري رپورٽ حڪومت ڪي موڪلي وئي، ۽ ان رپورٽ جي 6 جون 1857ع تي روينيو کاتي طرفان قرارداد نمبر 2770 هيٺ منظوري ڏني وئي.

ڪيپٽن پيلي طرفان جوڙيل ڪليڪٽوريٽ رول ۾، مَلڪ وٽ موجود جاگيرن مان هيٺين جاگيرن کي پهرين درجي جي حيثيت سان درج ڪيو ويو:

| | بيگهه | ويسوو | |
|---|---|---|---|
| ملاح ۽ اوپلان، شاهه بندر | 659 | 9 | |
| بامپٽو، گهوڙاٻاڙي | 5211 | 9 | |
| شال، ٺٽو | 15489 | 9 | |
| ديهه راڄو نظاماڻي، ٺٽو | 522 | 13 | سَند ۾ 523 بيگهه ڄاڻايل |
| ڪوٽڙي، ڪوٽڙي تعلقو | 9702 | 12 | |
| خانپور، ڪوٽڙي تعلقو | 5761 | 15 | |
| ڏيو ۽ ڏٻو، ڪوٽڙي | 1894 | 11 | سَند ۾ 1895 بيگهه ڄاڻايل |
| انڊي جي ڪَسي، ڪوٽڙي | 2426 | 12 | سَند ۾ 2427 بيگهه ڄاڻايل |
| وسي نور شاهه، ڪوٽڙي | 3434 | 16 | |
| ڪڙهه، ڪوٽڙي تعلقو | 903 | 15 | سَند ۾ 904 بيگهه ڄاڻايل |
| ٻُداپور، ڪوٽڙي | 522 | 12 | سَند ۾ 523 بيگهه ڄاڻايل |
| جُنيٽرا، ڪوٽڙي | 117 | 5 | |
| مانجهوچوٽين پٽي، ڪوٽڙي | 1776 | 7 | سَند ۾ 1775 بيگهه ڄاڻايل |
| ديهه مير خان، ڪراچي | 46 | 2 | |
| سُمبڪ، ڪراچي | 30 | 5 | |
| واهي، ڪراچي | 90 | 5 | |
| نُريڙي، ڪراچي | 7 | 7 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پوياٽي، ڪراچي | 12 | 19 | سَند ۾ 13 بيگهه ڄاڻايل |
| شاهو، ڪراچي | 9 | 1 | |
| جنگڙي، ڪراچي | 182 | 13 | سَند ۾ 183 بيگهه ڄاڻايل |
| گنگيارو ڪراچي | 305 | 7 | |
| متري، ڪراچي | 31 | 17 | سَند ۾ 32 بيگهه ڄاڻايل |
| ڪندي ترائي، ڪراچي | 164 | 18 | سَند ۾ 165 بيگهه ڄاڻايل |
| ٻانهڙو، ڪراچي | 87 | 19 | سَند ۾ 88 بيگهه ڄاڻايل |
| مولَ، ڪراچي، | 9 | 10 | سَند ۾ 10 بيگهه ڄاڻايل |
| شاهجي، ڪراچي | 66 | 9 | سَند ۾ 67 بيگهه ڄاڻايل |
| ٽونگ، ڪراچي | 1233 | 6 | |
| ڏرا، ڪراچي | 93 | 3 | |
| ٻهل، ڪراچي | 66 | 13 | سَند ۾ 67 بيگهه ڄاڻايل |
| پَٽ ڪرچات، ڪراچي | 32 | 1 | |
| ڪرچات ٻنڙو، ڪراچي | 33 | 5 | |
| ٿُڪو، ڪراچي | 116 | 0 | |

چارلس نيپيئر طرفان صوبدار خان کي ڏنل ان زميني ملڪيت ۾ گھليا جاگير، جيڪا واضح طور نئين جاگير هئي، به شامل ڪئي وئي، ۽ پوءِ اُها مَلڪ جي نالي حياتيءَ تائين منظور ڪئي وئي. (هي رپورٽ ڪمشنر طرفان جاگيرن واري اسسٽنٽ ڪمشنر ڏانهن 4 فيبروري 1858ع تي خط نمبر 228 هيٺ موڪلي وئي.)

1861ع تي جاري ڪيل سَند نمبر 99 ۾ ويسن جو ذڪر نه ڪيو ويو، ۽ ڪيترن ئي جاين تي بيگهه جو انگ وڌايو ويو. جاگيردار کي منظوريءَ سان ملندڙ ڪُل موروثي ايراضي ايڪونجاهه هزار ڏهه بيگهه ۽ اُن جو روينيو 3035 روپيا هو. سَند ۾ خاص شقون هيٺين ريت ڄاڻايل آهن:

”توهان جي گهراڻي جي ساک ۽ تاريخ، جاگير جي قدامت، پنهنجي قبيلي جي سردار واري حيثيت، ۽ برطانوي حڪومت ۾ قبيلي جي سُني ورتاءُ کي ڏسندي، اهو حڪم ڪيو ويو آهي تو، ته مٿين ڄاڻايل گهليا جاگيرجي اڪيلي مثال سان.... توهان جون مٿي ڄاڻايل سموريون جاگيرون، ڪَٽيل حدبنديون سميت ڄاڻايل ساليانو روڪ رقم جي وظيفي 3035 رپين سوڌو، توهان جي آکهه مان پُٽاڻي مرد وارثن کي (نه هئڻ جي صورت ۾، اُها ملڪيت توهان جي ڏاڏي احمد خان جي مرد وارثن کي ڏني ويندي)

سالياني ڪُل پيدائش تي رستن ۽ اسڪولن لاءِ لاڳو پنج سيڪڙو سيس جيَ وصولي ڪانسواءِ ڏل بنا يا معافي طور ڏنيون وينديون.“

هيءَ ڳالهه مشاهدي ۾ ايندي، ته مٿئين شق ۾ محمد خان جي وارثن بابت ڪجهه به ڄاڻايل نه آهي، جيڪو مَلڪ احمد خان جو پاءُ هو، جنهن جي پُٺڀرائيءَ ۾ مسٽر ايلس سفارش ڪئي هئي.

## 2. بُولا خان نومڙيو مرحوم، جنهن جو وارث جيئند خان ٿيو

### خانداني شجرو

بولا خان جو خانداني شجرو ڪيپٽن پيلي هيٺين ريت ڄاڻايو آهي:

اري
|
حمل
|
پاپڙاهه
|
بدر يا بَدُو
|
ٿارو
|
دودڻ
|
صفر
|
ملڪ بولا خان
|
حيدر خان
|
هارون خان — ملڪ بولا خان
|
(ملڪ بولا خان): سالار خان — جيئند خان

## سماجي حيثيت

ٻولا خان، ملڪ احمد خان جيان نہ رڳو جاگيردار هو، پر هُو شهري ناڪن ۾ سُنگ جي سهولتن سميت "سرشماريءَ" جو حق [9]، ۾ اُنڙپور جي "پيشڪش" پڻ وٺندو هو. هن کي انهن مالياتي وسيلن جي نقصان عيوض اُنڙپور ۾ 220 بيگهہ جاگير ڏني وئي هئي.

## ملڪيتي جائيداد

ٻولا خان ٿورڙي دير سان برطانوي حڪومت کي ميجيندي سلام پيش ڪيو، تنهن هوندي بہ هن جي انڙپور واري جاگير [10] ۾ ڪراچي تعلقي ۾ باراني زمين بحال رکي وئي. گڏوگڏ هن حيدرآباد ضلعي ۾ ميرخان محمد جي هٿ وس موجود چوڙيا جاگير جي ايراضيءَ منجهان اڌ حصي جي دعويٰ ڪئي. اها ڳالهہ سامهون آئي، تہ ٻولا خان ۾ سندس پُٽ وٽ 1841ع ڪانپوءِ ٻڌاپور ۾ گوڏوو واريون جاگيرون هيون، جڏهن مير شهداد کين موت ۾ چوڙيا جاگير جو اڌ ڏنو هو. هنن ان جاگير مان هڪ سال تائين پيدائش ڪنئي، پر 1842ع ۾ مير ميرمحمد خان شهر جي ڀرپاسي واري زمين جي مدد سان پنهنجي شڪارگاهہ واري علائقي کي وڌائڻ جي خواهش ڪندي، مير شهداد سان ناهہ ڪيو هو، تہ جيڪڏهن چوڙيا جاگير جي سڄي ايراضي ڪيس ڏني وڃي، تہ هو ميرخان محمد ۽ ٻولا خان کي ڪنهن ٻي جاءِ تي موت ۾ جاگير ڏيندو. پر انهيءَ ناهہ تي عمل ٿيڻ کان اڳ، سنڌ تي جڏهن برطانوي حڪومت جو قبضو ٿيو، تڏهن چوڙيا جاگير انهن ٻنهي جاگيردارن جي تحويل ۾ نہ هئي، تنهنڪري اُها قانون موجب کين نہ ملي سگهي. سر چارلس نيپيئر زباني طور ميرخان محمد کي جاگير جي اڌ ايراضي ڏيڻ جي منظوري ڏني، ۽ پوءِ اها جاگير کين ٻيهر بحال ڪئي وئي [ڏسو: 1847ع ۾ سنڌ جي سيڪريٽريءَ طرفان ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن موڪليل يادداشت نمبر 81].

پر ٻولا خان جي حمايت ۾ لکت يا زباني طور ڪو بہ مثال پيش نہ ڪيو ويو، تنهنڪري ڪيپٽن رٿبورن زمين جو اڌ حصو ڪيس ڏيڻ کان انڪار ڪيو [ڏسو: 7 فيبروري 1849ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر طرفان ڪمشنر ڏانهن موڪليل رپورٽ نمبر 205].

جاگيردار، جاگير مان پنهنجي حصي وٺڻ لاءِ لڳاتار درخواست ڪندو رهيو، ۽ نيٺ مسٽر فريئر اهو دليل ڏيندي چيو، تہ هي مامرو مير خان محمد واري مامري سان نهڪجندڙ آهي، تنهنڪري "هاڻوڪي جاگيردار جي موت ڪانپوءِ دعويٰ تي ٻيهر نظرثاني" واري شرط هيٺ جاگير بحال ڪئي ويندي.

هن لکيو: ”عام قاعدي قانون هيٺ، آءُ انهن جاگيرن کي بحال ڪرڻ کان لاچار آهيان، جن بابت داخل ڪيل دعوائن کي برطانوي حڪمراني جي ڪيترن ئي سالن کان وٺي نه مڃيو ويو آهي، پر جيڪڏهن ان قاعدي کي مهمل ڪندي، ڪڏهن ڪنهن مامري کي قبولي سگهجي ٿو، ته اهو قبوليت جوڳو پاڻبو.“ (ڏسو 12 اپريل 1853ع تي ڪمشنر طرفان ڪيپٽن اسٽيڪ ڏانهن موڪليل دستاويز نمبر 929)

بولا خان ڪوهستاني جاگيرن- ٽرڙي، ڏانگ ۽ شور جي نئن تي آباد ٿيندڙ زمين، چُول، ڇاڙ، اُوڏ- جي ڀيهر وصوليءَ جي دعويٰ ڪئي. پر هن وٽ ڪي به دستاويزي ثبوت نه هئا، تنهنڪري انهن جي غيرموجودگيءَ ۾ زميندارن کان شاهديون ورتيون ويون، ۽ ڪاردار کي چيو ويو، ته اُهو زرعي ”خسرن“ جي پڙتال ڪري. مسٽر فريئر پنهنجي سامهون آندل ثبوتن کي ڏسندي قرار ڏنو، ته جاگيردار وٽ رڳو ٽرڙيءَ جي دعويٰ ۾ ثبوت هئا، تنهنڪري هن کي اُها جاگير بحال ڪري ڏني وئي. (ڏسو 17 مئي 1853ع تي ڪمشنر طرفان ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل دستاويز نمبر 1309)

بولا خان 31 مئي 1853ع تي گذاري ويو، ۽ ڪيپٽن پيلي باراني زمين جي حدبندي ۽ ماپ ڪرڻ کانپوءِ وٽس موجود جاگيرن جو وچور هيٺين ريت پيش ڪيو (11):

هن جاگيردار وٽ مجموعي طور جاگيرن ۽ مڪانن ۾ ڪُل سترهن هزار پنجيتاليهه نيپيريئن بيگهه ايراضي موجود هئي، جنهن ۾ تازو اضافو ڪيل ۽ واجبات ختم ڪرڻ کانپوءِ متاستا ۾ ڏنل ايراضيءَ سميت سڃي اُنڙپوڙ جاگير ۾ 9259 بيگهه، اڌ چوڙيا جاگير ۾ 3074 بيگهه، جهرڪ جي ٿاريڙي جاگير ۾ 1204 بيگهه، مڪانن جي باراني ايراضي ڏيسوئي ۾ 519 بيگهه، ڪاپاٿ ۾ 120 بيگهه، اَڪرو ۾ 1087 بيگهه، ڪَبر ڪُلو ۾ 307 بيگهه، ساري سنگ ۾ 557 بيگهه، هاٿال بُٺ ۾ 101 بيگهه، سوڪاچ ۾ 237 بيگهه ۽ اَنجيري توڙي ٽُلاهه اُبڌهه ۾ 525 بيگهه ايراضيءَ تي مشتمل جاگيرون شامل هيون.

ملڪ احمد خان جي جاگيرن جي ڏس ۾ 1852ع ۾ بمبئي حڪومت جي منظور ڪيل ٺهراءُ جي موٽ ۾، ڪيپٽن پيلي هيٺين ريت لکيو:

”مجموعي طور هي ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته بمبئي حڪومت ۽ ڪمشنر شروع کان وٺي، نومڙين قبيلي جي نمائندي سردار جي آڳاٽي وقت کان وٽس موجود انيڪ جاگيرن کي سامهون رکندي، عزت ۽ مڃتا ڏني هئي، ۽ ايئن جاگيردار جي سُني ورتاءُ ۽ حيثيت کي سامهون رکندي، جاگيرن جي دائمي منظوري ڏني ويئي هئي. جڏهن جاگيرن جي ايڏي گهٽائي ۽ سندس حيثيت مضبوط هجي، ته اُن مامري کي

غيرمعمولي طور قبولڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن ائين اجازت ڏني وئي، ته پهرين درجي جي جاگير جي ٻيهر بحاليءَ جي پيٽ ۾، ڪنهن ٻي صورت ۾ لاچاري نه ٿيندي. (12).

اهڙيءَ ريت، مسٽر فريئر حڪومت کي سفارش ڪئي، ته بولا خان جي خاندان سان ممڪن طور ان ساڳئي طريقي سان ورتاءُ ڪيو وڃي، جيئن مکيه ٽالپر گهراڻي جو، سندن جائيداد موروثي هجڻ بابت فيصلو ڪيو ويو هو. ۽ بمبئي حڪومت هن جي سفارشن کي منظور ڪرڻ ۾ خوشي ڏيکاري. (ڏسو 11 ڊسمبر 1855ع تي روينيو کاتي جو حڪومتي ٺهراءُ نمبر 5128).

ڪليڪٽوريٽ فهرست ۾، چوڙيا جي اڌ جاگير جيئند خان جي نالي تي چاڙهائي وئي، جنهن جي ايراضي 2511 بيگهه هئي، تنهن هوندي به ميرخان محمد جو اڌ حصو 3019 بيگهه ڏيکاريو ويو. ميجر گولڊسمڊ طرفان حڪومت جي منظوري لاءِ پهرين درجي جي جاگيردارن جي جوڙيل فهرست ۾ چوڙيا جاگير جي حد ڪليڪٽوريٽ فهرست پٽاندڙ درج ڪئي وئي، ۽ ايئن 563 بيگهه جو فرق موجود هو. انهيءَ بيان هيٺ، 1861ع جي جاري ٿيل سَند نمبر 100 ۾، جاگيردار جي نالي منظور ڪيل جاگيرن جي ڪُل ايراضي سورهن هزار 484 بيگهه هئي. سَند ۾ مَلڪ سردار خان جي سَند جيان، ساڳيون متحرڪ شقون شامل هيون.

## (3) محمد خان نومڙيو (مرحوم) جنهن جو وارث قيصر خان ٿيو

### خانداني شجرو، سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

محمد خان، مَلڪ احمد خان جو ڀاءُ هو، جنهن جو خانداني شجرو اڳيئي ڏنل آهي.

هن جي تحويل ۾ گوني تعلقي ۾ ويسرڪي جاگير هئڻ سان گڏ، هو ڪجهه ٻين جاگيرن ۾ پنهنجي ڀاءُ سان ڀاڱيوار به هو. 1853ع ۾ ويسرڪي جاگير جي ڪيل حدبنديءَ موجب، اُن جي ايراضي 4748 مير بيگهه هئي. اها جاگير سر چارلس نيپيئر، محمد خان کي منظور ڪري ڏني هئي، ۽ 22 ڊسيمبر 1851ع تي محمد خان جي موت ڪانپوءِ، ڪيپٽن اسٽئڪ گڏريل پنجن سالن کان جاگير جي پيدائش جو تناسب لڳائيندي، پوکيل ايراضيءَ جو ڪاٽو 632 بيگهه لڳايو، ۽ حدبنديءَ لاءِ پندرهن سيڪڙو ايراضي شامل ڪندي سفارش ڪئي، ته ڪُل 727 مير بيگهه (532= نيپيئرين بيگهه) مرحوم جاگيردار جي پُٽ قيصر خان کي، في بيگهه ٻه آنا ڍل ڏيڻ جي شرط

# جوکيا

ڪيپٽن پريبڊي 1847ع ۾ جوکيا قبيلي بابت هيٺين ريت لکيو:

”جوکيا قبيلو راجپوت نسل سان ناتو رکي ٿو. هنن اوائل ۾ شاهه بلاول جي اُتر ۾ ڪانگڙا جي جابلو ضلعي واري علائقي تي قبضو ڄمايو، جتان اٽڪل ڏيڍ سؤ ورهيه اڳ سفر ڪندي اچي حب نديءَ واري ماٿريءَ ۾ لڏو لاٿو، ۽ وقت سان گڏوگڏ جيئن سندن آباديءَ ۾ واڌارو ٿيو، تہ اُهي هوريان هوريان ملير ندي ۽ حب نديءَ جي وچ واري ايراضين جي علائقن ۾ ڦهلجي ويا.

”غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪومتي دؤر ۾، سندن پهرين سردار بجار جوکئي جي ايڏي ناماچاري ۽ مشهوري نہ هوندي هئي، جيڪو تنهن وقت شهزادي وٽ سپاهي طور ملازم هوندو هو. هن پوءِ پنهنجي ملازمت دؤران سردار ۽ ڄام جو خطاب ماڻيو. تنهن دؤر ۾، ضلع ساڪري سميت ڏاريجا ۽ سوويري بندر واري علائقي تي هڪڙو هندو راڻو يا راجا ارجن نالي شخص راڄ ڪندو هو، جيڪو فوجي طاقت طور ڏاڍو سگهارو هوندو هو ۽ هو چوڙ واري علائقي تي گهڻو اثر رکندڙ هو. غلام شاهه هن کي مٿين علائقي مان ترڻ ۽ ڪيس مارائڻ جي ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ هوندو هو، پر وٽس هن تي حملي جو ڪو بهانو نہ هو. بهرحال، ان مامري جو پوراءُ ايڏو سولو نہ هو، ڇوتہ راڻو سوَرهيائي ڪارڻ پنهنجي علائقي جو مشهور ۽ سگهارو شخص هو. هن پنهنجي بچاءُ لاءِ هڪڙي ٻيٽ تي هڪ سگهاري عارضي جاءِ اڏائي هئي، جتي هو پنهنجي ويجهن ساٿين سان گڏ آرام ۽ سمهڻ واسطي ويندو هو.

”بهرحال، بجار جوکئي ان راڻي جي تباهيءَ جو ذمو پنهنجي مٿي تي کنيو، ۽ پنهنجي قبيلي جا ويهہ سگهارا، دلير ۽ ڀروسي وارا ماڻهو پاڻ سان گڏ ڪنيا، ۽ اُهي انهيءَ ٻيٽ واري قلعي وٽ ترندي پهتا، جتي راڻو ارجن پنهنجي ساٿين سان گڏ آرام پئي ڪيو. هنن ٻيٽ تي پهچي، اوچتو وڃي مٿن حملو ڪيو، ۽ مُخالف ڌر ڪي ويڙهہ لاءِ سنڀرڻ جو موقعو ڏيڻ کان اڳ ئي، ڪين اڇرج واري حالت ۾، تلوارن سان پورو ڪري ڇڏيائون. غلام شاهه هي سوڀ واري ڄاڻ ٻُڌندي ئي راڻا جي علائقي تي قبضو ڪري ورتو، ۽ جوکيا قبيلي جي سردار ڄام بجار کي اُتي جو حاڪم مقرر ڪيائين:

پوءِ ڄام پنهنجي ظالماڻي ۽ ڏاڍ جي ڪاروائين ڪري گهڻي مشهوري ماڻي، ۽ انهيءَ علائقي تي سڄي قبيلي جي حاڪميت مچي وئي.

"ڄام بجار، چڙوچڙ ذهن، سازشي ۽ جهيڙاڪ طبيعت ڪارڻ، هڪدم ئي پنهنجي پاڙيسرين سان جهيڙي ۾ رُڌجي ويو. ڪرمتين ڪيس ملير نديءَ واري ماڙي ڪان محروم ڪري ڇڏيو، ۽ جوکين تي حب نديءَ ويجهو سوپ ماڻيندي ئي ڪين اُتر ڏانهن پيڇڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ هن ۽ سندس ساٿين گهارو ڇڇ ۽ حب نديءَ جي وچ واري سڄي علائقي تي پنهنجو قبضو برقرار رکيو."

# 4. ڄام مهر علي جوکيو

## خانداني شجرو ۽ حيثيت

هن سردار جو خانداني شجرو هيٺين ريت آهي:




هي انهن ٽورڙن مسلمان سردارن منجهان هو، جن سنڌ ۾ پهريون پيرو برطانوي فوج جي اچڻ مهل، نئين طاقت کي مڃيندي، دوستيءَ جا هٿ وڌايا هئا. جنهن ڳالهه ۾ ڪجهه ياڳو برطانيا جي مقامي گماشتي سيٺ نائومل جي قائل ڪندڙ ڳالهين واري اثر جو به هو، ۽ هن ۽ سندس ساٿين جي اُها صحيح سوچ هئي، جيڪا هنن برطانيا جي طاقت ۽ سندن وسيلن جي ادراڪ کي ڏسندي قائم ڪئي هئي. 1838ع ۾ وڪر واري ماڳ وٽ سر جان ڪيني جي فوج اچڻ مهل ڄام اڳتي وڌي آيو، ۽ هن فوج ٽوڙي عملي جي واهپي لاءِ هزارين اُٺ مهيا ڪيا، ۽ اهو سڀ ڪجهه تنهن مهل ڪيو ويو، جڏهن ٽالپر اميرن دوستيءَ جي ڏوڻگ هيٺ، حقيقت ۾ پنهنجي سموري طاقت انهيءَ

ڳالهه تي خرچ پئي ڪئي، ته ڪنهن به صورت ۾ برطانوي فوج جي چرپر کي روڪيو وڃي. تنهنڪري ڄام طرفان مليل وقتائتو سهڪار ڏاڍو ڪارائتو هو، ۽ تنهن دؤر ۾ سر ايڇ. پوٽنگر سندس انجام ڏنل خدمتن کي مڃيندي، ڄام کي تڏهن هڪ هزار روپيا روڪڙ انعام پڻ ڏنو هو. ڄام انهيءَ وقت کان وٺي جنگ جي شروع ٿائين، برطانيا لاءِ پنهنجي ڏاڍي ڪارائتين خدمتن جو سلسلو جاري رکيو. هن ڄام ڪڇيءَ ۾ دشمني جي شروعات، ۽ ڪابل ۾ نيٺ تباهي جي نتيجي وقت، هڪدم اُتر سنڌ ۽ افغانستان ڏانهن موڪلڻ لاءِ لڳاتار ايندڙ برطانوي فوج جي ڪيترن ئي دستن جي ڪاڌي پيتي ۽ ڍاڍي لاءِ سوين اُٺ مهيا ڪيا. هن ڪراچي ۽ حيدرآباد وچ ۾ ٽپال ڪٽي وڃڻ ۽ پهچائڻ واري ڪم ۾ به پنهنجون شاناٿيون خدمتون آڇيون.

بهرحال، جنگ ڇڙڻ مهل ڄام پنهنجي مُربي نواب ۽ حاڪم مير نصير خان جي حڪم جي نافرماني ڪرڻ کان لاچار هو، ۽ هن برطانوي فوج جي رسد ڪٽڻ ۾ سرگرميءَ سان رُڌل رهڻ سميت برطانوي فوجن کي پنهنجي سامان جي فراهمي پڻ بند ڪري ڇڏي. پر هن توڙي سندس قبيلي جي ڪنهن به ماڻهو، ڪنهن به ڏاڍائي، ظلم يا بگاڙ واري ڪابه حرڪت نه ڪئي. (15)

ڪيپٽن پريڊي 1847ع ۾ لکيو ته: ”فيبروري 1843ع جي شروع ۾، ٽالپر اميرن ڄام کي هدايت ڪئي، ته هو پنهنجي قبيلائي فوج کي گڏ ڪري ۽ ڪرمتين ۽ جوکين جي اتحاد سان ڪراچيءَ شهر کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي، ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي، ته برطانوي فوج کي سندن ڇانوڻين مان هڪالي ڪڍي. سردار پنهنجي فوجي ماڻهن کي گڏ ڪيو، پر مياڻيءَ جي جنگ ۾ برطانوي فوجن جي فتح واري خبر ٻُڌڻ سان ئي سندن جوش ڪافور ٿي ويو، جو نيٺ هنن چاليهن ميلن ٿائين به ڪراچيءَ جي ويجهو اچڻ جي همت نه ساري.“

## سماجي حيثيت ۽ محصول

حيدرآباد جي سوڀ کانپوءِ، ڄام دربار ۾ هلي اچي، پنهنجو ”سلام“ پيش ڪيو، ۽ وٽس ٽالپرن جي حڪومت ۾ جيڪي جاگيرون هيون، سي بحال ڪيون ويون. گڏوگڏ ڄام کي ڪراچيءَ کان ٿتي ڏانهن قافلن وسيلي ويندڙ سموري واپاري سامان تي ناڪي ۽ سُنگ مڙهڻ جي رعايت ڏيڻ سميت گهاري ڏانهن ويندڙ سموري درآمدي توڙي برآمدي مال، ۽ پنهنجي قبيلي جي هٿ وس علائقن جي ضلعن ۾ ٿهيل گيهه تي في مڻ هڪ رپيو سُنگ مڙهڻ جي اجازت ڏني وئي. ڪيپٽن پريڊي موجب، جو ڪيا

چام لاءِ منظور ٿيل وظيفي جا ماهوار ساڍا ٽي سؤ رپيا ناڪافي هئا. هن ڪي انهيءَ ڳالهه جي چنتا هئي، ته سندس سڄي جاگير حڪومت واپس ورتي، ۽ موت ۾ هن جي پائنتيي ڪي پنج سؤ رپيا وظيفو ڏنو ويو، جنهن ڪي هُو پنهنجو وارث بڻائڻ جو خواهشمند هو. بهرحال ڪليڪٽر هن جي عرض جي حمايت نه ڪئي، ۽ مسٽر فريئر نيٺ حڪم ڪيو، ته چام جي انتظام هيٺ آيل جاگير ۽ سموري پيداوار جو حصو حڪومت ڪي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ گهرجي، جنهن مان واهه جي کاٽيءَ تي اينڊڙ خرچ، ۽ جمعبندي ۽ ٻيا خرچ (جيڪڏهن ڪُل ڏيل اڍائي سؤ رپين کان وڌي ته حقابو سميت) تخفيف ڪندي، باقي رقم چام ڪي هرهڪ مُند طور ڏني وڃي. (17)

سنڌ جي فتح مهل چام جي تحويل ۾ دوآبي واري علائقي ۾ سورهن هزار مير بيگهه ۽ ست هزار نَو سؤ مير بيگهه ايراضي سياٽڙي گهوڙاٻاري ۾ موجود هئي. هن جي اوائلي سَند غلام شاهه ڪلهوڙي طرفان 27 شعبان 1173 هجري ۾ جاري ٿيل هئي. (18) ۽ منجهس اهو شرط رکيل هو، ته چام جي ڏاڏي جاگيردار ڪي ڪراچي، ڪوهستان ۽ سيوهڻ درميان مسافرن ۽ واپاري قافلن جو بچاءُ ڪرڻو پوندو.

ڪيپٽن پيلي سياٽڙي تعلقي جي فهرست ۾ ٽنين جاگير، جيڪا بال ٿهيم، سيري ۽ مري جي مڪانن تي ٻَڌل هئي، تنهن جا ٽي ڀاڱا لکيا. جن جاگيرن جا چام، سندس پائنتيو غلام الله، ۽ ٻيو رحيمداد جوکيو وارث هئا. بهرحال رحيمداد جوکيو 1849ع ۾ گذاري ويو، ۽ ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊي سندس موت کانپوءِ ٽنين جاگير جي چوٿين پتي ايراضي، مناسب حصو حڪومتي تحويل ڏانهن موٽائڻ واري اصول هيٺ، حڪومتي تحويل ۾ ورتي. ۽ 1850ع ۾ ماپ ڪرڻ تي سڄي جاگير ۾ 389 نيپيئرن بيگهه واڌو ظاهر ٿيا. ڪيپٽن پيلي 1856ع ۾ مامري تي نظرثاني ڪري، چام جي جاگير ورچ جوڳي نه هئڻ واري اڳيئي مجيل اصول کي سامهون رکندي، مٿين حصي جي چوٿين پتيءَ ڪي ٻيهر بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جو هن ڪي ڪڏهن به عام جاگيردار نه سمجهيو ويو هو. آخرڪار، وقتي ڪمشنر بريگيڊيئر جنرل جيڪب، ڪيپٽن پيلي جي جاگيرن واري نبيري سان سهمت ٿيندي، اُن جاگير جي ٻيهر منظوري ڏني. بهرحال، واڌو 389 بيگهه ايراضي بحال نه ڪئي وئي.

ڪليڪٽوريٽ فهرست ۾ چام جي بال ٿهيم، مري ۽ سيري ۾ 4235 بيگهه، ڏماٽي جي اڌ چار هزار بيگهه ۽ ٻندا ۾ نَو هزار 680 بيگهه ايراضيءَ واريون جاگيرون، فرسٽ ڪلاس جاگيرن جي حيثيت سان درج ڪيون ويون. ميجر گولڊسمڊ اڳيئي مٿين جاگيرن کي سرڪاري طور درج ڪرڻ واري خيال جو اظهار ڪري چڪو هو. مسٽر

ايلس، ميجر گولڊسمڊ سان سهمت ٿيو، پر هُن سيٽر روينيو وصولي جي مستقل ۽ عام رواجي وسيلن وچ ۾ فرق نمايان ڪندي، جنهن لاءِ ڏماڻي جاگير جي متاستا ڪئي وئي، تجويز ڏني ته حڪومت طرفان پنهنجي تحويل ۾ نه ورتل اڌ جاگير ڪي موروثي ڪوٺيو وڃي، ۽ حڪومتي تحويل ۾ ورتل اڌ جاگير ڪي برقرار رکيو وڃي، جنهن لاءِ چام جي حياتي واسطي 250 رپيا وظيفو منظور ڪيا ويا هئا. ۽ هن جي تجويز کي بمبئي حڪومت سميت هندستاني حڪومت پڻ منظور ڪيو.

پر چام سندس تحويل مان ورتل 389 بيگهه زمين جو سوال اُٿاريو، ۽ اصرار ڪيو، ته اُها ايراضي سندس اصل حدبندين ۾ شامل هئي. مسٽر انويريٽي کي انهيءَ اصرار تي ويساهه هو، ۽ هُن حڪومت کي سفارش ڪئي، ته ان متينءَ ايراضيءَ کي بحال ڪيو وڃي. انهيءَ ڏس ۾ هن خاص طور ڪيپٽن پيلي طرفان ٻيهر منظور ٿيل جاگير جو حوالو پڻ ڏنو.

بمبئي حڪومت تاريخ 17 مارچ 1860ع تي جاري ٿيل پنهنجي خط نمبر 1090 ۾ هي ظاهر ڪيو ته، "عام اصول ۽ قاعدي جي حيثيت سان ڏهه سالن کان رائج نبيري کي بگاڙڻ نامعقول آهي، ۽ جنهن جي درستگيءَ تي هروڀرو شڪ جو به ڪو سبب نه هو، ڇوته زميني ماپ جي ننڍي ۽ وڏي پاڱي جي وچ ۾ تناسب سان پڪ ڪئي وئي هئي." هنن وڌيڪ لکيو ته: "بهرحال هي ممڪن آهي، ته حدبنديءَ طور واضح ڪيل مڪان جي حصي تي جُڙيل ايراضي، رحيمداد وارو حڪومتي تحويل ۾ ورتل پاڱو ٻيهر بحال ڪندي، پڻ بحال ڪئي ويندي، ته هي عمل عقل جوڳو ٿيندو."

ڪمشنر وضاحت ڪئي، ته حڪومت پنهنجي تحويل ۾ جيڪا ايراضي ورتي هئي، سا ڪنهن به ريت چام جي تحويل ۾ ڏيکاريل ٻنهي مڪانن جي "مڪمل ايراضي" نه هئي، تنهنڪري رحيمداد جي موت کانپوءِ ٻيهر زميني ماپ ڪئي وئي." ايراضيءَ جو تُز ڪاٿو ٿيل نه هو ۽ هي مامرو واضح طور سر بارٽل فريئر جي سرڪيولر نمبر 1543 ۾ ڄاڻايو ويو، جيڪو 8 آڪٽوبر 1857ع تي جاري ٿيو. (ڏسو بمبئي حڪومت جي رڪارڊ مان چونڊيل رڪارڊ نمبر 18 جي سلسلي جو صفحو نمبر 100) ۽ هُن انهيءَ ڏس ۾ 30 نومبر 1857ع تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏانهن هدايتي خط پڻ موڪليو هو.

مسٽر انويرارٽي پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، "هاڻوڪو حوالو گهڻو ضروري آهي، ڇوته چام جهڙو پوڙهو، جهيڙاڪ ۽ چيڙاڪ سردار، جيڪو مشڪل سان شين کي معروضي انداز ۾ ڏسي ٿو، پنهنجي موروثي جاگيرن جي هرهڪ انچ جو ڪاٿو ناڻي

جي مُلهه ۾ ڪري ٿو. تڏهن هي گهڙي مناسب نه آهي، جو پهرين درجي جي انهن وڏين منظور ڪيل جاگيرن جي ان موقعي تي پيهر ماپ ڪئي وڃي ۽ انهن منجهه ڪنهن وقت درج ڪيل انگ کان ٽي يا چار سئو بيگهه ايراضي وڌ يا گهٽ ڄاڻائڻ ڪارڻ ڪو ڏچو پيدا نه ٿئي. تنهنڪري، مستقل ۾ انهيءَ قسم جي مامرن ۾، ڪمشنر تي هرڪنهن ڳالهه تي وضاحتي تفصيل لکڻ جو بار مڙهڻ ڪانسواءِ، سادي چاڻ يا رپورٽ ڏيڻ ئي مناسب ٿيندي."

موٽ ۾ بمبئي حڪومت، هندستاني حڪومت طرف موڪليل خط جو نقل مسٽر انويرارٽي ڏانهن "انهيءَ قسم جي مامرن ۾ ايراضيءَ بابت ضروري تفصيلي وضاحت جي حيثيت سان" موڪليو. هن خط ۾، مختصر طور حالتن جو ذڪر ڪندي لکيل هو، ته واڌو ايراضيءَ جي "نئين جاگير جي ڀاڱي جي حيثيت سان" دعويٰ ڪئي وئي هئي، جو ڪمشنر کي ويساهه هو، ته زمين تي غير قانوني قبضو نه ٿيل هو، ڇوته فرق رڳو ماپ جي طريقي ۾ ڦيرگهير ڪارڻ هو، ۽ زمين جي ڊل بلڪل گهٽ هئي. هندستاني حڪومت جي گهرو کاتي پنهنجي 31 آڪٽوبر 1860ع تي جاري ٿيل خط نمبر 2472 هيٺ واڌو 389 بيگهه جي پهرين درجي جي حيثيت سان منظوري ڏني، جيڪا اڳيئي منظور ٿيل هئي.

لڳل آهي. مير فتح علي، 5 جمادي الثاني تي مَلڪ مريد، الله بندو، فتح خان ۽ مزار جي نالي تي ساڪري ۾ موجود اوتاري، ٻڪيرا، رتول، ساميجاڻي، ڳاربٻڙو، چُڪ، ميراڪُر، ٻبڙا، راهي، ۽ ٻين جاگيرن جو سلسلو برقرار رکيو، جيڪي جاگيرون هينئر به ساڳئي قبيلي وٽ جاگير طور موجود آهن. اُهي جاگيرون مير فتح علي جي وارثن طرفان به سندن نالن تي پيهر منظور ڪيون ويون هيون.

## ڪرمتي قبيلي جي ٻاٻراڻي پاڙي جو خانداني شجرو



(5) ملڪ ابراهيم خان ڪرمتي (مرحوم)
جنهن جا ڇهه پُٽ سندس وارث ٿيا
(6) ملڪ ابراهيم جو پاءُ مزار خان
۽ پائيٽيو دولت خان
(7) رحيمداد ۽ آلياڻ
(8) محمد خان (مرحوم) جنهن جو
وارث سندس پُٽ بقادار خان ٿيو

## خانداني شجرو ۽ سماجي حيثيت

مَلڪ مريد، الله بندو ۽ مزار خان ٽئي ڄڻا پاڻ ۾ ڀائر هئا، جن کي مير فتح علي طرفان جاگيرون مليل هيون. مزار خان کنهن وارث بنا گذاري ويو، جڏهن ته ملڪ مريد مٽي پڄاڻان پنهنجي پويان مَلڪ ابراهيم، مزار خان ۽ ٻہر نالي ٽي پُٽ ڇڏيا. ٻہر خان هڪدم گذاري ويو، ۽ پنهنجي پويان دولت خان نالي پٽ ڇڏيائين. الله بندو جو وارث محمد خان آهي. رحيمداد ۽ آلياڻ، بجار جي پيڙهيءَ مان هئا.

## زميني جائيداد

سنڌ جي فتح وقت ملڪ ابراهيم، مزار، دولت، بقادار، رحيمداد ۽ آلياڻ وٽ ساڪري ۾ انيڪ جاگيرون هيون. پهرين ڄاڻايل ٽن ڄڻن جي تحويل ۾ ٽيويهه هزار 712 مير بيگهه (= سترهن هزار 359 نيپيئرين بيگهه) ايراضي هئي، جن ۾ پاپراٽي، ڪَرهه، ساميجاڻي، اوتارڪي، راهِي ۽ بُڪراڻي جاگيرون شامل هيون. بُڪراڻي جاگير ۾ ملڪ ابراهيم جو حصو اڌ، ۽ ٻين ٻن جاگيرن مان هرهڪ ۾ چوٿين پتي هئي. محمد خان وٽ وُهڙيهه ۾ چوويهه هزار 265 بيگهه ايراضي هئي، ۽ باقي ٻن ڄڻن جي تحويل ۾ ڇيچ، ميراڪر ۽ بُڪراڻي سميت پاڙو جاگير جو اڌ حصو هو، جنهن جي ايراضي ڏهه هزار 275 نيپيئرين بيگهه هئي.

مَلڪ ابراهيم ڊسمبر 1845ع ۾ گذاري ويو، ۽ سر چارلس نيپيئر سندس پٽن ۽ مائٽن کي هڪ ذاتي ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو، ته اُهي سنڌ جي آڳاٽي گهراڻي جا اولاد آهن، ۽ جيئن ته اُهي سنڌ جي فتح کان وٺي پنهنجي عمل ۾ پرامن رهيا آهن، تنهنڪري

حڪومت سنڌن ورتاءُ کان مطمئن آهي. حڪومت طرفان هنن جي فائدي ۾ هڪڙي حجت ڪندي، سنڌن جاگيرون، ڪنهن تخفيف بنا ڪين ٻيهر منظوري ڪري ڏنيون وينديون. ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ڪچهري محل موجود هو، تنهن سر چارلس نيپيئر کان لکت ۾ هيٺيون بيان ورتو:

"آءٌ، حاجي خان ڪرمتي کي هي جاگير، جيڪا وٽس سندس مرحوم پيءُ جي وقت کان تحويل ۾ هئي، سا سندس وارثن يا پاگيوار وارثن جي جاگير مان، چوٿين پتي جي تخفيف ڪرڻ بنا ڏيندس.

- گورنر، سي. جي. نيپيئر

"هي حڪومت جي خاص منظوري آهي، ڇوته هي سردار سنڌ جو آڳاٽن سردارن منجهان آهي."

10 سيپٽمبر 1846ع

- سي. جي. نيپيئر"

پوءِ، آخرڪار هڪڙو يادداشتنامو گورنر جي منظوريءَ لاءِ، انهيءَ خيال کان موڪليو ويو، ته ڇا هي ڳالهه مزار خان جي جاگيرن سميت ڪرمتي قبيلي جي ٻين پاڙن لاءِ قبوليت جوڳي سمجهي ويندي يا نه. ۽ هن فيصلو ڪيو ته اها ڳالهه قبوليت جوڳي هئي." (20)

28 سيپٽمبر 1846ع تي سر چارلس نيپيئر، ابراهيم خان جي ڇهن پٽن نالي ٻه سَندون منظور ڪيون، جن مان هڪڙي سَند ۾ ٻارهن هزار ست مير بيگهه (= 8828 نيپيئرين بيگهه) ايراضي شامل هئي، ۽ ٻي سَند ۾ مزار ۽ دولت لاءِ 8531 نيپيئرين بيگهه، ٻقادار لاءِ چوويهه هزار 265 بيگهه، رحيمداد لاءِ 6850 بيگهه ۽ آلياڻ لاءِ 3425 بيگهه منظور ڪيا ويا.

ٻنهي سَندن ۾ لکيل شرط ساڳئي انداز جا هئا. مَلڪ ابراهيم خان، مزار ۽ دولت خان جي تحويل ۾ جيڪي جاگيرون هيون، سي ڏرين ۾ ورهيون ويون، ۽ سر چارلس نيپيئر پنهنجي سَند وسيلي انهيءَ ورڇ جي منظوري ڏني.

ڇهن پاڙن منجهان هڪڙو پاڙو- سهراب خان 1840ع ۾ گذاري ويو، جنهن جو ڪوبه پُٽاڻو وارث نه هو، ۽ ٻيو پاڙو تاج محمد 1853ع ۾ گذاري ويو. انهن ٻنهي ڄڻن جون جاگيرون حڪومت پنهنجي تحويل ۾ نه ورتيون، پر وارثن ۾ ورهيون ويون. مارچ 1855ع ۾ سيني پاڙن کان وڏو پاڙو حاجي گذاري ويو ۽ هن جو حصو سندس پٽ مَلڪ مريد جي نالي تي منظور ڪيو ويو. ڪيپٽن پيلي 7 جولاءِ 1855ع ۾ پنهنجي ساڪري

فهرست جي ضميمي هڪ ۾ سفارش ڪئي، ته ڪرمتين جو سموريون جاگيرون، (نمبر 5 کان 8 تائين) پهرين درجي ۾ ليکجڻ گهرجن، ڇوته اها ڳالهه واضح هئي ته، ”هنن جاگيردارن وٽ اُهي ساڪري واريون جاگيرون دهليءَ جي بادشاهن واري وقت کان وٺي موجود هيون.“ بهرحال، بقادار جي قبضي ۾ آيل جاگيرن ڪي ابراهيم خان جي پُٽن جي تحويل ۾ موجود جاگيرن ڪي پيٽائڻ سان اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي، ته هن جي جاگير، بين مائٽ جاگيردارن وٽ موجود جاگيرن سان، نسبتي حيثيت پٽاندر اڻ ٺهڪجندڙ هئي، تنهنڪري هُن صلاح ڏني، ته جن ڏرين جا نالا سر چارلس نيپيئر پنهنجي منظور ڪيل بن سَندن ۾ ڄاڻايا هئا، تن جي سمورين جاگيرن جي ٻيهر ماپ ڪري، سندن ورچ ڪئي وڃي، ۽ هنن جون ٻيهر سَندون جاري ڪري رڳو پنجين پتي وارثن کي منظور ڪري ڏني وڃي، جڏهن ته باقي رهندڙ ائين پتي هڪڙي پاسي ابراهيم خان جي پٽن وچ ۽ ٻئي پاسي ٻنهي سَندن ۾ ڄاڻايل وارثن وچ ۾ ورهي وڃي. هن اها به سفارش ڪئي، ته ڪنهن به جاگيردار جي وارث بنا گذارڻ تي، سندس جاگير عام ورچ جي حساب سان نيڪال ڪئي وڃي، پر اُها حڪومت کي پنهنجي تحويل ۾ نه وٺڻ گهرجي.

ميجر گولڊسمڊ، ڪيپٽن پيلي جي سفورين جاگيرن کي گڏائڻ واري تجويز ڪانسواءِ، سمورين تجويزن سان سهمت ٿيو. انهيءَ ڏس ۾ هن جي دليلن کي سامهون رکندي ڪمشنر منظوري ڏني (ڏسو نمبر 85، اپريل 1858ع)، ۽ حڪومت ڏانهن موڪليل پهرين درجي جي جاگيردارن جي فهرست ۾، ابراهيم خان جي وارثن لاءِ نيت سفارش ڪئي وئي، ته ڪين سندن موروثي جاگير 6850 بيگهه، مزار ۽ دولت لاءِ 8531 بيگهه، رحيمداد لاءِ 6850 بيگهه، آلياڻ لاءِ 3425 بيگهه ۽ جمال خان ولد بقادار، جيڪو فيبروري 1858ع ۾ گذاري ويو هو، تنهن لاءِ چوويهه هزار 265 بيگهه زمين منظور ڪري ڏني وڃي. آخرڪار، حڪومت طرفان اُهي سفارشون منظور ڪيون ويون.

بهرحال سَندون جاري ٿيڻ کان اڳ، آلياڻ ڊسمبر 1859ع ۾ وفات ڪري ويو. هن پنهنجي پويان ڪو به پُٽاڻو وارث نه ڇڏيو هو، تنهن هوندي به حڪومت سندس پياءُ ۽ ٻجار جي اولاد گنهور کي آلياڻ جي ڀاڱي ۾ خانداني وارث مڃيو، ۽ رحيمداد ۽ گهنور نالي سَند نمبر 104 جاري ڪئي وئي. مَلڪ ابراهيم جي وارثن کي سندن جاگيرن جي سَند نمبر 102 هيٺ، مزار ۽ دولت کي سَند نمبر 103 ۽ جمال خان کي سَند نمبر 105 هيٺ موروثي جاگيرن جو حقدار ڪوٺيو ويو.

# جَتَ

ليفٽيننٽ ليچ پنهنجي 1839ع ۾ ڇپيل رپورٽ ۾ جت قبيلي بابت هيٺين ريت لکندي چيو:

”جَتُ جاتي پرڳڻي ۾ مُگربي ويجهو رهن ٿا: سندن سردار جو نالو غلام حسين آهي. اُهي ميرمحمد خان جا وفادار آهن. پنهنجي خانداني جهيڙن لاءِ ٻارهن هزار ماڻهو گڏ ڪري سگهن ٿا. جنهن ۾ ڪڇ ۽ وارائي جا ماڻهو به شامل هجن ٿا. جتان جو هر ٻيو ماڻهو هنگامي حالتن ۾ پنهنجي ٻائرن سان اچي ٻانهن ٻيلي ٿئي ٿو، پر ميرن جي خانداني جهيڙي ۾ جَت پنهنجي قبيلي جا رڳو اَٺ سؤ ماڻهو گڏ ڪري سگهيا هئا.“

1727ع ۾ دهلي جي بادشاهه محمد شاهه، جاتي واري علائقي ۾ ”تائيداري“ ۽ ”زمينداري“ جون سَندون حمل جت کي انهيءَ ويچار سان ڏنيون هيون، ته هُو پنهنجي قبيلي جي مدد سان انهن ڌاڙيلن ۽ ڦورن کي روڪيندو، جن تن ڏينهن ۾ رڻ ڪڇ واري علائقي کي لُٽي تباهه ڪري ڇڏيو هو، ۽ مختلف وقتن تي ننڍي مٿان مونتمار چڙهائيون پڻ ڪندا رهندا هئا.

انهيءَ سَند هيٺ حمل جت جا وارث، ڪلهوڙن جي حڪومت کان به فائدو وٺندا رهيا ۽ ڪين مير فتح عليءَ وٽان به انهن جاگيرن جون سَندون مليون. بهرحال ٻائنجي ٿو، ته مير غلام علي انهن سَندن ۾ ڦيرڦار ڪئي هئي، ڇوته اسان کي مير ڪرم علي ۽ مراد علي طرفان، ٽيرهن هزار ست سؤ مير بيگهن تي مشتمل جاگيرن جي حيثيت سان تسلسل واري ڳالهه مشاهدي ۾ اچي ٿي.

اُهي ٽالپر حُڪمران، حمل جت جي وارثن کي ساليانو 28 خرار اناج ۽ ٻارهن سؤ رپيا روڪڙ پڻ ڏيندا هئا. هن خاندان جا آڳاٽي وقت کان وٺي ڪڇ دربار مان گهاٽا ناتا رهندا آيا آهن، ۽ هي ڪڇ دربار ۽ ڪڇ جي علائقي ۾ وڏو اثر پڻ رکن ٿا.

خانداني شجرو

حمل يا حمر خان
|
ميرڻ خان
|
راڏو خان
|
دريا خان
|
بقادار خان
|
غلام حسين
|
جهان خان

## (9) مَلڪ غلام حسين جت (مرحوم)
## جنهن جو وارث جهان خان ٿيو

### سماجي حيثيت ۽ ملڪيتي جائيداد

ملڪ غلام حسين، محمد شاهه ابداليءَ جي وقت ۾ جاتيءَ جي گورنر ۽ جاگيردار حمل جت جي پنجين پيڙهيءَ مان هو.

سنڌ جي فتح وقت مَلڪ غلام حسين جي تحويل ۾ جاتيءَ ۾ تيرهن هزار ست سؤ مير بيگهه ايراضيءَ تي آذاريل زمينون ڏٺيون ويون، ۽ سر چارلس نيپيئر طرفان اُها جاگير، ڪڇ جي پوليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل رابرٽ جي مداخلت تي، ڪيس بحال ڪري ڏني وئي. بهرحال 1846ع ۾ ڪيپٽن رٿبورن، هن جي موت ڪانپوءِ هي جاگير شايد ان خيال کان ضبط ڪري ڇڏي، ته هي جاگير سر چارلس طرفان کين موروثي طور نه ڏني وئي هئي. ”تنهن ڪانپوءِ ترت ئي هن خاندانِ سڄي ضلعي جو ٺيڪو يا اجاريداري (پوڪيءَ جو اجازتنامو) ورتو، ”۽ ائين اُهي ڪجهه عرصي تائين ان صورت تي مطمئن رهيا، پر ان اجارد کين خوشحالي ڏانهن موٽائڻ بدران نيٺ تباهه ڪري ڇڏيو.“ (21) پوءِ، جهان خان پنهنجي جاگير کي ٻيهر وٺڻ لاءِ ڪمشنر کي درخواست ڏني، ۽ ڪيپٽن پيلي جاچ ڏني، ته مير ڪرم علي ۽ مراد طرفان کين منظور ڪري ڏنل هي جاگير ٽئين درجي ۾ اچي ٿي، ۽ هُن سفارش ڪئي ته غيرمعمولي حالت جي حيثيت ۾

جاگير جو حصو ٻيهر منظور ڪري ڏنو ويجي. بهرحال، مسٽر فريئر ڪليڪٽر کان پڇيو، تہ ڇا جهان خان سردار واري رتبي ۾ شامل ٿيڻ جو حقدار آهي، ۽ ڪيس واقعي موروثي جاگيردارن ۾ لکيو ويجي يا نہ؟ جهان خان انهيءَ وقت مشورو وٺڻ لاءِ ڪڇ جي راءِ وٽ هلي ويو، ۽ راءِ پنهنجن آڳاٽن تاريخي لکيتن واري دفتر کي ڦولهارڻ کان پوءِ، حمل جت کي محمد شاهہ طرفان ڏنل سَند جو اصل نقل هٿ ڪري ڏنو، جيڪو پوليٽيڪل ايجنٽ طرفان ڪيپٽن پريڊي ڏانهن پڻ موڪليو ويو هو، رپورٽ ۾ ڏاڍي زورائتي انداز سان جت سردار جي حمايت ۾ دليل ڏنل هئا. اهڙيءَ ريت ڪيپٽن پيلي سفارش ڪئي، تہ جهان خان کي پهرين درجي جي جاگيردارن ۾ درج ڪيو وڃي، ۽ وقتي ڪمشنر ڪرنل جيڪب هن جي تجويز جي تائيد ڪئي، ۽ بمبئي حڪومت سميت سپريم حڪومت پڻ ان تجويز کي منظور ڪيو. نيٺ، بندوبست واري وقت هن جاگيردار جي نالي تي سَند نمبر 106 جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ جاتي علائقي ۾ سندس وارثن کي 9591 نيپيئرين بيگهہ زمين منظور ڪري ڏني وئي.

# چانڊيا

ليفٽيننٽ ليچ پنهنجي 1839ع ۾ ڇپيل رپورٽ ۾ چانڊيا قبيلي بابت هيٺين ريت لکيو هو:

”چانڊيا قبيلو ولي محمد جي هٿ وس آهي. هو غيبي سلطان ۾ رهي ٿو، ۽ سندس هٿ هيٺ چانڊيا قبيلي جا هڪ هزار فوجي آهن. چانڊيا قبيلو غيباڻي، پَنڊ، ساريجا، اجواڻي، سڪاڻي، خاشائي ۽ باغائين ۾ ورهيل آهي. ميرن جي فوج ۾ چانڊيا قبيلي جا اٽڪل اٺ هزار فوجي جوان شامل آهن. هن نيات ۾ مگهسي نالي هڪڙي چاڙهه هوندي هئي، جن اٽڪل هڪ سال اڳ ڪنهن رند قبيلي جي اُن قاصد کي ماري وڌو، جنهن کي چانڊين ڏانهن اهو چوڻ لاءِ موڪليو ويو هو، ته اُهي مگسين سان جنگ جوٽيندا، پر چانڊين دشمنن سان سهڪار ڪندي پنهنجي مٿي تي ناراضگي ڪنئي. مگهسين لڪ چوري ۾، پنهنجو تحفظ وٺڻ لاءِ پنهنجي هڪڙو خاص ماڻهو چانڊين ڏانهن اُماڻيو، جيڪا ڳالهه ڳجهي طور منظور ڪئي وئي، ۽ جڏهن ويڙهه شروع ٿي، ته چانڊيا اڳتي اچي پڙ ۾ لٿا، ۽ انهيءَ ڏينهن جنگ جو فيصلو مگهسين جي حق ۾ ٿيو، ۽ رند قبيلي جا 120 ماڻهو ماريا ويا.“

سر چارلس نيپيئر طرفان ڪوهستاني قبيلن خلاف شروع ڪيل فوجي مهمن ۾ چانڊيا قبيلي جي ورتل حصي بابت اڳتي وڌيڪ ذڪر ايندو.

## (10) ولي محمد چانڊيو (مرحوم) جنهن جو وارث وڏيرو غيبي خان ٿيو

خانداني شجرو

ولي محمد جو خانداني شجرو، ميجر گولڊسمڊ هيٺين ريت ڄاڻايو آهي:

مرزا خان

|

غيبي خان

|

ولي محمد خان

## سماجي حيثيت

هن سردار جي وارثن کي پهرين درجي جي جاگيردارن جي حيثيت سان قبولڻ، رڳو سندن سماجي حيثيت تي آڌاريل آهي، تنهنڪري هي ضروري آهي، تہ هن قبيلي جو، ہين مامرن جي ڪاروائين جي پيٽ ۾، ٿورو وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪيو وڃي. مياڻيءَ جي جنگ ڇڙڻ کان بلڪل ٿورڙو اڳ، ولي محمد پنهنجي عارضي امدادي فوج (جنهن بابت سر چارلس نيپيئر جو خيال آهي، تہ انهن ويڙهاڪن جو انگ اٽڪل ڏهہ هزار هو) سميت برطانوي فوج ڏانهن ڪاهيندو آيو هو. ۽ اُهي ويڙهہ واري ميدان کان بلڪل ٿورڙي پنڌ تي هئا، جو ويڙهہ شروع ٿي وئي هئي. بهرحال، برطانوي فوج کي سوڀ ملڻ ڪارڻ چانڊيا قبيلي جي فوجي اڳرائي رڪجي وئي، ۽ ”ولي محمد ياج ڪائيندي سنڌوءَ جي ٻئي پر پنهنجي علائقي ڏانهن هليو ويو، جتي هُن ٻين ساٿين سان صلاح مشورو ڪندي، پنهنجي تحويل ۾ جاگيرن تي علي مراد طرفان قبضي جي ڪوشش جي مزاحمت ڪئي. اهو ”قبيلائي اتحاد“ ميرن لاءِ ڏاڍو طاقت بخشيندڙ هو. مير علي مراد نبيري جي تجويز پيش ڪئي، جنهن لاءِ هي پنهنجي اوٺتيهہ ساٿين ۽ ڏيڍ سؤ سپاهين سميت هلي آيو، پر علي مراد ڳجهي حملي جي تياري ڪندي ڪيترن ئي همراهن کي ماري وڌو، ۽ باقي ٻين کي جهلي سوگهو ڪري ورتو، جن ۾ ولي محمد چانڊيو پڻ شامل هو.“ مير علي مراد قيدين کي سر چارلس نيپيئر وٽ وٺي آيو، جنهن ڪنهن قدر ساڻن ٿيندڙ جُنين ۽ تعدين تي پنهنجي افسوس جو اظهار ڪيو، ۽ هنن کي آزاديءَ سان زندگي گهارڻ ۽ سندن جائيداد واپس موٽائي ڏيڻ جي پڪ ڏياري. سر وليم نيپيئر، ولي محمد بابت لکي ٿو:

”هو ٿاهوڪو ۽ جوشيلو ڪراڙو شخص آهي، جيڪو پنهنجي نهار ۾ ڏکي ڇبري جيان پئي لڳو: هن جا اڇا وار ۽ گهاٽي ڏاڙهي ڪنين جيان پاڻ ۾ وچڙيل هئي. نڪ ٿورڙو چپيل هوس. مُنهن مهاندو تامي جهڙو هوس، ۽ هن پنهنجون ٻہ گول چمڪندڙ ڪاريون اکيون ڇينيڻ بنا ڪرنل تي کُپائي ڇڏيون هيون، ۽ هو پنهنجي آزاديءَ جي بحاليءَ جو اعلان ڪرڻ تائين بلڪل ماٺ ۾ رهيو. پوءِ هن اُتاولائيءَ مان پڇيو، ”ڇا هي سچ آهي؟ ڇا آءٌ آزاد آهيان؟ ڇا آءٌ وڃي ٿو سگهان؟“ تنهن تي کيس جواب مليو: ”ها! تون آزاد آهين، ۽ وڃين سگهين ٿو.“ ڪراڙو شخص ڪو اکر ڪُڇڻ بنا سرڪاري بنگلي مان نڪتو، ۽ پنهنجي ملڪ ڏانهن تڪڙو تڪڙو روانو ٿيو. پر جڏهن هو پنهنجي قبيلي ۾ محفوظ هو، تڏهن اچرج مان چيائين، ”فرنگي جنرل

مونکي منهنجو جيون، منهنجون جاگيرون ۽ منهنجي تلوار موٽائي ڏني آهي! آءٌ هن جو ٻانهو آهيان!“ (22)

اهڙيءَ ريت 1844ع ۾ ولي محمد 28-1827 ۾ قلات جي ڪڇي واري علائقي مان دريا خان جکراڻيءَ سان گڏ کهيڙن کي تڙي ڪيندڙ بيجا خان ڍومڪي خلاف پنهنجون خدمتون آڇيون- جيڪو پوءِ ميجر بلموري جي 1839ع واري مهم ۾ تڙيو ويو هو، پر تنهن دؤر ۾ اُتر سنڌ جي ريزيڊنٽ مسٽر روز بيل طرفان کهيڙن جي زمين بحال ڪئي وئي- پر ڪڇي واري علائقي مان برطانوي فوجن جي تڙجڻ کان پوءِ ڍومڪين ۽ جکراڻين سنڌ ۾ ڦرمار جون چڙهايون ٻيهر شروع ڪري ڏنيون. (23) ”اڳيئي ڪڇ گنڊاوا کي لُٽي ڦري تباهه ڪيو ويو هو، ۽ سنڌ جي سرحدي حالت افسوسناڪ هئي، ڪجهه ڳوٺڙا ئي وڃي باقي بچيا هئا، ۽ شڪارپور ۽ ڦلجي جي وچ واري علائقن ۾- جيڪو علائقو بيجا خان ڍومڪي جو ڳڙهه هو- اُتي مشڪل سان ڪو ڪڙمي يا پوکيل زمين ڏسڻ ۾ ايندي هئي.“

مير شير محمد خان، ڏٻي واريءَ جنگ ۾ مات کانپوءِ بگٽين، جکراڻين ۽ ڍومڪين وٽ پناهه ورتي هئي، ۽ انهن 1844ع ۾ لٽمار جو غيرمعمولي رستو ورتو هو. فتزجيرالڊ ظاهري طور بيجا ڍومڪي کي ڦلجيءَ ۾ گهيري ۾ آڻي ڦاسائڻ ۾ ناڪام ٿيو هو، ۽ تڏهن اونهاري جي مُند به شروع ٿي چڪي هئي، تنهنڪري سر چارلس نيپيئر خوشيءَ سان چانڊيا سردار، جنهن کي هن ڌاڙيلن تي راتاها هڻڻ ڪارڻ مئي 1844ع ۾ عام ڪوتايل دربار ۾ تلوار انعام طور ڏني هئي، جي مٿين آڇ کي قبول ڪيو. انهيءَ کان گهڻو اڳ ولي محمد چانڊيهن کان مٿي جکراڻين کي قتل ڪرڻ ۾ سوگهارو ٿيو هو، ۽ هنن جا پنج سؤ ڪان به وڌيڪ تحويل ۾ ورتل ڍور سرڪار ڏانهن موڪليا هئائين. (24) هن جي ڍومڪين سان خانداني دشمني هئي، ”۽ لاڙڪاڻي کان اوڀر ۾ ٽيهن ميلن تي واقع پنهنجي ڳڙهه کان، پنهنجي هزارين ويڙهاڪن جي مدد سان سنڌن جابلو نڪاڻن تي حملا ڪيائين، جتي مري قبيلو سنڌس اتحادي هو.“ (25) پر ٿوري عرصي کان پوءِ مرين تي بگٽين جي چڙهت ٿي وئي ۽ جڏهن ولي محمد پنهنجي دوستن جي مدد ڪرڻ کان جواب ڏنو، ته هن پڻ شڪست کاڌي. (26)

بهرحال، ولي محمد جيتوڻيڪ پنهنجي مقابلن ۾ ناڪام ٿيو هو، پر هو هڪڙي بدنام ڌاڙيل نؤبت خان کي پڪڙڻ ۾ سوگهارو ٿيو، جنهن جي گرفتاري تي سر چارلس نيپيئر طرفان هڪ هزار روپيا روڪ انعام رکيل هو. انهيءَ انعام سميت نؤبت خان جي تلوار پڻ گورنر طرفان لاڙڪاڻي ۾ ڪوتايل هڪڙي عام دربار ۾ ڪيس ڏني وئي، ۽

سر چارلس نيپيئر پنهنجي 19 ڊسمبر 1844ع تي لارڊ ايلنبروڊانهن اماڻيل خط ۾ ولي محمد جي مڪمل وفاداريءَ جي ساراهه ڪئي. (27) انهيءَ ساڳئي مهيني ۾، سر چارلس نيپيئر ڪوهستاني قبيلن خلاف پنهنجي مهم جي رٿا ٺاهي، ۽ جڏهن هُن 16 جنوري 1845ع تي سرحد پار ڪئي، ته ولي محمد چانڊيو سنڌس نگران طور اڳيان وڌندو رهيو. (28) چانڊئي سردار کي تونگ جي ڪاهين ۽ غارن جي نظرداريءَ جو ڪم ڏنو ويو، ڇوته سر چارلس نيپيئر جي خيال ۾ چانڊيا سُنا سُونها ۽ ڪوجهي هئا. (29) ڪيپٽن جيڪب کي چانڊيا قبيلي جي سپاهين کي خاص نشانن وارا پَٽا پارائڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو، ۽ نيٺ اُهي پنهنجي پَٽڪن سان گڏ ڪپڙي جو سائو ٽڪرو ٻَڌڻ تي راضي ٿيا. هنن اعلان ڪيو ته تونگ ۾ پاڻي ڪونهي- پر پوءِ به اُهي حڪم تي اَٽل رهيا. هنن کي ٻيجا ڊومڪي جي پيڇڻ جي جاڻ پئي، پر ڪجهه ڏور پوئتي رهجي ويا هئا، ۽ سر چارلس نيپيئر جي لفظن ۾، ”ولي محمد ڪنهن فنڪار جيان پنهنجو ڪم ڪيو، جو ڪابه رڍ توڙي ٻڪري پيڇي نه سگهي.“ (30) هن کي بگٽين جا ڪوهه لَٽڻ جو حُڪم ڏنو ويو، (سر چارلس نيپيئر، بگٽين کي ”سنڌوءَ جا پنڌاري“ چوندو هو) ۽ سر چارلس نيپيئر جي خواهش هئي، ته ولي محمد اُتي يا قلجيءَ وٽ پاڻ کي مضبوط ڪري، (31) تنهنڪري هن قرار ڏنو، ته هو کهيڙن کي پنهنجي حفاظت ۾ وٺي ۽ حڪومت جو پيداواري حصو قلات جي شهزادي کي ڏي. بهرحال، ڪيپٽن جيڪب هڪڙي مشاورتي گڏجاڻي ۾ هيءَ ڳالهه مشاهدي ۾ آندي، ته ولي محمد اُتي رهڻ ڪان نٽايو پئي، ۽ جڏهن ڪيس ان مامري تي ويچاري اصل صورت جاڻائڻ لاءِ چيو ويو، ته هن ٻڌايو، ته چانڊيا انهيءَ بندوبست تي اُن وقت تائين راضي نه ٿيندا جيستائين ٻيجا خان جون سموريون زمينون چانڊين کي معافي يا ڊِل بنا جاگيرون نه ڏنيون وينديون، ۽ برطانوي حڪومت طرفان ڪين پهرين سال تائين باقاعدگيءَ سان ادائيگي نه ٿي سگهندي، ڇوته ملڪ بلڪل پڙپانگ لڳو پيو آهي.

ڪيپٽن جيڪب لکيو ته: ”هي ڳالهه بلڪل اجائي آهي، ۽ چانڊيا قبيلو به جاٺي ٿو، ته اها ڳالهه واقعي ائين آهي. مون جيڪي ڪجهه ڏنو آهي، تنهن کي سامهون رکندي آءُ پڪ سان ٿو چوان، ته اُهي اُتي رهڻ تي راضي ٿيندي به اُتي نه رهندا، ۽ اُهي رهي ئي نٿا سگهن: ڇوته ڪڇي جي ڏاڙيلن ۽ ڪوهستاني ماڻهن کي اُهي جنهن ڊپ منجهان نهارين ٿا، سا ڳالهه ويساهه ڪان ٻاهر آهي. مونکي پڪ آهي، ته جڏهن اسان جون فوجون سنڌن پرپاسي مان هليون وينديون، ته چانڊيا قبيلي جا اُهي سپاهي ڊومڪين، جکراڻين وغيره جي اچڻ (يا اچڻ جي خبر ٻُڌڻ تي) هڪدم ڪُڙين تي زور

رکندا. انهن چانڊين جا سانورا ڇهرا هتي رهڻ جي خيال کان ئي پيلا ٿي مرجهائجي ويندا هئا.“

انهن ڳالهين کان پوءِ سر چارلس نيپيئر، ڪيپٽن جيڪب ڏانهن لکيو: ”ولي محمد لاءِ پلي ڳالهه هي ٿيندي، ته هو واپس پنهنجي گهر هليو وڃي، جو هن کي ڪو تاج ته ماٺ وئي ڪونهي! اسان کي گهرجي ته هينئر هن کي پنهنجي اتحادي جيان ويڙهه جي ميدان ۾ اڳيان رکون، ڇوته مستقبل ۾ هن جو سهڪار ڪنهن ادائيگي جي قابل نه رهندو.“ (32)

۽ پيهر 6 فيبروري 1845ع تي لکيائين: ”چانڊين کي سمورين ڪاڌي پيتي جي شين سميت گهر ڏانهن موڪليو وڃي، ڇوته سنڌ ۾ هاڻي ڪا ويڙهه نه پئي ٿي، تنهن هوندي به هينئر وٽن لٽ ۽ ناتو گڏ هجڻ ڪري ساڻن سُنا اکر ڳالهائڻ گهرجن.“

بهرحال ڪيپٽن جيڪب سفارش ڪئي، جيئن ته ولي محمد جي پويان چانڊيا قبيلي جا جيڪي اٺ سؤ سپاهي آهن، سي ويچار جوڳي حد تائين ”اڻ سهنجا ۽ خوفائتي حد تائين ڊنل آهن“ تن کي ٿي سگهي، ته روزانو به آنا في سپاهيءَ جي شرح سان ڏنا وڃن. جيڪا رقم سر چارلس نيپيئر طرفان کين ڏيڻ جو وچن ڪيو ويو هو. هن وڌيڪ لکيو: ”منهنجي خيال ۾ پلو اُن ۾ آهي، ته کين هڪدم گهر موڪليو وڃي، ڇوته اُهي بلڪل بيڪار آهن.“ (33) اُهي فوج سان گڏ رڳو ويهه ڏينهن رهيا هئا. ۽ پوءِ به کين ويهه هزار روپيا روزانو ڏيڻ واجب هو. پوءِ، چانڊين جي جاءِ مَرِّي قبيلي وارن والاري، جيڪي بگٽين جي علائقي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ تي راضي ٿيا هئا. تنهنڪري اسان ولي محمد چانڊئي کي پنهنجي نظرن کان هٽائي ڇڏيوسين. هو 27 جون 1850ع تي گذاري ويو، (34) هن جو وڏو پٽ غيبي خان سندس وارث ٿيو.

## ملڪيتي جائيداد

ولي محمد ئي پُڄاڻان لاڙڪاڻي تعلقي ۾ مرزاپور ۽ غيبي ديرو ۾ جاگير ڇڏي هئي. اُنهن ٻن ڳوٺن جي اهڙي حيثيت سميت ٻيا ڪيترائي چانڊين جا ڳوٺ، مير علي مراد 2 ربيع الثاني 1233 هجري (1817ع) جي تاريخ تي جاري ٿيل هڪڙي سَند هيٺ، ڍل جي ادائيگي ۽ سندس تحويل ۾ سيري طور 1733 مير بيگهه ايراضيءَ بجاءِ، سندس نالي ڪيا هئا. (35) سنڌ جي فتح کان وٺي، غيبي ديري ۽ مرزاپور جي ڳوٺن جي ماپ نه ڪئي وئي هئي، پر هڪڙي عام ڪاٿي موجب انهن جي ايراضي چاليهه هزار بيگهه هئي، جن مان رڳو پنج يا ڇهه هزار بيگهه پوک هيٺ ايندي هئي، ڇوته اها ايراضي

اصولي طور هالار جبل جي پرسان واقع هئي، ۽ برسات جي پاڻيءَ تي آباد ٿيندي هئي.
سيني کان سُنو آباد ٿيندڙ علائقو وگڻ ۽ قمبر وارن علائقن تي آڌاريل هو، جنهن
واسطي گهاڙ جي پُڇڙ ۾ واقع نورواهه مان پاڻيءَ ورتو ويندو هو. (36)

ڪليڪٽر لکيو، ته اضافي زمين ڪي حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ وارو عمل، سردار
ڪي "زندگيءَ جي وهنوار هلائڻ" کان محروم ڪرڻ، ۽ سندس سڄي جاگير ضبط
ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

هن پنهنجو ذڪر جاري رکندي چيو: "گڏوگڏ، جيڪڏهن اُن ايراضيءَ کي
حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو، ته اها زمين اصل ۾ اسان لاءِ گهٽ ملهائتي ٿيندي.
جڏهن ته ان ايراضيءَ جي برقراريءَ سان چانديا سردار جي پنهنجي قبيلي ۾ اعزازي
حيثيت ۽ عزت به سلامت رهندي، ۽ گڏوگڏ سرحدي قبيلو هئڻ جي حيثيت سان سندن
ماڻهن جي فرمانبرداري ۽ اسان جي ساڻن سهڻي ورتاءَ سببان، حڪومت ڏانهن سندن
جهُڪاءَ سان، سياسي فائدو ملڻ سميت سندس ڪنهن قدر مستقل اهميت به رهندي.

ڪليڪٽر هڪ ٻئي خط ۾ شڪ ڏيکاريو، (37) ته ڇا سر چارلس نيپيئر طرفان
غيرآباد زمينن کي حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ وارو قائدو، باراني زمين تي به لاڳو
ڪجي يا نه: ڇوته اُهي زمينون ايئن وانديون نه ڇڏيل هيون، جو جاگيردار ڪين نه
پوکيندو هجي، پر انهيءَ جو سبب هي هو، جو جاگيردار انهن کي نوبت واري قائدي
موجب پوکي نه سگهيو هو، ۽ اهي هن لاءِ ڪنهن به صورت ۾ بيڪار نه هيون.

مسٽر پرنگل جو هن ڳالهه ڏانهن جهڪاءُ هو، ته چانديا قبيلي جي سردار جي
حيثيت ڪارڻ ساڻس مناسب ۽ عزت ڀريو ورتاءُ توڙي نوازشون ڪجن. تنهن هوندي
به هو انهن قائدن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، جيڪي سر چارلس نيپيئر پنهنجي
اختيار ۽ سوچ ويچار ڪانپوءِ، اڳ ۾ موجود ڪنهن مثال ڪانسواءِ لاڳو ڪيا هئا. (38)

بهرحال، انهيءَ ڪانپوءِ هن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽوريٽ ڏانهن لکپڙهه جو
سلسلو انهيءَ درخواست سان جاري رکيو، ته ڪيس هي جاڻ ڏني وڃي، ته ڇا سندن
علائقن ۾ موجود ان قسم جي ايراضيءَ جي ڏس ۾ اهڙو قائدو ڪتب آندو ويو هو يا
نه. ڪيپٽن پريڊي وراڻيو، ته اهڙي قسم جو سوال يا بحث حاجي خان لغاريءَ جي موت
ڪانپوءِ پڻ شروع ٿيو هو، جنهن جون زمينون ڪڇي واري پرڳڻي ۾ هالار جبل ويجهو
موجود هيون. اُهو پرڳڻو سنڌو درياءَ جي مٿاهين حصي ۾ تراڪڙي سطح وارو هو. مٿيون
زمينون درياهه يا ڪنهن ٻئي واهه کان به گهڻو پري هيون، جتي درياهه يا ڪنهن واهه
جي ڪابه پهچ نه هئي، ۽ انهن زمينن تي برسات ۾ وهي ايندڙ نَئن گاج جي پاڻيءَ تي

پوک ٿيندي هئي ۽ پاڻيءَ کي ڪَنو ڪرڻ لاءِ بَند ڏيئي پاڻي محفوظ رکيو ويندو هو. ڪيپٽن پريڊي اڳيئي سفارش ڪئي هئي، ته ڪنهن به جاگيردار کي زمين مڪمل طور ان شرط هيٺ ڏني وڃي، ته هو بَندن کي سُٺي حالت ۾ رکندو، ۽ ساڳئي مهاڳي ۾ موجود زمين کي جهنگ کان صاف ڪندو ۽ اُن زمين ۾ پوک به ڪندو. پر سر چارلس نيپيئر اها جاگير "واڌو زمين حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ ۽ آمدنيءَ جي چوٿين پتي تخفيف ڪرڻ وارن شرطن" هيٺ اُها شرطي جاگير منظور ڪري ڏني هئي.

ڪيپٽن رٿبورن پنهنجي بيان ۾ چاڻايو، ته سر چارلس نيپيئر، نومڙين ۽ جوکين طرفان "ميداني ۽ ڪوهستاني ايراضي بنجر" ڪوٺڻ بابت دعويٰ قبولڻ کان انڪار ڪيو هو، ۽ هن جو اصل اهم مقصد انهن حقن ۾ ڏر ٿيڻ نه هو، جنهن بابت ڪڏهن يا ڪو ماڻهو شايد اهو ثابت ڪري ها، ته اُهي زمينون، "حڪومت ۽ ماڻهن ٻنهي جي مستقبل مفاد لاءِ ضروري آهن."

تنهن ڪانسواءِ، هي جاگير بلڪل تازوئي منظور ڪئي وئي هئي، ۽ ان سان ڪو به موروثي تعلق جڙي نه پئي سگهيو، ۽ ڪيپٽن رٿبورن هي سمجهي نه سگهيو، ته وقتي ڪليڪٽر جن قائدن ۾ ڦيرڦار جي وڪالت ڪئي هئي، تنهن کي ٻين سردارن سان نوازش ڪرڻ ڪانسواءِ، ڪيئن ٿو قبولي سگهجي. هن جي خيال ۾، انهن سردارن مان ڪيترائي سردار "غيبي خان کان وڌي حيثيت" وارا هئا. تنهنڪري هن تجويز ڏني، ته سر چارلس نيپيئر طرفان نومڙين جي مامري واري مثال پٽاندر، چانڊيا سردار کي گڏريل پنجن سالن تائين سموري زمين آباد ڪرائڻ واسطي، ڍل ڏيڻ ڪانسواءِ زمين پوکڻ جي اجازت ڏني وڃي. ۽ نيٺ مسٽر پرنگل انهيءَ خيال سان سهمت ٿيو. (39) تنهن هوندي به هن وقتي ڪليڪٽر جي سفارش سان هڪ سؤ رپئي جي قيمتي بندوق جي سوکڙيءَ سميت اها جاگير ٻيهر منظور ڪري ڏني.

بهرحال، غيبي خان ڪنهن به صورت ۾ هن فيصلي تي راضي نه ٿيو، ۽ جڏهن سنڌس زمين جي ماپ شروع ٿي، ته هن لاڙڪاڻي آيل ڪمشنر سان روبرو ملي ڪيس درخواست ڏني ۽ ماپ بند ڪرڻ لاءِ چيو، جيڪا ڳالهه اڳي ڪڏهن به نه ٿي هئي.

مسٽر فريئر 4 مارچ 1851ع تي رپورٽ ڏيڻ لاءِ درخواست ڪليڪٽر ڏانهن اماڻي، جنهن موٽ ۾ وراڻيو ته، "چانڊيا جاگير جي واڌو زمين تحويل ۾ وٺڻ بابت" اختيارين تحقيقات پئي ڪئي ته، "حڪومت کي منجهانئس ڪو به فائدو نه هو." ۽ نتيجي ۾ اُن عمل سان سردار ۽ سنڌس قبيلي ۾ حڪومت کان ناراضگي ۽ ڪاوڙ پيدا ٿي هئي، ۽ قاعدا لاڳو ڪرڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي." هن دليل ڏيندي چيو، ته غيبي خان

وٽ پنهنجي قبيلي جا پنجن کان ڇهن هزارن تائين ماڻهو آهن، جيڪي گهڻو ڪري سندس جاگير ۾ رهن ٿا. ۽ مسٽر پرنگل جي فيصلي تحت جاگيردار پنهنجي جنهن ايراضيءَ کان محروم پئي ٿيو، تنهن جو هُن ڪاٺو لڳايو، ته اُها ايراضي شايد ڏيڍ لک بيگهه جي ٽين پتي وجي بيٺي. بهرحال، جاگير آبادي لائق ۽ غير آباد ايراضيءَ جي حصن ۾ ورهجي نه سگهي، جو پاڻ ۾ ڳنڍيل اهڙي ايراضيءَ جي ورڇ ڪي ايڏو سولائيءَ سان قبوليو وڃي، ۽ تنهنڪري هي ضروري ٿيندو، ته سڄي ضبط ڪيل ايراضيءَ جي برابر، ڪنهن ايراضيءَ جي هڪڙي پاسي کان وڏو حصو حڪومت پنهنجي تحويل ۾ وٺي. ڪليڪٽر چيو، ته انهيءَ عمل سان جاگيردار جي حيثيت، قلات علائقي جي انهن سردارن جي ڀيٽ ۾ گهٽجي ويندي، جن جون زمينون سندس مهاڳي ۾ آهن. (40)

انهيءَ نقطي تي هن اُتر سنڌ سرحد جي پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ کان ڄاڻ ورتي، جنهن سموري لکپڙهه پڙهڻ کانپوءِ پنهنجو نتيجو ايئن ظاهر ڪندي چيو ته، ”چانڊيا جاگيرون ۽ چانڊيا قبيلو هڪ خاص هنڌ رهن ٿا. تنهنڪري انهيءَ سوال جو خاص حيثيت سان فيصلو ڪرڻ گهرجي.“ چانڊيا سردار کي هن جي والد جي تحويل ۾ آيل سموريون زمينون، سندس حياتي لاءِ سَند هيٺ منظور ڪري ڏيڻ گهرجن.“ پر جاگير جي سَند ۾ هي شرط واضح طور لکيل هجن، يا منجهانئس هي مطلب نڪري، ته حڪومت اها جاگير ٻيهر پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ جي حقدار هوندي: يا ”جن شرطن هيٺ به اها جاگير سندس تحويل ۾ آهي، سا حڪومت غيبي خان جي موت يا هن توڙي سندس قبيلي طرفان ڪنهن به سطح جي غلط حرڪت روا رکڻ واري حالت ۾، منجهس تبديلي يا ڦيرو آڻي سگهندي.“ (41) مسٽر فريئر، مسٽر جيڪب سان سهمت ٿيو ۽ حڪومت کي سفارش ڪئي ته، ”هن طرفان جيڪو طريقو تجويز ڪيو ويو هو، تنهن کي جاگيرن جي عام طور عمل جوڳي مثالن جيان نه، پر خاص حالت تحت اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن بابت هن جو خيال هو، ته اُهو مناسب نه هو.

”قبيلي جي اڪثر ماڻهن وٽ ڪيتريون ئي قيمتي زمينون آهن، پر ڪين انهن جي اهميت جي ڄاڻ نه آهي، جڏهن ته منجهانئن حڪومت کي نفعو ملي سگهي ٿو. روينيو جي جيڪا رقم معاف ڪئي وئي آهي، سا جاگيردار جي اهميت جي ڀيٽ ۾ گهٽي اهميت جوڳي آهي، ۽ جاگيردار جي تحويل ۾ آيل زمينون، ڪنهن به قسم جي سڌاري، جهڙوڪ آبپاشيءَ جي ڦهلاءَ ۽ وهڪري کان لاچار آهن، ۽ ايڏي وڏي جاگير ڪنهن ڀينگڻي جاگيردار جي هٿ ۾ اچي وڃڻ سان اڪثر ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ ٿئي ٿي.“

(Ustillah) پڻ ڏيکاريل آهي، جيڪا ٻه هزار بيگهه تي مشتمل آهي، جنهن جي اصليت جو ڪيپٽن پيلي اڃا تائين سراغ لڳائڻ ۾ واضح طور ڪامياب نه ٿيو آهي، ڇوته هن جاگيردار جو خانو اڃان تائين خالي ڇڏيل آهي. هن جاگير کي شڪارپور جي ڪليڪٽر نه ڄاڻايو هو، ۽ فارسي رڪارڊ مان پڻ اها ڄاڻ نٿي ملي، ته هي ملڪيت غيبي خان جي قبضي ۾ ڪيئن آئي. ڪيپٽن پيلي، ڪورٽ آف ڊائريڪٽر ڏانهن اُماڻيل خطن جو حوالو ڏنو آهي، هن پاڻ کي ڪنهن سفارش ڪرڻ جو گهرجاءُ محسوس نه ڪيو آهي، جو اها جاگير پوليٽيڪل ڪاتي جي دنگن ۾ آئي پئي. بهرحال، هن ان حقيقت کان لنوايو آهي، ته هي جاگير ان کان اڳ حڪومت جي ڌيان ۾ نه آيل هئي، ۽ گڏوگڏ مير مراد علي جي سَند ۾ پڻ ان جو ذڪر نه هو. ميجر گولڊسمڊ پڻ مير مراد علي طرفان ڏنل جاگير ۽ هن جاگير وچ ۾ ڪو ويڇو نه رکيو، ۽ موڪليل خطن جو حوالو ڏيندي چيو، ته غيبي خان جي جاگير جي ايراضي ٻه لک ڇانوي هزار اوڻونجاهه بيگهه هئي، جيڪا تعلقي رول ۾ درج ٿيل هئي، تنهن کي شايد ”اڳي ڄاڻايل پهرين دؤر جي شرطن هيٺ، موروثي پهرين ڪلاس ۾ حڪومت طرفان ڏنل جاگير سمجهيو وڃي.“ مسٽر ايلس ان سفارش سان سهمت ٿيو. هن چيو، ته 1818ع کان پراڻين تاريخن ۾ غيبي خان جي جاگير نه ڄاڻائڻ واري سبب کي، شايد ان حقيقت جي روشني ۾ ڏسڻو آهي، ته تنهن سال تائين سرحدي سردارَ ڪنهن بالادست شخص يا حڪومت جي طاقت مڃڻ لاءِ مناسب طور مجبور نه ٿيا هئا، ۽ جڏهن برطانوي حڪومت جي خرچ تي کوٽجندڙ ۽ ڪاٽي ڪڇندڙ واهن وسيلي زراعت نه وڌي هئي، تنهنڪري قلات جي خان واري علائقي تي لاڳو ٿيندڙ قائدو، غيبي خان جي جاگيرن تي پڻ لاڳو ٿي پئي سگهيو، جيڪو هوند رٿيل پيداوار جي ٽيڪس جو رڳو اڌ وٺي ها، ۽ ٻيو اڌ حصو برطانوي حڪومت کي ملي ها.“ بمبئي حڪومت هن جاگير کي موروثي طور منظور ڪرڻ ۾ ڪجهه هٻڪ محسوس ڪئي، پر نيٺ فيصلو ڪيو، ته جيڪڏهن مسٽر ايلس طرفان حڪومت ڏانهن اُماڻيل قائدو سختيءَ سان لاڳو ڪيو ويندو، ته حڪومت جي مفادن ۾ ڪابه گهٽتائي نه ٿيندي يا گهاٽو نه پوندو. بهرحال، جيئن ته سردار جي حيثيت ڏاڍي نرالي هئي، تنهنڪري هن تجويز ڏني، ته شايد هر موروثي جاگير تي نذرانو مڙهي سگهجي ٿو. تنهنڪري، هندستاني حڪومت جاگير تي کي غيرمعمولي شرطون مڙهڻ کي ڏاڍي ڏکيائي سان اهميت جوڳو سمجهيو.

غيبي خان واريءَ سَند ۾ غيبي ديرو، مرزا پور، ۽ ڪڙي اُستيلاه جون تي مڪمل جاگيرون، ”جوڙيل دنگن پٽاندر،“ سموري جمع بندي (ڊل) کان آجيون، اسڪولن ۽

روڊن لاءِ پنج سيڪڙو ڪانسواءِ، حڪومت طرفان مناسب سمجهڻ تي، هرهڪ موروثي حصي تي ٻه هزار رپين کان وڌيڪ نذراني جي ادائيگي واري شرط هيٺ، دائمي جاگيرن طور وارثن جي نالي ڇاڙايل هيون. انهن تن جاگيرن جون ايراضيون تعلقي رول مطابق ڏنيون ويون- پر ريمارڪس واري خاني ۾ لکيو ويو، ته انهن جاگيرن جو ڪاٿو ڪاردار 1853ع ۾ لڳايو هو. هي پهريون جاگيردار آهي، جنهن جو وارث، سند موجب نذرانو ڏيڻ جو پابند آهي.

انهيءَ وقت جڏهن سند ڏني وئي، تڏهن ان ڳالهه کي ياد نه ڪيو ويو، ته غيبي خان تي پنهنجي جاگير جي اولهندي پاسي واري ڏهر يارو ٽڪريءَ جو قبضو ڇُتا قبيلي کان وٺڻ لاءِ هٿياربند ماڻهو موڪلڻ جو الزام هو. تنهنڪري، ان ٽڪريءَ کي هزهائينس خان آف قلات جي علائقي سان ڳنڍيل هئڻ جو اعلان ڪيو ويو، پر ان ڏس ۾ رپورٽ اماڻڻ ۾ دير ٿيڻ سببان، غيبي خان کي 10 مارچ 1862ع تي رڳو چتاءُ ڏنو ويو، ته هو پيهر اهڙو ڏوهه نه ڪندو.

ڪمشنر پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو ته (45)، ”برطانوي حڪومت چاهي ٿي، ته سندس جاگيردار هوند خوشحال ۽ سُرها رهن، پر انهن کي حڪومت جا سچا رعيت ۽ وفادار رهڻ گهرجن، ۽ ڪين وفادار ۽ سچو ٿيندي حڪومت جي قاعدن قانونن جي پابندي ڪرڻ گهرجي، ڇوته حڪومت ڏاڍ، اگرائي ۽ ڏقيڙ جي اجازت نٿي ڏئي.“

## (11) فضل مري مرحوم جنهن جا وارث ڪريمداد ۽ امام بخش مري ٿيا.

### خانداني شجرو

حاجي زئي مرين جو مڪمل خانداني شجرو، جنهن سان مٿيان جاگيردار واسطو رکن ٿا، تن جو وڌيڪ ذڪر هن قبيلي جي سردارن سان واسطو رکندڙ حصي ۾ ڪيو ويندو. هتي هيٺ سنڌن مختصر خانداني شجرو ڏجي ٿو. (46)




### سماجي حيثيت

مير نصير خان جي فضل جي ڀيڻ سان شادي ٿيل هئي، جيڪا مير عباس علي جي ماءُ هئي. ڪيپٽن اسٽئڪ مطابق ”هي آڪهه ڀرين معتبر ۽ اهميت جوڳي گهراڻن منجهان آهي.“

## زميني ملڪيت

چار اميرن طرفان هيٺيون عهدنامو جاري ڪيو ويو، جنهن تي عام رواج جيان رکو مير فتح علي جي مهر لڳل آهي، ۽ مٿس 17 شعبان 1204ھ يا 1789ع جي تاريخ لکيل آهي.

"اميرن فتح علي، غلام علي، ڪرم علي ۽ مرام علي پنهنجو "بلوچي وچن ۽ واعدو" هيٺين ريت ڪيو هو:

"مڪان چٺراٽ، کيتي ڪورائي سميت، جيڪا سائنس مُهاڳي ۾ آهي، سا نواب خان (47) جي قتل جي قصاص هيٺ، مقرر ڪيل تاريخ کان شاهڪ، ڪريمداد، مرزو ۽ مير حسن مري کي "بقرار جاگير" جي صورت ۾ "امداد شود" عطا ڪئي وڃي ٿي. مٿي ڄاڻايل مري، اُها جاگير پنهنجي قبضي "مدام و مستدام" ۾ رکندي، منجهانئس هر مَند جي پيداوار ماڻيندا رهندا. اسان ۽ اسان جا وارث (اولاد)، انهي جاگير جي منظوري ڏيندا، پوءِ پلي اهي يا سندن وارث (اولاد) اسان جي ملازمت ۾ رهن يا نه رهن. تنهنڪري جيڪا زمين کين ڏني وڃي ٿي، سا ڪڏهن به حڪومت واپس موٽائي نه وٺندي. اهي پروانو عهدنامي جي حيثيت سان لکجي ٿو."

اهڙيءَ ريت، نيٺ هن عهدنامي جي، مير فتح عليءَ جي ساٿين ۽ وارثن طرفان، سنڌ جي فتح واريءَ تاريخ تائين منظوري ملندي رهي.

1795ع ۾ ڪريم داد جي وفات ڪانپوءِ، سندس ڀاڱي جي پٽي سندس وارث پيائنين کي ملندي رهي. منجهانئن هڪڙو شاهڪ 1800ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جي پٽ علي مراد کي سندس هڪ ڀاڱي تي پٽي ڏيڻ قبولي وئي. منجهانئن ٻيو مير حسن علي هو، جيڪو 1819ع ۾ گذاري ويو ۽ سندن تي پٽ، جن مان فضل سيني کان وڏو هو، پاڻ ۾ نجي نبيري هيٺ، هڪ ڀاڱي تي پٽي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون، پر اُن نبيري جي ٽالپر حڪمران کان منظوري نه ورتي وئي. علي مراد اولاد بنا 1829ع ۾ گذاري ويو، مير نصير خان سندس حصو ڪريمداد کي ڏئي ڇڏيو، جيڪو فضل جو وڏو پُٽ هو.

جاگيردار جي بچي ويل وارثن مان مرزو 1831ع ۾ گذاري ويو. سندس پُٽن، جنهن مان وڏو امام بخش هو، تنهن پنهنجو هڪ ڀاڱي تين پٽي نجي نبيري هيٺ، اميرن کان منظوري وٺڻ کانسواءِ، چئن پَٽين ۾ ورچي ڇڏي. فضل جو ڀاءُ محبت ڪنهن پُٽائي اولاد بنا اپريل 1851ع ۾ گذاري ويو، تنهن پنهنجي پيءُ جي هڪ ڀاڱي تي پٽيءَ مان، پنهنجي ڏوهٽي تاج محمد کي، جنهن کي هُن پنهنجي پُٽ جي حيثيت سان پاليو هو، هڪ ڀاڱو تي پٽي وصيت موجب حوالي ڪئي. پر اُها پٽي ڪليڪٽر

ڪراچي حڪومتي قبضي ۾ وٺي ڇڏي. جنهن وقت سمورا ڪٽنبي حق مُنجهيل هئا، تنهن وقت فضل پاڻ بہ 14 مئي 1853ع تي لاڏاڻو ڪري ويو، پوءِ ڪيپٽن اسٽئڪ آڏو سچو مامرو پڌرو ٿيڻ تي هن سفارش ڪئي، تہ نجي ورهاست کي نظرانداز ڪرجي، ۽ سرڪاري نبيري واري طريقي جي تجويز ڏني، جنهن جي ڪمشنر منظوري ڏئي نہ سگهيو. مسٽر فريئر جو خيال هو، تہ جيئن تہ اصلي سَند چئن فردن جي نالي تي، ذاتي خدمتن جي خيال کان، پاڳن ۾ خاص ورچ ڪانسواءِ، ڪنهن بہ شڪ شبهي بنا منظور ڪئي وئي هئي، تنهنڪري جيستائين جاگيردار جي اصل پائيوار جا حقي مرد وارث موجود آهن، يا منجهانئن ڪوبہ هڪ وجود رکي ٿو يا جيئرو آهي، تيستائين حڪومت طرفان ڪنهن بہ پٽيءَ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ ”مناسب نہ آهي.“ مير نصير خان طرفان ڪريمداد جي خاص ميجتا ڪي، وارثن جي حقن جي خلاف، قطعي فيصلائتي ڳالھ نہ سمجهيو ويو، جو ڪريمداد پاڻ بہ انيڪ وارثن منجهان هڪڙو وارث هو، ۽ جيئن تہ 1795ع ۾ سندس هڪڙي پائيوار وارث جي موت ڪانپوءِ، سندس حصو وارثن ڏانهن منتقل ٿي ويو هو. تنهنڪري هُن تجويز ڏني، تہ ڪورائي توڙي چٺراڻ جي مڪمل پوري جاگير سوڌي ڪليڪٽر ڪراچي طرفان حڪومتي قبضي ۾ ورتل حصي سميت، ”اصل جاگيردار جي قانوني مرد وارثن ۾ موروثي طور“ منظور ڪئي وڃي ۽ فضل ولد ڪريمداد ۽ مرزو ولد امام بخش، جيڪي جاگيردارن جا وڏا وارث آهن، جا نالا،“ چوٿين پٽيءَ جي تخفيف بنا، برقرار رکيا وڃن، ڇوتہ اها جاگير ڪا خدمتي جاگير نہ آهي ۽ ظاهري طور مستقل نوعيت جي آهي. (48)

مسٽر فريئر جو خط انعام ڪمشنر مسٽر سي. جي. مينن ڏانهن موڪليو ويو، جنهن جاگير جي پڪيڙ ۽ ايراضي، عهدنامي ۾ ”وارثن“ بابت واپرايل تُز اصطلاح بابت پڇاڳاڇا ڪئي هئي، ۽ سفارش ڪئي، تہ رجسٽرڊ ۾ هينئين واڌارو بزرگ وارثن جي نالن تي ڪيو وڃي: ”۽ جاگير وٺندڙ اصل چئن جاگيردارن جي خاندان منجهان ٻين مرد توڙي عورت وارثن (يا رڳو مرد، جيئن بہ حالت هجي).“

وقتي ڪمشنر مسٽر بيلاس، ڪيپٽن گولڊسمڊ وٽان هڪڙي رپورٽ گهرائڻ ڪانپوءِ ان خيال جو هو، تہ سَند ۾ واپرايل ’اولاد‘ جي اصطلاح جو مطلب سختيءَ سان ”مرد وارث“ آهي ۽ اِهو تہ رجسٽر جي مٿين جاٽابيل شق ۾ واڌارو ٿيڻ منجهان شايد اهو مطلب نڪري، جيڪو ٻين مامرن ۾، جتي اهڙو تفصيل داخل نہ ڪيو ويو آهي، دعويدارن جي حقن لاءِ هاڃيڪار هجي، جنهن مان پوءِ ڪو مامرو ڪڙو ٿي سگهي ٿو ۽ وري اختلاف سامهون اچي.“ جاگير جي ملندڙ محصول، واهہ جو خرچ تخفيف ڪرڻ

ڪانپوءِ 1712 رپيا هو، ۽ جاگير جي ايراضي ويهه هزار 880 بيگهه ڄاڻائي وئي. (49)

حڪومتي ٺهراءُ هيٺين ريت ڄاڻايل آهي: (50)

”انهيءَ ڏس ۾ جاگير جي منظوريءَ کي اُن ورهايل ۽ مجموعي طور تسلسل جوڳو هجڻ جيان ڏسڻ گهرجي. هز لارڊشپ، ڪائونسل ۾ ان تي متفق آهي. حڪومت به مسٽر فريئر جي تجويز ڪيل نبيري منظوري ڏئي ٿي. انهيءَ نبيري جو اهو اثر ٿيندو، جو ديواني عدالت جي فيصلائتي حڪمنامي وسيلي ڪٽنب طرفان جاگيرن جي ورچ کي روڪيو ويندو، ۽ حقيقت ۾ جن ماڻهن جي فائدي لاءِ اها جاگير منظور ڪئي ويئي هئي، تن جي خاندان وارن تي اها جاگير ڪنهن ٻئي جي نالي تي نه ڪرڻ وارو شرط لاڳو ٿيندو. ۽ ان ۾ وارث مرڻ وارين حالتن ۾، روينيو آمدني حڪومت ڏانهن واپس ٿيڻ جي پڪ ڪئي ويندي. ۽ ڪنهن ٻار کي نپائڻ يا غيرقانوني وارث بابت وراثت واري دعوي کي اڳتي نٿو وڌائي سگهجي.... هن حڪومت طرفان منظور ڪيل جاگيرن جي افاديت هي آهي، ته بيشڪ سنڌ جي جاگيرن ۾ نبيري وارن دعوائن بابت ڪمشنر جي رٿائن تي قائدن جي منظوري ڏيڻ، هندستاني حڪومت تي واجب آهي.

هن ٺهراءُ موجب، ڪيپٽن پريڊي طرفان حڪومت جي تحويل ۾ محبت خان جو ورتل حصو، جاگيردارن کي بحال ڪيو ويو، پر ان جي ورچ اندروني ڏقيڙ ۽ ڪتراڳ جو وسيلو بڻجي وئي. ڪريمداد سڄي حصي جي دعوي ڪندي، مرحوم جي وڏي پٽ فضل کي اڳيان آندو هو. ننڍو پٽ سهراب، جيڪو تڏهن جيئرو هو، پڻ برابر حصي جي دعوي ڪئي هئي. ڪيپٽن گولڊسمڊ، جڏهن مامرن کي اُڪلائڻ بابت دوري تي هو، تنهن پنهنجون صلاحيتون سٺي طريقي سان واپرايون ۽ خانداني نبيري هيٺ ڌرين کي ٺاهڻ ۾ سوڀارو ٿيو، جنهن هيٺ ڪريمداد ستن پتين مان ٽي پتيون، پنهنجي چاچي کي بحال ڪيل زمين جي پيداوار منجهان، مليل آمدني مان ڏيڻ تي راضي ٿيو. ٺاهه جو دستاويز ڪيپٽن گولڊسمڊ آڏو پيش ٿيو ۽ هن کي ڪمشنر ڪان شاباس ملي، جو هن هڪ معزز ڪٽنب جي ملڪيتي مسئلي ۾ پئجي، مامري کي سُلجهائڻ دوران ڏاڍي تڪليف ۽ پريشانيون سَٺيون هيون، ٻي صورت ۾ اها ملڪيت اجاين مقدمن ۾ ضايع ٿي وڃي ها. (51)

ڪراچي جي ڪليڪٽوريٽ رول ۾، ڪيپٽن پيلي دادو ۾ ڪورائي ۽ چنڙات وارين سموري زمين داخل ڪئي، جنهن جي ايراضي سترهن هزار 193 بيگهه ۽ ارڙهن ويسوا هئي.

1845ع ۾ جاگير جي ماپ ڪئي وئي ۽ پتو پيو، ته اها ايڪيتهه هزار اٺهٺ (مير

نصير خان جا بيگهه) هئي، ۽ محبت خان وارو حصو، جيڪو 1851ع ڪليڪٽر طرفان حڪومتي تحويل ۾ ورتو ويو هو، تنهن جي ايراضي 2609 بيگهه ميراٿي ۽ ارڙهن گهنٽا هئي. 1858ع ۾ ميجر گولڊسمڊ طرفان فرسٽ ڪلاس جاگيردارن جي حڪومت وٽ پيش ڪيل بيان ۾، چنراٿ واري جاگير ۽ ڪورائي واري جاگير مورو ۾ ڏيکاري وئي، ۽ انهن جي ايراضي ارڙهن هزار 809 نيپيئرين بيگهه ۽ 5787 نيپيئرين بيگهه ترتيبوار داخل ڪئي وئي.

## (12) الهداد گبول

### زميني ملڪيت جي اصليت ۽ زمين جو نبيرو

هن جاگيردار کي، گورنر جنرل جي 1847ع واري حڪمنامي هيٺ، راڻيءَ جي ڪوٽ (يا رني ڪوٽ) ۾ ٿورڙي زمين 14 نيپيئرين بيگهه دائمي جاگير طور ڏني وئي هئي. جڏهن ته مسٽر ايلس هن جاگير جي منظوريءَ لاءِ تجويز ڏيندي چيو، ته جيئن ته اها زمين ڪوهستان واري علائقي ۾- هڪڙي بيابان رستي تي موجود آهي، جنهن جو زميني ٽڪرو ڏاڍي محنت ۽ پورهئي سان پوکيو ويو هو. پوءِ، ان تجويز کي منظور ڪيو ويو.

### جاگيردار جو موت

هي جاگيردار 1876ع ۾ پويان ڪو مرد وارث ڇڏڻ بنا گذاري ويو ۽ هن جي زمين حڪومتي تحويل ۾ هلي وئي. (ڏسو: ڪليڪٽر ڪراچيءَ جو دستاويز نمبر 2686: تاريخ 19 جنوري 1877ع)

## (13) مخدوم حامد گنج بخش

### خانداني شجرو

هن جاگيردار جو خانداني شجرو هيٺين ريت آهي:

مخدوم حامد گنج بخش
|
شمس الدين
|
مخدوم حامد گنج بخش

### سماجي حيثيت

هي ڪٽنب بهاولپور رياست جي علائقي اُچ ۾ رهندڙ هو ۽ چيو وڃي ٿو، ته هنن جي وڏي ساک، عزت ۽ مانُ مرتبو هوندو هو. 1847ع ۾ نواب بهاولپور، جاگيردار جي زمين تي مَڙهيل ڪجهه ڍلن ۾ ڇُوٽ ڏيڻ لاءِ، ڪمشنر سان رابطو ڪري ڪيس مداخلت ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي، ۽ پوءِ مسٽر پرنگل حڪم ڪيو، ته ڪانئس ورتجندڙ اُهي ڍلون ختم ڪيون وڃن. (ڏسو حڪم نمبر 12، 3 جنوري 1848ع)

### ملڪيتي حيثيت

ميجر گولڊسمڊ لکيو ته، "اهو ٻڌائجي ٿو، ته ڪيترن ئي سالن کان- شايد ڪلهوڙن واري دؤر کان وٺي- هن مخدوم جي خاندان جي تحويل ۾ قادرپور ۾ وڏي جاگير رهي آهي: ايئن، 15 فيبروري 1791ع تي مير سهراب طرفان جاري ڪيل سَند مان پڌرو آهي، ته جيڪا سَند پنهنجو پاڻ به سنڌ جي برطانوي فتح کان به اٽڪل پنجاهه سال اڳاتي آهي. قادرپور واري جاگير ۾ 6785 بيگهه زمين داخل ڪئي وئي، جيڪا گهوٽڪي تعلقي ۾ موجود آهي.

### جاگير جو نبيرو

مسٽر ايلس، ميجر گولڊسمڊ سان سهمت ٿيو، ته جاگير کي اول درجي جو رُتبو ڏنو وڃي، ۽ جيئن ان تجويز کي منظور ڪيو ويو، ته اها جاگيردار جي سَند نمبر 98 ۾، سندس آکهه جي پُٺاڻي وارثن جي نالي تي "ان جاگير جي قدامت کي سامهون رکندي" رواج جيان سڄي ديهه قادرپور منظور ڪئي وئي.

## (14) سالار لکي

### خانداني شجرو ۽ حيثيت

ميجر گولڊسمڊ شڪارپور تي پنهنجي لکيل يادداشت نامي جي صفحي سورهن تي، نورمحمد ڪلهوڙي طرفان شڪارپور تي قبضي ڪرڻ جو احوال ڇاڻائي ٿو ۽ بروهي فوجي مهم، جنهن ۾ سندس ليفٽيننٽ مُراد گُنگا طرفان ساراهه جوڳا ڪم ڪرڻ سببان ڪيس واڍايون ملڻ جو حوالو ڏيندي، "شهداد خان ٽالپر جي پُٽ مير بهرام، شاهه بهارو ۽ راجا لکي جي سُٺين خدمتن جي واکاڻ ڪئي آهي. سالار لکي، هن راجا جو پوٽو هو، جيڪو ڪلهوڙا دربار ۾ نمايان حيثيت وارو خليفو يا نائب هو. (52) راجا جا نَوَ پُٽ هئا، جنهن مان هڪڙي جو نالو بلاول هو، جنهن جي نالي تي سيوهڻ ۾ بلاول پور ڪوٽ بَڌو ويو هو ۽ پيو سالار جو پيءُ تاجو هو، جنهن متياري ۾ تاجپور بَڌرايو هو، "راجا ۽ سندن ڪٽنب وٽ، ان ڳالهه ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ سيري ۽ ديراداري ۾ آيل وڏيون جاگيرون هيون، ۽ هين منجهه سنڌائي جو سڄو پرڳڻو بہ شامل هو." (53)

### زميني ملڪيت

سالار لکي، ميجر گولڊسمڊ کي ٻڌايو، تہ ٽالپرن جو حڪومتي طاقت ۾ اچڻ ڪانپوءِ سندس مِٽ مائٽ ملڪ مان ڀڄي ويا هئا. بهرحال، هو ۽ بلاول واپس موٽي آيا ۽ مير سهراب طرفان 11 جون 1809ع تي جاري ڪيل هڪڙي سَند هيٺ پلاٽو مڪان جو علائقو ان شرط سان ڪٽ تي ورتو، تہ اُها جاگير، پنهنجي خرچ تي هڪڙو واهه کوٽائي، آباد ڪري پوکي هيٺ آندي ويندي ۽ حڪومتي زميندارن جي پيٽ ۾ ٻيا ملازم يا هاري رکيا ويندا. پوءِ، اُها جاگير مير علي مراد طرفان 11 سيپٽمبر 1844ع تي منظور ڪئي وئي ۽ وري هز هائينس علي مُراد کان نوشهرو واپس وٺڻ کانپوءِ، ڪمشنر جي 8 مارچ 1853ع تي جاري ڪيل حڪمنامي هيٺ، اها جاگير سالار جي نالي منظور ڪئي وئي.

### جاگير جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ، نوشهرو فهرست (Roll) ۾، سالار لکيءَ لاءِ ٻئي درجي جي موروثي جاگير جي سفارش ڪئي هئي، پر هن پنهنجي اول درجي جي جاگيردارن واريءَ

فهرست ۾ پڻ سندس نالو شامل ڪيو هو. جيئن ته جاگير نسبتي طور زرخيز نه هئي، ايراضي رڳو 218 بيگهه هئي، ۽ ڍل به ساليانيءَ رڳو سورهن روپيا هئي، ۽ جيئن ته، اڳوٽن ڏينهن ۾ هن ڪتنب جي سڄي ضلعي تي حڪمراني هوندي هئي، تنهنڪري مسٽر ايلس، ميجر گولڊسمڊ واريءَ سفارش جي تائيد ۾ ڪابه هٻڪ نه ڪئي ۽ اها نيٺ منظور ڪئي وئي.

## جاگيردار جو موت

سالار لکي 6 ڊسمبر 1865ع تي گذاري ويو.

جيستائين پٽي عرض جو واسطو آهي، تہ مسٽر فريئر تجويز ڏني، تہ ٽي سگهي تہ، پينشن هڪ هزار بيگهہ ايراضيءَ جي جاگير ڏيڻ واري وقت کان وٺي لاڳو ڪجي. بمبئي حڪومت اهڙيءَ ريت، "آنريبل ڪورٽ طرفان 4 اپريل 1849ع تي موڪليل دستاويز نمبر 6 هيٺ، بمبئي ۾ وصول ٿيندڙ تاريخ کان" يعني پينشن جي ادائيگي 5 مئي 1849ع کان منظور ڪئي. هندستان ۾ بغاوت واري سال، سيٺ ناؤمل برطانوي حڪومت جي مفادن لاءِ ائين ساڳي سچائيءَ سان جاکوڙ ڪئي، جيئن هن پنهنجي حياتيءَ جي اڳوڻي وقت ۾ ڪيو هو.

"واپارين سان هُن جي گهاٽن ۽ سُٺن لاڳاپن ڪارڻ، وٽس واپار جي وڏن مرڪزن ۾ لکپڙهہ ۽ اچ وڃ جا سمورا وسيلا موجود هئا، نہ رڳو سنڌ ۽ پنجاب ۽ وچ ۽ اُتر اوڀر هندستان ۾، پر انهن ملڪن ۾، جيڪي اسان جي سرحدن کان پري هئا، جيئن بصره، هرات ۽ بخارا. هن کي جيڪا بہ ڄاڻ ملندي هئي، سا هو حڪومت جي خدمت واسطي، ڪنهن شڪ شبهي بنا، سدائين اسان جي ڄاڻ ۾ آڻيندو هو. ۽ بغاوت وارن ڏينهن ۾ هُو 'عوامي ڀلائيءَ' بابت جيڪا بہ ڳالهہ ٻُڌندو هو، تنهن کي اسان تائين پهچائڻ ۽ رابطو ڪرڻ جي بہ سندس عادت هوندي هئي."

هن کي اهڙي مدد ڪرڻ واسطي گهُرايو نہ ويندو هو، جيئن هُن هينري پوٽنگر ۽ آئوٽرام لاءِ "ناٿو، ڪاٺي پيٽي جون شيون ۽ گاڏيون مهيا ڪرڻ" جون خدمتون انجام ڏنيون هيون. تنهن هوندي بہ هُو گهُربل ڪم کي خوشيءَ سان ڪرڻ لاءِ هُو بلڪل تيار رهندو هو. جڏهن بنگال آرمي طرفان بغاوت سببان حالتون ڏاڍيون خراب ٿي چڪيون هيون، تڏهن هوَ ان لاءِ بلڪل تيار هو، تہ ڪيس اجازت ڏني وڃي، تہ هو "مسقط ۽ زنجبار کان ڀاڙيتو عرب ۽ شيدي نيگروئن" کي ڀرتي ڪري فوج ٺاهي ۽ سنڌ ۾ آڻي. محترم فريئر سوچيو، تہ اهي خدمتون "حڪومت جي پُنيرائي ۽ مناسب خوشنودگي ۽ پسنديدگي جي اهڃاڻ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ٿينديون." تنهنڪري هن کي تڏهن ملندڙ پينشن، "ٻن وڌيڪ نسلن يا سندس پُٽن پوٽن تائين جاري رهڻ جي موڪل ڏيڻ گهرجي،" ۽ هن جيڪا زمين پوکي هئي، تنهن مان سُٺي زمين ڪيس چونڊڻ، يا هن ۽ سندس مرد وارثن طرفان وٽن گروي رکيل ٻارهن سؤ بيگهہ ايراضيءَ واري جاگير، دائمي طور ڊل کان آجي پنهنجي تحويل ۾ رکڻ جي وڌيڪ اجازت ڏني وڃي. (59)

بمبئي حڪومت، سيٺ ناؤمل طرفان گروي رکيل ايراضيءَ مان جاگير منظور ڪري ڪيس ڏيڻ واري عمل کي اڻ سونهندڙ ۽ نہ قبوليت جوڳو سمجهيو، ۽ تجويز ڏني تہ "جاگيردار جي صلاح سان ڪمشنر طرفان چونڊيل ٻين مناسب جاگيرن مان

جاگيرَ منظور ڪري ڏيڻ گهرجي." هنن ٻنهي خيالن کي سامهون رکندي مسٽر فريئر جي سفارش جي تائيد ڪئي، (60) هندستاني حڪومت "ٻن پيڙهين تائين پينشن منظور ڪئي، ۽ "سيٺ ناؤمل ۽ سندس مرد وارثن لاءِ سالياني ٻارهن سؤ رپين کان نه وڌيڪ جمعبندي واريءَ جاگير منظور ڪري ڏني. (61)

ناؤمل طرفان چونڊيل زمين تعلقي سيوهڻ جي ٽپي تلٽي ۾ ديهه ديرادوري ۾ موجود هئي. اها ڏهه هزار 457 بيگهه تي مشتمل هئي، جنهن ۾ 4157 بيگهه لوٽياڻي ۽ پوکجڻ جي قابل نه هئي، جڏهن ته اٽڪل ساڍا ٽي هزار نه پوکيل پڪا بيگهه، ۽ هڪ هزار نه پوکيل ڪچا بيگهه زمين هئي. 1859ع ۾ ربيع ۽ خريف واريءَ مُند ۾ پوکجندڙ ڪُل ايراضي 1591 بيگهه زمين هئي، ۽ حڪومت کي 60-1859ع لاءِ روينيو 1208 رپيا مليو. اڳين ٽن سالن جو تناسب روينيو 1347 رپيا هو. سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر سفارش ڪئي، ته جيڪڏهن اهو ڳوٺ منظور ڪري ڏنو وڃي، ته سيٽلمنٽ آفيسر طرفان اهو نبيرو ٿيڻ گهرجي، ۽ جمع بندي به ايراضي تي ڪئي وڃي، پوءِ ڀلي اُها غيرآباد يا ويساهي هجي، جنهن لاءِ سيٺ ناؤمل کي ان کي وڌائڻ جي اجازت نه ڏني وڃي يا سيٺ کي منجهس واڌارو آڻڻ جي ڇُوٽ نه ڏيڻ گهرجي. (62) ڪراچيءَ جي وقتي ڪليڪٽر جو ويچار هو، ته اهو ڏاڍو ضروري آهي، ته نئوبت واريءَ زمين جو وڏو وظيفو مقرر ڪيو وڃي، ڇوته زمين لوٽياڻي هئي، ۽ سيٺ کي جهنگ وڍائڻ ۽ گندگاهه ڪڍائڻ ۽ زمين کي سنوت ۾ آڻڻ تي گهڻو خرچ ڪرڻو پوندو. ٺٺنڪري هن سفارش ڪئي، ته سيٺ ناؤمل کي سڄي ديهه ان شرط تي سونپي وڃي، ته هو ڪنهن به صورت ۾ زميندارن جي رعايتن ۽ حقن ۾ هٿچراند نه ڪندو ۽ رڳو سرڪاري محصول وٺندو، جيئن اهو وڌائڻ بنا متن لاڳو ڪيو ويو هو. (63) هن موٽ ۾ ديهه "زمين جا دنگ، اوتارو، ايراضي، ڍل، اُپت وغيره جي وضاحت" ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، ته جيئن ٽي سگهي، ته ان کي "عام وضاحت واري سَند ۾ داخل ڪيو وڃي." (64) اها سموري ڄاڻ پهچائي وئي (65) ۽ سَند انهيءَ شرط سان ڪليڪٽر ڏانهن اُماڻي وئي، ته هو زمين کي پنهنجي تحويل ۾ وٺندو ۽ فارسي زبان ۾ ايراضي ۽ ڍل جو طريقيڪار هٿ اکرَ سان داخل ڪندو ۽ سَند جاگيردار کي سونپيندو.

سيٺ ناؤمل 3 ڊسمبر 1866ع تي ڪمشنر کي، پنهنجي جاگير وڏي پُٽ جي پيٽ ۾ ننڍن ٻن پُٽن کي سونپڻ بابت درخواست ڪئي. بهرحال، مسٽر مينسفيلڊ ان درخواست کي منظوري لاءِ حڪومت ڏانهن موڪليندي چيو، ته هن کي معافيدار تحويلدارن ۽ جاگيردارن طرفان اهڙي ساڳئي قسم جون درخواستون ملنديون رهن

ٿيون، پر هن سدائين کين انڪار ڪيو آهي، ڇوته هو پنهنجي پاڻ کي حڪومت طرفان لاڳو ڪيل قاعدن جو پابند پائي ٿو. معافيدارن (ڏل ڪان آجا) جي سلسلي ۾ لاڳو ڪيل حڪومتي نمراءِ (66) هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

"سارونين مان پتو پوڻ گهرجي، ته جاگير کي تسلسل ۾ رکڻ جو بنيادي مکيه مقصد سندس خانداني نالي جي حمايت ڪرڻ آهي ۽ اهو ته جيڪڏهن اُها زمين حڪومت ننڍڙن حصن ۾ ورهائڻ جي منظوري ڏيندي، ته اهو مقصد مات کائي ويندو.

جاگيردار جو ديهانت

سيٺ ناؤمل 16 سيپٽمبر 1878ع تي چالاڻو ڪري ويو.

## (16) سماتجي پُٽ جگوجي ۽ هبوجي پُٽ هجاجي

### خاندان ۽ حيثيت

جگوجيءَ جو پيءُ سماتجي، پارڪر جي راڻي رتن سنگهه جو چاچو هو. هن راڻي کي قتل ڪيو ۽ سندس سموري ملڪيت قبضي ۾ ورتي، پر نومبر 1832ع ۾ هو ڪجهه ڏاڙيلن سان ملي ويو، جيڪي ڪڇ جي اوڀرندي دنگ تان چوڙ وتان اٽڪل چار سؤ ڊور ڪٽي ويا هئا. هُو اُتي جي ڪڇ پوليٽيڪل ريزيڊنٽ طرفان ڪيپٽن رابرٽ جي اڳواڻي ۾ قورن کي سزا ڏيڻ لاءِ موڪليل فوج سان وڙهڻ کان نٽائيندي فرار ٿي ويو هو.

جگوجيءَ، ڪيپٽن رابرٽ جي فوج طرفان پارڪر ۾ گهڙڻ واري وقت کان وٺي، سنڌ جي فتح ڪانپوءِ برطانوي حڪومت کي نه ميڙڻ تائين جلاوطن رهيو. هُن کي ڪڇ ۾ رياستي قيديءَ جيان ڪاٺ ۾ رکيو ويو. ۽ پوءِ قيد ۾ هوندي به ڪيس روزانو وظيفي طور هڪ رپيو ڏنو ويندو هو.

بهرحال، 1844ع ۾، سر چارلس نيپيئر طرفان ڪيس ماهوار وظيفي جي پيٽ ۾، پارڪر جو ننڍڙو ڳوٺ پوڏيسر ڏنو ويو. ۽ ڪيس اُتي رهڻ جي موڪل ڏني وئي. هُو آگسٽ 1852ع تائين ڳوٺ ۽ پرپاسي مان مليل روينيو وٺندو رهيو. ۽ جڏهن هن ديهانت ڪيو، ته اُهو ڳوٺ حڪومتي تحويل ۾ هليو ويو- تنهن هوندي به سندس ڪجهه ويجهن مائٽن کي ڊل بنا ڪجهه معافي زمين پوکڻ لاءِ ڏني وئي. سندس پُٽ ۽ ٻين ننڍين مرد وارثن، 1854ع ۾ پارڪر ۾ آيل سنڌ جي ڪمشنر وٽ، حڪومت طرفان کين مليل زمين سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ خلاف اپيل ڪئي. اُن اپيل تي فيبروري 1861ع ۾ فيصلو ڪيو ويو. ۽ درخواست ڪندڙن کي ڄاڻايل ويو. ته گڏريل جاگير خاص ميجتا طور ڏني وئي هئي، تنهنڪري حڪومتي تحويل ۾ ورتل زمين کين واپس نٿي ملي سگهي. پوءِ راڻي ڪرنجي واريءَ بغاوت سببان سماتجي ۽ سندس پُٽن کي اهڙو موقعو مليو. جو هنن حڪومت لاءِ اهم ۽ ڪارائتيون خدمتون انجام ڏنيون ۽ کين پوڏيسر جي جاگير سميت پينشن پڻ ڏني ويئي، جيئن پاڳي ڇهين جي باب پهرين ۾ ڄاڻايل آهي.

### جاگيردار جو ديهانت

هَبوجي 22 ڊسمبر 1860ع ۾ ديهانت ڪري ويو ۽ سماتجي مارچ 1871ع ۾ چالاڻو ڪيو.

باب ٻيون

# چوياري يا ٽالپرن جي چار اهم گهراڻن جي جاگيردارن (1) جي يادگيرين جو تعارف

## جاگيرن جي نمايان اصليت

گورنر، سنڌ تي برطانوي قبضو ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، ٽالپر جي چار اهم گهراڻن سان وچن ڪيو، ته هو سندن ”جاگيرن جي نبيري ۾ ڪين ڪجهه خاص اهڙيون رعايتون ڏيندو، جيڪي ٻين جاگيردارن لاءِ ويچاريل نه آهن.“ هينئر ان موقعي يا ڪيل واعدن جي تُز اکرن يا اعلانن جو ڪو رڪارڊ موجود نه آهي، ۽ نه ئي ساڻن انفرادي طور ٿيندڙ واعدن جي ڪا پڪي خبر آهي، پر اهو اهڙو وچن ڪيل هو، جيڪو سر چارلس نيپيئر طرفان 1847ع ۾ جاري ٿيل اعلان جي شرطن ۽ قاعدن هيٺ سمورن سوالن کان متانهون ثابت ٿيل آهي، جنهن ۾ ميرن جي چئن گهراڻن جي فائدي ۾ ڪيل واعدي جو لڪت ۾ حوالو ڏنل آهي. (ڏسو مسٽر ايلس جي خط جي پيرا ستين.)

24 مارچ 1847ع تي جاري ٿيل مٿين نوٽيس ۾ هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

”هز ايڪسيلينسي، ٽالپرن جي چار گهراڻن جي ڏس ۾، جن جون جاگيرون سندن وارثن لاءِ، چوٿين پتيءَ جي تخفيف ڪرڻ بنا برقرار رکڻ جو وچن ڪيو آهي، اهو شرط انهن لاءِ آهن، جيڪي ادائيگي نتا ڪن يا سول خدمتون نتا ڏين ۽ انهن گهراڻن ۾ شهواڻي، شهداداڻي، خاناڻي ۽ مانڪاڻي شامل آهن، ۽ اُهي ويچارا (غريب) آهن ۽ سندن قبضي ۾ مير فتح عليءَ واري وقت کان وٺي يا ان کان اڳ، جاگيرون ۽ وراثتي خطاب موجود رهيا آهن، ۽ جن تي ڪڏهن به ڪو ڪتراڱ نه ٿيو آهي، تنهنڪري هنن جون جاگيرون، سندن سَند مان تاريخ ڏسڻ بنا، قاعدي موجب ٻيهر کين ڏنيون وينديون. اُها رعايت هنن سان سندن شاناڻي ۽ معزز رُتبي موجب ڪئي وڃي ٿي، ڳڏوڳڏ هنن کي وٽن موجود اڻ پوکيل زمين تان هٿ به ڪڻڻو آهي، جيڪا وڏي اهم ايراضي آهي.“ (ڏسو مسٽر ايلس جي خط جي پيرا 9)

جنهن جي زميني ملڪيت تمام ٿورڙي هئي، اهو ويچار هو. ته اڻ پوکيل زمين جي خيال کان هڪ پاڱي تي حصي جي تخفيف هوند مناسب ٿيندي، تنهنڪري هُن هڪ پاڱي چوٿون حصو پيداوار جي جاءِ تي حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ جي سفارش ڪئي.

## پيداوار جي چوٿين پنتيءَ جي پابندي جاري رکڻ؟

مسٽر ايلس انهيءَ خيال جي تائيد ڪئي. تنهن هوندي به هن لکيو: ”بن يا گهٽو ڪري مٿين تن مامرن ۾، هڪ پاڱي چار پيداوار بجاءِ تجويز هيٺ سرڪاري تحويل ۾ ورتل زمين تمام گهٽي ايراضي واري هوندي، تنهنڪري آءٌ انهيءَ ڏس ۾ ڪمشنر کي عرض ڪندس، ته هو اهڙن مامرن ۾ پنهنجا صوابديدي اختيار واپرائي، ته ڇا زمين جو هڪ پاڱي چار حصو سرڪاري تحويل ۾ ورتو وڃي، يا تحويل ۾ وٺڻ جوڳي زمين ان جاگيردار کي هڪ پاڱي چار جي ڪاتي پٽاندر، هڪ سال جي مُدي لاءِ ڪٽت تي ڏني وڃي يا نه. جيڪڏهن زمين جا دنگ ڪيل آهن، ته پوءِ مستقبل ۾ ڪنهن به وقت سرڪاري تحويل ۾ زمين وٺڻ جي ڏس ۾ ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي، ۽ جيڪڏهن اها حالت جاگيردار کي قبوليت جوڳي آهي، ته پوءِ آءٌ پاڻيان ٿو، ان کي اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ ۾ ڪوبه دليل نه آهي.“ (پيرا 37) مسٽر ايلس جي تجويز مطابق، مير علي محمد جي مامري ڪانسواءِ، هڪ پاڱي چار حصا زمين تخفيف ڪرڻ واري مامري جي انڊيا حڪومت منظوري ڏني، ۽ جيڪا منظوري هاڻي عام نبيري وارن سمورن مامرن ۾ تجويز ڪئي پئي وڃي.

## ڇا ميرن جا موروثي وارث غيرآباد زمين جي تخفيف ڪرائڻ جا حقدار هئا؟

هن پنجين سوال کي سُلجهائڻو هو. ته ڇا واقعي مٿي ڄاڻايل جاگيردار به پين جيان، اڻ پوکيل زمين جي خيال کان، ساڳي تخفيف ڪرائڻ جا حقدار آهن. انهيءَ ڏس ۾ مسٽر ايلس جو هيٺيون خيال هو:

”سر چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ ڪوبه مامرو يا واقعو سامهون نه آيو، ۽ هاڻي هڪ پاڱي تين حصي کي حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ وارو مامرو، اڳي جبري طور لاڳو ڪيل طريقي جي پيٽ ۾، جاگيردار لاءِ گهڻو فائديمند آهي، تنهنڪري منهنجي خيال ۾، جڏهن برطانوي حڪومت طرفان ڏنل پهرين جاگير ۾ هڪ پاڱي چار حصو جي تخفيف واري اهڙي مامري ۾ ضروري شرط هو. تنهن نقطي کي جاگيردار جي فائدي ۾ سمجهڻ جو صحيح قياس نه آهي، جنهن ڏانهن اسان کي، ميرن طرفان ڏنل جاگيرن جي پيٽ ۾، جاگيرن جي ورڇ ۾ فيصلو ڪندي ڏسڻ گهرجي.“

انڊيا جي حڪومت انهيءَ خيال جي منظوري ڏني، ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو هڪ پاڳي چار پيداواري حصو ڏيندڙ جاگيردارن جا وارث، پيهر جاگير وٺڻ وقت، اهڙي پيداوار جي خيال کان، پنهنجي جاگير جي ڪُل پيداوار جو هڪ پاڳي چار حصو، ۽ هڪ پاڳي ٽي حصا غير آباد زمين جي تخفيف ڪرائڻ جا پابند هئا.

## ته ڇا هاٽوڪن جاگيردارن ۾ ڦيرڦار آڻڻ گهرجي

ڇهون سوال هي هو، ته ڇا هاٽوڪي جاگيردارن ڪي هر حال ۾ ڦيرائجي يا، ان نبيري ڪي، گهڻو عرصو اڳ مير محمود ۽ مير مهراب سان ٿيل نبيري جيان، تبديل ڪجي. مسٽر ايلس سفارش ڪئي، ته انهن ڪي تبديل نه ڪرڻ گهرجي. (پيرا 35) اهو فيصلو 28 ڊسمبر 1858ع تي بمبئي حڪومت طرفان حڪومت انڊيا ڏانهن موڪليل خط جي پيرانمبر 5 ۾ هيئن ڄاڻايل آهي:

”اها نهايت خبرداريءَ سان جاگيردارن ڏانهن وضاحت ڪئي ويندي، ته تجويز ڪيل نبيرو سندن موت تائين جبري عمل ۾ نه آندو ويندو، رڳو مير احمد خان (مير علي مراد) ۽ مير غلام علي جهڙي نرالين حالتن وارن مامرن ۾، جن ۾ تازو جاگيردار جي موت سببان، هاٽوڪي تحويلدار ڪي، عارضي طور اختياري فيصلي ڪي پاسيرو رکندي، حقيتدار جي اجازت ڏني وئي هئي.“

## سرڪاري تحويل ۾ موٽائڻ جوڳي حصي جي هڪدم وضاحت ڪرڻ گهرجي يا نه

هاڻي آخري سوال هي رهيل هو، ته هاٽوڪي جاگيردار جي وفات کان هڪدم پوءِ سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جوڳي جاگير جي هڪدم وضاحت ٿيڻ گهرجي يا نه. انهيءَ ڏس ۾ مسٽر ايلس جي خيال ۾ اهو ڏاڍو وڻندڙ طريقو هو، ته ”هڪدم دنگ ڪيا وڃن، جو جڏهن هاٽوڪو جاگيردار فوت ٿئي، ته وراثت جي دعويدارن جو نبيرو، ڪنهن ڏکيائي، پريشاني ۽ جهنجهٽ کانسواءِ هڪدم ڪري سگهجي،“؛ ۽ هن وڌيڪ چيو ته، ”جيئن ته سيئي جاگيرون ساڳئي اصول تي آڌار رکن ٿيون، تنهنڪري آءٌ پڪائيان ٿو، ته سمورين دعوائن تي هڪدم فيصلو ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿيندي.“

انهيءَ تجويز کي بمبئي حڪومت ۽ سپريم حڪومت به منظور ڪيو، ۽ ڪمشنرن کي ان ڏس ۾ هڪدم قدم کڻڻ جو حُڪم ڏنو.

مسٽر ايلس پنهنجي رپورٽ هيٺ ڄاڻايل تبصري سان ختم ڪئي: ”جڏهن مٿي بحث هيٺ آيل مامرا سُلجهي ويا آهن، ته ’ڇنڻ عظيم ٽالپر گهراڻن‘ وٽ موجود

سموري ايراضي کين سونپي ويندي. اڳوڻن اميرن يا سندن ويجهن وارثن پنهنجي گهرن پرسان زمينون پوکڻ شروع ڪيون آهن، پر انهن زمينن جي تسلسل سميت کين ملندڙ وظيفن جي رقمن جي مامري بابت سياسي کاتي ۾ بحث هلندڙ آهي. ان کاتي ۾، سرڪاري تحويل ۾ ورتل ضلعن جي سمورن پنجن جاگيردارن بابت مٿي بحث ٿي چڪو آهي، پر اتفاق سان اهي مامرا، علي مراد جي علائقي ۾ جاگيرن کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ سببان، سياسي ناتن دؤران حادثاتي طور سامهون آيا آهن. جيئن مون اڳ ۾ مشاهدو ڪيو آهي، ته انهن ٽالپرن، جيڪي سندن جيان حڪمراني ڪندڙ شهزادا نه هئا، پر رت جي رشتي سبب حڪمران گهراڻي سان جُڙيل ۽ مائٽي ۾ هئا، جي قبضي هيٺ آيل زميني ملڪيت ۾ تفاوت ڪرڻ جهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي. هوڏانهن، اڳوڻن اميرن ۽ سندن خاندانن کي پينشن ملڻ جي اجازت حالتن تي آڌاريل هئي، جيڪا مشڪل سان ڪنهن عام جاگير جي دعوائن ۾ شامل هوندي.

## واقعي جاگير جي متبادل طوروظيفن کي جاري رکجي يا نه؟

"اڳوڻي نگران ڪمشنر پنهنجي خط ۾، جنهن کي هاڻي ٻيهر پيش ڪجي ٿو، سفارش ڪئي هئي، ته جاگيردارن کي، سرڪاري تحويل ۾ ويندڙ جاگيرن جي جاءِ تي وظيفو وٺڻ گهرجي. آءٌ انهيءَ قسم جي طريقي کي واپرائڻ جي وڪالت نٿو ڪري سگهان. وظيفيدار جي حيثيت، ڪنهن جاگيردار جي حالت کان بنا مختلف آهي، تنهنڪري ڪنهن جاگيردار جي جاگير کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ، ۽ کين ان جي جاءِ تي وظيفو وٺڻ تي مجبور ڪرڻ وارا عمل، هيستائين سنڌ ۾ ورتايل جن اصولن جا جاگيردار هيراڪ رهيا آهن، سي ابتڙ ۽ مخالف ٿيندا، پر گڏوگڏ اهو عمل ايڏو ته نامقبول ٿيندو، جو اهڙين جاگيرن جا مقصد به فوت ٿي ويندا. جاگيردارن کي جاگير ۾ قيرقار هيٺ روڪڙ وظيفي ڏيڻ، هتي عام طور شڪ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو، ۽ جاگير ۾ قيرقار کي، وظيفي وٺڻ جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ مستحڪم ۽ مستقل فائدو سمجهيو وڃي ٿو، تنهنڪري روڪ رقم جي ادائيگي ۾ متاستا قطعي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ لاءِ خطرناڪ عمل آهي.

"جيتوڻيڪ آءٌ ان تجويز کي قاعدي جيان واپرائڻ جي مخالفت ڪندس، جو ته اهو نامناسب نه آهي، ته جيڪي ماڻهو پنهنجي جاگير جي انتظام رکڻ ۾ مداخلت کي نٿا پسند ڪن، تن تي انفرادي طور شايد، زمين جي ڀيٽ ۾، روڪ معاوضو لاڳو ڪيو وڃي. جيڪڏهن اها جاگيردارن طرفان ڪارروائي ٿيل هجي، ته اهڙيون درخواستون

شايد ڪجهه مناسب فائدي جوڳيون ٿي سگهن ٿيون، تنهنڪري منهنجي خيال ۾ منجهس ڦيرڦار جي ڪوشش وارو عمل بيوقوفاڻو ٿيندو.

## تجويز ڪيل نبيري جو نتيجو

"جيڪو نبيرو تجويز ڪيل آهي، تنهن جو نتيجو اٽڪل نَو لک رپيا ٿيندو ۽ بيگهن جا ٽي حصا انهن لاڳاپيل جاگيردارن جي پُٽاٽي وارثن کي موروثي طور ڏنا ويندا، جن جا نالا "اي دستاويز" ۾ ڄاڻايل آهن، ۽ اهي جاگيرون ڪنهن به ڍل جي ادائيگيءَ کان آجيون هونديون، پر ڪين تعليمي فنڊ ۽ روڊ سيس ڏيڻا پوندا، جنهن لاءِ شايد جاگيردار عام طور هين سيني سان گڏ ذميوار ٿين."

"جاگيرن جي اها ايراضي پهرين نظر ۾ گهٽي نظر اچي ٿي، پر ان ڳالهه کي ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي، ته اها ايراضي سنڌ جي فتح وقت انهن جاگيردارن کي منظور ڪري ڏني وئي هئي، جن وٽ اڳيئي بيٺ تي ايراضيون هيون ۽ اُهي جاگيردار اوٺيهه لک بيگهه کان وڌيڪ زمينن جا مالڪ هئا. حڪومت منجهانئن 1843ع کان وٺي هيستائين اٽڪل ٽي لک ايراضي، سندن پُٽاٽي وارثن جي نه هئڻ يا ٻين ڪارڻن هيٺ، سرڪاري تحويل ۾ ورتي آهي، ۽ اٽڪل اڌ لک بيگهه ايراضي، جيڪا اصلي طور خاص مقصدن لاءِ ادائيگي جي شرطن هيٺ مخصوص آهي، ڪنهن به صورت ۾ ڪين منظور ڪري نه ڏني ويندي.

"انهن جاگيردارن جي قبضي ۾ آيل ايراضي پندرهن لک اسي هزار بيگهه آهي، پر سڄي سال دؤران انهن زمينن تان جيڪو روينيو مليو ٿو، تنهن جو تخمينو اٽڪل هڪ لک سٺ هزار رپيا لڳايو ويو آهي. اهي انگ اکر مڪمل طور صحيح نٿا پائنجن، پر مون وٽ ڪنهن شڪ شبهي بنا ڪين ميڄڻ جا دليل آهن، ۽ تجويز ڪيل تخفيف سان، مستقبل ۾ ڏنل جاگيرن جي روينيو بابت پڪ سان چئي سگهجي ٿو، ته اهو ساليانو هڪ لک پنجاهه هزارن رپين تائين به نه ٿيندو. اهڙيءَ ريت، هي ڳالهه چئي سگهجي ٿي، ته انهن زمينن تان ملندڙ روينيو ڪنهن به صورت ۾ سندن ايراضين سان ٺهڪجندڙ نه آهي.

"جيتوڻيڪ اڳوڻن اميرن ۽ سندن مائٽن جي وظيفي جي ڏس ۾ ڪو به فيصلو نه ڪيو ويو آهي، تنهن هوندي به اُتر ۽ لاڙ سنڌ جي اڳوڻن حڪمران ٽالپر شهزادن جي گهراڻن ۽ مائٽن جي فائدي ۾، جاگيرن جي وِرڇ تي نهارڻ سان هي ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته ڪمشنر جي گذارش تي ميجر گولڊسمڊ، اڳوڻن اميرن ۽ سندن گهروارن ۽

وارثن کي ملندڙ روڪ وظيفي بابت بيان جوڙيا هئا؛ جنهن مان پتو پوي ٿو، ته اها ورچ هيٺين ريت هئي:

اڳوڻن اميرن ۽ سندن ڪٽنب جي ڀاتين ۽ ٻين ٽالپرن کي ملندڙ روڪ وظيفي جي رقم ۽ سندن قبضي ۾ آيل جاگيرن جي ڪل ڏهه پنج لک ايڪتيهه هزار 406 رپيا هئي؛ منجهانئن وظيفي ۾ ملندڙ رقم ٽي لک ايڪهتر هزار 956 رپيا ۽ چئن ٽالپر گهراڻن جي قبضي هيٺ آيل جاگير ۽ سندن پنجن واڏو جاگيردارن وٽ موجود زمين جو محصول هڪ لک اوڻهٺ هزار 450 رپيا هو. (پيرا 50 کان 56)

## بمبئي حڪومت ۽ انڊيا حڪومت طرفان نبيري جي منظوري

بمبئي حڪومت 11 سيپٽمبر 1858ع تي پنهنجي خط نمبر 3002 ۾ ان خيال کي مڃيو، ته جاگير جي ٻيٽ ۾، جاگيردارن کي ملندڙ وظيفي تي زور ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي، ۽ انڊين حڪومت انهن ويچارن سان سهمت ٿيندي، ”بمبئي حڪومت طرفان سنڌ جي مکيه ٽالپر خاندانن جي زميني ملڪيت جي ڏس ۾ تجويز ڪيل اُپائن“ جي عام منظوري ڏني.

بمبئي حڪومت جي 11 سيپٽمبر 1858ع تي حڪومت انڊيا ڏانهن جاري ٿيل خط نمبر 3002ع جي موٽ ۾، انڊيا حڪومت 27 آڪٽوبر 1858ع پنهنجي موڪليل خط نمبر 1633ع ۾ پنهنجي عام منظوري جو ذڪر ڪيو ۽ ڪجهه وضاحتون گهُريون. پوءِ بمبئي حڪومت 28 ڊسمبر 1858ع واري خط ۾ وضاحتون موڪليون، جيڪي سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن روانيون ڪيون ويون، ۽ مسٽر فريئر کي سنڌ صوبي ۾ منظور ڪيل تجويز هيٺ چئن مکيه ٽالپر گهراڻن جي جاگيرن وارن مامرن کي نبيرڻ جو حُڪم ڏنو ويو، ۽ گڏوگڏ خاص حوالو به ڏنو ويو هو، ته هو هڪدم سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جوڳي زمين جو تفصيل به لکي موڪلي. پوءِ جاري ٿيل حڪمن ۾، انهن زمينن جي حدبنديءَ کي معطل ڪيو ويو، جيئن اڳ ۾ پهرين باب ۾ ٻُڌايو ويو آهي.

## سَندون جاري ڪرڻ، سَندن جو مواد ۽ شرط

نبيري جي پورڻتا لاءِ 28 مارچ 1861ع تي سَندون هيٺين ريت جاري ڪيون ويون: حڪومت 31 جنوري 1861ع تي خط نمبر 550 جاري ڪري سَندن واري مواد جي منظوري ڏني. هرهڪ سَند ۾ ڄاڻايو ويو:

(1) جيڪا به ايراضي سنڌ جي فتح وقت جاگيردار جي قبضي ۾ هئي؛

(2) ۽ جيڪا به ايراضي تڏهن ۽ پوءِ جاگيردار وٽ رهي؛ ۽

شهداداڻي

1. مير بجار
2. مير احمد
3. مير علي محمد خان

شهواڻي

4. مير علي بخش
5. مير ٻڍو خان
6. مير علي مراد خان

خاناڻي

7. مير محمد خان
8. مير احمد خان
9. مير شير محمد خان
10. مير مبارڪ خان
11. مير محمد علي خان
12. مير جان محمد خان
13. مير علي مراد خان
14. مير مبارڪ ولد غلام الله

مانڪاڻي

15. مير خان محمد
16. مير غلام محمد
17. مير غلام حسين
18. مير حيدر علي
19. مير غلام علي خان
20. مير محمد علي
21. مير محمد حسن

سرڪاري تحويل ۾ ورتل ضلعن جا مير

22. مير ڄام نندو
23. مير مريد حيدر
24. مير ڪرم خان

هيٺيون ٻه سَندون 4 مئي 1861ع تي جاري ڪيون ويون:

79. مير محمد خان
80. مير احمد خان

(3) جاگيردار جي هينئر اصلي قبضي هيٺ آيل ايراضي، سندس حياتيءَ سان مشروط ڪندي منظور ڪرڻ جي ڪارروائي؛ ۽

(4) اهو ٻه ڇاڻايو وڃي، ته سَند ۾ ڪجهه خاص بيگهن جو انگ، عام طور انهن جو ٻه ڀاڱي ٽيون حصو، جاگيردارن جي ”پُٽاڻي مردَ وارثن“ کي دائمي طور، ۽ انهن جي نه هئڻ جي صورت ۾ ”سنڌ جي فتح وقت مجيل جاگيردار جي ڏاڏاڻي وارثن“ کي منظور ڪري ڏنو ويو يا مٿي ڄاڻايل علائقي جي ايراضي سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي؛

(5) اهو ته باقي رهيل زمين سرڪار کي ڏني ويندي، پوءِ پهلي جاگيردار جيئرو هجي يا جيڪڏهن هو راضي ٿئي يا هن جي موت کانپوءِ سندس وارث راضي ٿين؛

(6) اهو ته جيڪڏهن انهيءَ ڏس ۾ سرڪاري کپت جي پورائي لاءِ مناسب غيرآباد زمين موجود آهي؛ يعني، غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جي خيال کان، هن کي ”عام طور پيداواري زمين جي هڪ انچ تان به هٿ“ نه کڻڻو پوندو. تنهنڪري اڪيلو شرط اهو هوندو ته، ”دائمي جاگير مضبوط ۽ واضح ڪيل زميني

ورڇ تي مشتمل هوندي، جتي قبضي ۾ آيل زمينون مهاڳي ۾ يا لڳولڳ آهن ۽ جيستائين مڪمل مڪان عمل جوڳو آهي.“ بهرحال جاگيردار جي اصل وارثن کي، پنهنجي انفرادي مامرن ۾، مستقل نبيري کي ملتوي ڪرڻ جي مُختياري ڏني وئي، ۽ جيڪڏهن اهي چاهين ته انهن ايراضين کي ”جيڪي سنڌ جي فتح وقت وٽن موجود هيون يا ڪين رکڻ جي اجازت ڏني وئي هئي،“ ۽ (سرڪاري تحويل ۾ ورتل ضلعن جي جاگيردارن جي صورت ۾) مير علي مراد جي علائقي کي تحويل ۾ وٺڻ تي،“ زميني پيداوار جي چوٿائي جمع بنديءَ برابر، يا سڄي زمين جي ڪُل ايراضيءَ جو چوٿون حصو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ تي ادائيگي هيٺ،“ خواهش موجب رکي سگهن ٿا. هن چوٿائي پيداوار جو مطلب هو- جيئن اڳ ۾ چيل هو-“ ڪُل ڪتيل روينيو جو چوٿون حصو.“ اهو اختيار پهرين وارثن لاءِ منع ڪيو ويو. دائمي نبيري تي ٻئي وارث جو لحاظ نه رکٽو هو. اهڙيءَ ريت، موجوده جاگيردار پنهنجي جاگير جو هڪ پاڱي ٽيون حصو، پنهنجي وارثن ڏي اعتراض بنا موروثي ملڪيت جيان بقايا پاڻ وٽ رکندي، هڪدم حڪومت کي موٽائي سگهي پيو: يا هو پنهنجي فطري جيئري رهڻ تائين، ايراضيءَ ۾ گهٽتائي نه آڻيندي سڄي رکي سگهي پيو. پڇاڙيءَ واري طريقي جي چونڊڻ وارن واقعن ۾، باقي زمين دائمي طور قبضي ۾ رکندي، هن جو وارث هڪ پاڱي تي حصا، حڪومت کي سونپي سگهيو پئي، يا هو هڪ پاڱي تي حصا حڪومت کي سونپڻ جي پيٽ ۾، ان تي ترجيح ڏيندي، هٽ ڪٽي سگهيو پئي- يا سڄي جاگير جي هڪ پاڱي چارحصي تي جمع بندي (هڪ پاڱي تي پيداوار جيتري) ڏئي سگهندو هو. هڪ پاڱي چوٿون حصو سونپڻ يا پنهنجي پيداوار جو چوٿون حصو ڏيڻ تي ترجيح ڏيڻ جو پوءِ مستقل انتظام ڪيو ويو: يعني سڄي جاگير جي هڪ پاڱي تي حصي کي سرڪاري تحويل ۾ ڏيڻ واري عمل کي، ٻئي وارث جي وراثت تائين ملتوي ڪيو ويو. پوءِ جاگير جي ٿيندڙ ٻئي وارث کي ڪيس ورثي ۾ ملندڙ جاگير مان، هڪ پاڱي ٽيون حصو سرڪار کي سونپڻ، يا سَند موجب پيهر منظور جوڳي دائمي جاگير جي پيگهن جي تعداد کي چونڊڻ ۽ ماپ ڪانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن گهٽ ۽ ورلي هڪ پاڱي ٽين حصي کان وڌيڪ هجڻ تي باقي تان هٽ ڪٽڻ جو پابند ڪيو ويو.

## پنج سيڪڙو سيس ۽ آبيانو

جاگيردار کي وڌيڪ خاطري ڪرائي وئي، ته سندس جاگير، اسڪولن ۽ روڊن جي مرمت لاءِ وٺجندڙ پنج سيڪڙو سيس کانسواءِ ”سموري جمع بنديءَ (ڍل) کان آجي“

هوندي، جيڪو سيس "جاگير جي ڪُل روينيو جي تخميني تي لڳايو ويو هو،" ۽ آبيانو ڏيڻ جي ڏس ۾ هن کي "واهن تي ٿيندڙ سرڪاري خرچ واريءَ رقم جي مقامي قائدن کي ميڙو ۽ پنهنجي جاگير جي خاص حالتن تي مناسب ڏيان ڏيڻو پوندو." سَند هيٺين شقن هيٺ پُڄائي تي پهتي.

## سَندن ۾ جاٽايل عام شق

"پر هن ڳالهه کي نمايان سمجهيو وڃي، ته توهان جي وفاداري ۽ سٺي ڪردار يا جاءِ نشين وارثن طرفان ناڪاميءَ جي صورت ۾، توهان جي سَند کي ختم ڪيو ويندو ۽ مليل جاگير حڪومت پنهنجي تحويل ۾ وٺندي."

جيستائين عام نبيري جو تعلق آهي، ته هي ڳالهه ذڪر ڪان اجا رهيل آهي، ته هرهڪ جاگيردار واري مامري ۾ پچا ڪيو ويو ۽ هيٺين صفحن ۾ هرهڪ ڪتنب جو ترتيبوار ذڪر ڪيو ويندو، ۽ 1858ع جي نبيري جو ڪارڻ بنجندڙ ڪارروائيءَ جو هرهڪ مامري ۾ ڏاڍي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويندو. 1858ع کانپوءِ ورڇجندڙ جاگيرن جي تاريخ، پڇاڙيءَ ۾ ڏنل ضميمي مان ظاهر ٿيندي.

# شهداداڻي

ٽالپر نيات يا قبيلو دعويٰ ٿو ڪري، تہ سندن اصل ڏاڏو ڪُوڪو يا بيگم هو. هن ڪُوڪي يا بيگم جون ٻہ گهرواريون هيون. منجهانئن هڪڙي بلوچي نسل سان واسطو رکندڙ ٻاگراڻي قبيلي جي هئي، جڏهن تہ ٻي مري قبيلي جي نياڻي هئي. مري قبيلي جي گهرواريءَ منجهان هُن کي پنج پُٽ ٿيا: هوتڪ، علي، ماڻڪ، جيوڻ ۽ ميرڻ. هوتڪ کي ٻہ پُٽ شهداد ۽ شاهُڪ ٿيا: عليءَ کي پڻ ٻہ پُٽ- مبارڪ ۽ دريا خان ٿيا: ماڻڪ کي چار پُٽ- الهيار، ٺارو خان، ڇُتو ۽ سائينداد ٿيا. شهداداڻي (جتان حيدرآباد ۽ خيرپور جا حڪمران مير ڦُٽيا). شهداد جو اولاد آهن: شهواڻي، شاهُڪ جي پُٽ شاهُو مان، خاناڻي مبارڪ منجهان، ۽ ماڻڪاڻي (منجهانئس ميرپور جا مير ٿيا) ماڻڪ منجهان ٿيا.

شهداد، بلوچستان مان پنهنجي جابلو مقامي علائقن کي ڇڏيندي سنڌو درياهہ جي ڪاٻي ڪنارن تي اچي لَڏا لاٿا، ۽ برهمڻ جي ڪنڌرن، جيڪو شهر اڃا بہ سندس نالي تي قائم آهي، تنهن کان ٻارهن ميلن جي فاصلي تي اچي ديرو ڄمايائين." (ڏسو: سنڌ سليڪشن، جلد هڪ، صفحو 105). هن پنهنجي روحاني ۽ مُربي سنڌ جي حڪمران ميان يار محمد ڪلهوڙي وٽ اچي رياستي انتظامي خدمتون انجام ڏنيون، ۽ هن کي "پَٽ ٻاراڻ" جي جاگير انعام ۾ ڏني وئي، جنهن جي سڃاڻپ شهدادپور ۽ ڪونهيرا جي ماڳ وٽ ڪئي وئي آهي، (ڏسو: ميجر گولڊسمڊ جو ضميمو "اي"). مير شهداد 1147 هه (1734ع) ۾ گذاري ويو ۽ کيس ڪونهيرا وٽ شاهپور ۾ دفنايو ويو.

هن پنهنجي پويان چار پُٽ: مير ڄام ننڊو خان، مير چاڪر خان، مير ٻهرام خان ۽ مير خيرو خان ڇڏيا. ٽالپر قبيلو سڀ کان پهرين مير ٻهرام خان، جنهن ڪلهوڙي حڪمران ميان نور محمد (1719ع کان 1757ع تائين) وٽ سُٺيون خدمتون انجام ڏنيون هيون، تنهن جي وقت ۾ عام مشهوري ماڻي. نور محمد ڪلهوڙي کان پوءِ پيو حڪمران غلام شاهہ ٿيو، جيڪو 1772ع ۾ گذاري ويو. "جيمس برنس "سنڌ جي دربار" ۾ پنهنجي ساروڻين ۾ لکي ٿو تہ: "غلام شاهہ جي لاڏاڻي کانپوءِ، سنڌ جي

تخت تي سندس وڏو پُٽ ميان سرفراز خان ويٺو، جيڪو پنهنجي والد کان اهليت کان گهٽ ۽ پنهنجي ڪردار ۾ غيراصول شخص هو. هن جي من مؤجي طبيعت، عياشي ۽ ظلمن ڪي ڪلهوڙا حڪمرانيءَ جي تباهيءَ جو ذميوار ڪوٺيو وڃي ٿو. هن جي دربار ۾ سيني ڪان وڏيڪ نمايان شخص ٽالپر قبيلي جو سردار مير بهرام خان هو. ٽالپر قبيلي جي ماڻهن جو ڪيترن ئي نسلن تائين رياست ۾ اهم رُتبو رهيو هو ۽ هنن مکيه حيثيت والاري ورتي هئي، پر پوءِ ساڙ جا لاڙا ۽ شڪ پيدا ٿي پيا، جن لاءِ تاريخ ڪي ٻه سگهارا بنياد مهيا نٿي ڪري. ميان سرفراز خان، مير بهرام ڪي سندس پٽ صوبدار خان سميت مارڻ جو حڪم ڏنو.“ انهيءَ ظالماڻي حڪم تي سندن موت جي صورت ۾ عمل ڪيو ويو.

بهرحال، بهرام خان پنهنجي پويان ٻه جيئرا پُٽ- مير بجر خان ۽ مير محمود خان ڇڏيا، منجهائن مير بجر پنهنجي پيءُ جي قتل وقت مڪي ڏانهن اُسهيل هئڻ سببان غيرحاضر هو. هُن جي موٽڻ ڪانپوءِ غلام شاهه ڪلهوڙي جي پاءِ غلام نبي، جيڪو ڪانئس پوءِ تخت جو ڏٺي ٿيو هو، دوکي سان سندس خلاف سازشون شروع ڪري ڏنيون، پر هن جون ڪوششون ناڪام رهيون ۽ غلام نبي، مير بجر جي پوئلڳن ۽ ساٿين سان وڙهندي مارجي ويو. بهرحال، ”هُن شاناٿتي مريادا ۽ وڏماڻهپائي، جنهن جي ايشيائي ماڻهن ۾ مشڪل سان اميد ڪجي ٿي، هيٺ سڀ ڪان پهرين پنهنجي دشمن جي پاءِ ميان عبدالنبي سان وفادار رهڻ جي ساک ڏيندي سندس اطاعت ڪئي.“ عبدالنبي ان عظمت جي موت ڏيندي، جوڌپور جي راجا سان سازش ڪري، مير بجار جي موت لاءِ ساڻس سهڪار ڪرڻ جو چيو. جيمس برنس لکي ٿو ته، ”هن راجا وٽان سفير جي حيثيت سان ٻه قاتل، مير بجار سان ڳالهه ٻولهه لاءِ موڪليا ويا، ۽ ڏانهس ان بهاني سان وڏي آيا، ته اهي ڪيس ڪا ڳجهي ڄاڻ ڏيڻ چاهين ٿا، ته اوڏي مهل هنن پنهنجا خنجر مير بجار جي ڇاتيءَ ۾ ٿُنبي ڇڏيا، جنهن سببان هو هڪدم مري ويو. هن واقعي ڪانپوءِ، ٽالپرن جي ڪاوڙجڻ جي ڪا اهڙي حد نه هئي، جيڪا ڪين ڪاوڙ کان روڪي سگهي. اُهي گهڻي انگ ۾ هٿياربند ٿي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا، ۽ رتوڇاڻ جو سلسلو ٻنهي ڌرين وچ ۾ شروع ٿي ويو، جنهن جي نتيجي هيٺ سنڌ جي حڪومت ۾ مڪمل تبديلي اچي وئي. ميان عبدالنبي بلوچستان جي جبلن ڏانهن ڀڄي ويو، ۽ پنهنجو اقتدار ٻيهر ماڻڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪوششون ڪيائين (منجهائن هڪڙي ڪوشش هيءَ هئي، جو هڪ ڀيري ته هو ڪابل جي شاهي سهڪار سان ذري گهٽ ڪامياب به ٿي ويو هو: ۽ هن پنهنجي ڏوهن ۾ مير بجر جي پُٽ مير عبدالله خان جي

قتل ڪي به شامل ڪيو. هن پنهنجي باقي سڄي ڄمار غربت ۽ ڏڪار واريءَ حالت هيٺ جلاوطني ۾ گذاري. مير صوبدار خان جو پٽ ۽ بهرام خان جو پوٽو مير فتح علي خان، جنهن کي ماڻهن ملڪي مامرن ۾ ملوث ٿيڻ ۽ پلاند ونڻ لاءِ آياريو هو، تنهن دليري ۽ ثابت قدميءَ سان مٿين تبديليءَ ۾ اثرائتو ڪردار ڪيو. پوءِ هن کي هڪدم تيمور شاهه بادشاهه جي حمايت سان، سنڌ جو حڪمران مڃيو ويو. هن شهزادي مرتبو ونڊي ئي پنهنجي ڀائرن- مير غلام علي خان، ڪرم علي خان ۽ مراد علي خان جي سهڪار کي مڃيو، ۽ اهي چارئي ڀائر گڏجي سنڌ جي اميرن يا نوابن جيان تخت تي ويٺا. اهي پوءِ پاڻ ۾ گڏجي ملڪ جو ڪاروهنوار هلائڻ لڳا، جو نيٺ ماڻهن وٽان ڪين وڏي مڃتا ۽ عزت ملي ۽ ”چار يار“ يا ”چوياري“ جي نالي سان سڏجڻ لڳا. (ڏسو: جيمس برنس، ”سنڌ جي دربار“)

هتي هي ڳالهه ٻڌائڻ غيرضروري آهي، ته ڪيئن شهداداڻي ٽالپرن پنهنجي حيثيت وڃائي، پر اهو چوڻ مناسب آهي، ته 17 فيبروري 1843ع تي وڙهجندڙ مياڻيءَ واري ويڙهه ۾، سندن اقتدار جي پڄاڻي ٿي. حڪمران ٽالپرن کي قيدين جيان سُورت ۽ بمبئي موڪليو ويو، جتان کين وري ڪلڪتي منتقل ڪيو ويو. بهرحال، هنن کي وري 1854ع ۾ سنڌ ۾ موٽڻ جي اجازت ڏني وئي. هيٺ ڄاڻايل خانداني شجري مان انهن شهداداڻي جاگيردارن جي وارثن جو پتو پوي ٿو، جن کي سنڌ جي فتح وقت جاگيردار مڃيو ويو هو. هن باب ۾، هنن کي ميڄڻ واريءَ ترتيب جيان، سندن انگن سان ڄاڻايل نالن سميت ’ڇئن عظيم ٽالپر جاگيردار گهراڻن‘ جي فهرست جو ذڪر پڻ ڪيل آهي.

# شهداداڻي جاگيردارن جو خانداني شُجرو



## (1) مير بجار

### خانداني شجرو ۽ سماجي حيثيت

مير بجار، مير صوبدار جي پاءُ مير بجار جو پوٽو هو، جنهن جا پُٽ 'چار يار' سڏبا هئا. هن جي پيڻ جي شادي، سنڌ جي آخري حڪمران ٽالپرن منجهان مان هڪڙي مير شهداد سان ٿيل هئي.

هيٺيون ترجمو ٿيل اکر قرآن شريف جي حاشين تي لکيل آهن، جنهن مان پتو پوندو، ته مير بجار جو پيءُ مير غلام حسين ۽ چاچي مير بهرام جي، حيدرآباد جي 'چوٻياري حڪومت' ۾ ڪيڏي نه عزت ۽ اهميت هئي. مير غلام حسين، مير سهراب (جنهن اُتر سنڌ ۾ خيرپور ۾ هڪ آزاد عملي طور آزاد حڪومت جوڙي هئي) هٿان هرڪجي حيدرآباد جي ميرن کان رُسي ويو هو، پر پوءِ واپس اچي پيهر پنهنجي وفاداري جو يقين ڏياريو هيائين.

پوءِ مير فتح علي، غلام علي، ڪرم علي ۽ مراد علي هيٺين ريت مير غلام حسين ۽ مير بهرام سان ٺاهه ڪيو هو:

"جيئن ته مٿيان امير واپس موٽي آيا آهن، تنهنڪري اسان سندن ڏوهه معاف ٿا ڪريون، ۽ پنهي ميرن قرآن تي وعدو وچن ڪندي، مٿس جيڪو به لکيو آهي، تنهن کي مڃا ڏيندي، اڳوڻن پراڻن شرطن هيٺ، ڪين سندن جاگيرون واپس موٽائي ڏيونٿا. ۽ غلام حسين ۽ بهرام ۽ سندن وارث يا اولاد پنهنجي آبروءَ (يا حيثيت) کي برقرار رکندا ۽ پيهر بغاوت نه ڪندا. هنن جا دشمن اسان جا دشمن ليکيا ويندا ۽ سندن دوست اسان جا دوست سمجهيا ويندا. پر هنن کي قرآن تي ٿيل پنهنجي معاهدي تي پورو لهڻ گهرجي." انهيءَ لکت تي چئني ميرن جون مهرون لڳل آهن.

### زميني ملڪيت، نبيرو ۽ جاگيردار جو موت

مير غلام حسين جي وفات کانپوءِ، مير مراد علي 19 ذوالقعد 1245هه (1829ع) تي، مير بجار ۽ سندس ڀن ڀائرن- عبدالله ۽ غلام محمد جي نالي، هڪڙي سَند جاري ڪندي سندن پيءُ جي جاگير پيهر منظور ڪري ڏني، جيڪا هن باب جي پڇاڙيءَ واري دستاويز بيان ۾ ڏهين کان ٻارهين ڪالمَ ۾ ڄاڻايل آهي ۽ اُن جاگير جي ايراضي هڪ لک چاهٺ هزار 498 نيپيئرين بيگهه هئي. سنڌ جي فتح وقت، مير بجار پنهنجي ڀائرن

۾ اڪيلو جيترو هو، تنهنڪري سر چارلس نيپيئر اُن جاگير کي منظور ڪيو هو. (ڏسو هُن جو پهرين سيپٽمبر 1845ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن اُماڻيل دستاويز نمبر 2264، ۽ سَند نمبر 1، تاريخ 28 مارچ 1861، جنهن ۾ حقيقي قبضي هيٺ آيل ايراضيءَ جي حقيقت ڄاڻايل آهي.) هن 12 ڊسمبر 1846ع تي دستاويز نمبر 3178 ۾ پڻ فيصلو ڪيو، تہ مير بجار جي پنهنجي مرحوم ڀائرن جي حصي جي مالڪيءَ واريءَ دعويٰ ”ڪنهن تخفيف بنا منظور ڪئي وڃي.“

هو ڏانهن 1858ع جي نبيري هيٺ، مير ڪي پنهنجي وارثن کي، عام جوابدارين جي ادائيگيءَ سان مشروط، جاگير ٻيهر منظور ڪري ڏني وئي.

مير بجار 5 ڊسمبر 1862ع تي گذاري ويو. هُن جي وارثن کي جاگير ٻيهر منظور ڪري ڏيڻ لاءِ ڏسو باب جي پڇاڙيءَ ۾ وڌيڪ تفصيل.

## 2، 3، 5. مير محمود ۽ سندس پٽ

### خانداني شُجرو

هن مير جو خانداني شجرو هيٺين ريت بيهي ٿو:

شهداد
|
بهرام
|
محمود

هي ”چوياري ٽالپر اميرن (حيدرآباد جي چئن اميرن) جو سڳو سئوٽ ۽ مير صوبدار جو چاچو هو. هُن خيرپور جي حُڪمران مير سُهراب جي نندي ڀيڻ سان شادي ڪئي هئي.“

### سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

هي مير ۽ سندس بہ پُٽ- مير احمد خان ۽ جهان خان جو جيمس برنس پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي دربار“ ۾ ذڪر ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ تنهن وقت سنڌ جي دربار ۾ سندن رُتبو مٿانهون هوندو هو.

1771ع ڌاري مير بهرام، محمود جي پيءُ، غلام شاهہ ڪلهوڙي کان ديراداري ۾ ٻتيهہ مشهور ڳوٺ يا واهڻ ورتا هئا، يعني: (3) ڪيس انهن زمينن کي، ڪجهہ خاص

111 ۾، ”اهو سمجهڻ جو لاڙو هو، ته هي جاگير محمود کي ڏني وئي هئي، ڇوته مير بهرام، مير فتح عليءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ ئي قتل ڪيو ويو هو، تنهنڪري ڪنهن به اعتراض بنا ڇني سگهجي ٿو، ته هي جاگير آڳاٽي آهي.“

## تحويل ۾ موجود ايراضي ۽ سندس منظوري

اهڙيءَ ريت سنڌ جي فتح ڪانپوءِ، مير جي قبضي هيٺ حيدرآباد، ڪراچي ۽ شڪارپور ضلعن ۾ هڪ لک ٻه هزار ڇهه سؤ بيگهه ايراضي هئي. واضح رهي ته مُوندر واريءَ جاگير اڳ ۾ اُتر سنڌ ڪليڪٽوريٽ ۾ هوندي هئي، پر هاڻي شڪارپور سان لاڳاپيل آهي.

سر چارلس نيپيئر مٿي ڄاڻايل سَند، 11 جنوري 1847ع تي منظور ڪئي (ڏسو ساڳئي تاريخ تي جاري ٿيل سَند نمبر 90، حيدرآباد ڪليڪٽر). ۽ صوبدار واري ”انجام نامي“ جي 25 جنوري 1847ع تي توثيق ڪئي وئي.

## مانجهو جاگير جو نبيرو

ڪليڪٽر ڪراچي ڪئپٽن پريڊيءَ طرفان 1843ع تي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن ويلس ڏانهن اُماڻيل خط نمبر 207 مان پتو پوي ٿو، ته جيتوڻيڪ مانجهو واريءَ جاگير جي ڏس ۾ ڪابه سَند پيش نه ڪئي وئي، پر گورنر، ڪاردار جي رپورٽ تي پروسو ڪندي، ته 17 فيبروري 1843ع مهل اها جاگير مير جهان خان جي تحويل ۾ هئي، اُن جاگير جي بحاليءَ جو حُڪم ڏنو. ڪئپٽن پريڊيءَ جون هدايتون هيون ته، ”مانجهو جي ڳوٺ ۽ اُن سان مُهاڳي واري جاگير جو جائزو ورتو وڃي، جنهن جو ڪجهه حصو، 17 فيبروري 1843ع تي، مير جهان خان ولد مير محمود، هن مير ۽ احمد خان جي نمائندي جي حصي تي بَدل هو: جڏهن ته زمين جو ٽي پاڱي چوٿون حصو روينيو مير جهان خان ۽ باقي رهيل چوٿون حصو مير احمد خان سان لاڳاپيل هو.“

## مُوندر جاگير جو نبيرو

ڊپٽي ڪليڪٽر ميهڙ محترم آرٿر ينگ، مُوندر جي جاگير جي ڏس ۾، 30 سيپٽمبر 1850ع تي جاري ٿيل ۽ اُتر سنڌ ڪليڪٽر ڏانهن اُماڻيل خط نمبر 101 ۾ چيو ته، ”منهنجي ڄاڻ موجب، ڪلهوڙا حڪمرانن ٽپو مُوندر ۾ تن ڳوٺن جي پيداوار جو (هڪ پاڱي اڌ) حصو، هن کي (مير محمود) يا خاندان جي ڪجهه ٻين ماڻهن کي منظور ڪري ڏنو هو،“ ۽ اُها جاگير مير فتح عليءَ جي دؤر تائين جاري رهي.... زمين جي سڄي پيداوار حڪومت جمع ڪري ٿي، ۽ پوءِ جاگيردار جو حصو ڪيس ورهائي

ڏنو وڃي ٿو.... هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نٿو ٿي سگهي، ته اها (جاگير) مير محمود کي، ٽالپر حڪومت ۾ فوجي يا ٻين خدمتن جي عيوض نه، پر حڪمران خاندان سان واسطو رکڻ سبب، منظور ڪري ڏني وئي هئي.“ ڪليڪٽر 16 آڪٽوبر 1850ع تي پنهنجي خط نمبر 451 ۾ ڪمشنر کي موڪليل خط نمبر 451 ۾ ڄاڻايو، ته جيتوڻيڪ ڪا به اصلي سَند موجود نه آهي، پر هُن جي رڪارڊ مان پتو پوي ٿو، ته مير پيداوار وٺندو هو. هُن وڌيڪ چيو ته، ”سر چارلس نيپيئر، هن جاگيردار جي پُٽن کي، سنڌ جي فتح وقت سندن پيءُ جي تحويل ۾ موجود سموري ايراضي هڪ سَند هيٺ منظور ڪري ڏني هئي.

## جاگيردار جو موت، وراثت ۽ به آنا ڍل مڙهجڻ وارا سوال

مير محمود 23 آگسٽ 1849ع تي، پنهنجي پويان ٻه پُٽ مير احمد خان ۽ مير جهان ڇڏيندي گذاري ويو: تنهن دؤر جي رسم موجب خريف جي پيداوار مان ملندڙ رقم يعني 1262 ربيا ٻنهي پُٽن کي ڏنا ويا: پر ڊسمبر 1849ع تائين جاگير جي وارثيءَ بابت مامري جو نبيرو ڊسمبر 1849ع تائين ٿي نه سگهيو. (ڏسو ڪئپٽن رٿبورن جو اُن تاريخ تي ڊپٽي ڪليڪٽر جهرڪ ڏانهن موڪليل خط نمبر 1336) اُن خط مان اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي:

(1) جيئن ته ”هتي سنڌ جي فتح کان وٺي بيشڪ اها رسم رهي هئي“ ته وڏي پُٽ کي جاگير توثيق ڪري ڏني وڃي؛

(2) جيئن ته انيڪ جاگيرن ۾ سموري غيرآباد زمين، ڪنهن به صورت ۾ سرڪاري تحويل ۾ هلي ويندي هئي ۽ پوڪيل ايراضيءَ تي في ٻيگهه به آنا ڍل ڏيڻ جو شرط لاڳو هوندو هو. جيئن ڪئپٽن رٿبورن طرفان، اُتر سنڌ جي ڪليڪٽر ڏانهن 18 مارچ 1850ع واري موڪليل خط نمبر 356 ۾ ڄاڻايل آهي، جنهن ۾ حيدرآباد ضلعي ۾ رائج آبيانو يا حقابو به شامل آهي.

## ڪپٽن رٿبورن طرفان ٻنهي پُٽن جي وارثيءَ بابت سفارش

مير محمود جي وارثن انهن شرطن کي نه مڃيو ۽ ڪئپٽن رٿبورن پنهنجي 14 نومبر 1850ع تي لکيل خط نمبر 559، هيٺ ڄاڻايل ٻن سوالن تي ڪمشنر جي هدايتن کي مڃيو: ”جنهن مان پهرين هدايت اها آهي، ته منجهائنئن ڪهڙي وارث کي جاگير توثيق ڪري ڏني وڃي، ۽ ٻيو اهو ته ڪين في ٻيگهه تي به آنا ڍل ڏيڻ جو پابند ڪيو وڃي يا نه.“ پهرين نُقطي تي هُن لکيو: ”پر جيئن ته توهان کي ڄاڻ آهي، ته هُن جا

پُٽ (وارث) پڪي وهيءَ جا ماڻهو آهن. آءٌ پانئيان ٿو، تہ وڏو پُٽ مير احمد خان اٽڪل پنجاھہ ورهين جو ۽ ٻيو پُٽ مير جهان خان ڪانئس اٽڪل ست ورهيہ ننڍو آهي، ۽ جيئن تہ هنن جو پيءُ، سنڌ جي فتح کان گهڻو اڳ، ٻستري داخل هو ۽ عام زندگيءَ جي ڪاروهنوار کان پاسيرو هو، تنهنڪري هن جون زمينون گهڻو ڪري سندن پُٽن کي سونپيل هيون. (4) هن جي موت کانپوءِ، ڪيتري ئي عرصي تائين انهن جاگيرن جي ورچ وارو مامرو اينگهيل رهيو، ۽ ڪين انهن جاگيرن جي توثيق ڪري ڏيڻ بابت ٽالپر اميرن جا حُڪم پڻ جاري ٿيل هئا. جيئن تہ ٻئي ڀائر پاڻ ۾ وڙهيل هئا، ۽ منجهن دشمني پيدا ٿي پئي هئي، تنهنڪري زمينن جو نبيرو رٿيل انتظام هيٺ ٿيو. جيئن تہ هرڪنهن ٻئي تي چڙهت پئي ڪئي، سو انهن جاگيرن ۾ عام طور ڪا تبديلي نہ پئي آئي، پر اصولي طور هنن جو متن حق ميجيل هو، تہ اُهي پنهنجي پيءُ جي وفات کانپوءِ پنهنجي جاگيرن کي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽن." ڪئپٽن رٿبورن پنهنجي ڳالھہ جاري رکندي چيو: اُهي ڀائر پاڻ ۾ هڪجيترو حصو ورهائڻ تي راضي ٿيا آهن، تنهنڪري آءٌ سفارش ڪيان ٿو، تہ ورهاست واريءَ رٿا منظور ڪئي وڃي.

## ٻہ آنا ڍل مڙهجڻ بابت ويچار ۽ منظوري

هن وڌيڪ لکيو تہ، "آءٌ انهيءَ حالت ۾ ۽ ٻين اهڙي ساڳئي نوعيت جي نقطن کي ڌسندي، اها سفارش ڪندس، تہ جن شرطن تي سندن جاگيرون اصل ۾ منظور ڪيون ويون هيون، تن تي عمل ڪرڻ سان جاگيرن جو وڏو حصو سرڪاري تحويل ۾ هليو ويندو، تنهنڪري انهن سردارن جي حيثيت کي برقرار رکيو وڃي، ۽ قائدن جي عمل کي معطل ڪيو وڃي. حقيقت هي آهي، تہ جاگيرن جا قائدا متعارف ڪرائڻ کان اڳ، اڳوڻي گورنر وٽ، چئن مکيہ عظيم ٽالپر گهراڻن جي جاگيردارن کي ڍل کان آجو ڪرڻ جي ڏس ۾ گهڻي اُميد هجڻ جا سڀئي نقطا ڪين ڇُوٽ ڏيڻ جي حق ۾ هئا. تنهنڪري جيڪڏهن اهو چيو وڃي، تہ هنن جي پيءُ پنهنجي حياتيءَ دؤران، تجويز ٿيل شرطن هيٺ، جاگيرن کي دائمي جاگيرن ۾ بدلائڻ واريءَ آڇ کي نظرانداز ڪيو هو، تہ پوءِ شايد اهو اعتراض ڪري سگهجي ٿو، تہ هنن جو پيءُ پنهنجي وفات کان اڳ، ڪافي عرصو بيماريءَ جي بستري تي رهيو هو، ۽ اُهي جاگيرون، سنڀاليندڙن (Trustees) جي هٿن ۾ هيون: (5) پر جيڪڏهن ائين نہ هو، تہ پوءِ حڪومت کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪين دائمي جاگير جي سَند ڏيڻي هئي، توڻي سمورن نظاماڻين ۽ ٻين جاگيردارن گهڻي عرصي کان ونئي، جنهن وقت کان هنن اُن لاءِ درخواست ڪئي

هئي، پنهنجين جاگيرن ۾ قيرقار ڪرڻ ۾ پنهنجي تڪڙ ڏيکاري هئي، تنهنڪري آءٌ پانيان ٿو، ته قائدن جي بنياد تي سردارن کي رُلائڻ نامناسب عمل ٿيندو.“

جڏهن ته ڪمشنر محترم پرنگل 20 نومبر 1850ع تي لکيل خط نمبر 1912 ۾ ڪئپٽن رٿبورن سان سهمت ٿيندي چيو، ”پنهي مامرن کي سڏا لاڳاپا رکندڙ مامرا سمجهيو وڃي ٿو، ۽ منجهائنئن عام سوال پڻ اُپرن ٿا.“

## نبيري ڪان اڳ جهان جو موت

پر فيصلي تي عملَ ٿيڻ کان اڳ، مير جهان خان اپريل 1851ع ۾ گذاري ويو، ۽ پنهنجي پويان ڪوبه پُٽاٺو وارث نه ڇڏيائين. پاءُ جي وفات تي، چوٿين پتي سرڪاري تحويل لاءِ تخفيف ڪندي، ربيع واري فصل جي پيداوار جا 1262 رپيا بچندڙ وارث احمد خان کي ڏنا ويا. جاگير جي توثيق ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪيترائي سوال اُپريا ۽ حڪومت فيصلي کي مهمل ڪندي، زميني پيداوار کي پاڻ وٽ گودام ۾ رکيو.

## جهان خان جو زميني حصو، سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ

پهريون سوال اهو هو، ته ڇا جهان خان جو حصو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ گهرجي يا نه. ڪمشنر 25 مئي 1852ع تي خط 1216 ۾ لکيو، ”هاڻوڪي دعويدار (احمد خان) ۽ سندس مرحوم پاءُ جي وچ ۾، پيءُ جي موت کان اڳ ڪافي عرصي کان جاري ويڙهه سببان، مفادن جي مڪمل عليحدگيءَ کي ڏسندي، اُهي ڪجهه عرصي تائين پنهنجي جاگيرن کي سنڀاليندا رهيا، ۽ مختلف وقتن تي حڪمران اختيارين کان ڪيترائي پيرا سَند ورتي، جن ۾ هرڪنهن جي حصي جي وضاحت ٿيل هوندي هئي،“ تنهنڪري هاڪاري موٽ ۾ ان مامري جو فيصلو ڪيو ويو.

## مير احمد کي ميرن جي ”ڳنڊ“ تي جاگير توثيق ڪري ڏيڻ

ٻيو نُقطو هي هو، ته توثيق ٿيندڙ جاگير جي ماپ لاءِ ڪهڙو ڳنڊ (پيمانو) واپرايو وڃي. مير احمد چاهيو پئي، ته ڇهن انچن وارو نيپيريئن ڳنڊ واپرايو وڃي، پر ڪليڪٽر پنهنجي 28 جون 1852ع واري خط نمبر 804 ۾ چيو، ته هي ڳنڊ رڳو توثيقي جاگيرن جي ٻن صورتن، روحل خان مري ۽ علي محمد نظاماڻي، ۾ واپرايل آهي، جڏهن ته ٻين سمورين توثيقي جاگيرن ۾ ٽالپر اميرن وارو ڇهه فُٽ پنج انچن وارو ڳنڊ واپرايو ويو هو. ڪمشنر 6 جولاءِ 1852ع تي خط نمبر 1656 ۾ وراڻيو: ”دعويدار کي اهڙو ڪوبه حق نه آهي، ته هو پنهنجي جاگير جي نيپيريئن ڳنڊ سان ماپ ڪرائي.“

## حيدرآباد ضلعي ۾ غيرآباد ايراضي سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ

جنهن تئين نقطي جو فيصلو ڪرڻو هو، سو سرڪاري تحويل ۾ موٽڻ جوڳي زمين جي ايراضيءَ جو ڪاٿو لڳائيندڙ طريقو هو. پوڪيل حصي جي ماپ ڪئي وئي ۽ ڏٺو ويو، ته اها ارڙهن هزار 720 جريب زمين هئي، "جنهن ۾ عام طور ويساهي واريءَ ايراضيءَ جو انگ شامل ڪيو ويندو، ته اها ايراضي چوئيتاليهه هزار جريب نيپيريئن يا سٺ هزار مير بيگهه ٿيندي،" (ڏسو حيدرآباد جي ڪليڪٽر جو 24 اپريل 1852ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪليل دستاويز نمبر 447). ڪليڪٽر اُن ماپ تي شڪ ڏيکاريندي، 1260هه فصل واري جاگير جي پيداوار جا انگ اکر گهُرايا. بهرحال، مير اهي انگ اکر آندا، جنهن مان پتو پيو، ته هن ڪي مجموعي طور جنس جي صورت ۾ 1048 خرار اناج ۽ روڪ 1360 رپيا اُپت ٿي هئي، جيڪي هيٺين ريت هئا:

هڪ پوڪيل بيگهه = ست ڪاسا (ساريون)

هڪ پوڪيل بيگهه = پنج ڪاسا (مکئي يا ڪڻڪ يا ربيع جا اناج

هڪ پوڪيل بيگهه = چار ڪاسا (جوار ۽ باجهري)

هڪ پوڪيل بيگهه = هڪ رپيو ڇهه آنا (ڊل روڪ ۾)

ڪليڪٽر مٿي ڄاڻايل قيمتن (اُپت) جو ڪاٿو لڳائيندي ان نتيجي تي پهتو، تهجاگير ۾ پوڪيل ايراضي پندرهن هزار ستيتاليهه مير بيگهه هئي. توثيق ٿيندڙ ويساهي جاگير (ٻن وارثن ۾) جي ايراضي ٻتيهه هزار 579 بيگهه هئي، جيڪا ڪُل ستيتاليهه هزار 626 مير بيگهه ٿيندي. ڪليڪٽر منجهانئس ساڍا ٽي سؤ مير بيگهه تخفيف ڪندي چيو، ته مير احمد کي اها جاگير مير مراد علي منظور ڪري ڏني هئي، ۽ پوءِ مير صوبدار شهدادپور پرڳڻي ۾ ساڳئي ايراضيءَ جي جاگير ۾ قيرقار ڪئي هئي. انهيءَ ڳالهه تي اصرار ڪيو ويو، ته اها مير احمد جي الڳ ۽ آزاد جاگير هئي، ۽ اها مرحوم مير جي ملڪيت نه هئي. هن باقي بچيل جاگير جي اڌ (ٻاويهه هزار 238 مير بيگهه ايراضيءَ) لاءِ چيو، ته اڌ جاگير مير جهان خان جو حصو آهي ۽ پوءِ نيٺ اها سرڪاري تحويل ۾ هلي وئي. اهڙيءَ ريت مير کي رکُو ٻاويهه هزار 238 مير بيگهه ايراضي پاڻ وٽ رکڻ جي اجازت ڏني وئي. بهرحال، ڪمشنر ان نقطي کي سامهون رکندي، مٿين ماپ تي اعتراض ڪيو، ته مير پاڻ به اُهو نه ٻڌايو هو، ته پوڪيل ايراضي ٻائيتاليهه هزار مير بيگهه کان وڌيڪ آهي. بهرحال، مير کي پيداواري ڪاٿو لڳائيندڙ مقصد جي تناسب ۽ توثيق ٿيندڙ جاگير جو تخمينو لڳائڻ لاءِ چونڊ جي مُختياري ڏني وئي. هن ٻن سالن (1259هه ۽ 1260هه) جو تناسب چونڊيو، جنهن جو

نتيجو اهو نڪتو، جو توثيق جوڳي ايراضي گھٽجي وڃي 1726 مير بيگھه بچي (ڏسو ڪمشنر جو 1852ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن موڪليل دستاويز نمبر 1656) حيدرآباد ضلعي ۾، اصل ۾ 30 ڊسمبر 1852ع تي ڪئپٽن فيننگ طرفان نيپيريئن بيگھه واريءَ جيڪا جاگير توثيق ڪري ڏني وئي، تنهن جو تفصيل فيصلي پٽاندر هيٺ ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| چاما ۽ ڏاپرا | 4038..... |
| مهر | 183..... |
| سماواتي | 1582..... |
| ڪوت شاهه اسماعيل | 1154..... |
| ٺٽ | 3301..... |
| گلس | 686..... |
| ڪاراهو ۽ گُنڊڻ | 1975..... |
| ڪُل ايراضي | 12919.... |

## • ڪراچي ۽ شڪارپور ضلعن ۾ ڦيرڦار جا طريقا

اهڙيءَ ريت رڳو بلاولپور، مانجهو ۽ مُوندر ۾ تن جاگيرن جي مامري جو اُڪلاءُ نه ٿيو. ميجر گولڊسمڊ، ڪمشنر ڏانهن پنهنجي 1854ع ۾ لکيل خط نمبر 86 ۾ لکندي چيو: "اهو پتو پيو ٿو، ته مير محمود خان جي موت ڪانپوءِ، هرڪنهن ڪليڪٽوريٽ ۾ جاگيرن ۾ حالتن پٽاندر ڦيرڦار جا مختلف طريقا واپرايا ويا. حيدرآباد ۾ انهن جي پٽن وچ ۾، حڪومت جي دعويٰ ڪيل زمين جي تخفيف ۽ غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ ڪانپوءِ، زمين هڪجيتري ورهائي وئي. شڪارپور ۾ زمين جي چوٿين پتي گھٽائي، جاگير توثيق ڪري ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ڪراچيءَ ۾ غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي، ۽ زمين پٽن جي تحويل ۾ رهي، رهيل زمين هرڪنهن کي واضح ماپ بنا، ورهائي ڏني وئي. بهرحال، آخري ڀن جاگيرن جي نبيرن کي عارضي سمجهي سگھجي ٿو، جيئن هاڻوڪي رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي."

## جاگيرن جي نبيري لاءِ تجويز ۽ منظوري

ڪمشنر 3 جولاءِ 1854ع تي، تن اڻ ورهايل جاگيرن بابت پنهنجي لکيل جواب ۾ خط نمبر 1874 ۾ چيو ته، "رڳو هڪڙو طريقو آهي، ته اُن مامري کي ابتدا کان شروع

ڪيو ويجي، ۽ ڪليڪٽر جي مختلف وقتن تي جاري ڪيل حُڪم نامن ڪي قانون ڪان مٿانهن سمجهيو ويجي." اهڙيءَ ريت ميجر گولڊسمڊ 14 آڪٽوبر 1854ع تي دستاويز نمبر 336 ۾ هڪڙي مڪمل رپورٽ جوڙي، جنهن مان ڪجهه اهم مواد هتي ڏجي ٿو. "احمد خان جي بلاول پور واري قانوني جاگير جو اڌ، عام ماپ جي پيماني (اوزارن) وسيلي ماپڻ ۾ پڪ ٿي آهي، ته وارثن وٽ چئن سالن جي تناسب سان (واضح ڪيل دنگ لاءِ پندرهن سيڪڙو شامل ڪندي) ٻه هزار 252 جريب تحويل ۾ موجود آهي، جنهن ۾ مانجهوءَ جا ٽي سؤ ٽيهه ۽ مُوندر جا (6) ساڍا ٻارهن سؤ جريب شامل آهن، اهڙيءَ ريت، انهن ٽنهي جاگيرن جو ڪُل انگ وڃي ٿي هزار اٺ سؤ ٽيهه بيگهه ٿيندو.

ڪمشنر حالتن پٽاندر ڦيرڦار جي منظوري ڏني، ۽ جيئن ته مانجهُو جاگير ۾ مير پنهنجي شڪارگاهه برقرار رکڻ لاءِ ڏاڍو اُتاولو هو، تنهنڪري هُن "اُن مير کي مانجهُو واريءَ مُوندر جاگير ۾، بيگهه تي بيگهه، پوکڻ جوڳي زمين جي ايراضي هڪجيتري ڏيڻ، ۽ ان ايراضيءَ منجهان ٽن بيگهن تان هڪ بيگهه زمين آڇڻ تي ڪو اعتراض نه سمجهيو." بهرحال ان کي آڇ کي قبولڻ لاءِ ڏنل وقت دؤران به نه قبوليو ويو، ۽ اها آڇ بهرحال ناڪام ٿي.

## محترم ايلس جا نبيري لاءِ ويچار

حڪومتي منظوريءَ لاءِ نبيرو تجويز ڪرڻ لاءِ محترم ايلس 3 جولاءِ 1858ع تي خط نمبر 12 ۾ هيٺيون ذڪر ڪيو:

"مير محمود (نمبر 2) جي وفات کانپوءِ، حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ اعلان نامي جي شرطن جي پوئواري ڪئي وئي، ۽ ٻنهي پاٽرن کي، ڪنهن محصول يا ڏل کان آجي جاگير توثيق ڪري ڏني وئي. بهرحال، منجهانئس هڪڙو ڄڻو (نمبر 5) جاگير جي توثيق ٿيڻ کان اڳ ئي وفات ڪري ويو، ۽ هُن جو حصو حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو. پر سرڪاري تحويل ۾ ورتل غيرآباد زمين، ايراضيءَ ۾ ايڏي گهٽي هئي، جو مير محمود جو وارث نبيري تي بي ايمان ٿي پيو، ۽ هُن جي حق ۾ ٻيهر نظرثاني جي سفارش ڪئي ويجي ها، جيڪڏهن ڪيس حڪومت سان دوکو ڪرڻ جي ڪوشش واري ڏوهه ۾ نه ڏنو ويجي ها." (7) نيٺ، تجويز ڪيل نبيري جي حڪومت منظوري ڏني.

## 3. مير احمد

### خانداني شجرو ۽ سماجي حيثيت

هي مير، مير محمود جو پٽ هو. ميجر گولڊسمڊ چوي ٿو ته، ”هن ڪتنب جي عظمت، خاص ڪري مير محمود بابت گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو، پر عملي مقصد لاءِ اهو مناسب ٿيندو، ته هن جي انيڪ جاگيرن ۽ بيشڪ خانداني شجري، جيڪو مير احمد خان کي ٽالپرن جي سردار مير بجار جي ساڳئي رُتبي تي رکي ٿو، جي ڳالهه ڪئي وڃي.“ (ڏسو نمبر 2)

### زميني جائيداد ۽ سَندون جاري ٿيڻ جي تاريخ

جاگيرن لاءِ اها ڳالهه چئبي، ته اُهي ڪيس پنهنجي پيءُ کان ورثي ۾ مليون هيون. (ڏسو نمبر 2) هن مير، پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ ۾، مير مراد عليءَ کان ٽي جاگيرون ورتيون هيون، جيڪي هيٺ ڄاڻايل ٿيون:

مهر ....... ٽي هزار ست بيگهه (4 جون 1818ع)

ڪاها ....... هڪ هزار 464 بيگهه (8 جون 1818ع)

نلاهه سنڌ ....... 549 بيگهه (8 جون 1818ع)

جڏهن ته هُن ٽي جاگيرون مير شهداد خان کان به ورتيون هيون:

ڪارو کهو ....... 878 بيگهه (سيپٽمبر 1842ع)

ڪوٽ شاهه اسماعيل ....... ٽي هزار 959 بيگهه (نومبر 1841ع)

وسندي ساجن ....... ٻه هزار 196 (نومبر 1841ع)

گڏوگڏ هُن، مير صوبدار کان 17 جون 1838ع تي انجام نامي هيٺ، لياري ۽ ٻليراهه بجاءِ مير احمد جو ڪڙيو ۽ فقيراڻي شاهي جي پَناهه پڻ ورتي هئي، جنهن جو حوالو مير محمود جي جاگير جي ڏس ۾ اڳيئي اچي چڪو آهي.

اهڙيءَ ريت، سنڌ جي فتح وقت هن مير وٽ چوڏهن هزار 406 بيگهه ايراضيءَ تي ٻَڌل جاگيرون هيون. انهن سڀني سَندن تي، مهر جاگير واريءَ سَند کانسواءِ، گورنر جي مُهر لڳل هئي. جيئن ته مهر جاگير، ٽالپر اميرن جي تحويل ۾ نه هئي، پر اها حيدرآبادي ٽالپر اميرن جي دفتر ۾ ڏني وئي هئي.

### 'سلامي پروانو' وٺڻ ۽ جاگيردار جو موت

هن مير، حڪومت آڏو آڻ مجيندي "سلامي پروانو" ورتو هو، ۽ 1858ع تائين سندس تحويل ۾ موجود جاگيرن جي، حڪومت طرفان نبيري ڪانپوءِ ساڳئي سال توثيق ڪئي وئي.

هي مير 17 جنوري 1867ع تي گذاري ويو.

## 4. مير علي محمد

### خانداني شجرو ۽ سماجي حيثيت

هي مير، مير علي احمد جو پٽ هو. جڏهن ته سماجي حيثيت لاءِ ڏسو مير احمد جو داستان.

### زميني جائيداد ۽ جاگيردار جو موت

سنڌ جي فتح وقت، هن جي تحويل ۾ ڪُل نَوَ هزار ستر بيگهه ايراضيءَ تي آڌاريل جاگيرون هيون، جن ۾ پنجمورا ۽ ڪوڙ پَند ۾ ڇهه هزار 471 بيگهه، پنگراهه ۾ راهُو ۾ ٻه هزار 196 بيگهه ۽ چانگلاڻيءَ ۾ 403 بيگهه ايراضي شامل هئي.

سر چارلس نيپيئر، جاگيردار جي نالي، مٿين جاگيرن جي توثيق ڪئي، ۽ پوءِ اُهي جاگيرون 1858ع جي مجموعي نبيري مهل منظور ڪيون ويون. (ڏسو سَند نمبر 3)

هن جاگيردار جي قبضي ۾ پنگراهه پرڳڻي (هالا تعلقي) ۾ سنگت (ساٽين) جي خيال ڪان واڌُو ٻه هزار جريب تي بَدل جاگير هئي، پر حيدرآباد جي ڪليڪٽر جي حُڪم سان 30 آڪٽوبر 1851ع تي اُها جاگير سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي. مير پنهنجي جاگير کي سرڪاري تحويل ۾ وجڻ خلاف شڪايت ڪئي، پر ڪمشنر سر بارٽل فريئر ريپورٽ گهُرائي ڏسڻ ڪانپوءِ، اُن مامري ۾ مداخلت ڪرڻ کان لاچاري ڏيکاري. (ڏسو 19 فيبروري 1853ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن موڪليل خط نمبر 377)

هي مير 27 آگسٽ 1863ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. هُن جي پٽ جان محمد کي سندس توثيق جوڳي جاگير واريءَ جائيداد سوڌو، نمبر 2 جي ملڪيت جو وارث ڪوٺيو ويو.

## 5. مير جهان خان

### خانداني شُجرو ۽ سماجي حيثيت

هي مير، مير محمود (نمبر 2) جو ننڍو پُٽ هو. جڏهن ته هن مير جي سماجي حيثيت لاءِ ڏسو نمبر 2 ۽ 3.

### زميني جائيداد

سنڌ جي فتح وقت، هن مير وٽ ويهه هزار 489 بيگهه ايراضي موجود هئي. هُو اپريل 1851ع تي گذاري ويو. چيو وڃي ٿو، ته سندس موت ڪالرا وگهي ٿيو هو، ۽ هُن پنهنجي پويان ڪوبه پُٽاٿو اولاد نه ڇڏيو هو، تنهنڪري هُن جي سڄي ملڪيت، ذاتي توڙي موروثي، ڪي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو. تنهنڪري، هُن جي زميني جائيداد بابت وڌيڪ تفصيل ٻڌائڻ اجايو آهي.

## 6 ۽ 7. مير غلام شاهه ۽ مير فضل علي

### خانداني شُجرو



## سماجي حيثيت

ڪئپٽن رٿبورن لکي ٿو ته، "مير غلام شاهه ۽ فضل علي، اڳوٽي امير ميرمحمد جا پاٽيجا آهن، جو سندن ماڻهن جي پيڙ هئي. (ڏسو "سنڌ جي فتح" صفحو 506) جڏهن مير شهداد جي اڳواڻيءَ ۾ برطانوي ڇانوڻيءَ تي حملو ڪيو ويو هو، تڏهن مير غلام شاهه، مير صوبدار جو ۽ مير فضل علي، مير محمد جو ملازم هو. مير غلام شاهه، مير محمد ڪي ٻاڏايو هو، ته هُو مير شهداد کي روڪڻ لاءِ حُڪمنامو جاري ڪري. پوءِ هڪڙي اهم ۽ خاص رازدار شخص کي اوڏانهن موڪليو ويو، پر شهداد موٽ ۾ وراڻيو: هن حملي ڪرڻ لاءِ قَسم کنيو آهي، تنهنڪري هُو پنهنجي ساٿين سان گڏ اوڏانهن اوس ويندو.

جڏهن سر چارلس نيپيئر پنهنجي اسٽيمرن وسيلي سکر ڏانهن پئي ويو، ته ٻنهي ڀائرن ساٿس ملي کيس "سلام" ڇيا هئا ۽ وري جڏهن هو سکر کان، ٽالپر اميرن سان وڙهڻ واريءَ نيت سان سکر کان موٽيو پئي، ته هنن هڪ دوستاڻو خط لکي کين پنهنجون خدمتون آڇيون هيون. سر چارلس نيپيئر موٽ ۾ جواب لکيو هو:

"مونکي توهان جو خط مليو، جنهن ۾ توهان يورپين جي مدد لاءِ هر قسم جي واهر جو اظهار ۽ پنهنجون خدمتون مونکي سونپڻ جو چيو آهي، تنهن لاءِ آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان. آءٌ مڪمل طور توهان جي دوستاڻين نيتن تي ڀروسو ڪيان ٿو، ۽ آس اٿم، ته ڪنهن ڏينهن توهان کي اُن جو اُجورو ضرور ڏيندس. انهيءَ ڳالهه کي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو. تاريخ 31 جنوري 1843ع" (ڏسو ڪليڪٽر حيدرآباد طرفان 25 مارچ 1852ع تي لکيل خط نمبر 303 سان گڏ ڪمشنر ڏانهن موڪليل ميرن جي درخواست.)

## زميني ملڪيت

سنڌ جي فتح وقت مٿين ميرن جي تحويل ۾ ستانوي هزار 461 بيگهه ايراضي موجود هئي. مير غلام شاهه 1852ع ۾ ۽ مير فضل علي 1853ع ۾ گذاري ويو. ٻنهي ڄڻن پنهنجي پويان ڪوبه پُٽاڻو اولاد ڪونه ڇڏيو هو، تنهنڪري سندن سموري ملڪيت کي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو. انهيءَ کان اڳ ٻوڪي جي ڏوهي ڪوشش ۾ مٿن ڏنڊ مڙهيندي، سندن جاگيرن جو اڌ، سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتو هو ۽ ساڳي شڻ هيٺ سندن رهيل اڌ ايراضيءَ تي "دوآنگي" (ٻه آنا في جريب) لاڳو ڪيا ويا.

# شهواڻي

## تعارف

شاهُو خان جا ڇهه پُٽ - ڪرم خان، غلام محمد، سيد خان، محمد ملوڪ، مُراد ۽ سردار خان هئا. ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته، ”پر آءُ ڪين مليل اهڙين رعايتن ۽ ڪنهن ذميواريءَ کان ڇُوٽ جي موجودگيءَ بابت، غلام محمد ۽ ڪرم خان جي خاندان کي اعليٰ ٽالپر ديرادرجيان، موروثي نسلن جي ڪنهن به شاخ ۾ جاگيرون ۽ ٻيون رعايتون منظور ڪري قبولڻ واريءَ معلومات وٺڻ کان لاچار رهيو آهيان، تنهنڪري بيشڪ ڪنهن سردار جي سماجي حيثيت لاءِ، منهنجي طرفان ٻن شاخن لاءِ محدود رهندڙ سفارشن جي ٻيٽ ۾، ڪنهن دعويٰ جو پتو نٿو پوي.“

## خانداني شُجرو

هيٺين شُجري مان ڇهن جاگيردارن 8 کان 11 تائين، جي موروثي مائٽيءَ جو پتو پوي ٿو، جيڪي شهوائي آڪهه سان ناتو رکن ٿا.




## سماجي حيثيت

هنن جي سماجي حيثيت گهٽ ڪري سنڌن جاگيرن جي ايراضين منجهان معلوم ٿيندي، تنهنڪري هنن جو الڳ الڳ حالت ۾ ذڪر نه ڪيو ويندو.

# 8. علي بخش

## زميني ملڪيت

”مير فتح عليءَ جي دؤر ۾ جهرڪ شهر ۽ اُتي ايندڙ ويندڙ واپاري مالَ جو سُنگ وٺڻ ۽ ويرڻ پرسان موجود سموري زمين، مير علي بخش جي ڏاڏي مير محمد خان کي جاگير طور ڏني وئي هئي.“ (ڏسو جهرڪ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيپٽن ٽي. ڪي. اسٽيوارٽ طرفان 17 آڪٽوبر 1845ع تي ڪليڪٽر ڪراچيءَ ڏانهن اُماڻيل دستاويز نمبر140)

مير غلام علي، 1802ع ۽ 1812ع جي وچ ڌاري، قرآن تي ٽيل هڪڙي عهدنامي هيٺ محمد خان جي پٽ غلام محمد ۽ سندس وارثن کي ”پُشت به پُشت“ (پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ) زمين جاگير طور ڏيڻ جي منظوري ڏني، جن ۾ روپا واري علائقي ۾ سنهرا، سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي جهرڪ سان لڳ آجر ۽ ٽنڊي سميت امام واهه ترائيءَ جا ٻئي ڪنارا (جن کي جاگيرن جي فهرست ۾ امام واهه جي نالي سان شامل ڪيو ويو)، گُڳا ۽ سيدپور (اصلي جاگير جي جاءِ تي)، پهچار جي ٻنهي ڪنارن تي ٻيلو ۽ گنج بهار؛ دودو (فتح خان جي جاگيرن ڪانسواءِ)، ميرپور، روشنائي ۽ ڪَڙيو چَتو پرڳڻي سميت، قبول پور جا ڇهه مَڪان، سماوتي ۾ يسرڪي، ٻڪراهه، پَٽ گاهي، ڪڇي ۾ مير محمد علي جي اڌ جاگير يعني هڪ ڀاڱي چار حصي ماڏهه ڪانسواءِ اڌ ماڏهه (ڪوڪر)، احمد شاهه ٻاڌيائي (سيدپور) ۾ مَڪان ڪاري چوٻندي شامل آهن. مٿين جاگيرن جو ڪجهه حصو مير محمد خان وٽ آهي، جڏهن ته ٻين کي نيون جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون.

غلام محمد، جيڪو اولاد بنا گذاري ويو هو، تنهن جو وارث سندس ڀاءُ ڪرم خان ٿيو، تنهن هوندي به هن امام واهه ۽ روپا واريءَ جاگير پنهنجي چاچي حاجي احمد خان کي سونپڻ تي راضپو ڏيکاريو هو، جنهن مان مير محمد خان کي پڻ حصو مليو هو.

## مير جي ٻيءُ جو احوال ۽ سندس مياڻيءَ ۾ مارجڻ

مير ڪرم خان جي وفات ڪانپوءِ، مير ڪرم علي ۽ مراد علي، 9 اپريل 1818ع تي جاري ٿيل هڪ سَند هيٺ، هن جي ملڪيت سندس پُٽ غلام شاهه کي ڏني، جيڪو مير محمد خان جي دربار ۾ مکيه سردار هوندو هو. پر غلام محمد يا ڪرم خان جي

حياتيءَ دوران (جنهن لاءِ ڪنهي بابت ڪا پڪ نه آهي)، پهرين جاگيردار طرفان زمين تي ڻاهيل شڪارگاهه، مير غلام علي ورتو هو، ۽ هو جيڪو به زمين جو ٽڪرو يا حصو کيڙي سگهي، تنهن جي ڪيس اُن شرط سان اجازت ڏني وئي هئي، ته اينڊڙ شڪار کانپوءِ اها جاگير ڪيس نه ڏني ويندي. "انهيءَ ڳالهه جي توقع نه ڪرڻي آهي، ته هو کيتري پيداوار وٺندو هو. هُو ڪجهه مُندن ۾ رڳو اناج جا ڪجهه ڪاسا مس ماڻي سگهندو هو. ڪيس ملندڙ شهري محصول گهٽ- وڌ ٿيندڙ هو، تنهن ۾ اجا به گهٽتائي آئي، جڏهن ميراڻي حڪومت واپاري سامان تان محصول پيهر وٺڻ به شروع ڪيو هو، تنهنڪري جاگيردار کي مٿين جي جاءِ تي اسي رپيا حيدرآبادي ساليانو وظيفو وٺڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.

هوڏانهن "ڪرم خان جو پُٽ غلام شاهه اُهو وظيفو وٺندو رهيو، ۽ زمين تي سندس دعويٰ جي حيثيت جزوي بڻجي وئي. هو مياڻيءَ واريءَ جنگ ۾ مارجي ويو هو ۽ هاڻوڪو دعويدار سندس پُٽ علي بخش، سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ موجود جاگيرن جو وارث ٿيو. برطانوي فوجن طرفان سنڌ جي فتح کانپوءِ، هُن پنهنجي والد کي ملندڙ وظيفي جي دعويٰ بلڪل نه ڪئي." (ڏسو ڪئپٽن استيوارٽ جو مٿي ڄاڻايل خط.)

## مير جي جهرڪ واريءَ ڪنيرا جاگير

ڪليڪٽر ڪراچي ڪئپٽن پريڊي، 5 ڊسمبر 1853ع تي پنهنجي خط نمبر 1383 ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جهرڪ کي حُڪم ڏنو ته، "مير علي بخش ٽالپر جي جاگير جي اُترين ۽ ڏکڻ- اوڀرندي حدن جي تفصيل سان وضاحت ڪئي وڃي، ڇوته هو جهرڪ جي پرپاسي واري سموري پوکڻ جوڳي زمين جي، ٻيلي جي حدن اندر زمين سميت حڪومت جي باغ کانسواءِ، ڊل ڏيڻ جو حقدار هو، ڇوته جنهن علائقي کي ڏبيار چيو وڃي ٿو، تنهن جي سموري اراضي حڪومت سان واسطو رکي ٿي." ڪئپٽن پريڊي جي 24 آڪٽوبر 1854ع تي اسسٽنٽ ڪمشنر جاگير ڪئپٽن گولڊسمڊ ڏانهن موڪليل خط نمبر 1947 ۾ ظاهر ٿئي ٿو، ته مير علي بخش جي جهرڪ واري جاگير کي ڪُنيرا يا ڪُنري چيو ويندو هو.

## ڪَڙيا چَٽ جاگير تي مير جي دعويٰ

ڪئپٽن گولڊسمڊ، ڪَڙيو چَٽ جاگير بابت لکيو ته، "ڪوجنا مان معلوم ٿيو آهي، ته ڪَڙيو چَٽ جي جيڪا زمين، جاگير طور ڏيڻ جو پهه ڪيل آهي، سا سنڌ جي

فتح کان اڳ، مير احمد خان شاهواڻي جي ماءُ کي ڏنل هئي. انهيءَ ڏس ۾ چيو ويو ته اها ايراضي هن جي وفات تائين سندس قبضي ۾ هئي. بهرحال، بخشش ڪندڙ علي بخش کي، سند تحت مجيل جاگيردار هوندي به اهو نٿو سمجهيو وڃي، ته حڪومت جي خاص منظوريءَ کانسواءِ، هن جي نالي جي پيٽ ۾، ڪنهن ٻئي جي نالي تبديل جاگير ڪي مڃي سگهجي ٿو.“

## سر چارلس نيپيئر جو نبيرو

سر چارلس نيپيئر طرفان مير علي بخش کي، هن ڪَرِيو چَٽ جي جاگير ٻين سمورين جاگيرن سميت (گُگا ۽ سيدپور کانسواءِ، جيڪي تڏهن مير جي تحويل ۾ نه هيون) پيداوار جي چوٿين پتيءَ جي ادائيگيءَ تحت، ان عام قائدي موجب منظور ڪري ڏني وئي، جيڪو انهن جاگيردارن جي مامرن ۾ لاڳو ڪيو ويو هو، جن جا والدين مياڻي يا دُبي جي جنگ ۾ برطانوي فوجن سان وڙهندي مارجي ويا هئا. (ڏس سَند نمبر 4) اهڙيءَ ريت مير جي تحويل ۾ ٽن ضلعن ۾ ڪُل ٽي لک ٻائيتاليهه هزار 722 ٻيگهه ايراضي موجود هئي.

## چوٿين پتي ۽ حقابو جي سختيءَ بابت درخواست

1857ع ۾ مير علي بخش درخواست داخل ڪئي، ته پيداوار جي چوٿين پتي ڏيڻ جي پيٽ ۾، هُن کي ستن سالن جي عرصي لاءِ مقرر رقم ڏيڻ جي منظوري ڏني وڃي. انهيءَ ڏس ۾ هُن جي دليلن ۾ ڪيس چڙ ڏيارڻ جي سببن ۾ سائس ٿيندڙ جُنيون شامل هيون، ۽ حڪومتي ڪاراون طرفان سندس زمين تي مَڙهيل خرچ هئا. هي ۽ ٻيون درخواستون، ڏهن سالن جي تناسب سان پيداوار جي چوٿين پتي وٺڻ جي قانون کي لاڳو ڪرڻ جو سبب بڻيون. هن سيلابي زمين واري سڄي جاگير تي، حقابو لاءِ ٽي آنا في بيگهه ۽ زمين جي ايراضيءَ جي حوالي ڪانسواءِ ساڍا ٽي رپيا في چرخو يا سوا رپيو في هُرلو جي ادائيگيءَ ۾ ٿيندڙ سختين جي ڏس ۾ ڏکي لکپڙهه ڪئي هئي. انهيءَ شڪايت ڪانپوءِ ڪجهه خاص قانون لاڳو ڪيا ويا، جيڪي هن ڪتاب جي پهرين جلد ۾ حقابو واري باب ۾ تفصيل سان ڇاڻايل آهن.

## گولڊسمڊ جو نبيرو

1858ع جي نبيري هيٺ، سنڌ جي فتح وقت هن مير جي تحويل ۾ جيڪي جاگيرون هيون، تن جي هيٺين شرطن هيٺ توثيق ڪئي وئي. هن جي حيثيت ۾ سندس فطري زندگيءَ جي عرصي لاءِ، وفادار ۽ سچار رهڻ تائين، مداخلت نه ڪرڻي هئي.

(ڏسو سَند نمبر 4). پر هن جي موت کانپوءِ، سندس لاتعداد جاگيرن جي ٽي لک ٻائيتاليهه هزار 722 بيگهه ايراضيءَ منجهان، چوٿون حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي خيال کان پنجاسي هزار 680 بيگهه زمين ۽ غيرآباد زمين جي هڪ پاڳي تي ايراضيءَ جي خيال کان پنجاسي هزار 742 بيگهه ايراضي تخفيف ڪئي وئي، يعني مجموعي طور هڪ لک سترهن هزار 422 بيگهه زمين تخفيف ڪئي وئي. جڏهن ته هن جي وارثن ڪي باقي رهيل هڪ لک ايڪهتر هزار ٽي سؤ بيگهه ايراضيءَ واريون جاگيرون توثيق ڪري ڏنيون ويون.

## جاگيردار جوموت ۽ جاگير جي توثيق

هي مير 30 آڪٽوبر 1869ع تي گذاري ويو. توثيق ٿيل جاگير جي ڏس ۾ ڏسو دستاويز. (8)

# 9. مير ٻڍو

## سماجي حيثيت، جائيداد ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ موجب، مير ٻڍو، شهواڻي ٽُڪ يا پاڙي جو سردار هو، جنهن جي اُتر سنڌ جي ماڻهن ۾ گهڻي عزت هئي. مير ٻڍو جي پيءُ مير محمد عليءَ ڪي، سندس تحويل ۾ موجود سموري ملڪيت، جيڪا دستاويز (9) ڪالم ڏهين کان تيرهن تائين ڄاڻايل آهي، مير غلام علي هڪ عهدنامي هيٺ توثيق ڪري ڏني هئي، جنهن ۾ هي اکر لکيل هئا: ”هن جو اولاد (خاص ڪري مرد وارث) سندس جاگير جو وارث ٿيندو.“

مير ٻڍو جي تحويل ۾ سنڌ جي فتح وقت موجود مٿئين جائيداد، سر چارلس نيپيئر فيبروري 1846ع ۽ 1858ع جي نبيري هيٺ، رواج هيٺ توثيق جي عام شرطن هيٺ منظور ڪري ڏني.

# 10. مير علي مراد ولد مير احمد ۽
# 11. مير محمد حسن ولد حاجي احمد خان

## حاجي احمد خان جي ملڪيت

مير مراد علي 28 جولاءِ 1817ع تي هڪ سَند هيٺ، مهڙهه بولا خان جي جاگير مير

احمد خان جي ڏاڏي مير حاجي احمد خان کي، سٺ رپيا اجاري (مقاطعي) ۽ ٻين محصولن سميت منظور ڪري ڏني. ساڳئي مير هڪ ٻيءَ سَند نمبر 16 جولاءِ 1822ع هيٺ، هن کي يڪتيار واهه اضافي طور عطا ڪيو، ۽ 7 آگسٽ 1822ع تي جاري ٿيل هڪ ٽين سَنڌ ۾ جاتيءَ جي علائقي مهڙهه بولا خان جي ڳُجا ۾ هڪ هزار مير بيگهه زمين منظور ڪري ڏني. ساڳئي مير هن کي هڪ عهدنامي هيٺ، هڪ لک چائيتاليهه هزار 516 بيگهه واريون ٻيون ٻه جاگيرون ڏنيون، جن ۾ نورائي ۾ سٽتيهه هزار 370 نيپيئرين بيگهه، ڪانيارڙي ۾ پنج هزار 553 نيپيئرين بيگهه، يڪتيار واهه ۽ مَتي ۾ پنج هزار ڇاهتر نيپيئرين بيگهه، نئون ڪاڪ ۾ هڪ هزار 464 نيپيئرين بيگهه، مهڙهه بولا خان ۾ پنجويهه هزار 132 نيپيئرين بيگهه شامل هيون. گڏوگڏ هن جي حصي ۾ سندس ڀاءُ محمد خان جي جاگير جو جيڪو حصو هو، سو ڪرم خان ۽ حاجي احمد خان جي وچ ۾ ورهايو ويو هو.

امام واهه تي موجود جاگيرن ۾ مُناهه ۾ ٽي هزار 892 نيپيئرين بيگهه، سُتياڙو ۾ هڪ هزار 913 نيپيئرين بيگهه، ملوڪ واهه تي نَوَ هزار 757 نيپيئرين بيگهه، حَسن واهه تي ايڪيهه هزار 960 نيپيئرين بيگهه، لاڪڙا تي پنج هزار ڏهه نيپيئرين بيگهه، ڪَڙيو رحمان تي پنج هزار ٻه سؤ نيپيئرين بيگهه، چَڪ تي ٽي هزار 402 نيپيئرين بيگهه، نري تاهڙي تي پنج هزار ٽي نيپيئرين بيگهه، کيڙوٽ تي ٽي هزار 781 نيپيئرين بيگهه، پُراڻو سَنهڙو تي ڇهه هزار 190 نيپيئرين بيگهه، پُراڻو ڪاڪ تي ڇهه هزار 955 نيپيئرين بيگهه، منجهريءَ تي هڪ هزار 625 نيپيئرين بيگهه ۽ ڏوڏيءَ تي 236 نيپيئرين بيگهه شامل هئي.

## حاجي احمد خان جي وڏي پُٽ غلام حيدر جو ذڪر

هن جي موت کانپوءِ، سندس پُٽ غلام حيدر کي 25 سيپٽمبر 1825ع تي جاري ٿيل سَند هيٺ جاگير توثيق ڪري ڏني وئي. وري 8 جولاءِ 1829ع تي جاري ٿيل هڪ ٻيءَ سَند ۾، ”مير فتح علي ۽ غلام عليءَ جي دؤر ۾ سندس قبضي ۾ موجود هئڻ پٽاندر“ غلام حيدر کي کيڙوٽ جي جاگير ڏني وئي.

## ميراحمد خان ۽ سندس ڀاءُ محمد حسن جو ذڪر

غلام حيدر پنهنجي مرڻ کان اڳ مير نصير خان کان، پنهنجي جاگير سندس پُٽ احمد خان جي نالي توثيق ڪرڻ واريءَ هڪ سَند ورتي هئي. پر ڪئپٽن رٿبورن موجب، احمد خان کيچلو هو، جنهن پنهنجي ڀيءُ جي مرڻ کانپوءِ، پنهنجي چاچي محمد حَسن

۽ سندس وچ ۾ زمين جي ورهاست واري معاهدي هيٺ، ڪيس خانداني زمينن جو حصو ڏئي ڇڏيو هو (ڏسو سَند نمبر 11). پوءِ مير نصير خان ان ورچ جي منظوري ڏني (ڏسو ڪئپٽن رٿبورن جو 11 فيبروري 1846ع تي سنڌ حڪومت جي سيڪريٽريءَ ڏانهن لکيل خط نمبر 104). جيڪا جاگير 24 جولاءِ 1841ع تي محمد حسن کي توثيق ڪري ڏني وئي، جنهن جي ڪُل ايراضي اوڻٽيهه هزار 837 بيگهه هئي، منجهس منجريءَ ۾ 811 بيگهه، نئين ڪاڪ ۾ هڪ هزار 464 بيگهه، ڪانياڙيءَ ۾ چار هزار 392 بيگهه ۽ حسن واهه ۾ ايڪيهه هزار 960 بيگهه، مُهڙهه بولا خان ۾ گُجا ۽ رَتول ۾ هڪ هزار 210 بيگهه زمين شامل هئي. ۽ مير احمد خان جي باقي سموري جاگير سندس پوٽي احمد خان کي ڏني وئي. ان سَند تي گورنر مُهر هڻي ۽ پٺي مير ان هيٺ پنهنجون جاگيرون سنڀاليندا رهيا.

مير مراد عليءَ جي هڪ عهدنامي مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي، جنهن کي ڪئپٽن رٿبورن جاچ لاءِ سيڪريٽريءَ ڏانهن اُماڻيو هو، ته سنڌ جي فتح وقت مير احمد خان جي قبضي ۾ متي ۽ يڪتيار واهه واريون ايراضيون نه هيون، پر انهن جاگيرن جي مير نورمحمد، مڇيري ۽ گارو جاگيرن لاءِ متاستا ڪئي هئي، ۽ احمد خان جي "چوڙبندي"، محمد حسن کي ڏنل ڪانياڙي جاگير ڪان ڌار هئي. ان چوڙبندي جي ايراضي هڪ هزار 161 نيپيئرين بيگهه هئي، ۽ اها مير احمد خان سان واسطو رکندڙ هئي.

## علي مراد جي زميني ملڪيت

مير احمد خان 23 فيبروري 1856ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. 1858ع جي نبيري ۽ 1861ع جي سَند هيٺ علي مراد جون سموريون جاگيرون (هڪ لک سورهن هزار 679) بيگهه، چوٿين حصي جي ڍل ڏيڻ جي شرط هيٺ، هن طرفان دائمي جاگير جي منظوريءَ لاءِ ڏنل درخواست مهل، 76-1875ع تائين سندس تحويل ۾ رهيون. نيٺ هن کي، حڪومت غيرآباد زمين جي خيال کان جاگير منجهان انتيهه هزار 879 بيگهه تخفيف ڪندي، جاگير توثيق ڪري ڏني. مير محمد حسن کي 1858ع جي نبيري هيٺ سندس تحويل ۾ موجود جاگير منظورڪري ڏني وئي، پر هن جاگير جي پيٽ ۾ ماهوار 125 رپيا وظيفو وٺڻ قبوليو، ۽ انهيءَ انتظام جي منظوري ڏني وئي (ڏسو 24 جولاءِ 1860ع تي حڪومت جو منظور ٿيل ٺهراءُ نمبر 2645). نومبر 1847ع ۾ هن بابت ڪئپٽن رٿبورن ڄاڻايو ته، "هو پنهنجي مزاج ۾ ڏاڍو سُٺو شخص آهي، پر بدقسمتيءَ سان قرضن ۾ سوگهو ۽ ڳتيل آهي."

# خاناڻي

## تعارف

ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته، ”هن پاڙي جو ذڪر ڪرڻ ڏکيو آهي، ڇوته وارثن طرفان اهو فرض ڪيل آهي، ته اهي عام طور عليءَ جا اولاد آهن. منهنجو خيال اهو آهي، ته انهيءَ ڳالهه تي رڳو مبارڪ جي پُٽن مقصودو ۽ آلودو جي آکهين، جن کي مقصوداڻي ۽ آلوداڻي سڏيو وڃي ٿو، جي سردارن کان جند ڇڏائڻ ۽ پاڻ کي ڏار رکڻ جي احتياط طور سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي ٿو.“

ڪئپٽن رٿبورن جي ”ٽالپر گهراڻي (تاريخ اٽڃاڻايل) جي خانداني شجري“ مان ظاهر ٿئي ٿو، ته غلام حيدر خان، مقصوداڻي پاڙي جو سردار آهي، ۽ محمد خان يا مير محمد خان آف ڄام هالا جو ٽنڊو، آلوداڻين جو سردار آهي. پويان ڄاڻايل همراهه خاناڻي پاڙي جي ٻين فردن کان اوچي سماجي حيثيت جو مالڪ آهي.“

هيٺ ڄاڻايل خانداني شُجري مان، شهداد جي چاچي علي کان خاناڻي آکھ جي جاگيردارن جي نسب جو پتو پوي ٿو.



## 12. مير محمد خان، خاناڻي

### سماجي حيثيت ۽ زرعي جائيداد

هن جاگيردار جو پيءُ چاڪر، ميرن جي دؤر ۾ مکيه سردارن منجهان هو. هن حيدرآباد کان ٽنڊو الهيار ڏانهن ويندڙ رستي سان لڳ چاڪر جو ٽنڊو جوڙايو هو.

آلودي جي پوٽي مير ٻڍو جي وفات کانپوءِ، هن جا ٽي پٽ ولي محمد، جان محمد ۽ شير محمد، ۽ سنڌن سئوٽ محمد خان، پنهنجون جاگيرون هيٺين ريت پيهر ورهائي ورتيون، ۽ مير مراد علي جاري ٿيل هڪ سَند هيٺ انهن جي توثيق ڪئي.

ٽن ڀائرن جي گڏيل ملڪيت ۾ ڪيبراڻي، مڪانَ شال، ڪَڙيو محمد خان جمالي، چاڙائو جا ست ڀاڱا: جهوڪ، واڻيجا جا ٽي حصا، مڪان خانپور جيلوري جا ٽي حصا، مڏر، ڀاڻڻ، ڏماڻو ۽ ڏميريلو (مير غلام علي طرفان 1811ع ۾ منظور ڪيل) جاگيرون شامل هيون.

محمد خان جي جاگير ۾: (1) ڪَڙيو محمد خان جمالي (چوونجاهه هزار 892 بيگهه) ڪانسواءِ، مڪانِ ناهيجا. (واضح رهي، ته سيپٽمبر 1810ع تي مير ٻڍو جي نالي تي جاري ٿيل هڪ سندِ هيٺ وٽس هن جاگير جو قبضو ڏسي سگهجي ٿو.

(2) مڪان چاڙائو جا هڪ ڀاڱي اٺ حصا (5292 بيگهه)، (مٿين چاڻايل سَند موجب وٽس ڏسي سگهجن ٿا.)

(3) بلال جاگير (4732 بيگهه) هڪ ڀاڱي چار ادائيگي بجاءِ وغيره سندس پيءُ مرحوم مير چاڪر خان جي قبضي ۾ هئي: (بلال جاگير جي اصلي منظوري واري سَند تي تاريخ 15 جولاءِ 1831ع لکيل آهي.)

(4) مڪان خانپور جيلوري، مڏر، ڀاڻڻ، ڏماڻو جو هڪ ڀاڱي چار حصا، ۽ واڻيجا جو هڪ ڀاڱي چار حصو شامل آهي.

مير حسين علي خان 6 آگسٽ 1841ع تي سَند وسيلي، مير محمد خان کي هڪڙي ٻي جاگير به منظور ڪري ڏني، جيڪا ٻيهري (چار هزار مير بيگهه= 2928 نيپيئرين بيگهه) آهي. هي جاگير سَند ۾ ڄاڻايل مواد موجب، مسٽر فرنينڊز طرفان ٿيل ماپ کانپوءِ، 2149 بيگهه وڃي بيٺي.

### سر چارلس نيپيئر ۽ ميجر گولڊسمڊ جو نبيرو

هن مير جي تحويل ۾ سنڌ جي فتح وقت، خانپور جيلوري، مڏر، ڀاڻڻ ۽ ڏماڻو جو

هڪ پاڳي چار حصا ۽ واٽيجا جي هڪ پاڳي چار حصن واري جاگير ڪانسواءِ، موجود سموري ايراضي ڪيس توثيق ڪري ڏني وئي. 1858ع جي نبيري ۾ هن جي قبضي هيٺ آيل زمين جي ايراضي ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ڪئي وئي، پر ٻائيتاليهه هزار بيگهه ايراضيءَ کي پيهر دائمي جاگير طور ڏيڻ جوڳي ايراضيءَ جي حيثيت سان ڇاٽايو ويو. (ڏسو دستاويز نمبر 4)

## مير جي وفات

مير 26 نومبر 1880ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيپٽن رٿبورن موجب، هي مير آفيم جو موالي هو، پر سٺي ڪردار جو مالڪ ۽ ڏاڍو ٺاهوڪو ماڻهو هو."

13. مير احمد خان

14. مير شير محمد خان

## مير ٻڍو جي پٽن جي ملڪيت

اهو اڳ ۾ به ڇاٽايل آهي، (ڏسو دستاويز نمبر 12)، ته مير ٻڍو جي پٽن ولي محمد، جان محمد ۽ شير محمد کي، مير مراد علي کهڙيون جاگيرون منظور ڪري ڏنيون هيون. مير ٻڍو جي پيءُ جو وهانءُ مير صوبدار سان ٿيل هو، ۽ هوءَ مير فتح علي جي ماءُ هئي. مير ٻڍو جي وارثن ۾ مير احمد خان ۽ مير شير محمد خان وارا آهن، جن کي ورلي "ٻڍاڻي" به چيو ويجي ٿو. وڏي پٽ مير ولي محمد جي اولاد بنا موت کانپوءِ، مير نصير خان هڪ عهدنامي وسيلي، قرآن تي نه، پر مقدس اکرن "الحمد" جي شروعات سان، جنهن تي آڪٽوبر 1841ع جي تاريخ ۽ سال لکيل آهي، تنهن وسيلي جيئرن ڀائرن ۾، حصا ڇاٽائڻ بنا گڏيل طور به لک اٺاويهه هزار 103 بيگهه ايراضيءَ واري جاگير لکي ڏنائين. انهن جاگيرن ۾ ڪَرِيو محمد خان جمالي ۾ 3118 بيگهه، گنگو ٻنڙي ۾ 3370 بيگهه، ڇيڙ واهه ۾ پنجيتاليهه هزار 335 بيگهه، ڪيبراٽي ۾ اوڻهٺ هزار 231 بيگهه، جهوڪ ۾ سورهن هزار 368 بيگهه، ڪوڪر يا ڪَڪَڙَ ۾ تي هزار پنجويهه بيگهه، اڌ ٻاريڇاٽي جاگير ۾ 1331 بيگهه، ڏميريلا ۾ 8623 بيگهه، گهنور واهه تي چاليهه هزار 461 بيگهه، شال ۾ ايڪيتاليهه هزار 305 بيگهه ۽ واٽيجا ۾ 5946 بيگهه ايراضي شامل هئي. (ڏسو ميجر گولڊسمڊ طرفان 19 آگسٽ 1858ع تي اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ مسٽر گبس ڏانهن موڪليل دستاويز نمبر 186)

حصي جي ادائيگيءَ جو شرط مڙهيو ويو. (ڏسو سَند نمبر 8 يا 9). مير نصير خان جي عهدنامي تي گورنر جي مهر نه لڳل هئي، پر اها نبيري جي بنياد جيان هئي، (ڏسو ڪيپٽن هارڊنج جو ترجمو تاريخ 3 ڊسمبر 1847ع). سر چارلس نيپيئر جي وقت ۾، ميجر گولڊسمڊ 1858ع ۾ نبيري جي تجويز واسطي ان سَند تي زور ڏنو هو.

## زميني ملڪيت جي ورڇ

ڪيپٽن اسٽئنڪ سفارش ڪئي هئي، ته جان محمد جون جاگيرون سندس پٽ کي توثيق ڪري ڏنيون وڃن، چوته هو پيداوار جو چوٿون حصو ادا ڪندڙ آهي، ۽ اهو ته شير محمد جي جاگير وٽس ئي رهڻ ڏني وڃي. تنهنڪري اهو ضروري بڻجي ويو هو، ته جاگيرن جي ورڇ ڪئي وڃي، ۽ مير شير محمد ۽ احمد خان وچ ۾ معاهدو ٿيو، جنهن هيٺ جاگير نمبر 9، 10 ۽ 11 جي پيداوار جو حصو شير محمد جي حصي ۾ آيو ۽ 1 کان 8 وارين جاگيرن جو حصو احمد خان جي حصي ۾ آيو. ان معاهدي ۾ پيهر درستگي ڪئي وئي، ۽ نيٺ، اهي جاگيرون هن وٽ ئي رهيون، جڏهن ته بيون جاگيرون احمد خان وٽ، ڪمشنر طرفان منظوري ڏيڻ جي شرط هيٺ، عارضي طور رهيون. پر احمد خان جي ڪيپٽن اسٽئنڪ طرفان بين جي سَندن جيان اڳتي موڪليل سَندن جي توثيق نه ڪئي وئي، جيتوڻيڪ اهي جاگيرون هن جي قبضي ۾ رهيون.

## چوٿين پتي ونجندڙ ايراضي

هو حڪومت کي "ساليانو اناج جا ڏيڍ سؤ خرار" ۽ پيداوار جي چوٿين حصي بدران 350 رپيا روڪ ڏيندو هو، جنهن تي حڪومت پيڏاري رسوائي (Pedari Raswai) (سندس پيءُ طرفان برطانوي فوجن سان وڙهڻ جي سزا) جي حيثيت سان دعويداري هئي. اهو مٿيون نبيرو حيدرآباد جي تڏهوڪي ڪليڪٽر ڪيپٽن رٿبورن 48-1847ع ۾ چوڏهن سالن لاءِ ڪيو هو.

## پيداوار ۾ واڌ

احمد خان مٿين انتظام ڪرڻ ڪانپوءِ، خريف 1266 جي موسم ۾ حڪومت جي سرڪاري سارنگ واهه مان هڪڙو نئون ڪَڙيو ڪوٽايو، جنهن تان حقابو هيٺ، حڪومت ان ڪَڙئي جي پيداوار مان اڌ حصو ونندي هئي. جيئن ته اهو ڪَڙيو جاگيردار جي نئين آمدني جو وسيلو بہ هو، تنهنڪري هن مٿي ڄاڻايل 150 اناج جا خرار ۽ چوٿون حصو پيڏاري رسوائي طور ڏيڻ قبوليو هو. (ڏسو ڊپٽي ڪليڪٽر هالا طرفان 27 آگسٽ 1858ع تي ڪليڪٽر ڪراچيءَ ڏانهن اماڻيل خط نمبر 162.) بهرحال

هيون، ۽ جيتوڻيڪ اهي سڌي طرح موروثي نه هيون (جوته سنڌ ۾ ڪي به جاگيرون نه هيون)، پر رواجي حالتن هيٺ ڪين، جاگير جي تحويلدار جي موت ڪانپوءِ، سندس وارثن مان ڪنهن کي پيهر منظور ڪري ڏنيون ويون هيون. مير محراب جي تحويل ۾ موجود جاگيرن منجهان ڪي ادائيگي بجاءِ، ته ڪي وري 'جزوي بخشش' طور ڏنل هيون." هن مٿي ڄاڻايل ڄاگيرن جي پيداوار جي چوٿين حصي جي تخفيف واري سوال کي گورنر هز ايڪسيلينسي جي اُڪلاڻ واسطي ڇڏيندي، جاگيرن جي توثيق ڪرڻ جي سفارش ڪئي. هن اها پڻ تجويز ڏني، ته مرحوم جي ننڍي پُٽ محمد عليءَ ۽ وڏي پُٽ مبارڪ کي برابر حصي طور جاگير جي توثيق ڪري ڏني وڃي. هز ايڪسيلينسيءَ کي ان مامري ۾ جاگير ۾ توثيق ڪرڻ جو ڪو سبب ڏسڻ ۾ نه آيو. (ڏسو 23 سيپٽمبر 1846ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن لکيل خط 2463)، پر ان مامري جي ڏس ۾ لکپڙهه جو سلسلو جاري رهيو، جنهن جو نتيجو مير محراب جي رتبي کي ڏسندي، سندس پن وارثن جي حمايت ۾ پليجو ۽ سوهو ۾ پوڪيل چوڏهن هزار 580 (= ڏهه هزار 672 نيپيئرين بيگهه) ايراضيءَ واريءَ جاگير ۾ توثيق جي صورت ۾ نڪتو. (ڏسو ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن 24 مارچ 1847ع تي لکيل خط نمبر 739). مير مبارڪ جي سَند ۾ هيٺين ريت لکيل آهي: "هن (محراب) جي موت تي، تنهن دؤر ۾ رائج رسم موجب، پيداواري ايراضيءَ جا ڏهه هزار 672 بيگهه سندس پُٽ مير محمد علي ۽ سندس وچ ۾ هڪجيترن حصن ۾ ورهاست ڪئي وئي."

پنهنجي پيءُ غلام شاهه جي جاگير جو وارث ٿيڻ لاءِ، مير مبارڪ جي دعويٰ جي ڏس ۾، سر چارلس نيپيئر هيٺين ريت لکيو: (ڏسو 8 نومبر 1844ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن لکيل خط نمبر 3233)، "اهو معلوم ٿئي ٿو، ته هن جو چاچو (پيءُ سمجهيو وڃي) مير غلام شاهه، پنهنجي حڪومت لاءِ وڙهندي مارجي ويو هو. تنهنڪري، جيڪڏهن مرحوم جو وارث، مير مبارڪ خان آهي، ته هز ايڪسيلينسي سندس چاچي جي جاگير، حڪومت کي ڪجهه ٿورڙي ڍل ڏيڻ واريءَ شرط هيٺ، ڪيس ڏيڻ لاءِ تيار آهي." هز ايڪسيلينسي، مير مبارڪ خان جي تحويل ۾ موجود ڇهه هزار ۽ بيگهه جاگير منجهان، ادائيگي بدران 1127 بيگهه (يعني 4875 بيگهه باقي رهندي)، پيداوار جي چوٿين حصي جي ادائيگي جي شرط سان تخفيف ڪندي، ڪيس هيٺين جاگير منظور ڪري ڏني. اهڙي ريت مير مبارڪ جي تحويل ۾ ڏهه هزار 211 بيگهه ايراضي رهي.

## محمد علي جي زميني ملڪيت

سر چارلس نيپيئر 23 سيپٽمبر 1846ع (ڏسو مٿين تاريخ ۽ سال تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن موڪليل خط نمبر 2463) تي محمد علي کي، شوربڪي بدين ۾ 2928 بيگهه ايراضي پنهنجي تحويل ۾ معافي جاگير طور رکڻ جي منظوري ڏني (ڏسو سند نمبر 11)

## 1858ع وارو نبيرو

1858ع واري نبيري هيٺ، سندن تحويل ۾ موجود جاگيرن جي توثيق ڪئي وئي، پر مير مبارڪ لاءِ دائمي طور توثيق ٿيل جاگير واري ايراضي 7786 بيگهه، ۽ محمد علي لاءِ 7286 بيگهه ڄاڻائي وئي. انهن پنهي ميرن جي سَندن ۾ اها وضاحت ڪئي وئي هئي، ته انهن هيٺ منظور جوڳين مستقل جاگيرن ۾، مير محراب جي 5336 بيگهه واري، "ڪنهن تخفيف بنا" جاگير به شامل آهي. تنهنڪري ميرن کي ان جاگير مان غيرآباد ايراضي تان هٿ ڪڻ جي ڇوٽ نه آهي. (11)

## مير محمد عليءَ جو لاڏاڻو

مير محمد علي 7 فيبروري 1879ع تي گذاري ويو. ۽ مير مبارڪ اڃا جيئرو آهي. ڪيپٽن رٿبورن پنهنجي 1847ع واري خط ۾ مير مبارڪ لاءِ لکيو ته، "هو واضح طور ناهوڪي شڪل صورت جو ماڻهو ڇوڪرو آهي،" ۽ مير محمد "ڪنهن ذڪر جوڳي ڪردار جو مالڪ نه، پر عام رواجي نوجوان آهي."

18. مير غلام حيدر ولد علي محمد
19. مير غلام الله ولد علي محمد
20. مير احمد علي ولد علي محمد
21. بيواهه مير علي محمد
22. علي مراد ولد علي محمد

## زميني ملڪيت

مير غلام حيدر، پنهنجي ٽن مٿي ڄاڻايل ڀائرن- مير غلام الله، مير احمد علي ۽ علي مراد سان گڏ مير صوبدار جو ملازم هوندو هو. جنهن کان هن جاگيرن جون ٽي

سَندون ورتيون هيون، منجهانئن پهرين سَند تي 2 ڊسمبر 1837ع، ٻيءَ سَند تي 27 آڪٽوبر 1838ع ۽ ٽين سَند تي 20 جون 1839ع جي تاريخون لکيل آهن. سنڌ جي فتح کان اڳ پنهنجي ڀائرن سميت وٽن، انهن سَندن هيٺ ٻائيلا، گُجا، شهاب الدين، ناهيڪي ۽ سِپڪي ۾ جاگير ون موجود هيون. هن 1844ع تي گورنر جنرل کي "سلام" پيش ڪيو ۽ پنهنجن جاگيرن کي ٻيهر منظور ڪرايائين.

## مير غلام حيدر جو لاڏاڻو ۽ جاگير جي ورڇ

مير غلام حيدر جولاءِ 1851ع ۾ گذاري ويو. ڪليڪٽر ڪراچي، ڪمشنر جي منظوريءَ سان، 30 جولاءِ 1852ع تي پرواني تحت، غلام حيدر ۽ سندس ڀائرن جي جاگيرن جي ورهاست جو حڪم ڏنو ۽ هن جو حصو 7740 بيگهه (هن جي ننڍي ڀاءُ کان پيٽو) مقرر ڪيو ويو، جنهن منجهان وٽس 220 بيگهه ايراضي ادائيگي هيٺ موجود هئي. ساڳئي پرواني ۾، رعيتي ايراضيءَ کي پنهنجي ايراضيءَ ۾ شامل ڪرڻ جي سزا سببان، 1209 بيگهه (= ٻه هزار مير بيگهه) سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي هدايت ڏنل هئي.

## جاگير جي تخفيف

ڪيپٽن پيلي جي منظور ٿيل نبيري هيٺ، مير غلام حيدر جي حصي مان دوکي جي خيال کان، باقي رهيل جاگير جو چوٿون حصو، يعني 1633 بيگهه وراثت تي تخفيف ڪرڻو پيو. اهڙيءَ ريت 2842 بيگهه تخفيف ڪئي وئي ۽ 4808 بيگهه زمين، ظاهري طور ناهيڪي ۽ سپڪي ڪانسواءِ، ٻيهر منظوري لاءِ وڃي بچي.

## 1858ع وارو نبيرو

سندس پٽ جان محمد جي تحويل ۾، 1858ع جي نبيري هيٺ، اهي جاگيرون دائمي طور رهڻ ڏنيون ويون، جنهن هيٺ جان محمد جي مرداڻي وارث کي ٻيهر منظور ڪري ڏيڻ سببان، 1798 بيگهه ايراضي سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جوڳي، يعني 220 بيگهه ادائيگي ۽ (12) 1578 بيگهه غيرآباد ايراضي سببان هڪ پاڱي ٽين حصي جي حيثيت سان داخلا رکي وئي.

## مير احمد جو حصو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ

غلام حيدر جي ڀاءُ شاهه عليءَ کي، وٽس سلام پروانو نه هئڻ سبب، جاگيردار طور نه مڃيو ويو. هن جو ڀاءُ احمد علي (نمبر 20) 5 جولاءِ 1849ع تي ڪنهن اولاد بنا گذاري ويو ۽ هن جو حصو 3870 بيگهه، حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو.

## غلام الله جي پٽ کي جاگير منظور ڪري ڏيڻ

مير غلام الله 2 نومبر 1849ع تي گذاري ويو ۽ ۽ پويان هڪڙو پٽ مبارڪ ڇڏي ويو، جنهن کي بهرحال هڪ غلطي سببان، پنهنجي پيءُ جي 3870 حصي واريءَ جاگير مان هڪڙو بيگهه بہ بہ توثيق ڪري نہ ڏنو ويو. ان غلطيءَ کي 1858ع جي نبيري هيٺ درست ڪيو ويو، جنهن هيٺ هن جي ادائيگي واريءَ (110 بيگهہ) رکيل ايراضي تخفيف ڪئي وئي، ۽ باقي رهيل هڪ پاڱي ٽيون حصو (اتڪل 1260 بيگهه) غيرآباد ايراضي سببان، تخفيف ڪيو ويو. جڏهن تہ هن مير کي باقي رهيل اڍائي هزار بيگهه ايراضي دائمي جاگير طور منظور ڪري ڏني وئي.

## مير علي محمد جي بيواهہ جو حصو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ

غلام حيدر جي ماءُ (نمبر 21) 10 نومبر 1854ع تي لاڏاڻو ڪري وئي ۽ سندس 1935 بيگهه حصو سرڪاري تحويل ۾ هليو ويو.

## علي مراد جو سنڌ جي فتح وقت ۽ 1858ع جي نبيري هيٺ حصو

غلام حيدر جي ٻئي پٽ علي مراد، کي سنڌ جي فتح وقت بائيلا، گجا، شهاب الدين، ناهيڪي ۽ سپڪي ۾ 3870 بيگهه ايراضيءَ واري جاگير منظور ڪري ڏني وئي (ڏسو سند نمبر 13). 1858ع جي نبيري هيٺ هن وٽس موجود ايراضيءَ کي پنهنجي تحويل ۾ رکيو، پر سندس وفات کانپوءِ 176 بيگهه ايراضيءَ کي، جيڪا ادائيگي بجاءِ وٽس هئي، حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو، ۽ باقي هڪ پاڱي ٽيون حصو غيرآباد ايراضيءَ سببان تخفيف ڪرڻو پيو. جڏهن تہ باقي بچيل 2450 بيگهه ايراضيءَ واري جاگير هن جي مرد وارثن کي دائمي طور پيهر منظور ڪري ڏني وئي. (ڏسو سند نمبر 13)

## علي مراد جي وفات

هي 30 آڪٽوبر 1873ع تي گذاري ويو.

# ماٽڪاڻي

## باگاڻي ۽ جاداڻين جي اهميت

هي گهراڻو ميرپور تي حڪومت ڪندو هو. ماٽڪ جي وڏي پُٽ الهيار جا ٽي پُٽ ـــ مَسُو، جادو ۽ راڄو هوندا هئا. پهرين جا وارث ميرپورخاص جا سرڪاري وظيفو وٺندڙ آهن. جاداڻي ۽ باگاڻي ٽالپرن جي ٻنهي آکهين جو اصل بڻ جادو آهن، ۽ ٻنهي طبقن جي مکيه جاگيردارن جي ايڏي اهميت آهي، تنهنڪري ضروري ٿيندو، ته سندن سڄي ماٽڪاڻي قبيلي جي سردارن جيان ذڪر ڪيو وڃي.“ (ڏسو ميجر گولڊسمڊ جي ٽالپرن تي رپورٽ)

ماٽڪ جي وڏي پُٽ جي پوٽي مير ٺاري کي، ٽالپرن طرفان 1783ع ۾ ڪلهوڙن کي حڪومت مان بيدخل ڪرڻ ڪانپوءِ، ڪافي جاگيرون حصي طور مليون هيون، جيڪي حيدرآباد جي اوپر ۽ ڏکڻ ۾ ڪوٽڙي سميت چاچڪان، ميرپور بٺورو، بيرام پور ساراڻي، سماواتي، ٺٽو، اوڊيجاڻي (ننڍڙو حصو)، ميرپورخاص، الهيار جي ٽنڊي ضلعن ۾ موجود هيون. هن ميرپور جي قلعي کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو، ۽ اُتان پاڻ ۽ سندس وارث، سنڌ جي فتح واري تاريخ تائين، حڪومت ڪندا رهيا.“ (ڏسو ڪيپٽن ليوس پيليءَ جو پهرين جنوري 1856ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪليل خط نمبر 2). ٺاري جي پاءُ الهيار، ٽنڊو جوڙايو هو، جيڪو سندس نالي پويان سڏجي ٿو.

## ٺاري جو پوٽو شير محمد

شير محمد، ٺاري جو پوٽو هو، جنهن ڏبا، ناريجا يا حيدرآباد جي جنگ وڙهي هئي، جنهن جنگ بابت مختلف ماڻهو چون ٿا، ته اها 24 مارچ 1843ع تي ٿي وئي. هن شڪست کائڻ کانپوءِ، پاڻ کي ميرپور ۾ وڃي ٽانيڪو ڪيو، جتي سر چارلس نيپيئر سندس پيڇو ڪندي وڃي پهتو. پوءِ هو عمرڪوٽ ڀڄي ويو، جيڪو هن جو پنهنجو قلعو هو، پر اُتي بہ سندس پيڇو ڪيو ويو، ۽ نيٺ 4 اپريل تي عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو ويو، ۽ شير محمد اُتر ڏانهن ڀڄي ويو. پوءِ، هو ترت فوج گڏ ڪرڻ ۾ سوڀارو

ٿيو، ٺٺکري، 6 مئي تي سر چارلس نيپيئر هن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ آڻ مڃڻ جو حڪم ڏنو. پر 8 جون تائين هنن ڏرين وچ ۾ ڪا به ويڙهه نه ٿي. انهيءَ تاريخ تي شير محمد جي ڀاءُ شاهه محمد، سيوهڻ کان ڇوڏهن ميل ويجهو لڪي ٽڪرين ويجهو، پير آريءَ جي ماڳ وٽ، هڪ جهڙپ ۾ شڪست کاڌي ۽ هن جي توبخاني ۽ هٿيارن تي قبضو ڪيو ويو. 13 جون تي، جنرل جيڪب تي، شهدادپور (شهدادڪوٽ) ڏانهن وڌندي، شير محمد حملو ڪري ڏنو، پر هو سوڀارو رهيو. جنهن ڪانپوءِ شير محمد ڀڄي ويو ۽ شڪارپور ويجهو جابلو ٽڪرين ۾ مختلف موقعن تي بروهين، افغانن، بگٽين ۽ ڊومبڪين قبيلن وٽ ترتيبوار پناهه وٺندو رهيو، ۽ آخرڪار، خيرپور ۾ مير علي مراد وٽ رهڻ جي اجازت نه ملڻ جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ وڃي پنجاب ۾ رهيو. (ڏسو سر. وليم نيپيئر جو ڪتاب "سنڌ جي فتح"). هن کي مارچ 1854ع ۾ ميرپور ۾ موٽي رهڻ جي اجازت ڏني وئي، جتي هو بغاوت وارن سالن ۾ حڪومت جو وفادار ٿي رهيو، ۽ هن کي ڪي. سي. ايس. آءِ جو خطاب ڏنو ويو. سر جان لارينس جي مداخلت کانپوءِ، نبيري هيٺ 8 جولاءِ 1847ع تي، ڪيس هڪ هزار رپيا ماهوار جي رقم وظيفي طور ڏيڻ جو فيصلو ٿيو: ۽ 1863ع ۾ هن جي وظيفي ۾ به هزار رپين تائين واڌارو ڪيو ويو. هو 24 آگسٽ 1871ع تي ميرپور کان به ميل جي فاصلي تي واقع ٽنڊي ۾ گذاري ويو.

23. مير خان محمد ولد غلام علي
24. مير فتح خان ولد غلام علي
25. فضل علي ولد حمزو

## سماجي حيثيت

مير خان محمد، جادو جي وارثن مان، مانڪاڻي پاڙي جو سردار هو. هن جي پيءُ ديرو محبت تعلقي ۾ تنڊو غلام علي جوڙايو هو. هو مير علي بخش شاهواڻي کان پوءِ ٻئي نمبر تي سماجي حيثيت جو مالڪ هو، جنهن وٽ سنڌ ۾ تمام گهڻيون جاگيرون هيون. مير فتح عليءَ جي مير غلام عليءَ جي ڀيڻ سان شادي ٿيل هئي، ائين غلام علي جي پُٽ خان محمد جي حيدرآباد جي حڪمران خاندان سان مائٽي ٿيل هئي.

سر وليم نيپيئر سنڌ جي انتظام بابت پنهنجي ڪتاب جي صفحي 280 تي، خان محمد جو "سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ سگهاري ٽالپر سردار ۽ شينهن (شير محمد) جي پائيتي، جنهن جي پاسي کان هُو، شير محمد جي جيڪب هٿان شڪست تائين، ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيو هو، جي حيثيت سان ذڪر ڪري ٿو." شير محمد جو خان محمد جي نالي سان ڪوبہ پائيتيو نہ هو. ظاهر آهي، تہ اهو سردار غلام عليءَ جو پُٽ مير خان محمد هو، ۽ شير محمد جو سڳو سئوٽ هو. سر وليم نيپيئر، هن طرفان 1845ع ۾ 'سک جنگ' جي تياري دؤران، پنهنجي خرچ تي هارين جي پنج هزار فوج ڪي آڇڻ واري آڇ جو ذڪر ڪيو آهي. سر چارلس نيپيئر ان آڇ کان نهايت ادب سان انڪار ڪيو هو.

## زميني جائيداد

هيٺ ڄاڻايل مواد مير فتح علي جي عهدنامي جو ترجمو آهي، جنهن تي ڪابہ تاريخ لکيل نہ آهي، جيڪا اهڙن دستاويزن ۾ رواجي ڳالهہ آهي:

"جيئن تہ هيٺ ڄاڻايل مڪان، جاگير جي حيثيت سان فيروز ۽ غلام علي کي ڏنا ويا تا، تنهنڪري اهي وٽن ئي رهڻ ڏنا وڃن. انشاءَ الله. انهيءَ ناهہ موجب، اڄ کان اُهي جاگيرون سندن وارثن جي تحويل ۾ "هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ" تائين رهنديون. جيتوڻيڪ ٻاگاٽي شايد ٻاڻ کي ساڻن شامل نہ ڪن (يعني جيڪڏهن اهي ائين ڪندا، تہ ڪين ڪائڻ ڏار ڪيو ويندو)، اسان انهن تي پنهنجي ڀائرن جهڙي نگاهہ

پٽ جي نالي تي ڪنارا خان واهه ۽ اڪرينجي ۾ 303 بيگهه. ڪاهري، علي بحر ۽ امام واهه تي 8710 بيگهه (منجهانئس تي هزار هڪ بيگهه ايراضي ادائيگي بدران، ۽ 8710 بيگهه ايراضي سنگت لاءِ 1082 بيگهه تخفيف ڪرڻ کان پوءِ بچيل، جنهن جي تخفيف 12 مارچ 1847ع تي ڪئي وئي) شامل هئي. جڏهن ته ڪراچي ضلعي جي ڏرگ، لاڙ ۾ اوڻهٺ هزار 117 بيگهه، جهلڪا ۾ 1626 بيگهه، نارلي ۾ 2416 بيگهه، تور اٽڙي ۾ چاليهه هزار چار سؤ بيگهه، هاليلي ۽ توڪ قاسم ۾ 3145 بيگهه، ککراٽي ۾ 2669 بيگهه، ڏرگ مٽانهين ۾ پندرهن هزار هڪ بيگهه، شادان ۾ سورهن هزار تيونجاهه بيگهه ۽ واهه صوبدار لکڀ ڏهه هزار 956 بيگهه زمين شامل هئي. جڏهن ته انهن جاگيرن مان سرفراز واهه، ڪَرِيو آڊو ۽ اڌ آريائي، ڇاري سونهر، ڪارلي ۽ آباد جاگيرن جي ايراضي ٽيٽيهه هزار 593 نيپيئرين بيگهه هئي، جيڪا روڪڙ يا اناج بدران سندس تحويل ۾ هئي، سا ڪيس رڳو سندس حياتيءَ لاءِ منظور ڪري ڏني وئي. گڏوگڏ، مير علي بحر ۾ ارڙهن هزار مير بيگهه ۽ چوڙيا ۾ 1184 مير بيگهه لاءِ پنهنجي جاگير هجڻ جي دعويٰ پڻ ڪئي هئي. انهيءَ ڏس ۾ هن سڀ کان پهرين مير مراد علي جي مختيارڪار خير محمد نوڙهي جي 28 شوال 1248 هجري واري لکيل بيان تي ڀروسو ڪيو، پر هن دعويٰ کي سر چارلس نيپيئر رد ڪري ڇڏيو. (ڏسو هن جو 30 مارچ 1847ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن اماڻيل خط نمبر 815): ۽ ڪمشنر مسٽر فريئر 1852ع ۾ ان مامري تي ٻيهر نظرثانيءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو. (ڏسو هن طرفان 20 آگسٽ 1852ع تي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن اماڻيل خط نمبر 2055). جڏهن ته مير ٻي دعويٰ کي سامهون رکندي چيو، ته هو اڌ جاگير سميت مير مراد علي طرفان تاريخ 1227هه تي جاري ٿيل سَند هيٺ نظاماڻين وٽ موجود 4188 بيگهه ۽ 1234هه جي تاريخ تي لکيل هڪ ٻيءَ سَند موجب جمعو چانگ نالي شخص وٽ 1184 بيگهه ايراضين وارين جاگيرن جي 4188+1184 يعني 5372 بيگهه ايراضيءَ جو حقدار هو، جڏهن ته هن کي رڳو 4188 بيگهه زمين ڏني وئي هئي. مسٽر فريئر مٿي ڄاڻايل خط جو حوالو ڏيندي، سندس دعويٰ کي ان بنياد تي قبولڻ کان انڪار ڪيو، جو جيئن ته جمعو چانگ جي سَند، ظاهري طور نظاماڻين جي جاگير سان ”اختلاف ۽ شڪ ڪانسواءِ“ هئي، ، تنهنڪري منجهانئس اهو نٿو واضح ٿئي، ته ان کي ميرن جي جاگير سمجهيو وڃي، ۽ اهو ته سر چارلس نيپيئر، مير سان ڪيل پنهنجي زباني واعدي تي پابند رهندي، کيس سا ڳئي ديهه ۾ جاگير جو حقدار هجڻ کان وڌيڪ اڳيئي ٻه هزار بيگهه ايراضيءَ منظور ڪري ڏئي چڪو هو.

"مرحوم سائينداد جي اڳوڻي جائيداد ساڳئي شرطن ضابطن هيٺ" ڏني وئي هئي. نيٺ پوءِ، مير غلام علي جي حڪم سان حيدر علي جي مامي خيرو ٽالپر کي جاگير ۾ گڏيل پائيوار ڪيو ويو، پر زميني ملڪيت جي صحيح ورڇ نه ٿي سگهي- سموري زمين جو محصول ٻن برابر حصن ۾ ورهايو ويندو هو. 1225هه (1811ع) ۾ خيرو جي موت کانپوءِ سندس نيراهه وارو حصو احمد خان، محمد خان، غلام حسين، باقر خان ۽ ٻين نظاماڻين جي نالي ڪيو ويو. بهرحال، ڪا صحيح ورهاست نه ٿي سگهي.

## مير مراد علي ۽ مير محمد خان جي دؤر ۾ سندس زميني جائيداد

بهرحال، 1242هه ۾ نيراهه جي جاگير بابت نظاماڻين وچ ۾ ٿيل ڏقيڙ ۽ جهيڙي سببان، مير مراد علي 19 ربيع الاول 1242هه تي هڪ سَند جاري ڪئي، جنهن هيٺ اڳ ۾ خيرو ٽالپر جي قبضي هيٺ آيل نيراهه جاگير جو اڌ حصو مٿي ڄاڻايل چئن نظاماڻين کي سونپڻ جو حڪم ڪيل هو. مير مراد علي جي وفات (جمادي الاول 1250هه) کانپوءِ، ڪڏيرا (هاٿي ٽنڊو باگو) جو سڄو پرڳڻو، جنهن ۾ نيراهه جي جاگير موجود هئي، سو مير محمد خان ٽالپر جي هٿن ۾ هليو ويو. تنهنڪري سندن اڳوڻي مرحوم مالڪ مير مراد علي جي پٽ مير نور محمد، چئن نظاماڻين کي معاوضي طور، گنباڙي ڏورمٺاهه ۽ نيراهه جي اڌ جاگير جي متبادل جي پيٽ ۾، هڪ ٻئي پرڳڻي ۾ پنج هزار بيگهه ايراضي ڏني، جنهن کي هن پوءِ (11 رجب 1254هه) وڌائي تيرهن هزار 892 بيگهه ڪئي، جنهن جي ايراضي نيراهه جي اڌ حصي جي جاءِ تي هئڻ جيان، واضح طور 6838 بيگهه هئي. حيدر علي جاداڻي هئڻ سببان، ڪنهن رنڊڪ بنا پنهنجي اڌ جاگير جو مالڪ رهيو، جيتوڻيڪ اهو پرڳڻو مير محمد جي هٿن ۾ هليو ويو هو.

## مير محمد خان جي حڪم سان پوکيل ايراضين جي ماپ

12 جمادي الثاني 1250هه تي، مير مير محمد جو نپايل – ويڳو پاءِ ۽ ساٿي يوسف خدمتگار وٽانئس ڪڏيرا ۾ پنج هزار بيگهه زمين جي جاگير ورتي. مير ميرمحمد جي حڪم سان نيراهه جي سموري جاگير ۾ پوکيل ايراضيءَ جي ماپ ڪئي وئي، ۽ اها ايراضي وبساهي يا نوبت ۽ اڻ پوکيل سميت وڃي پنج هزار اٺونجاهه بيگهه بيٺي. يوسف خدمتگار پوءِ نيراهه جاگير جي پوکيل ايراضيءَ منجهان 2529 بيگهه ۽ ٻئي پرڳڻي منجهان 2229 بيگهه سُني زمين جي چونڊ ڪئي، اهڙيءَ ريت 242 بيگهه ايراضي بچيل رهي، تنهنڪري پوءِ هن اها ايراضي جاتي پرڳڻي مان ورتي. مير حيدر علي نيراهه جاگير جي اڌ حضي جي پيداوار وٺندو رهيو.

## جاگيردار جي ڏيپارجا واري زميني ملڪيت

اڳيئي ذڪر ٿيل 13 فيبروري 1819ع تي جاري ٿيل سَند ۾، محمد خان جي پيءُ ميان غلام علي کي ڏيرڻ ۽ گهارو سميت ڏيپارجا جاگير منظور ڪري ڏني وئي هئي، پر مير خان محمد ڏيپارجا جي پيداوار مير حيدر علي کي سونپي ڇڏي، جنهن وٽ اها ايراضي سنڌ جي فتح وقت به موجود هئي.

## سنڌ جي فتح وقت ۽ 1858ع جي نبيري کان اڳ سندس ملڪيت

آخرڪار، مير حيدر علي کي نيراهه جو اڌ ۽ ڏيپارجا جون جاگيرون ڏنيون ويون. ڏيپارجا جي جاگير 3664 نيپيئرين بيگهه تي مشتمل هئي، ۽ اها پوءِ مير حيدر علي جي اجازت سان، ته هن کي ان جاگير تي ڪابه دعويٰ نه آهي، مير خان محمد کي سونپي وئي. جڏهن ته 2529 بيگهه تي مشتمل نيراهه جاگير جي سموري ايراضي يوسف خدمتگار جي تحويل ۾ هئي. آخرڪار، ڪليڪٽر حيدرآباد اپريل 1848ع تي، ويساهي ۽ پوڪيل ايراضيءَ کي ڌيان ۾ آڻڻ ڪانسواءِ ان بابت فيصلو ڏنو. مير هن فيصلي خلاف دعويٰ ڪئي، ۽ حقيقت اها هئي، ته مير نورمحمد، نظامائين جي سَند ۾ نيراهه جاگير جي اڌ سان برابر جي حيثيت سان، 6838 بيگهه جو ذڪر ڪيو هو، سو سندس حق ۾ هو. هن مامري بابت رپورٽ ڏيندڙ ڪيپٽن اسٽنڪ جو خيال هو، ته يوسف ماپ مهل اُتي موجود هو، تنهن "جيتوڻيڪ ايمانداري سان نه، پر سياڻپ سان امينن کي مجبور ڪري نيراهه جو اڌ حصو، 2529 بيگهه تي مشتمل، پنهنجي حصي ۾ شامل ڪرائي ورتو ۽ ائين هن ٻين پرڳڻن مان ٻيون جاگيرون به ورتيون." هن وڌيڪ لکندي چيو ته، "مونکي سندن ذهني سوچ کي بچائڻ جو چيل آهي، جو اُهي ماپ لاءِ هڪ ڊگهي ماپيندڙ لٺ کتب آڻين ٿا، ۽ اهو امڪان آهي، ته اُهي اڻ پوڪيل سڻي ايراضيءَ جو گهٽ حصو ڇڏي ٿا ڏين." هن ڪنهن امين کي زمين جي ماپ لاءِ موڪلڻ ۽ ان زمين جو اڌ حصو ميرن کي سونپڻ جي سفارش ڪئي. مسٽر فريئر، ڪيپٽن اسٽنڪ ڏانهن پنهنجي 8 جون 1853ع تي لکيل خط نمبر 1582 ۾ ان تجويز جي منظوري ڏني، ۽ هدايت ڪئي ته، "خدمتگار کي اڳيئي ڏنل ايراضين ۾ هٿ ڇُراند نه ڪرڻ بابت ڌيان ڏنو وڃي، ۽ ورهاست جي ڏس ۾ جاگير جي ايراضي سميت خاصيت جو خيال رکيو وڃي." فارسيءَ ۾ لکيل سَند نمبر 18 مان پتو پوي ٿو، ته ڪيپٽن اسٽنڪ جي تجويز سان، جان محمد لغاري کي زمين جي ماپ لاءِ مقرر ڪيو ويو، ۽ هن طرفان ڪيل ماپ موجب زمين جي ايراضي 6561 نيپيئرين بيگهه بيٺي.

غلام عليءَ جي سَند ۾، پيداوار جي جاءِ تي ايراضي ونڻ واري اصول جي ڏس ۾ چيل آهي: "توهان جي قبضي هيٺ آيل سموري ايراضي (سورهن هزار 625 بيگهه) جي سورهن حصن مان شايد نَون حصا توهان کي ملندا، جڏهن ته رهيل ست حصا نبيري واري ڪارروائي ۾ سرڪاري تحويل ۾ هليا ويندا." سَند ۾ اهو وعدو ڪيل هو، ته جاگيردار جي هاٺوڪي حيثيت سان، سندس حياتي تائين ڪنهن به قسم جي هٿ چراند نه ڪئي ويندي، ۽ اهو ته سندس موت کانپوءِ اٺ هزار چار سؤ بيگهه ايراضي دائمي طور توثيق جوڳي هوندي. سَند ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته، "توهان جي مرحوم پيءُ کان چوٿين پتيءَ ونڻ جي جاءِ تي، انهيءَ ايراضيءَ ۾ هڪ پاڱي ٽن حصن (فارسي ۾ صحيح طور هڪ پاڱي چار حِصو لکيل آهي) جي تخفيف کانپوءِ، توهان جي هاٺوڪي زمين جي هڪ پاڱي تي حصي کان وڌيڪ ايراضي، اڳوڻي گورنر هز ايڪسلينسي سر چارلس نيپيئر جي دؤر ۾، رواج سان ٺهڪجڻ طور واڌو زمين جي خيال کان، سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو ها."

## هن مير جو ڪردار

ڪيپٽن رٿبورن 1847ع ۾ موڪليل پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ مير عبدالله جي ڪردار بابت لکيو ته: "هي سهڻين صلاحيتن ۽ سُٺن لڇڻن وارو ٺاهوڪو سهڻو جوان آهي، ۽ پاڙيسرين ۽ مائٽن ۾ سندس گهڻو مانُ آهي. هي هاڻ ميرپور جو ڪاردار آهي. هن جو پيءُ ميرپور جي مير شيرمحمد جو ويجهو مائٽ هو. هي ايڏو امير نه آهي."

# سهراباڻي ۽ ٽاراڻي

## تعارف

اسان اهو اڳيئي پڙهي چڪا آهيون، ته شهداد جو پُٽ مير بهرام ڪلهوڙن هٿان قتل ٿيو هو. هن جو ٻيو پٽ چاڪر، جنهن جو اولاد سهراباڻي سڏرائي ٿو، سو انهن ضلعن ۾، جن ۾ سندن پيءُ لڏي اچي ويٺو هو، تن ۾ گهڻو مشهور زميندار هو. 1783ع ۾ مير فتح جي اڳواڻيءَ ۾ ٽيندڙ ڪامياب بغاوت ڪانپوءِ پتو پوي ٿو، ته چاڪر جو پٽ سهراب ۽ ٻيو سردار ٽارو، ماڻڪ جو پڙپوٽو، حڪومت ۾ ساڻس گڏ ڀائيوار هئا، پر اُهي ترت ئي گاديءَ واري شهر کان پري هليا ويا- سهراب خيرپور هليو ويو، ۽ ٽاري لاڙ سنڌ جي شاهه بندر واري علائقي ۾ وڃي گهر اڏيا.

ليفٽيننٽ ليوس پيلي، حڪومت ڏانهن مارچ 1854ع ۾ خيرپور رياست جي پنهنجي موڪليل يادگيرين ۾ ڄاڻائي ٿو ته، "حڪومت تي قبضو ڪندڙن وچ ۾ علحدگي ٿيڻ جي سببن بابت مختلف روايتون آهن، پر مونکي ان ڳالهه تي ويساهه آهي، ته ان ڀاڃ ۽ سياسي ڏڦيڙ يا اختلافن جي نوعيت جو واسطو قبضي گيريءَ سان نه، پر ٿورڙو وڌيڪ اهڙن ڪيترن خانداني انتظامن جي نتيجن سان هو، جهڙا نيٺ سهراب پاڻ پنهنجي پٽ لاءِ ڪيا هئا. جنهن ڪانپوءِ علائقا تنهي سردارن وچ ۾ هڪجيتري تناسب سان ورهايا ويا، منجهانئن هڪڙي ڪي رئيس يا پڳدار سمجهيو ويو، ۽ ان جي شان ۾ وڌيڪ واڌارو سندس تحويل ۾ وڌيڪ پوک لائق ايراضي اچڻ سان ٿيو؛ جڏهن ته هرڪو سردار پنهنجي علائقي جي حدن ۾ آزاد خودمختيار سمجهيو ويندو هو."

## سهراب طرفان پنهنجي علائقن ۾ واڌارو

"سهراب، خيرپور جي شهر جي مرمت ڪرائيندي، پاڻ کي پرپاسي وارن علائقن ۽ ڪابل جي بادشاهه کي ڏِن ڏيندڙ علائقن جو امير سڏائڻ جو اعلان ڪيو. هُو پنهنجي علائقن کي وڌائڻ ۾، جزوي طور هٿيارن جي طاقت ۽ خاص ڪري سازشن جو

سڪارو ونندي ڪامياب ٿيو ۽ انهن علائقن جون حدون سبزل ڪوٽ ۽ اُتر کان ڪشمور، اوپر کان جيسلمير ۽ رڻ پٽ تائين، اولهه کان ڪيچي گنڊاوا سرحد تائين وڃي پهتيون. معلوم ٿئي ٿو، ته هن اترين علائقو، بهاولپور رياست کان زبردستي ڦريو هو ۽ پاڻ ڪي، افغانن جي سُستي يا لاپرواهي ڪارڻ، سنڌو درياهه جي پرئين پاسي، امير طور متعارف ڪرايو.“

## شڪارپور ۽ بُڙديڪا وغيره جي والار

”خيرپور جي مير، ان لاپرواهي ۽ سستيءَ جي نتيجي ۾، سنڌو درياهه جي ساڄي ڪناري واقع انهن علائقن ۽ ضلعن کي پڻ پنهنجي رياست ۾ ضم ڪري ڇڏيو، جيڪي عام طور مُغلي جي نالي سان مشهور هئا، ۽ جيڪي بُڙديڪا يا بڙدي پروچن جي زمينن ۽ شڪارپور جي ٻن ڊويزنن تي مشتمل هئا. انهن ڊويزنن ۾ سکر، نوشهرو ۽ روپا چڪ، مگرچا، محمد باغ ۽ شاهه بيلي جي نالي سان اڳي مشهور علائقا پڻ شامل هئا. سهراب جي پُٽ رستم جي تلوار هيٺ بکر جو بيٺ آيو.... وري رستم جي نندي ڀاءُ مبارڪ سکر کان تورڙو هيٺ سوهيجا ۽ ڪلواڙي واريون زمينون خيرپور ۾ شامل ڪيون. 1823ع ۾ شڪارپور شهر ٻنهي ميرن يعني حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن وچ ۾ گڏيل انعام (وظيفو) بڻجي ويو، جنهن ۾ خيرپور جو حصو ٽي ڀاڱي ست حصو هو.“

## ڪراچيءَ ۾ حصو

”ڏکڻ ڏانهن ڪراچي شهر هو، جنهن کي ٽالپرن، قلات جي سردار کان طاقت جي زور تي کسيو هو، ۽ ان فتح مان خيرپور رياست کي پڻ پنهنجو حصو مليو هو. سهراب طرفان پنهنجي علائقي ۾ شامل ڪيل اوڀرندي ايراضين جو محصول گهٽ وڌ ٿيندڙ هو، جيڪو ساليانو ورتو ويندو هو.“

## 1811ع ۾ سهراب طرفان حڪومت ڇڏڻ

1811ع ۾ مير سهراب عوامي زندگيءَ کان بيزار ٿي پيو، ۽ پنهنجي پُٽ مير رستم جي حق ۾ رياست تان هٿ ڪڻندي، ڊِجيءَ جو ڪوٽ ڇڏي ڏانئين، جنهن کي اڳي احمد آباد چئبو هو.“

اميرن 1813ع ڌاري ڪابل ۾ ٿيندڙ ڏڦيڙن مان فائدو وٺندي، نيٺ سدوزئي گهراڻي جي حڪومت ڪسجڻ ۽ افغانستان ۾ بارڪزئي گهراڻي جي حڪومت جُڙڻ ڪانپوءِ، خراج ڏيڻ کان انڪار ڪيو، نه ته اهو خراج ڪلهوڙا ۽ ٽالپر باقاعدگيءَ سان ان وقت تائين ڏيندا رهندا هئا.

## خيرپور رياست جو آزاد ٿيڻ

"۽ خيرپور ان وقت کان وٺي عملي طور آزاد رهندي آئي، پر برطانوي حڪومت سان 1832ع تائين اهو عهدنامو نه ٿيڻ تائين سنڌن خودمختياري نه مڃي وئي، جنهن هيٺ برطانوي فوجن کي سنڌو درياهه ۽ سنڌ جا رستا واپرائڻ جي اجازت ڏنل هئي."

## مير علي مراد جو جنم ۽ مير سهراب جي وفات

1815ع ۾ مير سهراب کي مير علي مراد نالي پٽ ڄائو، جيڪو سنڌس گهرواريءَ کي وڏي ڄمار ۾ ٿيو هو. هو جولاءِ 1830ع (16) ۾ خيرپور ۾ پنهنجي محل جي دريءَ تان ڪري پيو، ۽ پوءِ هو علي مراد کي پنهنجي وڏي ڀاءُ مبارڪ جي سنڀال ۽ تحفظ ۾ ڏيڻ تائين جيئرو رهي سگهيو.

## سهراب طرفان 1811ع کان 1830ع تائين علائقي ۾ ڦيرڦار

سهراب رياست تان هٿ کڻڻ ۽ پنهنجي موت جي وچ وارن سالن دؤران، پنهنجي علائقي ۾ زمين داخل ڪرڻ ۽ ڦباڻ لاءِ ڪيترن ئي دستاويزن ۾ ڦيرڦار ڪئي ۽ حڪم جاري ڪيا. انهن دستاويزن ۾ علي مراد جو نالو گهڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. 18 مئي 1829ع تي جاري ٿيل هڪ وصيت ۾ پنهنجي ٽن پٽن منجهه ٽئن حصن جي حساب سان خيرپور ڏيهه جي هڪجيترن حصن ۾ ورهاست ڪئي، منجهانئن هرهڪ کي سنڌن ملڪيت پٽاندر هڪجيترو حصو ڏنل هو، ۽ ٻين ڏاڏاڻي حصن جي سنڀاليندڙ مير رستم کي رئيس جو لقب ڏنل هو؛ جڏهن ته باقي علائقا ۽ ايراضيون سنڌس ٻن ڀائرن مير مبارڪ ۽ علي مراد وٽ رهيون.

علائقي جي سموري محصول جو ڪاٽو 2039000 رپيا لڳايو ويو.
ورچ ٽيل حصا هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

### مير رستم جو حصو

| | | | |
|---|---|---|---|
| نوشهرو ضلعو | 350000 | شڪارپور ۾ ان ڪان اڳتي | 21000 |
| ڪنڊيارو ضلعو | 175000 | زمين (ٽي ڀاڱي ست جو | |
| لڏو ڳاڱن (ٻين لاءِ جاگيرن جي | 150000 | ٽي ڀاڱي چار حصو) | |
| تخفيف ڪنڊي) | | چڪ مزارچا ضلعو | 50000 |
| روهڙي ضلعو | 30000 | ٻيون زمينون | 50300 |
| اوباوڙو ضلعو | 125000 | خيرپور ڏهر | 120000 |
| ٻنگ يارا ضلعو | 25000 | نارا ريگستان ۾ ٻنيرڪا | 3000 |
| سبزل ڪوٽ ضلعو (ٽين پتي) | 25000 | ريگستان ڪوٽ | 6000 |
| ٻڙديڪا | 60000 | ڪوهيڙا جو حصو | 10000 |
| ڪل | 940000 | ڪل | 260300 |

### مير مبارڪ جو حصو — مير علي مراد جو ڏاڏاڻو حصو

| | | | |
|---|---|---|---|
| گهوٽڪي ضلعو | 125000 | ميرواهه سميت گجري ضلعو | 275000 |
| ميرپور ماٿيلو ضلعو | 150000 | لڏو ڳاڱن جو حصو | 30000 |
| امام واهه | 20000 | سنڌو درياهه جي اولهندي | 34000 |
| اوپر سنڌو درياهه جون زمينون | 10000 | واريون زمينون | |
| شڪارپور (ٽي ڀاڱي ست جو | 7000 | آراضين ۾ نارا، شير ڳڙهه | 6000 |
| ٽي ڀاڱي چار حصو) | | سميت | |
| ڪوهيرا جو حصو | 3000 | ڪوهيرا ۾ ٻرپاسي وارين | 5000 |
| ڪل | 315000 | زمينن جو حصو | |
| | | ڪل | 350000 |

سهراب جي جنهن آخري دستاويز تي مُهر لڳل هئي، تنهن بابت چيو وڃي ٿو، ته ان ۾ اهو حڪم ڏنل هو، ته ٻڳداريءَ ۾ ڏاڏاڻي ٽڪ جي ڪنهن ويجهي مائٽ کي شريڪ ڪرڻ بجاءِ پڳ ٻُڌائي مردَ وارث تي رکي وڃي.

## مير رستم ۽ مبارڪ وچ ۾ ڳانڍاپو

پتو پوي ٿو، ته مير سهراب جي وفات کانپوءِ مير رستم ۽ مير مبارڪ، علي مراد کي ٺڳيءَ وسيلي سنڌس قانوني وراثت کان محروم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ويا هئا، جنهن ڳالهه کي علي مراد ڪڏهن به نه وساريو.

## 1838ع جو عهدنامو

تڏهوڪي گورنر جنرل 20 اپريل 1838ع تي، سنڌ جي اميرن ۽ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه وچ ۾ پيدا ٿيل اختلافَ نبيرڻ لاءِ پنهنجا اختيار استعمال ڪندي، هڪ معاهدو ڪيائين، ۽ حيدرآباد جي درٻار ۾ برطانوي ريزيڊينٽ مقرر ڪرڻ جو شرط وڌائين. 26 جون 1838ع تي برطانوي فوجن، شاهه شجاع ۽ رنجيت سنگهه وچ ۾ ٿيل ته- ڌري معاهدي وسيلي "ناهه ڪنڌڙ ڌريون ناهه ۾ ڄاڻايل چوٿين شق تي، شڪارپور ۽ سنڌو درياهه جي ساڄي ڪناري تي واقع سنڌن تحويل ۾ موجود علائقن جي محصول (17) جي ڏس ۾، جيڪو به صحيح ۽ مناسب طور نبيرو ٿي سگهي، تنهن تي پابند رهڻ تي رضامند ٿيون."

## مير رستم سان ناهه

ڪجهه عرصي کانپوءِ سر اليگزينڊر برنس کي هڪدم خيرپور ۾ مقرر ڪيو ويو، ۽ هو اُتي 25 ڊسمبر تي تڏهوڪي رئيس مير رستم سان هڪ معاهدو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن ۾ بکر جي قلعي ۾ برطانوي فوجن کي "رڳو جنگ جي تياري ۽ اصلي جنگ جي عرصي دوران" ترسائڻ لاءِ ڏار شق داخل ڪرڻ ضروري قرار ڏنو ويو. ان ناهه هيٺ خيرپور جي تحفظ لاءِ برطانوي فوجن تي پاڙڻ واري ڳالهه مڃي وئي، ۽ جيئن ته ان ناهه ۾ رڳو رئيس جو نالو شامل هو، تنهنڪري دستاويز ۾ مير مبارڪ، مير محمد ۽ علي مراد جا نالا به شامل ڪيا ويا، ۽ هنن پنهنجي تحويل ۾ موجود ترتيبوار جائيداد ۾ سنڌ جي حصي مان، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي ملنڌڙ "محصول ۾ ڪڏهن به گوٺنات نه ڪرڻ" جو واعدو ڪيو.

## مير مبارڪ جو موت

مير مبارڪ 19 جولاءِ 1838ع تي گذاري ويو.

## خيرپور ۾ 1838ع کان 1841ع تائين پوليٽيڪل ايجنٽ

مسٽر راس بيل کانپوءِ سر اليگزينڊر برنس خيرپور ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيو، ۽ وري 1841ع ۾ ميجر آئوٽرام کانپوءِ مسٽر بيل ايجنٽ ٿيو.

## نونهار عهدنامو

مير علي مراد، مسٽر بيل کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ سندس ملڪيت هن کي ڏياري وڃي. يا ڪنهن ٻئي عمل يا صورت ۾ طاقت وسيلي ڪيس وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر سپريم سرڪار جي حوالي سان، مسٽر بيل کي هدايت ڪئي وئي، تہ هو مير علي مراد سان دوستاڻا ناتا برقرار رکي، پر شرطن جي آخري نبيري کي ملتوي ڪري. نيٺ، خانداني ڏڦيڙ سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿي پئي ۽ خيرپور جي ميرن (مير رستم، مير علي مراد ۽ مير مبارڪ جي پٽ مير نصير خان) وچ ۾ مجموعي طور اختلاف کُلي سامهون آيا، جو هنن هڪٻئي تي هٿيار تاڻي ورتا، هٿياربند فوجون گڏ ڪيون ۽ نيٺ هڪ جنگ ڪانپوءِ، جنهن ۾ علي مراد کي سرسي ملي، ميدانِ جنگ ۾ قرآن جي نسخي تي هڪ دستاويز تي صحيحون ڪري معاهدو ٿيو، جنهن کي عام طور ”نونهار ناهہ“ چيو وڃي ٿو، جنهن هيٺ مير علي مراد کي ناهہ ۾ جاڳايل زمينون ڏنيون ويون.

## سر چارلس نيپيئر جي آمد

انهيءَ ساڳئي مهيني ۾، جنهن ۾ ناهہ تي صحيحون ٿيون هيون، سر چارلس نيپيئر ”مڪمل طاقت، فوجي توڙي سياسي سميت سنڌ ۾ پهتو“، ۽ 1842ع ۾ سرءُ رُت ۾ هو اُتر سنڌ پهتو. مير علي مراد هڪدم پنهنجون گذارشون ڪرڻ لڳو، جيڪي هن مسٽر بيل سان بہ ڪيون هيون، ۽ جنرل هڪدم هُن جي ذهني جوش ۽ نازڪ هيٺي فطرتَ کي پروڙي ورتو. مير علي مراد شڪايت ڪئي، تہ مير رستم، سندس گهراڻي جي رسمن جي پيچڪڙي ڪندي، پنهنجي حياتي ۾ يا موت ڪانپوءِ، اُتر سنڌ جي پڳ پنهنجي پٽ محمد حسن ڏانهن منتقل ڪرڻ جي تياري پيو ڪري. جنرل وراڻيو، تہ هو ناهہ موجب قانون جي رکوالي ڪندي مٿس پورو لهندو، ۽ مير علي مراد جي پنهنجي ڀاءُ مير رستم خلاف نہ، پر سندس ڀائيٽي خلاف دعويٰ جي پنيرائي ڪندو. مير علي مراد ان واعدي تي مطمئن ٿي ويو، ۽ تنهن گهڙيءَ کان وٺي هن برطانيا جو پاسو ڪنيو.

## مير رستم طرفان ڀڄڻ ۽ امام ڳڙهہ جو قبضو

18 ڊسمبر تي، هاٿي پنجاسي ورهين جو جهونو مير رستم، پنجاب جي شير سنگهہ ڏانهن غداريءَ جي ڏوهہ جوڳي خط لکڻ تي جنرل نيپيئر جي شڪ ۾ پوڻ تي، هوشيار ٿيو، ۽ خانداني لاتعلقي ۽ غداريءَ سببان هيسيل هوندي جنرل نيپيئر جي تحفظ هيٺ پاڻ اچڻ لاءِ آڇ موڪلي، پر سر چارلس نيپيئر هن کي سندس تحفظ ۾

اڇڻ جي پيٽ ۾، پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد سان صلاح مشورو ڪرڻ ۽ تحفظ ۾ اڇڻ جي سفارش ڪئي. مير رستم ائين ئي ڪيو، ۽ ٿورڙو پوءِ اها ڳالهه چٽي وئي، ته هو اُتر سنڌ جي پڳ تان پنهنجي ڀاءُ جي نالي تي هٿ ڪڍي ويو. 27 ڊسمبر تي جنرل نيپيئر ٽئين رئيس معرفت پوڙهي سردار کي ميجتا ڏيڻ جي تجويز ڏني، پر ٻيءَ صبح جو اهو پتو پيو، ته هُو چانوٽي پٽي رڻ پٽ ڏانهن ڀڄي ويو، جتي ٻيا ڪيترائي مير اڳيئي پناهه وٺي چڪا هئا، ۽ جتان اُهي پنهنجي مضبوط ڳڙهه، خاص ڪري امام ڳڙهه مان پنهنجي پوئلڳن جي وڏي فوج گڏ ڪندا هئا. سر چارلس نيپيئر اها ڳالهه ويچاريندي، ته اهو قلعو اصل ۾ سنڌس رياست ۾ هو، يعني مير علي مراد جي قانوني ملڪيت هو، اُتان ان امير جي رضامندي ۽ ذاتي سهڪار سان اڳتي وڌيو ۽ ان کي 13 جنوري 1843ع تي تباهه ڪري ڇڏيائين.

## مياڻي ۽ ڊُبي جي جنگ

مياڻيءَ جي جنگ 17 فيبروري ۽ ڊُبي جي ويڙهه 24 مارچ 1843ع تي وڙهي وئي، ٻنهي جنگين ڪانپوءِ، هڪدم مير علي مراد جي زميني جائيدادن کي آجو ڪوئيندي، سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن جي علائقن کي ــ سکر کان سمنڊ تائين ــ برطانوي حڪومت جي اختيار ۾ ڏنو ويو.

## علي مراد کي رئيس مڃڻ

سر چارلس نيپيئر، مير رستم طرفان پنهنجي پڳ علي مراد جي حق ۾ ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ، ڪلڪتي ۾ مسلمان عالمن سان مشاورت ڪانپوءِ، رايو وٺڻ مطابق، علي مراد کي پڳ وٺڻ ۽ انهن جاگيرن کي قبائڻ جي اجازت ڏني، جيڪي مير رستم وٽ رئيس ۽ مير سهراب جي وصيت موجب، وارث جي حيثيت سان هيون، ايستائين جو جنگ ڇڙڻ وقت به اهي جاگيرون مير رستم جون قانوني ملڪيت هيون. هُن، مير علي مراد جو حق اهڙين سمورين جاگيرن تي به مڃيو، جيڪي ان ساڳي دؤر ۾، سندس قانوني ملڪيت به هيون. سر چارلس نيپيئر جو باقي ٻين سمورين جاگيرن (سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ٻڙا ڪانسواءِ، جيڪي اڳيئي بهاولپور جي خان کي منظور ڪري ڏنيون ويون هيون) مان مطلب سنڌ جي فتح جي حق ۾ برطانوي حڪومت لاءِ برقرار رکڻ هو، يا جنگ کان اڳ ۾، خيرپور جي اميرن طرفان عام طور معاهدي جي ڀڃڪڙي جي ڏوهه ۾ ضبط ڪرڻ هو.

## نونهار معاهدي ۾ جعلسازي

آخرڪار، ان ڪان اڳ جو نبيرو پڄاڻي تي پهچي، سر چارلس نيپيئر جي ڏيان ۾ اها ڳالهہ آندي وئي، تہ مئي 1845ع ۽ جنوري 1847ع جي وچ واري عرصي دؤران، مير علي مراد نونهار معاهدي ۾ جعلسازي ڪئي هئي. اها جعلسازي قرآن جي انهن پنن تي ڪيل هئي، جن تي اهو معاهدو لکيو ويو هو. انهن پنن ۾ ڦيرڦار ڪري ٻيو متبادل معاهدو لکيو ويو، (جنهن ۾ اکر ''ڳوٺ'' کي ''ضلعي'' ۾ ڦيرايو ويو، جنهن منجهان ٻنهي جي ساڳي معنيٰ پئي نڪتي)، ۽ ڪجھ ٻين اکرن ۾ بہ ڦيرڦار ڪئي وئي هئي. ان ٺڳيءَ جو نتيجو اهو نڪتو، جو مير علي مراد جي ڏاڏلو ۽ ماتيلو ڳوٺن جي جاءِ تي، مهرڪي ۽ ميرپور ماتيلو جي پرڳڻن واريون جاگيرون لکيون ويون.

## جعلسازي پرکڻ لاءِ ڪميشن ويهارڻ

مير علي مراد خلاف 1850ع ۾ ان الزام جي جاچنا لاءِ، هڪڙي ڪميشن مقرر ڪئي وئي، جنهن آڏو هو پاڻ بہ حاضر ٿيو. اها ڪميشن ''ڏوهاري هجڻ'' جي فيصلي هيٺ پڄاڻي تي پهتي، ۽ 21 جنوري 1852ع تي تڏهوڪي هندستان جي گورنر جنرل مارڪئس ڊلهوزي 'حڪم نامو' جاري ڪيو، جنهن هيٺ مير علي مراد کي رئيس جي عهدي تان هيٺ لاٿو ويو ۽ هن کي سندس سمورن علائقن ۽ جاگيرن کان، سندس پيءُ مير سهراب خان طرفان موروثي طور ڇڏيل جاگيرن کانسواءِ، محروم ڪيو ويو. انهن حقيقتن کي بيان ڪرڻ کانپوءِ، حڪم نامي جي هيٺين لفظن سان پڄاڻي ٿئي ٿي:

''انهن علائقن جي رهواسين کي هينئر حُڪم ڏنو وڃي ٿو، تہ اُهي جنهن حڪومت هيٺ هينئر رهن پيا، تنهن کي پرامن طور مُڪمل پيروسي سان، پنهنجا اختيار سونپين، جو دشمنن خلاف سندن بچاءُ ڪيو ويندو، ۽ اهنجن توڙي ڏکن کان تحفظ ڏنو ويندو ۽ اهو تہ ساڻن ڪنهن بہ صورت ۾- سندن ملڪيت، جان، گهرن ۾ ڇيڙڇاڙ نہ ڪئي ويندي ۽ متن انصاف ۽ نرم اختيارن سان حڪومت ڪئي ويندي.''

## حڪومت جي تحويل ۾ ورتل ضلعن جون جاگيرون

جن علائقن جون زمينون قبضي ۾ ورتيون ويون، سي ڪنڊياري ۽ نوشهرو (جيڪي عام طور ساهتي جي نالي سان مشهور آهن) پرڳڻن تي مشتمل آهن، جيڪي پوءِ حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ جو حصو بڻجي ويا، جڏهن تہ تڏهوڪي بڙديڪا، شاهہ بيلو، چڪ سعيدآباد، اوباڙو، ميرپور ۽ لڏو ڳاگن سميت، الور، بکر ۽ پنيرڪي سميت اهي سمورا علائقا سکر ڪليڪٽوريٽ ۾ ضم ڪيا ويا. حڪومت

طرفان پنهنجي تحويل ۾ ورتل ضلعن جي ايراضي ماپ ڪرڻ ڪانپوءِ، اٽڪل 5412 چورس ميل وڃي بيٺي (ڏسو سنڌ گزيٽيئر، صفحو 53 ۽ 54). پوءِ، مير علي مراد کي خيرپور تي مشتمل لڏو ڳاڳن جو حصو واپس ڏنو ويو.

## مير علي مراد جي اپيل

مير علي مراد، اپريل 1856ع ۾ پنهنجي خدشن ۽ اُلڪن کي هوم گورنمينٽ آڏو رکڻ لاءِ انگلينڊ روانو ٿيو، پر سندس لاءِ نتيجو لاڀائتو نه ٿيو.

هيٺين خانداني شجري مان اهو ڏسڻ ۾ ايندو، ته هن حصي ۾ جاٽايل چارئي جاگيردار ڪيئن پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، جيڪي حڪومت ڪنڌڙ سهراباڻي گهراڻي جا ساٿاري آهن. پنجون جاگيردار ٽاراڻي آهي ۽ "سنڌ جي شينهن" شير محمد جو مائٽ آهي. پر ٽاراڻي پاڙي بابت وڌيڪ گهڻو چوڻ جي ضرورت نه آهي.

## شهداد ــ ڪڪو جو پوٽو

- چاڪر (جتان چاڪرائي ٽيا)
  - سليمان
    - مريد حيدر (نمبر 34)
  - سهراب
    - مير رستم
    - غلام حيدر
      - غلام مصطفيٰ
      - احمد (نمبر 33)
      - محمد (نمبر 32)
    - مير چاڪر
    - مير علي مراد
      - خدا بخش
        - ڄام ننڌو (نمبر 35)
- ڄام ننڌو
  - فيروز
    - خيرو

## ڪڪو جو پُٽ ماڻڪ

- الهه يار
  - موسو
    - فتح خان
      - احمد خان
        - غلام مرتضيٰ (پنهنجي پيءُ کان اڳ گذاري ويو.)
          - ڪرم خان (نمبر 36)
      - ٿارو
        - علي مراد
          - شير محمد

32. مير محمد خان ولد مير غلام حيدر
33. احمد خان ولد مير غلام حيدر

## خانداني شجرو ۽ سماجي حيثيت

غلام حيدر، مير سهراب طرفان جاگير ڏيڻ جي پهرين دستاويز جاري ڪرڻ کان نَوَ سال اڳ، 1812ع ۾ گذاري ويو. ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته، ”پر اهو واضح نه آهي، ته جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها، ته هو پنهنجي ڀائرن مير رستم ۽ مير مبارڪ جيان ملڪ ۾ اصلي حصيدار سمجهيو وڃي ها، ۽ سنڌن اڌ ڀاءُ علي مراد کي ملي ها. جيئن ته سندس پوٽن مير محمد، مير احمد ۽ غلام مصطفيٰ وٽ اهي جاگيرون، هڪ عهدنامي يا معاهدي جي دستاويز هيٺ، ورهاست واري دستاويز جي حيثيت سان، جن تي ساڳي تاريخ (ربيع الثاني 1237هه= سيپٽمبر 1821ع) لکيل آهي، ۽ انهن تي مير سهراب، مير رستم ۽ مير مبارڪ جون مهرون به لڳل آهن. تنهنڪري هنن کي شايد حڪمران ميرن کان ٿورڙو گهٽ، پر ڪنهن عام جاگيردارن کان اعليٰ حيثيت سان ڏٺو وڃي. اهو مير محمد خان ئي هو، جنهن جي جاگيرن ۽ محصولن کي، 29 ڊسمبر 1838ع جي عهدنامي هيٺ، جنهن تي سر اليگزينڊر برنس صحيح ڪئي هئي، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان پاڻ وٽ رکڻ جي شديد خواهش هئي. بهرحال، هن معاهدي کي بين دستاويزن جيان، پوءِ ٿيندڙ واقعن وسيلي، مٿانهون سمجهڻ گهرجي، جو مير محمد کي مير رستم جي ڀاڄ ڪانپوءِ ڇڏيل ملڪيت منجهان حصو مليو هو، ۽ اهو چيو وڃي ٿو، ته هن برطانوي فوجن خلاف وڙهجندڙ جنگ ۾ به حصو ورتو هو.“

## مير محمد خان جي جاگير سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ

سنڌ جي فتح کان نَوَ ورهيه پوءِ، هو پنهنجي چاچي مير علي مراد جي اختياري هيٺ ماتحت هو، جنهن کيس ڪيترن ئي قيمتي جاگيرن کان محروم ڪيو هو، جن ۾ پيراسل، ملا مهري ۽ شڪارپور واريون جاگيرون شامل هيون. انهن جاگيرن جي ساليانِي ڍل پنج هزار ڪمپني رپيا هئي. اهي سڀ ڳالهيون مير سهراب جي عهدنامي ۾ واضح طور لکيل آهن.

## مير محمد جي اصل جاگير ڪيس منظور ڪري ڏيڻ

جنوري 1852ع ۾ برطانوي حڪومت طرفان، مير علي مراد کان خيرپور ملڪ

سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ ڪانپوءِ، ميرمحمد کي سندس اُهي سموريون جاگيرون ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. جيڪي وٽس مير علي مراد جي 2 آگسٽ 1843ع واريءَ سَند هيٺ موجود هيون. 1856ع ۾ ڪيپٽن پيلي طرفان ڪاٿو لڳايل انهن جاگيرن ۾ شڪارپور تعلقي جي چوڏيو ۾ ساڍا چار هزار بيگهه: نوشهرو ابڙو تعلقي جي ديهه آدمجي ۾ ساڍا ست هزار بيگهه، هزارا ۾ پندرهن سؤ بيگهه، جمال پور ۾ پندرهن سؤ بيگهه، مُنيم آباد ۾ ٽي هزار بيگهه، آيو سميت ڏگاٽو ۾ ٽي هزار بيگهه، صالحاڻي ۾ ياويهه سؤ بيگهه ۽ حاميد ۾ پنجويهه سؤ بيگهه: روهڙي تعلقي جي تاريجاڻي ۾ چار هزار بيگهه، پنهواري ۾ ڏهه هزار بيگهه، قاسم پور ۾ ٻه هزار بيگهه، چنجڻيءَ ۾ ست سؤ بيگهه ۽ ڪلهوڙي ۾ اڍائي سؤ بيگهه: لڏو ڳاگڻ تعلقي ۾ ٻيلو سميت اُلر ۾ اوڻيهه هزار بيگهه شامل هيون. انهن جاگيرن جي ڪُل ايراضي ٻاهٺ هزار 150 بيگهه هئي.

## 1858ع وارو نبيرو

نبيري جي تجويز ڏني وئي ۽ 1858ع ۾ منظور ٿيل نبيرو هي اُهو ته: ”هن جي موت ڪانپوءِ، هڪ ڀاڱي ٽي حصا غيرآباد ايراضيءَ ڪارڻ حڪومت پنهنجي تحويل ۾ وٺندي، ۽ باقي رهيل جاگيرون، محصول ڪانسواءِ موروثي طور توثيق ڪري ڏنيون وينديون. (ڏسو مسٽر ايلس جي خط جي پيرا نمبر 40). نيٺ، مير جي سَند نمبر 79 هيٺ، هن جي وارث کي ايڪيتاليهه هزار پنج سؤ بيگهه ايراضي دائمي جاگير طور ڏني وئي.

## ڪجهه جاگيرن ۾ ڦيرڦار

ميرمحمد کي منظور ڪري ڏنل جاگيرن جي شيڊيول ۾ ٻه اکر لکڻ واري ڪالم ۾ (سَند سان ڳنڍيل آهي) اهو لکيل آهي، ته تاريجاڻي، پنهواري ۽ ڪلهوڙي جي مڪانن مان 3323 بيگهه ايراضي، جيڪا شڪارگاهه جي حدن ۾ ايندڙ هئي، تنهن ۾ مير ساڳئي ايراضيءَ واري زمين تي، ڪاچو تاريجاڻي ۽ مڪان ڀمڻ، خريف 1270 کان لاڳو ٿيندڙ، جي متاسنا ڪئي هئي.

26 نومبر 1863ع تي لکيل هڪ بيان ۽ مسٽر ميلول جي متس ٿيل صحيح واري هن شيڊيول سان انگريزي ۾ لکيل مواد موجود آهي، جنهن ۾ هيٺين ريت لکيل آهي:

”سيٽلمينٽ آفيس طرفان ماپ ڪانپوءِ اهو ڏٺو ويو، ته مير محمد خان ٽالپر جي قبضي ۾ موجود ماپيل ايراضي هڪ لک ستاويهه هزار 210 بيگهه هئي، جاڻايل هڪ لک ستاويهه هزار 210 بيگهه ايراضيءَ کي، حڪومت جي 11 نومبر 1863ع تي جاري

لاءِ ڪافي مناسب ڪارڻ آهن، ڇوته مير احمد خان وٽ موجود جاگيرون، ڪنهن رنڊڪ بنا سنڌس تحويل ۾ رهڻ گهرجن، جن کي پاڻ وٽ برقرار رکڻ لاءِ هن ڏاڍي جفاڪشيءَ سان ڪوششون ڪيون آهن. انهن جاگيرن جي گهٽ ۾ گهٽ ڏل جو ڪاٿو، سندس وڏي پاءَ جي جاگير جيان، ڇوڏهن هزار ڪمپني رپيا ساليانو لڳايو ويو آهي. اهو ته انهن جاگيرن جي پيداوار مان روينيو جو حصو ملي ٿو، تنهنڪري انهن کي سندس سٺي گذران جو وسيلو سمجهي سگهجي ٿو. اهو چئي سگهجي ٿو، ته هو اتر سنڌ جي حڪمران خاندان جي ڪجهه جاگيردارن منجهان آهي (اتڪل اڪيلو)، جنهن ملڪ، برطانوي قبضي ۾ اچڻ کان اڳ، هز ايڪسيلينسي سر چارلس نيپيئر جي 3 مارچ 1843ع تي جاري ٿيل حڪمن جو ”جيڪڏهن توهان خاموش ۽ پرامن رهو ٿا ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽو ٿا، ته توهان جون جاگيرون ۽ زميني جائيدادون برقرار رکيون وينديون ۽ ڪين ميڄتا ڏني ويندي،“ نتيجو ڪڍندي، منجهائنئن فائدا ورتا.

## مسٽر فريئر طرفان منظور ڪيل جاگيرون

هن جي ملڪيت ۾ روهڙيءَ ۾ ٽري مُنهه، ڇار، هيسباٽي ۽ ان سان گڏ ٻيون ديهون شامل هيون. ۽ اهي مير علي مراد 23 ڊسمبر 1842ع تي جاري ٿيل سند هيٺ ڪيس ڏنيون هيون. مسٽر فريئر سندن توثيق ڪئي هئي ۽ حڪومت جي حڪمن هيٺ اُهي جاگيرون هن جي نالي تي جاري ڪيون ويون. انهن جاگيرن جي ڪُل ڪاٿو لڳايل ايراضي سورهن هزار ڇهه سؤ بيگهه هئي.

## غيرآباد ڇوٿين پتي ايراضي واپس وٺڻ لاءِ سفارش

مسٽر ايلس هن جاگيردار بابت هيٺين ريت لکيو ته: ”هن مير جا حڪمران طاقتن سان، محتاط هوندي سدائين سٺا تعلقات رهيا آهن ۽ ڏاڍو سُٺو منتظم آهي، جنهن سببان هن پنهنجون اڪثر جاگيرون ائين ماٽيون. هڪ پاڳي تي حصي جي حيثيت ۾، سرڪاري تحويل ۾ ونجندڙ حصي بابت امڪان آهي، ته اصل ۾ غيرآباد ايراضيءَ کان وڌيڪ ايراضي تحويل ۾ هلي ويندي، تنهنڪري، هن جي موت کانپوءِ هڪ پاڳي پنجون حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ، ۽ باقي رهيل زمين سندس وارثن ۾ موروثي طور ڏيڻ جي تجويز ڏجي ٿي. آءُ ڪنهن به مامري ۾ اهو چوندس، ته جڏهن ڪو جاگيردار هن دعويٰ تي زور ڏئي، ته هن جي سڄي جاگير ۾ غيرآباد ايراضي، هڪ پاڳي تي حصي کان گهٽ آهي، ته تخفيف ڪرڻ جي تجويز ڏيندس، ۽ آءُ هن کي اهڙي ماپ جي گهُر ڪرڻ جي بيشڪ اجازت ڏيندس، جنهن جي هو پاڻ به هوند پابندي

ڪندو. هاڻوڪي مامري ۾، هڪ پاڱي پنج حصي جي تخفيف، هڪ پاڱي تي حصو تناسب سان، پين گهٽين جاگيرن جيان، وڃي ساڳيو بيهندو، تنهنڪري آءٌ مير احمد خان جي فائدي ۾، انهن دعوائن جي ڏس ۾ عام نبيري لاءِ تجويز ٿيل قاعدن ۾ ڦيرقار جي تجويز ڏيندس." اها تجويز منظور ڪئي وئي.

## جاگيرن ۾ ڦيرقار

شيڊيول جي ريمارڪ واري ڪالمن (سَند سان ڳنڍيل آهي) ۾ ٽن جاگيرن- ديهه اڪبر پور ۽ آهيلڙي ۽ ڪُڙهه لانگاهه- جا نالا ڄاڻايل آهن، جن جي ايراضي سورهن هزار ڇهه سؤ بيگهه آهي، تنهن بابت اهو چيو ويو هو، ته هز هائينس مير علي مراد 1688 بيگهه تي مشتمل ڪُڙهه لانگاهه جي ان بنياد تي دعويٰ ڪئي هئي، ته اها سندس علائقي ۽ مهاڳي ۾ موجود آهي، تنهنڪري اهو انتظام ڪيو ويو، ته اها جاگير هن کي ڏني وڃي، ۽ اهو ته جاگيردار مير احمد خان کي ديهه اڪبر پور ۽ آهيلڙي ۾ ساڳئي ايراضي موجب زمينون ڏنيون وڃن. ان انتظام جي، حڪومت جي 28 جولاءِ 1860ع تي قرارداد نمبر 3048 هيٺ، جيڪا سنڌ جي ڪمشنر جي سياسي کاتي ۾ 11 آگسٽ 1860ع تي نمبر 50 سميت ڪليڪٽر ڏانهن موڪلي وئي هئي، تنهن جي منظوري ڏني وئي.

## آخري نبيرو

4 مئي 1861ع واري مير جي سَند ۾ دائمي طور سندس وارثن ڏانهن تيرهن هزار ٽي سؤ بيگهه ۽ هن ڏانهن سورهن هزار ڇهه سؤ بيگهه زمين ڄاڻايل هئي. پر ماپ ڪانپوءِ ڏٺو ويو، ته هن جي قبضي ۾ ستر هزار ڇانوي بيگهه زمين موجود هئي، ۽ جيئن هن جي وڏي پاءُ جي مامري ۾ ۽ ساڳئي حڪومتي ٺهراءُ جي اختياري تي، 26 نومبر 1863ع تي سَند ۾ لکيل نوٽ وسيلي، سَند سان ڳنڍيل شيڊيول ۾ ڦيرقار ڪئي وئي، ۽ ايئن ڪُل مستقل توثيق جوڳي ايراضي ڇائيتاليهه هزار 730 بيگهه تائين وڌي وئي.

# 34. مير مريد حيدر

## خانداني شجرو ۽ حيثيت

هي مير چاڪر جو پوٽو هو، پر "هن جو پيءُ سليمان، جيتوڻيڪ مُلڪ جي رئيس مير سهراب جو ويجهو پاءُ (18) هو، تنهن هوندي به اهو نٿو پائنجي، ته هن جو ڪو ايڏو گهڻو اثر رسوخ، يا سندس ڪا ايڏي عزت ۽ مڃتا هوندي هئي. تنهنڪري، مير

مريد حيدر جي سماجي حيثيت، هڪ عام بلوچ سردار کان وڌيڪ نہ هئي.“ (ڏسو پهرين جون 1858ع تي ميجر گولڊسمڊ جي اُماڻيل رپورٽ). پتو پوي ٿو، تہ مريد حيدر پنهنجي پيءُ جي سڳي ڀاءُ علي خان سان گهريلو طور ڳنڍيل هو. “جون 1834ع ۾ علي خان جي موت کانپوءِ، هن جي ملڪيت بابت مريد حيدر دعويٰ ڪئي هئي، پر هز هائينس مير علي مراد هڪ وصيت پيش ڪندي، پاڻ کي مير جو وارث ڄاڻايو هو.

”اهو امڪان آهي، تہ هن (مريد حيدر) جي پنهنجي چاچي وٽ حيثيت واري ڄاڻ، هزهائينس مير علي مراد کي 1843ع ۾ سنڌ جي ٽُٽل ۽ ورڇيل مقامي شاهي گهراڻي منجهہ، پنهنجي مائٽن ڏانهن ڪنهن قدر مهانگين سوکڙين موڪليندي، سرواڻ ۽ چڱو مڙس ثابت ٿيڻ تي هرکايو هجي: گڏوگڏ، جنهن کي پنهنجي وراثت جي رنڊڪ وجهڻ وارن خيالن هوندي بہ، رئيس جي حيثيت سان مير جي گهٽ پوئلڳ مريدن منجهہ سمجهيو ويو آهي.“ (ڏسو ميجر گولڊسمڊ جي 6 اپريل 1857ع تي لکيل رپورٽ)

## زميني ملڪيت

مريد حيدر جي تحويل ۾، مير علي مراد جي 6 جون 1845ع تي جاري ٿيل سَند موجب، سرڪاري تحويل ۾ ويندڙ علائقي ۾، نٿ ملهڻ ۽ تعلقي گهوٽڪي جون سموريون ديهون، علي واهہ جي اڌ (ڪوهيڙا) ۾ ۽ سڪرنڊ ۾ ڪالرا موجود هيون. گڏوگڏ ڪجهہ جاگيرون مير جي علائقي ۾ هيون. ميجر گولڊسمڊ مطابق وٽس نٿ ملهڻ تمام آڳاٽي جاگير هئي. ڪوهيڙا جاگير اڌ محصول جي حصي هيٺ، جنهن جي ڍل 1816 رپيا هئي، اڪوٽي پرڳڻي ۾ هئي، جنهن جو انتظام سرڪاري عملدار سنڀاليندا هئا. ڪالرا ننڍڙي جاگير هئي، جنهن جي ڍل 290 رپيا هئي. مٿيون سموريون جاگيرون، مير علي مراد جي علائقي کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ کانپوءِ، توثيق ڪري ڏنيون ويون.

## نبيري بابت تجويز

مسٽر ايلس هن جاگيردار بابت هيٺين ريت لکندي چيو: ”مير مريد حيدر جي مامري ۾، عام قاعدي جي هاڻي تجويز ڪيل درخواست نٿ ملهڻ جاگير بابت آهي. هي ڳالهہ سامهون آئي آهي، تہ دستاويز ۾ ڄاڻايل جاگيرن ـ نٿ ملهڻ ساڍا ٻارهن هزار بيگهہ ۽ ڪالرا ۾ ست هزار بيگهہ، کانسواءِ، هو هاڻي ڪلرا (ڪليرا) ۾ علي واهہ جي روينيو جو اڌ حصو پڻ وٺي ٿو. ڪوهيڙا جو بندوبست مڪمل طور سرڪار جي هٿ ۾ آهي، پر علي واهہ جي وصوليءَ جو اڌ حصو مير مريد حيدر کي ڏنو وڃي ٿو.

”هن جي جاگيرن جي ڏس ۾ گهٽي لک پڙهه تي آهي. اهو مفروضو صحيح آهي، ته مريد حيدر جي حق ۾، سندس رڳو علي واهه جو چوٿون حصو موروثي تي سگهي ٿو، جڏهن ته اڌ کان وڌيڪ حصو (جيڪو هينئر سندس تحويل ۾ آهي)، سو هزهائينس مير علي مراد طرفان هن کي جاگير طور ڏنو ويو هو. هن جي مرد وارثن کي دائمي جاگير ڏيڻ جي حيثيت ۾، هڪ پاڳي چوٿون حصو ڏيڻ ئي ڪافي ٿيندو، جنهن جي هو پاڻ عقلي طور ان جي توقع ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري، هن کي اهو حصو ڏيڻ جي تجويز ڏني وڃي ٿي، ته وٽس هينئر جيڪا ايراضي موجود آهي، جنهن جو اڌ هوند پنهنجي پُٽن کي ڏيندو. ڪليرا (ڪلرا) ۾ علي واهه جي مهاڳي لڳ ڀڳ اٽڪل ست هزار بيگهه زمين آهي، جيڪا هن بندوبست هيٺ، مريد حيدر جي موت ڪانپوءِ، ساڳئي ريت سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جوڳي هوندي.“ (ڏسو پيرا 42 ۽ 43)

### تجويز منظور ڪرڻ

آخرڪار، نبيري جي تجويز ڏني وئي ۽ ان کي منظور ڪيو ويو. نت ملهڻ جاگير، جاگيردار جي مرد وارثن کي، هڪ پاڳي تي حصا (4166 بيگهه) ايراضي تخفيف ڪرڻ جي شرط سان، موروثي طور منظور ڪري ڏيڻ جوڳي ڪوئي وئي. هن جاگير جو اڌ حصو، يعني مجموعي طور 7832 بيگهه، ۽ 350 بيگهه، يا اٽڪل اٺ هزار تي سؤ بيگهه پڻ هنن کي توثيق ڪري ڏيٺو هو. حڪومت طرفان انتظام هيٺ آيل جاگير منجهان، سندس حصي هيٺ ملندڙ ارڙهن سؤ رپين جو اڌ حصو، هن جي مرد وارثن کي پيهر منظور ڪري ڏيٺو هو. حڪومت کي جيڪا ايراضي پنهنجي تحويل ۾ ورتي هئي، تنهن جي ايراضي يارهن هزار ٻه سؤ بيگهه ۽ روڪ ڏل نَو سؤ رپيا هئي. هي تجويز منظور ڪئي وئي. سَند ۾ رڳو ايراضيءَ جو ذڪر ٿيل آهي. سَند ۾ جاگير جي ايراضي يا ڪو وڌيڪ تفصيل ڄاڻائڻ بنا، رڳو علي واهه جي اڌ جو ذڪر ٿيل آهي.

### مير جو لاڏاڻو

هي مير 6 نومبر 1869ع تي مرد اولاد بنا گذاري ويو.

## 35. مير چامر ننڊو

### خانداني شجرو ۽ حيثيت

هن جي پيءُ جو نالو خدا بخش هو، سندس ڏاڏي جو نالو مير چامر ننڊو هو، جيڪو

مير چاڪر جو پاڻ هو ۽ اِيئن مير سهراب جو چاچو هو، ۽ جنهن کي سنڌ تي نادر شاهه جي 1740ع ۾ ڪاهه ڪانپوءِ، ايران جي مشهد شهر ۾ يرغمال بڻايو ويو هو، ۽ هو اُتي گذاري ويو هو.

## هن جي پيءُ جي زميني ملڪيت

سندس پيءُ خدا بخش وٽ، مير علي مراد طرفان 9 ربيع الاول 1260ھ (جنوري 1844ع) تي جاري ٿيل هڪ سَند موجب، تعلقي ڪنڊياري جي ديهه يارو ڏيراڄ ۾ ديري محبت جتوئي جي اڌ جاگير هئي. هن جاگير کي، 8 مارچ 1853ع تي ڪمشنر، چام نندي جي نالي تي، "هن جي موت ڪانپوءِ ڦيرڦار جي شرط هيٺ"، مڪمل طور منظور ڪيو هو. هن جاگير جي ايراضي 2795 نيپيئرين بيگهه تي مشتمل هئي. هن جاگير جي ڪٿيل ساليانې ڏيڍ ٻه هزار رپيا هئي.

## جاگير جي قدامت

مير علي مراد طرفان جاري ٿيل سَند ۾، خدا بخش جي خاندان جي نالي تي اڳوڻي جاگير جو حوالو ڏنل آهي، ۽ هي جاگير جولاءِ 1822ع (مير سهراب جي علائقي جي فرض ڪيل ورهاست جي سَتن مهينن ڪانپوءِ) واري عرصي جيتري آڳاٽي آهي، جڏهن مير رستم، مير خدا بخش ۽ سندس پيءُ جي نالي تي هڪ دستاويز ۾ هي جاگير ڏني هئي. هن سَند ۾ جاگيردارن جي تحويل ۾ آيل "پناهه" يا ڪٽ ختم ڪرڻ جو حوالو ڏنل آهي، جنهن هيٺ ديهه يارو ڏيراڄ واري جاگير ڏني وئي هئي.

## مسٽر ايلس جو تجويز ڪيل نبيرو

ميجر گولڊسمڊ لکيو: "اڳوڻن حڪمرانن سان مائٽيءَ طور ڳنڊيل ٽالپر سردار جي حيثيت سان، هن جي مستقل گذران بابت دعوي مناسب ڳالهين تي ٻڌل آهي." مسٽر ايلس انهيءَ ڏس ۾ هيٺين ريت لکندي چيو: "مير چام نندي جو مامرو منفرد آهي. گڏوگڏ وٽس هينئر جيڪا جاگير ۽ دستاويز موجود آهي، تنهن جي مواد مان معلوم ٿئي ٿو، ته هن کي ماهوار وظيفو ٽي سؤ رپيا يا ساليانو ڇتيهه سؤ رپيا ملي ٿو.

"هن کي ملندڙ وظيفو سندس حياتي لاءِ آهي. اهو سويو ديري جاگير جي جاءِ تي هن کي ڏنو ويو هو، جيڪا تنهن وقت چام نندي جي تحويل ۾ هئي، جڏهن مير علي مراد کي رئيسپائيءَ تان هٽايو ويو هو. هي جاگير چام نندي وٽ، سندس خاندان جي پراڻي جاگير هجڻ سببان، وٽس رهڻ گهرجي ها؛ پر حڪومت، هز هائينس مير علي مراد جي گهٽايل حيثيت واسطي ڪنهن ويچار بنا، هن کي جاگيرون پنهنجي تحويل

۾ وڻڻ جي اجازت ڏني، جنهن تي هن جو مٿن ڪو حق نہ هو. ۽ چامر نندي کي نقصان جي معاوضي طور وظيفو ڏنو ويو.

"حڪومت ڪان ايندڙ لکپڙهہ وارن ڪاغذن تي، سنڌ جي ڪمشنر تجويز ڏني، تہ ڪيس وظيفو حياتيءَ لاءِ ملڻ گهرجي. مسٽر فريئر هاڻي مامري جي پيهر پڙتال ڪندي، پنهنجي يقيني فيصلي جو اظهار ڪيو، تہ هو غلطي تي هو. جو وظيفي جاري رهڻ يا وظيفي وٺندڙ جي مرڻ جي صورت ۾، حڪومت جي حڪمن جي شرطن هيٺ، منصفاڻي طور ڪيس وظيفي جي سفارش ڪرڻ گهرجي هئا. جو جنهن بدران جاگير جي ايراضي ڪيس ڏني وئي هئي، تنهن موجب وظيفي تي عمل ڪرڻ گهرجي ها. هاڻي اها تجويز ڏني ويندي، تہ چئن تالپر گهراڻن جي ٻين شخصن لاءِ تجويز ڪيل نبيري کي سامهون رکندي، ڪنهن قدر موروثي طور جاگير جو سلسلو جاري رکيو وڃي.

"تنهنڪري، آءٌ اها تجويز ڏيندس، تہ هاڻي جيئن تہ حڪومت سوپو ديرو جاگير سرڪاري تحويل ۾ ورتي آهي، ۽ وظيفو رڳو حياتيءَ لاءِ منظور ڪيل آهي، تنهنڪري سُٺو طريقو اهو ٿيندو، تہ هن کي سڄي جاگير، هاڻوڪي رپورٽ کي سامهون رکندي ڪنهن تخفيف بنا، موروثي طور ڏني وڃي. اها هز هائينس مير علي مراد کي بلڪل تازو مليل جاگير آهي، ۽ اها چامر نندو جي وفات ڪانپوءِ پيهر منظور جو ڳي نہ هجي ها، پر اها سوپي ديري جي پيٽ ۾، بلڪل گهٽ محصول واري آهي، ۽ شايد ان جاگير، جيڪا رڳو مٿي ڄاڻايل حالتن کي سامهون رکندي پيهر منظور ڪئي وڃي ها. هن نبيري جي ڏس ۾ اهو بہ چئي سگهجي ٿو، تہ آءٌ مسٽر فريئر سان سهمت آهيان."
(ڏسو پيرا 44 کان 47)

## بمبئي سرڪار جو مؤقف

بمبئي سرڪار پنهنجي 11 سيپٽمبر 1858ع تي انڊيا سرڪار ڏانهن لکيل خط ۾، هن مامري جو حوالو ڏيندي اها ڳالهہ چئي هئي، تہ جيڪڏهن انهن زمينن جي سالياني آمدني ڇٽيهہ سؤ رپيا هئي، جنهن کان ان سردار کي محروم ڪيو ويو هو، تہ هن کي بہ هزار رپيا سالياني آمدني واري جاگير ڏيڻ سان، ڪيس ٿيل نقصان جو ازالو مشڪل سان ٿيندو؛ پر اها ڳالهہ واضح هئي، تہ هن جاگير جو سلسلو تجويز ڪيل شرطن تي جاري رکجي، ۽ انڊيا سرڪار کي ڄاڻايو ويو، تہ ان ڏس ۾ سياسي کاتي طرفان هڪدم فيصلو ڪيو ويندو، تہ ڇا مير چامر نندي جي موت ڪانپوءِ، ڪو بہ حصو ۽ وظيفي واري رقم جو ڪيترو حصو، ڪيتري عرصي تائين، جاري رهندو يا نہ. سرڪار

جو اهو خيال هو، ته جيڪڏهن ٻه ڀاڱي ٽي حصا جاگيردار جي وارثن کي ۽ هڪ ڀاڱي ٽي حصا ڀٽي نسل کي ڏنا وڃن، ته اهو عمل مناسب ٿيندو.

### انڊيا سرڪار جي منظوري

انڊيا سرڪار پنهنجي 27 آڪٽوبر 1858ع تي جواب واري خط نمبر 1633 ۾ مير چاڪر نندي جي مامري کي اڪلائڻ لاءِ، بمبئي سرڪار واري تجويز جي منظوري ڏني.

### نبيري جا تفصيل

آخرڪار، هڪ سَند هيٺ جاگيردار جي تحويل ۾ 2795 بيگهه ابراضيءَ واري جاگير سندس نالي تي منظور ڪئي وئي، جيڪا سندس وارثن ۾، ڪنهن تخفيف بنا ورهائڻي هئي. سَند ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته، ”توهان جي مامري ۾ 1852ع واري زميني جائيداد، 1843ع ۾ سنڌ جي فتح واري سال کي سامهون رکندي، ڀين جاگيرن لاءِ عمل جوڳي هوندي، برقرار رهڻ گهرجي: اڪيلو شرط اهو هو، ته دائمي جاگير ګڏيل ٽڪر ۽ چڱي طرح واضح ٿيل زميني ورچ تي ٻَڌل هجي.“

### جاگيردار جو موت

هي مير 3 جنوري 1884ع تي گذاري ويو.

## 36. مير ڪرم خان

### خانداني شجرو ۽ حيثيت

هي مير، مير الهيار جي چوٿين پيڙهيءَ ۾ هو، جنهن جا ميرپور وارا مير اولاد آهن. هن جو ڏاڏو احمد خان، مير شير محمد جي ڏاڏي مير ٺاري جو ڀاءُ هو. اهڙيءَ ريت، هي مير شير محمد جو سئوٽ هو.

### ميرپور جي حڪمرانن جي ڪابه سَند نه هجڻ

مير شير محمد جي پيءُ مير علي مراد جي ڏينهن ۾ احمد خان جي ملڪيت جي ثابتي لاءِ مڪانن جي هڪ ڊگهي فهرست پيش ڪئي وئي، پر ڪابه سَند اڳتي نه آندي وئي، جنهن ڳالهه کي تنهن دؤر ۾ ميرپور ۾ رائج جاگيرن جي ورچ ۾ داخلا واري سُست طريقي ۾ خامي سمجهي وئي، ۽ اهو به ڏنو ويو، ته جاگيرون ڏيندڙن سان جاگير وٺندڙ جي ويجهي مائٽي به هئي.

## حيدرآبادي ٽالپر اميرن طرفان ملندڙ جاگير

احمد خان جي پٽ غلام مرتضيٰ، جيڪو ڪائنس اڳ گذاري ويو هو، تنهن پنهنجي پويان هڪ پٽ ڪرم خان ڇڏيو هو، پر سنڌ جي فتح واري وقت احمد خان پاڻ به جيئرو هو: بهرحال، هن جون 1835ع ڌاري پنهنجا ناتا، حيدرآباد جي مير نصير خان جي ڇانوَ هيٺ اچڻ لاءِ، ميرپور وارن سان ٽوڙيا. انهيءَ مهيني جي 25 تاريخ تي واعدي واري هڪ سَند جي داخلا رکي وئي، جنهن ۾ اهو لکيو ويو، ته هن ۽ سندس پوٽي کي ست هزار بيگهه زمين ڏني ويندي، جنهن مان پنج هزار بيگهه احمد خان جي رهائش کان ڌار هوندي: گڏوگڏ ان سَند ۾ به هزار بيگهه سندس پوئلڳن ۽ ٽي هزار بيگهه ٻين گهرياتين ـ نصير خان ۽ يار محمد لاءِ مخصوص ڪئي وئي. وڌيڪ اهو به چيو ويو ته، ته هو ساليانو 3744 رپيا روڪ ۽ ساليانو هڪ هزار اناج جا خرار به وٺندو هو.

## مير علي مراد طرفان سر چارلس نيپيئر جي سفارش تي جاگير ڏيڻ

انهيءَ ڳالهه جو اصرار ڪيو ويو ته، ته مير احمد ۽ سندس پوٽو ڪرم خان ڏٻي جي ميدان تي، مير شيرمحمد جي صفن ۾ موجود هئا. هن ويڙهه کانپوءِ اُهي ڀڄي ويا هئا، ۽ گهٽي عرصي تائين غلط سوچ يا ڊوکو کائڻ کانپوءِ، هنن برطانوي اختيارين آڏو پنهنجي پاڻ کي پيش ڪيو. اُهي هز ايڪسيلنسي گورنر سان ڪوهستاني مهم وقت سانس گڏ هئا ۽ مير علي مراد، سر چارلس نيپيئر جي سفارش تي، هنن کي ڪنڌياري ۽ نوشهري ۾ جاگيرون ڏنيون، جن ۾ ڪاهه، وساڻ، ٻاٽل، پنجاهه، خيرو ديرو ۽ گاگڙي ۾ ٻنڌي شامل هيون، جن جي مجموعي ڍل 1168 رپيا هئي. احمد خان پوءِ ترت ئي گذاري ويو، ۽ پنهنجي پوٽي جي نمائندگي ڪندي، پاڻ پنهنجي نالي جاگير جو پروانو ورتائين.

## سرڪار طرفان تحويل ۾ موجود جاگير منظور ڪرڻ

حڪومت طرفان ڪنڌياري ۽ نوشهري کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ کانپوءِ، پهريون پنج جاگيرون جاگيردار کي ڏنيون ويون. بهرحال پڇاڙيءَ واري جاگير اهڙي ضلعي ۾ واقع هئي، جيڪو مير علي مراد وٽ ذاذاٽي حصي طور تحويل ۾ هو، تنهنڪري، جڏهن حالتون بدليون، ته هز هائينس ان جاگير کي ٻيهر پنهنجي تحويل م ورتو، ۽ ڪمشنر ان مامري ۾ مداخلت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

## ميجر گولڊسمڊ طرفان تجويز

ميجر گولڊسمڊ مامري جي نبيري لاءِ هيٺ ڄاڻايل تجويز ڏني: ”مير ڪرم خان وٽ تيرهن هزار 112 بيگهه ايراضي موجود آهي، جنهن جي سالياني ڍل 3789 رپيا آهي. اها تجويز ڏجي ٿي، ته هن جي وارثن کي، ڪنهن به مڪان يا ديهه منجهان ٻه هزار بيگهه ايراضي دائمي جاگير طور چونڊڻ جي اجازت ڏني وڃي. نيپيئر واريءَ ماپ کي مانُ ڏيندي ڏسبو، ته اها صحيح ايراضي ٿيندي، جو مير نصير خان پاڻ هاٿوڪي دعويدار لاءِ، خاندان ۽ سماجي حيثيت کي ڌيان ۾ رکندي تڏهن اها ماپ تجويز ڪئي هئي، جڏهن ايجا هو اڻن ورهين جي ڇمار جو هو.“

هن پنهنجون سفارشون جوڙڻ جو لاڙو انهن بنيادن تي رکيو هو، جو سرڪاري تحويل ۾ ورتل ضلعن ۾ ميرن جون جاگيرون ڪنهن سوال بنا حياتي لاءِ ڏنل هيون.

”اهي بلڪل تازيون منظور ڪيل جاگيرون آهن، ۽ پرواني ۾ داخلا جي طريقي وارن اکرن ”آوازِ ملازمي“ مان پانجي ٿو، ته منجهس ماتحتي ۽ آڌارڻ جي معنيٰ ڏانهن اشارو ٿيل آهي. پر ساڳئي وقت ڪرم خان جي حيثيت مان، سردار طور ڪيل انهن مثالي فيصلن منجهان هڪڙي مثال جو پتو پوي ٿو، جنهن ۾ زميني جائيداد ۾ وچوٽيءَ ڪان شايد لنوايو ويو هجي، تنهنڪري اڳوڻن مالڪن طرفان ڏنل جاگيرن جي جاچ ڪئي وڃي.“

## مسٽر ايلس جي رضامندي

مسٽر ايلس هيٺين ريت لکندي چوي ٿو ته: ”مير ڪرم علي (نمبر 36) جو اهڙو مامرو آهي، جيڪو خاص نبيرو لهڻي ٿو. هن مامري ۾ جاگيردار مير ڪرم علي وٽ، مير علي مراد کي حڪومت تان لاهڻ مهل ڪابه جاگير نه هئي، پر سر چارلس نيپيئر جي سفارش تي مير طرفان هن کي تازو ڏنل جاگيرون وٽس موجود هيون. ميجر گولڊسمڊ صورتحال واضح ڪندي چوي ٿو، ته جيتوڻيڪ انهي ۾ ڪو شڪ ناهي، ته هن خاندان وٽ اڳوڻي وقت ۾ جاگيرون هيون ۽ ڪيس وظيفا پڻ ملندا هئا، تنهن هوندي به ميرپور جي ميرن واري سرڪاري رڪارڊ جي خراب حالت ڪيس اهڙو قابل نٿي ناهي، جو هو جاگيرن جي ڏس ۾ پنهنجي سچائيءَ کي تسليءَ سان ثابت ڪري سگهي.

”پر تالپر گهراڻي، جنان تالپرن جا پيا پاڙا وڌيا ويجهيا، جي جاگيردار جي وارث، ۽ هن وقت تائين سندس سماجي حيثيت سببان، انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ نٽو ڪري سگهجي. هن جي هاٿوڪي جاگيرن جي بلڪل تازي تاريخ کي سامهون رکندي، آءٌ

مختصر طور سفارش نٿو ڪري سگهان، تہ ٻين مامرن ۾ لاڳو اصولن جيان هن مامري ۾ بہ ساڳيا اصول لاڳو ڪيا وڃن؛ پر جيئن تہ ڪجھ قاعدا ضروري آهن، تنهنڪري منهنجي خيال ۾، ميجر گولڊسمڊ جي سنڌس تحويل ۾ موجود تيرهن هزار بيگھہ مان ٻہ هزار بيگھہ ايراضي ڪيس موروثي جاگير طور منظور ڪري ڏيڻ واريءَ سفارش تي عمل ڪرڻ گهرجي. هي نبيرو مناسب طور آزاداڻو ٿيندو ۽ ساڳئي وقت ان جي نوازش ۾ ڏل جي وڏي ورڇ بہ نہ ٿيندي، جو وٽس خانداني وراثت ۽ سماجي حيثيت موجب بيشڪ دعوى بہ آهي.“ (ڏسو پيرا 49 ۽ 49)

## منظور ٿيل نبيرو

هن نبيري کي انڊيا سرڪار منظور ڪيو. اهڙيءَ ريت، مير جي سَند ۾ هن کي تيرهن هزار 112 بيگھہ- ايراضي پنجن جاگيرن جي ايراضي مٿي ڄاڻايل آهي، توثيق ڪري ڏني وئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن بہ هزار بيگھہ جي دائمي جاگير جي منظور ڏني وئي. بهرحال، عام مُختياري پهرين وارث کي ڏني وئي.

باب ٽيون

# سردارَ جاگيردارن جو ذڪر

## جاگيردارن جو تعارف

سردارن لاءِ شايد اهو چئي سگهجي ٿو، تہ اُهي جاگيردارن جي موروثي طبقي جي ٽئين ننڍڙي ڀاڱي سان ناتو رکن ٿا. پهرين ننڍڙي ورچ انهن جاگيردارن تي ٻَڌل آهي، جن جون جاگيرون ڪلهوڙن جي وقت کان سڃاڻپ جوڳيون هيون. جڏهن تہ جاگيردارن جو ٻيو طبقو، پنهنجي جاگيرن جي قدامت جي رعايتن تي نتو ڀاڙي، پر چئن عظيم ٽالپر گهراڻن جي هڪ يا ٻئي ڀاڙي جي سماجي حيثيت تيا آڏاري تو. ٻئي پاسي وري ٽيون طبقو، جاگيرن جي قدامت توڙي سماجي حيثيت تي ڀاڙي ٿو. ننڍڙن طبقن ۾ ورهايل انهن جاگيردارن منجهہ، هرهڪ جاگيردار کي جيڪا رعايت يا سهوليت ڏني وئي، تنهن ۾ گهٽو ڪري رتبي ۽ ڪنهن قدر ايراضيءَ هيٺ تفاوت موجود آهي. دائمي جاگيرن مان ڪابہ جاگير، پنج سيڪڙو جمعبندي ۽ رائج آبياني ڪانسواءِ، ڪنهن ڍل ڏيڻ جي پابند نہ هئي، ۽ منجهانئن هرهڪ جاگير، جاگيردار جي مرد وارثن ڏانهن وراثت پٽاندر ڏيڻ جوڳي هئي. پر فرسٽ ڪلاس جاگيرون پنهنجي قطعيت ۾ سندن وارثن کي سونپيون ويون هيون- چئن ٽالپر گهراڻن جي جاگيرن ۾ قاعدي موجب هڪ ڀاڱي ٽن حصن جي تخفيف جي پابندي لازم هئي، اُهي سردار هرهڪ جي حالتن موجب پڻ تخفيف جا ذميوار هئا. ڪجهہ مامرن ۾ ميجر گولڊسمڊ جاگيرن ۾ اها تخفيف اڌ طور لاڳو ڪئي، يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي، تہ هُن جاگير جي متناسب پيداوار مان ٻيهر جاگير طور ڏيڻ جوڳي حصي جو ڪاٽو لڳائڻ واري پراڻي اصول تي عمل ڪيو هو. تنهنڪري، هو انهن آخري مامرن ۾ سر چارلس نيپيئر جي اصول جي تسلسل ۾ پنج هزار بيگهہ کان وڌيڪ ايراضين واريون جاگيرون ڏيڻ جي سفارش ڪرڻ کان لاچار رهيو هو. حقيقت ۾ ڪنهن بہ سردار کي پنج هزار بيگهہ ايراضيءَ کان وڌيڪ ايراضيءَ واري دائمي جاگير ڏيڻ جي اجازت نہ ڏني وئي هئي، جڏهن تہ "چئن عظيم ٽالپر خاندانن" جي چٽيهہ جاگيردارن منجهان ڇويهہ جاگيردارن وٽ سندن تحويل ۾ موجود جاگيرن جي ايراضي اٽڪل ٻہ لک بيگهہ هئي ۽ هرهڪ وٽ پنج هزار

ڪان وڌيڪ ايراضي موجود هئي. هن ساڳئي حقيقت مان شايد چئني عظيم تالپر گهراڻن جي سردارن ۽ جاگيردارن تي، سنڌ جي فتح وقت وٽن موجود ڪُل ايراضيءَ ۾ هرهڪ وٽ دائمي طور ڪُل ايراضيءَ وچ ۾ پيٽ ڪرڻ سان، روشني پئجي سگهي ٿي. پوين سردارن وٽ ڇهه لک اڻونجاهه هزار 562 بيگهه موجود هئي ۽ هنن دائمي طور هڪ لک ڇهه هزار 875 بيگهه ايراضي يا 16.2 سيڪڙو ايراضي ورتي هئي. جاگيردارن جي تحويل ۾ اوڻيهه لک پنجٽيهه هزار 908 بيگهه ايراضي هئي ۽ وٽن نَو لک ٽيهتر هزار 949 بيگهه دائمي طور هئي. ٽن ننڍڙن طبقن ۾ ورهايل مستقل جاگيردارن ۾ تفاوت ڪندي، شايد اهو چئي سگهجي ٿو، ته فرسٽ ڪلاس جاگيردارن کي، سنڌ جي فتح وقت سندن تحويل هيٺ آيل زمين سئو سيڪڙو موروثي طور منظور ڪري ڏني وئي- چئني عظيم تالپر گهراڻن جي جاگيردارن کي طبقي جي حيثيت جيان 50.3 سيڪڙو، ۽ سردارن کي طبقي جيان 16.2 سيڪڙو جاگيرون ڏنيون ويون.

سپ ڪان پهرين اها تجويز ڏني وئي، ته سيني جاگيردارن کي، مير فتح علي يا وري مير غلام علي طرفان ڪين مليل جاگيرن کي، سيڪنڊ ڪلاس واري طبقي ۾ شامل ڪيو وڃي. پر ان سخت ۽ تکي قاعدي کي ٻن خاص ڳالهين ڪري غير تسلي بخش ڪوٺيو ويو: اهي جاگيرون، منجهانئن گهڻن اهڙن شخصن کي ڏنيون ويون هيون، جيڪي سماج ۾ ڪنهن معياري رتبي يا حيثيت کانسواءِ، ميرن جا رڳو ذاتي نوڪر هئا: ۽ منجهن اُهي به شامل هئا، جن جي سماجي حيثيت اوچي هئي- پر اتفاقي طور ملازمت ۾ رنڊڪ ٿيڻ يا ڪنهن حادثي يا معاوضي ملڻ جي طريقي ۾ ڦيرڦار سببان، جاگيرن جو سلسلو جاري رهي نه سگهيو هو. تنهنڪري ان قاعدي کي ڦيرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، ۽ پهرين ٻن اميرن طرفان جاگيرون وٺندڙ غير اهم ماڻهن جو رتبو گهٽائي ٿرڊ ڪلاس (غير مستقل جاگيردارن جو طبقو) ۾ بدلائڻ لاءِ پٽو طريقو لاڳو ڪيو ويو. بهرحال هنن کي سندن طبقي جي هئي نسل تائين پيهر جاگير جي منظوريءَ تي، ڍل ڏيڻ جوڳي شرط هيٺ آڻڻ کان آجو ڪوٺيو ويو: ۽ (1) اُهي سڀ جاگيردار، جيڪي پهرين ٻن اميرن کان رڳو جاگيرون وٺندڙ نه هئا، پر سندن سماج ۾ بيشڪ مٿانهون رُتبو هو، ۽ (2) اُهي سيئي جاگيردار، جن جو اهو رتبو هو، پر مير غلام عليءَ جي 1812ع جي وفات کان اڳ، ڪنهن رنڊڪ بنا وٽن ڪا جاگير نه هئي، تن کي سردارن جي عهدي پٽاندر مستقل جاگيردارن جي طبقي ۾ شامل ڪيو ويو.

اهڙن جاگيردارن کي چونڊڻ گهٽو ڏکيو نه هو، جن وٽ آڳاٽيون جاگيرون هجڻ سميت سندن پنهنجي قبيلن ۾ نمايان حيثيت هئي. پر جڏهن جاگيرون آڳاٽيون هيون،

۽ سماجي حيثيت ايڏي گهڻي مشهور نہ هئي، يا حيثيت گهڻي مشهور هئي، پر وتن آبگاتيون جاگيرون نہ هيون. تنهن مهل انهن جي معيار کي جاچڻ لاءِ ڪنهن انجام يا نتيجي تي پهچڻ لاءِ گهڻين مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو. ڪيپٽن پيلي پنهنجي تعلقي رول ۾ هرهڪ جاگير کي سنڌن قدامت موجب ورهايو، پر ڪجهہ موقعن تي جاگيردارن جي سماج ۾ مقرر رتبي کي پڻ ڌيان ۾ رکيو ويو. ۽ ڪين سيڪنڊ ڪلاس جو درجو ڏنو ويو. جيتوڻيڪ سنڌن جاگير ٽرڊ ڪلاس جي هئي؛ ۽ ورلي غير اهم جاگيردارن کي گهٽائي ٽرڊ ڪلاس جاگيردارن ۾ شامل ڪيو ويو. جيتوڻيڪ سنڌن جاگيرون سيڪنڊ ڪلاس جون هيون. ميجر گولڊسمڊ کي ڪيپٽن پيلي جي جوڙيل فهرستن (Roll) ۾ جاگيرن منجهہ ڦيرڦار آڻڻ جو اختيار نہ هو، جيڪي ڪمشنر، حقيقتن جي پُل ڪانسواءِ، منظور ڪيون هيون، ۽ هُن انهيءَ خيال کان انهن جاگيردارن کي سردار جي حيثيت سان عام طور مڃيو، جن کي ڪيپٽن پيلي اها رعايت ماڻڻ جي حقدار هجڻ جيان درج ڪيو هو.

جڏهن تہ جن جاگيردارن جو ٽرڊ ڪلاس ۾ رتبو گهٽايو ويو هو، تن کي سردارن جي فهرست ۾ شامل نہ ڪيو ويو، اوستائين جو سنڌن دعويٰ گهڻي سگهاري ۽ مضبوط بہ هئي. پر ڪيپٽن پيلي طرفان پنهنجي تعلقي فهرست ۾ سردارن جي حيثيت سان ڪيل نالن جون داخلائون بلڪل ٿورڙيون هيون، جيتوڻيڪ مُنشي مينگهراج جي فارسيءَ ۾ جوڙيل فهرست پڻ موجود هئي، جيڪا ظاهري طور سنڌس هدايتن هيٺ جوڙيل هئي، ۽ ڏاڍي سُٺي هئي ۽ منجهس گهڻا نالا بہ شامل هئا.

ميجر گولڊسمڊ کي جن جاگيردارن جي سماجي ۽ قانوني حيثيت بابت ڪو شڪ محسوس پئي ٿيو، تن جي سماجي حيثيت جو تعين ڪرڻ لاءِ، هن ان فهرست سميت ڪيپٽن رٿبورن جي رتبي موجب ماڻهن جي جوڙيل فهرست، ليفٽيننٽ برٽن جي قبيلن واريءَ فهرست ۽ ليفٽيننٽ ليچ جي سنڌ جي فتح کان اڳ ”سنڌي فوج“ تي جوڙيل ۽ ڇپيل رپورٽ کي پڻ استعمال ڪيو. ۽ انهي ساڳئي انداز سان هن کي جڏهن بہ ڪيپٽن پيلي جي جاگيرن واريءَ درجابندي ۾ ڪنهن جاگيردار جي مٿانهين سماجي حيثيت بابت ڪو شڪ پئي ٿيو، تہ پراڻين سَندن جي متن ۽ ڪيپٽن اسٽڪ جي رجسٽر ڏانهن بہ رجوع پئي ڪيو. هن کي انهن سَندن مان پتو پيو، تہ ڪجهہ جاگيردار، جيڪي ٽرڊ ڪلاس ۾ داخل هئا، سي ڪلهوڙا دؤر جي پراڻي ديرادار جي وارثن منجهان هئا، ۽ اهڙن ماڻهن کي مسٽر ايلس ۽ ڪمشنر پاڻ ۾ عام طور سردارن جي طبقي جي حيثيت سان قبولڻ ۾ سهمت ٿيا هئا.

گڏوگڏ ٻيا مُکيه قبيلن جا سردار هئا ۽ رڳو قبيلائي نياتن يا اهم تندا جوڙائيندڙن جا وارث نه هئا، پر اميرن جا سفير، جنرل ۽ مختياركار به هئا. اهڙن ماڻهن جي سردارن جيان داخلا رکڻ واسطي فهرست جوڙي وئي، جيتوڻيڪ ڪجهه مامرن ۾، سنڌن جاگيرون مير ڪرم علي يا مراد علي جي وقت کان وڌيڪ پراڻيون نه هيون.

گڏوگڏ، چئن عظيم تالپر گهراڻن سان واسطو رکندڙ تالپرَ، جيڪي سيڪنڊ ڪلاس ۾ مستقل جاگيردارن جيان شامل ٿيل نه هئا، تن کي سردار جي حيثيت سان بلڪل ائين شامل ڪيو ويو، جيئن سيڪنڊ ڪلاس جاگيردارن کي، جيڪي سردارن جي حيثيت سان فهرست ۾ شامل نه هئا، تن کي ڪنهن ڊل ڏيڻ جي ذميواري کان آجو قرار ڏيندي، ٽرڊ ڪلاس جي رعايتون ماڻيندڙ طبقي ۾ شامل ڪيو ويو.

مٿي ڄاڻايل ڪارروائي جي پوئواري ڪندي، چوهتر جاگيردارن کي سردارن جي حيثيت سان شامل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو، ۽ انهن چونڊيل سردارن جي انڊيا سرڪار جي سيڪريٽري اسٽيٽ ۽ سپريم سرڪار منظوري ڏني. انهن سردارن کي منظور ٿي ملندڙ سَندون، چئن عظيم تالپر خاندانن جي جاگيردارن کي سَندون ملڻ جيان، ساڳين شرطن هيٺ ڏنيون ويون هيون.

# ٽالپر

مواد سان گڏ هتي ڏنل خانداني شجري مان ٽالپر قبيلي جي چونڊيل چوڏهن سردارن جي وارثن جو پتو پوندو. منجهانئن ٽي ڄڻا- محمد خان، احمد خان ۽ نصير خان- پهرين ڇئن عظيم ٽالپر گهراڻن جي جاگيردارن واريءَ جوڙيل فهرست ۾ شامل هئا، پر پوءِ ڪين سردارن جي حيثيت کان ڌار ڪيو ويو. ٻيا سردار ٻهراڻي، مريداڻي، هليلاڻي، جيواڻي ۽ ٺارو جينداڻي پاڙن سان واسطو رکن ٿا. هن قبيلي جا پهريان ٽي پاڙا ٻجار جي ڙٽپوٽي هليل جي وارثن منجهان آهن، جن جو وڏو ڏاڏو ڪڪو هو، جنهن سان اهي چار عظيم ٽالپر گهراڻا پنهنجي مائٽي ڳنڍين ٿا. جيواڻي پاڙي وارا، ماڻڪ، علي ۽ هوتڪ جي پاءُ جيوڻ سان پنهنجو تعلق ڳنڍين ٿا، ۽ ٺوڙا جينداڻي وري مٿي ڄاڻايل ٻجار جي پڙپوٽي جيئند سان ناتو جوڙين ٿا.

”ٺوڙن بابت معلوم ٿئي ٿو، ته اهي سنڌ ۾ مير فتح علي جي وقت کان وٺي، ٻن ڌار ڌار آکهين- جيئنداڻي ۽ احمداڻي يا آدماڻي- جي حيثيت سان اچي جهوپڙا ٺاهي وينا هئا. احمداڻين يا آدماڻين بابت چيو وڃي ٿو، ته اُهي اصل ۾ ”ٺوڙا“ آهن، جن سان اتحاد، مائٽي ۽ پاڻ ۾ شاديون ڪرڻ سان، جيئنداڻين پنهنجي مٿان اهو نالو رکيو. ڪهاڻيءَ مان اڳتي هلندي پتو پوي ٿو، ته آدماڻين جو اصل وڏو ڏاڏو آدم خان ٽالپر پنهنجي گهراڻي منجهان سنڌ ۾ ايندڙ پهريون فرد هو، جنهن هتي ملازمت اختيار ڪئي هئي؛ ۽ اهو ته هو فطرتي طور ٺوڙهائپ سبب مشهور هو، ۽ پنهنجي ٺوڙهه جي نتيجي سببان، جو سنڌ ۾ ٺوڙهه اڻلڀ هوندي هئي، مٿس ”ٺوڙا“ جو سونهيندڙ لقب پئجي ويو. هن جي وارثن انيڪ جاگيرن جون پراڻيون سَندون پيش ڪيون، جيڪي عام طور سنڌ جي فتح وقت هن ٽالپر اميرن آکهه جي قبضي ۾ هيون، ۽ تڏهن کان وٺي اهي جاگيرون سندن تحويل ۾ آهن: پر اميرن جي حڪومت ۾ ذاتي اثر رسوخ سببان جيئنداڻين جي جاگيرن جو تعداد هوريان هوريان وڌي چڪو هو، ۽ 1843ع ۾ برطانوي فوجن جي اچڻ ۽ ملڪ کي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ پتو پوي ٿو، ته جاگيرن جو اهو سلسلو هاڻي پنهنجي انتها تي پهچي چڪو آهي. اهو ته احمداڻين جو شايد ساڳئي

تناسب سان اثر ۾ گهٽجي ويو هو. برطانوي سرڪار طرفان ميرن جي رواج، ۽ ملڪي حالتن بابت، سنڌ جي معزز گهراڻن جي پاتين جي هرهڪ خاص تعداد جو سماجي حيثيت سان ڪاٿو لڳائيندي، فطرتي طور اپياس ڪيو ويو، ۽ هاڻي آدم ٽوڙي جو ڪوبہ اهڙو مرد وارث موجود نہ آهي، جنهن جي نواب محمد خان جيئنداڻي، سندس وارثن ۽ ويجهن مائٽن جي اثر ۾ رُتبي سان ڀيٽ ڪري سگهجي.“

## 1. حسن علي ٻهراڻي

### سماجي حيثيت

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار بابت هيئن لکيو آهي:

”ڪيلڪٽر حيدرآباد ڪيپٽن رٿبورن، حسن علي خان ٻهراڻي ٽالپر بابت لکندي چوي ٿو، تہ هو ويچارو غريب سردار آهي، جنهن وٽ ننڍڙي جاگير آهي، ۽ هو جان محمد جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو ۽ سرفراز جو ڪاردار ۽ جاگيردار محمد خان ٽالپر (1) سندس مائٽ آهي.

### جاگير جي قدامت

”حسن علي وٽ حيدرآباد ضلعي ۾ موجود جاگير جي ايراضي 2342 بيگهہ آهي. اها جاگير ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ٿيل آهي، ۽ هاڻوڪي قاعدن موجب، هڪ پاڱي چار حصو يا 1757 بيگهہ ايراضي تخفيف ڪندي، هڪ نسل تائين سندس وارثن ۾ ٻيهر منظور جوڳي جاگير آهي. پر هن پوڙهي شخص وٽ انهن جاگيرن تي پنهنجي اڳوڻي اهم حيثيت ۽ آڳاٽي جاگير جي خيال کان مضبوط دعوىٰ آهي. هن مونکي عبدالنبي ڪلهوڙي جي هڪ سَند (1777ع) ڏيکاري آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو، تہ هن جو ڏاڏو سعيد خان ٽالپرن جي فوج ڪشيءَ کان اڳ ديرادار هوندو هو، آءُ ساڳئي گهراڻي طرفان ڏنل هن جي ٻين سندن کي ڏسندي ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ هن جي پيءُ ۽ ڏاڏي جي انهن ڏينهن ۾ حڪمرانن وٽ خاص حيثيت ۽ مڃتا هوندي هئي. هن وٽ مير فتح علي جي هڪ سَند موجود آهي، جنهن هيٺ هن جي پيءُ جان محمد کي مڪان گرهڙ جي ٽي هزار مير بيگهہ (2196= نيپيئرين بيگهہ) ڏني وئي هئي، ۽ ٿوري عرصي کان پوءِ ساڳئي مير ان جاگير جي ايراضيءَ کي ٻيڻو ڪيو هو. ۽ جيتوڻيڪ جاگير جي سنگهر ڪجهہ سالن کانپوءِ، ٿيرقار ڪندي وظيفو ڏيڻ جي منظوريءَ سببان

# ٽالپرن جو خانداني شجرو



ٿي پئي هئي، تنهنڪري مير ڪرم علي ۽ مراد علي طرفان، سيري بدران مٿي ڄاڻايل گرهڙ جي جاگير ٻيهر منظور ڪرڻ واري ڳالهه کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي.

"حسن علي ۽ سنڌس پيءُ وٽ، برطانوي فتح کان اڳ مختلف وقتن تي ورتل ۽ موجود انيڪ جاگيرن منجهه تنگ اڙائڻ ضروري نه ٿيندو، جو هاڻوڪي جاچ پڙتال، جاگيرن جي بحاليءَ جي پيٽ ۾ هم آهنگ جهڙي آهي. اهو چوڻ مناسب ٿيندو، ته جاگير آفيس ۾ اڪثر موجود سَندن مان هنن جي جاگيرن جي ايراضي ۾ گهٽائي ثابت ٿئي ٿي.

نبيري جي تجويز

"حسن علي جي رهڻ وارو گهر گهڻو آڳاٽو تهيل آهي، جيڪو وڏي ۽ ڳتيل آباديءَ واري ڳوٺ جان محمد جي ٽنڊي ۾ آهي، سو ميرپور ضلعي ۾ واقع آهي. ٽنڊي ڳوٺ هن جي پيءُ ٺهرايو هو، جنهن جي نالي پُٺيان هن ڳوٺ تي اهو نالو پيل آهي. اهو گرهڙ جاگير جي پاسي ۾ واقع آهي، ۽ جاگيردار کي ايڏي ويجهڙائي هوندي پراڻ جي ڪناري لڳل 146 ٻيگهه ايراضي هڪدم منظور ٿي ملي وئي. ڪنهن دؤر جي شاهاڻي تارَ وهندڙ پُراڻ درياهه جو سُڪل پيٽ گهڻو عرصو اڳ پوکيءَ لاءِ واپرايو ويندو هو، پر زمين جو متاچرو ان نوعيت جو آهي، جو پاڻي جي دستيابيءَ سان هرهڪ ايڪڙ هوند پوکي هيٺ اچي ويندو. اها تجويز ڏجي ٿي، ته ڳوٺ ويجهو دائمي طور ڏنل ننڍڙي جاگير واريءَ ايراضيءَ ۾ مڪان گرهڙ جو ڪافي حصو شامل ڪيو وڃي، ته جيئن اها ايراضي هڪ هزار ٻيگهه ٿئي. بهرحال، پهرين جاگير وٺندڙ کي، سموري جاگير پنهنجي حياتي تائين، پيداوار جي هڪ پاڱي چار جيتري ڍل ڏيڻ جي شرط تي، پاڻ وٽ رکڻ جي مُختياري ڏني ويندي.

"حسن عليءَ جو مراد علي نالي هڪڙو پائيٽيو آهي، جنهن جي پيرپاسي ۾ 2196 ٻيگهه ايراضيءَ واريءَ جاگير آهي، ۽ هُو بيشڪ حسن علي جي جاگير سان دنگئي آهي. پر هن برهماڻي پاڙي جي خاص شخص کي سيڪنڊ ڪلاس جو رُتبو ڏيڻ بابت چيو وڃي ٿو، ته سندن عزت ۽ مجتا تحت مستقل گذران لاءِ اهو مناسب اصول آهي. مراد علي ويچارو انڌو ماڻهو آهي، ۽ پاڻ چڙو رهي ٿو. حسن علي پاڻ به سٺ ورهين جو آهي، ڪيس تي پُٽ آهن، منجهانئن هڪڙو چٽو وچين وهيءَ جو آهي."

جاگيردار سان نبيرو

سرڪار طرفان ميجر گولڊسمڊ واريءَ تجويز جي منظوري ڏني وئي، ۽ سَندِ نمبر

25 هيڪٽ، سردار کي 28 مارچ 1861ع تي جاگير منظور ڪري ڏني وئي، نيٺ هن جي نالي تي گرهڙ (2196 بيگهه) ۽ پراڻ جي ڪناري تي (146 بيگهه) ايراضي منظور ڪري ڏني وئي ۽ سندس پهرين وارث کي مختياري ڏيڻ سان، هن جي مرد وارثن لاءِ، سندن تحويل ۾ سنڌ جي فتح وقت موجود ايراضي، ”پيداوار جي چوٿين حصي جي برابر جمعبنديءَ جي ادائيگي يا سڄي ايراضيءَ جو چوٿون حصو حڪومتي تحويل ۾ ونندي،“ دائمي طور هڪ هزار بيگهه ايراضي قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

هي مير 15 آڪٽوبر 1878ع تي گذاري ويو.

## 2. احمد خان بهراڻي

## جاگيردار جي حيثيت

هن سردار جي زرعي ملڪيت ۾، خدا آباد ۾ جوهي (2) ۾ 1431 بيگهه ۽ هالا ۾ چاڙائو ۾ 484 بيگهه زمين شامل هئي. اُهي ٻئي جاگيرون، مير غلام عليءَ جي موت ڪانپوءِ، ڪيس مليون هيون، ۽ آخرڪار، اُهي جاگيرون ڪيپٽن پيلي پنهنجي رجسٽر ۾ ٽرڊ ڪلاس جي حيثيت سان داخل ڪيون هيون.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار بابت هيٺن لکندي چيو:

”هڪڙي سَند موجب ٻن جاگيرن ۾ پنج جاگيردار- غلام حسين ولد لقمان خان جا پاٽر حاجي غلام محمد ۽ غلام حيدر؛ لقمان جا پُٽ نواب محمد خان ۽ مبارڪ خان؛ ۽ احمد خان ولد غلام حسين- ڀائيوار هئا، جنهن سموري منظور ٿيل جاگير کي ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو.

”اها پڪ ڪيل آهي، ته منجهانئن حاجي غلام محمد ۽ غلام حيدر ۽ مبارڪ خان جا حصا، سنڌ جي فتح وقت ضبط ڪيا ويا هئا. غلام حيدر 1842ع ۾ گذاري ويو، ۽ سندس پيءُ ۽ سندس سئوٽ مبارڪ هڪ سال پوءِ، مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويا.

”هي جاڻ 4 اپريل 1846ع تي ڪليڪٽر ڪراچيءَ طرفان جاري ٿيل پرواني سان ٺهڪجندڙ آهي، جنهن ۾ محمد خان جي آمد يا سلام کي مڃيو ويو آهي، ۽ هُن هي بيان درج ٿيل آهي، ته سندس ڀائيوار احمد خان سان گڏ غلام حيدر جي پُٽ جان محمد

۽ مبارڪ جي پٽ نصير، ضروري تصديق ٿيل دستاويز وٺڻ بنا، گورنر آڏو اچي سلام پيش ڪيا هئا. ڪليڪٽر جيٺرن وارثن- محمد ۽ احمد خان کي سندن حصا منظور ڪري ڏنا، ۽ غلام حيدر ۽ مبارڪ جي پٽن کي، جنهن به مهل هنن طرفان سلام پيش ڪري سگهڻ تي، جاگير منظور ڪري ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

"1850ع ۾ نواب محمد خان جي اولاد بنا وفات ڪانپوءِ، سندس جاگير جو حصو هرهڪ ڪليڪٽوريٽ پنهنجي تحويل ۾ ورتو. آخرڪار، انهن پنجن پائيوار جاگيردارن مان اڪيلو جيٺرو احمد خان هو.

"ڇا هن سلام پيش ڪيا هئا يا نه، وارو سوال سُلجهائڻ لاءِ ڪيپٽن پيلي کي سونپيو ويو. پر هي ڳالهه ڌيان ۾ رکندي، ته نواب محمد خان پاڻ 27 مئي 1844ع تي 'سلام سَند' ورتي هئي، ۽ اهو ته ڇئن پائيوارن مان احمد خان اهو اڪيلو شخص آهي، جنهن کي ڪمشنر طرفان 19 مئي 1853ع تي سرڪار ڏانهن لکيل خط نمبر 171 جي پيرا 41 ۾ ڄاڻايل وضاحت موجب تعلقاتن جي سطح کان هٽايو ويو هو: گڏوگڏ هاڻوڪي قائدن ۽ ضابطن هيٺ، مبارڪ ۽ غلام حيدر جا ضبط ڪيل حصا، سندن وارثن جي چوٿين پتي تخفيف ڪندي، ڪين پيهر منظور ڪري ڏجن ها، تنهنڪري هي تجويز ڏجي ٿي، ته هن پنهنجي حلفيه بيان ۾، جيڪو ڪليڪٽر يارهن ورهيه اڳ رڪارڊ ڪيو هو، پاڻ آڻ مڃي وفاداري نڀائڻ جي ساک ڏني هئي، تنهن کي قبوليو وڃي. هو سنڌ جي فتح وقت ڏهن ورهين جو مس هوندو، ۽ هو تنهن وقت اڃا ٻار ئي هو، جڏهن گورنر جي مهر لڳل سَند ۾ سندس نالو شامل ڪيو ويو هو. تنهنڪري، جاگير جي متوقع اميدوار بابت ان حالتن ۾ ڪنهن به شڪ جي ڪا ڳالهه نه آهي، جنهن کي ملازمن جي حيثيت کان مٿانهون 'خاندان' جيان ڪوٺيو ويندو.

"اها ڳالهه ايڏي واضح نه آهي، ته ڪيئن هن پاڙي پنهنجي مٿان "بهر" جو لقب اختيار ڪيو، جيڪو ان معزز جي پاءُ جو وارث ڏسڻ ۾ اچي پيو. پر گهراڻو ڪيترن سالن تائين، بهراڻيءَ جي حيثيت سان اختيارين وٽ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، ۽ ان حقيقت کي مناسب نتيجو ڏيندڙ ڪوٺي سگهجي ٿو."

## جاگيردار سان نبيرو

ميجر گولڊسمڊ سفارش ڪئي، ته هن جاگيردار کي هڪ هزار بيگهه ايراضيءَ واري دائمي جاگير ڏني وڃي. ان تجويز کي قبوليو ويو. 1861ع ۾ جاري ٿيل سَند نمبر 26 هيٺ جاگيردار کي سندس تحويل ۾ موجود جاگير منظور ڪري ڏيڻ، ۽ هڪ هزار بيگهه سندس مرد وارثن کي، عام مختياري ۽ عام شرطن هيٺ، ڏيڻ قبولي وئي.

# 3. خدا بخش ڀراڻي

## جاگيردار جي زميني ملڪيت

هن جاگيردار وٽ بدين تعلقي ۾، جهول مَڪان ۾ 909 بيگهه زمين هئي، جيڪا ڪيپٽن پيلي ٽرڊ ڪلاس ۾ داخل ڪئي.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار بابت لکندي چيو ته: ”هي جهونو جاگيردار ڏاڍو ذهين، سهڻي صورت ۽ ڪردار جو مالڪ آهي، جنهن جي گهڻي عزت ڪئي وڃي ٿي. هن وٽ هز ايڪسيلينسي گورنر وٽان ورتل ’سلام سَند‘ پڻ موجود آهي. هي انهن وڏن جاگيردارن منجهان هڪ آهي، جنهن وٽ 2903 مير بيگهه واري جاگير آهي؛ ۽ هي انهن چئن ڀائيوارن جو سردار آهي، جن جي حصن لاءِ ٽرڊ ڪلاس ۾ هڪ نسل تائين ڀيهر منظور جوڳو هجڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

”هن جو ڀراڻي گهراڻي مان هجڻ واضح ۽ مطمئن ڪندڙ آهي؛ ۽ هن جو نالو تجويز ٿيل سردارن جي عام جوڙيل ان فارسي فهرست ۾ داخل آهي، جيڪا منهنجي مربيءَ جي هدايتن تي، اٽڪل هڪ سال اڳ جاگير آفيس جي هيڊ مُنشي جوڙي هئي. پر آءٌ ڀانيان ٿو، ته خدا بخش وٽ پنهنجي سَندن سميت حيثيت جي دعويٰ ۾ وزن آهي.

”5 آڪٽوبر 1834ع تي مير نور محمد، هن کي چاچڪان ۾ چار سؤ مير بيگهه جي جاگير ڏني هئي. اها جاگير مير مراد علي، جيڪو پوءِ گڏاري ويو هو، تنهن جي ڪڏيرو ۾ موجود ڇهه سؤ مير بيگهه ايراضيءَ بدران ڏني وئي هئي، جيڪو پرڳڻو مير مير محمد کي ڏنل هو. نئين جاگير جي منظوريءَ ۾ ايراضي گهٽائڻ جو سبب زمين جي سٺي خاصيت ڄاڻايو ويو هو. هاڻي ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجي 36 سَندن جي رجسٽر ۾ وضاحت سان اِهو ثابت ڪيو آهي، ته مير فتح علي طرفان سندس پيءُ خدا بخش جي نالي جاري ٿيل سَند مان ڇهه سؤ مير بيگهه ۽ سندس مائٽن غلام علي ۽ ڪريم داد جي نالي تي 12 آڪٽوبر 1798ع تي جاري ٿيل سَند هيٺ امام واهه مان پنج سؤ مير بيگهه ڪڍيا هئا؛ ۽ هڪ ٻي سَند هيٺ، جيڪا مير غلام علي 20 جولاءِ 1804ع تي سندس پيءُ خدا بخش جي نالي جاري ڪئي هئي، ڪڏيرو مان هڪ سؤ مير بيگهه ورتا ويا هئا. ان ڏس ۾ مير مراد علي جي سَندن جو حوالو ڏنو ويو هو. پوءِ ڪجهه عرصي

ڪانپوءِ مير مراد علي، زمين جي خاصيت کي سامهون رکندي ٻه سؤ مير بيگهه مان هڪ سؤ بيگهه زمين بحال ڪئي. جاگيرن جون اهي سموريون سَندون جاگير آفيس ۾ درج ٿيل آهن.

"هاڻي ڇا پيهر منظور جوڳي جاگير دائمي قبولي وجي يا نه، واري سوال جي ڏس ۾ اها سفارش ڪجي ٿي، ته سندس سيڪنڊ ڪلاس واريءَ جاگير جي صحيح ايراضي، ڪيس نيپيئرين ماپ جو فائدو ڏيندي، پنج سؤ بيگهه تائين محدود ڪرڻ گهرجي.

"مڪي مان حج ڪري موٽندڙ خدا بخش عام طور "حاجي" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هو بدين تعلقي ۾ پنهنجي نالي تي ٻَڌايل ڳوٺ ۾ رهي ٿو. سندس ڇئن پُٽن مان وڏي پُٽ جي ڄمار اٽڪل پنجاهه ورهيه آهي."

## جاگيرن جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ جي تجويز مطابق، جاگيردار جي سند نمبر 27 هيٺ، هن کي جهول ۾ 909 بيگهه ايراضي منظور ڪري ڏني وئي ۽ سندس مرد وارثن ڏانهن، عام مختياريءَ ۽ عام شرطن تحت، پنج سؤ بيگهه ايراضي ڏيڻ قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

هي 22 آگسٽ 1871ع تي گذاري ويو.

# 4. پيارو خان جيوناڻي، جيڪو عام طور پيارو خان خاناڻي جي نالي سان مشهور آهي

## زميني ملڪيت

هن سردار وٽ ٽنڊي باڳي ۾ ڪنڊڙي ۾ 1282 بيگهه جي جاگير هئي. ان جاگير کي تعلقي رول ۾ ٿرڊ ڪلاس جاگير جي حيثيت سان داخل ڪيو ويو.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار بابت لکي ٿو: "جيوڻ، ماڻڪ جو پاءُ ۽ ڪَڪو جو پُٽ آهي، سو سنڌ جي مُکيه ٽالپر گهراڻن جو اولاد آهي، تنهن پنهنجي پويان چار پُٽ ڇڏيا، جن جا نالا تذهوڪي ڪليڪٽر حيدرآباد ڪيپٽن رٿبورن، سندن خانداني شجري ۾ ڄاڻايا آهن. انهن ڇئن پاٿرن منجهان چار آڪهيون ٿيون، جن مان:

تي هزار بيگهه مان ڀ هزار بيگهه نه، پر ستاويهه سؤ بيگهه سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ٿيل آهن. هن جو ٽيون حصو يا پياري جو نَوَ سؤ بيگهه حصو، نيپيئرين ماپ موجب 613 بيگهه ٿيندو. غيرآباد ايراضيءَ جي تخفيف ۽ سمورن ٽرڊ ۽ فورٿ ڪلاس جاگيرن کي خارج ڪرڻ جي اجازت ڏيندي، اها سفارش ڪجي ٿي، ته پنج سؤ بيگهه ايراضي دائمي طور آڪهه کي ڏني وڃي.“

## جاگيرن جو نبيرو

مٿئين تجويز پٽاندر، جاگيردار جي سَند نمبر 28 هيٺ، ڪيس 1282 نيپيئرين بيگهه جاگير ڏني وئي ۽ سندس وارثن کي، عام مختياريءَ ۾ عام شرطن هيٺ پنج سؤ بيگهه ايراضي دائمي طور ڏيڻ قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

هي 15 نومبر 1877ع تي گذاري ويو.

# 5. باغ علي هاليلاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث سندس پٽ غلام علي ٿيو

## زميني ملڪيت

هن جاگيردار وٽ حيدرآباد تعلقي ۾ ڏهه هزار 739 نيپيئرين بيگهه هئي، جن منجهان گهوٽاڻي ۾ 1997 نيپيئرين بيگهه سيڪنڊ ڪلاس ۾، 8470 بيگهه ٿرڊ ڪلاس ۾ ۽ 272 بيگهه فورٿ ڪلاس ۾ درج ٿيل هئي.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

هي هاليلاڻي ٽالپرن جو سردار هو، ۽ هن جي ڊسمبر 1856ع ۾ وفات ڪانپوءِ سندس پٽ غلام علي، سرداريءَ جو ڀڳدار ٿيو. غلام علي اڃا ننڍڙو ڪجهه ورهين جو ٻارڙو آهي، تنهنڪري ڪانئس پنهنجي حسب نسب ۽ حيثيت تي وڏيڪ ڏيان ڏيڻ جي ورلي ڪا اُميد رکي سگهجي ٿي. بهرحال، اڳوڻي ٽالپر حڪومت ۾، هن گهراڻي جي اهميت تي ڪوبه شڪ نه آهي. باغ علي وٽ مير جو لقب اوستائين هو، جيستائين هو حالتن سبيان وڃي ڏِڪجي غريب نه ٿيو هو. هن جي ڏاڏي فضل پنهنجي نالي تي حيدرآباد ويجهو هڪ مشهور ٽنڊو جوڙايو هو، جنهن منجهان اڳوڻي رياست ۽ خوشحالي جي آثارن جو پتو پوندو هو.

"آءُ پانيان ٿو، ته هي جاگيردار سموريون جاگيرون، غيرآباد ايراضين کان لنوائيندي، دائمي طور سيڪنڊ ڪلاس ۾ وٺڻ جو حقدار آهي. هن انتظام هيٺ 8742 بيگھه ايراضيءَ ٿرڊ ڪلاس ۽ فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي ويندي؛ بهرحال، اها رڳو ڳالهه عقل جوڳي پانئجي ٿي، ته خاندان لاءِ وٽن موجود سموري ايراضيءَ منجهان، پنهنجي پسند موجب چونڊڻ کانپوءِ، دائمي طور ٻه هزار بيگھه ماپيل ايراضيءَ جي جاگير قبولي وڃي.

"هن جي ٽن پٽن مان وڏو پٽ غلام علي، جيڪو جاگيرن جو وارث آهي، سو سودائي، چوڏهن ورهين جو وائڙو نوجوان، اڻ گهڙيل ۽ اڻ پڙهيل آهي: ٻيو پٽ محمد علي ڏکھو، موچاري شڪل وارو آهي، ۽ ڪيس شايد وڏي تي فوقيت ڏئي سگهجي ٿي. اُهي الزام مڙهين ٿا، ته هو پنهنجي پيءُ جي جمڻ کان رڳو ٽي مهينا پوءِ ڄميو هو، پر هن جي ماءُ سنڌي ناچو عورت هئي، تنهنڪري بلوچي هن جي ايڏي عزت نٿا ڪن. هو 'گلستان' کي ادبي ڪچهريءَ ۾ نٿو واپرائي سگهي، پر ٻڌجي ٿو، ته هو سولي ڪتاب 'ڪريما' کي پڙهي سگهي ٿو. جڏهن ته ٽيون پٽ اڃا ٻاروتڻ ۾ آهي.

اهو خاندان ٽنڌي فضل ۾ رهي ٿو، جيڪو ڳوٺ ساڳئي تعلقي ۾ آهي، توڙي اهو گهوٽاڻا جي نالي سان مشهور سندن امام واهه ٻنڌه واري جاگير جيان، ساڳئي جاگير جو حصو نه آهي."

## جاگيرن جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ جي سفارشن کي سرڪار منظور ڪيو ۽ آخرڪار غلام علي جي نالي سَند نمبر 29 جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو، ته هن جي پيءُ وٽ ڪجهه خاص جاگيرون هيون، ۽ اهو ته 1856ع ۾ هن جي موت کانپوءِ، ان جو ڪجهه حصو فورٿ ڪلاس ۾ هوندي، سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتو هو، ۽ غلام عليءَ کي گهوٽاڻا ۾ باقي رهيل ڏهه هزار 467 بيگھه ايراضي، پيداوار جو چوٿون حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي شرط سان، منظور ڪري ڏني وئي هئي، ۽ سندس مرد وارثن لاءِ، عام مختياري ۽ عام شرطن هيٺ، دائمي طور ٻه هزار بيگھه جاگير قبولي وئي هئي.

## 6. نواب محمد خان نوڙو

### زميني ملڪيت

نواب وٽ جاتيءَ ۾ 3859 نيپيئرين بيگھه ۽ متياريءَ ۾ 1231 بيگھه زمين موجود

ڪلاس جاگير هئي، جيڪا ڪيس 1783ع ۽ 1812ع جي وچ واري عرصي دؤران منظور ڪري ڏني وئي هئي.

### جاگيرن جو نبيرو

تجويز ڪيل نبيري واري دستاويز ۾، هن سردار کي اٺ سؤ نيپيريئن بيگهه دائمي جاگير طور منظور ڪري ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي، تنهنڪري سَند نمبر 31 هيٺ هن جي پٽاڻي وارثن لاءِ، عام مختياريءَ ۽ عام شرطن هيٺ، دائمي طور اها جاگير قبولي وئي، جڏهن ته وٽس موجود ٻيون جاگيرون ڪيس منظور ڪري ڏنيون ويون.

## 8. جعفر خان نوڙو

### سماجي حيثيت

هي جاگيردار دريا خان جو پُٽ هو، جنهن جو ذڪر اڳيئي ٿي چڪو آهي: ميجر گولڊسمڊ کي ڪوبہ شڪ نہ هو، تہ هي اهو جعفر خان نوڙو هو، جنهن جي ڪجهہ سال اڳ تائين بلوچن ۾ چڱي عزت ۽ مڃتا هوندي هئي.

ميجر گولڊسمڊ، هن سردار جي جاگيرن بابت لکندي چيو تہ: ”دريا خان 1845ع ۾ گذاري ويو. هن وٽ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾- چام پور ۾ پنج هزار پنج سؤ بيگهہ، ديراهہ حمزو ۾ اڍائي هزار بيگهہ ۽ چمٽيءَ ۾ پندرهن سؤ بيگهن جون ٽي جاگيرون هيون- جن جي ڪُل ايراضي نَوَ هزار پنج سؤ بيگهہ هئي. اُهي جاگيرون هز ايڪسيلينسي گورنر، سندس پُٽ جعفر خان کي، پيداوار جو چوٿون حصو تخفيف ڪندي، منظور ڪري ڏنيون هيون. پر گورنر جي مارچ 1847ع واري اعلان جا، جنهن تي پوءِ عمل ڪيو ويو، نبيرن جي ڏس ۾ اُبتا نتيجا نڪتا. هن جي سرڪار کي ڏيڻ جوڳي چوٿين حصي واريءَ پيداوار کي، في بيگهہ ٻہ آنا ڍل ۾ بدلايو ويو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، جو ڇهن سالن کان پوءِ، 1853ع ۾ هن تڏهن کان ادا ٿيندڙ ڍل بدران پنهنجي جاگير جو چوٿون حصو ڇڏڻ يا هٿ ڪڍڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي، ۽ درخواست ۾ اهو بہ چيل هو، تہ يا وري سرڪار هن جي سموري جاگير هوند پنهنجي تحويل ۾ وٺي، ۽ مقرر ڍل ۽ آبياني جي ٻن مُدن تي ڪيس ملندڙ رقم جي مساوي وظيفو سندس لاءِ قبوليو وڃي! جيئن تہ هن جي شڪايتن جو بنياد شايد ان حقيقت مان نڪتو هجي، جو هن انهن تي زور ڏيڻ کان اڳيئي.... في بيگهہ تي

حڪومت جي جمعبنديءَ ڏيڻ کان لاچاريءَ تي، اڌ کان به وڌيڪ حصي تان هٿ کڻي چڪو هو.

”شڪارپور ڪليڪٽوريٽ ۾ جعفر خان وٽ ميهڙ ۾ 2928 بيگھه ايراضيءَ واري هڪ جاگير هئي. اها مير ميرمحمد طرفان ڏنل نئين جاگير هئي.

”ڪيپٽن پيلي سموريون جاگيرون چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪيون: ڪراچيءَ ۾ موجود جاگيرن کي بيهر منظور ٿيندي ترڊ ۽ فورٿ ڪلاس ۾: ۽ شڪارپور ۾ موجود جاگيرن کي سَند جي تاريخ موجب درج ڪيائين.“

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

بهرحال، مامري جي ڪوڄنا ڪندي ميجر گولڊسمڊ سامهون اها ڳالهه آئي، ته ڳنيار وغيره جي جاگير ۾ چار هزار نيپيريئن بيگھه مان هڪ هزار بيگھه سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج هئي، تنهنڪري هن سفارش ڪئي، ته اها جاگير دائمي بيهر منظور جوڳي هجڻ گهرجي. اها سفارش منظور ڪئي وئي.

## جاگيرن جو نبيرو

آخرڪار، جعفر خان جي سَند نمبر 32 ۾ هي ڳالهه ڄاڻائڻ ڪانپوءِ، ته سنڌ جي فتح وقت سندس پيءُ دريا خان، ۽ هن وٽ ڪجهه خاص جاگيرون هيون، ۽ اهو ته دريا خان جي موت ڪانپوءِ، جعفر خان کي في بيگھه ٻه آنا ڍل ڏيڻ جي شرط سان اهي جاگيرون بيهر منظور ڪري ڏنيون ويون هيون، ۽ اهو ته ان جمعبندي سبب جعفر خان، باقي بچيل جائيداد جي پيداوار مان چوٿون حصو ڏيڻ کي اوليت ڏيندي، جائيداد تان هٿ کڻي ويو هو، تنهنڪري دستاويز جي ڪالم 9 کان 12 ۾ ڄاڻايل جاگيرن جي تحويل ڪيس منظور ڪري ڏني وئي، ۽ سندس مرد وارثن جي نالي، ڪنهن عام مختياري بنا ۽ عام شرطن تي هڪ هزار بيگھه دائمي جاگير قبولي وئي. سَند ۾ وڌيڪ لکيل آهي: ”توهان جي اصلي جاگيرن جي وارثن لاءِ تسلسل جو ڪوبه ڏار انتظام ڪيل نه آهي، جو اُهي جاگيرون چوٿين ڪلاس جي حيثيت سان بيهر منظور نه ٿيڻ جوڳي قائدي هيٺ اچن ٿيون.“

# 9. علي بخش نوڙو

## زميني ملڪيت ۽ سماجي حيثيت

هن جاگيردار وٽ شهدادپور تعلقي ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ 1025 نيپيئرين بيگھه،

هالا تعلقي ۾، ٽرڊ ڪلاس ۾ ستونجاهه بيگهه، ۽ ساڳئي ڪلاس ۾ ميهڙ تعلقي ۾ 5336 بيگهه ايراضيءَ واريون جاگيرون موجود هيون.

ميجر گولڊسمڊ هن بابت لکيو ته: ”هي انهن مامرن منجهان هڪڙو بيو مامرو آهي، جيڪو اصلي سيڪنڊ ڪلاس جاگير کي گهٽائڻ جي خواهش جوڳو نٿو ڀانئجي. هن جاگيردار جون سَندون ۽ حيثيت، ڏار ڏار طور دائمي نبيري لاءِ چٽاءَ آهي: جڏهن اُهي پاڻ ۾ گڏجن ٿيون، ته اُهي رد نه ٿيڻ جوڳي سگهاري دعويٰ جو ڏيکاءُ ڏين ٿيون.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز ۽ جاگيرن جو نبيرو

”هي سفارش ڪجي ٿي، ته 1025 بيگهه مان هڪ هزار بيگهه ايراضي سيڪنڊ ڪلاس ۾، سندس مرد وارثن جي نالي، عام طور پهريون پيرو جاگير جي منظوريءَ جي رواج پٽاندر، مُختياريءَ سان منظور ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.“ اها تجويز منظور ڪئي وئي.

نيٺ، علي بخش جي سَند نمبر 33 هيٺ، دستاويز جي ڪالم 9 کان 12 ۾ ڄاڻايل جاگيرون سندس نالي منظور ڪيون ويون، ۽ هڪ هزار بيگهه ايراضي سندس وارثن ڏانهن، عام مُختياري ۽ عام شرطن تحت قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

علي بخش 24 مئي 1867ع تي گذاري ويو.

## 10. خان محمد نوڙو (مرحوم) جنهن جو وارث جان محمد ٿيو

## 11. شير محمد نوڙو (مرحوم) جنهن جو وارث علي مراد ٿيو

## خان محمد جي زميني جائيداد

سنڌ جي فتح وقت، خان محمد وٽ 5352 بيگهه تي مشتمل ٽي جاگيرون موجود هيون، جن ۾ پُيچڙي موسو واهه ۾ 1391 بيگهه، هڏواڙ ۾ ستونجاهه بيگهه ۽ ڪڙيو منو زنگيجو ۽ مڪان ڪُڙڪُت ۾ 3904 بيگهه ايراضي شامل هئي. سر چارلس نيپيئر هن جي حيثيت کي مڃيو ۽ ڪيس سندس جاگيرون ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. هو 1845ع ۾ گذاري ويو، ۽ وفات ڪانپوءِ، هن جون جاگيرون سندس پُٽ جان محمد کي، پيداوار جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط سان، ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون.

## شير محمد جي زميني جائيداد

سنڌ جي فتح وقت، خان محمد جي پاءُ شير محمد جي تحويل ۾ موجود جاگيرن ۾ پيچڙي موسيٰ واهه، اڏ ڪڙيو مِنو زنگيجو ۽ مڪان ڪُڙڪُٽ ۽ ڪجهه چوٿين ڪلاس جون جاگيرون شامل هيون. هن کي به سندس جاگيرون پيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. هو 1855ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جي لاڏاڻي کانپوءِ، چوٿين ڪلاس جون جاگيرون سرڪاري تحويل ۾ هليون ويون، ۽ باقي رهيل جاگيرون هن جي پُٽ علي مراد کي، پيداوار جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط هيٺ، پيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. انهيءَ منظوريءَ موجب پيچڙي موسيٰ واهه جي 275 بيگهه ۽ سيڪنڊ ڪلاس جاگير جي 2928 بيگهه ايراضيءَ واري جاگير، جاگيردار وٽ رهي.

## ڪيپٽن پيلي طرفان جاگيرن جي درجابندي

ڪيپٽن پيلي، جان محمد جي شهدادپور ۾ موجود 1391 بيگهه تي ٻَڌل جاگير کي سيڪنڊ ڪلاس سميت ٻين جاگيرن کي فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪيو، ۽ علي مراد وٽ ساڪَئي تعلقي ۾ موجود 275 بيگهه ايراضيءَ واري جاگير کي ساڪَئي ڪلاس ۾ ۽ ميهڙ تعلقي واري 2928 بيگهه جاگير کي فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪيو.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ميجر گولڊسمڊ، جان محمد ۽ علي مراد لاءِ لکندي چيو ته: "ٻنهي ڀائرن جي اولاد جي آدمائي ٽوڙن وچ ۾ ڏاڍي عزت ۽ ميجتا آهي. انهن دليلن جي آڌار تي، جيڪي اڳيئي ڪارروائي ۾ ڄاڻايل آهن، اها سفارش ڪجي ٿي، ته سندن تحويل ۾ موجود جاگيرن کي، جان محمد جي 1391 بيگهه مان هڪ هزار بيگهه ۽ علي مراد جي ڪُل 275 بيگهه ايراضيءَ کي، سيڪنڊ ڪلاس ۾ دائمي طور قبوليو وڃي. هنن جاگيردارن جون ٻيون جاگيرون، هاڻوڪي جاگيردارن جي موت کانپوءِ، حڪومت جي حوالي ٿينديون."

## تجويز ۾ ڦيرڦار

بهرحال، انهن سفارشن ۾ ڦيرڦار ڪندي تبديلي آندي وئي، ۽ سندن هرهڪ وارث کي هڪ هزار بيگهه ايراضيءَ جي جاگير، دائمي طور منظور ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي.

## جاگيرن جو نبيرو

نيٺ، هنن جاگيردارن کي جيڪي نمبر 34 ۽ 35 سَندون جاري ڪيون ويون، تن

جاگيرن جي ايراضي هرهڪ وارث جي نالي، ڪنهن مُختياري ڪانسواءِ، مستقل طور قبولي وئي، جڏهن تہ سندن حوالي ٿيل جاگيرون 5352 بيگهہ ۽ 3203 بيگهہ ترتيبوار هاٿوڪن جاگيردارن جي نالي منظور ڪيون ويون. بيشڪ، جان محمد ڪي پيداوار جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط سان جاگير ڏني وئي، پر اهو شرط علي مراد تي مڙهجي نہ سگهيو، جو ٽرڊ ڪلاس جاگيرن هيٺ هُن جو چوٿون حصو اڳيئي حڪومت حوالي ٿيل هو.

## 12. مير راڄو خان (مرحوم) (3) جنهن جو وارث مير محمد خان درياخاڻي ٿيو

### سماجي حيثيت

حيدرآباد جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ ڪيپٽن وائيٽ لاڪ 6 فيبروري 1841ع تي لکيل هڪ يادداشت ۾ مير راڄي خان ڪي ملنڌڙ محصول جو ڪاٿو ٽيهہ هزار رپيا ساليانو لڳايو آهي. هن مير جي پيڻ جي ميرپور جي اڳوڻي امير مير شيرمحمد سان شادي ٿيل هئي. ڪيپٽن رٿبورن ٻُڌائي ٿو، تہ مير راڄو ۽ احمد خان ننڍا جاگيردار هئا، جيڪي الهہ آباد جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا، ۽ اهي ٽالپرن جي درياخاڻي پاڙي جا سردار هئا. ميجر گولڊسمڊ مطابق، انهيءَ ڳالهہ جو ڪو ثبوت نہ آهي، تہ راڄو، ڪلهوڙا دؤر ۾ اصلي ديرادار جو پُٽ هو. پر ڪيپٽن اسٽئڪ ٻُڌائي ٿو، تہ هن خاندان نالي جاري ٿيل پهرين سَند ۾ چاڻايل آهي، تہ وٽن هينئر موجود جاگيرون، مير طرفان ڪين ڏنيون ويون هيون. بهرحال، اهڙي ڪابہ سَند نہ لڌي وئي ۽ نہ ڏني وئي، جنهن جو حوالو ميجر گولڊسمڊ ڏنو هو. پر محمد خان ۽ سندس پاءُ، ميجر گولڊسمڊ کي ٻُڌايو، تہ جاگير جي اها سَند اصل ۾ ميرپور تي حڪمراني ڪندڙ پهرين امير مير ٺاري 1790ع ۾ راڄي جي پيءُ، محمد خان نالي جاري ڪئي هئي، ۽ اهو تہ سَند جو متن قرآن پاڪ تي لکيو ويو هو. جڏهن راڄي جو پيءُ گذاري ويو، تڏهن هو اڃا ٻار هو، ۽ اهو قرآن شريف ڪنهن ريت سندس نوڪرن هٿان وڃائجي ويو.“

ميجر گولڊسمڊ پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي لکيو آهي تہ، ”جيڪڏهن هن وارتا کي صحيح سمجهيو وڃي (جوتہ مونکي ڪنهن بہ نموني سوچڻ لاءِ ڪو دليل نہ آهي)، تہ آءُ چڱي ريت سمجهان ٿو، تہ مير شير محمد طرفان 11 مارچ 1809ع تي جاري ٿيل سَند جي متن ۾ اهڙو ڪو حوالو ڏنل نہ آهي، جوتہ حقيقت اها آهي، جو اهڙا

دستاويز حيدرآباد جي پيت ۾، ميرپور واري امير جي دفتر ۾. ڏاڍن ڏنگن ڦڏن اکرن ۽ گهڻي لاپروائيءَ سان لکيا ويندا هئا.“

سنڌ جي فتح وقت، مير راڄو وٽ چار جاگيرون موجود هيون، جن جي ڪُل ايراضي سورهن هزار 693 نيپيئرين بيگهن تي مشتمل هئي. انهن جاگيرن ۾ مناهڪي ۾ 8922 بيگهه، پنيڙا ۾ 3612 بيگهه، اناڙي ۾ 2033 بيگهه ۽ ڏماٽي ۾ 2121 بيگهه زمين شامل هئي. اُهي سموريون جاگيرون مير شير محمد طرفان 11 مارچ 1809ع تي جاري ٿيل سَند ۾ ڄاڻايل هيون.

## مير راڄي جي پُٽ کي جاگير جي سَند منظور ڪري ڏيڻ

مير راڄو 20 نومبر 1852ع تي گذاري ويو. هن جي موت ڪانپوءِ، ڪمشنر جي منظوريءَ ڪانپوءِ ڪيپٽن اسٽنڪ، هن جي پيءُ جون جاگيرون مير محمد خان کي، غيرآباد ايراضيءَ جي خيال کان 5413 بيگهه تخفيف ۽ پيدائش جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط هيٺ، پيهر سَند جاري ڪندي منظور ڪري ڏنيون. ڪيپٽن گولڊسمڊ، ڪمشنر جي 13 فيبروري 1854ع تي جاري ٿيل حڪم نمبر 487 هيٺ منظوريءَ سان نبيري ۾ قيرقار ڪندي، پيدائش جي چوٿين حصي بدران، ساليانو ٽي سؤ ٽيهه رپيا في ماهيانو جمعبندي مقرر ڪئي. گڏوگڏ ٽنڊي باگو جي مناهڪي ۾ 7655 بيگهه، پنيڙا ۾ 1587 بيگهه ۽ اناڙي ۾ 2038 بيگهه يعني ڪُل يارهن هزار 280 بيگهه ايراضي مير محمد خان کي پيهر منظور ڪري ڏني وئي. هوڏانهن هن وٽ بدين ۾ به ٻيون جاگيرون به هيون، جن جون سَندون مير شير محمد 25 ذوالحج 1256هه ۽ 24 ذوالقعد 1257هه تي ترتيبوار جاري ڪيون هيون، ۽ انهن جاگيرن ۾ پنا مزري ۾ 918 بيگهه ۽ ڪانگڻ ڪاڏيءَ ۾ 126 بيگهه ايراضي شامل هئي، جيڪي هن طرفان گورنر کي 'سلام' پيش ڪرڻ ڪانپوءِ، عام ورتاءَ سان ڪيس منظور ڪري ڏنيون ويون.

## درجابندي ۽ تجويز

ڪيپٽن پيلي ٽنڊي باگو ۾ موجود يارهن هزار 280 بيگهن واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾ ۽ بدين ۾ 1044 بيگهن واري جاگير فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي. جڏهن ته حڪومت کي ميجر گولڊسمڊ ۽ محترم ايلس تجويز ڏني، ته جاگيردار کي پنج هزار نيپيئرين بيگهه واري دائمي جاگير جي سَند جاري ڪندي منظور ڪري ڏني وڃي.

## جاگيرن جو نبيرو

نيٺ، مير جي سَند نمبر 36 مطابق، سندس تحويل ۾ موجود ٻارهن هزار 324

بيگهه ايراضيءَ واريون جاگيرون ڪيس منظور ڪري ڏيڻ مهل، مروج شرطن تحت، منجهانئس پنج هزار بيگهه ايراضي واري جاگير سندس پُٽاڻي وارثن کي دائمي طور، ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ ڏيڻ قبولي وئي.

## جاگيردار سردار جو موت

مير محمد خان 6 جون 1870ع تي گذاري ويو.

## 13. احمد خان درياخاناڻي

### سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

هي مير، مير راجي جي ڀاءُ الهداد جي گهراڻي جو سردار هو.

سنڌ جي فتح وقت، هن وٽ بدين ۾ 922 بيگهه ۽ 525 بيگهه تي ٻَڌل ٻه جاگيرون موجود هيون، جيڪي سر چارلس نيپيئر ڪيس منظور ڪري ڏنيون هيون.

### درجابندي ۽ تجويز

ڪيپٽن پيلي 525 بيگهه واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۽ 922 بيگهه واري جاگير فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي. هوڏانهن، حڪومت ڏانهن ميجر گولڊسمڊ ۽ محترم ايلس جي موڪليل جنهن تجويز جي منظوري ڏني وئي، سا هيءَ هئي، ته هنن کي پنج سؤ بيگهه دائمي جاگير منظور ڪري ڏني وڃي.

### جاگيرن جو نبيرو

مير جي سَند نمبر 37 موجب، اها ايراضي سندس مرد وارثن جي نالي، عام مختياريءَ سان ۽ عام شرطن هيٺ قبولي وئي، جڏهن ته هن جي تحويل ۾ موجود جاگيرون سندس نالي منظور ڪيون ويون. انهن جاگيرن جي سَند ۾ داخل ايراضي 1008 ۽ 439 بيگهه آهي ۽ اها چاڻ علائقي جي ڪاردار جي 1853ع ۾ موڪليل بيان مان ورتل آهي. بهرحال، بدين جي تعلقي رول ۾ داخل ايراضين جو ذڪر مٿي ڏنل آهي.

## 14. نصير خان خاناڻي

### سماجي حيثيت

نصير خان پُٽ مبارڪ خان، پنهنجي ماءُ طرفان، ميرپور جي حڪمران مير ٿاري

جي ڀاءُ احمد خان ماڪاٽي جو ڏوهٽو هو. احمد خان پاڻ ۽ پنهنجي پڙ- ڀائٽيي ميرپور جي حُڪمران مير شير محمد وچ ۾ تيل ڏڦيڙ سببان، حيدرآباد جي مير نصير خان جي ملازمت اختيار ڪئي هئي. نصير خان جي حيثيت اهڙي ڪا خاص نه آهي، جيڪا ڪيس چئن عظيم گهراڻن جي جاگيردارن وچ ۾ رتبي جي لائق قرار ڏئي، پر هن جي ايڏي مناسب اهميت ضرور هئي، جو ڪيس سردارن جي طبقي ۾ شامل ڪيو وڃي.

## زميني ملڪيت، درجابندي ۽ جاگيرن جو نبيرو

27 ذوالقعد 1251هه تي مير نصير خان، نصير خان خاناڻيءَ جي نالي سَند منظور ڪندي، روپا ۾ ديهه ڪامروهه لڳ اوتڪي منجهه تي هزار مير بيگهه (= 1815 نيپيئرين بيگهه) جاگير ڏني. هن جاگيردار جي شجري کي سامهون رکندي، ڪيپٽن پيلي سفارش ڪئي، ته تي سگهي، ته هن کي وٽس اِها جاگير سيڪنڊ ڪلاس جي حيثيت سان رکڻ جي اجازت ڏني وڃي، توڙي هن وٽ مناسب سَند نه آهي. پوءِ اها ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ته هن پنهنجي خيال کي بدلايو، ۽ هن جاگيردار کي ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو. انهن حالتن کي سامهون رکندي، ميجر گولڊسمڊ ۽ مسٽر ايلس تجويز ڏني، ته جاگيردار کي سَند جاري ڪندي پنج سؤ بيگهه دائمي مَنظور ڪري ڏنا وڃن.

نيٺ، هن کي اها ايراضي سَند نمبر 38 هيٺ ڏني وئي، جنهن موجب سندس پٽاڻي وارثن کي 1815 بيگهه واري اُها جاگير، عام ڊل ڏيڻ يا جاگير جي رواجي ايراضي تان هٿ ڪڻ هيٺ، پاڻ وٽ رکڻ جي عام مُختياري ڏني وئي هئي.

# نظاماڻي قبيلو

ميجر گولڊسمڊ هن قبيلي بابت لکندي چوي ٿو ته:

”هن وڏي ۽ اهم بلوچ قبيلي جون ڪجھ امتيازي خاصيتون ۽ ڳالھيون آهن. ورتاءَ ۾ رُڪا ۽ ڦوڪيل رهن ٿا. تنهن هوندي به چار چڳن ۾ ويھڻ جھڙا ۽ عام طور وڏيڪ پڙهيل آهن، ۽ اهي دنياوي مامرن ۾ مرين، لغارين، جمالين يا ٽالپرن کان به وڌيڪ ڪَڙهيل ۽ هوشيار آهن. اها ڳالھ سندن زندگي گھارڻ واري ڍنگ جي امتيازي خاصيتن تائين محدود نه آهي، پر اها سندن چهرن ۽ رک رکاءَ ۾ عام طور ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هنن جو مُنهن موڪرو، ڪاڏي تراڪڙي ۽ تنهن سان وري جُڙيل اڪثر يوناني نڪ ۽ ورلي عقاب جي چُهنب جيان مُڙيل هجي ٿو. اِهي بين قبيلين جي عام بلوچن کان مختلف نشانيون آهن، جيڪي ڪنهن مشاهدو ڪندڙ جي ڌيان ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ ۾ ورلي ئي ناڪام ٿي سگھن ٿيون.

”نظاماڻين، سنڌ ۾ جاگيرون وٺڻ واري مامري ۾ گھڻو اهم حصو ورتو آهي. ڪنهن وقت منجهن انهيءَ ڳالھ ڏانهن اظهاريل جھُڪاءُ هو، ته اُهي هزايڪسيلينسي گورنر جي آڇ مان لاڀ وٺندي، پنهنجون جاگيرون دائمي طور وٺن، پر شرط اهو هو، ته اُهي غيرآباد ۽ ويساهي زمينن جي ٽُڪرن تان هڪدم هٿ ڪڻي وڃن. پر هن تجويز تي ڪڏهن به عمل نه ٿيو، تنهنڪري شايد چيو وڃي ٿو، ته اها تجويز هاڻوڪين جاچن ۾ غرق ٿي وئي آهي. ان ڳالھ جي انهن جاگيردارن مڪمل طور ڪڏهن به ساراھ نه ڪئي، جيڪي غيرآباد هوندي به اڃا وڏن ٽُڪرن ۽ ننڍڙين ايراضين هوندي به زرخيز زمينن کي اوليت ڏين.

”اها ڳالھ ايڏي آڳاٽي نه آهي، جو قبيلي وارن پنهنجي ڏهن پاتين وسيلي سندن جاگيرن تي مڙهيل ڪجھ خاص محصولن کي هٽائڻ لاءِ، يعني نتيجي طور جاگيرن جون سَندون وٺڻ ۽ سرڪاري واهن وغيره کي واپرائڻ لاءِ فرياد ڪئي هئي.

”فرياد ڪرڻ قبيلي جي بنيادي خاصيت هئي. جڏهن ته ان جي ڪجھ شقن ۾ اها ڳالھ سمجھ جوڳي هئي، جو منجھس بين لاءِ فرياد ۾ رڳو محبت ڏيکاريل هئي. اها پڪ آهي، ته نظاماڻين جاگيرن جي ورڇ جي ڏس ۾ بين بلوچ قبيلن جي ڀيٽ ۾، ايڏو

گهٽو نقصان نہ سَنو آهي، پر اهي سدائين ۽ هينئر بہ رعايتون ۽ حقَ وٺڻ ڏانهن گهٽو لاڙو رکن ٿا. ڪرماڻي يا پليلاڻي آکهين جي سردارن بابت ايجا اهو پتو نٿو پوي، تہ هنن جاگيرن جي دستاويزن ۾ پنهنجا نالا لڪرايا آهن يا نہ. تنهن هوندي بہ اُهي وڏي جاگير تي چوٿون حصو ڏين ٿا.

”هي قبيلو ڪيترن ئي نُکن ۽ نياتن ۾ ورڇيل آهي، جيڪي اڳتي هلي ايجا بہ آکهين ۽ پاڙن ۾ ورهائجي وڃن ٿيون. هرهڪ آکهہ ۽ پاڙي ڪي پنهنجا ڏاڏاٽا نالا آهن.“

جن پاڙن منجهان سردار چونڊيا ويا هئا، تن ۾ اسماعيلاڻي، مبارڪاڻي، ٿوتاڻي، آلوداڻي، لشڪراڻي، ڪرماڻي، ۽ پليلاڻي شامل هئا. پليلاڻين ڪانسواءِ ٻيا سڀيئي نظام جي پيڙهيءَ منجهان هئا، جيڪو پاڻ رند جي پيڙهيءَ منجهان هو. رند، جلال خان جو وڏو پٽ هو، ۽ هو رندن، مرين، جمالين ۽ ٻين ڪيترن ئي بلوچ قبيلن جي نُکن، نياتن ۽ پاڙن جو وڏو ڏاڏو هو. هن جا پائر لاشاري ۽ ڪورائي، لاشارين ۽ ڪورائين جا ڏاڏا آهن، جڏهن تہ سندن هڪ ٻيو ڀاءُ هوت هوندو هو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو، تہ اُهو چانڊين، ڪرمتين ۽ ڪنهن قدر ٽالپرن جي ٻين آکهين ۽ پاڙن جو ڏاڏو هو. هوت جي ڀيڻ جو نالو جَتو هو، جيڪا جتوئي قبيلي جي ڏاڏي آهي. اهڙيءَ ريت اهي سمورا قبيلا، اڪثر پنهنجو نسل پنهنجي ڏاڏاڻي نُک سان ڳنڍين ٿا.

ڇهن نظاماڻي گهراڻن يا آکهين جا سردار، جن منجهان اهي سردار چونڊيا ويا آهن، تن مان ٿِتو ۽ لشڪري، نظام جا پڙپوٽا هئا، جڏهن تہ اسماعيل، مبارڪ، آلودو ۽ ڪرم خان سندس تڙپوٽا هئا. پليل، جيڪو پليلاڻي پاڙي جو وڏو هو، سو ڳاگن جو تڙپوٽو هو، جيڪو وري نظام جو ڀاءُ هو.

ليفٽيننٽ ليچ پنهنجي 1839ع ۾ ’سنڌي فوج‘ تي لکيل رپورٽ جي صفحي 72 تي لکي ٿو، تہ نظاماڻي، ٽالپرن منجهان شاديون نٿا ڪن. اها ڳالهہ ڪجهہ غلط فهمين جي بنياد تي لکي وئي هئي، ڇوتہ خيرپور جي انيڪ ميرن جي گهرن ۾ نظاماڻي آکهہ جون زالون آهن.

## نظاماڻي قبيلي جو خانداني شجرو هلندڙ

ڏسو پويون صفحو



# 15. الھداد اسماعيلي

## سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

الھداد، اسماعيل جو پڙپوٽو ھو. اسماعيل جي پٽ موسيٰ جا ٻه پٽ غلام حسين ۽ باقر خان ھئا، جيڪي مير نورمحمد جي حڪومت ۾ ڪاردار ھوندا ھئا. بھرحال، غلام حسين بابت چيو وڃي ٿو، ته ھن جي ٿورڙي چڱي ميتا ۽ عزت ھوندي ھئي. ھي وَلاسا جو ڪاردار ھوندو ھو، جڏھن ته ھن جو پاءُ ڪَڏڻ ضلعي جي پرپاسي واري علائقي جو ڪاردار ھو. ٻنھي ڀائرن مياڻيءَ جي جنگ ۾ پنھنجون حياتيون وڃايون.

سنڌ جي فتح ڪانپوءِ، غلام حسين جي پٽ الھداد ۽ باقر خان جي پٽ دريا خان کي سندن والدين جي جاگيرن مان، پيدائش جو چوٿون حصو گھٽائيندي، جاگيرن جون سَندون ڏنيون ويون. برطانوي حڪومت دؤران الھداد، جھڏي جو ڪاردار، ۽ دريا خان عمرڪوٽ جو ڪاردار ھوندو ھو. الھداد جي 1418 بيگھه واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۽ 4072 بيگھه واري جاگير فورٿ ڪلاس، ۽ دريا خان جي 1417 بيگھه واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۽ 230 بيگھه واري جاگير فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

### تجويز ۽ جاگيرن جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ جي تجويز ھيٺين ريت ھئي: ”منھنجو اھو خيال آھي، ته اسماعيلاڻين ڏانھن، انھن ايراضين منجھان ڪا ھڪ ايراضي دائمي جاگير طور قبوليندي، مناسب نوازش ڪئي ويندي. انھن ٻنھي منجھان، الھداد پاڙي جو ميجيل سردار آھي: تنھنڪري آءُ تجويز ڏيندس، ته ھن جي موت ڪانپوءِ، سندس فورٿ ڪلاس جي جاگير سرڪاري تحويل ۾ ورتي وڃي، ۽ 1418 ڊل واري سيڪنڊ ڪلاس جي جاگير، جنھن جي پيدائش تي ھاڻي مڙھيل چوٿين حصي (354 رپيا پندرھن آنا) جي تخفيف ڪانپوءِ، باقي 1063 رپيا پندرھن آنا بچندا، جنھن مان ھاڻوڪي تجويز ٿيل نئين اميدوار جاگيردار طرفان سموري چونڊيل ۽ جمعبندي ڪان آجي ست سؤ بيگھه ايراضي ڏني وڃي، جنھن بابت پائنجي ٿو، ته اھا گذران لاءِ مناسب مستقل وسيلو ثابت ٿيندي.“

ھي تجويز منظور ڪئي وئي، ۽ نيٺ، الھداد جي سَند نمبر 39 ھيٺ، سندس تحويل ۾ موجود 5490 بيگھه جاگير ڪيس منظور ڪري ڏني وئي.

هن وقت سنڌ جي فتح وقت، گوني تعلقي ۾ شاهه واهه ۾، پيدائش تي مڙهيل چوٿين حصي ڏيڻ جي شرط هيٺ، جاگير موجود هئي، جيڪا سنڌس پُٽاڻي وارث جي نالي، ڪنهن مُختياريءَ کانسواءِ، ست سؤ بيگهه ايراضي دائمي طور قبولي وئي.

## 16. طلاح خان مبارڪاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث گهنور خان ٿيو

### سماجي حيثيت

طلاح خان، مبارڪ جو پوٽو هو. ميجر گولڊسمڊ مطابق: "هي مير نورمحمد جو، جاگيرداراڻي گنجائش ۾ سنگت جي سرواڻ توڙي محصول ۽ گهريلو معاشي مامرن ۾ منتظم جي حيثيت ۾، پروسي جوڳو ملازم هوندو هو. هن جي اهم حيثيت واريءَ ڳالهه جي شاهدي مير شهداد جي آگسٽ 1841ع تي بلڪل تازي جاري ٿيل سَند جي نموني مان واضح ٿئي ٿي، جنهن ۾ اهو لکيل آهي ته، "هو ۽ سندس پيُء، مير نورمحمد جي دؤر ۾ 1200 کان وڌيڪ بيگهه واري جاگير سنڀاليندا هئا.... ان جاگير جي ايراضي، مير غلام علي طرفان نظاماڻين جي هڪ ڌُر، جنهن منجهه گهنور جو پيءُ طلاح خان سردار هوندو هو، کي ڏنل جاگير منجهان ورچيل آهي. جيتوڻيڪ هو ڪاردار نه هو، تنهن هوندي به اهو چيو وڃي ٿو، ته هُو غلام حسينُ يا باقر کان، جنهن جو اڳيئي ذڪر ٿيل آهي، رُتبي ۾ ڪنهن به ريت گهٽ نه هو."

### طلاح جو موت ۽ گهنور کي ملندڙ جاگير

طلاح خان آڪٽوبر 1844ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جي موت کانپوءِ سندس پُٽ گهنور خان کي، هز ايڪسيلينسي گورنر سرچارلس نيپيئر، پيداوار جو چوٿون حصو ڏيڻ جي عام شرط هيٺ، جاگير ڏني هئي. (ڏسو ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن 3 مارچ 1846ع تي موڪليل خط نمبر 527)

### ڪيپٽن پيلي جي درجابندي

ڪيپٽن پيلي گوني تعلقي ۾ موجود 1626 بيگهه واري جاگير کي سيڪنڊ ڪلاس، ۽ 121 بيگهه ايراضيءَ کي فورٿ ڪلاس ۽ بدين واري 2312 بيگهه واريءَ جاگير کي سيڪنڊ ڪلاس ۽ 172 بيگهه واري جاگير کي فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪيو.

### ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

"گهنور خان جي چمار اناويهه ورهيه آهي، جنهن لاءِ پائنجي ٿو، ته هو پنهنجي

ذاتي مامرن بابت ڪنهن قدر ڄاڻ رکي ٿو. هو پنهنجي جاگير تي نٿو رهي، پر هن جي حيثيت بيشڪ مستقبل ۾ گذران لاءِ جاگير ڏيڻ جي ڏس ۾ ڏيان بابت دعويٰ جي اجازت ڏئي ٿي. هُن جي ڪجهه وقت کان پنهنجي پنجن ڏار ڏار جاگيرن مان چئن کي مڪان لسڪي جي هڪ پوري ٽُڪر ۾ ڦيرائڻ جي خواهش رهي آهي، پر ان خاص ڪٽت ۾ 552 بيگهه کان وڌيڪ ايراضي نه آهي، جنهن منجهه 38 بيگهه فورٿ ڪلاس جا آهن، تنهنڪري هن جي عرض کي ورنائڻ ۽ پورو ڪرڻ ناقابل عمل سمجهيو ويو آهي.

”آءُ پانيان ٿو، ته هن جي خاندان کي، جنهن جو گنهور خان ڪنهن به شڪ بنا سردار آهي، ڏيڍ هزار بيگهه دائمي جاگير منظور ڪري ڏيڻ ايڏي وڏي ڳالهه نه ٿيندي.“

## جاگيرن جو نبيرو

آخرڪار، گنهور خان جي سَند نمبر 40 هيٺ، دستاويز ۾ ڄاڻايل 4231 بيگهه واري جاگير، پيدائش جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط هيٺ، سندس نالي تي منظور ڪئي وئي. ۽ هن جي وارثن جي نالي، اها ڏيڍ هزار بيگهه واري جاگير اَڻ ڪٽيل (جمعبندي بنا) ۽ دائمي طور مفت (معافي)، پر هن جي پُٽاٽي وارثن لاءِ ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ قبولي وئي، چوته هن کي به جاگير پيهر منظور ڪري ڏني وئي هئي.

## 17. لال خان ڦوتاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث سندس پُٽ شاهه محمد ٿيو

## سماجي حيثيت

لال خان، ڦوتي جو پڙپوتو هو. ڪيپٽن رٿبورن جي حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ جي جاگيردارن واريءَ فهرست مان، هيٺيان لفظ لال خان بابت ملن ٿا: ”لال خان گذاري چڪو آهي. هن جو پُٽ شاهه محمد جيڪو اڃا ٻار آهي، سو هن پاڙي (ڦوتاڻي) جو سردار آهي. هو پنهنجي ماءُ طرفان شاهه علي خان جو ڏوهٽو آهي.

## سردار جو موت ۽ سندس پُٽ کي ملندڙ جاگير

لال خان جي آگسٽ 1848ع ۾ وفات ڪانپوءِ، هن جي پوڪجڻ جوڳي سموري زمين سندس پُٽ کي، ٻه آنا في بيگهه جي جمعبنديءَ سان، غيرآباد ايراضي سرڪاري تحويل ۾ وٺندي، پيهر سَند جاري ڪندي منظور ڪري ڏني وئي. پر شاهه محمد روڪ ڍل ڏيڻ بجاءِ، پنهنجي زمين جي ڪجهه حصي تان هٿ ڪڍڻ کي اوليت ڏني، ۽ باقي

درجابندي، شاهه علي جو موت ۽ جاگير جي منظوري

شاهه علي وٽ شهدادپور ۾ 1596 بيگهه ۽ هالا ۾ 318 بيگهه تي مشتمل جاگيرون هيون، جيڪي ڪيپٽن پيلي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيون. هن وٽ هالا ۾ 214 بيگهه، ۽ ٽنڍي ۾ 2918 بيگهه جون جاگيرون پڻ هيون، جن کي ساڳئي عملدار ٿرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو هو. 1914 بيگهه واري سيڪنڊ ڪلاس ۾ داخل ڪيل جاگير جي سَند مير فتح علي جي دؤر ۾ جاري ٿي هئي.

شاهه علي مارچ 1857ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جي جاگيرن جي سَند، سندس پٽ شير محمد کي عارضي طور، عام رواجي طريقي هيٺ يعني پيدائش جو چوٿون حصو گهٽائيندي، پيهر منظور ڪري ڏني وئي.

درجابندي ۾ ڦيرڦار ۽ جاگيرن جو نبيرو

ڪيپٽن پيلي طرفان درجابندي ۾ ڦيرڦار ڪرڻ مهل، ميجر گولڊسمڊ جي سامهون هيءَ ڳالهه آئي، ته شهدادپور ۾ 953 بيگهه ۽ ٽنڍي ۾ 1267 بيگهن تي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ٿيل جاگيرون موجود هيون، تنهنڪري هن سفارش ڪئي، ته ٽي سگهي ته اٺ سؤ بيگهه دائمي جاگير طور منظور ڪئي وڃي.

نيٺ، شاهه محمد جي سَند نمبر 42 هيٺ، دستاويز جي ڪالم نَوَ ڪان وٺي ٻارهن تائين ڄاڻايل جاگيرن جي ايراضي، مروج شرطن هيٺ، منظور ڪئي وئي، ۽ سندس وارثن جي نالي اٺ سؤ بيگهه زمين دائمي طور قبولي وئي.

## 19. غلام علي ڦوٽاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث سندس پوٽو غلام الله ٿيو

سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

غلام علي، ڦوٽي جو پوٽو هو. هي امتيازي خاصيتن وارو سردار هو. ليفٽيننٽ ليچ پنهنجي سنڌي فوج تي 1839ع ۾ ڇپيل رپورٽ ۾ ڄاڻائي ٿو ته، ”هي شخص تنهن دؤر ۾ مير نورمحمد جو ملازم هو، ۽ وٽس چار هزار جوانن تي ٻَڌل فوج هئي. هن طرفان مير نورمحمد جي سندس خاندان سان مائٽي ڪرڻ جي آڇ کي ٺُڪرائيندي به، بيشڪ ساڳئي رپورٽ ۾ ڪنهن موقعي تي ڄاڻايل آهي، ته هي خاص نيات ”ٽالپرن سان سنگ نٿي ڏيندي.“

غلام علي 1845ع ۾ گذاري ويو. سندس پُٽ عبدالله مياڻيءَ ۾ مارجي ويو. هن جون جاگيرون سندس پوٽي غلام الله کي، پيدائش جو چوٿون حصو گھٽائيندي، پيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. (ڏسو سنڌ سرڪار جي سيڪريٽريءَ طرفان ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن 25 مئي 1846ع تي موڪليل خط نمبر 1203)

## ڪيپٽن پيلي جي درجابندي ۽ ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ڪيپٽن پيلي، جاگيردار سان لاڳاپيل بدين ۾ 5552 بيگھه ۽ گوني تعلقي ۾ واقع 1759 بيگھه زمين سيڪنڊ ڪلاس، ۽ بدين ۾ 9416 بيگھه، گوني ۾ 2983 بيگھه ۽ موري ۾ 396 بيگھه تي ٻَڌل جاگيرون ٽرڊ ڪلاس ۾ داخل ڪيون.

ميجر گولڊسمڊ واري تجويز هيٺين ريت هئي: ”سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ٿيل جاگيرن جي ايراضي 7311 بيگھه آهي. منجهانئن 5552 بيگھه زمين بدين ضلعي جي مڪان ساندڪي، درماٺو ۽ ڪيرڙهي ۾ آهن. جيڪڏهن منجهن هيٺين درجي جا بيگھه شامل ڪجن، ته هن جي تحويل ۾ ساندڪي ۽ درماٺو جي هرهڪ سموري جاگير اچي ويندي. ساندڪي 5537 بيگھه ۽ درماٺو 4234 بيگھه تي ٻَڌل آهي. آءٌ سفارش ڪندس، ته غلام الله کي ٻه هزار بيگھه، ٻنهي مڪانن ۾ موجود جاگيرن سميت، دائمي جاگير جيان وٽس رکڻ جي اجازت ڏني وڃي. هي چڱي شڪل صورت جو ڏاڍو سهڻو پنجويهن ورهين جو ٺاهوڪو نوجوان آهي، جيڪو ماٽيلي ۾ رهي ٿو.

”بدين جي وڏي جاگير ۾ پيا ٻه پائيوار هئا، جن وٽ نسبتي طور ڪجھ ٽُڪر هئا. بهرحال، هنن جون پٽيون سندن طرفان ٺڳيءَ ڪرڻ سببان ضبط ڪيون ويون، جيڪا ڳالھ منهنجي سفارشن سان ٺهڪجندڙ آهي، ۽ ان تي ڪمشنر جي 17 جنوري 1855ع تي لکيل خط نمبر 161 هيٺ سهمت پڻ شامل هئي.“

## جاگيرن جو نبيرو

غلام الله جي نالي جاري ٿيل سَند نمبر 43 هيٺ، ويھ هزار 106 بيگھه تي مشتمل ڇھ جاگيرون، پيدائش جي چوٿين پتي ڏيڻ جي شرط هيٺ، منظور ڪيون ويون. ۽ سندس وارثن جي نالي ٻه هزار بيگھه دائمي طور، ڪنهن شڪ بنا سندس حقيقي وارثن ڏانهن، ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ قبولي وئي. غلام الله کي ملندڙ جاگيرن ۾ درماٺاهه ۾ 4234 بيگھه، ساندڪي ۾ 5537 بيگھه، ڪيرڙهي ۾ 5197 بيگھه، جياهه ۾ 2998 بيگھه، مَؤهه ۾ 1744 بيگھه ۽ ميرپور ڪِتا ۾ 396 بيگھه زمين شامل هئي.

## 20. احمد خان آلوداڻي

### سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

احمد خان، آلودو جو پوٽو هو. ڪيپٽن رٿبورن هن کي ”معزز شخصيت، نظاماڻي پاڙي جو سردار ۽ اڳوڻي حڪمران ٽالپر گهراڻي سان سنگاوتيءَ ۾ جُڙيل“ سڏيو آهي. احمد خان، برطانوي سرڪار جي دؤر ۾ شهدادپور جو ڪاردار هو.

هن وٽ شهدادپور ۾ 2013 بيگهه ۽ گهوڙاباريءَ ۾ 1321 بيگهه تي مشتمل به جاگيرون هيون.

### درجابندي ۽ تجويز

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار بابت لکندي چيو ته: ”مون هن مامري جي ڦيرڦار بابت گهڻو سوچيو ۽ وقت ڏنو آهي. مون آلوداڻين کي ملندڙ جاگيرن کي، شهدادپور فهرست ۾ ٽئين درجي ۾ درج ڪيو آهي. ڪيپٽن رٿبورن، جيتوڻيڪ مير غلام عليءَ جي وقت ۾ مروج قاعدن ۽ ضابطن جو حوالو ڏنو آهي، پر هن گهوڙاباري واري درجابندي ۾ منهنجي خيالن جي پوئواري ڪئي آهي. وڏيڪ مليل شاهدين مان پتو پوي ٿو، ته آلوداڻين جي نالي جاري ٿيل سَند ۾ جاٽايل جاگيرون، مير فتح علي ۽ غلام علي ڏنيون هيون: پر خاص واضح ڪيل مَڪان جي برابر پيداوار ۽ ادائيگي ۾ متاستا ڪندي، هڪڙي مُند لاءِ اهي جاگيرون ڪائنن ڪسيون ويون هيون، جيڪا ڳالهه هينئر به منهنجي اڳوڻي سفارش جي پٺڀرائي ڪندي. آءٌ هي ڳالهه شامل ڪري سگهان ٿو ته..... ڪوجنا يا جاچ جي آخري وقت پيش ڪيل اوائلي سَندن سببان ڪيپٽن اسٽئڪ جي رول ۾ ڦيرڦار ڪرڻي پئي هئي، جيڪا ڳالهه منهنجي ڌيان مان نڪري وئي هئي. هينئر به، هن خاندان جي ڏاڍي عزت جوڳي معزز حيثيت ۽ سندن جاگيرن جي قدامت ۽ مير غلام علي جي موت کانپوءِ هڪڙي مُند لاءِ جاگيرن جي غير تسلسل کي سامهون رکندي، آءٌ احمد خان کان پنهنجي تجويز ڪيل نبيري ۾ ترميم ڪرڻ جي نماڻي اجازت گهرندس.... آءٌ هن جي مرد وارثن کي اها جاگير، 3334 بيگهه جي جاگير منجهان هڪ هزار بيگهه، گهوڙاباري ۽ شهدادپور ۾ احمد خان جي حصن مان، برقرار رکڻ جي اجازت ڏيڻ پنهنجي لاءِ عقل جوڳي ڳالهه ڀائيندس. هن جي گڏيل ڀائيواري وارا حصا يا ڏهه هزار 645 بيگهه ايراضي، هڪ پيرو سَند جي منظوريءَ کانپوءِ، جاگيردار جي موت کانپوءِ سرڪاري تحويل ۾ هلي ويندي....“

احمد خان جي برطانوي دؤر ۾ جاري ٿيل سَند نمبر 44 ۾، اهو ڄاڻايل هو، ته هن جو پيءُ مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو هو، ۽ جاچ ڪانپوءِ پتو پيو، ته هن وٽ 3334 بيگهه تي مشتمل جاگير موجود هئي (ڏسو دستاويز جي خاني 9 کان 12 جو تفصيلي بيان). سَند ۾ اهو به ڄاڻايل آهي، ته سر چارلس نيپيئر، احمد خان جي ناليِ انهن جاگيرن جو تسلسل رهڻ، پيدائش جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط سان، واري ڳالهه منظور ڪئي هئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن هڪ هزار بيگهه دائمي طور، ڪنهن مُختياريءَ کانسواءِ قبولي وئي هئي. پر فارسي سَند ۾ مُختياريءَ جي اجازت ڏنل آهي، ۽ جيئن دستاويز جي ريمارڪس مان ڏنو ويندو، ته منجهانئس فائدو ورتو ويو هو. گڏوگڏ، انهيءَ سَند مان احمد خان وٽ 3334 بيگهه تي مشتمل جاگير هجڻ جو پتو پوي ٿو، ۽ منجهس هن کي ٻيهر منظور ٿي ملندڙ جاگيرن ۾، پيداوار جي چوٿين پتي سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جي شرطن بابت هڪ اکر به نه چيل هو.

### سردار جو موت

احمد خان 23 نومبر 1878ع تي گذاري ويو.

## 21. احمد خان لشڪراڻي

### سماجي حيثيت ۽ محمود جو مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجڻ

هن جاگيردار جي پيءُ محمود کي مير نورمحمد واري دؤر ۾ اهم حيثيت مليل هئي. هو مير نورمحمد جو ملازم هو ۽ بلوچن جي امتيازي خاصيتن جو نمونو هو.

محمود مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو ۽ سر چارلس نيپيئر بدين ۾ ديهه چاڙڪند ۽ چوڙي ۾ 2624 بيگهه ايراضيءَ واريون جاگيرون، پيدائش جي چوٿين پتي ڏيڻ جي شرط سان سندس پٽ جي تحويل ۾ رهڻ جي اجازت ڏني.

### ڪيپٽن پيلي جي درجابندي ۽ ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ڪيپٽن پيلي هن جاگيردار جي بدين ۾ موجود 388 بيگهه واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾، ۽ ساڳئي تعلقي ۾ 2236 بيگهه واري جاگير ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ڪئي.

هوڏانهن ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار کي سردارن واري فهرست ۾، پهرين داخل نه ڪيو هو، جو اهو سمجهيو پئي ويو، ته هن پنهنجي جاگير جي پتيءَ جي سلسلي ۾ ٺڳي ڪئي آهي، پر مسٽر ايلس سنديءَ ريٽ ڏوهه ثابت نه ٿيڻ واري ڳالهه

ڪي سامهون رکندي، هن ڪي پنج سؤ بيگهه موروثي شرطن هيٺ ڏيڻ جي سفارش ڪئي، ۽ اها منظور ڪئي وئي.

### جاگيرن جو نبيرو

آخرڪار، جاگيردار جي فارسي سَند نمبر 45 هيٺ، هن جي تحويل ۾ وتس موجود جاگيرن ڪي، مروج شرطن سان منظور ڪيو ويو، ۽ سندس وارثن جي نالي پنج سؤ بيگهه دائمي طور، بيشڪ ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ، قبولي وئي. سر چارلس نيپيئر طرفان انگريزيءَ ۾ جاري ٿيل سَند، جاگير جا شرط نه ڄاڻائڻ ڪانسواءِ، فارسيءَ واري سَند سان ٺهڪجندڙ آهي.

## 22. ولي محمد ڪرماڻي

### سماجي حيثيت

ولي محمد جي پيءُ جو نالو علي بخش هو ۽ هو ڪرم خان جو پڙپوٽو هو. علي بخش جو پيءُ دريا خان، ميرمراد علي جي دؤر ۾ مختيارڪار هوندو هو. دريا خان 1834ع ۾ سکر جي ڀرپاسي ٿيندڙ انهيءَ ويڙهه ۾ مارجي ويو هو، جيڪا ڏن ڏيڻ جي سلسلي ۾ شاهه شجاع ۽ ٽالپر ميرن سميت سندس ساٿين وچ ۾ ٿي هئي. علي بخش، پنهنجي پيءُ جي موت ڪانپوءِ، مير نورمحمد جي دؤر ۾ مختيارڪار جو عهدو سنڀاليو هو. هي اهو ساڳيو سردار آهي، جنهن جو ليفٽيننٽ ليچ پنهنجي ”سنڌي فوج“ بابت جوڙيل رپورٽ ۾، اُن حيثيت سان ذِڪر ڪيو آهي، ته هالا جي اوڀر ۾ ونگي ويجهو چار سؤ فوجي همراهه ساڻس گڏ آهن. ميجر گولڊسمڊ مطابق، هو مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو هو (4) ۽ جنوري 1846ع ۾، هن جون جاگيرون سندس پُٽ ولي محمد ڪي، هز ايڪسيلينسي گورنر پيدائش جي چوٿين پتي تخفيف ڪندي، نيٺ ٻيهر منظور ڪري ڏنيون هيون. ڪيپٽن رٿبورن، ولي محمد جي ڪرماڻي سردار جي حيثيت سان داخلا رکي هئي.

### زميني جائيداد ۽ درجابندي

ولي محمد وٽ موري، گوني ۽ بدين ۾ جاگيرون هيون، منجهائنس موري واري 1079 بيگهه جي جاگير کي ڪيپٽن پيلي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو هو. جڏهن ته هن جي ٻين جاگيرن- يعني موري ۾ 8930 بيگهه، گوني ۾ 6515 بيگهه ۽ بدين ۾ 3660 بيگهه چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

## ميجر گولڊسمڊ جي تجويز ۽ جاگيرن جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار بابت جيڪا سفارش ڪئي، سا هيءَ هئي ته، هن جي عزت ۽ سندس وسيع جاگيرن کي ڌيان ۾ رکندي، سندس واسطي ٽي هزار بيگهه دائمي طور قبولڻ گهرجي. هن تجويز مطابق، ولي محمد جي سَند نمبر 46 هيٺ سر چارلس نيپيئر سندس تحويل ۾ موجود جاگير کي پيهر منظور ڪيو ۽ سندس وارثن ڏانهن، ڪنهن به مُختياريءَ کانسواءِ، ٽي هزار بيگهه ايراضي قبولي.

## 23. علي بخش پَليلاڻي
## 24. احمد خان پَليلاڻي

### سماجي حيثيت

اهي جاگيردار، پَليل جا پوٽا هئا، جيڪي نظام جي پاءِ گگن جي پيڙهيءَ منجهان هئا. سندن پيءُ ابراهيم خان کي ڪيپٽن رٿبورن پليلاڻين جي سردار طور درج ڪيو هو.

### زميني جائداد ۽ درجابندي

علي بخش وٽ 3945 بيگهه تي مشتمل ٻه جاگيرون هيون، جن مان هڪ ڪراچي ڪلڪٽوريٽ ۾ 2443 بيگهه ۽ ٻي حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ 1502 بيگهه هئي. احمد خان وٽ مجموعي طور 3266 بيگهه جون ٻه جاگيرون هيون، جنهن ۾ ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ 2022 بيگهه ۽ حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ 1244 بيگهه ايراضيءَ تي مشتمل هيون. ٻنهي ڀائرن جي جاگيرن جي ڪُل ايراضي 7211 بيگهه هئي، تن کي ڪيپٽن پيلي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو هو، جنهن لاءِ هن تجويز ڏني هئي، ته جاگيرن جي سموري ايراضي، سيڪنڊ ڪلاس جاگير جي حيثيت سان، پُٽاڻي وارث جي شرط هيٺ مرد وارثن کي دائمي طور، چوٿين پتي جمعبندي ۽ غيرآباد زمين سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جي ماتحت، پيهر منظور ڪري ڏني وڃي.

### ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ميجر گولڊسمڊ، ڪيپٽن پيلي جي درجابندي جو حوالو ڏيندي هيٺين ريت تجويز ڏني:

”ٻنهي ڀائرن جي جاگيرن جي ڪُل ايراضي 7211 نيپيئرين بيگهه آهي، جنهن مان چوٿون حصو يعني 1803 بيگهه تخفيف ڪرڻ سان باقي وڃي 5408 بيگهه بچندا،

# لغاري سردار

هتي هن قبيلي جو جيڪو خانداني شجرو ڏنل آهي، سو نظاماڻين جيان اڻپورو آهي. ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو: ”سنڌين ڏاڏاڻي پيڙهي رند منجهان هلندڙ آهي، ۽ ڪهاڻي اڳتي وڌڻ سان پتو پوي ٿو، ته هن قبيلي جو سيني کان اوائلي ۽ وڏيڪ ميتا واري سردار مير چاڪر، هنن کي سنڌن ڪچرائپ ۽ اڻ ڏوتل اوڇڻ پائڻ سببان 'لغار' جو نالو ڏنو هو: هي لفظ مشڪل سان ئي بلوچ اکر ٿي سگهي ٿو، جنهن جو ترجمو ڪيپٽن ليچ 'ويچارو يا غريب' ڪيو آهي.“ ميجر گولڊسمڊ هن لفظ بابت چوي ٿو، ته اهو اصطلاح فارسي لفظ ”لاغر“ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: هيڻو (نبل) يا سنهو.

نواب احمد خان، ميجر گولڊسمڊ کي ٻڌايو، ته لغاري قبيلي جي اصلي رهائش ديري غازي خان ويجهو 'چوٽي' واري ماڳ تي هئي، ۽ اهو به ڄاڻايائين، ته جمال ۽ جلال خان، جيڪي هن قبيلي جا به سردار هئا، سي اتي به اُتي رهن ٿا.

لغاري ڪيترن ئي نُکن ۽ پاڙن ۾ ورهيل آهن، جن ۾ بوزدار، عالياڻي، برهماڻي، عيساڻي ۽ ڪاڇي شامل آهن، ۽ وتن جاگيرون به آهن. عالياڻين ۽ عيساڻين بابت چيو وڃي ٿو، ته اهي پنهنجي ڏاڏن- علي ۽ عيسن پٺيان سڏجن ٿا. ڪاڇي وري پنهجي ڪاڇو ۾ رهائش واري ماڳ پويان سڏجن ٿا، جنهن کي عام طور 'ٽڪريءَ جي ڪڇ' چيو وڃي ٿو، چوته اُهي نئين گاج جي وهڪري پرسان رهندا هئا، ۽ اُهي سرحدي سردار هئا. بوزدارن بابت پانئجي ٿو، ته اُهي ويچارا ٻڪرار هئا، پر هن قبيلي سميت برهماڻي قبيلي جي نالي جا اُهڃاڻ شڪ جوڳا آهن. بهرحال، ان ڳالهه ۾ ٿورڙو شڪ آهي، ته سچي لغاري قبيلي جي سرداري، عالياڻي پاڙي وٽ آهي، جيتوڻيڪ بوزدار گهٽي اثر رسوخ وارا سردار آهن. ماڻڪ عالياڻي اڳ ۾ سچي قبيلي جو مُکيه سردار هوندو هو، ۽ هن جي موت کانپوءِ، سندس سرداريءَ جي پڳ پنهنجي پاءُ محمد خان ڏانهن هلي وئي هئي، جنهن جو پُٽ اُميد علي برطانوي سرڪار جو ڪاردار هوندو هو، پر وٽس ڪابه جاگير نه هئي.

ميجر گولڊسمڊ لکندي چوي ٿو ته: ”مرين، نظاماڻين ۽ جلالاڻين جي ابتڙ،

لغارين پنهنجي ڏيئرن جا سڱ ٽالپرن کي نه ڏنا آهن. هي ڳالهه ڄاڻائي وڃي ٿي، ته سنڌ جي فتح کان اڳ مير ولي محمد، جيڪو شال جي جاگيردار مير شير محمد خاڻائي ٽالپر جو پاءُ هوندو هو، ٿنهن هڪ معاهدي هيٺ هن قبيلي جي هڪ ڇوڪريءَ کي پنهنجي هٿ ۾ ورتو هو. اهو به چيو وڃي ٿو، ته انهن حالتن سببان ڏاڍو غيرمعمولي جوش ۽ ڇڪتاڻ پيدا ٿي هئي. شروع ٿيندڙ ڪٽراڳ ۽ ڏڦيڙ تمام نازڪ ۽ جوکائتي نوعيت جو هو، ۽ مونکي پڪ آهي، ته جنهن قيمت تي راضپو ٿيو هو، سا هو مَگيل ڇوڪريءَ کي 'ڪاريءَ' ڪري مارڻ.

## 25. نواب احمد خان ولد ولي محمد بوزدار

### ولي محمد جي سماجي حيثيت

جيمس برنس پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي دربار" ۾ لکيو آهي: "ولي محمد ۽ سيد اسماعيل شاهه، ٽالپر حڪومت جا مُکيه وزير آهن. ۽ ٻنهي کي سرڪار وٽان وڏيون پڳهارون ملن ٿيون، ۽ هنن لاءِ پالڪيون ۽ پالڪيون کڻندڙ مقرر ٿيل آهن، جيڪا عزت ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن به رعيتي ماڻهوءَ کي ملڻل نه آهي." هو، ولي محمد جي ڪردار ۽ حيثيت جي پڌرائي ڪندي اڳتي لکي ٿو:

"مير، پاڻ نواب ولي محمد لغاريءَ کي سنڌ جو وزير ڪري سڏين ٿا. ميرن جي حڪومت ۾ ٽالپر گهراڻي جي ڀاتين کان پوءِ، 'نواب' کي هڪ اهم شخص جيان سمجهڻ گهرجي. هو پاڻ هڪ بااثر قبيلي جو فرد آهي، جنهن هاڻوڪن حاڪمن جي سرفرازيءَ ۾ جنگي ميدان ۾ پاڻ موکيو هو. هو سدائين سندن وفادار ۽ ڪارائتو "ٻانهو" رهيو آهي. منجهس نه رڳو سندس مالڪن جو پورو ويساهه آهي، پر هن جي عام ماڻهو به عزت ۽ ساڻس محبت ڪن ٿا، جيڪا ڳالهه ڪنهن ظالماڻي حڪومت ۾ غيرمعمولي آهي. هو حڪومت جي اندروني وهنوار ۾ ميرن جو صلاحڪار آهي. وٽس ايتري قوت آهي، جو هو پنهنجي تدبير ۽ شفقت سان دربار جي ظلم ۽ زبردستيءَ جي اثرن کي گهٽائي سگهي ٿو ۽ هو اهڙا موقعا هٿن مان ڪڏهن به نه وڃائي.

"هي پوڙهو ۽ معتبر بزرگ پنهنجي مالڪن جي ڀلائيءَ جي اوني سببان اها ڳالهه سکي ورتي آهي، ته انگريز سرڪار سان دوستاڻا ناتا رکڻ ضروري آهن.... ولي محمد خان اٽڪل ستر ورهين جي ڄمار جو هوندو... جيڪڏهن هو گذاري ويو، ته مير هڪ وفادار خادم ۽ سنڌ جا ماڻهو وري هڪ مهربان محافظ وڃائي ويهندا. هن جو پُٽ احمد

## لغاري قبيلي جو خانداني شجرو



### برهماڻي

- الهه يار
  - حسين
    - عزت
      - فتح خان
        - دريا خان
          - حسين خان (34)
            - فتح خان
            - علي بخش

### عيساڻي

- آسڻ
  - مير خان
    - اختيار خان (35)
      - علي بخش
      - نبي بخش
      - غلام شاهه

### عالياڻي

- علي
  - مير رند
    - صاحب خان
      - جلال
        - ماڻڪ
          - غلام محمد
            - ماڻڪ
              - صاحب خان
                - ڀُيو (33)
                  - صاحب خان

### سهراباڻي ڪاڇي

- سهراب
  - عالم
    - موسو
      - قلندر
        - خدا بخش
          - حاجي خان
            - قلندر
              - غلام حيدر
    - مقصودو
      - مُوندر
        - شاهه داد
          - مُوندر
            - لال بخش
          - گل محمد
            - پريل کي شاهه داد به چيبو وبندو هو (36)

خان ٽيهن ورهين جو عياش جوان آهي، جنهن ۾ وڏڙن جي ڪا به وصف ڪانهي. نواب چگِي پايي جو شاعر آهي، ۽ جيتوڻيڪ هن جي شاعري چاپلوسيءَ ۽ خوشامنديءَ سان ڀرپور آهي، تنهن هوندي به، هن جي ان ڏس ۾ خيالن وارن گڻن کان منهن موڙڻ، يا ڪيس فارسي شاعرن جي مثالن جي پوئواريءَ سببان نِندڻ نامناسب ٿيندو. هن طب جي ڪيترن موضوعن تي ننڍڙا رسالا پڻ لکيا آهن، جيڪي اڪثر آڳاٽن تصوراتي نظرين تان سينگاريل ۽ چمڪايل آهن، پر سنڌ ۾ انهن خيالن کي ڏاهپ جا گُفتا سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ ڏس ۾ مونکي سندس هڪ ننڍڙي ڪتاب کان لنوائڻ نه گهرجي، جيڪو هن آگهائين کان ڇُٽائڻ لاءِ لکيو آهي. اهو ڪتاب مير مراد عليءَ جي نالي پٺيان سڏيو وڃي ٿو ۽ مير صاحب فخر سان ان جي پهچندڙ فائدن جي دعويٰ ڪري ٿو."

جيمس برنس، سيد اسماعيل شاهه جي ذڪر ڪانپوءِ وڌيڪ لکندي چوي ٿو: "اُهي پٺي وزير، حڪمت جا ماهرَ ۽ حاذق حڪيم هُجڻ سبب، هڪٻئي جي شهرت کان سڙن ٿا. ٻيئي ڇپا ڪتابن جا ليکڪ آهن ۽ پنهنجي گهربل گُڻن جي فيصلي ڪرڻ ڪانسواءِ، جنهن تي مون سدائين ڪين رايو ڏيندي ٽاريو ۽ هٽايو آهي، پنهنجن ڪتابن بابت گهٽي ٻٽاڪَ هڻن ٿا. مون مشاهدو ڪيو آهي، ته ٽالپرن، اسماعيل شاهه کي وظيفو ۽ نواب ولي محمد کي شهرت ڏيئي، صحيح امتياز جو مظاهرو ڪيو آهي. سنڌن اخلاقي ليکڻ ۾ منجهن ڪا به ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي. ٽالپر امير، ولي محمد ۾ مڪمل ويساهه جو اظهار ڪن ٿا، پر اُهي هن جي مخالف تي منصفاڻو شڪ ڪن ٿا. مير مراد علي هڪ نصيحت واري خط ۾، جيڪو هن وصيت موجب پنهنجي ٻارن لاءِ لکيو آهي.... تنهن ۾ هنن تي واضح طور ولي محمد جي مشوري سان پنهنجو جيون گهارڻ تي زور ڀريل آهي، پر ڪين مير اسماعيل شاهه کان هوشيار رهڻ جو چتاءُ ڏنل آهي. نواب ولي محمد پوڙهو، سادو سيبتو ۽ سخي مڙس آهي، ته وري اسماعيل شاهه هوڏي ۽ تنگدل. ولي محمد جي عزت ڪئي وڃي ٿي، پر ٻئي کان ڊپ ڪيو وڃي ٿو: سيد اسماعيل شاهه کي رڳو پنهنجي نسب ۽ تعصبي ماڻهن جي طرفداريءَ سبب اُن عهدي تي رکيو ويو آهي. جڏهن ته ولي محمد سڄي عمر جي وفاداريءَ ۽ مخلصيءَ سببان مٿي چڙهيو آهي. جنهنڪري، جيڪڏهن آءٌ اهو چوان، ته اها سنڌ جي سُٺي ساک، ساراهه ۽ ميٽا آهي، جو ڪين پنهنجو 'انعام' مليو آهي.

اهو ولي محمد ئي هو، جنهن 1823ع ۾ شڪارپور تي چڙهائي ڪندي، ان کي واپس موٽايو هو، ۽ جنهن نوشهرو ابڙو جي قلعي جون ديوارون نهرايون هيون. هو 1832ع ۾ پنهنجا ڏينهن عزت سان پورا ڪري ۽ پنهنجي مالڪن جو مٽس گهٽو

"ضلعي حيدرآباد جي تعلقي سڪرنڊ لڳ واقع مرزاپور جي جاگير وٺڻ جي خواهش ڪانپوءِ، جيڪا جاگير ميرن جي سرڪار دؤران به تنهنجي تحويل ۾ هئي، ۽ منجهس تون هينئر به متي ڄاڻايل دوآبو پوناهه جي ڄاڻايل جاگير بجاءِ رهڻ پيو، تون حڪومت کي درخواست ڪئي هئي: جنهن تي انڊيا سرڪار جي اجازت سان، بمبئي سرڪار سان 20 جولاءِ 1861ع تي خط نمبر 4004 وسيلي لکپڙهه ڪئي وئي، جنهن موجب متاسنا جي منظوري ڏني وئي، ۽ مرزا پور جي جاگير ساڳئي نالي واري بيلي سميت، جنهن جي ڪٽيل ايراضي پنجويهه هزار بيگهه آهي، سا تو کي منظور ڪري ڏني وئي."

سَند هيٺ هن جي تحويل ۾ آيل جاگير سندس نالي منظور ڪئي وئي ۽ سندس وارثن ڏانهن، انهن جاگيرن منجهان دائمي طور پندرهن هزار بيگهه ايراضي قبولي وئي. ان سَند ۾ هيٺ ڄاڻايل وڌيڪ شقون لکيل آهن:

"تنهنجي وڏپڻ ۽ خاص مامري کي ڌيان ۾ آڻيندي، نبيري جي منظوري ڏني وئي آهي، جنهن وسيلي تنهنجي هٿ وس مرزاپور جي سموري جاگير، ڪنهن به ڦيرقار بنا، تنهنجي حياتي ۽ تنهنجي وڏي پُٽ ولي محمد جي نالي تي رهندي، پر تنهنجي وڏي پُٽ جي موت ڪانپوءِ، جيئن اڳ ۾ ڄاڻايل آهي، ته پندرهن هزار بيگهه سندس پُٺاڻي مرد وارثن کي ڏني ويندي، ۽ بقايا زمين حڪومت پنهنجي تحويل ۾ وٺندي. پر شرط اهو آهي، ته وارث سموري يا سرڪاري تحويل جوڳي زمين جو ڪو حصو، غيرآباد زمين جي وڪري بابت انڊيا سرڪار جي لاڳو ڪيل قاعدن ضابطن موجب، ڪليڪٽر حيدرآباد طرفان مناسب يا مساوي سمجهڻ پٽاندر، وٺڻ جي خواهش نه ڪندا. موروثي ڪٽ واري ايراضي شايد تون پاڻ چونڊي سگهين ٿو، ۽ ان ڏس ۾ سرڪاري سيٽلمينٽ آفيسر سان حدبندين بابت لکپڙهه ڪري سگهين ٿو."

اهڙيءَ ريت، هن سَند هيٺ موجود جاگيردار جي پهرين پُٺاڻي مرد وارث کي چوٿين پتيءَ جي ادائيگي کان آجو قرار ڏنو ويو، ۽ ٻئي مرد وارث کي جاگير خريد ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. سَند جون ٻيون سموريون شقون، ٻين سَندن جيان ساڳيون هيون. سڀ کان پهرين، احمد خان جي وارثن ۽ پوءِ سندس پُٽ ولي محمد جي وارثن کي، پندرهن هزار بيگهه جاگير دائمي طور ڏيڻ واري مامري ۾ ڪجهه مونجهارا اُٿن ٿا. پر جيڪڏهن احمد خان جو ولي محمد سميت ٻيو ڪو پُٽ نه آهي، ته پوءِ سَند جي اکرن منجهان ورلي ڪو مونجهارو ٿيڻ جي اميد ڪئي وڃي ٿي.

## جاگيردار جو موت

احمد خان 21 فيبروري 1870ع تي گذاري ويو.

## 26. نواب محمد خان ولد نواب ولي محمد خان بوزدار

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

هي جاگيردار به، اڳ ۾ ڄاڻايل جاگيردار جيان، مشهور نواب ولي محمد جو پٽ هو. پنهنجي پيءُ جيان هن جي لاڙڪاڻي تعلقي جي دوآبي پوناهه ۾ 2205 بيگهه ايراضي هئي. هن وٽ گوني تعلقي ۾ وڙياهڪي ۾ 1537 بيگهه واري جاگير پڻ هئي. اُهي ٻئي جاگيرون 1846ع تائين ڪنهن به دعويٰ بنا وٽس ئي رهيون، جيستائين سر چارلس نيپيئر، جاگيردار کي اُهي جاگيرون، پيدائش جي ٽين پتي ڏيڻ جي شرط سان (اهو شرط پوءِ چوٿين پتيءَ ۾ ڦيرايو ويو.) منظور ڪري نه ڏنيون هيون. اهو ڏنڊ سردار طرفان سلام ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ تي مڙهيو ويو هو.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي 2205 بيگهه جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾ ۽ 1537 بيگهه واري جاگير فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي. جڏهن ته ميجر گولڊسمڊ ڏيڍ هزار بيگهه ايراضي، دائمي جاگير طور ڏيڻ جي تجويز ڏني.

نيٺ، جاگيردار جي سَند نمبر 48، هن کي ذميوارين جي ادائيگيءَ جي شرط سان جاگير منظور ڪري ڏيڻ مهل، سندس وارثن ڏانهن مٿين ايراضي، عام مختياريءَ سان قبولي وئي. سَند ۾ لکيل آهي ته: ”تنهنجي مامري ۾ حڪومت ٻيٽي ايراضي پنهنجي تحويل ۾ وٺندي، چوته حڪومت توکي اهي جاگيرون، ڪجهه ڍل ڏيڻ جي شرط سان ڏنيون هيون“- يعني جيڪڏهن وارث سچي جاگير جي ايراضيءَ کي پاڻ وٽ رکڻ جي چونڊ ڪئي، ته ڪيس هينئر ادا ٿيندڙ چوٿين پتيءَ جي ٻيڻي رقم ڏيڻي پوندي.

## 27. الهداد خان بوزدار

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

هي جاگيردار پڻ ولي محمد جو ٽيون نمبر پٽ هو. هن جاگيردار وٽ لاڙڪاڻي تعلقي ۾ 1544 بيگهه ۽ ميهڙ تعلقي ۾ 512 بيگهه ايراضيءَ تي مشتمل به جاگيرون هيون. هن جون جاگيرون 1846ع تائين ڪنهن دعوا بنا رهيون، جيستائين سر چارلس نيپيئر پيدائش جي اٽڪل ٽين پتي ڏيڻ جي شرط سان، هن کي منظور ڪري نه

ڏنيون، جنهن شرط کي پوءِ، سلام ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ سببان، پيدائش جي چوٿين حصي ۾ ڦيرايو ويو.

## درجابندي ۽ تجويز

ڪيپٽن پيلي نواب جي تحويل ۾ آيل ننهي جاگيرن کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو. ميجر گولڊسمڊ هن مامري ۾ پندرهن سؤ بيگهه زمين موروثي طور ڏيڻ جي تجويز ڏني. نواب الهداد جي 24 مئي 1861ع تي جاري ٿيل سَند نمبر 90 مطابق، اها جاگير هن جي حياتيءَ تائين منظور ڪرڻ مهل، سندس وارثن ڏانهن پندرهن سؤ بيگهه زمين دائمي طور، عام مختياريءَ سان قبولي وئي هئي. هن مامري ۾ سَند ۾ اهو به ڄاڻايل آهي، ته مختياريءَ مان فائدو وٺڻ جي صورت ۾، سرڪاري تحويل ۾ وڃڻدڙ جاگيز جي ايراضي ٻيهٽي ٿيندي.

## جاگيردار جو موت

جاگيردار 29 نومبر 1882ع تي گذاري ويو.

## 28. غلام حيدر بوزدار

## سماجي حيثيت، درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

هي جاگيردار، نواب ولي محمد جو چوٿون نمبر پُٽ هو. هن جاگيردار وٽ لاڙڪاڻي تعلقي ۾ 2205 بيگهه زمين هئي. هن جي جاگير 1846ع تائين، سر چارلس نيپيئر طرفان پيدائش جي اڌڪل ٽين پتي ڏيڻ جي شرط سان، جنهن کي پوءِ پيدائش جي چوٿين پتيءَ ۾ ڦيرايو ويو. ڪيس منظور ڪري ڏيڻ تائين ڪنهن دعويٰ بنا وٽس رهي. ڪيپٽن پيلي هن جاگيردار جي زميني جائيداد کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو، ۽ ميجر گولڊسمڊ سفارش ڪئي، ته مٿي ڄاڻايل ايراضيءَ مان هڪ هزار بيگهه زمين دائمي طور منظور ڪرڻ گهرجي.

هن جي 28 مارچ 1861ع تي جاري ٿيل سَند نمبر 49 ۾ هن ايراضيءَ جي عام مُختياريءَ سان دائمي منظوري ڏيڻ قرار ڏنو ويو، جڏهن ته اها جاگير غلام حيدر کي جاگير جي رائج شرطن هيٺ منظور ڪئي وئي. سَند ۾ هن مامري بابت ڄاڻايل آهي، ته مختياريءَ مان فائدو وٺڻ جي صورت ۾، سرڪاري تحويل ۾ ويندڙ جاگير جي ايراضي ٻيهٽي ٿيندي.

## جاگيردار جو موت

هي جاگيردار 28 جون 1866ع تي گذاري ويو.

## 29. حيدر علي خان

### سماجي حيثيت، زميني جائيداد ۽ درجابندي

ميجر گولڊسمڊ مطابق، هي جاگيردار "متين چئن سردارن جو، شاديءَ جي ناتي سميت جهوني نواب ولي محمد جي سَنڌو هيٺ سبيان، ويجهو مائٽ هو. جيمس برنس پنهنجي ڪتاب جي صفحي ستاويهين تي ڄاڻائي ٿو ته، "حيدر خان لغاري جاتيءَ جو گورنر ۽ مُکيه رزير جو پائيتيو آهي." اهو امڪان آهي، ته سندس مطلب حيدر علي خان هجي.

ڪيپٽن پيلي لاڙڪاڻي جي جاگيرن واري تعلقي رول ۾، سفارش ڪئي ته، "حيدر علي سان سندس ويجهن مائٽن، نواب ولي محمد جي پُٽن سان ڪيل سلوڪ جيان ورتاءُ ڪيو وڃي، ۽ اهو ته هن جي لاڙڪاڻي ۾ ديهه حسن واهه ۾ 1103 بيگهه واري جاگير سندس پٽاڻي وارثن کي دائمي طور، هاڻوڪي جاگيردار جي موت کانپوءِ، غيرآباد زمين کي حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ جي شرط سان، منظور ڪري ڏني وڃي." هن تجويز جي ڪمشنر منظور ڏني. حيدر علي خان وٽ ميهڙ ۾ مڪان ڇاڙهه ۾ 366 بيگهه جي جاگير پڻ هئي، جيڪا پڻ سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي. هن پنهنجي مائٽن جيان، 1846ع ۾ پنهنجي جاگيرن جي دعويٰ ڪئي هئي، ۽ سر چارلس نيپيئر ساڳين شرطن هيٺ ڪيس اهي جاگيرون منظور ڪري ڏنيون هيون.

### ميجر گولڊسمڊ جي تجويز

ميجر گولڊسمڊ ان ڏس ۾ جيڪا تجويز ڏني هئي، سا هيٺين ريت آهي: "حيدر علي خان جي موت کانپوءِ، آءٌ هن جي وارثن کي، پيدائش جي چوٿين حصي طور 303 بيگهه سرڪاري تحويل ۾ وٺندي، ۽ ميهڙ واري 366 بيگهه غيرآباد ايراضي کي آڏو رکندي، اٺ سؤ بيگهه معافي موروثي جاگير جيان وٺڻ جي اجازت ڏيندس."

اهڙيءَ ريت، هن جي سَند نمبر 50 ۾، سندس موجوده حيثيت واريءَ جاگير کي منظور ڪرڻ مهل، سندس وارثن لاءِ عام مُختياريءَ سان، اٺ سؤ بيگهه زمين قبولي وئي، ۽ منجهس اهي شرطون به شامل هيون، جيڪي محمد خان، الهه داد خان ۽ غلام حيدر خان جي مامرن ۾ موجود هيون.

جاگيردار جو موت

حيدر علي خان 15 ڊسمبر 1864ع ۾ گذاري ويو.

## 30. غلام شاهه بوزدار

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

غلام شاهه جو پيءُ، نواب ولي محمد جو ڀاءُ، ۽ مير ڪرم علي ۽ مراد عليءَ جو مختيارڪار ۽ پارڪر جو گورنر هو. (ڏسو ”سنڌ جي دربار“ ص: 104) غلام شاهه ان وفد ۾ شامل هو، جنهن کي مير شهداد 1842ع ۾ سر چارلس نيپيئر سان سکر ۾ ملاقات لاءِ موڪليو هو. هن جي هز ايڪسيلينسي سان ايئن سُڃاڻپ ٿي، ۽ هو سنڌ جي فتح ڪانپوءِ، برطانوي سرڪار جي ملازمت ۾ گهڙيو، جتي هو اٺن سالن تائين رهيو. هو پنهنجي عهدي دؤران مختلف موقعن تي جيهڪي، ڪاڙي، ولاسو، آگڙي ۽ مورو ۾ ڪاردار رهيو. غلام شاهه جي پُٽ جي شادي نواب احمد خان لغاريءَ جي ڌيءُ سان ٿيل هئي.

غلام شاهه وٽ اٺ هزار ست بيگهه تي مشتمل ٽي جاگيرون هيون، جن ۾ بدين ۾ رِپ ۾ ٻه هزار 452 بيگهه، چيات ۾ چار هزار 640 بيگهه ۽ عمرڪوٽ ۾ ٽالي ۾ نَوَ سؤ پندرهن بيگهه شامل هئي.

### ڪيپٽن پيلي جي درجابندي

ڪيپٽن پيلي رِپ واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾، ٽاليءَ واري ٿرڊ ڪلاس ۾ ۽ چيات واري جاگير فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي، پر هن اها ڳالهه ڄاڻائي، ته هو غلام شاهه جي نالي کي سردارن واري فهرست ۾ شامل ڪرڻ تي سوچيندو. بهرحال، غلام شاهه، چيات واري جاگير جي درجابنديءَ خلاف اپيل ڪئي. هن مير نصير خان، مير حسين علي ۽ مير شهداد وٽ ملازمت ڪئي هئي، ۽ پنهنجي ملازمت ۾ تبديليءَ سان پنهنجون جاگيرون پڻ مٽايون هيون. هن جي پيءُ کي مير ڪرم علي خان وٽان هڪ جاگير ملي هئي، ۽ هو ان جي ڪجهه حصي تي پنهنجا گهر ڏاهي ويٺو هو. تنهنڪري، ميجر گولڊسمڊ جي سامهون هي ڳالهه آئي، ته چيات واري جاگير جا 1035 بيگهه ٿرڊ ڪلاس ۽ باقي فورٿ ڪلاس جي جاگير هئي.

#### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ انهي صورتحال هيٺ، ٿرڊ ۽ فورٿ ڪلاس جي جاگير کي، عام جاگيردارن جي جاگيرن سان ڪيل ورتاءَ جيان درج ڪرڻ ۽.... 2452 بيگهه مان ارڙهن سؤ بيگهه ايراضي دائمي جاگير ڏيڻ جي تجويز ڏني.“

آخرڪار، غلام شاهه جي سَند نمبر 51 ۾، هن کي عمرڪوٽ ۽ بدين ۾ اٺ هزار ست بيگهه تي مشتمل جاگيرون منظور ڪري ڏنيون ويون، ۽ سندس وارثن جي نالي ارڙهن سؤ بيگهه، عام مُختياريءَ سان قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

غلام شاهه 19 اپريل 1861ع تي گذاري ويو. ڪيپٽن رٿبورن موجب: ”هو ورتاءَ ۾ شائنو، سمجهُو، ۽ سيني منجهه ٺاهوڪي سياءَ جو مالڪ هو.“

## 3.1. خان محمد بوزدار ۽ سندس پُٽ غلام مصطفيٰ

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

خان محمد، نواب ولي محمد جي ڀاءُ غلام الله جو وڏو پُٽ هو. هوڏانهن، هن ۽ سندس پُٽ غلام مصطفيٰ وٽ مٽياريءَ ۾ 2942 نيپيئرين بيگهه، عمرڪوٽ ۾ 756 نيپيئرين بيگهه ۽ لاڙڪاڻي ۾ 605 نيپيئرين بيگهه واريون جاگيرون هيون. سنڌ جي فتح کانپوءِ، هنن کي اُهي جاگيرون ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون.

### خان محمد جو موت ۽ ٻيهر جاگير جي سَند

خان محمد 1845ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جون جاگيرون سندس پُٽ غلام مصطفيٰ کي، ڪجهه ٽُڪرن تي ٻه آنا في بيگهه جي ڍل هيٺ، ۽ باقي زمين جي پيدائش تي چوٿون حصو لاپو مڙهيندي، ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي مٽياري جاگير ٿرڊ ڪلاس ۾ ۽ باقي رهيل ٻه جاگيرون فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪيون.

مسٽر ايلس جي 20 سيپٽمبر 1858ع تي، ڪمشنر ڏانهن موڪليل خط نمبر 22 مان پتو پوي ٿو، ته ٻنهي ڄڻن وچ ۾ ڪجهه دليلن تي ٽيل زباني ويچار کانپوءِ، هن جاگيردار کي پنج سؤ بيگهه ايراضيءَ جي جاگير دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪرڻ جو فيصلو ٿيو هو. سردار پنهنجي جاگير تي رهندو هو ۽ سندس ڪافي اثر رسوخ هو.

هي سفارش منظور ڪئي وئي، ۽ هن جي سَند نمبر 52 ۾، هي جاگير سندس وارثن جي نالي، ڪنهن مُختياريءَ کانسواءِ قبولي وئي، جڏهن ته هن جي تحويل ۾ آيل جاگير، مروج ذميواريءَ جي ادائيگيءَ جي شرطن سان، منظور ڪئي وئي.

## 32. غلام محمد بوزدار

### سماجي حيثيت

غلام محمد جي پيءُ جو نالو علي محمد هو، جيڪو نواب ولي محمد ۽ غلام الله جو وڏو ڀاءُ هو. غلام محمد پاڻ به چڱو ساکائتو شخص هو، ۽ هو مير جان محمد، مير خان محمد ۽ بختيار خان لغاري سان گڏ برطانوي فوجن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ ٿيندڙ مشورن ۾ شامل هو.

### زميني جائيداد ۽ درجابندي

هن جي تحويل ۾ مٽياري لڳ تاجپور ۾ 6660 بيگهه واري جاگير هئي، جيڪا سر چارلس نيپيئر وٽس ئي رهڻ ڏني هئي، ۽ ڪيپٽن پيلي ان کي ٽئين درجي ۾ درج ڪيو هو. بهرحال، هن ميجر گولڊسمڊ آڏو مير غلام علي ۽ مراد علي طرفان جاري ٿيل ٻه سَندون (اصلي هجڻ جي دعويٰ هيٺ) پيش ڪيون، جنهن مان هرهڪ سَند تي رواج پٽاندر سَند بند ڪرڻ مهل لڳايل هڪ وڏي ۽ ٻي ننڍي مُهر لڳل هئي. پهرين سَند 19 آگسٽ 1808ع تي جاري ٿيل هئي، جنهن موجب علي محمد لغاريءَ کي، سيريءَ بدران تاجپور ۾ 2958 مير بيگهه واري جاگير ڏني وئي هئي؛ ٻي سَند 19 نومبر 1812ع تي جاري ٿيل هئي، ۽ ساڳئي شخص کي تاجپور ۾ يارهن سؤ بيگهه جي وڌايل جاگير ڏني وئي هئي. بهرحال، هن ٻنهي سَندن مان ڪنهن به هڪڙيءَ جو جاگيرن واريءَ آفيس جي مواد مان ڪو پتو نٿو پوي ۽ نه ئي وڏي ميرن جي سَندن وارن سرڪاري دستاويزن جي جلدن مان اهڙو ڪو متن مليو آهي. گڏوگڏ ڪيپٽن پيلي آڏو سندن طرفان پيش نه ٿيڻ سببان "جاگيردار جي عزت، مجتا توڙي حيثيت ۽ مامري تي پڻ شڪ ڪيو ويو." تنهنڪري ميجر گولڊسمڊ سوچيو، ته جيڪڏهن هن کي انهن جاگيرن ۾ قيرقار ڪرڻ جو اختيار ڏنل هجي ها، تڏهن به هو ان آفيسر جي درجابندي کي رد ڪرڻ جو چتاءُ نه ڏئي ها.

### تجويز ۽ نبيرو

خانداني شجري ۾، ميجر گولڊسمڊ طرفان پهرين جوڙيل خانداني شجري موجب غلام محمد نه، پر غلام شاهه کي علي محمد جي اڪيلي پُٽ جي حيثيت سان ڏيکاريو ويو هو. هن کي غلطيءَ جو پتو پيو، تنهنڪري هن "غلام محمد کي سندس

حيثيت موجب موروثي طور اٺ سؤ بيگهه زمين ڏيڻ“ جي سفارش ڪئي “ (ڏسو مسٽر ايلس جو 1858ع ۾ ڪمشنر ڏانهن موڪليل خط نمبر 22) هن سفارش جي مسٽر ايلس حمايت ڪئي ۽ جيئن ته انَ سفارش جي ڪمشنر منظوري ڏني هئي، تنهنڪري اها سرڪار کي پيش ڪيل فهرست ۾ شامل ڪئي وئي، ۽ نيٺ منظور ڪئي وئي.

نيٺ، جاگيردار جي سَند نمبر 53 هيٺ اها ايراضي، سنڌس وارثن ڏانهن عام مُختياريءَ هيٺ قبولي وئي، جڏهن ته اها جاگير سنڌس تحويل ۾ منظور ڪئي وئي.

## جاگيردار جو موت

هو 2 ڊسمبر 1862ع تي گذاري ويو. ڪيپٽن رٿبورن 1847ع ۾ هن بابت چيو هو: ”هي رُکو، کُهرو ۽ جهيڙاڪ لچڻن سميت موچاري منهن مبارڪ وارو شخص آهي، ۽ هو پنهنجي گذران وارن وسيلن کان وڌيڪ هٿ ڦاڙ ۽ فضول خرچ، ۽ گهٽو پسند ڪيو ويندڙ، پر تورڙو ملنسار به آهي.“

## 33. ڀڏو آلياڻي

## سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

ڪيپٽن رٿبورن موجب، ”هي جاگيردار پيدائشي طور جيتوڻيڪ مفلسي واريءَ حالت ۾ هو، پر سنڌ ۾ رهندڙ لغاري قبيلي جي سمورن نُکن ۽ پاڙن جو سردار هو.“

ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته: ”منهنجي ساٿس ڪجهه سالن کان سجاڻپ آهي، ۽ مون وٽ ڪليڪٽر جي بيان کي ميڃڻ جا دليل آهن، جو هاڻوڪي ڏينهن ۾ بلوچن منجهه هن بابت به بلڪل ساڳيا ويچار آهن. جيڪڏهن سچي قبيلي جو ميڙ سڏايو وڃي، ته وڌيڪ شاهوڪار بوزدارن کان اجازت وٺڻ کانسواءِ، ڀڏو لغاري سندن مُکيه سردار ٿيندو.“

جڏهن ته هن وٽ ٽنڊو باگو ۾ 3566 نيپيريئن بيگهه ايراضيءَ واري جاگير هئي، جيڪا سنڌ جي فتح کانپوءِ، ڪيس منظور ڪري ڏني وئي.

## سَند ۾ تبديلي ۽ چوٿين پتي مڙهڻ

بهرحال، هن تي وٽس تحويل ۾ آيل جاگير جي سَند ۾ تبديليءَ سبب چوٿين پتي ڏيڻ جو شرط مڙهيو ويو. حيدرآباد جي ڪليڪٽر هيءَ صورتحال هز ايڪسيلينسي گورنر جي ڌيان ۾ آندي، ۽ ٻين ملندڙ حڪمن تائين جاگيرون سرڪاري تحويل ۾

ورتيون ويون. بهرحال اُهي جاگيرون، پيدائش جو چوٿون حصو ضبط ڪندي، بحال ڪيون ويون، جيتوڻيڪ ڦيرڦار جا ايڏا مطمئن ڪندڙ تفصيل نہ آهن، جو پڪائنجي تہ اها ڪڏهن ايئن ٿئي.

ڪيپٽن پيلي مٿين جاگير کي ٻئي درجي ۾ درج ڪيو.

### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ انهيءَ ڏس ۾ تجويز ڏيندي چيو تہ، ”جيڪڏهن پنجٽيهہ هزار 661 بيگهن تي مشتمل جاگيرن جي پيدائش جو چوٿون حصو يعني 8915 بيگهہ تخفيف ڪيا وڃن، تڏهن بہ سرڪار وٽ ڇويهہ هزار 746 بيگهہ ايراضي باقي بچندي. پر جاگيردار شڪايت ٿو ڪري، تہ سندس جاگير مان ڪيس ساليانو پنج سؤ رپين جي پيدائش بہ نٿي ٿئي، ۽ هن اڳيئي هاٿوڪي سڄي جاگير بدران، ڪنهن ٻئي ماڳ تي ٻارهن هزار بيگهہ زمين وٺڻ لاءِ درخواست ڏني آهي.

”آءٌ خاص صورتحال جي حيثيت سان سفارش ڪندس، تہ جيڪڏهن هو ڪنهن ٻي جاءِ تي ڪا جاگير وٺي ٿو، تہ ڪيس ٽي هزار بيگهہ ايراضي جي جاگير موروثي طور ڏني وڃي؛ يا هو تنڊو باگو واري جاگير مان زمين وٺڻ چاهي، تہ ڪيس منجهانئس پنج هزار بيگهہ ڏني وڃي. جيڪڏهن ٻڍو پاڻ زمين جي چونڊ ڪري ٿو، تہ پوءِ ٻيهر منظور ٿيندڙ موروثي جاگير، ٽي هزار بيگهہ ايراضي تائين محدود ڪئي وڃي، جيڪا ڳالهہ هن جي موت کانپوءِ، ٻي پيڙهيءَ تائين عمل جوڳي هجي. پهريون وارث هي جاگير ساڳين شرطن تي وٺندو، جيئن هاٿوڪي جاگيردار قبول ڪئي آهي.“

ٻڍو خان جي سَند نمبر 54 هيٺ سندس جاگير، پيدائش جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط سان منظور ڪئي وئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن پنج هزار بيگهہ دائمي طور، هنن کي ملندڙ جاگير جي ڪنهن هنڌ جي وضاحت کانسواءِ، عام مُختياريءَ سان قبولي وئي.

### جاگيردار جو موت

ٻڍو خان 27 مارچ 1883ع تي گذاري ويو.

## 34. حسين خان برهماڻي

سماجي حيثيت، زميني جائيداد ۽ درجابندي

ڪيپٽن رٿبورن هن جاگيردار کي برهماڻين جي سردار جي حيثيت ۾ درج ڪيو

هو، ۽ ميجر گولڊسمڊ هن بابت ڄاڻائيندي چيو ته: ”هي سهڻو، جهونو ۽ سُني آکهه جو بلوچ سردار آهي. هو هڏ ڪاٺ ۽ ٻاهرين ڏول مان اڃا جوان ڀانئجي ٿو. هي ٽنڊي محمد خان ويجهو گونيءَ لڳ پنهنجي جاگير تي رهي ٿو.“

هن وٽ گونيءَ ۾ 2928 بيگهه ۽ ميرپور ٻٺورو ۾ 867 بيگهه ايراضيءَ تي مشتمل ٻه جاگيرون هيون. ڪيپٽن پيلي گوني جاگير مان ڪجهه حصو ٻئي درجي ۾ ۽ گوني جاگير جي رهيل حصي سميت ميرپور ٻٺوري واري جاگير ٽئين درجي ۾ درج ڪئي.

## تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته: ”منهنجي خيال ۾، اها ڳالهه خواهش جوڳي آهي، ته جاگيردار جي جيڪا تصويرڪشي ڄاڻايل آهي، تنهن ڪيءَ جيڪڏهن ٽونگري يا دولتمندي نه، ته پوءِ نسبتي سُک ڪوڻ گهرجي،“ تنهنڪري هُن سندس وارثن ڪي دائمي طور هڪ هزار بيگهه جاگير ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

نيٺ، سَند نمبر 55 هيٺ، هن جي نالي 3795 بيگهه واري جاگير منظور ڪرڻ مهل سندس وارثن ڏانهن، عام مُختياريءَ سان هڪ هزار بيگهه ايراضي قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

هو 21 نومبر 1862ع تي گذاري ويو.

# 35. اختيار خان عيساڻي، عيسن جو پوٽو

## سماجي حيثيت

ليفٽيننٽ ليچ جي ”سنڌي فوج“ بابت جوڙيل رپورٽ موجب: ”هن جاگيردار وٽ لاڪاٽ ۾ اٺ سؤ ماڻهن جي فوج آهي، جيڪا مير صوبدار جي هٿ وس آهي. هن مير جي دؤر ۾ جاگيردار کي اهم حيثيت مليل آهي،“ ۽ ڪيپٽن رٿبورن، هن جاگيردار کي ”اثرائتو لغاري سردار“ جو نمونو سڏيو هو. ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته: ” اختيار خان، مير مراد عليءَ جي موت ڪانپوءِ، هڪڙي نوجوان مير ڪان ٻئي مير جي ملازمت ڪندو رهيو ۽ ڪيس ڪانئن سوني تلوار ۽ مڃتا ملندي رهي، ايئن ڪندي نيٺ هُو مير صوبدار جو ساٿاري ٻڻجي ويو.“

## زميني جائيداد ۽ درجابندي

هن وٽ شهدادپور ۾ ڏهه هزار 231 بيگهه، هالا ۾ 1373 بيگهه ۽ ميهڙ ۾ سترهن

هزار 568 بيگهه ايراضين واريون تي جاگيرون هيون، جن جي مجموعي ايراضي اوڻتيهه هزار 172 بيگهه هئي. اُهي سموريون جاگيرون ٻئي درجي ۾ درج ڪيون ويون.

### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ پنجن سالن جي پيداوار جي تناسب سان، شهدادپور جاگير جي ڏل 866 رپيا، هالا واري جاگير جا 176 رپيا، ۽ ميهڙ واريءَ جاگير جو 2585 رپيا جو ڪاٿو لڳايو. ميهڙ جاگير مان اختيار خان کي، هڪ يا ٻنهي مُندن مان، چڱي موچاري پيداوار ٿيندي هئي، ۽ ميجر گولڊسمڊ کي شڪ هو، ته اصل وظيفي کي پاسيرو رکجي يا نه، ڇوته اختيارخان مالي طور تنهن وقت، ميرن جي حڪمرانيءَ واري دؤر جي ڀيٽ ۾، ايڏو خوشحال ۽ آسودو نه هو. هن جو ڪٽنب، پنهنجي جاگيرن منجهان ڪنهن جاگير تي نه، پر سڪرنڊ ۾ رهندو هو، تنهن هوندي به اختيار خان جي وڏي پُٽ غلام شاهه بابت پتو پيو، ته هو ڪاروباري ماڻهو آهي ۽ پنهنجي پيءُ جي زمينن ۾ ڪجهه دلچسپي رکي ٿو. ميجر گولڊسمڊ، انهي صورتحال کي سامهون رکندي، پنج هزار بيگهه جي دائمي جاگير ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

نيٺ، جاگيردار جي سَند نمبر 56 هيٺ، جاگير جي هي ايراضي سندس وارثن نالي، عام مُختياريءَ سان قبولي وئي، جڏهن ته هي جاگير سندس نالي منظور ڪئي وئي.

## 36. گل محمد ڪاڇي (مرحوم) جنهن جو وارث شهداد ٿيو

### سماجي حيثيت

گل محمد ڪاڇي جو لغاري سردار هو. هن جو نئين گاج جي وهڪري واري مُنهن وٽ ڏاڍو ناهوڪو ۽ مشهور ڳوٺ هوندو هو. هن جو آڳاٽو خاندان هالار ۽ جوهي سرحدن تي رهندي، سنڌ ڏانهن ڪاهي ايندڙ اوپرندي حملن جو بچاءُ ڪندڙ هو، ۽ ڪيپٽن پيلي موجب سنڌ جي فتح کان ڪجهه مهينا اڳ، ميرن هن سردار جون ويهه هزار مير بيگهه ايراضيءَ جون جاگيرون منظور ڪيون هيون.

### زميني جائيداد ۽ درجابندي

گل محمد وٽ تعلقي باغبان ۾ ناري جي ڪناري سان مجموعي تيرهن هزار 498 بيگهه ايراضيءَ جون جاگيرون هيون، جنهن مان 4869 بيگهه ٽئين درجي ۾، ۽ بقايا جاگير (20 بيگهه وارو باغ سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪرڻ ڪانسواءِ)، فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي.

## گل محمد جو موت ۽ ٻيهر جاگير جي منظوري

گل محمد جي جنوري 1857ع تي لاڏاڻي ڪانپوءِ، هن جي چوٿين درجي جي جاگير کي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو، ۽ هن جي ٽئين درجي واريءَ جاگير سندس پٽ شهداد کي، چوٿون حصو تخفيف ڪندي، ٻيهر منظور ڪري ڏني وئي. هن جاگير جي سَند موجب شهداد وٽ 2673 ٻيگهه ايراضي هئي، جيڪا قاعدي موجب رڳو سندس حياتيءَ تائين ٻوڪي ڪاٽي هئي.

### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ هن مامري جي ڏس ۾ لکي ٿو ته: ”هي هاٺوڪو جاگيردار ننڍڙو ٻار، اڻ پڙهيل، ۽ ننڍپڻ کان ئي پنهنجي گهرو توڙي ڪاروباري مامرن کي مُنهن ڏيڻ ۾ نالائق رهيو آهي. هن جو سئوٽ ۽ جاگير ۾ ڀائيوار لال بخش (6) ساٿس گڏ منهنجي تنبوءَ ۾ آيا، ۽ سندس ترجماني ڪيائون.... جيڪڏهن ڪمشنر، ڪاڇي لغارين جي سردار کي هڪ ننڍڙي موروثي جاگير قبولڻ مناسب سمجهي.... ته اهو شانائتو عمل ٿيندو.“

مسٽر ايلس جي 1858ع ۾ لکيل خط نمبر 22 مان پتو پوي ٿو، ته ڪمشنر، هن جاگيردار کي هڪ هزار ٻيگهه واري دائمي جاگير جي سفارش ڪرڻ جي خواهش رکندڙ هو، ۽ نيٺ، اها ايراضي سرڪار کي پيش ڪيل دستاويز ۾ ڏيکاريل هئي، ۽ پوءِ سرڪار وٽان منظور ٿي ملي.

جاگيردار جي 4 مئي 1861ع تي جاري ٿيل سَند نمبر 81 هيٺ، سندس نالي 2673 ٻيگهه جاگير منظور ڪئي وئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن هڪ هزار ٻيگهه واري جاگير دائمي طور، ٻيشڪ ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ قبولي وئي.

# مري قبيلو

هن وڏي، شانائتي ۽ مغرور قبيلي کي، جاگيرن جي مقصد لاءِ ورڇڻ جي ڪا مهل نہ هئي. انهيءَ ڏس ۾ رڳو حاجيزئي آڪهہ جو پتو پيو آهي، جن جي سمورن پاتين جا نالا، سردارن جي فهرست ۾ شامل ٿيل آهن.

مري سگابنديءَ ڪرڻ سببان ٽالپر حڪمرانن سان گهٽو ويجهو ٿيا، ۽ اهو اتحاد لاڙ توڙي اُتر سنڌ تائين وڌيل هو، جنهنڪري فطري طور ملڪي رهواسين ۾ سنڌن اثر رسوخ ۽ اختيار وڌيو. اُهي رياستي فوجين ۾ سيني ڪان سُنا ۽ اڳياڙيءَ ۾ وڙهندڙ سپاهي هئا، ۽ هنن پاڻ کي 1833ع ۾ شاهہ شجاع سان ٿيل ڪتراڳ سميت ان ڪان اڳ مير غلام علي ۽ مير ٺاري وچ ۾ ٿيل تڪرار ۾، نمايان طور مڃرايو هو.

حاجيزئي آڪهہ جو ڏاڏو حاجي خان، رند جي پيڙهيءَ مان چوڏهون شخص هو، ۽ هن جون بہ گهرواريون هيون، جن مان هڪ جو ناتو باداڻين ۽ ٻيءَ جو لوهراڻين سان هو. هن جا پنهي زالن مان چار پُٽ هئا. نمبر 37 کان 41 تائين وارا سردار (سڀيئي شامل آهن)، سندس وڏي پُٽ مستي ۽ باداڻي زال مان ڄميل ٻئي پُٽ جعفر جي پيڙهيءَ منجهان آهن، ۽ 42 کان 44 نمبر سردار (سڀيئي شامل آهن)، ٻيءَ گهرواريءَ منجهان آهن ۽ چوٿون پُٽ لوهراڻي گهرواريءَ منجهان آهي. هن جي وڏي پُٽ جي پيڙهي مناسب طور ايڏي اهميت نہ ماڻي هئي، ۽ هن جو ٽيون پُٽ اولاد بنا گذاري ويو.

## 37. محبت خان حاجيزئي (مرحوم) جنهن جو وارث وڏيرو مير محمد خان ٿيو

سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

محبت خان، حاجيءَ جي باداڻي گهرواريءَ مان ڄميل وڏي پُٽ مستي خان جو پڙپوٽو هو. مستي خان جو ٽنڊو هينئر بہ، خيرپور هائوس جي پراڻي گاديءَ ويجهو، سُڪيو ستابو ڀُونڊڙو آهي. هي اُهو گهر هو، جنهن سان وڏيري ميرمحمد خان جي پيءُ محبت خان جو ڳانڍاپو هو. هو مير سهراب جو فوجي سردار ۽ ڀروسي وارو صلاحڪار

## حاجيزئي مرين جو خانداني شجرو



هن جي لوهراڻي گهرواريءَ مان (پيو)



هو. مير سهراب جي موت کانپوءِ، هو ڪجهه وقفي بعد مير سهراب جي پُٽ ۽ وارث مير رستم جون خدمتون انجام ڏيندو رهيو. مير رستم جي ٽين نمبر پُٽ علي مراد جي هن جي ڌيءَ سان شادي ٿيل هئي، ۽ ان سڱابنديءَ هن جي اهميت کي اڃان به وڌائي ڇڏيو هو.

محبت خان وٽ، مير رستم کان ورتل ڪابه سَند نه هئي، پر ميجر گولڊسمڊ ان حقيقت کي، سيني جاگيردار کان مٿانهون هجڻ ڪري مري سردار جي حيثيت ۽ اُتر سنڌ جي سرڪاري رڪارڊ جي تنظيمي جوڙجڪ جي ڪوٽ سان منسوب ڪيو هو. محبت علي خان جي ناني مير علي مردان کي، ڪجهه سَندون اڳتي وڌي آڻڻ کانپوءِ، نوشهرو ۽ ڪنڊيارو ۾ وڏيون جاگيرون ڏنيون ويون. پر جن پرڳڻن تي اهي علائقا مشتمل هئا، سي مير رستم جي پاڇ کانپوءِ مير علي مراد جي هٿ ۾ اچي ويا هئا. مياڻيءَ جي جنگ ۽ سنڌ تي برطانيا جي فتح کانپوءِ، نئين رئيس آڏو محبت خان ۽ ٻين سردارن پنهنجون وفاداريون پيش ڪيون. بهرحال، 1849ع ۾ نئين رئيس، نوشهرو ضلعي ۾ واقع ملهڻ ۽ پناهه يعقوب جون جاگيرون هن کي ڏنيون، ۽ پوءِ پتو پيو ته ملهڻ ۾ 2310 بيگهه ۽ پناهه يعقوب ۾ 583 بيگهه، يعني مجموعي 2893 بيگهه جي ايراضي هئي.

## خيرپور جو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ کانپوءِ زميني جائيداد

1852ع ۾ مير علي مراد جي ملڪ جو ڪجهه حصو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ کانپوءِ، محبت خان وٽ مٿيون به جاگيرون موجود هيون، ۽ اُهي جاگيرون ڪمشنر جي 21 سيپٽمبر 1852ع تي حڪم نمبر 2350 هيٺ، ڪيس سڄي حياتيءَ لاءِ ڏنيون ويون.

## محبت خان جو موت ۽ ٻيهر جاگير تي چوٿون حصو مڙهجڻ

بهرحال، پوءِ لڳاتار ٿيندڙ جاچن کانپوءِ ڪمشنر، مري سردار کي جن شرطن هيٺ اها جاگير ڏني هئي، تن ۾ قيرقار آڻڻ تي راضي ٿيو، ۽ محبت خان جي 27 جولاءِ 1856ع تي موت کانپوءِ، هن جي پٽ وڏيري مير محمد کي جاگير جي هڪ سال جي پيداوار ڪٽڻ جي اجازت ڏني، ۽ 28 آڪٽوبر 1857ع تي ساڳئي التوا ۾ پيل نبيري جي تي پاڱي چئن حصن کي بحال ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا.

## جاگيرن جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ (9) سفارش ڪئي، ته تي سگهي ته هاڻوڪي جاگيردار جي نالي، وٽس موجود جاگير حياتيءَ تائين سندس تحويل ۾ رکڻ جي اجازت ڏني وڃي، ۽ اهو ته هن جي موت کانپوءِ، پناهه يعقوب جاگير مان هڪ هزار بيگهه ايراضي موروثي جاگير

جيان سندس خاندان ۾ رهڻ گهرجي. مير محمد جي سَند نمبر 57 هيٺ، پناهه يعقوب جي 2310 بيگهه ۽ مڪان ملهڻ جي 583 بيگهه ايراضي يعني ڪُل 2893 بيگهه ايراضي، پيدائش جي چوٿين حصي کي گهٽائيندي، جاگير جو سلسلو جاري رکيو ويو. ۽ سندس وارثن لاءِ دائمي طور هڪ هزار بيگهه قبوليا ويا.

## 38. علي خان حاجيزئي

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

علي خان، مستي خان جو تڙپوتو هو. هن جو پيءُ ڪامل خان، ميرن جي دؤر ۾ اهم حيثيت جو مالڪ هوندو هو، جيڪو ڏُبي جي جنگ ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو.

ڪامل خان وٽ تندو باگو ۾ ڇهه هزار اٺيتاليهه بيگهه ۽ هالا ۾ هڪ هزار ست بيگهه ايراضي جون ٻه جاگيرون هونديون هيون. سر چارلس نيپيئر، هُن جي پُٽ جي نالي انهن ٻنهي جاگيرن جو، پيدائش جي چوٿين حصي ڏيڻ جي شرط سان، سلسلو جاري رکيو.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي پنهنجي تندو باگو رول ۾ ۽ پوءِ وارن جاگيردارن جا نالا هيٺين ريت ڄاڻايا آهن: ”اُهي جاگيردار پنهنجي قبيلي جا سردار آهن، تنهنڪري هنن کي ايئن دائمي جاگيردارن جي رول ۾ شامل ڪيو ويندو. هيستائين هنن جي سَندن کي سامهون نه آندو ويو آهي.“ ميجر گولڊسمڊ، اسپيشل ڪمشنر جي 24 آگسٽ جي خط نمبر 19 هيٺ، ڪمشنر طرفان 25 آگسٽ 1858ع تي قبوليت نمبر 2124 ۾ ڄاڻايل هدايتن هيٺ، جاگيرن جي هيٺين ريت درجابندي ڪئي:

ڪُل ستهه هزار 55 بيگهه ايراضي هئي، جن مان تندو باگو جاگير تي هزار اٺاويهه بيگهه سيڪنڊ ڪلاس ۾، 2837 بيگهه ٿرڊ ڪلاس ۾، هڪ سؤ ٽيهتر بيگهه فورٿ ڪلاس، هالا جاگير 275 بيگهه سيڪنڊ ڪلاس ۾، 732 بيگهه ٿرڊ ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

جاگيردار پنهنجي جاگير تي نه، پر ٽنڊي آدم ۾ رهي ٿو. ميجر گولڊسمڊ ان حقيقت ۽ هن جي رُتبي کي ڌيان ۾ رکندي، ڏيڍ هزار بيگهه ايراضي موروثي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي، ۽ پوءِ اها سفارش منظور ڪئي وئي.

نيٺ، اها ايراضي جاگيردار جي سَند نمبر 58 هيٺ، هن جي وارثن ڏانهن ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ قبولي وئي، جڏهن ته سر چارلس نيپيئر جي دؤر ۾ ملنڊڙ پيهر جاگير وقت هن جي موجود حيثيت جي توثيق ڪئي هئي.

### جاگيردار جو موت

علي خان 21 نومبر 1870ع تي، ڪنهن اولاد بنا گذاري ويو.

## 39. دائو خان حاجيزئي

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

هي جاگيردار، علي خان جي سئوٽ خير محمد جو پُٽ هو ۽ پنهنجي چاچي ڪامل سان گڏ ڏبي جي جنگ ۾ مارجي ويو هو.

مير فتح علي جي سَندن واري ڪتاب مان پتو پوي ٿو، ته 4 مارچ 1794ع تي دائو خان مري ۽ تنڊوباگو ۾ سندس رهنڊڙ ٻن ڀائرن جي نالي جاگير منظور ڪئي وئي هئي. اهو دائو خان، خير محمد جو پڙڏاڏو هو. خير محمد ۽ هن جي پُٽ وٽ تنڊو باگو ۾ ڇهه هزار ائيتاليهه بيگهه، هالا ۾ به هزار تيرهن بيگهه ۽ تنڊو آدم ۾ 605 بيگهه ايراضيءَ جون جاگيرون هيون، جن جي ڪُل ايراضي 8666 بيگهه هئي. سر چارلس نيپيئر انهن جاگيرن جو سلسلو، خير محمد جي پُٽ دائو خان جي نالي، چوٿين پتي ڏيڻ جي شرط سان، جاري رکيو.

### درجابندي ۽ تجويز

ميجر گولڊسمڊ، ڪمشنر جي حڪم هيٺ، جاگيرن جي درجابندي ڪئي، ۽ ڪيس پتو پيو، ته تنڊو باگو جاگير ۾ ٽي هزار اٺاويهه بيگهه ۽ هالا جاگير ۾ ساڍا پنج سو بيگهه موجود هئي، جن کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو.

بهرحال، ميجر گولڊسمڊ، علي خان جيان، ڏيڍ هزار بيگهه ايراضيءَ واريءَ جاگير منظور ڪرڻ جي سفارش ڪئي، ۽ اها منظور ڪئي وئي. آخرڪار، دائو خان جي سَند نمبر 59 هيٺ، سندس تحويل ۾ وٽس موجود جاگير ڪيس ڏني وئي، ۽ سَند ۾ هن جي وارثن جا، ڪنهن به مُختياريءَ ڪانسواءِ، نالا چاڙهايا ويا. سَند ۾ وڏيڪ لکيل آهي ته: ”تنهنجي اصل جاگيرن جو سلسلو، تنهنجي وارثن ڏانهن جاري رکڻ لاءِ ڪو به ڏار انتظام ڪيل نه آهي، ڇوته اهي قاعدي موجب فورٿ ڪلاس ۾ هئڻ سببان، پيهر منظور جوڳيون نه آهن.

## 40. رشيد خان حاجيزئي

### سماجي حيثيت ۽ زميني ملڪيت

هن جاگيردار جو پيءُ گهنور خان مياڻيءَ جي ويڙهه ۾ مارجي ويو هو. گهنور خان، حاجيءَ جي باداڻي گهرواريءَ مان ٻئي نمبر پٽ جعفر خان جو ڏڙپوٽو هو. ڪيپٽن پيلي، رشيد ۽ پوءِ ٿيندڙ جاگيردار کي ”سندن نيات جو سردار“ جو درجو ڏنو.

گهنور وٽ گوني ۾ 897 بيگهه، بدين ۾ 152 بيگهه، ۽ سيوهڻ ۾ چوڏهن هزار 818 بيگهه ايراضيءَ تي مشتمل تي جاگيرون هيون. سر چارلس نيپيئر هن جي پٽ رشيد جي جاگيرن جو سلسلو، چوٿين پتي ڏيڻ جي شرط سان، جاري رکيو.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي، رشيد جي سيوهڻ واري جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾ ۽ بقايا جاگيرون فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪيون.

رشيد پنهنجي جاگيرن تي نه، پر گوڙچاڻي ۾ رهندو هو. پر هن جي سيڪنڊ ڪلاس واري هڪڙي جاگير مانجهند ۾ هئي، ۽ ان جاگير جي چوٿين حصي ڪان وڌيڪ پوکيءَ هيٺ نه ايندي هئي. ميجر گولڊسمڊ انهن حالتن کي سامهون رکندي اڍائي هزار بيگهه جاگير جي دائمي منظوريءَ جي تجويز ڏني، پر مسٽر ايلس جي ڦيرڦار سببان ان جاگير جي ايراضي تي هزار بيگهه تائين وڌي وئي، ۽ وڌايل ايراضي ڪيس منظور ڪري ڏني وئي.

آخرڪار، جاگيردار جي سَنَد نمبر 60 هيٺ، اُها جاگير سندن وارثن ڏانهن، ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ قبولي وئي، جڏهن ته هن جي نالي پندرهن هزار 867 بيگهه ايراضي، مروج ذميواريءَ جي شرطن سان، منظور ڪئي وئي.

## 41. احمد خان حاجيزئي

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

احمد خان، گهنور خان جو ڀاءُ هو، ۽ هن کي ڪيپٽن پيلي سردار جي حيثيت سان درج ڪيو. جڏهن ته هن وٽ سيوهڻ ۾ چوڏهن هزار 818 بيگهه، گوني ۾ 897 بيگهه ۽ بدين ۾ 973 بيگهه ايراضيءَ تي آڌاريل تي جاگيرون هيون.

درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

انهن جاگيرن مان پهرين جاگير سيڪنڊ ڪلاس، ٻي جاگير ٿرڊ ڪلاس ۾ ۽ چوٿين جاگير مان 648 بيگهه ايراضي ٿرڊ ڪلاس ۾، ۽ بقايا فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

ميجر گولڊسمڊ هن جاگيردار لاءِ، رشيد خان جيان، اڍائي هزار بيگهه يعني ساڳي ايراضي دائمي منظور ڪرڻ جي تجويز ڏني؛ پر مسٽر ايلس جو خيال هو، ته رشيد خان وڏي ڀاءُ جو پٽ هو، تنهنڪري احمد خان ساڳئي ايراضي وٺڻ جو حقدار نه هو. هن، جاگيردار کي ٻه هزار بيگهه ايراضي واري جاگير دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

اها ايراضي منظور ڪئي وئي، پر احمد خان سَند جاري ٿيڻ کان اڳ، 16 فيبروري 1861ع تي گذاري ويو، ۽ جيئن ته هو ڪنهن به پُٽاٽي وارث بنا گذاري ويو هو، تنهنڪري هن جي جاگيرن کي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو. (ڏسو سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر جي 25 مارچ 1861ع تي جاري ٿيل خط نمبر 181 ۽ 7 مئي 1861ع تي جاري ٿيل خط نمبر 329)

## 42. ننڊو خان مري ۽ سندس ٻه پٽ علي بخش ۽ نبي بخش

سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

ننڊو خان، حاجي جي لوهراڻي گهرواريءَ منجهان سندس پڙپوٽو هو. هن بابت ليفٽيننٽ ليچ جي ”سنڌي فوج“ بابت جوڙيل رپورٽ ۾ چيل آهي، ته هو مير نورمحمد جي ماتحت، پنهنجي مري قبيلي جي ٻارهن سؤ فوجين جي سرواڻي ڪندڙ هو، ۽ حيدرآباد ۽ ٽنڊوالهيار لڳ وٽس جاگيرون هيون. 1858ع ۾ هن جي اٽڪل سؤ ورهيه ڄمار هئي، ۽ هن جا ٻئي پُٽ ٻه ”اچين ڏاڙهين وارا ۽ وڏيءَ ڄمار کي پهتل هئا، ۽ ٻئي بلوچ سردارن جا ٺاهوڪا نمونا هئا.“ اُهي ٽنڊي آدم ويجهو بلاول ڪوٽ ۾، پنهنجي جاگير کان ڪجهه مفاصلي تي رهن ٿا.

ننڊو ۽ سندس پُٽن وٽ ٽنڊوباگو ۾ ڇهه هزار ڇهه بيگهه ايراضي تي مشتمل جاگير آهي، جنهن ۾ هن جا پُٽ ٻه هڪجيترا ڀائيوار آهن.

درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي هن جاگير جي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درجابندي ڪئي. ڪيپٽن اسٽئڪ جيڪا پهرين سَند درج ڪئي هئي، سا مير غلام علي طرفان ننڊو جي پيءُ بلاول نالي

جاري ٿيل هئي، پر ميجر گولڊسمڊ جڏهن جاچ ڪئي، ته اها سَند مير فتح علي جي دؤر ۾ جاري ٿيل نڪتي. هن عملدار، علي بخش جي وارثن ڏانهن ڏيڍ هزار بيگهه ايراضي ۽ نبي بخش جي وارثن ڏانهن هڪ هزار بيگهه ايراضي دائمي طور منظور ڪرڻ جي تجويز ڏني. پر مسٽر ايلس وڏي پُٽ لاءِ ٻارهن سؤ بيگهه ۽ ننڍي لاءِ اٺ سؤ بيگهه ايراضي واري جاگير ڏيڻ جي تجويز ڏني.

اها تجويز منظور ڪئي وئي. ٻندو، علي بخش ۽ نبي بخش نالي سَند نمبر 61 جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ ڄاڻايل هو، ته سر چارلس نيپيئر ديهه ڦٽو ۾ ڇهه هزار ڇهه بيگهه ايراضيءَ تي مشتمل جاگير جو سلسلو، برابر ٻاڱن سان تنهي ڄڻن جي نالي جاري رکيو هو، ۽ اُهي جاگيردار (جاگير ۾ ڀائيوار) جن حصن ۽ خاص حقن جا حقدار هئا، سي تن کي مناسب حصن طور ڏنا ويا ۽ مامري کي نبيرڻ ضروري سمجهيو ويو هو. پوءِ اهو اعلان ڪيو ويو ته، ”حڪومت، جاگير ۾ انفرادي طور ڀائيوار واري خيال کي سامهون رکندي، هنن جي حيثيت سان، سندن فطري حياتيءَ جي شرطن هيٺ، هتچراند نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو، ۽ هنن جي وارثن لاءِ 2002 بيگهه ايراضي، دائمي طور قبولي ويندي. ”ڳالهه هي چئجي، ته ٻندو جو جمعبنديءَ بنا ٻاڱو، جيئن مٿي ڄاڻايل آهي (يعني پنج سيڪڙو سيس ڪانسواءِ) هن جي وڏي پُٽ علي بخش کي پيهر منظور ڪري ڏيڻ جوڳو هوندو، جنهن جو ٻاڱو اهڙيءَ ريت وجي چار هزار چار بيگهه بيهندو. جڏهن ته علي بخش جي اڱوات موت ڪانپوءِ، هن جو ننڍو ڀاءُ نبي بخش، وراثت جي ساڳئي طريقي سان، ساڳي ايراضيءَ جو مالڪ ٿيندو. ۽ پڌرو ڪيو وجي ٿو، ته علي بخش جي مرڻ وقت، جيڪا به زميني ايراضي سندن تحويل ۾ هوندي، تنهن منجهان ٻارهن سؤ بيگهه ايراضي مٿين اختياريءَ وٽان موروثي منظور ڪري ڏني ويندي. ۽ نبي بخش جي مرڻ مهل، سندس قبضي ۾ جيڪا به زميني ايراضي هوندي، سا ڄاڻايل جاگير اٺ سؤ بيگهه تي مشتمل هوندي.“ بي شڪ ڀهرين پيڙهيءَ جي وارث کي عام مُختياريءَ سان جاگير جي منظوري ڏني وئي.

## سردارن جو موت

ٻندو 29 ڊسمبر 1861ع تي، علي بخش 11 جون 1870ع تي، ۽ نبي بخش 18 آگسٽ 1883ع تي گذاري ويو.

## 43. غلام حيدر

### سماجي حيثيت

غلام حيدر، بلاول جي ٽن پُٽن مان ننڍو پُٽ هو، جن مان وڏو ۽ پيو پُٽ شاهه بيگ ۽ ٽيون پُٽ ننڍو خان هو. ڪيپٽن رٿبورن هن کي مري قبيلي جي پاڙي شاديائي جو سردار سڏي ٿو، پر ميجر گولڊسمڊ طرفان ماڻهن جي واتان ٻڌل شاهديءَ مان پتو پوي ٿو، ته شاهه بيگ جي موت ڪانپوءِ، غلام حيدر نه، پر آکهه جو سردار ننڍو خان ٿيو هو. هن ڳالهه جي مير ڪرم علي ۽ مراد عليءَ جي 7 اپريل 1822ع تي جاري ٿيل اصلي حُڪمي پرواني مان تائيد ٿئي ٿي، جنهن ۾ تڏهن فوت ٿيل بلاول کي ڏنل جاگير "وجاهت" (سارسنيال) هن جي پُٽن ۾، هنن جي عرض سان راضپي هيٺ، منجهن ورهائي وئي هئي. هن ۾ ڄاڻايل آهي:

(1) جيئن ته شاهه بيگ کي اهو ئي حصو رکڻو هو، جيڪو پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ دوُران وٽس موجود هو؛

(2) جيئن ته بلاول، ننڍو ۽ غلام حيدر کي پنهنجي عادت موجب جيڪو ڪجهه به ڏيندو هو، تنهن کي جاري رکڻ گهرجي؛ ۽

(3) جيئن ته بلاول جاگيرَ منجهان ڪجهه به ڪڻندو هو، تنهن کي سترهن پاڱن ۾ ورهائجڻ گهرجي، جنهن مان ٻارهن پاڱا شاهه بيگ ۽ سندس پُٽن لاءِ، ۽ پنج پاڱا ننڍو لاءِ هئڻ گهرجن. شاهه بيگ جا ٽي پُٽ، ننڍو جا ٻه پُٽ، ۽ غلام حيدر جو هڪ پُٽ هو.

### زميني جائيداد

غلام حيدر جو نالو مير فتح علي طرفان جاري ڪيل سَندن منجهان هڪ سَند ۾ ڄاڻايل هو، پر اهو نالو مير ڪرم علي طرفان غلام حيدر کي شهدادپور ۾ 4392 بيگهه، ٽنڊوالهيار ۾ 1211 بيگهه ۽ ميرپورخاص ۾ 3158 بيگهه ايراضين تي مشتمل ٽن جاگيرن جي جاري ٿيل سَندن ۾ شامل نه هو. بهرحال، اهي جاگيرون خاص ڪري هن جي پيءُ بلاول کي ڏنل جاگيرن مان نڪتل هيون، تنهنڪري اُهي تعلقي رول ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ ۽ ٽنڊوالهيار ۾ موجود اٽڪل ٽي سؤ ٽي بيگهه ايراضي ٿرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيون ويون.

### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ جو خيال هو ته، جيتوڻيڪ هن جاگيردار جون جاگيرون ننڍو خان جي جاگيرن کان وڌيڪ ايراضيءَ تي ڦهليل هيون، تنهن هوندي به هن جي سماجي حيثيت لاءِ ”موروثي رعايت جي خاص سفارش کان روڪڻ،“ جهڙي ڪا به ڳالهه نه هئي. بهرحال، مسٽر ايلس ٽورڙي ڦيرڦار سان هن کي هڪ هزار بيگهه ايراضيءَ جي دائمي جاگير جي منظوري ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

آخرڪار، هن جي سَند نمبر 62 ۾ اها ايراضي هن جي وارثن لاءِ، عام مُختياريءَ سان قبولي وئي، جڏهن ته هن کي 8761 بيگهه ايراضيءَ تي آڏاريل جاگير ڏني وئي.

### جاگيردار جو موت

غلام حيدر 7 ڊسمبر 1862ع تي گذاري ويو.

## 44. غلام مرتضيٰ حاجيزئي

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

هي جاگيردار، حاجيءَ جي لوهراڻي گهرواريءَ مان چاول نندي پُٽ جي پيڙهيءَ منجهان هو. هن جو پيءُ مصري خان، مير ڪرم علي ۽ مراد علي جي وقت ۾ روپا جو ڪاردار هوندو هو، ۽ سندس ماءُ مراد عليءَ جي سئوٽن منجهان ڪنهن جي ڌيئڻ هئي. ميجر گولڊسمڊ موجب: ”هي جاگيردار معزز ۽ عزت جوڳو شخص هو.“

غلام مرتضيٰ وٽ دادو ۾ 4849 بيگهه ايراضي واري جاگير هئي.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي اها جاگير ٿرڊ ڪلاس ۾ درج ڪئي، پر ميجر گولڊسمڊ هن بابت لکندي چيو:

”ڪيپٽن پيلي جي جهول رول واري ڪيس نمبر 11 بابت جوڙيل سمري ۽ سفارش مان پانئيو ويندو، ته هن لاءِ سيڪنڊ ڪلاس ايراضيءَ جي رعايت قبولي سگهجي ها، ۽ ان ڳالهه جي پڪ ڪري سگهجي ها، ته دستاويزي ثبوت اهڙي درجابندي کي ميجنڊڙ هئا.

”جيڪڏهن هي مامرو اصل ۾ مون وٽ نبيري لاءِ اچي ها، ته آءٌ مير ڪرم علي طرفان، مير غلام علي جي حياتيءَ ۾ درج ٿيل سَند کي هڪدم قبولي وٺان ها، جنهن جو تمام آڳاٽو جاگير هئڻ بابت پتو، نائب فرسٽ اسسٽنٽ ڪمشنر طرفان جوڙيل جي

پيٽ ۾، بلڪل هاٿي پيو آهي. پر ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ جنهن ڪتاب مان دستاويزي متن مليو آهي، تنهن کي پهرين جاچ مهل پيش ڪرڻ گھُربو هو: تنهنڪري آءُ پنهنجي سوچ مطابق ان نبيري کي ڦيرائڻ نٿو چاهيان...."

بهرحال، درجابندي ۾ تبديليءَ آڻڻ جي اجازت وٺڻ کانپوءِ، جاگيردار جي تحويل ۾ موجود ايراضيءَ کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو، ۽ اٺ سؤ بيگهہ ايراضي دائمي طور منظور ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي، جنهن جي ايراضيءَ کي مسٽر ايلس جي سرڪار کي ڏنل دستاويز ۾ وڌائي هڪ هزار بيگهہ ڪيو ويو.

غلام مرتضيٰ جي سَند نمبر 63 ۾ هن لاءِ 4849 بيگهہ ايراضيءَ واريءَ جاگير منظور ڪئي وئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن هڪ هزار بيگهہ دائمي طور، عام مُختياري سان قبولي وئي.

## جاگيردار جو موت

غلام مرتضيٰ 26 مارچ 1867ع تي گذاري ويو.

# جمالي

جمالي، رند جي پوٽي جمال جي پيڙهيءَ منجهان آهن، تنهن هوندي بہ ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي، تہ اُهي رند جي ڀاءُ هوت جي پيڙهيءَ منجهان آهن. هن قبيلي جي ڇئن پاڙن منجهان چونڊيل سردارن ۾ مريداڻي، جلباڻي، بخشاڻي ۽ سڪواڻي شامل هئا. مريداڻين بابت چيو ويجي ٿو، تہ اُهي پاڻ کي مريد جي نالي پويان سڏائين ٿا، جيڪو جمال جي پُٽ اسماعيل جي پنجين پيڙهيءَ ۾ آهي. جڏهن تہ باقي ٽي پاڻ کي جلال، بخشو ۽ سڪواڻ جو اولاد سڏائين ٿا، سي پڻ جمال جي پيڙهيءَ منجهان آهن. بهرحال هنن جو شجرو، مريد جيان نہ آهي، جيڪو جمال کان اڻ- ٽُٽل سنگهر ۾ انيڪ پيڙهيون غائب هوندي بہ ليجڻ ۽ ڳولهڻ جوڳو آهي.

خانداني شجري مان اڳتي هلي پتو پوندو، تہ منجهس پاڙن ۽ نُکن سان گڏوگڏ نندين جاگيرن جا تحويلدار گهٽ اهميت وارا ڪجهہ شخص بہ شامل آهن.

## 45. بخشو خان مريداڻي

### سماجي حيثيت، زميني جائيداد ۽ درجابندي

هي جاگيردار مريد جي پنجين پيڙهينءَ منجهان هو، ۽ ميجر گولڊسمڊ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ محسوس نٿو ڪري، تہ هن جو خاندان اهو ساڳيو پراڻو جمالي ديرادر هو، جنهن جو حوالو مير فتح عليءَ جي سَندن واري ڪتاب ۾ بہ ڏنل آهي، ۽ ”هي پاڻ سموري قبيلي جو سردار هو.“

هن جي جوهيءَ ۾ جاگير هئي، جنهن جي ايراضي ڇهہ هزار ويهہ بيگهہ هئي. اُها جاگير ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

#### تجويز ۽ نبيرو

چڱا دستاويزي ثبوت موجود هئا، تہ بخشوءَ وٽ مير مراد علي جي وقت ۾ ڏيهہ ڦُلجي جو چوٿون حصو هو، ۽ هن کي مير نورمحمد رهائش جي جاءِ طور، ساڳئي ديهہ ۾ پنج سؤ بيگهہ ايراضيءَ جي سَند منظور ڪري ڏني هئي. ميجر گولڊسمڊ سفارش

## جمالاڻي قبيلن جو خانداني شجرو

- جمال
  - رندَ خان
    - زرڪ
      - جمال
        - اسماعيل
          - هارون
            - گذارو
        - جمال
        - اوسو
          - هجاب
            - شُڪل

### سُماڻي

- ڇُٽو
  - نوٻت
    - جان محمد
      - نوٻت
        - گل محمد
        - روهيل
      - چوهڙ
        - ڇُٽو
          - الهه بخش

### سُڪواڻي

- سُڪواڻ
  - لهڻو
    - عالم خان
      - اُميد علي
        - غلام علي (46)

### جلباڻي

- جالب
  - فتح خان
    - مهرو
      - غلام علي
        - مريد
          - علي محمد
          - علي محمد
  - گاهي
    - بِلندَ خان
      - ڏنو خان (46)
        - علي محمد
        - علي بخش

### چارو

- رَتو
  - بالا
    - سونو
      - رُستم
        - رَتو
        - سونو

## هيبتاڻي

- هيبت
  - يارو خان
    - اميد علي
      - غازي خان
        - اُميد علي
  - خيرو
  - غلام حسين
    - ناصر خان
  - غلام حسين
    - راوت
      - بهاول
    - حيات
      - سعيد خان

## بخشاڻي، جن کي هيبتاڻي بہ چيو وڃي ٿو

- بخشو
  - دلشاد
    - ابراهيم
      - سائينداد (47)
        - جان محمد
      - اسماعيل
        - ابراهيم
          - اسماعيل
    - حيات

## جمال

- جمال
  - رزاق
    - مُريد
      - شادمان
        - ڏتو
          - بخشو
            - حيات
              - بخشو
                - سردار
                - حيات
              - بهاول
                - امام بخش
                  - بهاول
                - مُريد

## جَکو

- جَکو
  - شهداد
    - ميانداد
      - چُتل، جنهن کي شهداد بہ چيو وڃي ٿو
  - رحيم خان
    - عزت
      - رحيم خان
      - احمد خان

## جاڙو

- جاڙو
  - رَتو
    - بلا
      - سونو
        - رستم
          - رَتو
          - سونو

ڪئي هئي، تہ دائمي جاگير اٽڪل پنج سؤ بيگھہ ٿيڻ گھرجي، پر مسٽر ايلس، ڪمشنر ڪي 1858ع ۾ پنھنجي خط نمبر 22 هيٺ موڪليل دستاويزي بيان ۾ ان ايراضيءَ کي ٻارهن سؤ بيگھہ تائين وڌايو هو. ڪمشنر جي 1858ع واري قبوليت نمبر 2124 هيٺ، محترم ايلس سان دستاويزن ۾ لکپڙھ جي ڏي وٺ سبب ان ايراضيءَ کي وڌائي پنج هزار بيگھہ ڪيو ويو، ۽ ميجر گولڊسمڊ کي ڪيپٽن پيلي جي درجابندي ۾ حقيقتن جي غلطين کي سُڌارڻ جو اختيار ڏنو ويو.

آخرڪار، جاگيردار جي هي سَند 24 مئي 1861ع تي جاري ڪئي وئي، جنھن ۾ اها ايراضي هن جي وارثن ڏانهن، عام مختياريءَ سان قبولي وئي، جڏهن تہ اها ايراضي هن جي نالي توثيق ڪئي وئي.

### جاگيردار جو موت

بخشو 7 مارچ 1873ع تي گذاري ويو.

## 46. ڏتو خان جلباڻي

### سماجي حيثيت ۽ زميني جائيداد

ڏتو، جلال جو پڙپوٽو هو. هن جو ڪٽنب ڪنهن دؤر ۾ روپا جو ديرادر هوندو هو. ميجر گولڊسمڊ، هن بابت چوي ٿو: "ڏتو غير اعتراض جوڳو اٽڪل سٺ ورهيہ ڄمار جو، تربيت يا تعليمي چاڻ ڪان وانجهيل سادو زميندار آهي، پر ساڳئي وقت اهميت جي غيررواجي مفروضي ڪان بہ آجو آهي."

هن وٽ ٽنڊوباگو ۾ 9805 بيگھہ، دوآبي ۾ 878 بيگھہ ۽ ديرو محبت ۾ 652 بيگھہ ايراضي يعني ڪُل ٻارهن هزار 335 بيگھہ ايراضيءَ تي بَدل تي جاگيرون هيون.

### درجابندي ۽ تجويز

ڪيپٽن پيلي اهڙو ڪو مواد نہ ڇڏيو، جنهن وسيلي هن جاگيردار وٽ تحويل ۾ موجود انهن جاگيرن جي درجابندي تي پهچي سگهجي، جيڪي ان دستاويز بيان کي پاسيرو رکندي، تہ ڏتو ۽ فتح خان سردار هئا، ڪليڪٽوريٽ رول ۾ درج ٿيل هيون. پر ڪيپٽن اسٽئڪ هنن سَندن جو تفصيلي رڪارڊ رکيو هو، ۽ ميجر گولڊسمڊ پاڻ انهن سَندن جو حوالي ڏيندي، ٽنڊوباگو جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾ رکي ۽ باقي جاگيرون ٽرڊ ڪلاس ۾ رکيون. هي درجابندي ڪليڪٽوريٽ رول ۾ درج ٿيل رڪارڊ ڪان موادي

طور مختلف نہ هيون. هن جاگيردار وٽ سيڪنڊ ڪلاس جون وڏين ايراضين وارين جاگيرن ۽ اُن حقيقت کي ڏيان ۾ رکندي، تہ اهو جاگيردار پنهنجي جاگير تي رهندو هو، تنهنڪري ميجر گولڊسمڊ هن لاءِ ٽي هزار بيگهہ ايراضيءَ جي جاگير منظور ڪري ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

## جاگير جو نبيرو

نيٺ، سَند نمبر 64 ۾ هن جي وارثن لاءِ، اها جاگير عام مختياريءَ سان قبولي وئي، جڏهن تہ هن جي نالي اها جاگير توثيق ڪئي وئي.

# 47. سائينداد بخشاڻي

## سماجي حيثيت

سائينداد، بخشوءَ جو پڙپوٽو هو. ڪيپٽن رٿبورن سڄي جماعت کي، جنهن جو هي سردار هو، ”ننڍڙا جاگيردارَ“ جو خطاب ڏنو هو ۽ جيتوڻيڪ ڪيپٽن پيلي ان ڳالهہ کي سامهون رکندي سائينداد کي، سردارن جي طبقي ۾ نہ، پر جاگيردار طور ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو هو، پر هو پنهنجي سوچ ۾ مطمئن نہ هو، تہ سائينداد سماجي حيثيت موجب سردار جي رتبي جو اهل ۽ حقدار نہ هو.

## زميني جائيداد ، درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

سائينداد وٽ شاهہ بندر ۾ 1018 بيگهہ ايراضيءَ واري جاگير هئي، جيڪا اصل ۾ سيڪنڊ ڪلاس جي هئي- تنهن هوندي بہ ڪيپٽن پيلي مٿي ڄاڻايل بنيادَ هيٺ اُن جاگير جو درجو گهٽائي، ميجر گولڊسمڊ ڪيس ٽرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو. ڪمشنر جي حڪم هيٺ درجابنديءَ ۾ قيرقار ڪندي، مسٽر ايلس جي مشوري سان سفارش ڪئي، تہ جاگيردار کي شايد چار سؤ بيگهہ جاگير دائمي طور منظور ڪري ڏني وڃي.

اها سفارش منظور ڪئي وئي، ۽ 24 مئي 1861ع تي سَند نمبر 92، عام طور ان ايراضيءَ پٽاندر، سندن وارثن ڏانهن عام مختياريءَ سان جاري ڪئي وئي، ۽ سندس تحويل ۾ آيل جاگير جي توثيق ڪئي وئي.

## جاگيردار جو موت

هي جاگيردار 13 ڊسمبر 1867ع تي گذاري ويو.

## 48. غلام علي سُڪواڻي

### سماجي حيثيت

ليفٽيننٽ ليچ پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻائي ٿو ته: "غلام علي جي هٿ وس ٻه هزار جمالي فوجي آهن، جيڪي مير صوبدار جي ماتحت آهن، ۽ وٽن هالا جي اتر ۾ ليمو جي ڪمب ۾ جاگيرون آهن." هي هن پاڙي جي باني ڏاڏي سڪواڻ جي پنجين پيڙهيءَ منجهان هو. ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته: "آءٌ ذاتي طور غلام علي کي سُڃاڻان. جيتوڻيڪ هي ايڏو مالدار ۽ خوشحال نه آهي، پوءِ به هو پنهنجي هلت، چال چلت ۽ سُٺي ورتاءَ جو مالڪ آهي. هي هينئر پنهنجي پراڻي ڳوٺڙي 'ليمو جي ڪمب' ۾ رهي ٿو، جتي هو اڳي ميرن جي دؤر ۾ به رهندو هو."

### زميني جائيداد ۽ درجابندي

هن وٽ هالا ۾ 3490 بيگھه ۽ جوهيءَ ۾ 3848 بيگھه جون جاگيرون آهن. ڪيپٽن پيلي اُهي ٻئي جاگيرون ٽرڊ ڪلاس ۾، فورٿ ڪلاس ۾ درج ڪيل جوهي جي اوڻهٺ بيگھه ڪانسواءِ، درج ڪيون.

### جاگيرَ جي تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ پنهنجي پاڻ کي، هن جاگيردار جي نالي موروثي جاگير ڏيڻ جي سفارش ڪرڻ لاءِ، ايڏو آزاد محسوس نه ڪيو، جو هن جي ڪابه جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيل نه هئي، ۽ پتو پيو، ته مير ڪرم علي اُهي جاگيرون روڪ رقم جي ادائيگي جي بدلي ۾ ڪيس ڏنيون هيون. بهرحال، اُن آخري ڳالھ تي هاڃيڪار اعتراض نه ٿئي ها، جيڪڏهن وڏيڪ مناسب درجابندي ٿيل هجي ها. بهرحال مسٽر ايلس، ڪمشنر سان لکپڙھ وسيلي، هن کي اٺ سؤ بيگھه ڏيڻ جي سفارش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ ان جاگير جي سَند منظور ڪئي وئي.

آخرڪار، هن جي انهيءَ سَند 65 هيٺ، ان ايراضيءَ ۾ سندس وارثن جا عام مختياريءَ سان نالا ڄاڻايا ويا، جڏهن ته اها هن کي توثيق ڪري ڏني وئي.

### جاگيردار جو موت

هي 16 نومبر 1870ع تي گذاري ويو.

# پرڳڙي بلوچ

هن قبيلي بابت ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو ته:

”پرڳڙين بابت بيشڪ چئي سگهجي ٿو، ته اُهي ٽالپر آهن، پر هنن کي ڌار حيثيت سان ڏسڻ جو رواج ٿي پيو آهي. پرڳڙي قبيلي کي ڏنل مختلف نالن جي هِجي ۽ لهجن ۾ ڪافي ڦيرڦار آهي، جن جي پاڙ ۾ ڪا به هڪجهڙائيءَ نه آهي.

”ميهڙ جا اسلاماڻي ۽ ننڍو شهر جا مورائي، شايد پرڳڙين جي پاڙن جا نهايت منفرد نالا آهن. اسلاماڻين منجهان جاگير ۾ ويهن کان ڪجھ وڌيڪ، ۽ مورائين مان ٽيهه پائيوار آهن. هنن جي اندروني علائقائي تڪرارن، سرڪاري انتظامن کان آزاداڻي طور، کي دائمي طور نبيرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر اهي ڪوششون بيسود رهيون. هنن جي جاگيرن جي ايراضي، دائمي تڪرار ۽ ڪٽراڳ جو سبب آهي، ۽ معلوم ٿئي ٿو، ته منجهن مناسب اختياريءَ وارو اهڙو ڪو به شخص نه آهي، جيڪو پائيچاريءَ جي فرمانبرداريءَ بابت حُڪم هلائي. منجهانئن جيڪڏهن ڪنهن کي رڳو ذميوار وڏيرو يا مُکي ڪيو وڃي ها، تڏهن به ڪنهن کي سردار مڃڻ جي اجائي نوازش ٿئي ها. تنهن هوندي به انهن دعويدارن، انهن تڪرارن ۽ مامرن ۾ پنهنجائپ ۽ سُني مزاج جو اظهار ڪيو آهي، جنهنڪري عارضي بندوبست سامهون اچي ٿو، جيڪو ايڏو ڏکيو مامرو نه آهي.

”هاڻي نروار ٿيل هن خاص طبقي منجهان، عام طور ماڻهن جي سُني ميڙ، جنهن ۾ سهڻا ناهوڪا پوڙها هجڻ سميت رعبدار وچين وهيءَ جا ڪُرمي، ۽ ڏاڙهيءَ کان ڇُڙل سُني ڇهري وارا نوجوان شامل هجن، تنهن جو مطلب ورتو وڃي ٿو. هنن وٽ آڳاٽي وقت کان جاگيرون هلنديون اچن، پر اُهي هاڻوڪي جاچ ۾، سماجي حيثيت جي ڪوٽ سبب شامل ٿيل نه آهن.“

سرڪار کي جن جاگيردارن جي دائمي جاگير لاءِ سفارش ڪئي وئي، سي تعداد ۾ پنج هئا، منجهانئن چار ڄڻا زنگيءَ جي پوٽي گاجي جي پيڙهيءَ منجهان هئا، ۽ پنجون پڻ زنگي جي ٻئي پوٽي شهداد جي پيڙهيءَ منجهان هو.

## پرڳڙي ٽالپرن جو شجرو

زنگي، بجار جو پٽ (ڏسو: ٽالپرن جو شجرو)




• زهريءَ جي بيواهه ۾ پنهنجي چاچيءَ سان شادي ڪئي.

## 49. احمد خان پرڳڙي

### سماجي حيثيت، درجابندي ۽ جائيداد

هي جاگيردار، گاجيءَ جو ڇهين پيڙهيءَ مان وارث ۽ سنجي قبيلي جو سردار هو؛ ۽ ڪيپٽن رٿبورن هن کي ”اڳوڻن حڪمران خاندان سان شاديءَ وسيلي ڳنڍيل، گهٽو عزتدار سردار.“ جي رتبي سان ڄاڻايو آهي.

احمد خان جو پيءُ حيدر خان، مير غلام عليءَ جي دؤر ۾ نمايان حيثيت جو مالڪ هو. هن کي حڪمران ٽالپرن جاگير سميت روڪ رقم پڻ ڏني هئي. هُن مير ڪرم علي ۽ مراد عليءَ جي دؤر ۾ ٻه، ميرن جي مختيارڪار آفيس ۾، ولي محمد لغاريءَ جي ساڳئي عهدي تي ڪم ڪيو هو. احمد خان، مير نصير خان جي حڪومت ۾ مختيارڪار طور ملازم هو.

هن وقت حيدرآباد تعلقي ۾ 3767 بيگهه ايراضيءَ تي آڌاريل جاگير هئي، جيڪا هيٺ درجي ۾ درج ڪئي وئي.

### تجويز ۽ نبيرو

احمد خان پنهنجي پيءُ جي نالي پويان جوڙايل ٽنڊي ۾ پنهنجي جاگيرن ۾ رهندو هو. 1858ع ۾ هن جي ڄمار اٽڪل پنجاهه ورهيه هئي ۽ کيس ڪو پٽاڻو اولاد نه هو. انهن حالتن هيٺ هن لاءِ دائمي بنيادن تي ڏيڍ هزار بيگهه جاگير منظور ڪري ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي، پوءِ اها سفارش منظور به ٿي، پر احمد خان 8 مارچ 1861ع تي، سَند جاري ٿيڻ کان اڳ ئي گذاري ويو، ۽ جيئن ته هن پنهنجي پويان ڪو به پٽاڻو اولاد نه ڇڏيو هو، تنهنڪري اُها جاگير حڪومت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي.

## 50. غلام محمد پرڳڙي ۽
## 51. فتح خان پرڳڙي

### سماجي حيثيت، زميني ملڪيت ۽ درجابندي

اُهي ٻئي ڄڻا فضل محمد جا پُٽ ۽ احمد خان جا سئوٽ هئا. فضل محمد، احمد خان جيان گاگي جي ڪٽنب مان ڇهين پيڙهيءَ ۾ وارث هو.

بيگهه ابراضي، عام مختياريءَ سان دائمي طور قبولي وئي. فتح خان جي سَند نمبر 67 هيٺ، ساڳي ريت سندس تحويل ۾ موجود ايراضي جي منظوري ڏني وئي ۽ سندس وارثن ڏانهن عام مختياريءَ سان، پنج سؤ بيگهه قبولي وئي.

### جاگيردار جو موت

غلام محمد 4 فيبروري 1875ع تي، ۽ فتح خان 10 آگسٽ 1879ع تي وفات ڪري ويو.

## 52. جعفر خان پرڳڙي

### سماجي حيثيت

هن جاگيردار جو ڳاڃيءَ سان ستين پيڙهيءَ ۾ واسطو هو. ميجر گولڊسمڊ موجب هن جاگيردار جي حيثيت، ”نونداڻين، نوتڪاڻين ۽ چلگرين حصن قبيلن جي سردارن“ کان مٿانهين نه هئي.

### زميني ملڪيت، درجابندي ۽ تجويز

هن وٽ هالا ۾ 1059 بيگهه ۽ حيدرآباد ۾ 61 بيگهه ايراضي هئي. اُهي ٻئي جاگيرون، ڪيپٽن پيلي چوٿين درجي ۾ درج ڪيون، پر ميجر گولڊسمڊ موجب ”مير غلام علي طرفان جعفر خان جي ڏاڏي کي 1806ع ۾ منظور ڪري ڏنل سَند مان هالا واريءَ جاگير واضح طور ڳولها جوڳي هئي. هوڏانهن، مسٽر ايلس 1858ع تي موڪليل دستاويز نمبر 22 ۾ ميجر گولڊسمڊ سان سهمت ٿيندي چيو، ته جعفر خان کي پنج سؤ بيگهه ايراضي دائمي بنيادن تي منظور ڪري ڏيڻ گهرجي. اها تجويز منظور ڪئي وئي.

### مامري جو نبيرو

پر جعفر خان سَند جاري ٿيڻ کان اڳ 3 جون 1860ع تي، پنهنجي پويان هڪڙو پٽ محمد حسن خان ڇڏي گذاري ويو. پوءِ، نيٺ سَند هن جي نالي جاري ڪئي وئي ۽ سندس ٻيءَ جي سموري جاگير ڪيس سڄي حياتيءَ لاءِ، جمعبنديءَ کان آجي ۽ تخفيف بنا، سرڪاري تحويل ۾ ورتل ايڪهٺ بيگهه ايراضيءَ ڪانسواءِ، منظور ڪري ڏني وئي، ۽ هن جي وارثن لاءِ پنج سؤ بيگهه ايراضي ڪنهن مُختياريءَ ڪانسواءِ، دائمي طور قبولي وئي.

## 53. مهراب خان پرڳڙي (مرحوم) جنهن جو وارث سردار خان ٿيو

### سماجي حيثيت

مهراب خان پرڳڙيءَ جي ڇهين پيڙهيءَ ۾ شهداد سان مائٽي هئي، ۽ هو زنگيءَ جو پوٽو هو. هو پنهنجي مائٽ ۽ ڪراچيءَ جي قلعيدار حسن خان جو ساٿاري هو. پنهي سردارن مان حسن خان جي حيثيت نمايان هئي. پر ٻنهي تي، ته هن 1837ع ۾ برطانوي آفيسرن سان ڪيل سندس ورتاءَ سببان، هز ايڪسيلينسي گورنر جي ناراضگي پنهنجي مٿي تي کنئي هئي؛ ۽ هن کي ڪجهه سالن کان پوءِ پنهنجي ورتاءَ جو جواب ڏيڻ لاءِ ڪراچي گهرايو ويو. شڪارپور جي ڪليڪٽر ان موضوع تي رپورٽ ڏيندي ڄاڻايو هو:

”هز ايڪسيلينسي گورنر هن کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ حڪم جاري ڪيو، ته هن کي پنهنجي جاگير کان محروم نه ڪرڻ گهرجي.“ (ڏسو 5 جنوري 1848ع تي حڪومتي سيڪريٽري طرفان جاري ٿيل حڪمنامو.)

حسن خان جولاءِ 1853ع ۾ گذاري ويو، ۽ ٻئي سال آڪٽوبر مهيني ۾ سندس وڏو پٽ ٻهاول، پنهنجي پيءُ واريءَ جاگير جي ٻيهرسَند جي منظوريءَ لاءِ درخواست ڏني. ميجر گولڊسمڊ 2 نومبر 1854ع تي مٿين مامري تي پنهنجي موڪليل خط (نمبر 366) ۾ چيو ته، مرحوم هن قبيلي جي پوڳيا پاڙي جو سردار هو. جاگير جي ڪجهه حصي بابت فيصلو ڪيو ويو، ته اها ٻئي درجي جي جاگير آهي، پر نبيري ڪانپوءِ، 1856ع ۾ ٻهاول جي موت ڪانپوءِ، سموريون ڏنل جاگيرون حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتيون. جيئن ته ميجر گولڊسمڊ، حسن خان کي ”پنهنجي قبيلي جي ماڻهن ۾ فضيلت پريو ۽ مانائتو شخص“ سمجهيو هو، تنهنڪري سردار خان کي ڪنهن به دائمي جاگير ڏيڻ جي سفارش نه ڪئي.

بهرحال، ليفٽيننٽ ليچ، پوڳين بابت لکندي چيو: ”سندن سردارَ مهراب خان، ٻهاول ۽ حسن خان آهن.“

حسن خان جي ڏاڏي ۽ مهراب خان جي وڏي ڏاڏي پوڳي جي نالي پويان ڪين پوڳي سڏيو ويندو هو. حسن جي پيءُ زهري جي وفات ڪانپوءِ، سندس ڏنيل زال مهراب جي پيءُ مرزا سان شادي ڪئي، ۽ حسن ۽ مهراب ائين ساڳي ماءُ جا ڄڻيا ٻڍيا، جيتوڻيڪ هڪڙي جو پيءُ، ٻئي جي پيءُ جو چاچو هو.“

## زميني ملڪيت ۽ درجابندي

مهراب خان جي قبضي ۾ ميهڙ جي مڪان ڪلاچيءَ ۾ 774 بيگهه، ميهڙ جي تلها ۾ 146 بيگهه ۽ لاڙڪاڻي ۾ 780 بيگهه زمين سميت باغ تحويل ۾ هئا. انهن جاگيرن جي مجموعي ايراضي سترهن سؤ بيگهه هئي. انهن جاگيرن مان پهرين جاگير، جاگير جي تائيد ۾ ڪنهن سَند جي غيرموجودگيءَ سببان چوٿين ڪلاس ۾ رکي وئي، ٻي جاگير ٽئين درجي ۾، ۽ آخري جاگير "گورنر جي سَند هيٺ سڄي حياتيءَ لاءِ منظور ڪئي وئي."

## تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ مٿين بابت لکيو:

"مٿئين جاگيرن بابت آءٌ ان خيال جو آهيان، ته اها جاگير گهڻو آڳاٽي وقت کان وٺي سندن تحويل ۾ آهي. مير فتح عليءَ جي سَندن واري ڪتاب منجهان مهراب خان جي وڏڙن جا نالا ظاهر ٿين ٿا، پر اُهي مليل دستاويزي متن مان غائب آهن.

سردار خان، ٻه حُڪمي پروانا پيش ڪيا آهن، جن مان هڪڙو مير مراد علي ۽ ٻيو مير مير محمد جو آهي. پهرين پرواني تي پهرين مارچ 1813ع جي تاريخ لکيل آهي، ۽ مهراب کي 'علي وال' جي جاگير ۾، اصلي سَندن پٽاندر حصو مليل اٿس. ٻيءَ سَند جي تاريخ اڻ وسهڻ جوڳي آهي، پر پانئجي ٿو، ته اها ان ساڳي جاگير ۾ حصن جي ورهاست بابت آهي."

"سردار خان، مير غلام علي جي اصلي سَند پڻ پيش ڪئي، پر جيئن ته 'جوڳي' پرڳڻي ۽ علي وال جا نالا ان ۾ شامل آهن، تنهنڪري ان جي معنيٰ کي شاهدي طور مڃڻ مناسب نه آهي، گڏوگڏ مير غلام علي جي سَندن واري ڪتاب مان به سَند جو ڪو پتو نٿو پوي."

ميجر گولڊسمڊ انهن حالتن کي سامهون رکندي رڳو سفارش ڪئي، ته سردار خان کي ڪلاچي جاگير، هڪ پاڱي چار حصا گهٽائيندي، رڳو حياتي لاءِ ڏني وڃي، جو ڪيس نبيري کي ٻيهر کولڻ جي چوٽ نه آهي.

بهرحال مسٽر ايلس، ڪمشنر جي منظوريءَ سان، سردار خان جي حق ۾ ڏيڍ سؤ بيگهه دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي. حڪومت کي سفارش ڪرڻ ڪانپوءِ، اها ڳالهه سامهون آئي، ته سردار خان وٽ سندس ذاتي حق هيٺ ديهه پاڻَ ۾ 73 بيگهه ايراضي موجود هئي. اهڙي ريت سَند نمبر 82 ۾ ڄاڻايو ويو، ته سنڌ جي فتح وقت

مهراب ۽ سردار خان وٽ ڪجهه جاگيرون موجود هيون؛ نيٺ، مهراب جي موت کانپوءِ "سنڌس جاگيرن جا اهڙا حصا، جيڪي پيهر منظوريءَ جوڳا نه هئا، سي سمورا سرڪاري تحويل ۾ ورتا ويا. جڏهن ته پيهر منظوريءَ جوڳا حصا قاعدي هيٺ، هڪ پاڱي چار حصو سرڪاري تحويل ۾ وٺندي، پيهر منظور ڪري ڏنا ويا."- تنهنڪري سردار خان جي تحويل ۾ هينئر موجود ۽ ڪيس منظور ڪري ڏنل جاگيرون، هيٺ ڄاڻايل ٿيون:

هن جاگيردار وٽ 763 بيگهه ايراضيءَ جون ڪُل ٽي جاگيرون هيون، جن ۾ ميهڙ تعلقي جي ديهه ڪَلاچيءَ ۾ 580 بيگهه، ديهه ٽَلا ۾ 110 بيگهه ۽ ديهه پانَ ۾ 73 بيگهه ايراضي شامل هئي.

هن جي ويجهن وارثن کي ڪنهن به مُختياري نه ڏيڻ جي اجازت ڏني وئي، ۽ نه ئي سندس اصلي وارثن لاءِ سندس اصل جاگير بابت ڏار بندوبست ۽ انتظام ڪيو ويو، جو "قاعدي موجب چوٿين ڪلاس جاگير هئڻ سببان اها پيهر منظوريءَ جوڳي نه هئي."

## جاگيردار جو موت

سردار خان 19 آگسٽ 1879ع تي گذاري ويو.

# باگراڻي

هن قبيلي جو خانداني شجرو، اسان جي خواهش موجب، ايڏو م[illegible]ل نہ آهي. ميجر گولڊسمڊ، ميوا خان ۽ سوائي خان کي زنگي، جنهن جي وارثن با[illegible] علوم ٿئي ٿو، تہ اُهي ڪيپٽن رٿبورن جي ڏنل چاڻ پٽاندر رهيا آهن، سان ڳنڍڻ با[illegible]ناسب چاڻ وٺي نہ سگهيو. حيدرآباد جي اوائلي اميرن جي دؤر ۾ اُهي ٻئي سٺوٽ ق[illegible] جا سردار هئا، جڏهن تہ هڪڙي ٻي ڇاڙ ڪرم خان جو اولاد هئي، تنهن خيرپور [illegible] اميرن وٽ نوڪري ڪئي هئي.

بهرحال، قبيلي جي سردار کي دائمي جاگير ڏيڻ قبولي وئي، جيڪا ميرائين کان ورتي وئي هئي.

## 54. علي مراد باگراڻي

### سماجي حيثيت

علي مراد پُٽ حمزو، ميوا خان جو ٽين پيڙهيءَ ۾ اولاد هو. ميجر گولڊسمڊ

باگراڻي قبيلي جو خانداني شُجرو



پنهنجي شهدادپور رول ۾ لکيو آهي، ته هو ”عزت جوڳو جاگيردار“ هو. ڪيپٽن پيلي پنهنجي هالا رول ۾ به ساڳيو خيال ڇاڻايو آهي. هي انهن رعايتون ماڻيندڙ ماڻهن منجهان هو، جيڪي سونيون تلوارون پائيندا هئا. ۽ مير نصير خان جو شهدادپور ۾ علي بحر تي ڪاردار هوندو هو.

## زميني ملڪيت ۽ درجابندي

علي مراد جي تحويل ۾ شهدادپور ۾ 1614 بيگهه ۽ 1109 بيگهه ايراضي هالا ۾ هئي. هن جي پيءُ جي موت پڄاڻان، مير مراد علي شهدادپور ۾ ڪڙيو مِنو هن جي نالي منظور ڪيو هو. ۽ ڪيپٽن اسٽئڪ موجب، هن خاندان جي تحويل ۾ بيشڪ گهڻي عرصي کان، ٽالپر حڪومت وٽان ڏنل جاگير موجود هئي. ڪيپٽن پيلي، علي مراد جي جاگير چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪئي، جيتوڻيڪ هو ان ڳالهه کي قبولي چڪو هو، ته علي مراد جي مائٽن- احمد خان ۽ محمد خان باگراڻيءَ کي ڏنل زمينون، ٻئي درجي واريءَ سَند مان ڪڍيون ويون هيون، تنهنڪري هن سفارش ڪندي چيو، ته علي مراد کي ٽرڊ ڪلاس جاگيردار طور درج ڪيو وڃي. ميجر گولڊسمڊ قرار ڏنو، ته هن جي اها سَند اهڙي هئي، جنهن هيٺ علي مراد جي جاگيرن جي درجابندي کي قاعدي ۾ آندو ويو هو. گڏوگڏ ڪڙيو مِنو واريءَ سَند مضبوط ثابتي هئي، جو مِنو، علي مراد جو ڏاڏو هو ۽ هن زرعي مقصدن لاءِ اهو واهه کوٽايو هو.

### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ جاگيردار کي ڇهه سؤ بيگهه ايراضي دائمي ڏيڻ جي سفارش ڪئي، پر جاگيردار جنوري 1860ع ۾ گذاري ويو (8). ۽ هن جي موت تي، ”تڏهن رائج رسم موجب، هن جون سموريون ٽرڊ ڪلاس واريون جاگيرون (چوٿون حصو حڪومتي تحويل ۾ وڃڻ واري شرط هيٺ) ۽ اهڙي حصي کي مٿئين ڪلاس ۾ ڏسندي، سندس پُٽ حمزو کي ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون.“ سَند نمبر 69 حمزو خان جي نالي جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ سندس تحويل ۾ شهدادپور ۾ 1358 بيگهه ۽ هالا ۾ 657 بيگهه زمين، مجموعي 2015 بيگهه ايراضي، منظور ڪئي وئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن ڇهه سؤ بيگهه ايراضي، ڪنهن مُختياري ڪانسواءِ، دائمي طور قبولي وئي.

# رند قبيلو

رند، مير چاڪر جا اڪيلا وارث ۽ جاءِ نشين آهن، جن پنهنجي وڏڙن جا عهدا برقرار رکيا آهن. هن جي پُٽن جي نالن پويان ڪيترن ئي نُکن ۽ نياتن جا نالا رکيا ويا، پر هن قبيلي پنهنجي نالي پويان 'رند' چنبڙائڻ وارو عمل برقرار رکيو. اهڙيءَ ريت مير چاڪر رند جو نالو، جلال جي پُٽ رند جي نالي سان نهڪجندڙ آهي، جيڪو نظاماڻي نيات جي شجري ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هن قبيلي جا ڪنهن دؤر ۾ گهڻي عزت ماڻيندڙ ۽ شاهاڻي حيثيت رکندڙ ڪجھ اهڙا ماڻهو بہ آهن، جن وٽ سنڌ ۾ جاگيرون آهن. مير مراد علي، بهاول خان جي وڏي چاچي تاج محمد جي ڌيءَ ڪي زال جي حيثيت سان چونڊي، هن خاندان مان شادي ڪئي هئي. حيدرآباد ويجهو تندو واقع آهي، جنهن تي مير جي سَسُ 'مائي ماهڻ' جو نالي رکيل آهي.

رند قبيلي جو خانداني شُجرو

- وڏيرو نورمحمد
  - دليل
    - هڪ ڌيءُ، جنهن جي شادي ميري خان رند سان ٿيل هئي.
      - گل محمد
        - داد محمد
        - فتح خان
  - ميرو
    - يار محمد
      - مير محمد
        - نِهال خان
        - بهاول خان
          - يار محمد

55. ڀاول خان رند
56. گل محمد رند

## سماجي حيثيت

ڀاول خان، مير محمد جو پٽ هو. جيڪو وڏيري نور محمد جي ٽين پيڙهين منجهان هو. هي وڏيرو، ٽالپر سردارن جي نوڪريءَ ۾ ڪڏهن به نه رهيو هو، پر هو بروهين جي ملازمت ۾ شامل هو. بهرحال، هن جو ننڍو پٽ دَليل، ۽ سندس وڏو پٽ يار محمد، سنڌ ۾ مير فتح علي ٽالپر سان وڃي شامل ٿيو هو. اهو دَليل، گل محمد جو نانو هو. مير فتح علي جي هڪ سَند موجود آهي، جنهن تي 5 سيپٽمبر 1800ع جي تاريخ لکيل آهي، جنهن ۾ وڏيري دليل خان کي يار محمد ۽ سندس پٽ مير محمد سان گڏ گڏيل جاگيرون ڏنل آهن. مير محمد اٽڪل 1830ع ڌاري گذاري ويو. معلوم ٿئي ٿو، ته هن جي پُٽ ڀاول، قبيلي جي ان ننڍڙي پاڙي جي سردار جي حيثيت والاري ورتي آهي، جيڪي ٽالپرن جي حڪومت ۾ شامل هئا. ليفٽيننٽ ليچ هن بابت چيو آهي، ته هن وٽ چار سؤ جوانَ فوجي هئا، جيڪي مير نور محمد جي حڪم جي اوسيئڙي ۾ رهندا هئا.

## زميني ملڪيت، درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڀاول خان سميت گل محمد، هرهڪ ڇٽي وٽ سيوهڻ جي جبلن سان لڳولڳ جهانگارا ۾ 3478 ٻيگهه زمين موجود آهي. انهن ايراضين کي ڪيپٽن پيلي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو هو. جڏهن ته ڀاول خان پنهنجي جاگير تي رهي ٿو، ۽ ميجر گولڊسمڊ ان حقيقت سميت سندس حيثيت کي سامهون رکندي، هن لاءِ ٻه هزار ٻيگهه دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي. بهرحال، هو گل محمد کي سردارن ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش لاءِ تيار نه هو. پر مسٽر ايلس مختلف ويچار رکندڙ شخص هو، ۽ هن گل محمد لاءِ پنج سؤ ٻيگهه ايراضي دائمي طور ڏيڻ ۽ هن ڀاول خان جي رٿيل جاگير جي سَند ۾ اڍائي هزار ٻيگهه ايراضي وڌائڻ جي به سفارش ڪئي. انهن سفارشن کي پوءِ منظور ڪيو ويو، ۽ سَند نمبر 93 ۽ 94 هيٺ انيڪ ايراضين جون جاگيرون، گل محمد ۽ ڀاول خان جي وارثن لاءِ، عام مُختياريءَ سان قبوليون ويون، جڏهن ته جاگيردارن جي تحويل ۾ موجود جاگيرون ڪين توثيق ڪري ڏنيون ويون.

## جاگيردار جو موت

گل محمد 24 آڪٽوبر 1862ع تي گذاري ويو.

# چانگ قبيلو

ليفٽيننٽ ليچ طرفان ڏنل ڄاڻ موجب، هن قبيلي جي اوائل ۾ جَت قبيلي سان دشمني هوندي هئي. سندن سردار جو نالو شير خان هو. هي سردار رڳو هڪل سان ئي پنهنجا نَـوَ سؤ فوجي ماڻهو گڏ ڪري سگهندو هو، ۽ اُهي فوجي مير نور محمد جي هٿ وس هوندا هئا.

بهرحال، شير خان طرفان پيش ڪيل قبيلي جي ورهاست مان اهو نتو ڀانئجي ته منجهس قبيلي جا اُهي ماڻهو بہ شامل ٿيل آهن، جيڪي سماجي حيثيت کان وڏي عزت ۽ مٿئين رتبي تي پهتل هئا.

ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو:

" سنجراڻين ۽ ڪاڇين ڪي شايد سندن نمايان امتياز ۽ نشاندهيءَ واسطي اهو نالو ڏنو ويو آهي. بدقسمتي سان اُنهن ڪيٰ اؤس ڏار رکيو وڃي، ڇوتہ آءٌ انهن بنهي ڪي پاڻ ۾ ملائڻ بابت ڪا ضروري ڄاڻ وٺڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهيان."

"چانگ بلڪل ويڙهاڪ قبيلو آهي، تنهن هوندي بہ ڪجهہ سالن کان ڏسجي پيو، تہ اُهي زراعت سان واڳجي ڪُڙمي بڻجي ويا آهن."

چانگ قبيلي جو خانداني شُجرو

- سنجراڻي
  - جيوڻ
    - مراد علي
      - نصير خان
        - الهہ بخش
      - سنجر
        - جيوڻ
        - مراد علي
          - فيروز شاهہ

- ڪَچل
  - شاهُڪ
    - شير خان
      - سائينداد
        - غازي خان

## 57. مراد علي چانگ (مرحوم) جنهن جو وارث پيروز شاهه ٿيو

### سماجي حيثيت، جائيداد ۽ جاگير

مراد علي، سنجراڻي آڪهه جي باني سنجر جو وڏو پُٽ هو. ڪيپٽن پيلي هن کي چانگ قبيلي جو سردار ڪوٺيو آهي.

مراد علي جي قبضي ۾ گوني تعلقي ۾ چار هزار ڇتيهه بيگهه زمين هئي. هو جولاءِ 1854ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جي موت ڪان پوءِ، حڪومت سنڌس حياتيءَ تائين ڪيس ڏنل جاگير تحويل ۾ وٺي ڇڏي، ۽ ٻي سموري جاگير هن جي پٽ پيروز شاهه کي، هڪ ٻاڳي چوٿون حصو حڪومتي قبضي ۾ وٺندي، پيهر منظور ڪري ڏني. هن جاگير جي سَند هيٺ پيروزشاهه کي مجموعي طور تي هزار ڇهه بيگهه ايراضي ملي.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي، 679 بيگهه زمين ڪانسواءِ، جيڪا پوءِ هن چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪئي هئي، سندس تحويل ۾ موجود ٻي سموري ايراضي سيڪنڊ ڪلاس هيٺ درج ڪئي. بهرحال، ميجر گولڊسمڊ جاگيردار کي، خاص ڪري پنهنجي جاگيرن مان هڪڙيءَ تي رهڻ سببان، ٻارهن سؤ بيگهه ايراضي دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

اها تجويز منظور ڪئي وئي، ۽ نيٺ جاگيردار جي سَند نمبر 90 جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ سندس وارثن جا نالا به، ڪنهن مُختياري بنا ڄاڻايل هئا. جڏهن ته هن جي تحويل ۾ موجود جاگير کي منظور ڪيو ويو.

### جاگيردار جو موت

پيروز شاهه 16 نومبر 1883ع تي گذاري ويو.

## 58. الله بخش چانگ

### سماجي حيثيت، زميني ملڪيت ۽ جاگيرن جي منظوري

هي جاگيردار سنجر جي پاءِ نصير خان جو پُٽ هو. نصير خان مياڻيءَ جي ويڙهه ۾ مارجي ويو هو. ڪيپٽن پيلي، الله بخش جو لاڙ ۾ چانگ قبيلي جي سردار جي حيثيت سان ذڪر ڪيو هو. هُن کي مراد علي کان پوءِ اهم حيثيت مليل هئي.

نصير خان وٽ گوني تعلقي ۾ 4817 بيگهہ واري جاگير هئي، جيڪا هن جي موت پڄاڻان سندس پُٽ کي، پيدائش جي چوٿين پتي ڏيڻ جي شرط هيٺ، پيهر منظور ڪري ڏني وئي.

## درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي 4817 بيگهہ ايراضيءَ مان 2569 بيگهہ ٻئي درجي ۽ باقي زمين چوٿين درجي ۾ درج ڪئي. جاگيردار پنهنجي جاگير تي رهندو هو، ۽ ميجر گولڊسمڊ اُهي سموريون حقيقت ڏيان ۾ آڻيندي، هن لاءِ اٺ سؤ بيگهہ ايراضيءَ جي دائمي جاگير ڏيڻ جي سفارش ڪئي.

هن جاگيردار کي منظور ڪري ڏنل سَند نمبر 71 هيٺ، اها ايراضي سندس وارثن لاءِ، ڪنهن مختياري بنا قبولي وئي، جڏهن تہ هن کي اها جاگير، سر چارلس نيپيئر طرفان پيهر جاگير جي سَند ڏيڻ مهل سندس حيثيت هيٺ، توثيق ڪري ڏني وئي.

# 59. سائينداد چانگ (مرحوم) جنهن جو وارث غازي خان ٿيو

## سماجي حيثيت

سائينداد چانگ قبيلي جي نيات ڪاڇائي سان ناتو رکندڙ هو. هن جو پيءُ شير خان، ميرن جي حڪومتي دؤر ۾، ڪاڇائي چانگن جو سردار هوندو هو.

## زميني جائيداد ۽ جاگير جي منظوري

سنڌ جي فتح وقت، سائينداد وٽ گهوڙاباريءَ ۾ 2355 بيگهہ ايراضي هئي. هو 31 ڊسمبر 1855ع تي گذاري ويو، ۽ هن جي مجموعي 1767 بيگهہ ايراضي، سندس پُٽ غازي خان کي، چوٿين پتي تخفيف ڪندي، منظور ڪري ڏني وئي.

ڪيپٽن پيلي، سائينداد جي جائيداد جي مناسب قدامت کي ڏسندي، سندس جاگير ٻئي درجي ۾ درج ڪئي، پر جيئن تہ هن جي خيال موجب سائينداد جي حيثيت مان ڪيس دائمي جاگير ڏيڻ جو اشارو نٿو ملي، تنهنڪري هن سندس ٻئي درجي جي جاگير کي ٽئين درجي ۾ گهٽائي ڇڏيو.

## جاگيرن جي درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ لکيو: "مونکي هن قبيلي جي وڏي خاندان جي حق ۾ پنج سؤ بيگهہ ايراضيءَ واري موروثي جاگير ڏيڻ جي سفارش ڪرڻ تي سرهو ٿيڻ گهرجي... پر

هي (جاگيردار) پنهنجي جاگير تي نٿو رهي، تنهنڪري آءٌ هاڻي درج ٿيل نبيري ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرقار جي سفارش تجويز نٿو ڪريان." هوڏانهن مسٽر ايلس چار سؤ بيگهه ايراضيءَ جي جاگير دائمي طور ڏيڻ جي تجويز ڏني، جنهن ڪي پوءِ منظور ڪيو ويو.

24 مئي 1861ع تي جاري ڪيل سَنڌ نمبر 95 هيٺ مٿين ايراضي، جاگيردار جي وارثن ڏانهن ڪنهن به مختياريءَ بنا، قبولي وئي، جڏهن ته جاگيردار کي 1767 بيگهه ايراضي منظور ڪري ڏني وئي.

# نُونڊاڻي

ميجر گولڊسمڊ هن قبيلي جو ڪوبه خانداني شجرو نه جوڙيو هو. هي قبيلو ايڏي وڏي اهميت وارو نه هو، تنهنڪري ميجر گولڊسمڊ هن قبيلي جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي دائمي جاگير ڏيڻ جو حقدار نه سمجهيو هو. بهرحال مسٽر ايلس، چلگرين سميت هڪڙي نونڊاڻيءَ جي، هن قبيلي جي سردار جي حيثيت واريءَ دعويٰ کي رد ڪيو. پر پوءِ محمد خان کي هن قبيلي جو سردار مڃيو ويو.

## 60. بهاول خان نونڊاڻي (مرحوم) جنهن جو وارث محمد خان ٿيو

### سماجي حيثيت

ميجر گولڊسمڊ لکيو: "هن قبيلي جو سردار هئڻ جي دعويٰ ڪندڙ اڪيلو جاگيردار بهاول خان هو، جيڪو 1857ع ۾ گذاري ويو."

### زميني جائيداد

بهاول خان وٽ شهدادپور ۾ هڪ جاگير هئي، جيڪا چوٿين پتي تخفيف ڪري سندس پٽ بلاول خان کي پيهر منظور ڪري ڏني وئي. پر بلاول پوءِ ترت ئي نومبر 1857ع ۾ گذاري ويو، ۽ سندس ننڍو پوٽو محمد خان سڄي قبيلي جو سردار ٿيو.

### جاگير جي منظوري ۽ درجابندي

ڪمشنر جي 17 جنوري 1858ع تي جاري ڪيل هدايت نامي نمبر 22 هيٺ، هن جي نالي منظور ڪيل جاگيرون، ڪيس رکڻو حياتيءَ تائين ڏنيون ويون ۽ هن جي مقدمي کي نيٺ اُڪلائڻ جوڳو سمجهيو ويو. پر مقدمي جو پيهر جائزو وٺندي، مسٽر ايلس جي حڪم ۽ ڪمشنر جي منظوري سان، جاگيردار جي قبضي هيٺ آيل 511 بيگهه زمين مان، 293 بيگهه ايراضيءَ کي ٻئي درجي جي قرار ڏنو ويو، ۽ باقي رهيل 218 بيگهه زمين ٽئين درجي جي ڪوٺي وئي.

بهرحال ايڪهٺ بيگهه ايراضيءَ کي (ٽئين درجي جي جاگير جي چوٿين پتيءَ کان

توررڙو وڏيڪ) حڪومت پيهر پنهنجي تحويل ۾ ورتو، ۽ جاگير جي ٻي بقايا ايراضي محمد خان کي عارضي طور جمع بندي کان آجي، دائمي طور پيهر منظور ڪري ڏني وئي.

### مامري جو نبيرو

عارضي نبيري جي منظوري ڏيندي، جاگيردار جي سَند نمبر 72 هيٺ، سندس وارثن ڏانهن 450 بيگهه ايراضي، ڪنهن مُختياريءَ بنا قبولي وئي، ۽ سندس تحويل ۾ آيل ايراضيءَ ڪيس ڏني وئي.

# ڪوسا

هيٺ ڇاڇايل بيان، ميجر گولڊسمڊ جي سردارن واري موڪليل ضميمو نمبر ”ٽيون“ تان ورتل آهي:

”ليفٽيننٽ پوسٽنس موجب، 1840ع ڌاري ڪوسو قبيلو، ڪرمت سان واڳيل ناميارو بلوچي قبيلو هوندو هو، جيڪو شڪارپور جي سنڌ واهه ۽ سکر جي وچ واري علائقي، ۽ انهن علائقن کان وٺي ’ٽر‘ جي ڪناري سميت روجهاڻ جي اوڀرندي وارن علائقن ۾ رهندو هو. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو، ته ڪوسا ڦورو ۽ ظلم ڪندڙ قبيلو نه، پر عام طور ڪرمت سان واڳيل آهن. جڏهن ته 1854ع ۾ ميجر جيڪب جي جوڙيل رپورٽ ۾، تنهن دؤر جي حالتن هيٺ ڪوسن کي ڦورو، ڌاڙيل، ڪرمي، فوجي يا ريڊار سڏيو ويو هو. گڏوگڏ اها ڌاڍي اهم حقيقت آهي، ته والڪر جي سنڌي ڊڪشنري ۾ ”ڪوسو“ لفظ جو ترجمو ”ڦورو، ڌاڙيل“ جي حيثيت سان ڪيو ويو آهي.

ڪوسو قبيلي جو خانداني شُجرو



جي تي ياڳي چار ايراضيءَ ۾ مالڪيءَ جو حق منتقل ڪندي، باقي هڪ ياڳي چوٿين حصي جي تخفيف ڪندي ۽ باقي ايراضيءَ کي غيرآباد يا باراني ايراضيءَ طور سرڪاري تحويل ۾ وٺندي، جاگيرون بحال ڪيون. انهن زمينن جي پهرين صورتحال کي سامهون رکندي، پيهر منظور ڪيل جاگير جي ڪُل پيداوار جي چوٿين حصي جي برابر ڍل جي حيثيت سان جمعبنديءَ کي مقرر ڪيو ويو. پيهر منظور ڪيل جاگيرن ۾ لاڙڪاڻي جي ديهه ٺُلهه ۾ 502 بيگهه، باغبان جي هاليجي ۾ 574 بيگهه، يعني ڪُل 1076 بيگهه ايراضي شامل هئي.

## درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

باغبان جاگير کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ ۽ لاڙڪاڻي واري جاگير چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو. بهرحال، ميجر گولڊسمڊ جاگيردار کي 560 بيگهه ايراضي دائمي ڏيڻ جي تجويز ڪئي، جنهن ايراضيءَ کي پوءِ ڪمشنر ۽ مسٽر ايلس گهٽائي چار سؤ بيگهه ايراضي ڪئي.

نيٺ، هن جي سَند نمبر 87 جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ چار سؤ بيگهه ايراضيءَ لاءِ سندس وارثن جا نالا ڄاڻايل هئا. جڏهن ته سندس تحويل ۾ موجود 1076 بيگهه ايراضيءَ وٽس رهڻ ڏني وئي.

## 62. ڄام ڇُتو ۽ روهيل ڪوسو (مرحوم) جنهن جو وارث دلاور ٿيو

### جائيداد ۽ جاگير

سنڌ جي فتح وقت، ڄام ڇُتو ۽ سندس پُٽ روهيل وٽ، عالم خان جيان تحويل ۾ ڪجهه جاگيرون هيون، جن کي پوءِ سر چارلس نيپيئر سندن قبضي ۾ رهڻ ڏنو. ڄام ڇُتو جنوري 1851ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، پر هن جي پُٽ کي پيهر جاگير منظور ڪري ڏيڻ جي عمل کي روڪيو ويو، ۽ ساڳئي وقت روهيل جي جاگيرن کي ضبط ڪيو ويو. پر اهو مامرو پيهر 1854ع ۾ جاچ هيٺ سامهون آيو، ۽ مسٽر فريئر، روهيل جي سمورين جاگيرن ۽ سندس پيءُ جي جاگيرن کي، عالم خان جي جاگيرن تي لاڳو ڪيل اصول هيٺ، بحال ڪيو. بهرحال، انهيءَ فيصلي تي عمل ٿيڻ کان اڳ روهيل گذاري ويو، ۽ هن کي پيهر جاگير ڏيڻ جي اختيار واريءَ خاص حالت جيان، سندس پُٽ دلاور کي جاگير منظور ڪري ڏني وئي.

درجابندي ۽ نبيرو

پيھر منظور ڪري ڏنل جاگيرن ۾ لاڙڪاڻي جي ديھ ٿُلھ ۾ 753 بيگھ، ۽ باغبان جي ھاليجي ۾ 1021 بيگھ، يعني ڪُل 1774 بيگھ ايراضي شامل ھئي. مٿين ڪُل ايراضيءَ مان باغبان واري 861 بيگھ زمين سيڪنڊ ڪلاس ۽ باقي سڄي زمين چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

زميني پيداوار برسات واري پاڻيءَ تي ڀاڙيندڙ ھئي، تنھنڪري غيريقيني حالت ھئي. مسٽر ايلس، ميجر گولڊسمڊ جي 840 بيگھ ايراضي ڏيڻ واري تجويز ۾ بيگھن جو انگ گھٽائي ڇھ سؤ بيگھ ايراضي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جيئن تہ سَند نمبر 88، جيڪا جاگير جي منظوري ڪان پوءِ جاري ڪيل ھئي، تنھن ۾ اھو واضح ٿيل نہ ھو، تہ ڪھڙيءَ جاگير مان دائمي ايراضي چونڊڻي آھي. مسٽر ايلس جي تجويز، ميجر گولڊسمڊ واري تجويز کان گھٽي مختلف نہ ھئي، جنھن سفارش ڪئي ھئي، تہ شايد دائمي جاگير لاڙڪاڻي جاگير جي ايراضيءَ مان ڏني وڃي، ۽ سَند نمبر 88 ۾، اھا ڇھ سؤ بيگھ ايراضي وارثن ڏانھن، ڪنھن بہ مختياريءَ بنا قبولي وئي، جڏھن تہ جاگيردار جي سندس تحويل ۾ موجود ايراضيءَ جي توثيق ڪئي وئي.

# مگسي

"مگسين کي شايد سنڌ جي پيٽ ۾ ڪاڇي جو رهواسي سمجهيو وڃي، پر اُهي سنڌ ۾ سرحدي قبيلن جي ناتن ۾ ڪجھ اهميت وارا آهن. چيو وڃي ٿو، تہ هنن جو سردار احمد خان آهي، پر سندس نالو جاگيردارن واريءَ فهرست ۾ جاٽايل نہ آهي.

"مگسي، چانڊين سان دشمني ڪارڻ مشهور آهن، اهو دشمنيءَ وارو احساس شايد ٻنهي پاسن کان هجي: جو هنن جون زمينون هڪبئي سان مهاڳي ۾ آهن. انهن ٻنهي قبيلن جو جهيڙو سنڌ ۾ اصطلاح بڻجي ويو آهي: گڏوگڏ رندن ۽ مگسين جا پاڻ ۾ ناتا بہ چڱا نہ آهن، پر سندن اختلاف گهٽ نوعيت جا رهيا آهن." (9)

ميجر گولڊسمڊ وٽان هن قبيلي جو مڪمل خانداني شجرو هٿ نہ اچي سگهيو آهي.

## 63. گل محمد مگسي

### سماجي حيثيت، جائيداد ۽ درجابندي

ميجر گولڊسمڊ موجب: "گل محمد چار چگن ۾ اُٺ ويهڻ جهڙو ۽ سماجي حيثيت ۾ متانهون هجڻ جو ڏيکاءُ ڏيندو هو."

هن وٽ ميهڙ ۾ 379 بيگھ زمين هئي، جنهن مان ہ سؤ ويھ بيگھ سندس حياتي لاءِ هڪ پاڳو چوٿون حصو گهٽائيندي، 159 بيگھ ايراضيءَ هڪڙي نسل لاءِ پيهر منظور جوڳي هجڻ جو اعلان ڪيو ويو.

### تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ لکيو: شايد ڪمشنر، گل محمد کي پنهنجي جاگير تي رهندڙ ۽ ناميارو زميندار هوندي، هن جي وارثن کي سڄي جاگير جي 379 بيگھ ايراضيءَ مان 120 بيگھ، موروثي جاگير جي حيثيت سان، ڏيڻ جي اجازت ڏيڻ ۾ ناراضگي محسوس ڪري. پر پيهر منظوريءَ جوڳي زمين جي ايراضي بلڪل 120 بيگھ ٿيندي."

نيٺ، گل محمد جي سَند نمبر 83 هيٺ، هن جي تحويل ۾ موجود 379 بيگھ ڪيس منظور ڪري ڏني وئي ۽ سندس وارثن لاءِ 120 بيگھ ايراضي، عام مختياريءَ سان قبولي وئي.

# ڪوڪر

ڪوڪر، بلوچي قبيلي جي پيٽ ۾ سنڌي قبيلو وڏيڪ آهي. ليفٽيننٽ ليچ ”سنڌي فوج“ بابت جوڙيل پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻائي ٿو، ته هنن جون جاگيرون حيدرآباد جي اوڀر ۾ واقع هيون، پر سنڌن سردار جو نالو غلام حيدر هو، ۽ هو هڪ هزار ڄڻا فوجي گڏ ڪري سگهندو هو.

غلام حيدر جو پيءُ پيرُو، ڪلهوڙن سان ٿيندڙ ويڙهه ۾ ٽالپرن جو ساٿاري هو، ۽ جڏهن ملڪ ٽالپرن جي قبضي ۾ آيو، ته اوائلي ميرن جو معتمد ۽ ويساهه جوڳو ٿي پيو هو، تنهنڪري هن گهڻا فائدا ماڻيا. هن جي پاڻيٽيي بهادر خان ساڳئي دربار ۾ وڏي حيثيت ۽ ميڄتا ماڻي هئي. مير مراد علي هن جي ڏاڍي عزت ڪندو هو، ۽ پاڻ ڪيس ”امير ڪبير“ جو لقب ڏنو هئائين.

نواب ولي محمد جي موت کانپوءِ، هن مٿئين سردار لاڙڪاڻي جي گورنر وارو عهدو ماڻيو هو. پر آچيل عهدي جي اهميت جي هوندي به، نواب بهادر خان کي ان اعزاز کي قبولڻ واسطي رواج پٽاندر گهڻي منٿ ميڙ جي گهرج پئي هئي. (10)

جڏهن شاهه شجاع الملڪ، مير مراد علي جي دعوت مان پاڻ فائدو وٺندي 1832-33ع ۾ شڪارپور پهتو هو، ۽ مغلي جي پناڻن هن جي ڇانوڻي ۽ توبخاني جو اچي گهيراءُ ڪيو هو، تڏهن مير نور محمد، حيدرآبادي ميرن طرفان بهادر خان کي اوڏانهن موڪليو هو، ته جيئن هو شاهه کي قنڌار تي چڙهائي يا مهم جاري رکڻ تي هرڪائي سگهي. شاهه ست لک روپيا خراج طور وٺڻ ۽ قنڌار ۾ پاڻ کي مضبوط ۽ سگهارو ڪرڻ واري موقعي کانپوءِ، اميرن طرفان مغلي ڪيس سونپڻ واري واعدي تي، ائين ڪرڻ تي راضي ٿيو. هو بهادر خان کي پاڻ سان گڏ قنڌار وٺي ويو، پر هو قنڌار تي قبضي وارين پنهنجي ڪوششن ۾ ۾ ناڪام ٿيو هو. (ڏسو ميجر گولڊني جو دستاويز نمبر 32، تاريخ 13 نومبر 1847ع، سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن موڪليل رپورٽ)

بهادر خان جي حيدرآباد موٽڻ تي، مير نصير خان سندس ڏاڍو ناهوڪو آدرڀاءُ ڪيو، جنهن پنهنجو پٽ مير حسن علي سندس آدرڀاءَ لاءِ موڪليو هو. هو ڪجهه سالن کانپوءِ چالاڻو ڪري ويو، ۽ هن جي جاگير سندس سئوٽ غلام حيدر کي ڏني وئي، جنهن جو اڳيئي ذڪر ٿي چڪو آهي.

## 64. غلام حيدر کوکر (مرحوم) جنهن جو وارث ٻيڙو خان ٿيو

### سماجي حيثيت، جائيداد ۽ جاگير

غلام حيدر، بيشڪ کوکر قبيلي جو سردار هو. جڏهن ته سنڌ جي فتح وقت، هن جي تحويل ۾ جهڏو ۾ سورهن هزار 380 بيگهه ۽ سيوهڻ ۾ 2171 بيگهه، يعني مجموعي ارڙهن هزار 551 بيگهه ايراضي هئي. 1845ع ۾ هن جي موت کانپوءِ، سندس جاگير ٻيڙو خان کي ٻيهر منظور ٿيل جاگير طور، هڪڙو حصو ٻه آنا في بيگهه جي ڊل ۽ ٻيو حصو پيداوار جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط هيٺ ڏنو ويو.

### درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ڪيپٽن پيلي، سيوهڻ جاگير ٽرڊ ڪلاس ۽ جهڏي جاگير مان 6954 بيگهه ايراضيءَ کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو. ۽ باقي زمين کي هن چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪيو. بهرحال، سيوهڻ جاگير حقيقت ۾ سيڪنڊ ڪلاس جي هئي، تنهنڪري ان کي گهٽائي ٽئين ڪلاس ۾ "ٻيڙي خان طرفان سَند لڪائڻ ڪارڻ، جنهن ۾ اڌ زمين سندس مائٽ لاءِ قبولي وئي هئي،" درج ڪيو ويو.

### کوکر قبيلي جو خانداني شُجرو



جاگيردار پنهنجي جاگيرن مان، سرفراز واهه تي موجود جاگير تي رهندو هو. ميجر گولڊسمڊ تجويز ڏني هئي، ته هن وٽ پنهنجي جاگير مان ٽي هزار بيگهه زمين هئڻ گهرجي، پر مسٽر ايلس، ڪمشنر جي منظوريءَ سان، ان ايراضيءَ جو مقدار چار هزار بيگهه تائين وڌائي ڇڏيو، جنهن ايراضيءَ جي جاگيردار طرفان عام طور، پنهنجي جاگير مان چونڊ ڪرڻي هئي. بهرحال، جاگيردار جي سَند ۾ اها ايراضي سندس وارثن ڏانهن، ڪنهن مختياريءَ ڪانسواءِ منتقل ٿيڻي هئي، جڏهن ته هن جي تحويل ۾ موجود اها ايراضي، سندس موجوده ذميوارين هيٺ، سر چارلس نيپيئر طرفان پيهر جاگير منظور ڪرڻ واري اصول هيٺ، سندس قبضي ۾ رهڻ ڏني وئي.

## جاگيردار جو موت

پيڙو خان 21 فيبروري 1879ع ۾ گذاري ويو. ڪيپٽن رٿبورن موجب، هو چئن چڱن ۾ اُٺڻ ويهڻ جهڙو، وڌندڙ شخصيت، ۽ سُٺي ڪردار جو مالڪ هو، پر سندس گذران جا وسيلا ٿورڙا هئا.“

## 65. رستم خان ڪوڪر (مرحوم) جنهن جو وارث مبارڪ خان ٿيو

## سماجي حيثيت، جائيداد ۽ جاگير

رستم خان، ڪريمداد جو پوٽو هو، جيڪو نواب بهادر خان جو چاچو هو. هو ڏانهن، سنڌ جي فتح وقت رستم خان جي قبضي ۾، گوني ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه جاگيرون هيون، جيڪي پوءِ سر چارلس نيپيئر سندس قبضي ۾ رهڻ ڏنيون. هو نومبر 1851ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جون جاگيرون سندس پُٽ مبارڪ کي، منظوريءَ جوڳي جاگير جو متناسب ساليانو پيداوار تي ڪاٿو لڳائڻ ۽ غيرآباد زمين طور بقايا زمين سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ جي مروج اصول هيٺ، پيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. پيهر منظور ڪري ڏنل جاگير جي ڪُل پيداوار جي چوٿين حصي برابر جمعبندي پڻ مقرر ڪئي وئي. پيهر منظور ڪيل جاگيرَ ۾ گوني ۾ 1322 بيگهه ۽ لاڙڪاڻي ۾ 1427 بيگهه زمين شامل هئي.

## درجابندي، تجويز ۽ نبيرو.

ڪيپٽن پيلي اُهي ٻئي جاگيرون ٻئي درجي ۾ درج ڪيون.

جڏهن ته ميجر گولڊسمڊ جي انهيءَ جاگيردار بابت تجويز هيٺين ريت هئي:

"مبارڪ درخواست داخل ڪئي آهي، ته ٿي سگهي، ته گوني واري زمين جي ڏل جي جاءِ تي اها ايراضيءَ ڪانئس واپس ورتي وڃي. آءٌ سفارش ڪندس، ته اهڙا انتظام بنهي جاگيرن سان، لاڙڪاڻي واري 1427 بيگهه ايراضيءَ مان 357 بيگهه ايراضي ۽ گوني واريءَ 1322 بيگهه زمين مان 333 بيگهه زمين ڪاٽو ڪندي، يعني مجموعي ٻه هزار اوڻهٺ بيگهه باقي بچندي، لاڳو ڪيا وڃن.

"انهن بنهي جاگيرن ڪي، شايد هڪ هزار بيگهه ايراضين ڪي جمع بندي نه ٿيل هرهڪ جاگير ۾ بدلائي سگهجي ٿو. مبارڪ ڏاڍو ناهوڪو ۽ وڻندڙ ڏهن ورهين جي ڇمار جو ڇوڪرو آهي، ۽ اها اميد ڪئي پئي وڃي، ته جنهن ڳوٺ ۾ هو رهي ٿو، اُتي ڳوٺاڻي اسڪول جي انتظام جي تجويز رٿيل آهي، تنهن اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ اوُس ويندو. گڏوگڏ هُو ان اسڪول جي انتظام لاءِ روڊ ۽ اسڪول جي بندوبست واري پئسن مان به ڪجهه ڏيندو."

هو پنهنجي جاگيرن مان ڪنهن به جاگير تي نه رهندو هو.

مبارڪ جي سَند ۾، سندس تحويل ۾ آيل جاگير جي، معاشي ذميوارين جي پورائيءَ هيٺ، توثيق ڪئي وئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن، ڪنهن مختياريءَ ڪانسواءِ، ٻه هزار بيگهه ايراضي منظور ڪئي وئي.

### جاگيردار جو موت

مبارڪ 24 مارچ 1879ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## 66. خيرمحمد ڪوڪر (مرحوم) جنهن جو وارث رَتو ٿيو

### سماجي حيثيت، جاگير ۽ جائيداد

خير محمد، رتي جو پٽ هو، جيڪو نواب بهادر خان جو چاچو هو.

سنڌ جي فتح وقت، هن جي قبضي ۾ تيرهن هزار 764 بيگهه زمين هئي، جيڪا پوءِ سر چارلس نيپيئر وٽس رهڻ ڏني. هو فيبروري 1852ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جون جاگيرون سندس پُٽ رَتي کي، مبارڪ واري مامري ۾ لاڳو ڪيل اصول هيٺ، ٻيهر منظور ڪري ڏنيون ويون. بهرحال مقرر جمعبنديءَ کي، 1857ع ۾ رَتي جي پنهنجي گذارش تي، جاگير جو چوٿون حصو سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ وسيلي، رد ڪيو ويو. 1858ع ۾ رَتي جي تحويل ۾ موجود جاگير جي ايراضي ٽي هزار ٻياسي بيگهه هئي.

درجابندي، تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ انهيءَ مامري بابت هيئين ريت لکيو:

”هي جاگير چوٿين درجي ۾ درج ٿيل آهي، تنهنڪري آءٌ ان موضوع تي ڪابه سفارش ڪري نٿو سگهان. رَتو سردار ته آهي، پر هن جي اهڙي حيثيت نه آهي، جو هن لاءِ ٻئي درجي جي دستاويزي ثبوت کانسواءِ، موروثي جاگير جي تجويز ڏئي سگهجي.“

بهرحال، مسٽر ايلس، ڪمشنر جي منظوريءَ سان، هن لاءِ پندرهن سؤ بيگهه ايراضي، ڪنهن مختياريءَ کانسواءِ، دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي. اهڙيءَ ريت، هن جي سَند ۾ اها جاگير لکيل هئي، جڏهن ته رتو پنهنجي تحويل ۾ ٽي هزار ٻياسي بيگهه ايراضيءَ واري جاگير رکندو آيو.

# ابڙا

هي آڳاٽو سنڌي قبيلو آهي، ۽ گوپانگن، راڄن، چاچڙن، ۽ عمراڻين جيان نه، پر بلوچن جيان سخت اَڻ سَهو ۽ گڙٻڙ ڪندڙ آهن. اُهي نوشهرو ابڙو واري علائقي ۾ گهٽائي ۾ رهن ٿا، پر منجهانئن ڪجهه لاڙڪاڻي جي اوپرندي علائقن ۾ پڻ پکڙيل آهن.

ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو:

”هن قبيلي جي مشهوريءَ کي داستانن ۽ روايتن ۾ ڏاڍو ساراهيو ويو آهي. ڄام ابڙو يا ابڙو آبڙاڻي ڪاڇي جو سمو حڪمران هو، جنهن جي بهادريءَ ۽ سورهيائيءَ جي ڪارنامن کي، ڊودي ۽ چنيسر، جن کي شايد پنهنجي نسل جي سڀ کان وڏي حيثيت طور ليکيو وڃي ٿو، جي رزميه بيتن ۾ ڳايو وڃي ٿو. ثابتيون شايد اهي دليل ڏين ٿيون، ته ڄام ابڙو اهو ساڳيو سنڌ جو سمو حڪمران آهي، جنهن جو ذڪر ’فرشته‘ ڪيو آهي. ڪيپٽن برٽن ته ايستائين به چيو آهي، ته ابڙا ٻين نُکن ۽ نياتن کان نفرت ڪن ٿا، ڇوته اُهي سندن نسل سان تعلق نٿا رکن.

”سنڌ ۾ هاڻوڪي جاگيردار کان اٺ پيڙهيون اڳ، هندستاني صوبيدارن جي عهدي کي پاسيرو رکندي ڏسبو، ته مير محمد نالي شخص رهندو هو، جيڪو ابڙن جو سردار هو. هن ۽ سندس پيءُ ڄام محمد صديق جي تحويل ۾ باک پور، فتح پور ۽ لاڙڪاڻي ۾خان واهه جا ٽي تپا هوندا هئا. هن جو پُٽ الله وسايو، منجهانئن پهرين جو وارث ٿيو. بئي جو پُٽاٽو وارث جلال خان هو، ۽ شريف پور، جنهن کي هاڻي نؤديرو چيو وڃي ٿو، ۽ جلال پور، جنهن کي هاڻي نوشهرو چيو وڃي ٿو، سميت آدمجي، مدڻجي، اورنگ آباد ۽ اُمروس سندس قبضي ۾ هوندا هئا.

”هن جو وڏو پُٽ فتح خان، تنهن وقت ڪاڇي ۾ هو، جڏهن جلال خان جو لاڏاڻو ٿيو هو. مرحوم جو پيءُ ڪامل خان، نتيجي ۾ خانداني پڳ جو وارث ٿيو. پر فتح خان ترت هڪڙي وڏي قافلي سميت موٽي اچي پنهنجي حق جي دعويٰ ڪئي، ۽ نيٺ ڪمال خان پيڇي ويو، جلال خان جا ٽي پيائر پڻ؛ جن جي قبضي ۾ مرحوم سردار جي زندگيءَ دؤران باک پور هو، سندن ملڪيت تان پنهنجي پيائٽيي جي حق ۾ هٿ ڪڻڻ لاءِ مجبور ٿيا.

”پير محمد، فتح خان جو وارث ٿيو، ۽ هن نصير محمد ڪلهوڙي جي اڳواڻيءَ ۾

ڪلهوڙن جي انهن موتمار ۽ هاڃيڪار هُلائن جي مخالفت ڪئي، جن شڪارپور ويجهو سنڌو درياهه جي اوڀرندي ڪناري وارن علائقن سميت پرپاسي جي ڏيهه کي لُٽي پٽپانگ ڪري ڇڏيو هو. نيٺ خدا آباد جي پنهورن نه سندس اڳيان اڇي ڪنڌ جهُڪايو ۽ ابڙو سردار پڻ گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿيو. فاتحن هن جي پراڻي جاگير جو ٽي ڀاڱي چوٿون حصو بحال ڪري ڇڏيو. هن جي موت کان پوءِ، سندس پُٽ فتح خان، جيڪو اڃا ڇوڪرو هو، تنهن ساليانه پنج سؤ رپيا ڏل جي سيري جاگير طور ورتي.

"پيو وارث جلال خان ابڙو هو، جنهن جي ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪومت ۾ نمايان حيثيت هوندي هئي. انهيءَ حڪومت جي پڄاڻيءَ کانپوءِ، مير فتح عليءَ هن کي ٽالپر دربار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن اهو اعزاز وٺڻ کان انڪار ڪندي، پنهنجي ڳوٺ ۾ اڪيلائيءَ واري شانائتي زندگي گهارڻ کي ترجيح ڏني. مير هن کي سيري ۽ مامول بخشش يا جاگير طور ڏنا، ۽ هو موت ۾ ويڙهه واري وقت، حڪمرانن سان گڏ شامل هوندو هو."

ميجر گولڊسمڊ مٿين چاڻ جلال جي پُٽ علي مردان کان ورتي هئي، جنهن وڏيڪ ڄاڻايو، ته هن جي پيءُ کي مير نصير خان وٽان هڪڙي سوني تلوار پڻ ملي هئي.

## 67. علي مردان خان ابڙو

### سماجي حيثيت

علي مردان سمورن ابڙن جو سردار هو. ڪيپٽن گولڊني موجب، هن بابت چيو وڃي ٿو ته، "هو ائن کان ڏهن هزار ماڻهن جي فوج گڏ ڪرڻ جي قابل هو،" ۽ هو "مائيٽو، نهنو، شريف ماڻهو هو، ۽ هو ڪُڙمت ۾ رُذل رهندو هو." هن "1844-45ع ۾ پاويهه ميل ڊگهو هڪڙو واهه کوٽايو هو." (ڏسو ميجر گولڊسمڊ جون شڪارپور بابت يادگيرون، صفحو 44، سنڌ سليڪشن نمبر سترهون.)

### جاگير ۽ درجابندي

مير فتح عليءَ جي حڪومت ۾ سيري ۽ مامول جي ڏنل جاگيرن بابت دعويٰ جي سچائيءَ جي پڪ ڪرڻ غيرضروري هو، جو انهن جاگيرن جي درجابنديءَ تي ويچاربو نه ويندو هو. علي مردان جي قبضي ۾ 786 بيگهه هئا، جنڪي ڪيس ۾ ڏار ڏار جاگيرن طور 726 بيگهه ۽ سٺ بيگهه مليا هئا. علي مردان کي اها پڇاڙيءَ واريءَ جاگير ٽرائيءَ

۾ گهوڙن لاءِ چراگاهه طور مليل هئي، جتي ابڙي سردار جي آڳاٽي رهائشي جاءِ هئي. جڏهن ته مٿي ڄاڻايل پهرين جاگير، مير مراد علي جي اڳوڻي جاگير جو تسلسل هئي، جنهن جي سلسلي کي پوءِ، نيٺ مير نصير خان ڪجهه مهينن لاءِ ختم ڪيو هو. مير نصير خان بابت تفصيل مان پتو پوي ٿو، ته علي مردان ساليانو 971 شڪارپوري رپيا ۽ هڪ سؤ خرار چانورن جا وٺندو هو. ڪيپٽن پيلي جاگيردارن جي جاگير چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪئي هئي.

## تجويز ۽ نبيرو

ميجر گولڊسمڊ لکيو: "منهنجو پنهنجو اهو خيال آهي، ته جيئن ته حڪومت مان مشڪل سان اها اميد ڪري سگهجي ٿي، ته اها ڪنهن جاگيردار جي موروثي انتظام لاءِ، سنڌ جي فتح وقت هن جي تحويل ۾ موجود جاگير جي پيٽ ۾ وڏيڪ جاگير قبولي يا ڏئي، تنهنڪري هن هاڻوڪي مامري ۾ علي مردان ۽ سندس پٽاڻي وارثن جي نوازش ۾، 786 بيگهه زمين مان 750 بيگهه ايراضي جاگير جي منظوريءَ بابت شايد سفارش ڪجي ٿي."

ان تجويز کي منظور ڪيو ويو ۽ سَند نمبر 84 ۾ عام مختياريءَ سان گڏ ضروري شرط به شامل هئا.

## جاگيردار جو موت

هو 13 نومبر 1884ع ۾ گذاري ويو.

# ڪٽياڻ

هي قبيلو ٻسر- پناڻ ۽ بلوچ- نسل منجهان آهن، جيڪي اُتر سنڌ جي سرحد ويجهو بگٽي علائقي جي اُترين ڏيهه ۾ رهن ٿا. ليفٽيننٽ پوسٽنس هن قبيلي جي پنجن ٻين افغان ۽ پناڻ قبيلن ۾ درجابندي ڪئي آهي، ۽ چوي ٿو ته، "اُهي سڀئي ۽ ڏاڍرجي وچ وارن جابلو ۽ لهوارن علائقن ۾ رهن ٿا."

ميجر گولڊسمڊ لکي ٿو:

"اها ڄاڻ ملي ٿي، ته اُهي ٽالپرن جي حڪومت ۾ اچڻ واري ابتدائي وقت کان وٺي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، جن جي هٿ وس منجهائنئن ڪيترائي سردار عزت، اثر ۽ رتبي وارا جاگيردار ٿيا. اسماعيل ۽ موسيٰ، شايد منجهن وڌيڪ نمايان ۽ ممتاز هئا، تنهن هوندي به آءٌ انهن ٻنهي جي حق ۾ لکيل اُن سَند جو پتو لڳائڻ کان لاچار رهيو آهيان، جيڪا وڏن ميرن کين منظور ڪري ڏني هئي. ڪيپٽن پيلي موجب، موسيٰ "شينهن- مار" طور مشهور هو ۽ مير فتح علي جو دوست هوندو هو."

هن قبيلي جا چونڊيل اڪثر سردار، اسماعيل جا پڙپوٽا هئا.

## 68. غلام محمد ڪٽياڻ

### سماجي حيثيت، جاگير ۽ درجابندي

هي سردار، مير نور محمد جو جهونو چاڪر ۽ نوڪر هو. ليفٽيننٽ ليچ موجب: هو ماهوار هڪ هزار روپيا پگهار وٺندو هو. هن وٽ ويهن جاگيرن هئڻ سميت اناج جا هڪ سؤ خرار پڻ وٺندو هو، جنهنڪري هن کي ويڙهه واري وقت هڪ هزار ماڻهو ڏيڻا پوندا هئا.

هوڏانهن غلام محمد جي قبضي ۾ ٺٽي، سيوهڻ، سڪرنڊ، هالا ۽ بدين ۾ اٺهٺ هزار 221 بيگهه ايراضي هئي، جنهن مان ڪيپٽن پيلي حيدرآباد ۾ ايڪيتاليهه هزار 861 بيگهه ۽ ڪراچي ۾ ٽيويهه هزار 442 بيگهه زمين يعني ڪُل پنجهٺ هزار 303 بيگهه زمين سيڪنڊ ڪلاس هيٺ درج ڪئي.

## ڪتياڻ قبيلي جو خانداني شُجرو




### تجويز ۽ نبيرو

حيدرآباد جي سيڪنڊ ڪلاس جاگير جي ڪُتيل ساليانې ڍل 5157 رپيا ۽ ڪراچي جي 3390 رپيا، يعني ڪل 8547 رپيا هئي. عام قاعدي موجب، جيڪڏهن چوٿائي (2137 رپيا) تخفيف ۽ پوکيل زمين جي هڪ بيگهه تي هڪ رپيو ۽ ويساهيءَ واريءَ زمين جي في بيگهه تي ٻه رپيا وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي ها، ته هوند ارڙهن هزار 230 بيگهه ايراضيءَ جي ٻيهر منظوري ڏيڻي پوي ها. پر ميجر گولڊسمڊ، سر چارلس نيپيئر جي لاڳو ڪيل اُن قاعدي جي پوئواري ڪئي، جنهن جو خيال هو، ته ڪابه موروثي جاگير، ”پهرين ڪلاس يا چئن عظيم تالپر آڪهين جيان، ڪنهن خاص حالتن يا مامرن ڪانسواءِ“، پنج هزار بيگهه ڪان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي. تنهنڪري، هن ان ايراضيءَ واري جاگير دائمي طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي. اهڙيءَ ريت جاگيردار جي سَند نمبر 76 هيٺ، اها جاگير عام مختياريءَ سان سندس وارثن لاءِ قبولي وئي، جڏهن ته سندس تحويل ۾ موجود ان ايراضيءَ کي منظور ڪيو ويو.

### جاگيردار جو موت

هو 20 نومبر 1872ع تي گذاري ويو.

# متفرق سردار

هيٺ ڄاڻايل جاگيردار حسيني سيد هئا، جن مان ٻه ڄڻا پير سرهنديءَ جا پڙپوٽا هئا، ۽ هڪڙو بارڪزئي پٺاڻ هو. سندن خانداني شجرو هيٺين ريت هو:

سيد قائم شاه حسين
- قادر بخش شاه (مرحوم)
- سردار شاه
- غلام رسول شاه
  - سردار شاه
  - پير بخش (وفات: 1887ع)
    - فيض محمد

سرهندي جاگيردارن جو شجرو

پير غلام محي الدين
- پير نظام الدين
  - پير نظام الدين
    - نامعلوم
    - پير غلام نقشبندي (هاٽوڪو جاگيردار)
    - پير شعاع الدين
- پير نظام الدين
  - پير امام الدين
    - پير نُورالدين
    - پير شمس الدين (هاٽوڪو جاگيردار)
    - پير بهاءُ الدين مرحوم

انهن جي واضح نہ ڪيل حصن کي برابر سمجهيو ويو، ۽ انهن سمورن حصن کي ٽرڊ ڪلاس ۾ داخل ڪيو ويو. جاگير جي آخري تيل ماپ مان پنجويھ هزار 206 نيپيئرين بيگھ ايراضيءَ تي آڏاريل جاگير ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن مان ٻارهن هزار 515 نيپيئرين بيگھ زمين لوٽيائي ۽ مڪمل غيرآباد هئي. جڏهن تہ بچيل ايراضيءَ (ٻارهن هزار 691 بيگھ) جي پنجن چٽن ۾ پائيوار طور هرهڪ جي حصي ۾ هڪجيتري ورهاست ڪئي وئي.

## جاگير جي منظوري ۽ تجويز

قائم شاھ نومبر 1856ع ۾ گذاري ويو، ۽ سندس حصو هن جي وڏي پُٽ کي حياتيءَ لاءِ، چوٿون حصو گھٽائيندي، پيھر منظور ڪري ڏنو ويو (بهرحال، جيڪا هُن کي سرڪاري زرعي زمين طور ڏني وئي).

ميجر گولڊسمڊ انھيءَ ڏس ۾لکيو:

"منهنجي طرفان هن نبيري جي شرطن ۾ اڪيلو وڌايل شرط اهو ٿيندو، تہ سيد غلام رسول جي موت کانپوءِ، هن جي حصي مان چوٿين پتي گھٽائي، سندس پُٽ کي پيھر جاگير منظور ڪري ڏيڻ جي جاءِ تي، ٻئي وارث کي 4442 بيگھ ايراضيءَ منجهان ارڙهن سؤ بيگھ ايراضي، موروثي ملڪيت طور چونڊڻ جي اجازت ڏني وڃي. اها سفارش ميرن جي حڪومتي دؤر ۾ قديم جاگير جي حوالي طور نہ، پر سيد جي مکيہ حيثيت کي سامهون رکندي ڪئي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ مٿين ڳالھ جي ڪنهن قدر مير فتح عليءَ طرفان، متي ڇاٽايل سيد امام عليءَ جي پيءُ سيد غلام شاھ ڏانهن جاري ڪيل هڪڙي دستاويز هيٺ سَند مان ڪنهن قدر تائيد ٿئي ٿي.

"جاگيردارَ پنهنجي جاگيرن کان اٽڪل ٻہ ڪوھ جي مفاصلي تي رهن ٿا. هنن جو ڏاڍو گھڻو اثر رسوخ آهي، ۽ سيوهڻ ۾ ڪافي مشهور آهن."

## مامري جو نبيرو

سيد غلام رسول جي سَند نمبر 96 هيٺ، ڪيس سندس تحويل ۾ موجود مڪان نيڙي ۽ آڪڙي جي 5076 بيگھ ايراضي منظور ڪري ڏني وئي، ۽ سندس وارثن لاءِ، عام مختياريءَ سان ارڙهن سؤ بيگھ زمين قبولي وئي. هن کي رواج موجب، ڪيس زرعي مقصدن لاءِ ڏنل 5076 بيگھ ايراضيءَ جي تکري تي ساليانو 155 رپيا جمعبنديءَ طور ڏيڻا پوندا هئا.

72. پير نظام الدين سرهندي (مرحوم)،
جنهن جو وارث پير امام الدين ٿيو
73. پير فدا محي الدين سرهندي (مرحوم)،
جنهن جو وارث پير محمد اشرف ٿيو

## سماجي حيثيت

سنڌ جي فتح کان گهڻا سال اڳ، ھي پائر نظام الدين ۽ فدا محي الدين، هاڻوڪي شڪارپور ڪليڪٽوريٽ ۾، چڱي ساک وارن پيرن جيان مشھور ھوندا ھئا. پير نظام الدين عرب نسل جو هجڻ جي دعوي ڪئي ۽ وڏيڪ چيائين، تہ سندس ڏاڏو فرخ شاھ ڪابل ۾ اچي رھيو هو ۽ هن اتي شھر جي ڪيترن ئي رھواسين کان مذھب مٽرائي ڪين اسلام ۾ داخل ڪيو هو. اھو خاندان پوءِ اُتان سرھند ويو، ۽ اُتي ھڪڙو شھر جوڙي ويٺا. هنن جا بلخ، بخارا، ڪابل ۽ پشاور ۾ ڪيترائي پوئلڳ ھئا، ۽ منجهن موجود ڪيترائي مُريد، هندستان جي مختلف علائقن جا حڪمران پڻ ٿيا ھئا، ۽ احمد شاھ ابدالي پڻ سندن مريد ھو. ميجر گولڊسمڊ کي نظام الدين وڏيڪ ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو، تہ شهنشاھ احمد شاھ ابدالي هنن جي وڏڙن کي سرھند کان ڪابل وٺي آيو هو. هن جو پيءُ غلام محي الدين پشاور کان سنڌ ۾ 1790ع ۾ آيو، ۽ ھو انهن علائقن ڏانهن پنهنجو اچڻ وڃڻ جاري رکندو آيو. 1806ع ۾ هن پشاور ڇڏيو، ۽ ٽالپرَ اميرن جي ھرڪاڻڻ ۽ سک تحريڪ سببان، پنهنجي گادي اچي سنڌ صوبي ۾ ڄمائي.

## زميني جائيداد

سنڌ جي ٽالپرَ اميرن، هن آڪھ کي پنج ھزار بيگھہ ايراضيءَ جاگير طور ڏني، ۽ عظيم خان بارڪزئي ۽ ايوب شاھ وڏيڪ نوازش ڪئي. مير صوبدار، غلام محي الدين جي وفات کانپوءِ، نظام الدين ۽ سندس ڀاءُ کي سيلراھ ۾ اٺ سؤ بيگھہ زمين ۽ لاڙڪاڻي مان اٺ خرار اناج جا ڏنا. ميجر گولڊسمڊ کي پير نظام الدين پڪ ڏياري، تہ حيدرآبادي ميرن کين وڏي انگ ۾ روڪ رقم ۽ موتي هيرا ڏنا ھئا، گڏوگڏ مير ميرمحمد خان کين ساليانو ٽي سؤ رپيا ۽ 4 خرار سُڳداسي چانورَ ڏيندو ھو. بھرحال، ھي اھو موقعو نہ آھي جو ھتي انهن جاگيرن، ناڻي ۽ اناج جو تفصيلي ذڪر ڪيو وڃي، جن جي قبضي بابت اصرار ڪيو ويو آھي، تہ اُھي افغان بادشاھ تيمور

شاهه، زمان شاهه ۽ محمد شاهه جي دؤر ۾ به سندن تحويل ۾ هيون: تنهنڪري اهو چوڻ مناسب ٿيندو، ته سنڌ جي فتح وقت، پنهي پائرن کي وٽس موجود جاگير جي سَند منظور ڪري ڏني وئي.

## محمد اشرف جي جاگير جي منظوري ۽ درجابندي

فدا محي الدين 1853ع ۾ گذاري ويو. اهو فرض ڪيو ويو، ته هن ۽ سندس ڀاءُ وٽ پنهنجي جاگير جو هڪجيترو حصو هو، ۽ نتيجي طور، تڏهن لاڳو ڪيل قاعدن هيٺ فدا محي الدين جي پُٽ پير محمد اشرف کي، غيرآباد ايراضيءَ جي تخفيف ڪندي، چوٿين پتيءَ جي جاءِ تي مقرر جمعبنديءَ هيٺ، ڪُل ڏنل ايراضيءَ منجهان اڌ جاگير ڀيهر منظور ڪري ڏني وئي. ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجو رايو ڏيندي چيو، ته محمد اشرف جي تحويل ۾ موجود جاگيرَ کي "دائمي" هجڻ گهرجي، ۽ انهيءَ موضوع تي ڪمشنر جي فيصلي جي پيرا 6 (ڏسو نمبر 3366، تاريخ 15 نومبر 1853ع) مان پائنجي ٿو، ته اهڙي تجويز کي منظور ڪيو ويو. محمد اشرف کي ڀيهر منظور ڪري ڏنل جاگيرن ۾- لاڙڪاڻي جي سيلرو ۾ 235 بيگهه، شڪارپور جي گُجو ۾ 527 بيگهه، دليل پور ۾ 527 بيگهه، ڪلهوڙا ۾ 527 بيگهه ۽ نوشهرو ابڙو جي ڪوٽ حبيب ۾ 1249 بيگهه ايراضي شامل هئي. ڪيپٽن پيلي انهن جاگيرن کي چوٿين ڪلاس ۾ درج ڪيو، جيڪي اڳ ۾ واضح طور ڪيپٽن اسٽئڪ جي رپورٽ ۾ شامل نه هيون.

## امام الدين جون جاگيرون ۽ درجابندي

1855ع ۾ ڪيپٽن پيلي، پير محمد اشرف جي جاگيرن جي درجابندي ڪرڻ مهل، نظام الدين جي حصي لاءِ، غيرآباد ايراضيءَ جو حوالو ڏيڻ ڪانسواءِ چوٿين پتي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ واري تڏهوڪي لاڳو قاعدي هيٺ، ترڊ ڪلاس جاگيرن جيان امڪاني طور انتظام ڪيو: ۽ پير نظام الدين جي موت ڪان پوءِ ان انتظام کي سختيءَ سان لاڳو ڪيو ويو. انهيءَ انتظام هيٺ پير امام الدين جي تحويل ۾ لاڙڪاڻي جي سيلرو ۾ 220 بيگهه، شڪارپور جي گُجو ۾ 527، دَليل پور ۾ 527 بيگهه، ڪلهوڙو ۾ 527 بيگهه، نوشهرو ابڙو جي ڪوٽ حبيب ۾ 230 بيگهه ايراضي رهي.

## ميجر گولڊسمٿ جي تجويز

محمد اشرف ۽ امام الدين هرهڪ وٽ "پائرن سميت بين ڪيترن مائٽن ڪان پڻ عام طور گهٽي ايراضي هئي،" ۽ اُهي جاگيرون تمام گهٽي قرض ۾ ڦاٿل هيون.

ميجر گولڊسمٿ لکيو:

"جيڪڏهن هاڻوڪا ٻئي جاگيردار پنهنجي نسل جا آخري اولاد آهن، ته اُهي سيني جي اکين آڏو انهن سيني نوجوان عزيزن جا حصا ڪائي ڇٽ ڪري ڇڏيندا. ننڍڙا اسڪول ۾ پڙهن ٿا، وڏڙا ايڏا هيراڪ يا وري ايڏا گهٽا سُڌريل ۽ پڙهيل به نه آهن، جو اُهي عزت ڀريو روزگار ڪن. تنهنڪري حڪومت جن وڏن پائرن کي جاگير ڏني آهي، سي شديد ساڙولا هجڻ سميت وڏا شيطان ۽ شرير به آهن، ۽ گُدران جي حصن جي ورهاست ۽ انتظام جي ڏس ۾ دائمي ڪتراڳ ۽ جهيڙو اُڀرندو رهي ٿو. فدا محي الدين جي پُٽن ۽ نظام الدين جي پُٽن جي پيٽ ۾، وڏيڪ ورهايل پائيچاري جو ادراڪ ڪرڻ هوند ڏکيو ٿيندو، جيڪي پنهنجي سئوٽن جي وڏيڪ ناراضگي لاءِ ميدان ۾ ڪُڏي پوڻ لاءِ به اُتاولا ۽ تيار رهن ٿا.

"محمد اشرف جي موت کان پوءِ، آڪهه جي هڪڙي پاڙي جو سمورو گدران جو وسيلو ۽ انتظام بلڪل ختم ٿي ويندو. جڏهن ته ٻيو پاڙو مڪمل طور هڪجيترو امام الدين جي زندگيءَ تي پاڙيندڙ آهي.

"جاگيردارن جي سماجي حيثيت رڳو اهڙي نه آهي، جيڪا هوند موروثي جاگيرن جي ضامن ٿيندي، جيڪا اصول موجب موروثي بڻبي، پر اها سندن نوازش جي مثال ۾، دستاويزي ثبوتن جي ناڪاميءَ جي موقعي تي، اتڪل ضمانت جهڙي ٿيندي. بهرحال، سڀ کان پهرين ان مثال ۾ اهو ضروري آهي، ته ڪوٽ حبيب، دليل پور ۽ گُجوءَ وارين جاگيرن جو جائزو ورتو وڃي.

"جيئن ته پهرين ۽ آخري جاگيرون شڪارپور ڪليڪٽوريٽ جي حدن ۾ اچن ٿيون، جيڪي مير مراد عليءَ منظور ڪيون هيون ۽ جن کي پوءِ ٿرڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو هو، پر دليل پور واري جاگير افغان حڪومت طرفان ڏنل آهي. تنهنڪري ان نقطي جو فيصلو ٿيڻو آهي، ته ڇا اهڙيءَ جاگير ۾ انهن قاعدن کان رهنمائي وٺڻ گهرجي، جيڪي حيدرآباد يا اُتر سنڌ جي ميرن تي لاڳو ٿيل آهن؟ جيڪڏهن ميرن وارو اهو قاعدو لاڳو ڪيو ويندو، ته اها سيڪنڊ ڪلاس جي جاگير ٿيندي، ۽ وري جيڪڏهن اڱوٺو قائدو لاڳو ڪيو ويندو، ته پوءِ اها ٿرڊ ڪلاس جاگير ٿيندي. منهنجو اهو خيال آهي، ته ملڪ جي جنهن خاص حصي مان ورچيل محصول حاصل ٿئي ٿو، نيٺ حيدرآباد صوبي جي حصي ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ، افغان سَندن کي ٽالپرن جي شاخن جيان سمجهڻ گهرجي، تنهنڪري جاگيردارن سان مِٽانهين ورتاءَ ۽ سلوڪ جا حقدار نه آهن."

سيلرو واري جاگير مير صوبدار ڏني هئي، پر ڪليڪٽوريٽ رول ۾، جاگير وٺندڙ

جي سرداريءَ واري حيثيت کي سامهون رکندي، اها جاگير سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪئي وئي.

جاگيرن جي موروثي حيثيت سان درجابنديءَ جي وضاحت لاءِ دستاويزي ثبوت موجود نه هوندي، ميجر گولڊسمڊ جاگيردارن جي مقامي حيثيت جي ڦهلاءُ ۽ سندن انيڪ خاندانن کي جاگيرون ڏيڻ واري خيال کان، هيٺين تجويز موڪلي، جيڪا قاعدي موجب نه هئي:

"آءٌ هاڻوڪن ٻنهي جاگيردارن جي موت کانپوءِ، جاگير جو اڌ حصو مرحوم جي نالي ۾ سرڪاري تحويل ۾ ونندس، ۽ وارث خاندان جي گذران لاءِ دليل پور جي جاگير مان ملندڙ آمدني مان وظيفو ڏيڻ جي اجازت ڏيندس. ٻئي جاگيردار جي موت کانپوءِ، آءٌ جاگير وٺندڙ جي باقي زمين سرڪاري تحويل ۾ وٺندس ۽ حڪومتي خيرات تي پلجندڙن کي واڌو ايراضي ڏيندي، وظيفي جي رقم کي ٻيڻو ڪندس. اها پير نظام الدين ۽ فدا محي الدين جي پٽاٽي وارثن لاءِ، ڪليڪٽر جي پروسي سان، دائمي ۽ مقرر وظيفو ٿيڻ گهرجي، ۽ خاندان جي پُٽاٽي وارثن کي، سياسي يا مڪمل خيراتي بنيادن تي، جيئن به سندن سوچ هجي، اهڙو حصو ڏيڻ جوڳو هجي، پر اهو ضروري آهي، ته خيرات ۾ حقدارن جي اهليت جو خيال رکيل هجي."

## مسٽر ايلس جي تجويز ۽ نبيرو

بهرحال، مسٽر ايلس انهيءَ تجويز جي منظوري نه ڏني. هن سفارش ڪئي، ته پير امام الدين ۽ پير محمد اشرف، هرهڪ کي موروثي طور هڪ هزار بيگهه ايراضي ملڻ گهرجي، ۽ اها تجويز منظور ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت سندن سَند (نمبر 86 ۽ 85 ترتيب وار) ۾ اهو شرط، سندن وارثن ڏانهن ڪنهن مختياريءَ کانسواءِ، شامل ڪيل هو، جڏهن ته هنن سندن تحويل ۾ موجود واسطيدار جاگيرن جي ٻيهر منظوري ڏني.

## 74. عبدالله خان پٺاڻ

### سماجي حيثيت

ميجر گولڊسمڊ لکيو: "آءٌ سمجهان ٿو، ته عبدالله پٺاڻ سماجي حيثيت پٽاندر هڪ سردار آهي، ۽ هو بارڪزئي قبيلي جو افغان نوجوان آهي، ۽ ڪابل جي دوست محمد خان جو مائٽ آهي. هن جو پيءُ جمعو خان افغان حڪومت جو ملازم هو. هن

جي ڏيهي ماڻهن ڪيس، 1824ع ۾ اهو شهر ميرن جي ضابطي ۾ ڏيڻ جي ڏس ۾، سنڌي نواب ولي محمد سان ٿياڪڙيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ، نمائندي يا سفير طور مقرر ڪيو هو. هو هينئر به شڪارپور کان اٺن ميلن جي فاصلي تي واقع، مائٽاڻي ڳڙهي ياسين واري پنهنجي پراڻي گهر ۾ رهي ٿو، جتان هو پنهنجو محصول جو حصو وٺي ٿو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجي جاگير تي رهندڙ جاگيردار يا پٽيدار آهي، يا پلي ڪو پيو نالو يا اصطلاح ڪتب آڻجي، ۽ هو زرعي سڏارن ۽ ڪُڙمت وسيلي پنهنجي گذران جا وسيلا ناهڻ ۽ وڌائڻ لاءِ پاڻ رُڌل رهي ٿو. هي ڳڙهي ياسين اهو هنڌ آهي، جتان شڪارپور جي آخري افغان گورنر عبدالمنصور، پيو ڪو موقعو نه ڏسندي تڏهن پاڃ ڪاڏي هٺي، جڏهن ڪيس سنڌ جي علائقن مان تڙيو ويو هو.“

## زميني جائيداد

شاهه شجاع الملڪ جي جاري ڪيل هڪڙي سَند، جنهن تي آگسٽ 1810 جي تاريخ لکيل آهي، مان پڌرو ٿئي ٿو، ته جمعو خان جي پاءُ احمد خان کي وظيفي جي جاءِ تي، سندس تحويل هيٺ آيل واهه ۽ ورتل ايراضيءَ جي حڪومتي حِصي تي ڪيس 75٪ ثُمن معاوضي يا معافيءَ طور مليا هئا. احمد خان جي موت ڪارڻ، چاڻايل رقم جي ڇُوٽ جي جاءِ تي، ڪجهه جاگير جو محصول جمعو خان کي نوازيو ويو. محمد شاهه جو هڪڙو دستاويز، جنهن تي ساڳي تاريخ ۽ سال لکيل آهي ۽ ساڳيو مطلب چاڻايل آهي، به جاگير جي رڪارڊن ۾ شامل آهي. ميجر گولڊسمڊ پنهنجي سردارن واريءَ رپورٽ جي ضميمي ”Z“ ۾، تاريخي ڇاڻ جو حوالو ڏيڻ ۾ اڳتي ويندي به، انهن ٻنهي سَند جي وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي، جيڪي شاهه شجاع تڏهن اهي ٻئي سَندون ڏنيون هيون، جڏهن هو پاڇوڪڙ ٿيو هو، ۽ شاهه محمد ان جي جاءِ تي ڪابل جو تخت والاري ورتو هو.

”پوءِ واريون ٻئي سَندون قنڌار جي سردار محمد عظيم ۽ شير دل خان ڏنيون هيون، ۽ ٻنهي تي ساڳيو سال يعني 1821ع چاڻايل هو، ۽ ساڳيو مطلب هو. ٻنهي سَندن جي ورجاءَ مان لڳي ٿو، ته افغانستان ۾ تڏهن رائج ورهايل مفادن طرفان موقعي جو وجهه وٺڻ ۽ مستقبل جي انقلاب جي حالتن هيٺ، جاگيردار ڏانهن چاڻايل جاگيرن کي رڪارڊ ۾ آڻي بچائڻ ۽ کين تحفظ ڏيڻ جي خواهش هئي. انهن دستايزن ۾ ڳڙهي ياسين جي محصول مان ملندڙ ٽن پاڱن مان به پٽيون، اڳوڻي رواج موجب، جمع خان بارڪزئي جي نالي ۽ جاگيردار جي پنهنجي ڪڙمت لاءِ منظور ٿيل آهن. هرهڪ سَند

جي لکت مان اهو ويساهه ٿئي ٿو، ته اڌ جو مطلب سڄي محصول مان اڌ هو. تنهنڪري چوٿون حصو جاٿايل نه هو. چٿن حصن منجهان ٻه حصا دعويٰ جو اصل روح آهن، ۽ هي اهو حصو آهي، جنهن کي مير نصير خان 5 اپريل 1842ع تي منظور ڪندي قبوليو هو.

"1842ع ۾ برطانوي حڪومت، ميرن کي انهن ضلعن کي زراعت لاءِ ڏيڻ جي تجويز ڏني، جن ۾ عبدالله خان جي جاگير هئي، يا ٿورڙو وڌيڪ ايئن چئجي ته، جيئن جمع خان جي پٽن جي جاگير سندن نالي ڪئي وئي هئي. تڏهن اهو سوال بحث جوڳو هو، ته ڇا اها زمين حڪومتي تحويل ۾ واپس ونجي يا نه. ۽ مير حسن عليءَ جو هڪڙو خط به موجود آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو، ته برطانوي اختيارين، جاگيردارن جي حق ۾ مداخلت ڪئي هئي. جاچ کي روڪيندي مامري کي التوا ۾ رکيو ويو. بهرحال، شڪارپور جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ پنهنجا ويچار هيٺينءَ ريت لکيا (13) آهن: 'جمع خان جو پنهنجي ملڪيت جي حق وارو سوال، اهي ضلعا اسان ڏانهن منتقل ٿيڻ تي احتجاج ۽ گوڙ نه ڪرڻ تائين، ڪڏهن به نه رهيو هو. تنهنڪري اسان ڪارروائي سان جڙيل هجڻ طور ڏيان ڏيون ٿا. اهڙيءَ ريت، پير نظام الدين جي انهن جاگيرن سان هٿ چراند نه ڪئي وئي آهي، جيڪي سندس تحويل ۾ موجود هيون، تنهنڪري پڪ سان ڪو به سبب معلوم نٿو ٿئي، ته ڇو جمع خان جي تحويل ۾ موجود ايراضين سان هٿ چراند نه ڪئي وڃي.''

ليفٽيننٽ پوسٽنس پڻ عبدالله خان کي پروانو ڏنو هو، ته هن کي "برطانوي حڪومت طرفان پنهنجي حقن کان محروم نه ڪيو ويندو.'' آخرڪار، شڪارپور جي منتقليءَ واريون ڳالهيون اڌ ۾ ٽٽي ويون، ۽ انهن سالن جي شروع ۾، مياڻيءَ جي جنگ وارو واقعو نروار ٿيو، ۽ سنڌ کي نيٺ فتح ڪيو ويو. پر هوڏانهن، مير نصير خان، عبدالله خان ۽ سندس پٽن جي تحويل ۾ موجود جاگيرن بابت هڪڙي نئين سَند جاري ڪئي هئي، جنهن تي اپريل ۽ مئي 1842ع لکيل هو.

1845ع جي پڇاڙيءَ تائين برطانوي ڪليڪٽرن طرفان اهي جاگيرون منظور ڪري ڏيڻ تائين، انهن جاگيرن تان محصول اوڳاڙڻ وارو سلسلو جاري رهيو. پر تنهن وقت ميجر گولڊني، 1841ع ۾ انهن جاگيرن تان مٿئين جاگيردارن کان قبضو ڇڏائڻ واري ڳالهه بابت ڌيان ڇڪايو هو، ۽ پوءِ اهو قبول ڪندي چيائين، ته وري 1842ع ۾ انهن جاگيرن کي بحال ڪيو ويو هو. گهڻو زور ''خدمت لاءِ'' واري اصطلاح تي ڏنل هو، جيڪو جاگيرن جي ڪيترن ئي سَندن ۾ واپرايل هو.

حيدرآباد جي رڪارڊ مان ڏسي جاچ ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون، ۽ نتيجو

اهو نڪتو جو هز ايڪسيلينسي گورنر، چوٿون حصو گهٽائي، رڳو ٻن حصن، يا انهن حصن مان ٽن جي منظوري ڏني.

## جاگيرن جي درجابندي

ميجر گولڊسمڊ، پٽيدارن بابت 7 فيبروري 1854ع تي موڪليل پنهنجي رپورٽ نمبر 22 ۾، عبدالله خان کي پٽيدار جي حيثيت سان ڄاڻايو. تنهن هوندي به هُن مواد ۾ ڄاڻايو، ته محصول جو حصو، جاگير جي حيثيت سان ورهيو ويو هو. نوشهرو ابڙو رول ۾ هيٺيون متن ڄاڻايل آهي:

”هن جاگير لاءِ اڳتي اينڊرسپ ڪان آڪاتي سَند، جمادي الثاني 1236هه واري سال جي آهي، جنهن کي خدمتن جي خيال کان جاگير طور بيان ڪيو ويو آهي. بهرحال اهو وڏيڪ صحيح ٿيندو، ته جاگير کي پائيواريءَ جي حيثيت سان بيان ڪيو وڃي. بهرحال، جيئن ان نقطي تي ڪجهه شڪ آهن ۽ 1236هه واري سَند ۾ اڳوڻي جاگير جو حوالو ڏنل آهي، تنهنڪري آءٌ سفارش ڪريان ٿو، ته جاگير کي ٽرڊ ڪلاس جاگير جي فائدي ۾ اجازت ڏني وڃي، جيڪا هڪڙي نسل تائين منظوريءَ جوڳي هُجي.“ ٻئي پاسي، ڪليڪٽوريٽ رول ۾، اها ٽرڊ ڪلاس ۾ پَٽيداريءَ جيان، سجي حياتيءَ لاءِ جاگير طور درج ٿيل آهي.

### تجويز ۽ نبيرو

انهن حقيقتن پٽاندر مسٽر ايلس، عبدالله خان ۽ سندس پاءُ خيرالله لاءِ ڳوٺ جا ٽي پاڱي اٺ حصا دائمي جاگير طور ڏيڻ جي سفارش ڪئي. اهڙيءَ ريت انهن جي سَند نمبر 89 ۾، هنن جي 1858ع ۾ حيثيت جي حقيقت بابت ڄاڻايل آهي، جنهن هيٺ اُها منظور ڪئي وئي:

”هاڻي جاڄ ڪانپوءِ اها ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي آهي، ته سنڌ جي فتح وقت، توهان جي تحويل ۾ تعلقي نوشهرو ابڙو جي ديهه ڳڙهي ياسين ۾ گڏيل طور جاگيرن جو اڌ هو، جنهن کي هز ايڪسيلنسي گورنر سر چارلس نيپيئر توهان وٽ رهڻ ڏنو هو. پر 1846ع واري سال، اڳوڻي قبضي بابت جاچ ڪانپوءِ، چڱي ۽ مناسب عقلي بنيادن هيٺ، پيداوار جو چوٿون حصو حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ ۽ سجي ديهه جي ڪُل حصن مان انهن منجهان ٽي حصا توهان وٽ رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو.“

سَند ۾ هنن جي وارثن لاءِ، مٿين ديهه ۾ انهن حصن مان ٽي حصا، ڪنهن مختياريءَ ڪانسواءِ، قبوليا ويا.

# فرسٽ ڪلاس خيراتدار (1)

## 1. مخدوم عبدالخالق (مرحوم)، جنهن جا وارث مخدوم محمد عاقل، محمد رفيق ۽ محمد عابد ٿيا

### خانداني شجرو ۽ حيثيت

هن خيراتدار جو خانداني شجرو هيٺين ريت ڏجي ٿو:




مخدوم ميان احمدي، افغان حڪومت واري دؤر ۾ غيرمعمولي عزت ۽ مانُ ميٽا وارو شخص هو. هن خاندان جي بزرگي ۽ علمي گهراڻي سبب گهٽي ناماچاري هئي.

### جاگير جي سَند

هن خاندان کي جيڪا پهرين سَند سونپي وئي، سا احمد شاهه دراني طرفان 12 نومبر 1761ع تي راوتي، مرزاپور، ۽ جيڙينجا جي ڳوٺن تي "اڳوٽي رواجن سان ٺهڪجندڙ" ڍل ۾ ٻين رعايتن جي ڪجهه ڇوٽ هيٺ، ڏني وئي هئي. معلوم ٿئي ٿو، ته جاگيردار ميان احمد زمين جو مالڪ آهي. هن کي جيڪي ٻين سَندون مليون، تن ۾ 1780ع ۾ تيمور شاهه، 1787ع ۾ زمان شاهه، 1802ع ۾ محمد شاهه، 1219هه ۾شاهه شجاع الملڪ، 1813ع ۾ مير رستم، ۽ 1823ع ۽ 1828ع ۾ مير سهراب وٽان مليل شامل آهن. افغان بادشاهن جيڪا ڇُوٽ ڏني هئي، تنهن جو ملهه پيداواري اناج جي

مقدار، يا پوڪيل ٻيگهن جي انگن تي آڌاريل هو- حڪومتي محصول هڪ پاڳي ڏهون حصو ۽ هرهڪ جمع بنديءَ جي هرهڪ ٻيگهه تي هڪ رپيو ڏل هو. بهرحال، 1828ع ۾ مير سهراب طرفان عبدالخالق کي، پنهنجي خاندان جي پهرين سَند هيٺ سندس تحويل ۾ موجود ايراضي، ۽ ديهه مرزاپور جي مهاڳي ۾ موسيٰ پور واري ايراضيءَ جي، هڪ سَند منظور ڪري ڏني وئي، جنهن ۾ حڪومت ۽ هن جي وچ ۾ محصول جي ورڇ برابر ڄاڻايل هئي. مير سهراب جي آخري سَند مهربند هئي ۽ سر چارلس نيپيئر ان جي منظوري ڏني. هن جي 1823ع واري سَند ۾ عبدالخالق جا چار پاڳي ڇهه حصا ۽ محمد رفيق ۽ محمد عابد جا هڪ پاڳي ڇهه هرهڪ جا حصا مقرر ٿيل هئا. انهن حصن جي ڪُل ڏل 1378 رپيا هئي.

## جاگير ۽ نبيرو

عبدالخالق 11 مئي 1852ع تي گذاري ويو، ۽ ميجر گولڊسمڊ (2) سفارش ڪئي، ته جيئن ته جاگير ست سالن کان ٻه آڳاٽي هئي، تنهنڪري اها جاگير، مير سهراب جي 1823ع واري سَند جي شرطن هيٺ قبوليت جوڳي، مستقبل ۾ عبدالخالق جي موت کانپوءِ امڪاني طور پيدا ٿيندڙ سمورن عدالتي ڪاروائين کي ختم ڪرڻ جي خيال کان، محمد عاقل کي منظور ڪري ڏيڻ گهرجي. ڪمشنر، ميجر گولڊسمڊ سان سهمت ٿيو، ته اڳوڻي حاڪم طرفان جاري ڪيل سَند ۾ پائيوارن جا جيڪي حق ڄاڻايل آهن، سي ڪليڪٽر وسيلي، ديواني عدالت جي مداخلت کانسواءِ، خاندان جي وڏي خلاف لاڳو ٿيڻ گهرجن، ۽ اهو ته دعويٰ موروثي طور (3) ”اصل جاگيردار ميان احمد جي قانوني مرد وارثن، محمد عاقل ۽ ان جي پائيوارن محمد رفيق ۽ محمد عابد جي نالي،“ منظور ڪئي وڃي. (4) بمبئي حڪومت 18 ڊسمبر 1854ع تي جاري ٿيل پنهنجي ٺهراءَ نمبر 5479 هيٺ جاگير جي سَند کي ”تجويز ٿيل جيان“، منظور ڪرڻ تي راضي ٿي، ۽ آخري نبيري تي ان جي توثيق ڪئي وئي. تنهنو قت انهيءَ جي ملهه بابت ڇيو ويو، ته اهو 599 رپيا ۽ زمين جي ايراضي تي هزار ٻيگهه آهي.

## 2. سيد غلام شاهه سردار (مرحوم)، جنهن جو وارث سيد ميان نور حسين ٿيو

### خانداني شجرو

هن خيراتدار جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

سيد مصطفيٰ (1)

سيد مرتضيٰ (2)
سيد محمد سيد، (4)
سيد مير غلام مرتضيٰ سردار، (6)
سيد مير محمد سيد سردار، (8)
سيد مير غلام مرتضيٰ يا غلام شاھ سردار، (10)
سيد مير محمد سيد يا سيد مير سيد خان، سردار، (12)
سيد مير غلام مرتضيٰ يا سيد غلام شاھ، سردار، (14)، (26 سيپٽيمبر 1832ع تي لاولد گذاري ويو.) هن جي شادي سيد ميان نور حسين (11) جي ڌيءَ سان ٿيل هئي.

سيد محمد اسحاق، (3)
سيد الهہ بخش، (5)
سيد لطيف علي (7)
سيد ميان بخش علي (9)
سيد ميان نور حسين، (11)، هن جي شادي سيد مير محمد (8) جي ڌيءَ سان ٿيل هئي.
سيد قلندر بخش (13)
سيد غلام حسين (9)

## سماجي حيثيت ۽ جاگير جي سَند

سيد غلام شاھ، سيدن جي ”وڏي ويڙهي جو نمائندو ۽ چڱو مڙس هو.“ (5) جيڪو سيدپور ۾ رهندو هو، جنهن واهڻ تي اهو نالو سترهين صديءَ جي شروع کان وٺي سندن انگ ۽ اثر سبب پيو. سنڌ جي فتح وقت، سيد غلام شاھ سردار جي تحويل ۾ بائيجي، (6) پناھ عاقل، سراءِ سارکو، ننداپور جي هڪ پاڱي چار محصول، ۽ پڙست - ديھ هنگورا واهڻ، ناريجا ۽ ٻاٽي کار ڪاسا جي هڪ پاڱي پنج حصا- ۽ شفيع آباد جي هڪ پاڱي پنجين حصي جي محصول واريون جاگيرون ڏنيون ويون. اهي سموريون جاگيرون 23 مئي 1817ع تي مير رستم طرفان سيد غلام شاھ ۽ سندس مائٽن جي نالي جاري ڪيل سَند ۾، سيدپور جي پاڱي طور ڄاڻايل آهن، جنهن ۾

سيدپور جو هڪ ڀاڱي چار محصول (منافعو) منظور ڪيو ويو هو. ۽ 30 اپريل 1822ع تي ساڳي جاگيردارَ ڏانهن مير مبارڪ طرفان جاري ٿيل سَند ۾ ساڳيو معنيٰ ۽ مقصد ڇاٽايل هو. مير سهراب جون سيد غلام شاهه نالي اڳ ۾ جاري ٿيل ٻن سَندن ۾ (مئي 1799ع ۽ مئي 1802ع) رڳو اهو محصول منظور ڪيو ويو هو. ۽ ميجر گولڊسمڊ (7) وڏيڪ انهيءَ خيال جو هو، ته خدا يار خان عباسي (نور محمد) جي هڪڙي سَند ۾ (تاريخ مئي 1738ع) ”تپن ۽ موضع جو ممول محصول اڳ جيان“ سيد غلام مرتضيٰ ۽ ٻين سيدن لاءِ برقرار رکيو ويو هو، جن ۾ شايد ساڳين جاگيرن ڏانهن حوالو ڏنل هو، جيڪي شهنشاهه جهانگير ۽ شاهجهان طرفان 1611ع ۽ 1619ع ۾ ترتيبوار جاري ٿيل ٻن شڪي معنائن وارين سَندن مان هُن نتيجو ڪڍيو، ته اُهي گهٽيون آڳاٽيون هيون.

## جاگيرن جي ٻيهر سَند ۽ نبيرو

سيد غلام شاهه، جنهن کي سنڌ جي فتح وقت 1845ع ۾ سندس تحويل ۾ موجود جاگيرن جي منظور ڏني وئي هئي، 26 سيپٽمبر 1852ع.تي گذاري ويو، ۽ سندس سرداري يا دستار جو، ڪتنب جي عام راضپي سان، سندس وڏو چاچو ۽ سهرو سيد ميان نور حسين وارث ٿيو. ڪيپٽن گولڊسمڊ لکيو: ”پانئجي تو، ته دستار (پڳ) مان جاگير واريءَ سَند جي عام معنيٰ ورتي وئي، ۽ حڪومت جي مداخلت ڪانسواءِ، ننڍڙن حصن (8) ۾ ورڇڻ جو شرط لاڳو ڪيو ويو هو.“ تنهنڪري هن سيد ميان نور حسين کي، جنهن پنهنجي وڏڙن ڏانهن حڪومت جي رهيل بقاياڻن ڏيڻ لاءِ حڪومت ڏانهن جوابدار ٿيڻ جي ذميواري ڪئي هئي، تنهن کي محصول دائمي طور ٻيهر بخشڻ جي سفارش ڪئي. (9) اهڙيءَ ريت مسٽر فريئر، مرحوم کي محصول جا ملندڙ ڀاڱا ”هاڻوڪي سردار نور حسين، عارضي طور ٿيندڙ سردار ۽ سندس مائٽن کي ڏيڻ“ جي سفارش ڪئي.“ (10) بهرحال، ساليانو ڇهه سيڪڙو تخفيف ڪئي وئي، ۽ ڀاڱن جي خرچن جي حيثيت سان رعايت حڪومت کي، سردار ٿيندڙ واسطي، پاڻ ۽ برادريءَ لاءِ محصول جي حصن جي توثيق لاءِ سفارش ڪئي.“ بمبئي حڪومت جي تاريخ 15 فيبروري 1855ع واري ٺهراءُ نمبر 705 هيٺ، منظوريءَ کي قبوليو ويو، ۽ نيٺ آخري نبيرو ڪيو ويو.

## 3. غلام حسين شاهه سيد

### جاگيرَ جي سَند

سنڌ جي فتح وقت، خيراتدار جي تحويل ۾ ديهه سلطان پور، سانجڙي ۽ امير آباد

## غلام حسين ۽ غلام علي شاهہ جاگيردارن جو شجرو




جي هڪ پاڳي ٻارهين حصي جو محصول هو. هن جي قبضي ۾ پراڻين سَندن منجهان هڪڙي سَند احمد شاهہ دراني طرفان 1750ع تي جاري ٿيل هئي، جيڪا سيد محمد ڪاظم ۽ خيراتدارجي وڏي ڏاڏي قوام الدين کي ڏني وئي هئي. اهو ٻُڌايو وڃي ٿو،

۽ انهن سيدن اها ڳالهه سامهون آندي هئي، ته وٽن ماتيلو ۽ اروڙ ۾ موروثي زميني جاگير، ۽ جتوئي ۽ سعيدآباد ۾ باغ هو، جنهن تي اهي گهٽ ڍل ڏيندا هئا- تنهنڪري هنن جي ان اڳوڻي رعايت ۽ ڇوٽ کي منظور ڪيو ويو. عبدالنبي ڪلهوڙي جي 15 آڪٽوبر 1777ع تي جاري ٿيل پرواني ۾، محمد سرفراز ڪلهوڙي طرفان جاري ٿيل اڳوڻي پرواني کي برقرار رکيو ويو، جنهن ۾ سيد قوام الدين لاءِ سلطان پور ۽ سنجڙي جو هڪ پاڱو پنجون حصو ڇاڏايل هو، جيڪي جاگيرون اروڙ جي آڳاٽي پرڳڻي ۾ هيون. 23 جنوري 1798ع تي مير سهراب، قوام الدين جي پٽ سيد مير شمس الدين ڏانهن هڪڙي سَند جاري ڪئي- جنهن ۾ اڳتي ڇاڏايل هو، ته سيد خريف 1207 لاءِ سلطان پور، سنجري ۽ اميرآباد جي محصول واري حصي مان هڪ پاڱي ٻارهون حصو، اڳوڻي رسم موجب عمل جوڳي جمعبندي ۽ ڇوٽ هيٺ ورتو هو- تنهنڪري هنن ان نوازش جي تجديد جي ڪوشش ڪئي هئي- جنهن کي منظور ڪيو ويو. ۽ اهو ته هن کي جاگيرون ڏيندڙ جي خوشحاليءَ لاءِ دعاگو رهڻو هو. مير مبارڪ 4 مئي 1824ع تي، ان جاگير جي شمس الدين جي پٽ سيد غلام نبيءَ ڏانهن توثيق ڪئي ۽ وري مير مبارڪ جي پٽ مير فضل محمد طرفان غلام نبيءَ جي پيائيتي سيد غلام حسين جي نالي توثيق ڪئي وئي.

مامري جو نبيرو

اها سَند سٽ سالن کان وڌيڪ آڳاٽي هئي: ميجر گولڊسمڊ پنهنجي رپورٽ ۾ جيڪا آخري نبيري جو بنياد هئي، جاگيردار کي دائمي خيراتدار جو رتبو ڏيڻ واريءَ اجازت جي سفارش ڪئي، ۽ هن جي سفارش منظور ڪئي وئي.

## 4. سيد غلام علي شاهه

### جاگيرَ جي سَند

هن سيد وٽ جيڪا آڳاٽي سَند موجود هئي، سا شهنشاهه شاهجهان جي صوبيدار سردار مظفر خان طرفان 1641ع ۾ جاري ٿيل هئي، جنهن ۾ مير عبدالعامل کي، سندن وڏي ڪٽنب ۽ انيڪ گهرجن کي ڏيان ۾ رکندي، جاگير طور موضع ڪڏيهڙي، چار پيڙهين تائين خيراتي طور آزاداڻي نموني جاگير ڏني وئي هئي. ان سَند جي عالمگير جي صوبيدار عزت خان طرفان 1661ع ۾ توثيق ڪئي وئي. ان جاگير کي ڪلهوڙن حڪمرانن به مڃيو هو، جيئن محمد سرفراز خان واريءَ تاريخ 19 آڪٽوبر 1772ع تي

جاري ٿيل هڪڙي سَند مان پتو پوي ٿو، جنهن ۾ لکيل آهي، ته مير قوام الدين ۽ مير شمس الدين وٽ، حڪومت ڪي ساليانو 162 رپيا، پنج آنا ۽ ڇهه پايون نذرانو ڏيڻ واري شرط هيٺ اها جاگير سندن تحويل ۾ رهي هئي. مدد خان افغان طرفان ٿيندڙ تباهي ۽ لٽمار ڪانپوءِ، جنهن جي چڙهائيءَ دؤران سنڌ ۾ عوامي قتل ٿيو ۽ اتڪل ملڪ کي اُجاڙي پٽپانگ ڪيو ويو هو، مير سهراب 5 مارچ 1792ع تي هڪڙو پروانو جاري ڪندي، شمس الدين جي نالي پراڻي معاهدي جي توثيق ڪئي. پتو پوي ٿو، ته فيبروري 1801ع ۾ معاهدي ۾ قيرقار ڪئي وئي، ۽ مير رستم واري وقت ۾ ورهاست ڪئي وئي، جنهن هيٺ سيد غلام علي شاهہ پنهنجي ڪٽنب جي تحويل ۾ موجود ڪڏيهڙي جاگير مان محصول وٺندو هو.

## مامري جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ طرفان 1859ع ۾ حڪومت ڏانهن موڪليل هڪڙي رپورٽ موجب، اهو حصو 374 روپيا هو، ۽ اهو نبيري واري وقت، غلام علي شاهہ کي دائمي طور منظور ڪيو ويو.

# 5. نور حسين شاهہ ۽ صادق علي شاهہ

## خانداني بُڻ بنياد

نور حسين شاهہ جو خانداني شجرو اڳيئي ڏنو ويو آهي (ڏسو نمبر 2)– پر انهن خيراتدارن جي مڪمل خانداني شجري جي حوالي لاءِ، ميجر گولڊسمڊ جي روهڙي ۽ سکر جي سيدن بابت يادگيرين تي لکيل مواد ”بمبئي حڪومت جي رڪارڊ، نمبر XVII، نئين سلسلي جي چونڊ“ کي ڏسڻ گهرجي. هيءَ ڳالهہ چوڻ مناسب ٿيندي، ته روهڙي ۽ سکر وارن انيڪ سيدن جي ڏاڏي، مشهور ۽ نامياري سيد محمد مڪائي رضوي جي پيڙهيءَ منجهان نور حسين شاهہ سورهين ۽ صادق علي شاهہ ارڙهين پيڙهيءَ ۾ هو.

## سماجي حيثيت

سيد محمد مڪائي، مشهد جي رهواسي سيد محمد شجاع جو پُٽ هو، جنهن کي ’سلطان العارفين‘ سڏيو ويندو هو، ۽ هُن مڪي ڏانهن حج لاءِ ويندي مهل، بغدادي شيخن جي مشهور شيخ ۽ ملتان جي شيخ بهاءُالدين زڪريا جي مرشد شهاب الدين

سهروورديءَ جَي نياڻيءَ سان شادي ڪئي هئي. سيد محمد مڪي ۾ پيدا ٿيو، تنهنڪري هن کي مڪائي سڏيو ويو. هو پنهنجي پيءُ جي وفات ڪانپوءِ، ۽ شايد چنگيز خان جي فوجي ڪاهه جي نتيجي ۾، 1260ع ڌاري ٻکر ڏانهن روانو ٿيو، جتان هن جو اولاد اُچ، گجرات ۽ عام طور هندستان جي علائقن ڏانهن ڦهلجڻ لڳو ۽ پکڙجڻ سميت پنهنجي سڳورائپ ۽ علمي ڏاهپ سببان وڏي ناماچاري ماڻي.

## جاگيرَ جي سَند

هن جي ٻکر ۾ رهندڙ وارثن جي تحويل ۾ موجود ديهه علي واهڻ واريءَ جاگير، سنڌ ۾ بيشڪ آڳاٽي جاگير آهي.

”محترم فريئر حڪومت ڏانهن پنهنجي 18 ڊسمبر 1854ع تي لکيل خط نمبر 440 ۾ لکندي چيو: ”جاگيرَ جي دعويٰ جي حمايت ۾ پيش ٿيندڙ سڀ کان آڳاٽو دستاويز، شاهه جهان طرفان 1637ع وارو فرمان آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي، ته سڄي ديهه علي واهڻ واري جاگير مددِ معاش طور روهڙيءَ جي محمد مڪائي مرحوم جي ٻارن، ٻکري سيدن جي آکهه کي ڏني وئي هئي، جيڪا جاگير محمد مڪائيءَ وٽ علاءُ الدين خلجيءَ (1294ع کان 1316ع تائين) واري دؤر کان وٺي موجود هئي. ان فرمان مان جاگير جي منظوريءَ وارو سال 1300ع ڌاري وڃي بيهندو. فرمان جي تاريخ وقت تنهن دؤر ۾ رائج انتظامن تي عمل ڪيو ويو، جيڪي هينئر به رائج آهن، ۽ اهڙيءَ ريت شاهجهان ان جاگير جي ساڳئي مقصدن هيٺ توثيق ڪئي هئي. ائين ان آڳاٽي سَند کي دهليءَ جي شهنشاهه به مڃيو هو، ۽ ساڳئي جاگير بابت سنڌ جي ڪلهوڙن حڪمرانن (1765ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي) ۽ پوءِ سندن جاءِ والاريندڙ ٽالپرَ حڪمرانن (1791ع ۽ 1820ع ۾ مير سهراب خان) واڌو حڪمن سان جاگير کي منظور ڪيو هو. لائق اختيارين طرفان فرمان ۽ سَند ڏيڻ ۽ سندس توثيق بابت ڇئي سگهجي ٿو، ته اهو عرصو، سنڌ تي برطانوي فتح ٿيڻ تائين، ساڍن پنجن صدين يا اوائلي پيش ڪيل دستاويزن کان لڳايل تاريخ پٽاندر به سؤ سال تائين ڦهليل رهيو آهي.

”اصل جاگيردارن جي پُٽائي وارثن جي وجود بابت ٿورڙي گهڙيءَ لاءِ به سوال نٿو ڪري سگهجي. محمد مڪائيءَ جا ٻار يا اولاد ڳاڻاٽيءَ کان ٻاهر ۽ سوين آهن، ۽ هنن جي ايڏي تعداد بابت ڪجهه خيال ان حقيقت مان جوڙي سگهجن ٿا، جو جاگيرن لاءِ مقرر ڪيل اسسٽنٽ ڪمشنر طرفان هن خاندان جو جوڙيل مختصر انگريزي خانداني شجرو ٽيويهن وڏن صفحن تي لکيل آهي، جڏهن ته فارسي ۾ لکيل خانداني شجرو ته ڪيئي جلدن تي ڦهليل آهي.“

### جاگيرَ جو نبيرو

جاگير جي سالياني ڍل 1525 رپيا هئي، ۽ ٽي هزار بيگھہ ايراضيءَ مان اٽڪل ٽي پاڱي پنج حصا پوکيءَ جوڳا هئا. محترم فريئر جون اهي سفارشون هيون، تہ جاگير "محمد مڪائي جي وارثن، سيدن جي گروهہ وٽ دائمي طور رهڻ گهرجي." (11) ۽ انهيءَ سفارش جي بمبئي حڪومت 15 فيبروري 1855ع تي قرارداد نمبر 705 هيٺ منظوري ڏني. آخري نبيري وقت جاگير جي سَند نور حسين شاھ ۽ صادق علي شاھ جي نالي ڪئي وئي- جنهن ۾ ايراضي ٽي هزار بيگھہ ڏيکاري وئي، ۽ سندن تحويل ۾ موجود ڍل 168 رپيا ڄاڻائي.

## 6. صادق علي شاھ

### خانداني شجرو

هن خيراتدار جو خانداني شجرو هيٺين ريت آهي:

- سيد يعقوب علي شاھ
  - سيد صادق علي شاھ
    - سيد جعفر علي شاھ
      - سيد شير علي شاھ
    - سيد يعقوب علي شاھ
      - آندل شاھ
        - امام علي شاھ
      - فضل علي شاھ
        - واحد بخش
          - حسن علي
      - صادق علي شاھ
        - يعقوب شاھ
          - صادق علي شاھ

هن طرفان ديھہ ڏڙاھہ يا حنيف واهڻ تي دعوٰي جي ثابتي ۾، جيڪو پهريون دستاويز پيش ڪيو ويو، سو شهنشاھ عالمگير جي 1684ع ۾ جاري ٿيل سَند هئي، جنهن ۾ سيد يعقوب جي ڪٽنب کي انعامي جاگير ڏني وئي هئي، جنهن ۾ حنيف واهڻ ۽ حسنين ٻيلي جا ڳوٺ بہ شامل هئا. هن جاگيرَ جي ڪجھہ حصي جي غلام شاھ

ڪلهوڙي ان وقت توثيق ڪئي هئي، جڏهن ٻوڏ سبب غرق ٿيل زمينن تان دريائي پاڻيءَ ۾ لاٿ اچڻ ڪانپوءِ، واڌو سند ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي وئي هئي. مير سهراب خان 1792ع (12) ۾ سيدن جي حقن جي وڌيڪ توثيق ڪئي. جڏهن ته خيراتدار ديهه ڏڙاهه سميت ڪوٽ يعقوب ۾ جاگير جي دعويٰ ڪندي، سندس تائيد ۾ شهنشاهه عالمگير جي 1672ع واري سَند به پيش ڪئي، جنهن ۾ مددِ معاش طور سيد يعقوب جي ڪٽنب کي 995 بيگهه ايراضي ڏني وئي هئي.

## جاگير جو نبيرو

چيو وڃي ٿو، ته 1854ع ۾ ديهه ڏڙاهه جي جاگير جي ڍل 1230 رپيا هئي، ۽ ان جي ايراضي اٽڪل ٻه هزار بيگهه هئي، جنهن مان اٽڪل ٻه ڀاڱي ٽي حصي جو ڪاٽو زراعت جوڳي حيثيت سان لڳايو ويو. مسٽر فريئر لکيو: ”ڪيترن ئي نسلن تائين هلندڙ وراثت ڪانپوءِ، حنيف واهڻ واريءَ جاگير اصل خيراتدار مير يعقوب خان جي پٽاڻي وارثن جي تحويل ۾ آهي... تنهنڪري اها سفارش ڪجي ٿي، ته مير يعقوب خان جي پٽاڻي وارثن کي جاگير موروثي توثيق ڪري ڏني وڃي، ۽ جاگير کي ڪٽنب جي نمائندن صادق علي شاهه، حسين علي ۽ امام علي شاهه جي نالي تي جاري رکيو وڃي.“ هن ڪوٽ يعقوب بابت پڻ ساڳي سفارش ڪئي، جنهن جو مُلهه 40 رپيا ڏيکاريو ويو. انهن سفارش جي، بمبئي حڪومت تاريخ 15 فيبروري 1855ع واري پنهنجي ٺهراءُ نمبر 705 هيٺ منظوري ڏني. آخري نبيري وقت، سَند ۾ ديهه ڏڙاهه (ٻه هزار بيگهه) ۽ ڪوٽ يعقوب (995 بيگهه) تي مشتمل ايراضي ڄاڻائي وئي، ۽ رڳو صادق علي شاهه جي نالي جاري ڪئي وئي. محصول ۾ ڀاڱن جي رقم ديهه ڏڙاهه ۾ 418 رپيا ۽ ڪوٽ يعقوب ۾ ست روپيا داخل ڪئي وئي.

# 7. محمد رضا، امير علي شاهه ۽ الله ورايو

## خانداني شجرو

اهي خيراتدار، يعقوب خان جي مائٽ علي محمد جا اولاد هئا. هنن جي خانداني شجري لاءِ ڏسو: صادق علي شاهه جو شجرو.

## جاگير جي سَند

هنن خيراتدارن جي ديهه حسين ٻيلي بابت دعويٰ، شهنشاهه عالمگير طرفان جاري

ٽيندڙ سَند تي بَدل هئي، جيڪا اڳيئي صادق علي شاهه جي مامري ۾ ڇاڻائي آيا آهيون. ان سنَد جي 1738ع ۾ نور محمد ڪلهوڙي جي حڪم سان توثيق ڪئي وئي، ۽ نيٺ، مير رستم پنجانوي رپين مان گهٽائي سٺ رپيا ڏِل ڪئي، جيڪا خيراتدار کي ڏيڻ جوڳي هئي. اصلي سَند جي لکت مان ظاهر ٿو ٿئي، ته اها سَند مير يعقوب کي ذاتي طور نه، پر سندس سڄي ڪٽنب کي ڏني وئي هئي، يا وڌيڪ ائين چئجي، ته انهن کي ڏني وئي هئي، جيڪي مير يعقوب سان ڳنڍيل هئا، ۽ وري نيٺ ڪلهوڙا حڪم هيٺ انهن ڏاڏاڻن وارثن کي ڏني وئي، جن جي تحويل ۾ اها جاگير هئي. اهڙيءَ ريت، مير رستم جو حڪم، نظام شاهه ۽ درويش محمد جي فائدي ۾ هو- جنهن مان پويون ڏاڏاڻي آڪهه سان ناتو رکندڙ هو ۽ علي محمد جو وارث هو، جنهن جي پٽاڻي اولاد (الله ورايو، رضا محمد ۽ امير علي شاهه) بابت پتو پيو، ته سنڌ جي فتح ڪان پوءِ، برطانوي اختيارين سندن تحويل ۾ موجود ايراضين جي توثيق ڪئي هئي. تنهنڪري، ميجر گولڊسمڊ روهڙي ۽ بکر جي سيدن تي جوڙيل پنهنجي رپورٽ ۾، خيرات ۾ ڏنل جاگير کي، سيد علي محمد شاهه جي وارثن ڏانهن دائمي طور درج ڪيو.

## جاگير جو نبيرو

مسٽر فريئر (13) هيٺ ڄاڻايل تجويز ڏني:

”مامري جي نبيري لاءِ ٻه طريقا ڇِنا آهن. صادق علي شاهه ۽ مير يعقوب خان جي پٽاڻي وارثن جي نالي تي سگهي ته جاگير جي توثيق ڪئي وڃي- ساڳئي وقت مٿن اهو لازم ڪجي، ته اُهي پنهنجي ڏاڏاڻيءَ آڪهه جي جاگير کي ڪنهن جهيڙي بنا جاري رکن، جو ان ڏس ۾ حڪومت رڳو، مير يعقوب خان جي پٽاڻي وارثن جي ناپيد ٿيڻ جي صورت ۾، ٽيندڙ مامرن (بلڪل ناممڪن طور) ۾ مداخلت ڪندي. ان جو مٽبادل اهو آهي، ته ڏاڏاڻي آڪهه جي وارثن ۾ جاگير توثيق ڪري ڏني وڃي، جن واضح طور ڪجهه سالن کان وٽي ڪٽنب جي هٿي پاڙي جي حقن تي چڙهت ڪئي آهي، ۽ ان صورت ۾، مليل جاگير جي سيد امير علي شاهه، محمد رضا، الله ورايو ۽ علي محمد جي ٻين پٽاڻي وارثن جي نالي توثيق ڪئي وڃي... باقي رهيل ايراضي يعقوب خان جي پٽاڻي وارثن کي ڏني وڃي. اهو آخري طريقو، گهڻو ڪري اڳوڻن رواجن جيان رائج، اهڙو آهي، جنهن جي آءٌ سفارش ڪندس. آءٌ اها پڻ سفارش ڪندس، ته حڪومت کي ملندڙ ساليانو سٺ رپيا مقرر ڪيا وڃن، جيڪي مير رستم خان جي سَند ۾ لاڳو ڪيا ويا هئا.“

## 8. شاهه مردان ۽ علي اصغر (مرحوم)

### خانداني شجرو ۽ جاگيرَ جي سَند

اُهي جاگيردار مير بکري جا اولاد هئا. هوڏانهن، هنن طرفان پنهنجيٰ دعويٰ جي تائيد ۾ پيش ڪيل پهريون دستاويز بکر جي ٽپي جو هو، جيڪو 1854ع ۾ ايڪٽيهه ڏيهن تي مشتمل، ڇهه هزار بيگهه ڪٽيل ايراضي ۽ سنڌس ڏل ساڍا ست هزار رپيا هئي. اهو دستاويز دهليءَ جي شهنشاهه عالم شاهه جو، تاريخ 1709ع يا برطانوي سنڌ فتح کان 134 سال اڳ جاري ٿيل فرمان هو. هن دستاويز ۾ لکيل هو، ته اهو ٽپو اڳ ۾ مير رضوي بکري کي انعام طور ڏنو ويو هو- پر جيئن ته فرمان هجڻ ضروري هو، تنهنڪري چاٽايل ٽپي ۾ موجود ايراضيءَ جي انعامي جاگير طور، سيدن ۾ سندس ٻارن جي نالي توثيق ڪئي وئي. ان دستاويز مان اهو ظاهر هو، ته جاگير بخشيندڙ جو ارادو جاگيرِ، شرطن کان آزاد ۽ دائمي طور ڏيڻ جو هو، ۽ مختلف وراثتي نسلن وسيلي 134 سالن تائين اها جاگير وٽن رهي هئي، تنهنڪري تجويز ٿيل سَند جي موروثي طور توثيق مناسب عمل هو. شهنشاهه جي فرمان کي، ميان سرفراز ڪلهوڙي، مير سهراب خان ٽالپر ۽ مير علي مراد خان طرفان جاري ٿيل توثيقي حڪمن وڌيڪ سگهه بخشي هئي، جيڪي سيدن جي سڄي گروهه لاءِ نوازش هئا، ۽ اُهي حڪم ڪنهن خاص شخص ڏانهن جاري ٿيل نه هئا، پر جاگيرَ واضح طور بکري سيدن جي سڄي برادريءَ کي ڏنل هئي. (14)

### جاگير جو نبيرو

مسٽر فريئر، انهن حقيقتن کي سامهون رکندي سفارش ڪئي، ته بکر ٽپو مير بکري جي پٽاڻي اولادَ جي نالي (ٻين لفظن ۾ ائين چئجي، ته بکر جي سيدن طور سڏجندڙ مشهور برادريءَ کي) توثيق ڪري ڏنو وڃي ۽ سندن سردار طور شاهه مردان ۽ علي اصغر جي نالن کي برقرار رکيو وڃي. سفارشون بمبئي حڪومت جي 1855ع واري ٺهراءَ نمبر 705 هيٺ منظور ڪيون ويون. آخري نبيري وقت، جاگيرَ شاهه مردان ۽ محمد مڪيءَ جي نالي تي درج ڪئي وئي، ۽ زميني ايراضي چوونجاهه هزار 139 بيگهه ڄاڻائي وئي، ۽ ملهه 4881 رپيا ڏيکاريو ويو.

## 9. سيد صادق علي شاهه، سيد امام علي شاهه ۽ سيد واحد بخش (مرحوم)، جنهن جو وارث سيد آسڻ علي شاهه ٿيو

### خانداني شجرو

انهن خيراتدارن جو خانداني شجرو نمبر 6 ۾ ڏسڻ ۾ ايندو.

### سماجي حيثيت

ڏُبار واهڻ جي هڪ پاڱي اٺ حصي واري محصول جا اهي دعويدار، 1855ع تائين هيٺيون سَندون پيش ڪرڻ کان اڳ، ڪا قديم سَند پيش ڪرڻ جي قابل نه هئا:

(1) روايتي خيراتي جاگير جي توثيقي سَند، جنهن هيٺ مير يعقوب خان هن ديهه ۽ خانپور ۾ سيد سلطان ۽ حنيف واهڻ مان لاپ وٺندو هو، سا 1748ع ۾ خدا يار خان عباسي، جيڪو عام طور نُورمحمد ڪلهوڙي جي نالي سان مشهور آهي، پنهنجي مهر سان 1748ع ۾ جاري ڪئي هئي.

(2) مير فتح علي طرفان 1786ع تي صادق علي جي نوازش ۾ ديرا داري جي ڪاوڙ کان بچڻ لاءِ، ڏُبار واهڻ جي جاگير جو جاري ٿيل فرمان.

(3) مير سهراب طرفان وري ٻئي سال جاري ٿيل ساڳيو فرمان.

(4) 7 جون 1819ع تي مير رستم طرفان جاري ٿيل هڪڙو پروانو، جنهن ۾ يعقوب علي خان، واحد بخش ۽ آندل شاهه کي زمينداريءَ جي خيال کان ڏُبار واهڻ جو هڪ پاڱي اٺ حصو ڏنو ويو هو.

### جاگير جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ ۽ مسٽر ايلس ٻنهي ڄڻن کي انهن دستاويزن جي پڪي ثابتيءَ تي شڪ ڪرڻ جو ڪوبه دليل نه هو، تنهنڪري هنن سفارش ڪئي، ته واحد بخش جي موت کان پوءِ، سرڪاري تحويل ۾ ورتل حصو، ڪنهن بقايا ڪانسواءِ بحال ڪيو وڃي، ۽ سڄي جاگيرَ جي موروثي طور توثيق ڪئي وڃي. (15) اها سفارش آخري نبيري جو بنياد هئي.

## 10. سيد عادل شاهه پُٽ فتح علي شاهه

### جاگيرَ جي سَند

هن سيد وٽ زمان پور ۾ ويهه بيگهه ايراضي، آبيجاڻ ۽ لڏو گاگن ۾ سليم پور ۾ جاگيرون هيون، جيڪي سندس والد کي ڪلهوڙن حڪمرانن ڏنيون هيون. اها ڳالهه 1779ع ۾ عبدالنبيءَ ۽ 1788ع ۾ مير سهراب طرفان جاري ٿيل توثيقي سَند مان ثابت ٿئي ٿي، جنهن ۾ اڳوڻي زمين جا وچور لکيل هئا.

### جاگير جو نبيرو

بهرحال، جيئن ته اها سَند 1852ع ۾ هزهائينس مير علي مراد کان لڏو گاگن سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ واري تاريخ کان وٺي، سٺ ورهيه آڳاٽي هئي، تنهنڪري مسٽر فريئر ان سَند جي موروثي طور توثيق جي سفارش ڪئي، (16) جيڪا 31 جولاءِ 1857ع تي بمبئي حڪومت پنهنجي نبيراءِ نمبر 3575 هيٺ قبولي وئي، ۽ آخري نبيري هيٺ اُن جي توثيق ڪئي وئي.

## 11. يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري جا مجاور

### جاگيرَ جي سَند

هنن وٽ جوهيءَ ۾ ڦَڪا وٽ 165 بيگهه زمين هئي، جنهن جو پيداواري محصول 62 رپيا هو، (17) ان جاگير جي تائيد ۾، مير نصير خان جي تاريخ 14 آڪٽوبر 1835ع تي لکيل هڪڙي سَند پيش ڪئيُ وئي، جيڪا مير مراد علي ۽ سندس جاءِ نشينن جي اڳوڻين سَندن جو اظهاريل تسلسل هو، ۽ شايد ڪلهوڙي سردار جي موت واريءَ تاريخ کان اڳ جاري ٿيل هئي، جو ان جي سنڀال لاءِ مجاور رکيا ويا هئا. نصير محمد ڪلهوڙي جو پُٽ ۽ دين محمد جو ڀاءُ يار محمد اهو پهريون شخص هو، جنهن دهليءَ جي بادشاهه شاهه عالم جي پُٽ شهزادي معزالدين جي طاقت جي مخالفت ڪرڻ سببان سنڌ جي تاريخ ۾ مشهوري ماڻي هئي. هُن پوءِ دربار ۾ پنهنجي فرمانبرداري پيش ڪئي ۽ خدا يار خان عباسيءَ جو شاهي خطاب ماڻيو، جيڪو پوءِ سندس پُٽ نور محمد کي پڻ ڏنو ويو. هو 1719ع ۾ گذاري ويو.

جاگير جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ، سنڌ جي فتح کان اڳ 124 سال وارو عرصو فرض ڪندي ۽ ان جاگير سان جُڙيل تاريخ لاڳاپي ڪي ڌيان ۾ رکندي سفارش ڪئي، ته جاگير ”مقبري جي مجاورن لاءِ موروثي طور سمجهي وڃي،“ ۽ هن جي سفارش آخري نبيري جو بنياد بڻي.

## 12. خواجا خضر جي مزار جو مُجاور پنيل

جاگيرَ جي سَند

هي مزار ”سنڌ جي سيني کان سهڻن ماڳن منجهان آهي. هن کي جِند پير جو گهر به چئجي ٿو (زنده پير جو بگڙيل لفظ- جيئرو پير)- اهڙو دريائي ديوتا، جنهن جي حياتي سنڌو درياهه جي سدا وهندڙ پاڻيءَ جو مثال بڻجي وئي.“ (18) جنهن بيٽ تي اُها مزار واقع آهي، اُتي ساليانو ميلو لڳي ٿو، جنهن تي هزارين پانڌيڙا ياتري پاڙيسري ملڪن ۽ ڪُونن توڙي واهن مان ڪَهي اچن ٿا. 1845ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر سکر ڪيپٽن ٿائون سينڊ، مير نصير خان طرفان جاري ٿيل هڪڙي سَند هيٺ اڳ ۾ سندن تحويل ۾ موجود ايراضيءَ تي مطمئن ٿيندي، دعويدارن جي گذران لاءِ هندي ماٿو ڌاريجا سکر ۾ چار بيگهه منظور ڪئي. بهرحال، اها سَند 1858ع ۾ پيش نه ٿي سگهي.

جاگير جو نبيرو

بهرحال، ميجر گولڊسمڊ ان سَند جي ٿورڙي مُنجهيل ۽ شڪي حيثيت ۽ اها حقيقت ته جاگير وٺندڙ طرفان ”عام وندر واري هنڌ ايندڙ انيڪ مسافرن ۽ ياترين“ جي سارسنڀال ۽ کين کاڌو پيتو پهچائڻ واري حقيقت کي ڌيان ۾ رکندي سفارش ڪئي، ته مجاور کي عارضي طور، جاگير دائمي طور منظور ڪري ڏني وڃي. نيٺ، ان سفارش کي آخري نبيري مهل منظور ڪيو ويو.

## 13. قمبر علي شاهه

جاگيرَ جي سَند

هن خيراتدار، ضلعي حيدرآباد ۾ نوشهرو جي علائقي اباجيءَ ۾ پنج جريب زمين جي دعويٰ ڪئي هئي. 1853ع ۾ بخشيل ايراضيءَ جي ڏِل ڇهه رپيا چوڏهن آنا هئي.

هن خيراتدار، محمدخان ڪلهوڙا جي مُهر لڳل 1774ع واري سَند، عبدالنبي ڪلهوڙي جون 1780 ۽ 1781ع جي سالن واريون سَندون ۽ ٻين انيڪ دستاويزن سميت مير سهراب، مير رستم ۽ مير علي مراد طرفان جاري ٿيل توسيعي سَندون پڻ پيش ڪيون. اصلي جاگير جي ايراضي ٻارهن جريب هئي، ۽ اصل حقيتدار حسين شاهه هو، جنهن جو اولاد هاڻوڪو دعويدار آهي.

## جاگير جو نبيرو

تنهنڪري مسٽر فريئر سفارش ڪئي، (19) ته قمبر علي شاهه وٽ موجود پنج جريب زمين ڪيس توثيق ڪري ڏني وڃي، ۽ "اصل جاگير وٺندڙ جي خانداني موروثي پُٽائي جاءِ نشين ڪي" موروثي طور ڏني وڃي. حڪومت ان ڏس ۾ پُڇا ڪئي، ته ڇا سَند ۾ موروثي هجڻ بابت ڪجهه واضح اکر لکيل آهن يا نه. (20) مسٽر فريئر لکت ۾ جواب ڏنو (21)، ته سَند ۾ اهڙا اکر لکيل نه هئا، پر اهو ته ان شڪل ۾ خيراتي سوڪڙين لاءِ سَندون ڏيڻ جو رواج نه هو، ۽ اهو ته هن جي سفارش جو خاص بنياد هي هو، ته اها جاگير 1780ع کان وٺي سندن قبضي ۾ هلندي آئي هئي، يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي، ته 1852ع ۾ برطانوي حڪومت جي اثر هيٺ ضلعو نوشهرو اچڻ کان ٻاهتر سال پهرين به اها جاگير سندن تحويل ۾ هئي- تنهنڪري اصل جاگيردار جي ڪيترن ئي نسلن تائين مختلف وارثن کي سامهون رکندي ڏسبو، ته دعويدار 1842ع جي ترميمي قاعدن هيٺ موروثي منظوريءَ جو حقدار هو. اهڙيءَ ريت بمبئي حڪومت جاگير (22) جي منظوري ڏني، ۽ آخري نبيري ۾ هن جاگير جي سَند ۾ قيرقار نه آندي وئي.

# 14. شير محمد شاهه

## جاگيرَ جي سَند

اصل جاگيردار شير محمد جي پوٽي، مِتاڻي سيد ڏهن جريبن جي دعويٰ ڪئي، جنهن ۾ پنج جريب باغ هو- تنهن جي ساليانو آمدني ويهه رپيا هئي. هن مير فتح علي جي 1784 هجري ۾ جاري ڪيل هڪ سَند پيش ڪئي، جنهن هيٺ ڪنهن ٻي اختياريءَ طرفان اصل ۾ کيس ڏنل جاگير جي توثيق ڪيل هئي، پر مَنجهس ڄاڻايل اختياريءَ جو نالو ڪافي شڪي هو، جو اُن سَند کي قانوني ۽ اهل سمجهيو ويو.

## جاگير جو نبيرو

مير عليمراد ان جاگير جي توثيق ڪئي هئي، ۽ مسٽر فريئر گهٽي عرصي کان اها

جاگير سندن تحويل ۾ رهڻ واري ڳالهه کي سامهون رکندي، سفارش ڪئي، (23) ته اها جاگير موروثي طور دعويدار کي ۽ اصلي جاگيردار جي مرد وارثن کي موروثي طور توثيق ڪري ڏني وڃي.

بمبئي حڪومت 7 ڊسمبر 1853ع تي ٺهراءُ نمبر 7072 هيٺ اها منظوري قبولي. 1858ع ۾ حڪومت ڏانهن خيرات وٺندڙ زميندارن جي آخري نبيري لاءِ موڪليل دستاويز ۾ جاگير جي ايراضي پنج بيگهه ڄاڻائي وئي - باغ واري ايراضي باغن وارين جاگيرن جي دستاويزن ۾ ڄاڻايل هئي. ان جاگير کي آخري نبيري مهل منظور ڪيو ويو.

## 15. امام بخش ۽ بچل شاهه (مرحوم) جنهن جو وارث حاجي شاهه جي تڪيه جو گادي نشين فتح محمد شاهه ٿيو.

### جاگيرَ جي سَند

امام بخش، پير حاجي شاهه جو خانداني پُٽاڻو وارث هو، جنهن جي مقبري تي غريب واٽهڙو مسافرن کي کاڌي پيتي ۽ رهائش جي سهولت ڏني ويندي هئي. خيراتدار ٻتيهه جريب ۽ پنج ويسن جي دعويٰ ڪئي هئي، جنهن سان گڏ هڪ کوهه ۽ هڪ نار پڻ شامل هو. بخشش تمام آڳاٽي هئي، جنهن جو عرصو ڪلهوڙن واري وقت تائين هو، پر آڳاٽي سَند باهه ۾ سڙي وئي هئي، تنهنڪري هن سَند ٻيهر جاري ڪرڻ لاءِ جيڪا سَند پيش ڪئي، سا مير علي مراد طرفان 1843ع ۾ جاري ٿيل هئي.

### جاگير جو نبيرو

جيئن ته اها ڳالهه واضح هئي، ته اها جاگير ڏيندڙ جو ارادو دائمي جاگير ڏيڻ هو، تنهنڪري مسٽر فريئر سفارش ڪئي، ته شايد ”غريب مسافرن جي کاڌي خوراڪ ۽ مقبري جي سنڀال لاءِ معافي جاگير“ ڏني وڃي. بمبئي حڪومت اها جاگير منظور ڪئي، (24) ۽ آخري نبيري مهل ان جي منظوريءَ ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ڪئي وئي.

## 16. لال داس فقير اُداسي

### جاگيرَ جي سَند

هن خيراتدار مورو ۾ موجود اٺ جريب زمين جي دعويٰ ڪئي (جنهن مان چار جريب خريف ۽ چار ربيع واري موسم ۾ پوکڻ جوڳي هئي)، جنهن جي 1853ع ۾

انڊن ماڻهن جي واهر پڻ ڪن ٿا. اها ڳالهه پڌري آهي، ته جنهن مقصد لاءِ ڪين اها خيرات ڏني وئي هئي، تنهن تي پورو لهن ٿا. ۽ ۽ جيئن ته اها جاگيرَ دائمي طور ڪردار جي بنياد تي ڏني ويندي هئي، تنهنڪري اها سفارش ڪئي وڃي ٿي، ته هنن جي دعويٰ کي مانُ ڏنو وڃي ۽ انهن جاگيرن جي سَند منظور ڪئي وڃي ۽ هاڻوڪي تڪاڻي کي سنڀالڻ شرط هيٺ، اها جاگير دائمي طور جاري رکي وڃي."

بمبئي حڪومت 28 آڪٽوبر 1853ع تي جاري ٿيل ٺهراءُ نمبر 6321 هيٺ ان جاگير کي قبوليو ۽ آخري نبيري ۾ منظور ڪيو ويو.

## 18. سيد ورايو شاهه

### جاگيرَ جي سَند

هن سيد جي لڏو گاگن ۾ همانلو ۾ ٻارهن جريب ۽ هڪ کوهه واري جاگير آهي، جنهن جي جيتوڻيڪ سَند مان تائيد نٿي ٿئي، پر "واضح طور ثابت ٿئي ٿو، ته اها جاگير پراڻي زماني کان وٺن رهندي پئي اچي، ۽ دهليءَ جي حڪمرانن واري وقتَ کان ان جا وٺن موجودگيءَ جا نشان ملن ٿا. ۽ ڪلهوڙن حڪمرانن به انس فقير نالي شخص کي ضمانت طور اها جاگير ڏني هئي، جنهن جو شاهه محمد نالي مُريد هوندو هو، جيڪو سندس نائي ٻٽيو هو، ۽ پوءِ هن کي اها جاگير ورثي ۾ ملي هئي."

### جاگيرَ جو نبيرو

ورايو شاهه ستين پيڙهيءَ ۾ شاهه محمد جي 'دستار' ٻَڌندڙ هو. تنهنڪري مسٽر فريئر سفارش ڪئي، ته شايد متي ڄاڻايل نندڙي ايراضي هن کي ۽ سندس مرد وارثن کي، مناسب حالت ۾ رکڻ ۽ پوکڻ واريءَ شرط سان منظور ڪري ڏني وڃي."

مسٽر فريئر (28) جي ڪيل سفارش کي بمبئي حڪومت 31 جولاءِ 1857ع تي پنهنجي قرارداد نمبر 3575 هيٺ قبول ڪيو، ۽ آخري نبيري هيٺ ان جاگير جي سَند موروثي طور ڏني وئي.

## 19. قاضي محمد شريف

### خيراتَ جي سَند

هن لاڙڪاڻي جي قاضيءَ کي، به رپيا ٻارهن آنا ۽ چار آنا ترتيبوار يعني ٽي رپيا

ماليت جا ۽ اناج وارا وظيفا ملندا هئا- هُو پهرين خيرات مير شهداد، مير محمد، نصير خان ۽ فتح علي (مير صوبدار جي پُٽ) جي مُهرن سان 3 اپريل 1836ع تي جاري ٿيل سَند هيٺ ۽ پوئين خيرات مير فتح علي طرفان 6 مئي 1801ع تي، قاضيءَ جي عهدي تي مقرر ٿيل اڳين جاءِ نشين محمد فاضل کي، نوازش طور ڏنل سَنڌ جي بنياد تي ونئي ٿو. پانئجي ٿو، ته محمد افضل جي موت کانپوءِ نواب ولي محمد هن کي ملندڙ خيرات محمد شريف جي پيءُ احمديءَ ڏانهن منتقل ڪئي هئي. احمدي 1825ع ۾ گذاري ويو ۽ هن جو پٽ سندس وارث ٿيو.

## خيراتَ جو نبيرو

ميجر گولڊسمڊ (29) لکي ٿو ته: ”انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو اعتراض يا شڪ نه آهي، ته خيراتَ انفرادي طور نه، پر عهدي سان ڳنڍيل هئي. پوئين سَند ان خيال پٽاندر بلڪل غلط نه آهي. پر اصل جاگيردار محمد افضل جي پوٽي محمد رمضان نالي دير سان آيل شخص چار آنن جي حصي ۾ دعويدار ٿيو آهي، ۽ پتو پوي ٿو، ته دعويدارن ان مامري ۾ برابر حصن جي ورهاست پٽاندر پاڻ ۾ مفاهمت ڪئي آهي. آءُ نٿو سمجهان، ته حڪومت کي ان انتظام ۾ ڪنهن هٿچُراند جي گهُرج آهي.“ هن جي راءِ موجب، هي جاگيرَ 1842ع جي ترميمي قاعدي جي شق ائين جي حدن ۾ اچي ٿي، تنهنڪري هو سفارش ٿو ڪري، ته ماهوار ملندڙ ٿي رپين واري رقم، هاڻوڪي جاگيردار ۽ سندس وارثن کي دائمي طور منظور ڪري ڏيڻ گهرجي.“ اها سفارش آخري نبيري مهل منظور ڪئي وئي. پر انڊيا حڪومت جي حڪم هيٺ، ان ايراضيءَ جي منظوري مهل خط ۾ جاڻايل خيرات جي، خيرات وٺندڙ جي رضامنديءَ سان، تعلقي لاڙڪاڻي جي ديهه ڏانڊڻ ۾ موجود ڇٽيهه بيگهه ايراضي سان متاستا ڪئي وئي، جنهن ڳالهه کي ڏيان ۾ آڻيندي، ويساهي ايراضيءَ کي سيڪنڊ ڪلاس ۾ درج ڪيو ويو ۽ ان جي پوءِ ڪٿجندڙ جمعبندي، ڇٽيهه رپين جي ساليانو منظور ٿيل خيرات سان امڪاني طور ٺهڪجندڙ هئي. (30)

# 20. قائم ڪلهوڙو (مرحوم) جنهن جو وارث دائود ٿيو

## خيراتَ جي سَند

هي شخص لاڙڪاڻي ۾ واقع ان محمد الياس ڪلهوڙي جي مقبري جو مجاور هو، جيڪو ”اوائلي ڪلهوڙا حڪمرانن جو وڏڙو هو، جنهن 1620 هجري ڌاري تنهن وقت

پنهنجي اثر رسوخ کي وڌايو هو، جڏهن سنڌ ۾ سندس برادريءَ جي ماڻهن، پنهنجي علائقن ۾ وسعت آندي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ هنن پوءِ سڄي ملڪ کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو هو.“ (31)

جاگيرَ جو نبيرو

هن کي ماهوار اڌ رپيو ناڻي جو خيراتي وظيفو ملندو هو، ۽ هن جي موت کانپوءِ مسٽر فريئر سفارش ڪئي ته، ”مڪمل طور ڪنهن به مقصد تي اعتراض نه هوندي، قديم زماني کان وٽس موجود آڳاٽي سَند مڪمل طور“ ڪيس موروثي طور منظور ڪري ڏيڻ گهرجي. ان سَند جي بمبئي حڪومت پنهنجي 20 نومبر 1858ع جي قرارداد نمبر 3825 هيٺ ۽ آخري نبيري مهل منظوري ڏني. پر، ان خيراتي وظيفي کي قاضي محمد شريف جي مامري جيان، خيرات وٺندڙ جي رضامنديءَ سان، تعلقي لاڙڪاڻي جي ديهه فريد آباد ۾ ڏهن بيگهن ۾ ڦيرايو ويو، جيڪا ايراضي ملندڙ پئسن سان ٺهڪجندڙ هئي. (ڏسو قاضي محمد شريف تي لکيل حاشيو).

## 21. احمد مجاور (مرحوم)، جنهن جو وارث سندس پٽ جمعو ٿيو

جاگيرَ جي سَند

هي شخص شڪارپور ۾ انهن دائودپوٽن جي مقبرن جو سنڀاليندڙ هو، ”جن لاءِ چيو وڃي ٿو، ته انهن نادر شاهه طرفان اٽڪل 1745 هجريءَ ڌاري سندن خلاف، سردار تماسپ يا اصغر بيگ جي مهنداري هيٺ، موڪليل ايراني فوج سان جهيڙو ڪيو هو. هيءَ ڳالهه لکت ۾ آهي، ته نادر اَمرڪوٽ کان ايران ڏانهن موٽڻ مهل، شڪارپور کي دائودپوٽن حوالي ڪيو هو، پر اهي ترت ان خلاف ٿي بيٺا ۽ انهن دربار ۾ حاضري توڙي خراج ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو.... اُتي هڪڙيءَ جاءِ تي اوڏيهه قبرون آهن، ۽ مقام جي داخلي دروازي پرسان هڪڙي ننڍڙي مسجد پڻ آهي. پوءِ، ڪافي عرصي کانپوءِ مُجاور کي بهاولپور جي نواب طرفان، جنهن جا وڏڙا ساڳي قبيلي سان ناتو رکندڙ هئا، مقبرن جي انتظام لاءِ ٿورڙي خيرات ملندي رهي هئي.“ (32) مجاور کي ڪلهوڙن جي وقت کان وٽي ماهوار 1120 رپيا خيرات يا وظيفو ملندو هو.

خيراتي وظيفي جو نبيرو

هن جي وفات کانپوءِ، مسٽر فريئر ان خيرات جي سلسلي کي دائمي طور جاري

رکڻ جي سفارش ڪئي، جنهن جي پوئين مامرن ۾ ڇاڻايل قراردادن هيٺ توثيق ڪئي وئي ۽ آخري نبيري ۾ پڻ منظور ڪيو ويو.

## 22. مرزا عطا محمد

### خيراتي وظيفي جي سند ۽ نبيرو

مسٽر فريئر پنهنجي 21 آڪٽوبر 1858ع تي لکيل خط نمبر 384 ۾ هن خيراتدار بابت لکيو: ”انفرادي شخصن کي ملندڙ وظيفن ۾ ذاتي طور وظيفو وٺندڙ اهو اڪيلو خيراتدار آهي، (چار رپيا ماهوار مرزا عطا محمد کي ملندڙ آهن) جنهن لاءِ آءٌ موروثي طور ڏيڻ لاءِ سفارش ڪندس. اهو وظيفو هينئر مرزا عطا محمد کي ملي ٿو، جيڪو شڪارپور جو پڙهيل لکيل ۽ مشهور عالم آهي. هو اصل وظيفي وٺندڙ عبدالرحيم جو پوٽو آهي، جنهن جو نالي 1762ع ڏاري، جڏهن شڪارپور افغانن جي حڪمراني هيٺ هئي، احمد شاهه جي وزير شاهه ولي خان، گيهه ۽ ڪٽڪ جي اٽي جي رقم خيراتي وظيفي طور ڏني هئي. (هڪ افغان وزير طرفان گهرج هيٺ وظيفي ڏيڻ بابت سوال نه ڪرڻو آهي). اهڙيءَ ريت، مير نور محمد ۽ نصير خان توثيقي سَندن سان ان وظيفي جي سلسلي کي برقرار رکيو.... ۽ برطانوي حڪومت ان وظيفي جي مساوي رقم (ڪمپني جا چار رپيا ماهوار) هاڻوڪي دعويدار کي منظور ڪري ڏني. ايڪاسي سالن تائين ڪنهن مداخلت ۽ وقفي بنا اهو سلسلو جاري رهيو، ۽ سنڌ جي فتح وقت اصل وظيفي وٺندڙ جي پوٽي ان وظيفي واري ڳالهه کي ائين ثابت ڪيو هو، تنهنڪري هاڻوڪي وظيفيدار ۽ سندس مرد وارثن لاءِ موروثي وظيفو منظور ڪرڻ گهرجي. اهو مامرو 1842ع واري ترميمي قاعدن يا وري منهنجي 1853ع واري لکيل خط نمبر 1720 ۾ صوبي لاءِ رٿيل بدليل قاعدن هيٺ ايندو.“

بمبئي حڪومت 7 فيبروري 1855ع تي قرارداد نمبر 534 هيٺ، پنهنجي رٿيل نبيري کي سُلجهايو ۽ آخري نبيري هيٺ وظيفي جي سَند منظور ڪئي وئي.

## 23. مُلا الله بخش

### خيراتي وظيفي جي سَند ۽ نبيرو

هي مُلا وظيفي طور ڪجهه اناج جا خرار وٺندو رهيو، جنهن کي وري 1853ع ۾

شڪارپور ۾ پنهنجي چاچي ڪانپوءِ مذهبي عالم ماڻهو آهي: ۽ جيئن ته جاءِ ننڍڙي آهي ۽ خاص طور مڪتب لاءِ واپرائي وڃي ٿي، تنهنڪري آءٌ ان سوچ ۾ ڪيپٽن گولڊسمڊ سان سهمت آهيان، ته ڪجھ اهڙيون خاص حالتون آهن، جيڪي ان سَند کي، جنهن خاندان کي مُفتي جو عهدو بيشڪ مليل آهي، موروثي طور منظور ڪري ڏيڻ جي گهُر ڪن ٿيون.“

اها سَند، بمبئي حڪومت جي 28 اپريل 1855ع جي قرارداد نمبر 1755 هيٺ ۽ آخري نبيري طور منظور ڪئي وئي.

## 26. شاهه محمد سيد

### خيراتي وظيفي جي سَند ۽ نبيرو

هي سيد، پير محمد جيسراڻي جي مقبري (جنهن سان لڳ ڪابه مسجد يا منارو نه آهي) تنهن جي سنڀال لاءِ ماهوار هڪ رپيو ٻارهن آنا (ساليانو ايڪيھ رپيا) وظيفو وٺندو رهي ٿو. مٿئين پير بابت چيو وڃي ٿو، ته هو شاهه خيرالدين جو مريد هو، ۽ ڏاڍو مشهور هو، تنهن لاءِ 1854ع ۾ چيو ويو، ته اهو اڍائي سؤ سال اڳ وفات ڪري ويو هو. مسٽر فريئر خط ۾ اڳوڻي مامري پٽاندر، قاعدي جي ستين حصي هيٺ، هن جي سَند جي دائمي منظوري ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي، تنهنڪري بمبئي حڪومت اڳوڻي مامري کي سامهون رکندي قرارداد هيٺ منظور ۽ آخري نبيرو ڪيو.

## 27. گلزار فقير

### خيراتي وظيفي جي سَند ۽ نبيرو

هي فقير روهڙيءَ ويجهو ’سَتين جي ٿانَ‘ جي نالي سان مشهور ٽڪريءَ تي رهندو هو، ۽ اُتي موجود ”ڏاڍو شاندار ۽ سهڻو مقبرو“ (35)، جنهن جو هو مُجاور هو. هن مير سهراب جي سَند پيش ڪئي، جنهن تي 16 جمادي الاول 1220هجري جي تاريخ لکيل هئي، جنهن هيٺ هن کي چار آنا ڪوڙيون، جيڪي 520 رپين ماهوار برابر هيون، منظور ڪري ڏنل هيون، جيڪي پوءِ سنڌ جي فتح کان ٿورڙو اڳ گهٽجي وڃي ٻه رپيا ٿيون. سنڌ جي فتح ڪانپوءِ پندرهن مهينن تائين ڪيس هي رقم ڏيڻ جو سلسلو جاري

رهيو- پر پوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو. 1855ع ۾ ڪيپٽن ان مامري جي ڪؤجنا ڪانپوءِ، مقبري جي سنڀال ۽ مرمت لاءِ دائمي طور منظوريءَ جي سفارش ڪئي. 29 جون 1857ع تي مسٽر فريئر پنهنجي خط نمبر 169 ۾ حڪومت کي پڻ ان ڏس ۾ سفارش ڪئي، جنهن هيٺ بمبئي حڪومت 21 جولاءِ 1857ع تي قرارداد نمبر 3390 هيٺ ان کي منظور ڪيو.

باب پنجون

# پَٽيدارن جون يادگيريون

## 1. لطيف خان ۽ مُحب الله

### خانداني شجرو

هنن پَٽيدارن جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

- مُلا پير محمد دُراني عشق زئي
  - مُلا محمد فرخ
    - مُحب الله
    - لطيف خان
  - محمد فضل
    - غلام خان

### زميني جائيداد ۽ جاگيرَ جي سَند

هن گهراڻي جيڪا پراڻي سَند پيش ڪئي، سا شاهه زمان طرفان 7 ذي القعد 1208 هجري (1794ع) تي مُلا محمد فرخ ڏانهن جاري ڪيل هئي. سَند ۾ اهو ڄاڻايل هو، ته سَند وٺندڙ جاگيردارَ وٽ شڪارپور ۾ ڪجهه زمينون ۽ باغ وغيره 'املاڪ' طور سندس تحويل ۾ موجود آهن، ۽ پراڻي سَند موجب انهن جي ڏِل ڏئي ٿو، جيڪا پوءِ هن کي منظور ڪري ڏني وئي هئي. سَند ۾ ڄاڻايل لکت مان اهو نتيجو ڪڍجي ٿو، ته جمعبندي گهٽ سطح جي ٿيل هئي، ۽ اهو ته حڪمران جيڪو وچن ڪيو هو، تنهن موجب ان ملڪيت ۾ واڌارو نه ٿيندو.

ٻي سَند- مير مبارڪ طرفان 25 ربيع الثاني 1227هجري (8 مئي 1812ع) ۾ جاري ٿيل هئي، جنهن هيٺ شاهه ڪالي پور، سوهيجا، مَري، ڪوٽ حبيب ۽ چمڙا جي موضعن جا پَٽ منظور ڪيا ويا هئا.“ ۽ آخر ۾ مير نصير خان خيرپوريءَ طرفان محرم 1250هجريءَ تي جاري ٿيل سَند پيش ڪئي وئي، جنهن هيٺ شاهه ڪالي پور، مريءَ،

ساهيجا ۽ سندس ڀين مُهاڳي ۾ موجود (توابع ولواحق) سان شامل اراضين جي محصول جو چوٿون حصو منظور ڪيل هو.“ هن جي پوءِ وارين 1253 هجري ۽ 1254 هجري جي ٻن سَندن مان پتو پوي ٿو، ته محمد فرخ گذاري چڪو هو، جو انهن سَندن ۾ سندس پُٽن مُحب الله ۽ عبداللطيف جو نالا ڄاڻايل هئا. انهن سَندن مان پتو پوي ٿو، ته سيد علي اڪبر شاهه ۽ مراد علي شاهه سان لاڳاپيل ديهه مريءَ جي پيداوار جي سورهن آنن مان چار آنا، ۽ محب الله ۽ عبداللطيف ۽ غلام خان سميت سندس ڀائر باقي رهيل ٻارهن آنن منجهان ٽن آنن جا حقدار هئا. غلام خان، ڀين جاگيردارن مان اڪيلو شخص هو، جنهن گورنر کي سلام پيش ڪيو هو، پر شڪارپور جي ڪليڪٽر ڪيپٽن پوپ جي حڪم سان ڀَتيداري جو سلسلو جاري رهيو.

## جاگيرَ جو نبيرو

مُحب الله 1850ع ۾ گذاري ويو، ۽ هن جي سوا اٺ پائين واري حصي کي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو. بهرحال ميجر گولڊسمڊ سفارش ڪئي، ته اهو حصو ان بنياد تي بحال ڪرڻ گهرجي، جو ڪليڪٽر شڪارپور پنهنجي 19 جولاءِ 1852ع تي ڊپٽي ڪليڪٽر شڪارپور ڏانهن لکيل خط نمبر 495 ۾ اها ڳالهه ڏيان تي آندي هئي، ته جاگيرَ منجهان حصو وڪڻڻ کي قانوني حيثيت سان ڏٺو ويو هو، ۽ اهو ته جيڪڏهن جاگيرَ وارو اهو حصو وڪڻڻ جوڳو هو، ته ان کي حڪومتي حق جي تحويل جوڳي جاگيرَ جي ڀيٽ ۾ ذاتي ملڪيت جي حيثيت سان ڏسڻ گهرجي. بهرحال، ان حصي کي پوءِ بحال ڪيو ويو، (ڏسو 2 نومبر 1858ع تي مراسله نمبر 948)، ۽ ربيٽي جي اصل ٽن آنن جي موروثي منظوريءَ لاءِ حڪومت کي سفارش ڪئي وئي. اها سفارش منظور ڪئي وئي.

# علوي پٽيدار

2. بديع الدين، جنهن جو وارث ظهيرالدين، فخر الدين، شاهنواز ۽ شرف الدين ٿيو.
3. عبدالاحد
4. نور احمد، جنهن جو وارث محمد حيات ۽ غلام محمد ٿيا.
5. فيض الله، جنهن جو وارث نصرالله (مرحوم) ٿيو.

## خانداني شجرو

علوي پٽيدارن جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

علوي پٽيدارَ جاگيردارن جو شجرو



31 آڪٽوبر 1854ع تي ۽ بديع الدين 7 مارچ 1858ع تي گذاري ويو. ڪيپٽن پيلي ۽ ان کانپوءِ ميجر گولڊسمڊ، فخرالله جي آڳاٽي زميني ملڪيت کي سامهون رکندي، سفارش ڪئي، ته حفيظ الله جي وارثن کي موروثي طور پٽيدارن جيان سَند ڏني وڃي، ۽ نيٺ پوءِ هن ُجي جيئري پُٽ شرف الدين، ۽ سندس پوٽن ظهورالدين ۽ شاهنواز (بديع الدين ۽ فخر الدين جا ترتيبوار پُٽ)، کي آخري نبيري مهل جاگيرن جي سَند منظور ڪري ڏني وئي.

## عبدالاحد سان ٽالپرن جو ورتاءُ ۽ برطانيا طرفان نبيرو

فخرالله جي پُٽن- بديع الدين، عبدالاحد ۽ نوراحمد- مير مبارڪ کان 11 شوال 1227هجري تي هڪ سَند ورتي هئي، جنهن ۾ ڪين ڪلواڙي ۽ سندس پرپاسي وارن موضعن جي سرڪاري محصولن مان هڪ هزار چاليهه رپيا ۽ رهيل بقايائن مان اڌ حصو ڏيڻ جي منظوري ڏنل هئي. ان ڳالهه جو پتو پيو، ته اُهي پنهنجو پاڻ 402 بيگهه زمين پوکيندا هئا، ۽ منجهانئن مير ڪين هڪ سؤ بيگهه زمين سيريءَ جي حيثيت سان ڏني هئي، ۽ رهيل زمين جي پيداوار جو چوٿون حصو پنهنجي لاءِ مخصوص ڪيو هو. مير محمد علي خان ٽالپر 8 ربيع الثاني 1258هجري تي، حميد الحق جي پٽ عبدالاحد لاءِ ''ڪلواڙي ۽ جهلي جاگير جي، پيداوار جي چوٿين پتي جنس سميت روڪڙ ۾ وٺڻ'' (هي اهو ئي حصو هو، جيڪو ڪيس ان دؤر ۾ مليل هو) ۽ ڏهه بيگهه سيريءَ طور منظوري ڏني. عبدالاحد 7 مئي 1843ع تي 'سلام پروانو' ورتو، ۽ ڪيپٽن پيلي ۽ ميجر گولڊسمڊ، حفيظ الله جي وارثن جيان، سندس لاءِ موروثي طور جاگيرَ جي سَند منظور ڪرڻ جي سفارش ڪئي. اهڙيءَ ريت اهي جاگيرون آخري نبيري مهل منظور ڪيون ويون.

## ٽالپرن جو نوراحمد سان سلوڪ ۽ برطانيا طرفان نبيرو

هاڻي پتو پوي ٿو، ته فخرالله جا باقي رهيل ٻه پٽ- شهاب الدين ۽ فيض الحق 21 رجب 1841 هجري کان اڳ وفات ڪري چڪا هئا، ڇوته اسان کي مير مبارڪ خان ٽالپر ۽ مير نصير خان خيرپوريءَ طرفان سندن پُٽن مير احمد ۽ غلام نبي، ۽ سندن ڀائرن نورالدين حسن ۽ ٻن ڀين (جيڪي خانداني شجري ۾ ڄاڻايل نه آهن) جي نالي جاري ٿيل سَند ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن سَند ۾ ديهه ساهڪجي ۽ گهاگهڙو جي سرڪاري محصولن جي اڌ، راوت خان ۽ عبدالله خان ٻاگراڻيءَ کي اڳيئي هڪجيترن حصن جي تخفيف ڪرڻ کانپوءِ منظوري ڏنل هئي ۽ محترم گورنر، سلام پيش ڪندڙ نور احمد

جي نالي اها سَند منظور ڪئي هئي، جڏهن ته غلام نبي ۽ نورالدين حسن ان وقت کان اڳ ئي وفات ڪري چڪا هئا. نورالدين حسن مرڻ پڄاڻان پنهنجي پويان هڪڙي ڌيءَ ڇڏي هئي، جنهن جي نوراحمد سان شادي ٿيل هئي، ۽ هن سندس حصو پنهنجي نائيءَ کي بخشش ۾ ڏنو هو. اها بخشش نوراحمد کي هڪ پرواني هيٺ، 12 آگسٽ 1844ع تي ڪليڪٽر شڪارپور ڪيپٽن ٽائون سيڊ منظور ڪري ڏني هئي. نوراحمد 1851ع ۾ ڪنهن اولاد ڇڏڻ بنا گذاري ويو، ۽ هن جو حصو سندس بيواهه کي ملندو رهيو. اپريل 1853ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر شڪارپور ۽ سکر، ڪليڪٽر جي حڪمن تي ڪنهن شڪ بنا عمل ڪندي، ديهه ساهڪجيءَ ۾ باقي بچيل حصا رهيل وارثن کي ڏيڻ لاءِ ڪاردار نوشهرو کي حڪم جاري ڪيو، ۽ محمد حيات پٽ فيض الحق ۽ غلام محمد پٽ سراج الدين جي نالي، مرحومن جي ايراضيءَ منجهان چوٿون حصو تخفيف واري شرط هيٺ، منظور ڪيو ويو. پر جيئن ته سمورا وارث 1858ع کان اڳ گذاري چڪا هئا، تنهنڪري ميجر گولڊسمڊ حڪومت کي پيش ڪيل پنهنجي پَٽيدار بيان ۾ سفارش ڪئي، ته جاگير جو اصل اڌ حصو، انهن ٻن انفرادي جاگيردارن کي منظور ڪري ڏنو وڃي، ۽ نيٺ، نبيري مهل هن جي سفارشن کي منظور ڪيو ويو.

### فيض الله سان ٽالپرن جو ورتاءُ ۽ برطانيا طرفان نبيرو

فخرالله جي رهيل ٻن پٽن زين العابدين ۽ مصلح الدين بابت پتو پوي ٿو، ته اُهي ربيع الثاني 1243 هجري کان اڳ وفات ڪري چڪا هئا. چوته اسان کي مير محمد علي خان طرفان سندس پُٽن فيض الله ۽ نورالله جي نالي، ان مهيني ۾ جاري ٿيل هڪ سَند ملي آهي، جنهن ۾ ڏيڍ سؤ رپيا تخفيف ڪرڻ ڪانپوءِ، رعيت پور ۽ ديهه ماڪا جي سرڪاري محصول جو هڪ ياڳي ٽيون حصو ۽ سيريءَ طور ڏهه بيگهه زمين ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي هئي. 22 صفر 1249هجري تي مير نصير خان هڪ سَند وسيلي، ديهه سابَ ۾ ڪيس ملندڙ سرڪاري محصول جو هڪ ياڳي چوٿون حصي جي ادائيگيءَ کان، هن کي آجو قرار ڏنو هو، ۽ 27 صفر 1254 هجري تي مير مبارڪ جي پٽ مير فضل محمد خان، ماڪا جاگيرَ جي پَٽيداريءَ واري سَند جي توثيق ڪئي (اُن ۾ رعيت پور جاگيرَ جي وصوليءَ ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي هئي)- پر اها ڦيرڦار هڪ ياڳي تي حصي جي جاءِ تي هڪ ياڳي ستين حصي تائين محدود ڪئي وئي. سر چارلس نيپيئر آڏو فيض الله سلام پيش ڪيا هئا، تنهنڪري هن کي ۽ نصر الله (نورالله مرحوم جي جيٺري ياءُ) کي ماڪا ۾ محصول جو هڪ ياڳي چوٿون حصو ۽ ديهه سابَ ۾ محصول

6. حفيظ الله (مرحوم) جنهن جو وارث شاهه محمد ٿيو، ۽ حبيب الله (مرحوم) جنهن جو وارث تيمور خان ۽ سجاول خان ٿيو.

7. نذرمحمد

8. بچل، غلام شاهه ۽ غلام قادر (مرحوم)

## خانداني شجرو

هنن پٽيدارن جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:




## جاگيرن جون سَندون

هن گهراڻي جي پيش ڪيل پهرين سَند، احمد شاهه طرفان شوال 1176هجري ۾، سيد سيف الله جي نالي جاري ٿيل هئي، جنهن ۾ ڪيس "ڪڙيو باگڙجي، مبارڪپور، روپاهه ۽ ٻين محالن ۾ خريد ڪيل زمينن جي محصولن ۽ ٻين مامرن ۾ ڪيس اڳ ۾ مليل رعايتن ۾ ڇوٽ ڏني وئي هئي. پتو پوي ٿو، ته تيمور شاهه 1194هجري ۾ انهن جاگيرن ۾ سيد آباد جاگير کي به شامل ڪيو هو، ۽ هن جي جاري ٿيل سَند جي زمان شاهه 1208هجري ۾ توثيق ڪئي هئي.

## حفيظ الله سان ٽالپرن جو ورتاءُ ۽ آخري نبيرو

مير نصير خان، رمضان 1246ھ ۾ ڏيڻ، گهمرو ۽ باگڙجيءَ جي محصول ۾ چوٿين حصي جي ڇوٽ ڏيندي، ”امان الله ۽ سندس ٻائرن“ جي نالي هڪ سند جاري ڪئي هئي. سَند جي لکت مان پتو پوي ٿو، ته سنڌ جي فتح وقت امان الله پاڻ جيئرو نه هو، ۽ 'سلام پروانو' سندس پُٽ حفيظ الله جي نالي جاري ڪيو ويو هو، جيڪو پاڻ 1849ع ۾ گذاري ويو. ڪمشنر هن جي پُٽ شاهه محمد جي نالي، جولاءِ 1850ع ۾ سندس حصو منظور ڪيو. حبيب الله 27 سيپٽمبر 1851ع ۾ گذاري ويو، ۽ ڪاردارَ لکت ۾ ڄاڻايو، ته هن جو باگڙجيءَ وغيره جو حصو سندس پُٽ تيمور خان، ڊپٽي ڪليڪٽر سکر مسٽر ڊڪسن جي حڪم هيٺ ونندو هو. جيئن ته شاهه محمد، تيمور خان ۽ سجاول بابت پتو پوي ٿو، ته هنن مير نصير خان جي سَند هيٺ پنهنجي پاڻ کي جاگيرَ جو نمائندو ڄاڻايو هو، تنهنڪري ميجر گولڊسمڊ سفارش ڪئي، ته انهن ٽنهي ڄڻن کي فرسٽ ڪلاس پَٽيدارن جيان، مٿي ڄاڻايل سَند پٽاندر شامل ڪيو وڃي. پوءِ، ان سفارش کي منظور ڪيو ويو.

## نذرمحمد سان ٽالپرن جو ورتاءُ ۽ آخري نبيرو

مير مبارڪ جي پُٽ مير محمد علي، 11 ربيع الاول 1255 ھ تي نذر محمد کي قاضي واهڻ (مبارڪ پور سميت) ۽ ڪليريءَ (3) جي محصول جي چوٿين پتيءَ جي منظوري ڏني. سنڌ جي فتح کانپوءِ، هن طرفان سلام پيش ڪرڻ تي، ڪيس 28 مئي 1844ع تي انهن جاگيرَن کي منظور ڪندي 'سلام پروانو' ڏنو ويو. ڪيپٽن پيلي ۽ ميجر گولڊسمڊ ٻنهي ڄڻن سفارش ڪئي، ته هن کي فرسٽ ڪلاس پِٽيدار جي حيثيت سان دَرج ڪيو وڃي ته ۽ نيٺ، هنن جي سفارش کي منظور ڪيو ويو ۽ اهڙيءَ ريت، نبيرو ٿيو.

## بچل، غلام شاهه ۽ غلام قادر سان ٽالپرن جو ورتاءُ ۽ آخري نبيرو

جيئن ته سيف الله جي مِلڪيت بابت اڳ ۾ ڄاڻائي آيا آهيون، ته باگڙجيءَ وارو حصو نصرالله جي وارثن، ۽ مبارڪپور جو حصو جان محمد جي واٽن کي ڏنو ويو هو- اهڙيءَ ريت سعيد آباد جو حصو نورالله جي پُٽن کي ڏنو ويو. مير رستم خان 22 محرم 1249ھ تي جاري ٿيل هڪ سَند هيٺ، سعيدآباد آرائيءَ جي محصول جو اڌ حصو، پنج سؤ رپيا ساليانو نذراني جي شرط هيٺ، غلام مرتضيٰ خان ۽ ٻين پناٿن کي منظور ڪري ڏنو. رجب 1254ھ ۾ مير علي مراد، 1852ع ۾ سندس علائقي جي حصي

ڪي تحويل ۾ ونندي، هن سيد ڪي جاگيرَ جي سَند منظوري ڪري ڏني هئي، جنهن جاگير جي حصي بابت پتو پوي ٿو، ته غلام قادر خان، بچل خان ۽ غلام شاهه ڪي پَٽيدارن جي حيثيت سان درج ڪيو ويو هو. هنن ”ڳوٺ سميت محصولن جي اڌ“ يعني مجموعي طور ساليانو 865 رپين جي دعويٰ ڪئي، پر هنن ڪي جيئن ته انهن جا حڪومت ڪي ساليانو پنج سؤ رپيا ساليانو پوندا هئا، تنهنڪري هنن جي دعويٰ ڪي 365 رپين تائين گهٽايو ويو. مسٽر فريئر 30 نومبر 1854ع تي پنهنجي خط نمبر 405 ۾ هن ايراضيءَ تي ”دعويدارن ۽ اصل خيراتدار سيد سيف الله جي قانوني مرد وارثن“ جي نالي، آڳاٽي وقت کان وٺي وٽن جاري قبضي ڪي سامهون رکندي، موروثي طور پٽيداري سلسلو جاري رکڻ جي سفارش ڪئي. هن پٽيداري طريقي بابت چيو ته، ”اهو اتر سنڌ ۾ مروج طريقو آهي، جنهن لاءِ انهن دعويدارن، جيڪي عام طور چڱين جاگيرن جا مالڪ هئا، پنهنجي موجوده حيثيت پٽاندر نوازش وارين ڳالهين ۽ پنهنجي سَندن جي آڳاٽي هئڻ، گهٽو ڪري افغان گهراڻي جي حڪومت واري دؤر جون هجڻ هيٺ، خاص دعويٰ ڪئي هئي.“ بمبئي سرڪار پنهنجي 9 فيبروري 1855ع تي نڪتل قرارداد نمبر 575 هيٺ، مسٽر فريئر جي تجويز ٿيل نبيري جي منظوري ڏني. هنن جا نالا موروثي پٽيدارن جي فهرست ۾ درج ڪيا ويا، ۽ اها فهرست 1858ع ۾ حڪومت ڏانهن موڪلي وئي، ۽ نيٺ، 1859ع ۾ رياستي سيڪريٽري ۽ انڊيا سرڪار ان ڪي منظور ڪيو.

## 9. غلام محمد ۽ سليمان خان (مرحوم)
## جنهن جو وارث قربان خان ٿيو

خانداني شجرو

هنن پٽيدارن جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

علي خان

- ۽ ٻيا پنج پٽ
- سليمان خان
  - قربان خان
- غلام محمد
  - اعظم خان

## جاگيرن جون سَندون

قربان خان جيڪو پراڻو لکيل دستاويز پيش ڪيو، سو مير سهراب خان جو 15 شعبان 1234هه (9 جون 1819ع) تي جاري ٿيل پروانو هو، جيڪو "بچانجيءَ جي ڪاردارن" ڏانهن لکيل هو. انهيءَ دستاويز مان ميجر گولڊسمڊ ڪجهه خاص ڳالهيون هيٺين ريت ڄاڻايون آهن:

"علي خان، غلام محمد ۽ سليمان خان پنهنجي گذران جي وسيلن- انعام، معافي ۽ پَٽي جي موروثي ستين حصي، 'انجام نامي' سان ٺهڪجندڙ- ڪي آڏو رکندي پنهنجي وارثيءَ جي ثابتي پيش ڪئي، جنهن ۾ بٽائي (اناج جو مُلهه) ۽ ضبطي (روڪ ملهه) افغانن جي آڳاٽي زماني موجب هئي. انهن کي ربيع 1230هه کان منظور ڪرڻ جي گهرج آهي. مٿي ڄاڻايل سموري ايراضيءَ کي، گذارش جي حيثيت سان منظور ڪيو ويو آهي. 'وجاهت'، 'انعام'، ستون ڀاڱو، ۽ باغ ۽ کوهه جي معافي، جوار جا ڇهه چرخا- بٽائي ۽ ضبطيءَ کي، هيٺ ڄاڻايل بيان جيان، اڳوڻي رواج موجب "مفت" سمجهيو ويو:

1. ستون حصو وغيره، ۽ هوائي، فروعي، اڳوڻي رواج پٽاندر.
2. ٽن کوهن جي معافي، اڳوڻي رواخ پٽاندر، هرهڪ مُند ۾.
3. جوار لاءِ ڇهه چرخا، خود ڪاشت هوندي 1230 جي خريف لاءِ 'امداد'.
4. زميندازي، ناڻو ۽ جنس اڳوڻي رواج پٽاندر. ('پنڪي' جو اصطلاح هتي واپرايو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي- خرار جو 640 حصو.)
6. بٽائي ۽ ضبطي ۽ ڪپهه جي ڀاتي، اڳوڻي رواج پٽاندر.

اهو پروانو مير علي مراد خان 8 ذي القعد 1266هه (15 سيپٽمبر 1850ع) تي ڏنو هو. علي خان جي موت وقت (اٽڪل 1236 فصلي سال) هن جي ستن پُٽن کي، قاضيءَ جي مُهر لڳل هڪ سَند هيٺ، جاگيرَ جي انهن حصن کي ساڍن يارهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو، جيڪي حصا گهراڻي جي گهٽڻ ڀاتين جي گذران لاءِ ڏنا ويا هئا. جڏهن ته سليمان خان کي وڏي پُٽ طور ٻه پَتيون مليون. (4).

## جاگيرن جو نبيرو

سليمان جي موت وقت اهو سوال اڀريو، ته ڇا وارثن ۾ ٿيل ورهاست کي مڃيو وڃي ۽ جاگيرَ جي ڪُل پيداوار مان خرچ پکي لٿي ڪانپوءِ بچيل جي چوٿين پتيءَ ورتي وڃيُ يا نه. غلام محمد جي پُٽ عظيم خان پُڇا ڪانپوءِ ٻڌايو، ته علي خان اصل ۾

ايران کان آيو هو.... تڏهن بچانجي جو ٽپو ۽ مهاڳي واريون زمينون ويساهي ۽ غيرپيداواري هيون. تنهنڪري هن آبپاشي جي وسيلن ۽ پوکيءَ تي هزارين رپيا خرچ ڪيا هئا. گڏوگڏ، تيمور شاهه هن کي موروثي پَٽيدارَطور ٻُٽ حصا، ٽن کوهن، هڪ باغ ۽ هڪ کوهه سميت ڏنا هئا- ۽ شاهه شجاع پوءِ ان سَند کي منظور ڪيو هو- پر سموريون شاهي سَندون آڳاتي بچانجي ۾ (1788ع ڌاري) سڙي رک ٿي ويون. بچانجيءَ کي سنڌو درياهه پائي ويو هو، ۽ پوءِ علي خان هڪڙي ٻيءَ ايراضيءَ تي پوک ڪئي، جنهن کي پڻ ساڳئي اندازسان درياءَ پائي ويو. پوءِ، شاهه شجاع جي سَند جي مير سهراب توثيق ڪئي. بچانجيءَ جا رهيل ڇهه حصا، پير دوست خان ۽ غفور خان درانيءَ سان واسطو رکندا هئا، جن زمين پوکڻ تي هڪ هزار رپيا خرچ ڪيا هئا، ۽ تيمور شاهه کان پٽيداري طور حصا ورتا.

ميجر گولڊسمڊ، پٽيدارن جي جوارجي ڇهن چرخن واري دعويٰ کي ان بنياد تي رد ڪيو، ته اهي زمينون ”رڳو پوک يا ساڳئي مقصد لاءِ ’انعام‘ يا ’امداد‘ طور منظور ڪيل،هيون، جن بابت روينيو عملدارَ نبيرو ڪري سگهن ٿا. ستين حصي ۽ ٽئن کوهن جي معافي جي ڊِل 5548 رپيا هئي؛ پر جيئن ته پنجاهه رپيا مير علي مراد کي ڏيڻ واريءَ ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي، تنهنڪري اها دعويٰ گهٽجي وڃي 504 رپين ۽ اٺ آنن تي پهتي. مسٽر فريئر ان ڳالهه جو قائل هو، ته اها سَند آڳاتي آهي، ۽ ” اصل سَند جي ماهيت، ٻن حڪمرانَ گهراڻن يعني افغان ۽ ميرن طرفان ان سَند جو تسلسل رهڻ، جيڪي پنهنجي ڪردار ۾ تمام گهڻو مختلف هئا ۽ خيراتدارن جي ڪَردار“ تي ويچاريندي، ان بابت هن چيو ته، ”اهو (مالياتي انتظام جيان، مساوات جي خيال کان ڏار هوندي) همٿائڻ جي خواهش جوڳو هو.“ تنهنڪري هن ان مامري کي بچل، غلام شاهه ۽ غلام قادر جي مامرن جيان، موروثي طور منظور ڪرڻ جي سفارش ڪئي. (5) انهيءَ سفارش کي بمبئي سرڪار 9 فيبروري 1855ع تي ٺهراءُ نمبر 575 هيٺ منظور ڪيو. اهو واضح نه آهي، ته ڪيئن ميجر گولڊسمڊ 1858ع ۾ پٽيدارن جي ٺهيل فهرست ۾، ڏيهه بچانجيءَ جي محصول جي ستين حصي جي ڊِل 402 رپيا داخل ڪئي ۽ کوهن جو سمورو ذڪر خارج ڪيو. نيٺ، هن فهرست ۾ داخل هئڻ جيان پٽيداريءَ کي سپريم سرڪار منظور ڪيو.

وجي ٿو، هڪ هزار رپين ۾ خريد ڪيو هو. افغان سرڪار هن جاگيرن تي ساليانيجمعبندي هڪ هزار رپيا مقرر ڪئي هئي، ۽ گهٽ وڌ مختلف محصولن جي صورت ۾ 160 رپيا ونندي هئي، پر نواب ولي محمد 26 آگسٽ 1825ع تي هڪ ناهه هيٺ، ميرن جي پڙتال جو ڪاٽو هڪ هزار رپيا لڳايو هو.

## سنڌ جي فتح وقت ورثاءَ

سنڌ جي فتح وقت، زمين جا پَٽيدار پائو خان ۽ غلام شاهه هئا. هيءَ ڳالهه چٽي نه آهي، ته غلام شاهه ڪيئن ان زمين ۾ پائيوار ٿيو. هي ڳالهه سامهون آئي آهي، ته هنن ٿورڙو دير سان سلام پيش ڪيا هئا. تنهنڪري، نيٺ هنن کي پَٽيداريءَ جي سَند ڏيڻ جي جاءِ تي، واڌو پنج سؤ رپين جي رقم جو وظيفو منظور ڪري ڏنو ويو. (6)

## درياهه پاتل زمين وارو تڪرار

پٽيداريءَ واري زمين شهري زمين هئي، جنهن جي سڄي صحيح ايراضيءَ جو ڪاٽو ٻارهن هزار بيگهه لڳايو ويو. اُها، هزهائينس مير علي مراد جي جاگيري ايراضين جي وچ ۾، خاص ننڍڙي ٽُڪر جيان گهيريل هئي. سنڌو درياهه اٽڪل 1847ع ڌاري اڳتي وڌڻ لڳو، جيڪو پهرين مير علي مراد جي زمينن کي اوپر کان ڳڙڪائي ويو، ۽ پوءِ نيٺ پَٽيداري جاگيرَ جا اَٺ سؤ بيگهه درياءَ حوالي ٿي ويا. بهرحال، 1850ع ۾ سنڌو درياهه ۾ چاڙهه گهٽ ٿيو ۽ پاڻيءَ ۾ لاٿ آئي، ته اُها دريائي پايل ايراضي، ٿورڙيءَ وڌيڪ ايراضيءَ سان گڏ ٻاهر نڪري آئي، جنهن تي هُزهائينس مير علي مراد ان بنياد تي دعويٰ ڪئي، ته هن جي جاگيرن جي ڏس ۾ سنڌو درياءَ، ميجيل دنگ آهي. هن ڏس ۾ ڪليڪٽر سوچيو، ته اهو شايد اصل پٽيداري ايراضيءَ جو سُنو ثبوت آهي، جيڪو واقعي اڳي رهيو هوندو. هن لکيو ته، "جيستائين مونکي ڄاڻ آهي، ته هن حالت جي صورت ۾، جڏهن درياهه اهڙي زميني حصي کي ڳڙڪائي ويندو هو، ته امير عام طور تيل نقصان لاءِ ترميمون ڪندا هئا. تنهنڪري مونکي پتو پيو آهي، ته زمين بنيادي طور ڪنهن به شڪ بنا پَٽيدار کي ڏيڻ گهرجي." (7) مسٽر فريئر جو ٻين ڪليڪٽرن وٽان رپورٽون گهرائڻ ڪانپوءِ اهو خيال هو، ته جيئن ته پَٽيدارن جو "زميني ايراضيءَ جي حدبنديءَ ڪانسواءِ، ڳوٺ تي حق هو،" ۽ اهو ته هاڻوڪي مامري وانگر جيئن ٻين مامرن ۾ ٿيو آهي،جو "جڏهن درياءَ جي اهڙي ڇڏيل زمين، ڪنهن ڳوٺ جي دنگ يا مهاڳي ۾ ايندي هئي، ته اها رواج موجب ڳوٺ سان لاڳاپيل سمجهي ويندي هئي،" تنهنڪري درياهه مان نڪتل اَٺ سؤ بيگهه زمين پٽيدارن کي ڏيڻ گهرجي. (8)

1858ع ۾ خيرپور جي رهواسي الهداد ولد محمد خان، ان بنياد تي پٽيداري جي حصي وٺڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي ته: هن جو ڏاڏو اصل پٽيدار هو. هن جي پيءُ ملڪيت جو هڪ پاڱي ٽيون حصو گروي رکيو هو ۽ هڪ پاڱي ٽيون حصو غلام شاهه ڪنياڻ کي مقاطعي تي ڏنو هو، ۽ اهو ته پائو خان جو حصو رڳو هڪ پاڱي تي هو. هن دعويٰ کي دعويدار طرفان پيش نه ٿيڻ سبب رد ڪيو ويو- پر جيئن ته ميجر گولڊسمڊ کي هن جو حصو مستقل طور درج ڪرڻ واسطي، مامري کي وڌيڪ کوجنا لاءِ کولڻ جي ڏس ۾ ڪوبه شڪ نه هو، تنهنڪري هن سفارش ڪئي، ته اها جاگير پائو خان ۽ غلام شاهه جي نالي ۾، هڪ پاڱي چار ۽ ٽي پاڱي چار حصن جي آخري پڪ ڪيل تناسب سان، "وڌيڪ حڪمن ۽ ابتڙ واضح ٿيل تحويل واري ثبوت کي التوا ۾ رکندي،" درج ڪرڻ گهرجي. بهرحال، آخري نبيري وقت پنهي ڌرين جي نالي، وڌيڪ حصن جي وضاحت بنا، پٽيداريءَ جي سَند جاري ڪئي وئي.

## 12. محمد رحيم پٺاڻ ۽ سلطان خان

### جاگيرن جون سَندون

شاهه زمان جي 1210هه (1795ع) ۾ جاري ٿيل سَند ۾ ڄاڻايل آهي، ته مُلا دوست محمد جاه"نَلا"، سلطان خان بابر خريد ڪيا هئا، ۽ اهو ته هن کي "ممول ماليه" لاءِ پَٽ منظور ڪري ڏنا ويا هئا، جن پَٽن جي توثيق هُن جي نالي ڪئي وئي هئي، پر زمين جي قيمت جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو ويو. هن سَند جي محمد شاهه صفر 1217هه ۾ توثيق ڪئي هئي.

### ٽالپرن طرفان ورثاءُ ۽ نبيرو

مير رستم 15 رمضان 1258هه (1842ع) تي جاري ٿيل سَند هيٺ، سلطان خان جي پُٽ کي، خيرپور ميرس ڏانهن رهيل ٻه پاڱي پنج حصن منجهان دوست واهه جي محصُول جي ٽئين حصي جي منظوري ڏيڻ سميت ٻن کوهن جي جمع بنديءَ کان آجو ڪيو هو. ڪيپٽن پيلي سفارش ڪئي، ته مير رستم واري وقت کان وٺي جاري رهندڙ پَٽيداريءَ کي، موروثي قرار ڏنو وڃي ۽ ميجر گولڊسمڊ هن جي تجويز سان سهمت ٿيندي، آخري نبيري وقت ڪيس هن ڪلاس هيٺ درج ڪرڻ واريءَ ڳالهه قبول ڪئي.

## 13. فتح الله، موسيٰ خان ۽ رحمت الله

### خانداني شجرو

هن پٽيدارن جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

خيرالله دراني فوفلزئي

فتح الله خان — موسيٰ خان — رحمت الله — ۽ ٻيا پٽ

### جاگيرن جون سَندون ۽ نبيرو

هن مامري جي ڏس ۾ پيش ڪيل پهرين سَند، شاهه شجاع الملڪ جي ڊسمبر 1788ع ۾، سنڌ جي فتح کان پنجونجاهه سال اڳ، خيرالله جي نالي جاري ٿيل هئي. ان سَند ۾ خيرالله جي نالي "چوڙيا، ميرڏاهه، ڪارو باگيجو ۽ نوناريءَ جي 'زرخريد' ايراضيءَ جي آڳاتي 'معمول' ڪي جاري رکڻ" چاٿايو ويو هو. 1806ع ۾ پٽيدار ۽ مير سهراب جي پُٽ غلام حيدر خان وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو هو، جنهن ۾ هي قرار ڏنو ويو هو، ته خريد ڪيل زمينن جو ٽيون حصو پَٽيدار جي ملڪيت ٿيندو ۽ ٻه پاڱي ٽيون حصو غلام حيدر جي پُٽ مير محمد خان کي وڪٽيو ويندو، بهرحال هن معاهدي ۾ پوءِ ٿيندڙ معاهدن هيٺ، رهيل حصو پٽيداريءَ ۾ شامل ڪرڻ کانپوءِ، چوڙيا جي اڌ حصي ۽ ديهه آدمجيءَ جي پندرهن پاڱي سورهن حصن ڪي، آخري نبيري مهل ايراضي تحويل ۾ رکندڙ جاگيردارن جي نالن تي موروثي طور منظور ڪيو ويو. (9)

## 14. گاڏو خان (مرحوم) جنهن جو وارث محمد عظيم ٿيو

### خانداني شجرو

هن پٽيدارن جو خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

مهراب خان (1843ع کان اڳ گذاري ويو.)

گاڏو خان (19 نومبر 1853ع تي اڳ گذاري ويو.)

نُور محمد (پنهنجي پيءُ کان اڳ گذاري ويو.)

نعمت الله — محمد عظيم

## جاگيرن جون سَندون

گاڏو خان ۽ هن جي پيءُ سميت صمد خان جو ڏاڏو 1774ع ڌاري پنهنجي اباڻي وطن قنڌار کان سنڌ ۾ آيا هئا. تيمور شاهه جي حڪومتي دؤر (1773ع کان 1782ع) ۾، امروٽ ۽ اورنگ آباد جي پٽيداري، شڪارپور جي گورنر غلام صديق خان جي نالي قرار ڏني وئي، (10) ۽ ان پٽيداريءَ جي ٽن حصن ۾ ورهاست ڪئي وئي: ورهاست موجب سرڪار جا هڪ پاڱي تي حصا، هڪ پاڱي تي حصا غلام صديق جا، هڪ پاڱي تيون حصو مهراب کي (پوک جي واڌاري جي شرط تي) ڏنا ويا.

جڏهن غلام صديق خان گذاري ويو، ته سندس سئوٽ ۽ وارث فتح الله پٽيداري جو وارث ٿيو، جنهن پنهنجي پيءُ جو حصو ويهن ورهين تائين برقرار رکيو، جنهن کانپوءِ هن پنهنجو حصو سمند خان جي پيءُ پير محمد کي وڪڻي ڇڏيو. انهن حقيقتن مان ميجر گولڊسمڊ نتيجو ڪڍيو (11)، ته گورنر غلام صديق ”چڱي رک رکاءُ ۽ اثر رسوخ وارو ماڻهو هو، تنهن ان جاگير کي قبايو هو يا وري پنهنجي قنڌار واري حڪمران کان، زمين جي مالڪي يا قبضي وارو حق ورتو هو، جنهن جي سڄي پيداوار مان هڪ پاڱي تيون حصو هو شاهي خزاني ۾ ڏيندو هو، ۽ اهو ته هن مهراب خان کي ماتحت پائيوار جي حيثيت سان قبوليو هو.“ اها ناممڪن ڳالهه نه هئي، ته افغان حڪومت انتظام کي ترت مڃيو هو، جنهن مان سندن ٽين حصي جي ڊل ۾ واڌارو ٿيڻ جو امڪان هو. سمورن واقعن مان مهراب خان بابت نروار ٿئي ٿو، ته هن اورنگ آباد ۽ امروٽ جي محصولَ جو تجويز ڪيل حق ورتو هو، جن ۾ غلام صديق جي وفات کان پوءِ به، هٿراچراند نه ڪئي وئي. تنهن هوندي به هو اجا ٻنهي ديهن جو زميندار نه هو. افغان اختيارين جاگيرَ جي انهن ٻنهي پَتين جو سلسلو پير محمد ۽ مهراب واسطي جاري رکيو، ۽ هنن جي موت کانپوءِ، سندن پُٽن صمد ۽ گاڏو خان جي نالي انهن حصن جي توثيق ڪئي وئي. جڏهن ٽالپر اقتدار ۾ آيا، ته مٿي ڄاڻايل ٻنهي جاگيردارن، حڪومت جو رڳو اڌ حصو ورتو هو، ۽ اهو اڌ، چوٿين پتي گهٽائيندي، پنجن سالن جي عرصي لاءِ ڏنو ويو هو. ڊپٽي ڪليڪٽر سکر ڪيپٽن ٽائونسيڊ ان سلسلي کي، سندن پاران گورنر جو پروانو ۽ سَندون پيش ڪرڻ تي جاري رکيو. ميجر گولڊسمڊ هن جي موت وقت سفارش ڪئي، ته هن جو هڪ پاڱي اٺون حصو سندس وارث نعمت الله کي موروثي طور ٻيهر منظور ڪري ڏنو وڃي، ۽ اهو ته سمند خان جو حصو سيڪنڊ ڪلاس جي پٽيدارن ۾ درج ڪيو وڃي، ۽ مسٽر فريئر ان انتظام سان سهمت ٿيو. (12) آخري

نبيري وقت، وڏي پٽ محمد عظيم جي نالي پٽيداري داخل ڪئي وئي، ۽ هن کي فرسٽ ڪلاس جاگير جو درجو ڏنو ويو.

گاڏو خان جڏهن 1853ع ۾ گذاري ويو، تہ هو سؤ ورهين کان بہ وڏيءَ ڄمار جو هو. هن نادر شاهہ کي ڏٺو هو، ۽ جڏهن هو ٻارهن ورهين جو هو، تہ بادشاهہ لاڏاڻو ڪيو هو. هو پاڻ احمد شاهہ جي عملدارن ۾ شامل هو، ۽ 33-1832ع ۾ شاهہ شجاع سان گڏ جنگين ۾ بہ حصو ورتو هئائين. (13)

باب ڇهون

# حصيدار

## ڄام ابوالخير ولد ڄام پنيو (1)

### خانداني شجرو ۽ حيثيت

ڄام جا وڏڙا اصل ۾ اُباوڙو ضلعي ۾ آزاد سردارن جي حيثيت سان پنهنجي زمينن جا مالڪ هئا. اُهي 1630ع کان 1650ع وچ ڌاري شاهجهان جي حڪومتي دؤر ۾ دهلي دربار جي رعيت بڻيا هئا. "هي ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته هنن جو دربار ۾ چڱو اثر رسوخ هوندو هو، ۽ اُهي پنهنجي زمينن تي مالڪيءَ ۾ آزاد هئا. تنهنڪري اُهي مغل شهنشاهن تي ايڏو ڀاڙيندڙ به نه هئا." اهو ڇيو پئي ويو، ته هنن وٽ، جوڻ ڌهر جي سرواڻيءَ ۾ ان علائقي تي پهريون پيرو ضابطو رکڻ کان وٺي، سورهن نسلن تائين سرداري هلندي آئي آهي. سنڌ جي فتح کانپوءِ به، ڄام ابوالخير چڱو اثر رسوخ رکندڙ شخص هو. هو "وڏي انگ واري قبيلي جو سردار هو ۽ وڏيون ايراضيون پوکيندڙن منجهه شامل هو،" ۽ هن سنڌو درياهه جي ڪاهي پاسي وارن ضلعن ۾ وڏن زميندارن جي حيثيت سان اهم حيثيت والاري ٿي. (2)

### جاگيرن جون سَندون

هن پنهنجي جاگيرن جي آڳاٽي هجڻ بابت ڪيترائي ثبوت پيش ڪيا. انهن سڀني منجهه سڀ کان پهريون جيڪو 'فرمان' هو، تنهن تي اورنگزيب جي مُهر 1868-69ع لڳل هئي، جنهن ۾ ڪين ڪجهه خاص محصولن کان آجو قرار ڏيڻ جو حڪم ڏنل هو ۽ هاٽوڪي ڄام جي نالي ۽ ڏاڏي جي نالي، مٿن مڙهيل محصول جي سلسلي کي ختم ڪيو ويو هو. ڪين محصولن ۾ ڏنل صحيح ڇوٽ جي نوعيت، واضح طور ان فرمان ۾ يا ٻين دراني بادشاهن جي اڳي ڏنل سَند ۾ بيان ڪيل نه هئي. بهرحال، هن جا حقَ، واضح طور جنهن سَند ۾ لکيل هئا، سا مير سهراب ۽ مير رستم طرفان 1808ع ۾ جاري ٿيل هئي. هن سَند ۾ اهو ڄاڻايل هو ته، 'سرڪار' (ٽالپرن جي

حڪومت) ۽ ڏهر سردارن وچ ۾ اُپاوڙو جي محصولن جي ورهاست، برابر هڪجيترو حصن طور ڪرڻي هئي، ۽ معاهدي جي اکرن وسيلي، جيڪي بالادست طرفان ڪمتر ڪي جاگير جي سَند ڏيڻ جي پيت ۾، برابرن وچ ۾ معاهدي جو هڪڙو روپ آهي، تنهنڪري اهو چيل آهي، ”انهن ذميوارين جو ’ويساهه‘ پٽاندر تقدس برقرار رکيو ويندو.“ بهرحال، ڏهر سردار ڪجهه عرصي کان آهستي آهستي پنهنجي اهميت وڃائي وينا، ۽ ڪجهه سالن کانپوءِ مير رستم، چام جي هڪ پاڱي پنج حصي جو حق گهٽائي ڇڏيو، جيئن اسان 1824ع ۾ جاري ٿيل هڪ حڪم ۾ ڏسون ٿا. وقت جي وهڪري ۾ اُهي ديهه شاهه والي، وسي جيوڻ شاهه، ٽنڊو آهنگران، راهڪي، مڏاؤ والا ۽ ڏيتا پين جي ڳوٺن ڪانسواءِ- تپو راوتيءَ جي ڳوٺن مان محصول وٺڻ جو حق پڻ وڃائي وينا، ۽ اسان کي اڳتي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته هنن کي ديهه راوتيءَ جو، هڪ پاڱي اٺين حصي جي جاءِ تي، هڪ پاڱي ٻارهن حصا وٺڻ جو حق مليل هو، ۽ پوءِ ڪجهه عرصي لاءِ ڏهر سردار کي ان حصي کان به محروم ڪيو ويو ۽ سندن بحاليءَ تي هُو رڳو هڪ پاڱي ٻارهن حصو وٺندو رهيو. پر انهن مثالن هوندي به سنڌ جي فتح وقت، برطانوي حڪومت طرفان 1852ع ۾ اهو علائقو پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ وقت به، چام اُپاوڙو جي محصول جو هڪ پاڱي اٺ حصو وٺندو هو.

## جاگيرن جو نبيرو

جمعبنديءَ جي رقم جي وٺڻ لاءِ جوڙيل ضلعي روينيو استبلشمنٽ کي هڪ پاڱي ٽي حصو ڏيڻ جي شرط هيٺ، هن جي تحويل ۾ آيل جاگيرن جي سلسلي کي برقرار رکيو ويو. هن حصي جي ڏل هڪ هزار رپيا هئي ۽ چام کي ان رقم سميت اٺ پٽوارين جي پگهار، جنهن جي رقم 1515 رپيا هئي، سا ڏيڻي پوندي هئي. هن جي شڪايت تي، ڪليڪٽر شڪارپور، پٽواري استبلشمنٽ جي ڦير- ورچ جو انتظام ڪيو، جنهن سبب چام جي انتظام ۾ مجموعي خرچ گهٽجي وڃي 1257 رپيا ۽ اٺ آنا بيٺو، ۽ مسٽر فريئر ان انتظام جي منظوري ڏني. (3) اهڙيءَ ريت، حصيداريءَ جي وصوليءَ وارو انتظام ڇهه سيڪڙو هو، جنهن جي هن رقم سان متاسنا ڪئي وئي. مسٽر فريئر 30 نومبر 1854ع تي، ان پاليسيءَ سميت هن جي زميني جائيداد (راوتيءَ جو هڪ پاڱي ٻارهون حصو ۽ اوپاوڙو جي محصول جو هڪ پاڱي اٺ حصو)، موروثي طور منظور ڪرڻ تي سختيءَ سان زور ڏنو ۽ هن جي سفارش کي بمبئي سرڪار منظور ڪيو (4) ۽ نيٺ آخري نبيري وقت پڻ ان جي توثيق ڪئي وئي.

# حوالا ۽ سمجھاڻيون

باب پھريون

## فرسٽ ڪلاس جاگيردار

1. See No. 167, dated 12th September 1851, from the Deputy Collector, Jerruck, to the Collector of Karachi, and No. 307, dated 2nd September 1851, from the Deputy Collector, Sehwan, to the Deputy Collector, Jerruck and No. 578, dated 27th March 1851, from the Collector Karachi, to the Commissioner.
2. No. 100, dated 6th March 1846. from Collector. Karachi, to Secretary, Sind Government.
3. No. 319, dated Ist May 1846. Collector of Karachi to the Secretary, Sind Government.
4. No. 428, dated 5th May 1848. Collector of Karachi to the Commissioner.
5. No. 424, dated 14th November 1846, from the Collector of Karachi to the Deputy Collector of Kotri.
6. Vide Lieutenant Stewart's No. 63, dated 28th April 1853, to the Collector of Karachi.
7. No. 433, dated 25th February 1853, to the Collector of Karachi.
8. No. 433, dated 25th February 1853, to the Collector of Karachi.
9. No. 143, dated 17th March 1846, from the Collector of Karachi, to the Secretary to Sind Government, and No. 523, dated 5th November 1846, from the Deputy Collector of Kotri, to the Collector of Karachi.
10. No. 884, dated 17th December 1844, from the Collector of Karachi to the Secretary to the Sindh Government.
11. No. 7, of 1855, dated 19th July 1855, from the Ist Assistant Commissioner for Jagirs to the Commissioner.
12. Report No. 21 of 1855, from the 2nd Assistant Commissioner for Jagirs.
13. No. 62, dated 7th May, 1853, from Captain Stack to the Commissioner.
14. No. 1829, dated 30th June 1853, from Mr. Frere to Captain Stack.
15. No. 3606, dated 22nd December 1852, from Captain Preedy to the Commissioner.

16. Mr. Frere's No. 462, dated 31st December 1852; to Government.
17. No. 1642, dated 24th January, 1853, to the Collector of Karachi.
18. Or 1,193- the writing being not very legible.
19. Captain Preedy's list of men of rank in his Collectorate sent in 1847, to the Commissioner.
20. No. 294, dated 25th February 1850, from the Collector of Karachi. Captain Preedy, to the Deputy Collector of Ghorabari.
21. Colonel Le grand Jacob, Political Agent, Cutch's letter to Captain Preedy, Collector of Karachi; dated 27th January 1856.
22. "Administration of Sindh", page 62-63.
23. Vide Records of the Sind Irregular Horse page 275.
24. "Administration of Sind" page 107.
25. Ibid page 118.
26. Ibid, page 124.
27. Ibid., page 356.
28. Do. do, page 183.
29. Do. do., page 194.
30. Records of the Sind Irregular Horse page 63.
31. Ibid page 64.
32. Ibid., Vol. I, page 67-68.
33. Ibid, page 69-71.
34. Letter from the Acting Collector, Shikarpur, to the Commissioner. No. 334, dated 2nd July 1850.
35. سَند ۾ "سير محصولَ- مهاڻن تي ميجيءَ مارڻ جو محصول ۽ سرشماري" جا عام حق حڪمرانن جي فائدي ۾ جاڻايل هئا. ۽ جاگير مان ولي محمد جي ٻائيوارَ چاندين جي "ڳدران ۽ وظيفي" جو حق محفوظ ٿيل هو.
36. Letter from the Acting Collector of Shikarpur to the Commissioner, No. 434, dated 28th September 1850.
37. No. 453, dated 17th October 1850.
38. No. 1587, dated 8th October 1850, to the Collector, Shikarpur, and No. 1771, dated 24th October 1850, to Do.
39. Captain Rathborne's No. 890, dated 14th November 1850, and Mr. Pringle's No. 1914, dated 20th November 1850, to the Acting Collector of Shikarpur.
40. No. 159, dated 5th March 1851, and No. 207, dated 21st March 1851.
41. No. 82, dated 15th April 1851, from Major Johan Jacob to Mr. Frere.
42. No. 650, dated 24th April 1851, from the Commissioner to Government.
43. No. 2675, dated 20th June 1851, Political Department.
44. Despatch dated 3rd November 1852, para. 46.

45. No. 104, dated 10th March 1862, to the Collector of Shikarpur, Political Department.

46. Captain Stack's report, No. 169, dated 24th October 1853, to the Commissioner.

47. تالپر اميرَ ارضي لاڙڪ نالي هڪ گماشتي کي، نواب خان ۽ سندس آکهہ جنهن ڳوٺ ۾ رهندا هئا، تنهن ڏانهن ويندڙ اُنن جي وڳ کي روڪڻ لاءِ روانو ڪري چڪا هئا. ڳوٺاڻن؛ تالپر اميرن جي ان گماشتي طرفان پَتو وٺڻ جي شڪايت ڪئي، ۽ پنهنجون مُصيبتون نواب خان جي آڏو رکيون، جيڪو هڪدم ارضي لاڙڪ جي چانوٽيءَ ڏانهن روانو ٿيو، پر هو اُن شخص جي هٿان اُٺ واپس وٺڻ دؤران ٿيندڙ ڏنڊڪ ۽ پوءِ جهيڙي ۾ مارجي ويو.

48. No. 458, dated 16 November 1853, from the Commissioner to Government.

49. No. 173, dated 31st May 1854, to government.

50. No. 3182, dated 29th June 1854.

51. No. 111, dated 11th January 1853, from Mr. Frere to Gaptain Goldsmid.

52. ڪلهوڙا حُڪمران مذهبي تقدس وارو طبقو هئا، تنهنڪري هنن جا خليفا عام طور سندن مکيہ فقير ٿيندا هئا. مير بهرام ۽ شاهہ بهارو اهڙن فقيرن ۾ شامل هئڻ سميت فوجي اڳواڻ بہ هئا.

53. Major Goldsmid's report in his Naushahro Taluka Roll (heading No. 8.)

54. Mr. Frere's No. 17, dated 15th January 1852, to the Bombay government Revenue Department.

55. No. 344, dated 24th October 1859, from Mr. Frere to the Bombay government.

56. Despatch No. 6 of the Court of Directors, dated 4th April 1849, and and No. 410, dated 13th November 1849, from the Government of India to the Government of Bombay.

57. Mr. Frere's No. 17, dated 15th January 1852, to Government.

58. No. 1148, dated 21st February 1852, to Government of India.

59. No. 344, dated 24th October 1859, to the Government of Bombay.

60. No. 5044, dated 17th December 1859, to the Government of India.

61. No. 681, dated 20th January 1860, Proceedings in the Financial Department.

62. No. 574, dated 13th July 1860, from the Deputy Collector, Sehwan, to the Acting Collector of Karachi.

63. No. 2039, dated 17th November 1860, from the Collector to the Commissioner.
64. No. 2423, dated 17th November 1860, from Commissioner to Collector.
65. No. 2108, dated 23rd November 1860, t Commissioner.
66. No. 153, dated 14th January 1867.

باب ٻيو

# چئن عظيم ٽالپر خاندانن جي جاگيرن جي تحويلدارن جي يادگيرين جو تعارف

1. The materials for this part of the Summary are as follows:

The references in the text relate to them unless where expressly stated otherwise.)

1. Major Goldsmid's Memo. No. 111 of 1857 and its Appendices i.e.,

A. Containing the genealogical tree of the Four Families and a detailed report and tabular statements regarding their possessions.

B. Roll of every member or professed member of these families holding alienated land in Sind, but not included in the list of members recommended for Sirdarship or special provision.

C. Alienations of these families lapsed under the British Government.

D. Nominal Roll and Summary of Report and Appendices.

E. Settlement of the Jagirs of these families (Statement B. in the old Jagir Summary.)

2. Major Goldsmid's supplementary Report No. 138, dated Ist June 1858, regarding the Jagirdars in the Districts resumed from His Highness Mir Ali Murad.

3. Letter of Mr. Ellis, Special Commissioner for Jagirs to Government, No. 12, dated 3rd July 1858, forwarding 1 and 2 with his proposals.

4. Letter dated 11th September 1858, from the Bombay government to the Government of India forwarding 3.

5. Reply of the Government of India No. 1633, dated 27th October 1858, generally sanctioning the Settlement but calling for explanations on certain points.

6. Letter No. 4412, dated 28th December 1858, from the Bombay Government to the Government of India, furnishing the necessary explanations.

7. Letter from the Government of India No. 550, dated 31st January 1861 approving forms of Sanads.

8. Mr. Maxwell Melvill's Roll.

9. Sanads.

10. File E, parts I & II, containing correspondence about the Jagirs of the four families and several other files, relating to the same, in the Commissioner's Office.

11. Certain printed books and memoirs mentioned in the text.

2. Of Major Goldsmid now incorporated in the appended Statement.

## حصو پهريون

3. B. denotes Napierian Bigahs. Mirs' Bigahs will be denoted by M. B.

4. This explains the order passed about the Manjhu holding.

5. The trustees were appointed in accordance with Sir Charles' order No. 2545, dated 6th September 1847, to the Collector of Hyderabad, (vide page....). It appears from this Collector's No. 1600, dated 16th November 1848, to the Collector of Karachi, that Mir Ahmed Khan himself was one of these trustees.

6. In the tabular statement annexed to his Memorandum No. 111 of 1857, Major Goldsmid entered this as 1251, and therefore increased the total by one. The total regrantable area therefore entered in his statement E. from which the figures in columns 3, 4 and 6 of the appended Settlement are taken was 16,752.

7. "جهان خان جي موت تي، هن جي پاءُ احمد خان، هڪڙي وصيت پيش ڪندي، پنهنجي پيءُ جي بهاولپور واريءَ سموري جاگيرَ تي دعويٰ ڪئي. هن چيو ته اها وصيت مير نور محمد، مير محمد ۽ مير نصير خان جي اڳيان جوڙي وئي هئي، ۽ مٿن سندن صحيح به ٿيل هئي، تنهنڪري هن جي وصيت جي ثابتي ڪي سامهون رکندي ۽ وڏيڪ تحقيقات کي پاسيرو رکندي، احمد خان کي بهاولپور جي سموري جاگير پنهنجي تحويل ۾ رکڻ جي اجازت ڏني وئي، جو تنهن وقت ٽلتيءَ جي اڳوڻي ڪاردار ِنندو خدمتگار مون کي ڄاڻ ڏني، ته جنهن وصيت پٽاندر احمد خان پنهنجي دعويٰ ڪئي هئي، تنهن کي ڪنهن اڳوڻي تاريخ تي غيرڪارائتو ڪونيو ويو هو." ڏسو ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر طرفان پهرين جون 1854ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪليل خط نمبر 31052. ڪليڪٽر جي خيال موجب، ِنندو جي الزامن جي تحقيقات وقت توثيق ٿي هئي.

## حصو ٻيون

8. These Statements are reserved for the 3rd Volume.

9. Ibid.

## حصو ٽيون

10. اهو امڪان آهي، تہ هن مير جو حوالو، سر وليم. نيپيئر پنهنجي ڪتاب "سر چارلس نيپيئر طرفان سنڌ جي فتح" ۾ صفحي 318 تي "جهان محمد" جي نالي سان ڏنو آهي. "جنرل اسٽاف جي بهادر نوجوان ليفٽيننٽ مئڪمرڊو گهوڙي تي سوار هوندي سورهيائيءَ سان ڦليليءَ جي پيٽ ۾ موجود بلوچ سپاهين تي وجي ڪڙڪيو؛ هن جي گهوڙي کي ماريو ويو، تنهن هوندي بہ هڪدم اُٿي کڙو ٿيو ۽ سردارن منجهہ سڀ کان وڏيڪ جهيڙاڪ ۽ سورهيہ جهان خان آڏو ٿيو ۽ سندس قبيلي جي وچ ۾ آمهون سامهون هٿوهٿ وڙهڻ لڳا. پوءِ جڏهن اُهي پاڻ ۾ ڏويڏو پئي وڙهيا، تہ هڪڙي ڇٽي پُنيان اچي ڪيس زورائتو ڌڪ هنيو، پر پاويهين جتي جي هڪڙي سپاهيءَ ان دشمن کي هڪدم ماري وڌو، جو ان جو ڌڪ گُسي ويو. مئڪمرڊو پوئتي مُڙيو ۽ پنهنجي محافظ کي بچائڻ لاءِ، ڪيس پوئتي ڌڪ هڻڻ جو ارادي ڪندڙ هڪڙي بلوچ سپاهي تي موت ۾ ساڳيو وار ڪيائين؛ تہ هڪڙو ٻيو دشمن بہ هن جي تيز هٿيار سان وڍجي سندس اڳيان اچي ڪِريو ۽ اهڙيءَ ريت هن پنهنجي پاڻ کي خطرناڪ دٻاءَ مان ڪڍي ورتو. جهان خان جي ماڻهن سندس هڪڙو مقبرو، ڏاڍي شانائتي انداز سان، ڦليليءَ جي پيٽ ۾ سندس مرڻ واريءَ جاءِ تي نہ، پر برطانوي دستن جي صفبنديءَ واري جاءِ کان سٺ گز پري ٺاهيو آهي، جتي هو داخل ئي ٿي نہ سگهيو هو.

11. Vide Commissioner's No. 3122, dated 11th August 1877, to the Manager, Encumbered Estates, and previous correspondence.

12. This is not exactly one-third of 4,676 bigahs, but Major Goldsmid increased it by 20 in order to obtain the regrantable area 3,100 begahs, in round numbers.

## حصو چوٿون

13. The tract skirting the hills from Sehwan to the Sind Frontier.

14. All the figures marked thus indicate bigahs held in lieu of grain or pay. The bigahs are all Napierian.

15. To be printed separately.

## حصو پنجون

16. هن جي موت جي تاريخ جو اشارو 'طشت ازبام افتاد' لفظن مان ملي ٿو، جنهن مان ابجد حساب سان 1246هہ سال نڪري ٿو.

17. هڪ پائيءَ جي چوڏهين پتي.

18. Correctly half-brother (vide Major Goldsmid's report dated 6th April 1883, forwarded to the Collector of Upper Sind with his No. 22 of the same date.)

باب ٽيون

## سردارَ جاگيردارن جون يادگيريون

### حصو پهريون

1. لقمان جو پٽ، جنهن جي خيرپور جي مير سُهراب واري دؤر ۾ اهم حيثيت هئي.
2. هي 1859ع ۾ جوهي تعلقي ۾ شامل هو. پر اهو هاڻي دادو تعلقي ۾ شامل آهي.
3. 12 is the current No. and 72 is the number in the Statement prepared by Major Goldsmid for submission to Government. Nos. 72, 73 and 74, were added in a supplement to the list of Sardars in accordance with, Mr. Ellis's instructions contained in his No. 24, dated 21st September 1858.
4. According to Captain Rathborne at Dabba.
5. Sir William Napiers's 'Conquest of Sind.'
6. His case was separately dealt with by Captain Pelly.
7. Vide Roll for Taluka Naushah No. 2, para. 2, in the Commissioner's Office.
8. فارسي سَند موجب، پر انگريزي سَند ۾ "جون 1860ع" چيل آهي.
9. حڪومت ڏانهن موڪليل دستاويز ۾، سنڌ جي فتح وقت تحويل ۾ موجود ايراضي 6190 بيگهه جاڳائي وئي هئي. 1858ع ۾ ان ۾ ڪيئن 4817 بيگهن تائين گهٽتائي آئي، تنهن بابت پتو نٿو پوي. مَتن ۾ جاڳايل مُواد الله بخش ڪي آخري جاري ٿيل سَند مان ورتل آهي.
10. Major Goldsmid's Appendix N. to his report on the Sirdars.
11. Captain Stack's Memorandum No. 142, dated 9th September 1853.
12. Ibid.
13. Lieutenant Postans to Major Outram, No. 121, dated 23rd January 1842.

باب چوٿون

## فرسٽ ڪلاس خيراتدارَ

1. "سنڌ ۾ جاگيرن جي ورج" جي پهرين جلد ۾ خيراتن تي هڪڙو ڌار بابُ (باب ٽيون) ڏنل آهي.
2. No. 293, dated 26th August 1854, to the Commissioner.

مزار مرمت گهري ٿي- پر مُجاور اهو ڪم ڪرائڻ کان لاچار آهي. جيڪڏهن ان جي هڪدم مرمت نه ڪرائي وئي، ته ڪجهه سالن ۾ ڪري پوڻ جو امڪان آهي.

18. Major Goldsmid's report annexed to his Statement of 1858.
19. No. 354, dated 15th September 1853, to Government.
20. No. 6321, dated 28th October 1853.
21. No. 445, dated 11th November 1853.
22. No. 7072, dated 7th December 1853.
23. No. 354, dated 15th September 1853.
24. Bombay Government Resolution No. 6321, dated 28th October 1853.
25. In 1858 at Rs. 14.
26. In 1858 Rs. 59 and 39 respectively.
27. No. 354, dated 15th September 1853, to Government.
28. Mr. Frere's No. 176, dated lst July 1857.
29. Report appended to his statement of Khairatdars.
30. Vide Mr. Frere's No. 1537, dated 8th July 1859, to the Collector of Shikarpur, the Collector's reply No. 313, dated 27th August 1859, and the Commissioner's decision No. 2376, dated 16th September 1859.
31. Mr. Frere's No. 384, dated 21st October 1858, to Government. (Major Goldsmid's draft.)
32. No. 384, dated 21st October 1858, from Mr. Frere to Government.
33. No. 99, dated 12th March 1855, to Government.

34. هُن جي ڪِرت "شهري رهواسين جي شادين کي درج ڪرڻ ۾ قانوني حيثيت ڏيڻ ۾ سَندن ۽ مختلف مامرن بابت معاهدن تي پنهنجي مُهر هڻڻ" هو. تنهنڪري، ڪئپٽن گولڊسمڊ جو رايو هو ته لاڳاپيل عهدو "رياست ڏانهن خدمت" لاءِ مثبت نه هو، ۽ ضابطي جي شق ائين جي معنيٰ موجب "مقامي رسم پٽاندر ان عهدي جو مطلب موروثي" هو. (ڏسو هُن جو تاريخ ۽ نمبر بنا، ڪمشنر جي 1854ع جي نمبر 368 سان گڏ حڪومت ڏانهن موڪليل دستاويز.)

35. Captain Pelly's No. 117, dated 28th March 1855.

باب پنجون

## پٽيدارن جون يادگيريون

1. No. 740, dated 22nd April 1850.
2. No. 3392, dated 17th November 1853.
3. So called by Captain Pelly. Major Goldsmid called it Keneri.

4. No. 80, dated 18th April 1853, from Lieutenant Webster, Deputy Collector, Sukkur and Shikarpur, to the Collector of Shikarpur.
5. No. 495, dated 30th November 1854, from Mr. Frere to the Bombay Government.
6. No. 550, dated 7th August 1851, from the Collector of Shikarpur to the Commissioner.
7. No. 450, dated 7th August 1851, to the Commissioner.
8. Vide page 393 of "Allinations in Sindh."
9. No. 1616, dated 18th August 1851.

10. فتح الله خان، موسيٰ خان، رحمت الله خان ۽ خيرالله خان جي ٻين پُٽن جي تحويل ۾ رڳو ديهه چوڏيو جي پَتيداري گڏيل طور هئي. فتح الله اڪيلي جي تحويل ۾ مڪانگ هزارو، جمال پُور ۽ ديهه آدمجيءَ ۾ منام آباد جي پَتيداري هئي. (ڏسو اسسٽنٽ ڪمشنر جو 12 جنوري 1863ع تي ڪليڪٽر شڪارپور ڏانهن موڪليل فارسي خط نمبر 55.)

11. Vide Appendix B. to Major Goldsmid's printed Memoir on Shikarpur.
12. No. 398, dated 23rd December 1854.
13. No. 290, dated 27th January 1856.
14. Vide Major Goldney's list of men of rank sent in 1847.

## بابُ ڇهون

## حصيدار

1. The facts and quotations in this Chapter are from Mr. Frere's Memorandum attached to his No. 405 of 1854 to Government, when not stated otherwise.

2. هو هيٺ ڄاڻايل ڇئن ڳوٺن ڪانسواءِ سڄي اوٻاوڙي تعلقي جو زميندار هو: ٻهرڪي، بستي جيوڻ شاهه، شاهه ولي، ۽ ٽنڊو لوهر (ڏسو شڪارپور جي ڪليڪٽر جو 20 جولاءِ 1855ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪليل نمبر 333.)

3. No. 3212, dated 10th October 1855, to the Collector.
4. No. 575, dated 9th February 1850.